Faizan-e-Ramazan



# فیضانِ رمضان


شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنّت، بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابوبلال

**محمد الیاس عطّار قادری رضوی** دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

# فضائل رمضان شريف

**شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏياري پر توهان همٿ ڪري هي باب (هر سال) مڪمل پڙهي وٺو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ.**

## دُرود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہُ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تَقَرُّب نِشان آهي، "بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اُهو هوندو جيڪو مون تي سڀني کان وڌيڪ دُرود موڪلي." (ترمذي ج 2 ص 27 حديث 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو ان اسان کي **ماهِ رمضان** جهڙي عظيم الشّان نعمت سان سرفراز فرمايو. رمضان جي مهيني جي فضيلتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! هن جي تہ هر گهڙي رحمت ڀري آهي. هن مهيني ۾ اجر ۽ ثواب تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر ڀيرا (وڌيڪ) ڪيو ويندو آهي. بلڪ هن مهيني ۾ تہ روزيدارن جو سمهڻ بہ عبادت ۾ ڳڻيو ويندو آهي. عرش کڻڻ وارا فرشتا روزيدارن جي دعا تي

آمين چوندا آهن ۽ هڪ حديثِ پاڪ موجب ”رمضان جي روزيدار جي لاءِ درياءَ جون مڇيون افطار تائين مغفرت جي دعا ڪنديون رهنديون آهن“.
(الترغيب والترهيب ج2 ص 55 حديث 6)

## عبادت جو دروازو

روزو باطني (يعني لڪيل) عبادت آهي، ڇو ته اسان جي ٻُڌائڻ کان سواءِ ڪنهن کي ھيءَ خبر نه ٿي پئجي سگهي ته اسان کي روزو آهي ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ باطني عبادت کي وڌيڪ پسند فرمائي ٿو. هڪ حديثِ پاڪ جي مطابق”روزو عبادت جو دروازو آهي “. (الجامع الصغير ص 146 حديث 2415)

## قرآن جو نُزول

هن مبارڪ مهيني جي هڪ خصوصيّت هي به آهي، جو الله عَزَّوَجَلَّ هن ۾قرآن پاڪ نازل فرمايو آهي. جيئن ته مقدس قرآن ۾خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو نُزولِ قرآن ۽ ماهِ رمضان جي باري ۾ فرمانِ عاليشان آهي:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْیَصُمْهُؕ وَ مَنْ كَانَ مَرِیْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَیَّامٍ اُخَرَؕ یُرِیْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْیُسْرَ وَ لَا یُرِیْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ﴿۱۸۵﴾ (پ2 البقره 185)

**ترجمو ڪنزالايمان** : رمضان جو مهينو جنهن ۾ قرآن لٿو، ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي رهنمائي ۽ فيصلي جون چٽيون ڳالهيون آهن سو توهان مان جيڪو هي مهينو لهي، اهو ضرور ان جا روزا رکي ۽ جيڪو بيمار يا سفر ۾ هجي ته اوترا روزا پين ڏينهن ۾ رکي. **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي آساني ڪرڻ گهري ٿو ۽ توهان تي اوکائي ڪرڻ نه ٿو گهري ۽ ان لاءِ ته جيئن توهان ڳڻپ پوري ڪريو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي وڏائي بيان ڪريو. انهيءَ تي ته ان اوهان کي هدايت ڪئي ۽ توهان حق گذار ٿيو.

# رمضان جي تعريف

هنن مقدس آيتن جي ابتدائي حصي شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْٓ جي تحت مفسرِ شهير حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا:” رمضان “ يا تہ ”رحمٰن عَزَّوَجَلَّ“وانگر الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو آهي ڇو تہ هن مهيني ۾ ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري هن کي ”شهرِ رمضان“ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو چيو وڃي ٿو. جيئن مسجد ۽ ڪعبي کي الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر چوندا آهن، جو اتي الله عَزَّوَجَلَّ جا ئي ڪم ٿيندا آهن. تيئن ئي رمضان الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي جو هن مهيني ۾ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جا ئي ڪم ٿين ٿا. روزا تراويح وغيره تہ آهن ئي الله عَزَّوَجَلَّ جا، پر روزي جي حالت ۾ جيڪا جائز نوڪري ۽ جائز واپار وغيره ڪيو وڃي ٿو اهي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪمن ۾ ڳڻجن ٿا. ان لاءِ هن مهيني جو نالو رمضان يعني الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. يا هي ”رمضاءُ “ مان نڪتل آهي. رمضاءُ خريف جي موسم واري برسات کي چوندا آهن. جنهن سان زمين ڌوپجي وڃي ٿي ۽ ”ربيع“ جو فصل سٺو ٿيندو آهي. جيئن تہ هي مهينو بہ دل جي دز ۽ ڏُنڊ کي ڌوئي ڇڏي ٿو ۽ ان سان عملن جي پوک بہ سرسبز رهي ٿي انهيءَ لاءِ هن کي رمضان چوندا آهن. ”ساونڻ ۾ روزانو برساتون گهرجن ۽ ”بَدَو “ ۾ چار وري ”آڪاڙ“ ۾ هڪ. انهيءَ هڪ سان فصل پچي ويندا آهن، تہ اهڙيءَ طرح يارهن مهينا لڳاتار نيڪيون ڪيون پئي ويون، پوءِ رمضان جي روزن انهن نيڪين جي پوک کي پچائي ڇڏيو. يا هي”رمض“ مان نهيو

جنهن جي معنيٰ آهي” گرمي يا سڙڻ“ چو تہ هن ۾ مسلمان بُک ۽ اج جي تپش برداشت ڪندا آهن يا هي گناهن ڪي ساڙي ڇڏي ٿو. ان لاءِ هن کي **رمضان** چيو وڃي ٿو. (ڪنزالعمال جي اٺين جلد جي صفحي ٻہ سؤ سترهن تي حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ نبي ڪريم، رؤفُ رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هن مهيني جو نالو **رمضان** رکيو ويو آهي چو تہ هي گناهن کي ساڙي ڇڏي ٿو.“)

## مهينن جي نالي جو سبب

**حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ڪجھ مفسرين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی فرمايو تہ جڏهن مهينن جا نالا رکيا ويا تہ جنهن موسم ۾ جيڪو مهينو هيو انهيءَ سان ان جو نالو پيو. جيڪو مهينو گرمي ۾ هيو. ان کي **رمضان** چيو ويو ۽ جيڪو بهار جي موسم ۾ هيو ان کي **ربيع الاول** ۽ جيڪو سردي ۾ هيو، جڏهن پاڻي جمي رهيو هيو ان کي **جمادي الاوليٰ** چيو ويو. اسلام ۾ هر نالي جو ڪو نہ ڪو سبب هوندو آهي ۽ نالو ڪم موجب رکيو ويندو آهي. ٻين اصطلاحن ۾ اها ڳالھ ناهي. اسان وٽ وڏي جاهل جو نالو ”محمد فاضل“ ۽ بزدل جو نالو ”شير بهادر“ هوندو آهي. ۽ بدصورت کي ”يوسف خان“ چوندا آهن اسلام ۾ اهو عيب ناهي. رمضان گهڻين خوبين جو جامع هيو انهيءَ لاءِ ان جو نالو **رمضان** ٿيو.

**(تفسير نعيمي ج 2 ص 205)**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# سون جي دروازي وارو محل

**سيّدُنا** ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جڏهن رمضان جي مهيني جي پهرين رات ايندي آهي تہ آسمانن ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا. جيڪو بہ ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن بہ رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) ان جي لاءِ **پندرهن سؤ نيڪيون** لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ **ڳاڙهي ياقوت** جو گهر ٺاهيندو آهي. جنهن ۾ سٺ هزار دروازا هوندا، ۽ هر دروازي جا تاڪ سون جا ٺهيل هوندا جن ۾ ڳاڙها ياقوت جڙيل هوندا. پوءِ جيڪو رمضان جي مهيني جو پهريون روزو رکي ٿو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ مهيني جي آخري ڏينهن تائين ان جا گناه مُعاف فرمائي ڇڏي ٿو، ۽ ان جي لاءِ صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** مغفرت جي دعا ڪندا رهن ٿا. رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن بہ هُو سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (يعني بدلي ۾) کيس (جنّت ۾) هڪ هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو وڃي ٿو جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار **پنج سؤ سالن** تائين هلندو رهي.“

**(شعب الايمان ج 3 ص 314 حديث 3635)**

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ **منا منا اسلامي ڀائرو! خداءِ حنان و منان** عَزَّوَجَلَّ جو ڪيتريقدر عظيم احسان آهي جو ان اسان کي پنهنجي حبيبِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي اهڙو رمضان جو مهينو عطا فرمايو جو انهيءَ مکرم مهيني ۾ جنّت جا تمام دروازا کلي

ويندا آهن ۽ نيڪين جو اجر تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. بيان ڪيل حديث جي مطابق رمضان المبارڪ جي راتين ۾ نماز ادا ڪرڻ واري کي هر هڪ سجدي جي بدلي ۾ **پندرهن سؤ نيڪيون** عطا ڪيون وينديون آهن ۽ جنّت جو **عظيم الشّان محل** ان کان علاوه. هن حديثِ مبارڪ ۾ روزيدارن جي لاءِ هي بشارتِ عُظميٰ (يعني تمام وڏي خوشخبري) بہ موجود آهي تہ صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** سان وابستہ عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ ماهِ رمضان المبارڪ جون برڪتون لٽڻ جو تمام گهڻو ذهن ٺهندو آهي، نہ تہ بُري صحبتن ۾ رهي ڪري هن مبارڪ مهيني ۾ بہ اڪثر ماڻهو گناهن ۾ مشغول رهندا آهن. اچو! گناهن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هڪ **فنڪار** جو واقعو پڙهو جنهن کي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو. جيئن تہ

## مان فنڪار هيس

**اورنگي** ٽاؤن (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: افسوس صد ڪروڙ افسوس! مان هڪ **فنڪار** هُيس، ميوزيڪل پروگرامز ۽ فنڪشنز ڪندي زندگيءَ جون انمول

گھڙيون برباد ٿي رهيون هيون، دل ۾ دماغ تي غفلت جا ڪجھ اهڙا پردا پيل هئا جو نہ نماز جي توفيق هئي نہ ئي گناهن جو احساس. صحراءِ مدينہ ٽول پلازه سپر هاءِ وي باب المدينہ ڪراچي ۾ بابُ الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري **ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀرئي اجتماع** (سن1424ھ، 2003ء) ۾ حاضريءَ جي لاءِ هڪ ذميدار اسلامي ڀاءَ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ترغيب ڏياري. زهي نصيب! ان ۾ شرڪت جي سعادت ملي ويئي. ٽن ڏينهن واري اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي **رقت انگيز دعا** ۾ مون کي پنهنجي گناهن تي تمام گھڻي شرمساري ٿي، مان پنهنجي جذبات کي قابو ۾ نہ آڻي سگھيس ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳس، بس روئڻ ڪم ڏيکاريو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ماحول ملي ويو ۽ مان ناچ گانن جي محفلن کان **توبھ** ڪئي ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ورتو. 25 ڊسمبر 2004ء جو مان جڏهن **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي رهيو هُيس تہ نندي ڀيڻ جي فون آئي، روئڻھارڪي آواز ۾ ان پاڻ وٽ ٿيڻ واري **نابينا ڌيءُ** جي ولادت جي خبر ٻُڌائي ۽ گڏوگڏ چيائين، ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو آهي تہ هن جون اکيون روشن نہ ٿيون ٿي سگھن. ايترو چوڻ کان پوءِ سندس سيني ۾ غم جو دٻيل طوفان اکين منجهان ڳوڙهن ذريعي وهي هليو ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. مون هي چئي ڪري ڪيس دلجاءِ ڏني تہ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ دعا ڪندس. مان **مدني قافلي** ۾ پاڻ بہ گھڻيون دعائون ڪيون ۽ مدني قافلي وارن **عاشقانِ** رسول کان بہ دعائون ڪرايون. جڏهن مدني قافلي مان موٽيس تہ ٻئي ڏينهن ئي نندي

پيٽ جي مُرڪندي فون آئي ۽ ان خوشيءَ مان هي فرحت اثر خبر ٻُڌائي ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي نابينا ڌيءَ مهڪ جون اکيون روشن ٿي ويون آهن ۽ ڊاڪٽر تعجب ڪري رهيا آهن ته اهو ڪيئن ٿي ويو! ڇو ته اسان جي ڊاڪٽريءَ ۾ انهيءَ جو ڪو علاج ئي ڪونه هو. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي بابُ المدينه ڪراچي ۾ علائقائي مُشاورت جي هڪ رڪن جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جون سعادتون حاصل آهن.

آفتوں سے نہ ڈر، رکھ کرم پر نظر  روشن آنکھیں ملیں، قافِلے میں چلو
آپ کو ڈاکٹر، نے گو مایوس کر  بھی دیا مت ڈریں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪيڏو نه پيارو آهي جو هن جي دامن ۾ اچي ڪري مُعاشري جا نه ڄاڻ ڪيترائي بگڙيل ماڻهو باڪردار بڻجي سنّتن ڀري باعزت زندگي گذارڻ لڳا گڏوگڏ مدني قافلن جون بهارون به توهان جي آڏو آهن. جهڙيءَ طرح مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترن جي ئي دنياوي مصيبت ٽري ويندي آهي. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ تهڙيءَ طرح تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، سراپا رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان آخرت جي آفت به راحت ۾ تبديل ٿي ويندي.

ٹوٹ جائیں گے گنہگاروں کے فوراً قید وبند
حشر کو کھل جائے گی طاقت رسول اللہ کی

# پنج خصوصي ڪرم

**حضرتِ سيِّدُنا جابر بن عبدالله** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالميان، سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، حبيبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي:” منهنجي امت کي رمضان جي مهيني ۾ **پنج شيون** اهڙيون عطا ڪيون ويون جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي عَلَیْہِ السَّلَام کي نہ مليون.

﴿1﴾ جڏهن رمضان المبارڪ جي پهرين رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن جي طرف الله عَزَّوَجَلَّ رحمت جي نظر فرمائي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ﴿2﴾ شام جي وقت ان جي وات جي بوءِ (جيڪا بُک جي ڪري ٿيندي هي) **الله تعاليٰ** جي ويجهو مُشڪ جي خوشبوءِ کان بہ بهتر آهي. ﴿3﴾ فرشتا هر رات ۽ ڏينهن ان جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا رهندا آهن. ﴿4﴾ **الله تعالى** جنّت کي حڪم ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو. ”منهنجي (نيڪ) ٻانهن جي لاءِ مُزَيَّن (يعني سينگارجي) وڃ عنقريب اهي دنيا جي مشقت کان منهنجي گهر ۽ ڪرم ۾ راحت ماڻيندا. ﴿5﴾ جڏهن ماهِ رمضان جي آخري رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. قوم مان هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا هي **ليلة القدر** آهي؟ ارشاد فرمايائون نہ، ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ مزدور جڏهن پنهنجي ڪمن مان فارغ ٿيندا آهن تہ انهن کي مزدوري ڏني ويندي آهي“.

**(الترغيب والترهيب ج 2 ص 56 حديث 7)**

## صغيره گناهن جو ڪفارو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، حضورِ پُرنُور، شافع يوم النُّشُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي، ”پنج نمازون، ۽ جمعو ايندڙ جمعي تائين ۽ رمضان جو مهينو ايندڙ ماهِ رمضان تائين گناهن جو ڪفارو آهن جڏهن ته ڪبيره گناهن کان بچيو وڃي.“

(صحيح مسلم ج 1 ص 144حديث 233)

## توبه جو طريقو

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ ۾ رحمتن جون ڇماڇم برساتون ۽ صغيره گناهن جي ڪفاري جو سامان ٿي ويندو آهي، **گناهِ ڪبيره** توبه سان مُعاف ٿيندا آهن. **توبه ڪرڻ جو طريقو** هي آهي ته جيڪو گناهه ٿيو خاص ان گناهه جو نالو وٺي دل ۾ بيزاري ۽ بيهر ان کان بچڻ جو پڪوپهه ڪري توبه ڪرڻي پوندي. مثال طور: ڪوڙ ڳالهايو ته بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪري يا الله عَزَّوَجَلَّ مون جيڪو هي ڪوڙ ڳالهايو، ان کان توبه ڪريان ٿو ۽ بيهر نه ڳالهائيندس. توبه جي دؤران دل ۾ ڪوڙ کان نفرت هجي ۽ ”بيهر نه ڳالهائيندس“ چوڻ وقت دل ۾ هي ارادو به هجي ته جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهيان ائين ئي ڪندس تڏهن اها توبه آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي آهي ته توبه سان گڏوگڏ ان ماڻهوءَ کان مُعاف ڪرائڻ به ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان جي فضيلتن سان حديثن جا ڪتاب مالامال آهن. رمضان المبارڪ ۾ ايتريقدر برڪتون ۽ رحمتون آهن جو اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري تائين ارشاد فرمايو، ”جيڪڏهن ماڻهن کي معلوم هجي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! پورو سال رمضان ئي هجي. (صحيح ابنِ خُزيمه ج 3 ص 190 حديث 1886)

## آقا ﷺ جو بيانِ جنّت نِشان

حضرتِ سيّدُنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ”محبوبِ رحمٰن، رحمتِ عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شعبان مهيني جي آخري ڏينهن بيان فرمايو، ”اي انسانو! توهان وٽ عظمت وارو برڪت وارو مهينو آيو. اهو مهينو جنهن ۾ هڪ رات (اهڙي بہ آهي جيڪا) هزار مهينن کان بهتر آهي. هن (مبارڪ مهيني) جا روزا الله عَزَّوَجَلَّ فرض ڪيا ۽ ان جي رات ۾ قيام (يعني تراويح) تَطَوُّع (يعني سنّت) آهي. جيڪو هن ۾ نيڪيءَ جو ڪم ڪري تہ اهو ائين آهي جيئن ٻئي ڪنهن مهيني ۾ **فرض** ادا ڪيائين ۽ هن ۾ جنهن فرض ادا ڪيو تہ اهو ائين آهي جيئن ٻين ڏينهن ۾ **ستر فرض** ادا ڪيائين. هي مهينو صبر جو آهي ۽ صبر جو ثواب جنّت آهي ۽ هي مهينو مُؤَاسات (يعني غمخواري ۽ ڀلائيءَ) جو آهي ۽ هن مهيني ۾ مومن جو **رزق** وڌايو ويندو آهي. جيڪو هن ۾ روزيدار کي **افطار** ڪرائي ان جي گناهن جي لاءِ **مغفرت** آهي ۽ ان جو ڪنڌ باهہ کان آزاد ڪيو ويندو ۽ هن افطار ڪرائڻ واري کي اهڙو ئي ثواب ملندو جهڙو روزي رکڻ واري کي ملندو، بغير ان

جي، جو اُن جي اجر ۾ ڪجھ گھٽتائي ٿئي.“ اسان عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان مان هر شخص وٽ اها شيءِ ناهي جنهن سان روزو افطار ڪرائي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: **الله تعالى** هي ثواب (تہ) ان (شخص) کي ڏيندو، جيڪو هڪ ڏُڪ کير يا هڪ کارڪ يا هڪ ڏُڪ پاڻيءَ سان روزو **افطار** ڪرائي ۽ جنهن روزيدار کي پيٽ ڀري کارايو، ان کي **الله تعالى** منهنجي حوض مان پيئاريندو جو ڪڏهن اڃارو نہ ٿيندو. ايتري تائين جو جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. هي اهو مهينو آهي جو ان جو **اوّل** (يعني شروعاتي ڏھ ڏينهن) **رحمت** آهي ۽ ان جو وچ (يعني وچيان ڏھ ڏينهن) **مغفرت** آهي ۽ **آخر** (يعني آخري ڏھ ڏينهن) **جهنّم کان آزادي** آهي. جيڪو پنهنجي غلام تي هن مهيني ۾ تخفيف ڪري (يعني ڪم گھٽ وٺي) **الله تعالى** ان کي بخشي ڇڏيندو ۽ جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو. هن مهيني ۾ **چار ڳالهين** جي ڪثرت ڪريو. انهن مان ٻہ اهڙيون آهن جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ ۽ بقايا ٻن کان توهان کي بي نيازي ناهي. پوءِ اهي ٻہ ڳالهيون جن جي ذريعي توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪندؤ اهي هي آهن. ﴿1﴾ لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ جي گواهي ڏيڻ. ﴿2﴾ استغفار ڪرڻ. جڏهن تہ اهي ٻہ ڳالهيون جن کان توهان کي غنا (بي نيازي) ناهي اهي هي آهن. (1) الله تعالى کان جنّت طلب ڪرڻ. (2) جهنم کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناه طلب ڪرڻ.“ (صحيح ابن خُزيمه ج 3 ص 191حديث 1887)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي جيڪا حديث شريف بيان ڪئي وئي ان ۾ ماهِ رمضان المبارڪ جي رحمتن، برڪتن ۽ عظمتن جو گھڻو

ذڪر آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ ڪلمو شريف گهڻي تعداد ۾ پڙهي ڪري ۽ بار بار استغفار يعني خوب توبهه جي ذريعي **الله تعالىٰ** کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي، ۽ انهن ٻنهي ڳالهين کان ته ڪنهن به صورت ۾ لاپرواهي ناهي ڪرڻي. يعني **الله تعالىٰ** کان جنّت ۾ داخلا ۽ جهنّم کان پناهه جون تمام گهڻيون التجائون ڪرڻيون آهن.

## رمضان المبارڪ جا چار نالا

**الله اڪبر** عَزَّوَجَلَّ! رمضان جي مهيني جو به ڪيڏو فيضان آهي. مفسرِ شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن تفسير نعيمي ۾ فرمائن ٿا. ” هن مبارڪ مهيني جا ڪل چار نالا آهن ﴿1﴾ **ماهِ رمضان** ﴿2﴾ **ماهِ صبر** ﴿3﴾ **ماهِ مؤاساتِ** ۽ ﴿4﴾ **ماهِ وسعتِ رزق**.
**وڌيڪ** فرمائن ٿا روزو صبر آهي جنهن جي جَزا رب عَزَّوَجَلَّ آهي ۽ اهو انهيءَ مهيني ۾ رکيو ويندو آهي ان لاءِ هن کي **ماهِ صبر** چوندا آهن مؤاسات جي معنىٰ آهي ڀلائي ڪرڻ جيئن ته هن مهيني ۾ سڀني مسلمانن سان خاص ڪري قريبي رشتيدارن سان ڀلائي ڪرڻ وڌيڪ ثواب آهي. ان لاءِ هن کي **ماهِ مؤاسات** چوندا آهن. هن ۾ رزق جي ڪشادگيءَ به ٿيندي آهي جو غريب به نعمتون کائي وٺندا آهن انهيءَ لاءِ هن جو نالو **ماهِ وسعتِ رزق** به آهي. “ (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 208)

## ”ماهِ رمضان مبارڪ“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان 13 مدني گل

(هي سڀئي مدني گل تفسير نعيمي جلد 2 مان ورتا ويا آهن)

**مدينه 1** : ڪعبهءِ معظمه مسلمانن کي گُهرائي ڪري ڏيندو آهي ۽ هي پاڻ اچي رحمتون ورهائيندو آهي. جڻ اهو (يعني ڪعبو) کوهه آهي ۽ هي (يعني رمضان شريف) درياءُ، يا اهو (يعني ڪعبو) درياءُ آهي ۽ هي (يعني رمضان) برسات.

**مدينه 2** : هر مهيني ۾ خاص تاريخون ۽ تاريخن ۾ به خاص وقت ۾ عبادت ٿيندي آهي. مثال طور قرباني واري عيد جي ڪجهه (مخصوص) تاريخن ۾ **حج**، مُحرَّم جي ڏهين تاريخ افضل، پر **رمضان جي مهيني** ۾ هر ڏينهن ۽ هر وقت عبادت ٿيندي آهي. روزو عبادت، افطار عبادت، افطار کان پوءِ تراويح جو انتظار عبادت، تراويح پڙهي سَحَري جي انتظار ۾ سُمهڻ عبادت، پوءِ سَحَري کائڻ به عبادت مطلب ته هر گهڙي ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو شان نظر ايندو آهي.

**مدينه 3** : **رمضان** هڪ ڀٽي آهي جيئن ته ڀٽي خراب لوهه کي صاف ۽ صاف لوهه کي مشين جو پُرزو بڻائي قيمتي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سون کي زيور بڻائي استعمال جي لائق ڪري ڇڏيندي آهي. ائين ئي **رمضان جو مهينو** گناهگارن کي پاڪ ڪندو ۽ نيڪ ماڻهن جا درجا وڌائيندو آهي.

**مدينه 4** : **رمضان** ۾ نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي.

**مدينه 5** : **ڪجهه** علماء فرمائن ٿا ته جيڪو رمضان ۾ مري وڃي ان کان قبر جا سوال به ناهن ٿيندا.

**مدينه 6** : هن مهيني ۾ شبِ قدر آهي. گذريل آيت مان معلوم ٿيو تہ قرآن رمضان ۾ آيو ۽ ٻي جاءِ تي فرمايو:

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِیۡ لَیۡلَةِ الۡقَدۡرِ ۚ﴿۱﴾

**ترجمو كنزالايمان:** بيشڪ اسان ان کي (يعني قرآن کي) شبِ قدر ۾ لاٿو.

**ٻنهي** آيتن جي ملائڻ سان معلوم ٿيو تہ شبِ قدر رمضان ۾ ئي آهي ۽ اها گهڻو ڪري ستاويهين رات آهي. ڇو تہ لَيۡلَةُ الۡقَدۡر ۾ نَوَ اکر آهن ۽ هي لفظ سورهءِ قدر ۾ ٽي ڀيرا آيو. جنهن سان ستاويهہ حاصل ٿيا، معلوم ٿيو تہ اها ستاويهين رات آهي.

**مدينه 7** : **رمضان** ۾ ابليس کي قيد ڪيو ويندو آهي ۽ دوزخ جا دروازا بند ٿي ويندا آهن، جنّت کي سينگاريو ويندو آهي، ان جا دروازا کوليا ويندا آهن. انهيءَ لاءِ انهن ڏينهن ۾ نيڪين جي گهڻائي ۽ گناهن جي گهٽتائي ٿئي ٿي. جيڪي ماڻهو گناهہ ڪندا بہ آهن اهي نفسِ اماره يا پنهنجي ساٿي شيطان (قرين) جي ورغلائڻ سان ڪندا آهن.

**مدينه 8** : **رمضان** جي کائڻ پيئڻ جو حساب ناهي.

**مدينه 9** : **قيامت** ۾ رمضان ۽ قرآن روزيدار جي شفاعت ڪندا جو رمضان تہ چوندو موليٰ عَزَّوَجَلَّ مون هن کي ڏينهن ۾ کائڻ کان روڪيو هيو ۽ قرآن عرض ڪندو تہ يا رب عَزَّوَجَلَّ مون هن کي رات ۾ تلاوت ۽ تراويح جي ذريعي سمهڻ کان روڪيو.

**مدينه 10** : **حضورِ** پُرنُور، شافع يوم النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ ۾ هر قيديءَ کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ هر سائل (يعني سوالي)

ڪي عطا فرمائيندا هئا. رب عَزَّوَجَلَّ بہ رمضان ۾ جهنمين کي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري گهرجي تہ رمضان ۾ نيڪ ڪم ڪيا وڃن ۽ گناهن کان بچيو وڃي.

**مدينه 11**: **قرآن ڪريم** ۾ رُڳو رمضان شريف جو ئي نالو ورتو ويو ۽ ان جا ئي فضائل بيان ٿيا. ڪنهن ٻئي مهيني جو نہ ايڏي وضاحت سان نالو آهي نہ اهڙا فضائل. مهينن ۾ صرف **ماهِ رمضان** جو نالو قرآن شريف ۾ ورتو ويو. عورتن ۾ صرف **بي بي مريم** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو نالو قرآن ۾ آيو. صحابه ۾ صرف حضرتِ سيّدُنا **زيد ابنِ حارثه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نالو قرآن ۾ ورتو ويو جنهن سان انهن ٽنهي جي عظمت معلوم ٿي.

**مدينه 12**: **رمضان** شريف ۾ افطار ۽ سَحَريءَ جي وقت دعا قبول ٿيندي آهي. يعني افطار ڪرڻ وقت ۽ سَحَري کائي ڪري. هيءَ فضيلت ڪنهن ٻئي مهيني کي حاصل ناهي.

**مدينه 13**: **رمضان** ۾ پنج حرف آهن ر ، م ، ض ، ا ، ن . ر مان مراد رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ **ميم** مان مراد محبتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **ض** مان مراد ضمانِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **الف** مان مراد امانِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، **ن** مان مراد نورِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۽ **رمضان** ۾ پنج عبادتون خاص طور تي ٿينديون آهن. روزو، تراويح ، قرآن جي تلاوت اعتڪاف، شبِ قدر ۾ عبادتون. تہ جيڪو دل جي سچائيءَ سان هي **پنج عبادتون** ڪري اهو انهن **پنجن انعامن** جو حقدار آهي. (تفسيرِ نعيمي ج 2 ص 208)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# جنت سجائي ويندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي استقبال لاءِ سڄو سال جنّت کي سينگاريو ويندو آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، ”بيشڪ جنّت ابتدائي سال کان ايندڙ سال تائين رمضان المبارڪ جي لاءِ سجائي ويندي آهي ۽ فرمايائون، رمضان شريف جي پهرين ڏينهن جنّت جي وڻن جي هينان وڏين وڏين اکين وارين حورن تي هوا هلندي آهي ۽ اهي عرض ڪنديون آهن، ”اي پروردگار! عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن مان اهڙن ٻانهن کي اسان جو مڙس بڻاءِ جن کي ڏسي اسان جون اکيون ٺڌيون ٿين ۽ جڏهن اهي اسان کي ڏسن تہ انهن جون بہ اکيون ٺڌيون ٿين.“ (شعب الايمان ج 3 ص 312 حديث 3633)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ جنّت جي عظمت جي ڇا تہ ڳالھ آهي! ڪاش! اسان کي بي حساب بخشيو وڃي ۽ جنّت الفردوس ۾ مديني واري آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي مدني تحريڪ آهي، دعوتِ اسلامي وارن تي ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ٿينديون آهن ان جي هڪ مدني جهلڪ ملاحظ فرمايو:

## جنت ۾ آقا ﷺ جي پاڙي جي بشارت

**اسلامي** ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مفت درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ڪرائڻ جي لاءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي زيرِ اهتمام ڪيترائي جامعات،”جامعة المدينه“ جي نالي سان قائم آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 1427ھ ۾ دعوتِ اسلامي جي انهن جامعات المدينه (بابُ المدينه ڪراچي) جي تقريبًا 160 شاگردن هتوهت 12 مهينن جي لاءِ **راهِ خدا** عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر اختيار ڪيو. منڊ ۾ **مدني قافله ڪورس** ڪرائڻ جي ترڪيب بڻي، انهيءَ وچ ۾ شاگردن ۾ اسلام جي خدمت واري جذبي کي وڌيڪ **مديني جا** 12 **چنڊ** لڳي ويا ۽ انهن مان تقريبًا 77 شاگردن سڄي عمر جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مدني قافلن جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو! هن عظيم قرباني تي حوصلہ افزائي جي وڏي زبردست صورت بڻي ۽ اها هي تہ خواب ۾ **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار سان هڪ **عاشقِ رسول** جون اکيون ٺڏيون ٿيون، چَپ مبارڪ چُرڻ لڳا ۽ رحمت جا گل ڇنڇڻ لڳا ۽ مبارڪ لفظن ڪجهه هيئن ترتيب ماڻي: **جنهن جنهن پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو آهي مان ان کي جنّت ۾ پاڻ سان گڏ رکندس.** خواب ڏسڻ واري عاشقِ رسول جي دل ۾ حسرت تي تہ ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! مون کي بہ خوش نصيبن ۾ شامل ڪيو وڃي ها. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہُ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي ۽ فرمايائون،”جيڪڏهن توهان بہ

انهن ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿا ته پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو.“

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و مُلک میں کوئی شے، نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**خوش نصيب** عاشقانِ رسول کي تمام وڏي خوشخبري هجي! **الله ربُّ العِزَّت** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظر رکندي پُختي اميد آهي ته جن خوش نصيبن جي لاءِ هي **مدني خواب** ڏنو ويو آهي اِنْشَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ انهن جو خاتمو ايمان تي ٿيندو ۽ اهي مدني آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طُفيل، جنّت الفردوس ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ماڻيندا. بهرحال هي ياد رهي! ته امتي جيڪو خواب ڏسي اهو شرعي طور تي حُجت ناهي هوندو، خواب جي بشارت (خوشخبري) جي بنياد تي ڪنهن کي قطعي جنّتي نه تو چئي سگهجي.

اِذن سے تیرے سرِ حَشر کہیں کاش! حُضُور
ساتھ عطّار کو جنّت میں رکھوں گا یا ربّ

## هر رات سٺ هزار جي بخشش

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ مسعود** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ ذيشان، مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمتِ نشان آهي،”**رمضان شريف** جي هر رات آسمانن ۾ صبح صادق (پرهه ڦٽيءَ) تائين هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هي نِدا ڪندو آهي،“ اي سُنائي گهرڻ وارا! مڪمل ڪر (يعني الله تعاليٰ

جي فرمانبرداري جي طرف اڳتي وڌ) ۽ خوش ٿي وڃ ۽ اي شرير! شر کان رڪجي وڃ ۽ عبرت حاصل ڪر. **آهي ڪو مغفرت جو طالب!** جو ان جي طلب پوري ڪئي وڃي. **آهي ڪو توبهه ڪرڻ وارو!** جو ان جي توبهه قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو دعا گهرڻ وارو!** جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو سائل** جو ان جو سوال پورو ڪيو وڃي. **الله تعالیٰ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ افطار جي وقت سٺ هزار گناهگارن کي دوزخ مان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي، ۽ عيد جي ڏينهن سڄي مهيني جي برابر گناهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.**" (الدرالمنثور ج 1 ص 146)

**مديني جا ديوانؤ!** رمضان المبارڪ جي جلوه گري تہ ڇا ٿيندي آهي، اسان غريبن جا ڀاڳ ڀلا ٿي ويندا آهن. الله تعالیٰ جي فضل و ڪرم سان **رحمت** جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ خوب **مغفرت** جون سَنَدُون ورهايون وينديون آهن. ڪاش! اسان گناهگارن کي **ماهِ رمضان** جي صدقي، سرورِ ڪون و مڪان، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڀري هٿن سان جهنّم کان آزاديءَ جي چِٺي ملي وڃي. امامِ اهلسنّت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪن ٿا.

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رِہائی کی چِٹّھی ملی ہے

## روزانو ڏهہ لک گناهگارن جي دوزخ کان آزادي

الله تعاليٰ جي عنايتن، رحمتن ۽ بخشش جو تذڪرو ڪندي هڪ موقعي تي تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد

فرمايو: ”جڏهن رمضان جي پهرين رات ٿيندي آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق جي طرف نظر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي جي طرف نظر فرمائيندو آهي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ۽ هر ڏينهن، ڏهہ لک (گناهگارن) کي جهنّم کان آزاد فرمائيندو آهي ۽ جڏهن اڻتيهين رات ايندي آهي تہ سڄي مهيني ۾ جيترا آزاد ڪيا انهن جي ڪل تعداد برابر انهيءَ هڪ رات ۾ آزاد فرمائيندو آهي. پوءِ جڏهن عيدالفطر جي رات ايندي آهي. ملائڪ خوشيون ملهائيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نور جي خاص تجلي فرمائيندو آهي. ۽ فرشتن کي فرمائيندو آهي، اي ملائڪو! ان مزدور جو ڇا بدلو آهي جنهن ڪم پورو ڪري ورتو؟“ فرشتا عرض ڪندا آهن، ”ان کي پورو پورو اجر (يعني بدلو) ڏنو وڃي.“ الله تعالىٰ فرمائيندو آهي، ” مان توهان کي گواهہ ٿو ڪريان تہ مان انهن سڀني کي بخشي ڇڏيو.“

(ڪنزالعمال ج 8 ص 219 حديث 23702)

## جمعي جي هر هر گهڙيءَ ۾ ڏهہ لکن جي بخشش

حضرتِ سيِّدُنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ محبوبِ ربُّ العٰلمين، سيّدُ الانبياءِ وَالمُرسَلين، شفيعُ الْمُذنِبين، جنابِ رحمةٌ لّلعٰلمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي، ” الله عَزَّوَجَلَّ رمضان جي مهيني ۾ روزانو افطار جي وقت ڏهہ لک اهڙن گناهگارن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي جن تي گناهن جي سبب کان جهنّم واجب ٿي چُڪو هيو ۽ پڻ جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) جي هر هر گهڙيءَ ۾ اهڙن ڏهہ ڏهہ لک

**گناهگارن کي جهنّم مان آزاد ڪيو ويندو آهي جيڪي عذاب جا حقدار تي چُڪا هوندا آهن.“** (ڪنزالعمال ج 8 ص 223 حديث 23716)

عِصیاں سے کبھی ہم نے کنارہ نہ کیا    پَر تُو نے دِل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بَہت کی تجویز    لیکن تِری رَحمت نے گوارا نہ کیا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڄاڻايل احاديثِ مبارڪ ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي ڪيتريقدر عظيم الشّان انعام و اڪرام جو ذڪر آهي. سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! روزانو ڏھ لک اهڙن گناهگارن جي بخشش ٿي ويندي آهي جيڪي پنهنجي گناهن جي سبب جهنّم جا حقدار ٿي چُڪا هوندا آهن ۽ پڻ جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن جي ته هر هر گهڙيءَ ۾ ڏھ ڏھ لک گناهگار جهنّم جي عذاب کان آزاد قرار ڏنا ويندا آهن، ۽ پوءِ رمضان المبارڪ جي آخري رات جي ته ڇا بهار آهي جو سڄي **رمضان المبارڪ** ۾ جيترا بخشيا ويا هئا انهن جي تعداد برابر گناهگار انهيءَ هڪ رات ۾ عذابِ نار کان نجات حاصل ڪندا آهن. اي ڪاش! الله تعالٰی اسان گناهگارن ۽ بدڪارن کي به انهن مغفرت ماڻيندڙن ۾ شامل ڪري.

اٰمين بِجاهِ النَّبيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جب کہا عِصیاں سے میں نے سخت لاچاروں میں ہوں
جن کے پلّے کچھ نہیں ہے اُن خریداروں میں ہوں
تیری رَحمت کیلئے شامل گُنہگاروں میں ہوں
بول اُٹھّی رَحمت نہ گھبرا میں مددگاروں میں ہوں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پلائي ئي پلائي

**اميرالمؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائيندا هئا، ”ان مهيني کي پليڪار آهي جيڪو اسان کي پاڪ ڪرڻ وارو آهي. پورو **رمضان** خير ئي خير آهي، ڏينهن جو روزو هجي يا رات جو قيام. هن مهيني ۾ خرچ ڪرڻ جهاد ۾ خرچ ڪرڻ جو درجو رکي ٿو. (تنبيه الغافلين ص 176)

## خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو

**حضرتِ** سيّدُنا ضَمُره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ نبي ڪريم رؤفُ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان معظم آهي: ”ماهِ رمضان ۾ گهر وارن جي خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو ڇو تہ **ماهِ رمضان** ۾ خرچ ڪرڻ **الله تعالٰی** جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جيان آهي.“ (الجامع الصغير ص 162 حديث 5716)

## وڏين وڏين اکين واريون حورون

**حضرتِ** سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان مروي آهي تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم، حبيبِ اکرم، نبي محترم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي:”جڏهن رمضان شريف جي پهرين رات ايندي آهي تہ عرشِ عظيم جي هيٺان مَثيره نالي هوا هلندي آهي جيڪا جنّت جي وڻن جي پنن کي لوڏيندي آهي. ان هوا جي هلڻ سان اهڙو دلڪش آواز بلند ٿيندو آهي جو ان کان بهتر آواز اڄ تائين ڪنهن نہ ٻُڌو. انهيءَ آواز کي ٻُڌي **وڏين وڏين اکين واريون حورون** ظاهر ٿينديون آهن ايتري تائين جو

جنّت جي بلند محلن تي بيهجي وينديون آهن ۽ چونديون آهن: ” آهي كو جيكو اسان كي الله تعالى كان گهري وٺي ته اسان جو نكاح ان سان ٿئي؟ “ پوءِ اهي حورون جنّت جي داروغي (حضرت) رضوان (عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام) كان پڇنديون آهن. ” اڄ هيءَ كهڙي رات آهي؟ (حضرت) رضوان (عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام) جواب ۾ تلبيه (يعني لبيك) چوندا آهن. ۽ چوندا آهن هي ماهِ رمضان جي پهرين رات آهي. جنّت جا دروازا **امتِ محمّديه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روزيدارن جي لاءِ كوليا ويا آهن.“

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 60 حديث 23)

## ٻه اونداهيون پري

**منقول آهي ته الله تعاليٰ** حضرتِ سيّدُنا موسىٰ كليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام كي فرمايو ته مان **امتِ محمديه** كي ٻه نور عطا كيا آهن ته جيئن اهي ٻن **اونداهين** جي نقصان كان محفوظ رهن. سيّدُنا موسىٰ كليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عرض كيو: **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اهي ٻه نور كهڙا آهن؟ ارشاد ٿيو، ”**نورِ رمضان ۽ نورِ قرآن**“. سيّدُنا موسىٰ كليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عرض كيو: ٻه **اونداهيون** كهڙيون آهن؟ ”فرمايو،”**هك قبر جي ۽ ٻيو قيامت جي.**“ درة الناصحين ص 9)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان؟ خداءِ حَنَّان و مَنَّان عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان جي قدر دان تي كيڏو مهربان آهي. پيش كيل ٻنهي روايتن ۾ **ماهِ رمضان** جي كيتريقدر عظيم رحمتن ۽ بركتن جو ذكر كيو ويو آهي. **ماهِ رمضان** جو قدردان روزا ركي **خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل كري جنّتن جون ابدي ۽ سرمدي (يعني ختم نه ٿيندڙ) نعمتون

حاصل ڪندو آهي. گڏوگڏ ٻي حڪايت ۾ ٻن نورن ۽ ٻن اونداهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اونداهين کي پري ڪرڻ جي لاءِ روشني جو وجود اٽڪر آهي. **خداءِ رحمٰن** عَزَّوَجَلَّ جي انهيءَ عظيم احسان تان قربان! جو ان اسان کي **قرآن ۽ رمضان** جا ٻہ نور عطا ڪري ڇڏيا تہ جيئن قبر ۽ قيامت جون پوائتيون اونداهيون پري ٿين ۽ نور ئي نور ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزو ۽ قرآن شفاعت ڪندا

روزو ۽ قرآن قيامت جي ڏينهن مسلمان جي لاءِ شفاعت جو سامان بہ فراهم ڪندا. جيئن تہ مديني جا سلطان، سردارِ دوجهان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:"روزو ۽ قرآن ٻانهي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا. روزو عرض ڪندو، **اي ربّ ڪريم** عَزَّوَجَلَّ! مون کائڻ ۽ خواهشن کان ڏينهن ۾ هن کي روڪي ڇڏيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول فرماءِ. **قرآن** چوندو، مون هن کي رات ۾ سمهڻ کان پري رکيو، منهنجي شفاعت هن جي حق ۾ قبول ڪر. پوءِ ٻنهي جون شفاعتون قبول ٿينديون." (مسند امام احمد ج 2 ص 586 حديث 6637)

## بخشش جو بهانو

**اميرالمؤمنين** حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتَضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا،"جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ کي **امتِ محمدي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عذاب ڪرڻ مقصود هجي ها تہ ان کي رمضان ۽ سورهٔ **قل هو الله شريف** هر گز عنايت نہ فرمائي ها." (نزهة المجالس ج 1 ص 216)

ڈر تھا کہ عِصیاں کی سَزا اب ہوگی یاروزِ جزا
دی اُن کی رَحمت نے صَدا یہ بھی نہیں، وہ بھی نہیں

## لک رمضان جو ثواب

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ حبيبِ پروردگار، ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار، مديني جا تاجدار، باذنِ پروردگار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن مڪهٔ مڪرمه زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ رمضان جو مهينو ماڻيو ۽ روزو رکيو ۽ رات ۾ جيترو ٿي سگهيو قيام ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ **ان جي لاءِ ٻين جڳهن جي هڪ لک رمضان جو ثواب لکندو** ۽ هر ڏينهن هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر رات هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هر روزجهاد ۾ گهوڙي تي سوار ڪري چڙهڻ جو ثواب ۽ هر ڏينهن ۾ نيڪي ۽ هر رات ۾ نيڪي لکندو.“ (ابن ماجه ج 3 ص 523 حديث 3117)

## ڪاش عيد مديني ۾ ٿئي!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله جي حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت مبارڪ مبارڪ جو شهر مڪهٔ مڪرمه زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا آهي. الله تعالیٰ پنهنجي حبيبِ مڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ڪيتريقدر لطف ۽ ڪرم فرمايو آهي جو شاهِ انام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ڪو غلام جيڪڏهن رمضان جو مهينو مڪهٔ مڪرمه** زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ گذاري ۽ اتي ئي روزا رکي ۽ رات جو توفيق مطابق نوافل وغيره ادا ڪري تہ ان کي ٻين جاين

جي **هڪ لک رمضان** جي برابر ثواب عطا ڪيو ويندو ۽ هر ڏينهن ۽ رات هڪ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ۽ هڪ هڪ عظيم الشّان نيڪي ان کان علاوه.

اي ڪاش! اسان کي بہ مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ رمضان جو مهينو گذارڻ جي عظيم سعادت نصيب ٿي وڃي ۽ ان ۾ خوب عبادت ڪرڻ جي بہ توفيق ملي ۽ پوءِ **رمضان المبارڪ جو مهينو** گذاري جلد ئي **عيد** ملهائڻ جي لاءِ پنهنجي مني مني آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي حاضر ٿي وڃون ۽ اتي روئي روئي ”عيد“ جي خيرات گهرون ۽ سبز سبز گنبذ جي مڪين، رحمة للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جوش ۾ اچي وڃي ۽ اي ڪاش! سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دستِ پُر انوار (هٿ مبارڪ) مان اسين گناهگار ”عيدي“ حاصل ڪيون ۽ هي سڀ ڪجهه انهن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان ئي ممڪن آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ﷺ عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جي مهيني ۾ اسان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي وڌ ۾ وڌ عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ هر اهو ڪم ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهُ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا هجي. جيڪڏهن هن مهيني ۾ بہ ڪو پنهنجي بخشش نہ ڪرائي سگهيو تہ پوءِ ڪڏهن ڪرائيندو؟ اسان جا پيارا پيارا

۽ منا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مبارڪ مهيني جي آمد سان ئي عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ تمام گهڻو مگن ٿي ويندا هئا. جيئن ته اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون، "**جڏهن رمضان جو مهينو ايندو هو ته** منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا ۽ پورو مهينو پنهنجي بستري تي تشريف نہ آڻيندا هئا." (الدرالمنثور ج 1 ص 449)

## آقا ﷺ رمضان ۾ خوب دعائون گهرندا هئا

**وڌيڪ** فرمائن ٿيون تہ جڏهن رمضان جو مهينو تشريف وٺي ايندو هيو تہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رنگ مبارڪ مُتَغَيَّر (يعني تبديل) ٿي ويندو هيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز جي ڪثرت فرمائيندا ۽ خوب روئي روئي دعائون گهرندا هئا، ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي طاري رهندو هو.

(شعب الايمان ج 3 ص 310 حديث 3625)

## آقا ﷺ رمضان ۾ خوب خيرات ڪندا هئا

منا منا اسلامي ڀائرو! هن مبارڪ مهيني ۾ گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بہ سنّت آهي. جيئن تہ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، " **جڏهن رمضان جو مهينو** ايندو هو تہ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هر قيديءَ کي آزاد ڪري ڇڏيندا ۽ **هر سائل (يعني سوالي) کي عطا فرمائيندا هئا.** "

(الدرالمنثور ج 1 ص 449)

## سڀ کان وڌيڪ سخي

**سيّدُنا عبدالله ابنِ عبّاس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا روايت فرمائن ٿا: ”رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻھن ۾ **سڀني کان وڌيڪ سخي آھن** ۽ سندن سخاوت جو درياءُ سڀ کان وڌيڪ ان وقت جوش ۾ ايندو ھيو، جڏھن **رمضان** ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان جبرئيل امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا ھئا. جبرئيل امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (رمضان مبارڪ جي) ھر رات ۾ ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا ھئا ۽ رسولِ ڪريم، رؤف رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم ساڻن گڏجي قرآنِ عظيم جو دور فرمائيندا ھئا.“ مطلب ته **رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تيز ھلڻ واري ھوا کان به وڌيڪ خير (يعني ڀلائي) جي معاملي ۾ سخاوت فرمائيندا ھيا.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 9 حديث 6)

ہاتھ اٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم
ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هزار ڀيرا ثواب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان شريف جي مھيني** ۾ نيڪين جو **اجر** (يعني بدلو) گھڻو وڌي ويندو آھي تنھن ڪري ڪوشش ڪري گھڻي کان گھڻيون نيڪيون ھن مھيني ۾جمع ڪري وٺڻ گھرجن. جيئن ته حضرتِ سيّدُنا ابراھيم نخعي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: ” **رمضان جي مھيني** ۾ ھڪ ڏينھن جو روزو رکڻ ھڪ ھزار ڏينھن جي روزن کان افضل آھي ۽ **رمضان جي مھيني** ۾ ھڪ ڀيرو تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله چوڻ) ھن مھيني کان علاوه ھڪ ھزار ڀيرا تسبيح ڪرڻ (يعني سبحٰن الله

چوڻ) ڪان افضل آهي ۽ **ماهِ رمضان** ۾ هڪ رڪعت پڙهڻ علاوه رمضان جي هڪ هزار **رڪعتن** ڪان افضل آهي. (الدرالمنثور ج 1 ص 454)

## رمضان ۾ ذڪر جي فضيلت

**اميرالمؤمنين** حضرتِ سيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ رسولِ انور، مديني جي تاجوَر، نبين جي سَروَر، محبوبِ ربّ اڪبر، سيّده آمنه جي دلبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا جو فرمانِ رحمت نشان آهي:

ذَاکِرُ اللّٰہِ فِیْ رَمَضَانَ یُغْفَرُلَہٗ وَسَائِلُ اللّٰہِ فِیْہِ لَایَخِیْبُ۔

(ترجمو) ”رمضان ۾ ذڪرُ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ واري کي بخشيو ويندو آهي ۽ هن مهيني ۾ الله تعاليٰ کان گهرڻ وارو محروم ناهي رهندو.“

### سنتن ڀريو اجتماع ۽ ذڪر الله

مَدَنِيّ

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! اهي ماڻهو ڪيڏا خوش نصيب آهن جيڪي هن ماهِ مبارڪ ۾ خصوصيّت سان سنّتن ڀرئي **اجتماعات** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جو سوال ڪندا آهن. اَلحَمدُللهعَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جو **سنّتن ڀريو اجتماع** شروع کان آخر تائين ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ تي ئي مشتمل هوندو آهي. جو تہ تلاوت، نعت شريف، سنّتن ڀريو بيان، دعا ۽ صلوٰة و سلام وغيره سڀ ذڪراللهعَزَّوَجَلَّ ۾ داخل آهن. **دعوتِ اسلامي** جي اجتماع جي برڪتن جي هڪ جهلڪ ملاحظ ٿئي جيئن تہ:

## ڇهن ڌيئرن کان پوءِ اولادِ نرينہ

**مرکزالاولياءَ** (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان بِالتَّصَرُّف (يعني پنهنجي طرفان ضروري جوڙجڪ سان) عرض ڪريان ٿو: غالبًا 2003ء جي ڳالهہ آهي هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع** (صحراءِ مدينه، مدينة الاولياء ملتان) ۾ شرڪت جي دعوت عنايت فرمائي. مون عرض ڪيو، مان ڇهن ڌيئرن جو پيءُ آهيان، منهنجي گهر ۾ وري ولادت مُتَوَقّع (يعني ٿيڻ جي اميد) آهي، دعا فرمايو تہ هن ڀيري نرينہ اولاد (يعني پُٽ) ٿئي. اهي اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش جو نرالو انداز اختيار ڪندي فرمائڻ لڳا: سُبحٰنَ اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ! هاڻي تہ توهان کي ٽن ڏينهن جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ حاضري جي گهڻي ضرورت آهي، حج کان پوءِ تعداد جي لحاظ کان **عاشقانِ رسول** جي سڀ کان وڏي اجتماع (ملتان شريف) ۾ اچي دعا گهرو نہ ڄاڻ ڪنهن جي صدقي ۾ ٻيڙو پار ٿي وڃي. ان جي ڳالهہ منهنجي دل کي لڳي وئي ۽ مان **سنّتن ڀرئي اجتماع** (ملتان شريف) ۾ حاضر ٿيس. اتان جي روح پَروَر نظارن کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مون وٽ لفظ ناهن، مون کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايترقدر زبردست روحاني سُڪون نصيب ٿيو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي **چنڊ جهڙو مدني مُنّو** عطا فرمايو. گهر وارن جي خوشي، بيان کان ٻاهر آهي. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي وڌيڪ هڪ ٻئي **مدني مُنّي** سان بہ نوازي ڇڏيو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي بيان

ڏيڻ وقت مون گناهگار کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ **قافله ذميدار** جي حيثيت سان خدمت جي سعادت مليل آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ سنّتن ڀرئي اجتماعات ۾ رحمتون ڇو نازل نہ ٿينديون جو انهن **عاشقانِ رسول** ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی هوندا. منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "جماعت ۾ برڪت آهي ۽ **دعاءِ مَجمعِ مُسلِمين اَقْرب بِقَبُول**. (يعني مسلمانن جي مجمعي ۾ دعا گهرڻ قبوليّت جي گهڻو ويجهو آهي) علماء فرمائن ٿا: **جتي چاليهہ مسلمان صالح** (يعني نيڪ مسلمان **گڏ ٿيندا آهن، انهن مان هڪ وليُّ الله ضرور هوندو آهي**. (فتاويٰ رضويه جديد ج 24 ص 184، تيسير شرح جامع صغير ، تحت الحديث 714 ج 1 ص 312 دار الحديث مصر)

بالفرض دعا جي قبوليّت جو اثر ظاهر نہ ٿئي تڏهن بہ شڪايت وارو حرف زبان تي نہ آڻڻ گهرجي. اسان جي ڀلائي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي ان کي يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان گهڻو بهتر ڄاڻي ٿو. اسان کي هر حال ۾ پاڪ پروردگار جو شڪر گذار ٻانهو بڻجي رهڻ گهرجي. اهو پٽ ڏئي تڏهن بہ ان جو شڪر، ڌيءُ ڏئي تڏهن بہ شڪر، ٻئي ڏئي تڏهن بہ شڪر ۽ نہ ڏئي تڏهن بہ شڪر، هرحال ۾شڪر شڪر ۽ شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي. 25 **هين** سيپاري ۾ سُوْرَةُ الشُّوْرٰی جي آيت 49 ۽ 50 ۾ ارشاد باري تعالیٰ آهي.

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا

ترجمو ڪنزالايمان: الله جي واسطي آهي آسمانن ۽ زمين جي

يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ الذُّكُوۡرَ ﴿۴۹﴾ اَوۡ يُزَوِّجُهُمۡ ذُكۡرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجۡعَلُ مَنۡ يَّشَآءُ عَقِيۡمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌ قَدِيۡرٌ ﴿۵۰﴾

بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪي چاهي، جنهن کي گهري ڌيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن کي وٽيس پٽ ڏئي يا پٽ ۽ ڌيئرون ٻئي ملائي ۽ جنهن کي چاهي سنڍ ڪري بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي فرمائن ٿا، اهو مالڪ آهي پنهنجي نعمت کي جهڙيءَ طرح چاهي تقسيم ڪري جنهن کي چاهي ڏئي. انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۾ به اهي سڀ صورتون ڏنيون وجن ٿيون.

حضرتِ سيّدُنا لوط عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا شعيب عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي صرف ڌيئرون هيون ڪو پٽ نه هيو ۽ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا صرف پٽ هئا، ڪا نياڻي ٿي ئي نه هئي ۽ سيّدُ الانبياء حبيبِ خُدا، مُحمَّد مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعالىٰ چار فرزند عطا فرمايا ۽ چار صاحبزاديون ۽ حضرتِ سيّدُنا يحيىٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪا اولاد ئي ناهي.

(خزائن العرفان ص 777)

## رمضان جو ديوانو

محمد نالي هڪ شخص سجو سال نماز نه پڙهندو هيو. جڏهن رمضان شريف جو بابرڪت مهينو ايندو هو ته هُو اَڇا اُجرا ڪپڙا پهريندو هو ۽ پنج ئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهندو هو ۽ گذريل سال جون قضا

نمازون بہ ادا ڪندو هو ماڻهن ڪانئس پُڇيو تہ تون ائين ڇو ٿو ڪرين؟ ان جواب ڏنو تہ هي مهينو رحمت، برڪت، توبهہ ۽ مغفرت جو آهي، شايد الله تعالیٰ مون ڪي منهنجي انهيءَ عمل جي سبب بخشي ڇڏي. جڏهن ان جو انتقال ٿي ويو تہ ڪنهن ڪين خواب ۾ ڏٺو تہ پُڇيو، مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ ؟ يعني الله تعالیٰ توسان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان جواب ڏنو، ”منهنجي الله عَزَّوَجَلَّ مون ڪي رمضان شريف جو احترام بجا آڻڻ جي سبب بخشي ڇڏيو. (درة الناصحين ص 8)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان جي قدردان تي ڪيتريقدر مهربان آهي جو سال جا باقي مهينا ڇڏي رُڳو **ماهِ رمضان** ۾ عبادت ڪرڻ واري جي مغفرت فرمائي ڇڏي. هن حڪايت مان ڪٿي ڪو هي نہ سمجهي ويهي جو هاڻي تہ (مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ) سڄو سال نماز کان فراغت ملي وئي! رُڳو رمضان المبارڪ ۾ روزا ۽ نمازون ادا ڪري ونداسين ۽ سڌو جنّت ۾ هليا ويندا سين. پيارا اسلامي ڀائرو! دراصل بخشڻ ۽ عذاب ڪرڻ هي سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. اهو بي نياز آهي ڪنهن مسلمان ڪي تہ بظاهر ڪنهن ننڍي نيڪ عمل تي ئي بخشي ڇڏي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ وڏين وڏين نيڪين جي باوجود ڪنهن ڪي رڳو هڪ ننڍي ڪان ننڍي گناهہ تي پنهنجي عدل سان پڪڙ ڪري.

ٽئين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ جي آيت نمبر 284 ۾ ارشادِ ربّ بي نياز آهي:

فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: تہ جنهن کي وڻيس (پنهنجي فضل سان ايمان وارن کي) معاف فرمائيندو ۽ جنهن کي گهري (پنهنجي عدل سان) عذاب ڏيندو.

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شُمار جرم
دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

## ٽن جي اندرٽي لڪيل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪا بہ نيڪي ڇڏڻ نہ گهرجي خبر ناهي الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪهڙي نيڪي پسند اچي وڃي ۽ ڪو ننڍي کان ننڍو گناهہ بہ نہ ڪرڻ گهرجي جو نہ ڄاڻ ڪهڙي گناهہ تي الله تعالیٰ ناراض ٿي وڃي ۽ ان جو دردناڪ عذاب اچي گهيرو ڪري. خليفهءِ اعلیٰ حضرت، فقيه اعظم سيّدُنا ابو يوسف محمد شريف محدث ڪوٽلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی نقل فرمائن ٿا:" الله عَزَّوَجَلَّ ٽن شين کي ٽن شين ۾ مخفي (يعني لڪيل) رکيو آهي. ﴿1﴾ پنهنجي رضا کي پنهنجي فرمانبرداري ۾ ۽ ﴿2﴾ پنهنجي ناراضگيءَ کي نافرماني ۾ ۽ ﴿3﴾ پنهنجي اولياء کي پنهنجي ٻانهن ۾". هي قول نقل ڪرڻ کان پوءِ فقيه اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "انهيءَ ڪري هر فرمانبرداري ۽ هر نيڪيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي جو خبر ناهي ڪهڙي نيڪيءَ تي هُو راضي ٿي وڃي ۽ هر بَديءَ کان بچڻ گهرجي جو خبر ناهي ڪهڙي بَديءَ تي هُو ناراض ٿي وڃي. توڙي اها

ٻَڌي ڪيتري ئي صغيره (يعني ننڍي) هجي. مثال طور (بغير اجازت جي) ڪنهن جي ڪک سان ڏند ڪوٽڻ بظاهر هڪ معمولي ڳالهه آهي. يا ڪنهن پاڙيسريءَ جي مٽيءَ سان ان جي اجازت جي بغير هٿ ڌوئڻ جڻ ته هڪ ننڍڙي ڳالهه آهي. پر ممڪن آهي ته انهيءَ بُرائي ۾ ئي حق تعالىٰ جي ناراضگي مخفي (يعني لڪيل) هجي، ته اهڙين ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کان به بچڻ گهرجي.“ (اخلاق الصالحين ص 56)

## ڪتي کي پاڻي پيئارڻ واري بخشجي ويئي

**رحمت جا طلبگارو!** جڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ بخشڻ تي ايندو آهي ته ظاهر ۾ نيڪي ڪيتري ئي ننڍي هجي هُو انهيءَ جي سبب ڪرم فرمائي ڇڏيندو آهي. جيئن ته انهيءَ ضمن ۾ ڪيترين ئي حديثون موجود آهن مثال طور **هڪ عورت کي رُڳو ان لاءِ بخشيو ويو جو ان هڪ اڃايل ڪتي کي پاڻي پياريو هو.** (بخاري ج 2 ص 409 حديث 3321) هڪ حديث ۾ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ عاليشان به ملي ٿو ته هڪ شخص رستي مان هڪ وڻ کي انهيءَ لاءِ هٽائي ڇڏيو ته جيئن ماڻهن کي ان کان تڪليف نه پهچي. **الله** عَزَّوَجَلَّ خوش ٿي ان جي بخشش فرمائي ڇڏي. (صحيح مسلم ج 2 ص 1410 حديث 1914) هڪ صحيح حديث ۾ آهي ته **تقاضا ۾ نرمي** (يعني قرض جي وصوليءَ ۾ آساني) ڪرڻ واري هڪ شخص جي نجات (يعني ڇوٽڪارو) ٿي وڃڻ جو واقعو به آيو آهي. (صحيح بخاري ج 2 ص12 حديث 2078) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي **رحمت** جا واقعا جمع ڪرڻ ۾ پئون ته ايڏا آهن جو اسان جمع ئي ڪونه ٿا ڪري سگهون.

مژدہ باد اے عاصیو! ذاتِ خدا غفّار عَزَّوَجَلَّ ہے
تہنیت اے مجرِمو! شافعِ شہِ اَبرار B ہے (حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب کان ڇوٽڪاري جا سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ رحمت ڪرڻ تي ايندو آهي ته هيئن به سبب ٺاهيندو آهي جو ڪنهن به هڪ عمل کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبوليّت جو شرف عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. ۽ پوءِ انهيءَ جي سبب ان تي رحمتن جي برسات وسائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت هيٺئر هڪ حديثِ مبارڪ پيش ڪئي وڃي ٿي جنهن ۾ ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جو بيان ڪيو ويو آهي جو اهي ڪنهن نه ڪنهن نيڪيءَ جي سبب الله تعالیٰ جي پڪڙ کان بچي ويا ۽ رحمتِ خُداونديءَ عَزَّوَجَلَّ سان ڪين ڇوٽڪارو ملي ويو. جيئن ته حضرتِ سيّدُنا عبدالرحمٰن بن سَمُره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، هڪ ڀيري حضورِ اڪرم، نورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم، نبيّ محترم رحمتِ عالم، رسولِ محتشم، شافعِ امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون، ” اڄ رات مون هڪ عجيب خواب ڏٺو ته:

**مدينه 1** : **هڪ** شخص جو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ ملڪ الموت (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) تشريف وٺي آيا پر ان جو ماءُ پيءُ جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪرڻ (جو عمل) سامهون اچي ويو ۽ اهو بچي ويو.

**مدينه 2** : **هڪ** شخص تي قبر جو عذاب ڇانئجي ويو پر ان جي وضوءَ (جي نيڪيءَ) کيس بچائي ورتو.

**مدينه 3** : **هڪ** شخص کي شياطين گهيري ورتو پر **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ (ڪرڻ جي نيڪيءَ) ان کي بچائي ورتو.

**مدينه 4** : **هڪ** شخص کي عذاب جي فرشتن گهيري ڏنو پر ان کي (ان جي) نماز بچائي ورتو.

**مدينه 5** : **هڪ** شخص کي ڏٺو ته اُڃ جي شدت جي ڪري هُو زبان ڪڍيون پيو وتي ۽ هڪ حوض تي پاڻي پيئڻ پيو وڃي. پر کيس موٽايو پيو وڃي ته ايتري ۾ ان جا **روزا** اچي ويا (۽ ان نيڪيءَ) ان کي ڍؤ ڪرائي ڇڏيو.

**مدينه 6** : **هڪ** شخص کي ڏٺم ته جتي انبياءِ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) **حلقا** ٻڌائي تشريف فرما هئا، هُو انهن وٽ وڃڻ چاهي پيو پر کيس ڌڪاريو پيو وڃي ته ايتري ۾ ان جو **جنابت وارو غسل** آيو ۽ (ان نيڪيءَ) ان کي مون وٽ ويهاري ڇڏيو.

**مدينه 7** : **هڪ** شخص کي ڏٺم ته ان جي اڳيان پويان، ساڄي کاٻي هيٺ مٿي اونداهي ئي اونداهي آهي ۽ هُو اونداهيءَ ۾ حيران ۽ پريشان آهي ته ان جا حج ۽ عمرا آيا ۽ (انهن نيڪين) کيس اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ پهچائي ڇڏيو.

**مدينه 8** : **هڪ** شخص کي ڏٺم ته اهو مسلمانن سان گفتگو ڪرڻ چاهي پيو پر ڪوبہ کيس رُخ نہ پيو ڏئي. ته **صلهءِ رحمي** (يعني رشتيدارن سان

حُسنِ سلوڪ ڪرڻ واري نيڪيءَ) مؤمنن کي چيو تہ هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو، تہ مسلمانن ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ شروع ڪئي.

**مدينہ 9** : **هڪ** شخص جي جسم ۾ ڇهري جي طرف باهہ وڌي رهي آهي ۽ هُو پنهنجي هٿ سان بچائي رهيو آهي تہ ان جو **صدقو** آيو ۽ ان جي آڏو ڍال بڻجي ويو ۽ ان جي مٿان ڇانوَ ڪري بيهي رهيو.

**مدينہ 10** : **هڪ** شخص کي زبانيہ (يعني عذاب جي مخصوص فرشتن) چئن ئي طرفن کان گهيري ورتو پر ان جو اَمْرٌبِالْمَعْرُوفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ آيو (يعني نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ جي نيڪي آئي) ۽ انهيءَ کيس بچائي ورتو ۽ رحمت جي فرشتن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

**مدينہ 11** : **هڪ** شخص کي ڏٺم جيڪو گوڏن ڀر وينو آهي پر ان جي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ حجاب (يعني پردو) آهي پر ان جو **حسن اخلاق** آيو ۽ ان (نيڪيءَ) هن کي بچائي ورتو ۽ الله تعاليٰ سان ملائي ڇڏيائين.

**مدينہ 12** : **هڪ** شخص کي ان جو اعمال نامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو پئي ويو تہ ان جو **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ آيو (ان عظيم نيڪيءَ جي برڪت سان) سندس اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو.

**مدينہ 13** : **هڪ** شخص جي نيڪين جو وزن هلڪو رهيو پر ان جي **سخاوت** اچي ويئي ۽ نيڪين جو وزن وڌي ويو.

**مدينہ 14** : **هڪ** شخص جهنم جي ڪناري تي بيٺو هو پر ان جو **خوفِ خُدا** عَزَّوَجَلَّ آيو ۽ هُو بچي ويو.

**مدينه 15** : **هڪ** شخص جهنّم ۾ ڪِري پيو پر ان جا **خوفِ خُدا** عَزَّوَجَلَّ ۾ وهايل ڳوڙها اچي ويا ۽ (انهن ڳوڙهن جي برڪت سان) اهو بچي ويو.

**مدينه 16** : **هڪ** شخص پُلصراط تي بينو هو ۽ ٿاريءَ جيان ڏڪي رهيو هو پر ان جو الله عَزَّوَجَلَّ سان حُسنِ ظَن (يعني الله عَزَّوَجَلَّ سان سنو گمان تہ اهو رحمت ئي ڪندو) آيو (۽ ان نيڪيءَ) ان کي بچائي ورتو ۽ هُو پلصراط تان گذري ويو.

**مدينه 17** : **هڪ** شخص پلصراط تي ريڙهيون پائيندو هلي رهيو هو. تہ ان جو مون تي درود شريف پڙهڻ اچي ويو ۽ (ان نيڪيءَ) ڪيس اُٿاري پلصراط کان پار ڪرائي ڇڏيو.

**مدينه 18** : **منهنجي** امت جوهڪ شخص جنّت جي دروازن وٽ پهتو تہ اهي سيئي ان لاءِ بند هئا تہ ان جو لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ جي گواهي ڏيڻ آيو ۽ ان جي لاءِ جنّتي دروازا کلي ويا ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿي ويو.

## چُغليءَ جو دردناڪ عذاب

**مدينه 19** : **ڪجهہ** ماڻهن جا چَپَ ڪٽيا وجن پيا مون جبرئيل (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کان پُڇيو، هي ڪير آهن؟ انهن وراڻيو تہ هي ماڻهن جي وچ ۾ **چُغل خوري** ڪرڻ وارا آهن.

## گناهہ جي الزام جي خوفناڪ سزا

**مدينه 20** : **ڪجهہ** ماڻهن کي زبانن سان ٽنگيو ويو هو. مون جبرئيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان انهن جي باري ۾ پُڇيو، انهن ٻُڌايو تہ هي ماڻهن تي هروڀرو **گناهہ جو الزام** لڳائڻ وارا آهن. (شرح الصدور 182)

## ڪا بہ نيڪي نہ ڇڏڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو، والدين جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) وضو، نماز، روزو، ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ، حج ۽ عمرو، صله رحمي، اَمْرٌبِالْمَعْرُوفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ، صَدَقو، حُسنِ اخلاق، سخاوت، خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ روئڻ ، ۽ پڻ الله عَزَّوَجَلَّ سان حُسنِ ظن وغيره وغيره نيڪين جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ مُعَذَّبِين (يعني جيڪي ماڻهو عذاب ۾ مبتلا هئا انهن) تي ڪرم فرمائي ڇڏيو ۽ انهن کي ڏمر ۽ عذاب کان ڇوٽڪارو ملي ويو. بهرحال هي ان جي فضل ۽ ڪرم جا مُعاملا آهن. هو مالڪ و مختار عَزَّوَجَلَّ آهي. جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي، جنهن کي چاهي عذاب ڏئي، هي سڀ ان جو عدل ئي عدل آهي. جتي هو ڪنهن هڪ نيڪيءَ مان خوش ٿي پنهنجي رحمت سان بخشي ڇڏيندو آهي اتي ڪنهن هڪ گناه تي جڏهن هُو ناراض ٿي ويندو آهي تہ ان جو قهر ۽ غضب جوش ۾ ايندو آهي ۽ پوءِ ان جي پڪڙ نهايت ئي سخت هوندي آهي. جيئن جو هينئر گذريل ڊگهي حديث جي آخر ۾ **چُغل خورن** ۽ بين تي **گناه جي تهمت** هڻڻ وارن جو انجام بہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمائي ڪري اسان کي بُڌائي مُتَنَبِّہ (يعني خبردار) ڪيو تنهن ڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو بظاهر ڪا ننڍڙي بہ نيڪي هجي ان کي نہ ڇڏي، جو ٿي سگهي ٿو اها ئي نيڪي ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ ظاهر ۾ گناه ڪيترو ئي معمولي نظر ايندو هجي هرگز هرگز نہ ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”قهار“ جي چار اکرن جي نسبت سان

# گناهگارن جون چار حڪايتون

## (1) قبر ۾ باهه ڀڙڪي اٿي!

**حضرتِ سيّدُنا عَمرو بن شُرَحبِيل** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ اهڙو شخص انتقال ڪري ويو جنهن کي ماڻهو مُتَّقِي (يعني پرهيزگار) سمجهندا هئا. جڏهن ان کي دفن ڪيو ويو تہ ان جي قبر ۾ عذاب جا فرشتا اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا، اسين توکي الله عَزَّوَجَلَّ **جي عذاب جا سؤ ڪوڙا** هڻنداسين. هن ڊڄندي چيو تہ مون کي ڇو هڻندؤ؟ مان تہ پرهيزگار ماڻهو هيُس، تڏهن انهن چيو، چڱو ڀلا پنجاه ئي هڻون ٿا، پر هُو لڳاتار بحث ڪندو رهيو. ايسيتائين جو فرشتا هڪ تي آيا ۽ انهن هڪ ڪوڙو هڻي ڪڍيو. جنهن سان سڄي **قبر ۾ باهه ڀڙڪي اٿي** ۽ اهو شخص سڙي خاڪ ٿي ويو. وري کيس زنده ڪيو ويو تہ ان درد کان تڙپندي ۽ روئندي فرياد ڪئي، آخر مون کي هي ڪوڙو ڇو هنيو ويو؟ تڏهن انهن وراڻيو، **هڪ ڏينهن تو بنا وضوء جي نماز پڙهي هئي، ۽ هڪ ڏينهن هڪ مظلوم تو وٽ دانهن ڪٽي آيو پر تو سندس دانهن ڪانہ ٻڌي.** (شرح الصدور ص 165)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيو تہ هُن نيڪ ۽ پرهيزگار شخص جي بہ پڪڙ فرمائيءَ هُو قبر جي عذاب ۾ اچي ڦاٿو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي هيڻي حال تي رحم فرمائي ۽ اسان جي بي حساب بخشش فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2) ماپڻ ۾ بي احتياطي جي سبب ڏمر

**حضرتِ سيّدُنا حارث مُحَاسِبي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته هڪ ڪيّال (اناج ماپڻ واري) انهيءَ ڪم ڪي ڇڏي ڏنو ۽ عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول ٿيو. جڏهن هُو مري ويو ته سندس ڪجهه دوستن ڪيس خواب ۾ ڏنو ته پُڇيو مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان وراڻيو،"منهنجو اهو پيمانو (يعني ٿانءُ) جنهن ۾ اناج وغيره توريندو هئس ان ۾ منهنجي بي احتياطيءَ جي سبب ڪان ڪجهه مٽي جمي وئي هئي جنهن کي مون لاپرواهيءَ جي سبب صاف نه ڪيو ۽ هر ڀيري تورڻ جي وقت مٽيءَ جيترو گهٽ ٿي ويندو هيو. مان انهيءَ قُصُور جي سبب عِتاب (يعني غضب) ۾ گرفتار آهيان."

(اخلاق الصالحين ص 56)

## (3) قبر مان رڙين جو آواز

**اهڙيءَ** طرح هڪ ٻيو شخص به پنهنجي تارازيءَ تان مٽي وغيره کي صاف نه ڪندو هو ۽ انهيءَ ريت شيءِ توري ڏيندو هو. جڏهن اهو مري ويو ته ان کي به قبر ۾ عذاب شروع ٿي ويو. ايتري تائين جو ماڻهن **ان جي قبر مان رڙين ۽ ڪُوڪن جو آواز ٻُڌو.** ڪجهه صالحين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين (يعني نيڪ ماڻهن) کي قبر مان رڙين ڪُوڪن جو آواز ٻُڌي ڪري رحم اچي ويو ۽ انهن هِن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري ته ان جي برڪت سان الله تعالىٰ مٿس عذاب کي هٽائي ڇڏيو.

(اخلاق الصالحين ص 56)

## حرام جي ڪمائي ڪيڏانهن ويندي آهي؟

جاڳايل ٻنهي چرڪائيندڙ حڪايتُن مان اهي ماڻهو ضرور عبرت جو درس حاصل ڪن جيڪي نڳي ڪندا آهن ۽ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪندا آهن. مسلمانو! نڳيءَ سان گهٽ تور يا ماپ ڪري ڪڏهن ڪڏهن بظاهر مال ۾ ڪجهه گهٽائي نظر اچي به ويندي آهي پر اهڙي آمدني کهڙي ڪم جي! ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به اهڙي قسم جو مال جنجال ٻڻجي ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڊاڪٽرن جي فيسن، بيمارين جي دوائن، ڪيسا ڪٽيندڙن، چورن يا رِشوت خورن جي هٿن ۾ اهو مال هليو وڃي، ۽ وري مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ آخرت جو سخت عذاب به ڀوڳڻو پئجي وڃي.

ڪرلے توبہ ربّ عَزَّوَجَلَّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## باهه جا ٻه پهاڙ

**روح البيان** ۾آهي، ”جيڪو شخص ماپ ۽ تور ۾ خيانت ڪري ٿو، قيامت جي ڏينهن ان کي دوزخ جي اونهاين ۾ وِڌو ويندو ۽ کيس **باهه جي ٻن پهاڙن** جي وچ ۾ ويهاري حڪم ڏنو ويندو ته هنن پهاڙن جي تور ۽ ماپ ڪر! جڏهن تورڻ لڳندو ته باهه کيس ساڙي ڇڏيندي.“

(تفسير روح البيان ج 10 ص 364)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوب غور فرمايو! مختصر زندگيءَ ۾ ڪجھ فاني سڪا حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏھن تور ۾ ٺڳي ڪئي تہ ڪيتريقدر شديد عذاب جي وَعيد آھي. اڄ معمولي گرمي برداشت ناھي ٿيندي تہ جھنم ۾ باھہ جي پھاڙن جي تپش ڪھڙيءَ طرح برداشت ٿيندي! خدارا! پنھنجي حال تي رحم ڪندي مال جي حرص کان پري رھو. ٻي صورت ۾ حرام مال ٻنھي جھانن ۾ وبال ئي وبال ثابت ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) ڪک جو ٻوجھ

حضرتِ سيّدُنا وَھَب بن مُنَبِّہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا”بني اسرائيل جي ھڪ نوجوان ھر قسم جي گناھن کان توبھ ڪئي پوءِ ستر سالن تائين لڳاتار عبادت ڪندو رھيو. ڏينھن جو روزو رکندو ھيو، رات جو جاڳندو ھو. ان جي تقويٰ جو ھي حال ھو جو نہ ڪنھن ڇانوَ ھيٺان آرام ڪندو ھو ۽ نہ ئي ڪا وڻندڙ غذا کائيندو ھو. جڏھن ان جو انتقال ٿي ويو تہ ان جي ڪجھ دوستن ڪيس خواب ۾ ڏسي پڇيو، مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توسان ڇا معاملو ڪيو؟ ان ٻڌايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منھنجو حساب ورتو. پوءِ سمورا گناھ بخشي ڇڏيائين، پر آھا! ھڪ ڪک جنھن کي مون سندس مالڪ جي مرضيءَ کان بغير ڪٽي ورتو ھو ۽ ان سان ڏند کوٽيا ھئا اھو ڪک ان جي مالڪ کان مُعاف ڪرائڻ رھجي ويو ھو. افسوس صد افسوس! انھيءَ سبب کان اڃان تائين مون کي جنّت کان روڪيو ويو آھي.

(تنبيه المغترين ص 51)

## گناهہ آخر گناهہ آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٻ منجهان ڪَنبي وڃو! جو جڏهن غضبِ جَبّار عَزَّوَجَلَّ ۽ قَهرِ قَهار عَزَّوَجَلَّ جوش ۾ ايندو آهي تہ اهڙي گناهہ تي بہ پڪڙ ٿي ويندي آهي جنهن کي دنيا وارن آڏو تمام ئي معمولي تصوُّر ڪيو ويندو آهي. جيئن جو هينئر حڪايت ۾ گذريو تہ هڪ عابد و زاهد ۽ نيڪ ٻانهو مُرُڳو انهيءَ سبب ڪري جنّت کان روڪيو ويو جو ان هڪ **معمولي ڪک** سندس مالڪ جي اجازت کان بغير ڪٽي ان سان ڏند ڪوٽيا ۽ پوءِ بغير مُعاف ڪرائڻ جي، هُو انتقال ڪري ويو تہ ڦاسي پيو. ٿوروسوچيو! غور ڪريو!! هڪ ڪک تہ ڇا شيءِ آهي؟ اڄڪلهہ تہ ماڻهو نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون امانتون هڙپ ڪري ويندا آهن ۽ اوڳرائي بہ ناهن ڏيندا.

تُوبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُاللّٰه

### بغير مہلت وٺڻ جي قرض جي ادائيگي ۾ دير ڪرڻ گناهہ

مسلمانو! ڏڃي وڃو! حقوق العباد جو مُعاملو نهايت ئي سخت آهي. جيڪڏهن اسان ڪنهن ٻانهي جو حق ڦٻايو، يا ان کي گار ڏني، تارا ڏيکاري ڏيڄاريوسون، ڌمڪايوسين، ڪاوڙ ۾ داٻ دڙڪا ڏناسون جنهن سان ان جي دل ڏکي. مطلب تہ ڪهڙيءَ بہ طرح شريعت جي اجازت کان بغير ان جي دل آزاري ڪئي يا قرض ڦٻائي ڇڏيو، بلڪ بغير صحيح مجبوريءَ جي قرض جي ادائيگي ۾ دير ئي ڪئي. اهي سڀ ٻانهن جون حق تلفيون آهن. ياد رکو! جيڪڏهن اوهان ڪنهن

ڪان قرض ورتو ۽ ادائيگيءَ جي لاءِ رقم اوهان وٽ ناهي پر گهر جو سامان ۽ فرنيچر وغيره وڪڻي ڪري قرض ادا ڪري سگهجي ٿو ته ائين به ڪرڻو پوندو. قرض ادا ڪرڻ جي ممڪن صورت هجڻ جي باوجود قرضدار ڪان مُهلت وٺڻ بغير، اوهان قرض جي ادائيگيءَ ۾ جيسيتائين دير ڪندا رهندؤ گناهگار ٿيندا رهندؤ. پوءِ چاهي اوهان جاڳي رهيا هُجو يا سُمهي رهيا هُجو هڪ هڪ گهڙيءَ جو گناهه لکجندو رهندو. ڄڻ ته قرض جي ادائيگيءَ تائين مسلسل اوهان جي گناهن جو ميٽر هلندو رهندو. اَلامَان وَالحَفِيظ. جڏهن قرض جي ادائيگيءَ ۾ دير جو هي جنجال آهي ته جيڪو پورو قرض ئي قبائي ڇڏي، ان جو ڇا حال ٿيندو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽن پيسن جو جنجال

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ڪان قرض جي ادائيگيءَ ۾ سُستي ۽ ڪوڙا حيلا بهانا ڪرڻ واري شخص زيد جي باري ۾ استفسار ٿيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايائون:”زيد فاسق ۽ فاجر، ڪبيره گناهه ڪندڙ، ظالم، تمام وڏو ڪوڙو ۽ عذاب جو حقدار آهي.“ ان ڪان وڌيڪ بيا ڪهڙا لقب پنهنجي لاءِ چاهي ٿو! جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو ۽ قرض ماڻهن جو هن تي باقي رهيو ته هن جون نيڪيون انهن قرض خواهن جي مطالبي ۾ ڏنيون وينديون. (يعني ڪهڙي طرح ڏنيون وينديون اهو به ٻُڌي وٺو) تقريبًا ٽي پيسا قرض جي عيوض ست سؤ نمازون باجماعت (ڏيڍيون پونديون) جڏهن هن (قرض قبائڻ واري) وٽ نيڪيون نه رهنديون ته انهن (قرض خواهن) جا

گناهه هن (مقروض) جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ کيس باهه ۾ اڇلايو ويندو.
(ملخصًا فتاویٰ رضويه ج 25 ص69)

مت دبا قرضہ کسی کا نا بَکار
روئے گا دوزخ میں ورنہ زار زار

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه! اَسْتَغْفِرُاللّٰه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ ڪنهن تي ذري برابر ظلم ڪرڻ وارو جيسيتائين مظلوم کي راضي نه ڪري وٺندو ان وقت تائين ان جي خلاصي (يعني ڇوٽڪارو) ناممڪن آهي. ها الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن چاهيندو ته پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان قيامت جي ڏينهن ظالم ۽ مظلوم ۾ صلح ڪرائي ڇڏيندو. ٻي صورت ۾ ان مظلوم کي ظالم جون نيڪيون ڏنيون وينديون. جيڪڏهن ان سان به مظلوم يا مظلومن جا حقوق ادا نه ٿيا ته مظلومن جا گناهه ظالم جي مٿي تي رکيا ويندا ۽ اهڙي طرح اهو ظالم جيتوڻيڪ دنيا ۾ نيڪ ۽ پرهيزگار رهي وڏيون وڏيون نيڪيون ڪٺي ڪري قيامت ۾ آيو هوندو. پر ماڻهن جا حقوق ضايع ڪرڻ جي سبب بلڪل مفلس ۽ ڪنگال ٿي ويندو ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جهنّم جي حوالي ڪيو ويندو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ تعالىٰ۔عَزَّوَجَلَّ

## قيامت ۾ مفلس ڪير؟

**تاجدارِ** مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان استفسار فرمايو، ”ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته **مفلس** ڪير آهي؟“ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ **مفلس** اهو آهي جنهن وٽ درهم ۽ دنياوي ساز و سامان نه

هجي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: "منهنجي امت جو **مفلس ترين** شخص اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزا، زڪوٰة تہ کڻي ايندو پر گڏوگڏ ڪنهن کي گار بہ ڏني هوندائين، ڪنهن تي تهمت لڳائي هوندائين، هُن جو ناحق مال کاڌو هوندو، ان جو رت وهايو هوندائين، هُن کي ماريو هوندائين، سو انهن سڀني گناهن جي بدلي ۾ ان جون نيڪيون ورتيون وينديون. تنهن کانپوءِ جيڪڏهن ان جون نيڪيون ختم ٿي وڃن ۽ ٻيا حقدار باقي هجن تہ انهن (يعني مظلومن) جا گناهہ وٺي بدلي ۾ ان (يعني ظالم) جي مٿان رکيا ويندا. پوءِ ان (ظالم) شخص کي جهنّم ۾ اڇلايو ويندو." (صحيح مسلم ج 2 ص 1394 حديث 2581)

## ظالم مان مراد ڪير آهي؟

**ياد رهي!** هتي ظالم مان مُراد صرف قاتل، ڌاڙيل، يا مارڪٽ ڪرڻ وارو ئي ناهي. بلڪ جنهن بظاهر ڪنهن جي ٿورڙي بہ حق تلفي ڪئي مثال طور هڪ اڌ روپيو ئي ڦٻايو هجي، بنا شرعي اجازت جي، داٻ دڙڪو ڏنو هجي يا ڪاوڙ ۾ گهوريو هجي ٽوڪ ڪئي هجي وغيره تڏهن بہ هي ظالم آهي ۽ هُو مظلوم. اها جدا ڳالهہ آهي تہ هن "مظلوم" بہ "ان ظالم" جون ڪجهہ حق تلفيون ڪيون هجن. هن صورت حال ۾ ٻئي هڪ ٻئي جي حق ۾ مخصوص مُعاملن ۾ "ظالم" بہ آهن ۽ "مظلوم" بہ. ساڳيءَ ريت ڪيترائي ماڻهو هوندا جيڪي ڪن ماڻهن جي حق ۾ "ظالم" ۽ ڪن جي حق ۾ "مظلوم" هوندا.

حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** انيس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو، "ڪو دوزخي دوزخ ۾ ۽ ڪو جنّتي جنّت ۾

داخل نہ ٿئي، جيستائين هُو **حقوق العباد** جو بدلو ادا نہ ڪري.“ يعني جنهن ڪنهن جو حق، جنهن بہ دٻايو هوندو ان جو فيصلو ٿيڻ تائين ڪو دوزخ يا جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (اخلاق الصالحين،ص55) **حقوق العباد** جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڇپيل تحريري بيان ” “ جو ضرور مطالعو فرمائيندا. ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان سيني مسلمانن ڪي هڪ ٻئي جي حق تلفي ڪرڻ کان بچاءِ ۽ جيڪي ڪجهہ ان سلسلي ۾ ڪوتاهيون ٿي چُڪيون آهن انهن کي پاڻ ۾ مُعاف ڪرائي ڇڏڻ جي توفيق مرحمت فرماءِ. اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماهہ رمضان ۾ مرڻ جي فضيلت

**جيڪو** خوش نصيب مسلمان **رمضان جي مهيني** ۾ انتقال ڪري وڃي ان کي قبر جي سوالن کان امان ملي ويندي آهي ۽ اهو قبر جي عذاب کان بہ بچي ويندو آهي ۽ جنّت جو حقدار قرار ڏنو ويندو آهي. جيئن تہ حضراتِ محدثينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جو قول آهي،**”جيڪو مؤمن هن مهيني ۾ مرندو اهو سڌو جنّت ۾ ويندو ڇڻ ان جي لاءِ دوزخ جو دروازو بند آهي.“** (انيس الواعظين ص 25)

## ٽن ماڻهن جي لاءِ جنت جي بشارت

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله** ابن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، نبين جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، بِاِذن پروردگار، اسان بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي:”جنهن

ڪي رمضان جي پڇاڙيءَ مهل موت آيو اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن ڪي موت عرفه جي ڏينهن (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جي ختم ٿيڻ وقت آيو اهو بہ جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن جو موت صدقي ڏيڻ جي حالت ۾ آيو اهو بہ جنّت ۾ داخل ٿيندو.“ (حلية الاولياء ج 5 ص 26 حديث 6187)

## قيامت تائين جي روزن جو ثواب

اُمُّ الْمُؤمنين سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جوارشادِ بشارت بنياد آهي:”جنهن جو روزي جي حالت ۾ انتقال ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت تائين جي روزن جو ثواب عطا فرمائيندو آهي.“
(الفردوس بماثور الخطاب ج 3 ص 504 حديث 5557)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! روزيدار ڪيتريقدر نصيب وارو آهي جو جيڪڏهن روزي جي حالت ۾ موت سان همڪنار ٿئي تہ قيامت تائين جي روزن جي ثواب جو حقدار قرار ڏنو ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو،”هي رمضان توهان وٽ اچي ويو آهي، هن ۾ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جهنّم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ شياطين کي قيد ڪيو ويندو آهي، محروم آهي اهو شخص جنهن رمضان کي ماٺيو ۽ ان جي مغفرت نہ ٿي جو جڏهن ان جي رمضان ۾

مغفرت نہ ٿي تہ پوءِ ڪڏهن ٿيندي؟ “ (مجمع الزوائد ج3 ص345 حديث 4788)

## جنت جا دروازا کلي ويندا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جو مهينو تہ ڇا ايندو آهي رحمت ۽ جنّت جا دروازا کُلي ويندا آهن ۽ دوزخ کي تالا لڳي ويندا آهن ۽ شياطين قيد ڪيا ويندا آهن. جيئن تہ حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابهءِ ڪرام رَضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن کي خوشخبري ٻڌائيندي فرمائيندا هئا: ”**رمضان** جو مهينو اچي ويو آهي جيڪو تمام ئي برڪت وارو آهي. **الله تعالى** هن جا روزا توهان تي فرض ڪيا آهن، هن ۾ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ **جهنم** جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. **سرڪش شيطانن** کي قيد ڪيو ويندو آهي. هن ۾ **الله تعالى** جي هڪ رات **شبِ قدر** آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي جيڪو ان جي ڀلائي کان محروم ٿيو اهو ئي محروم آهي.“

(سنّن نسائي ج 4 ص129)

## شياطين زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا آهن

**حضرتِ** سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، شافعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ” جڏهن رمضان ايندو آهي تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن.“ (صحيح البخاري ج اول ص626 حديث 1899) ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ دوزخ جا دروزا بند ڪيا ويندا آهن

شياطين زنجيرن ۾ جڪڙيا ويندا آهن. هڪ روايت ۾ آهي تہ رحمت جا دروازا کوليا ويندا آهن. (صحيح مسلم ص 543 حديث 1079)

## شيطان قيد ۾ هجڻ جي باوجود گناهہ ڇو ٿيندا آهن؟

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان فرمائن ٿا: سچ هي آهي تہ **ماهِ رمضان** ۾ آسمانن جا دروازا بہ کُلندا آهن جن منجهان الله عَزَّوَجَلَّ جون خاص رحمتون زمين تي لهنديون آهن ۽ جنّتن جا دروازا بہ، جنهن جي سبب کان جنّت جي حورن ۽ غلمانن کي خبر پئجي ويندي آهي تہ دنيا ۾ **رمضان** اچي ويو ۽ اهي روزيدارن جي لاءِ دعائن ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. **ماهِ رمضان** ۾ واقعي دوزخ جا دروازا ئي بند ٿي ويندا آهن جنهن جي ڪري هن مهيني ۾ گناهگارن بلڪ ڪافرن جي قبرن تي بہ دوزخ جي گرمي ناهي پهچندي. اهو جيڪو مسلمانن ۾ مشهور آهي تہ **رمضان** ۾ قبر جو عذاب ناهي ٿيندو ان جو اهو ئي مطلب آهي ۽ حقيقت ۾ ابليس کي پنهنجي اولاد سميت قيد ڪيو ويندو آهي. **هن مهيني ۾ جيڪو بہ ڪو گناهہ ڪندو آهي اهو پنهنجي نفسِ اماره جي شرارت سبب ڪندو آهي نہ ڪو شيطان جي ورغلائڻ سان.** (مرآة المناجيح ج 3 ص 133)

## گناهن ۾ گهٽتائي تہ اچي ئي ويندي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بهرحال عام مشاهدو اهو ئي آهي تہ رمضان المبارڪ ۾ اسان جون مسجدون غير رمضان جي مقابلي ۾ وڌيڪ آباد ٿي ويندي آهن. نيڪيون ڪرڻ ۾ آساني رهندي آهي ۽ ايترو ضرور آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ گناهن جو سلسلو ڪجهہ

نہ ڪجھ گھٽ ٿي ويندو آهي.

## جيئن ئي شيطان آزاد ٿيندو آهي

**رمضان المبارڪ** جي موڪلاڻي ٿيندي ئي، شيطان آزاد ٿي ويندو آهي ۽ گناهن جو زور خوب وڌي ويندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن تہ ايتريقدر گناهن جي ڪثرت ٿي ويندي آهي جو اهي سينيما گهر جيڪي شايد سڄي سال ۾ ڪڏهن بہ نہ ڀرجندا هجن انهن تي بہ "هائوس فل" جو بورڊ لڳي ويندو آهي، پوري سال ۾ جن تماشن جا ميلا نہ لڳندا هئا اهي بہ عيد جي ڏينهن ضرور لڳي ويندا آهن. ڇڻ ائين معلوم ٿيندو آهي تہ هڪ مهيني جي قيد جي سبب شيطان وڏيڪ مچرجي چُڪو آهي ۽ رمضان جي مهيني جي سڄي ڪسر هو عيد جي ڏينهن ئي ڪڍڻ چاهي ٿو. سيئي تفريح گاهون بي پرده عورتن ۽ مردن سان ڀرجي وينديون آهن سيني ڊراما گاهن ۾ وڏي رش لڳل هوندي آهي بلڪ عيد جي لاءِ نيون نيون فلمون ۽ جديد ڊراما لڳايا ويندا آهن. آه! شيطان جي هٿان لاتعداد مسلمان رانديڪا بڻجي ويندا آهن پر ڪيئي خوش نصيب مسلمان اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان لاپرواهي ناهن ڪندا ۽ شيطان جي فريب کان محفوظ رهندا آهن.

## آتش پرست تي رحمت

**بُخارا** ۾ هڪ مجوسي (باهہ جو پوڄاري) رهندو هو هڪ ڀيري **رمضان شريف** ۾ هو پنهنجي پٽ سان گڏ مسلمانن جي بازار مان گذري رهيو هيو. ان جي پٽ ڪا شيءِ سرعام کائڻ شروع ڪئي. مجوسيءَ جڏهن هي ڏٺو تہ پنهنجي پٽ کي هڪ چماٽ وهائي ڪڍيائين ۽ خوب

ڇڙٻ ڏئي ڇيائين، توڪي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مسلمانن جي بازار ۾ ڪائيندي شرم نہ ٿو اچي؟ ڇوڪري وراڻيو بابا سائين اوهان بہ تہ رمضان شريف ۾ ڪائيندا آهيو. والد چيو، مان پنهنجي گهر ۾ لِڪي ڪري ڪائيندو آهيان، مسلمانن جي سامهون ناهيان ڪائيندو ۽ هن مبارڪ مهيني جي بي حرمتي ناهيان ڪندو. ڪجھ عرصي کان پوءِ ان شخص جو انتقال ٿي ويو. ڪنهن خواب ۾ ان کي جنّت ۾ گهمندي ڏٺو تہ حيرت مان پُڇيائينس، تون تہ مجوسي هُئين جنّت ۾ ڪيئن اچي وئين؟ چوڻ لڳو، ”واقعي آءٌ مجوسي هيس پر جڏهن موت جو وقت ويجهو آيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان جي احترام جي برڪت سان مون کي ايمان جي دولت سان ۽ مرڻ کان بعد جنّت سان سرفراز فرمايو.“**

(نزهة المجالس ج 1 ص 217)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رمضان المبارڪ ۾ علي الاعلان کائڻ جي دنياوي سزا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ رمضان جي مهيني جي تعظيم جي سبب هڪ آتش پرست کي الله عَزَّوَجَلَّ نہ رُڳو ايمان جي دولت سان نوازي ڇڏيو بلڪ ان کي جنّت جي لازوال نعمتن سان بہ مالامال فرمائي ڇڏيو. هن واقعي مان خاص طور تي اسان جي انهن اسلامي ڀائرن کي عبرت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي مسلمان هئڻ جي باوجود رمضان المبارڪ جو بلڪل احترام ناهن ڪندا. پهريان تہ اهي روزو ناهن رکندا ويتر چوري ۽ سينہ زوري اهڙي جو روزيدارن جي سامهون ئي سگريٽ جا ڪش لڳائيندا آهن، پان چباڙيندا آهن

ايسيتائين جو ڪي ته ايڏا بي ادب ۽ بي مُرَوَّت جو سرِعام پاڻي پيئندا بلڪ ڪاڏو ڪائيندي به ناهن شرمائيندا. ياد رکندا! فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص رمضان المبارڪ ۾ ڏينهن جي وقت بغير ڪنهن مجبوري جي، اعلانيه طور تي جاڻي واڻي ڪائي پيئي ان کي (بادشاهِ اسلام جي طرف کان) قتل ڪيو وڃي.“ (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 392)

## ڇا توهان کي مرڻو ناهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! خوب سوچيو!! جڏهن روزي خورن جي، دنيا ۾ ئي ايتريقدر سخت سزا تجويز ڪئي ويئي آهي (اها سزا صرف اسلام جو حاڪم ئي ڏئي سگهي ٿو) ته آخرت جي سزا ڪيتريقدر ڀوائتي ۽ تباه ڪندڙ هوندي؟ مسلمانو!هوش ۾ اچو!!ڪيستائين هن دنيا ۾ مزا ماڻيندؤ؟ ڇا توهان کي مرڻو ناهي؟ ڇا هن دنيا ۾هميشه اهڙيءَ طرح عيش ڪندا رهندؤ؟ ياد رکو!هڪ نه هڪ ڏينهن موت ضرور ايندو ۽ توهان جو حياتيءَ سان رشتو منقطع ڪري (يعني ٽوڙي) نرم ۽ فرحت بخش گاديلن کان ڪٽي مٽيءَ ۾ سمهاريندو. هر طرح جي فرحت بخش شين سان سجايل ڪمرن مان ڪڍي اونداهي قبرن ۾ پهچائي ڇڏيندو، پوءِ پڇتائڻ سان ڪجهه هٿ نه ايندو. هاڻي به موقعو آهي، گناهن کان سچي توبهه ڪري ونو ۽ روزي ۽ نماز جي پابندي اختيار ڪريو.

کرلے توبہ ربّ عَزَّوَجَلَّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** گناهن ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ماڻڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت بنهي ۾ سوڀ نصيب ٿيندي. توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ نهايت ئي خوشگوار ۽ خوشبودار **مدني بهار** توهان جي خدمت ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. جيئن ته

## سنتن ڀرئي بيانات جون برڪتون

**پاڪستان** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي حلفيه بيان جو خلاصو آهي: مان 1987 کان 1990 تائين هڪ سياسي پارٽيءَ سان وابسته رهيس. روز روز جي فسادن کان بيزار ٿي گهروارن مون کي پاڪستان کان ٻاهر موڪلڻ جو پڪو ارادو ڪيو. اهڙيءَ طرح 90.11.3 تي آءٌ سلطنت عمان جي گادي واري هنڌ **مسقط** جي هڪ گارمينٽ فيڪٽريءَ ۾ ملازم ٿي ويس. 1992 ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ ڪم جي سلسلي ۾ اسان جي فيڪٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيو. ان جي **انفرادي ڪوشش** سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻيس. فيڪٽريءَ جو ماحول تمام خراب هو، رُڳو اسان جي شعبي ڪي ئي وٺو ان ۾ آٺ يا نَوَ ٽيپ رڪارڊر هئا جن جي ذريعي مختلف زبانن، مثال طور اردو، پنجابي، پشتو ، هندي ۽ بنگالي وغيره ۾ بلند آواز سان گانا هلائڻ جو سلسلو رهندو هو. دعوتِ اسلامي واري **عاشقِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان گانن باجن کان نفرت ڪرڻ لڳس. گڏيل مشوري سان اسان بنهي مڪتبة المدينه تان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀرئي

بيانات جون ڪيسٽون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. شروع ۾ ڪجھ ماڻهن اسان جي مخالفت به ڪئي پر اسان همت نه هاري. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀرئي بيانات هلائڻ جي برڪتن جو پاڻ مون تي به ظهور ٿيڻ لڳو. بالخصوص، قبر کی پہلی رات، نیرنگیءِ دنیا، بدنصیب دولہا، قبر کی پکار اور تین قبریں نالي بيانات مون کي ڪَنبائي ڇڏيو، (هي تمام بيانات پنهنجي پنهنجي شهر جي مڪتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي طلب ڪري سگهجن ٿا.) آخرت جي تياري جي مدني سوچ ملي ۽ منهنجي دل گناهن کان نفرت ڪرڻ لڳي. انهيءَ دؤران ڪجھ ٻيا ماڻهو به سنّتن ڀرئي بيانات کان متاثر ٿي ويجهو اچي ويا. جنهن اسان جي دلين ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو هو، اهو عاشقِ رسول ملازمت ڇڏي پاڪستان موٽي ويو. اسان پاڪستان مان سنّتن ڀرئي بيانات جون 90 ڪيسٽون گهرايون. پهريان اسان جي فيڪٽريءَ ۾ رُڳو 50 يا 60 نمازي هئا بيانات ٻُڌي ٻُڌي ڪري نمازين جو تعداد وڌندو وڌندو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 200 کان 250 تي ويو. اسان ملي ڪري 400 واٽ جو قيمتي اسپيڪر خريد ڪري پنهنجي منزل جي ديوار تي نصب ڪري ورتو ۽ ڊوم ڊام سان ڪيسيٽون هلائڻ لڳاسين روزانو صبح 7 کان 8 بجي ڪلام پاڪ جي تلاوت جي ڪيسيٽ، 8 کان 9 تائين نعت شريف ۽ 9 کان 10 تائين سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ هلائڻ جو معمول بڻائي ورتو. هوريان هوريان اسان وٽ 500 ڪيسيٽون جمع ٿي ويون . مون سميت پنجن اسلامي ڀائرن پنهنجو پاڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مسجد ۾ درس جو آغاز ٿي ويو. پوءِ آهستي آهستي اسان جي فيڪٽريءَ ۾ هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع

شروع ٿي ويو، اجتماع ۾ اٽڪل 250 اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا هئا، **مدرسة المدينه** (براءِ بالغان) بہ قائم ٿي ويو. سنّتن جون بهارون اچڻ لڳيون، ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن پنهنجي چهري تي **مدني آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي مبارڪ سجائي ورتي. 20 کان 25 اسلامي ڀائرن جي مٿي تي **عمامن** جا تاج جرڪڻ لڳا. اسان جي فيڪٽري جو مينيجر شروع ۾ ڪيسيٽون هلائڻ وغيره کان منع ڪندو رهيو پر بيانات جي ڪيسيٽن جو آواز ان جي ڪنن ڪي بہ فيضياب ڪندو رهيو ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آخرڪار اهو بہ متاثر ٿي ويو نہ رُڳو متاثر ٿيو بلڪ نمازي بہ بڻجي ويو ۽ هڪ مٺ ڏاڙهي بہ سجائي ڇڏيائين.

اسلامي ڀاءُ جو وڌيڪ بيان آهي، هاڻي مان واپس پاڪستان اچي چڪو آهيان ۽ هي واقعو بيان ڪرڻ وقت باب المدينه ڪراچي جي هڪ ڊويزن جي مُشاورت جي **خادم** (نگران) جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت لاءِ ڪوشان آهيان. جيئن تہ **مڪتبة المدينه** تان جاري ٿيڻ وارن سنّتن ڀرئي بيانات جي ڪيسيٽن منهنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو آهي تنهنڪري منهنجي خواهش آهي تہ هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنّتن ڀرئي بيان جي يا **مدني مذاڪري** جي ڪيسيٽ ٻڌڻ جو معمول بڻائي، اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ اُهي برڪتون ملنديون جو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! مڪتبة المدينه تان جاري ڪيل بيانات جون ڪيسيٽون ٻڌڻ جون بہ ڪيڏيون نہ برڪتون آهن! هي سڀ مقدر وارن جا سودا آهن نہ تہ بيشمار افراد اهڙا بہ ڏٺا ويندا

آهن جو اهي سالن کان سنّتن پرئي اجتماع ۾ حاضر ٿيندا آهن پر متن مدني رنگ ناهي چڙهي سگهندو. شايد ان جو هڪ وڏو سبب هي به آهي ته اهي ويهي ڪري توجهه سان بيان ناهن ٻڌندا. لاپرواهيءَ سان هيڏي هوڏي ڏسندي يا ڳالهيون ڪندي ٻڌڻ سان بيانات جون برڪتون ڪٿان ملنديون! لاپرواهيءَ سان نصيحت ٻڌڻ ڪافرن جي صفت آهي مسلمانن کي هن حرڪت کان بچڻ ضروري آهي جيئن 17 هين سيپاري سُوْرَةُالْاَنْبِيَآءِ جي آيت نمبر 2 ۽ 3 ۾ رب العزّت جو ارشادِ پاڪ آهي:

مَا یَاْتِیْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَ هُمْ یَلْعَبُوْنَۙ(۲) لَاهِیَةً قُلُوْبُهُمْؕ

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انهن جي رب وٽان انهن وٽ ڪا نئين نصيحت اچي ٿي ته ان کي نٿا ٻُڌن پر راند ڪندي، انهن جون دليون راند جي غفلت ۾ آهن.

**تنهنڪري ڌيان سان سنّتن پرئي بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ جي ترڪيب بڻايو.**

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي اهي برڪتون نصيب ٿينديون جو توهان حيران رهجي ويندؤ.[1]

## سڄي سال جون نيڪيون برباد

**حضرتِ سيِّدُنا عبدالله ابن عباس** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا **کان مروي آهي ته الله** عَزَّوَجَلَّ **جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو**

[1](سنّتن پرئي بيانات جي ڪيسيٽن جي برڪتن جي تفصيلات ڄاڻڻ لاءِ "بیانات کی کیسٹوں کی کرشمے" نالي رسالو مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪندا. **مجلس مڪتبة المدينه**

فرمانِ عاليشان آهي: ”بيشڪ جنّت رمضان جي مهيني جي لاءِ هڪ سال ڪان ٻئي سال تائين سجائي ويندي آهي، پوءِ جڏهن رمضان جو مهينو ايندو آهي تہ جنّت چوندي آهي،“ اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي هن مهيني ۾ پنهنجي ٻانهن مان (منهنجي اندر) رهڻ وارا عطا فرماءِ ۽ وڏين اکين واريون حورون چونديون آهن، ”اي الله عَزَّوَجَلَّ هن مهيني ۾ اسان کي پنهنجي ٻانهن مان مڙس عطا فرماءِ.“ پوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن هن مهيني ۾ پنهنجي نفس جي حفاظت ڪئي، جو نہ ئي ڪا نشو ڏيندڙ شيءِ واپرايائين ۽ نہ ئي ڪنهن مومن تي **تهمت** لڳايائين ۽ نہ ئي هن مهيني ۾ ڪو **گناهہ** ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ هر رات جي بدلي ان جو سؤ **حورن** سان نڪاح فرمائيندو ۽ ان جي لاءِ **جنّت** ۾ سون، چاندي، ياقوت ۽ زمرد جو اهڙو محل ٺاهيندو جو جيڪڏهن سڄي دنيا جمع ٿي وڃي ۽ هن محل ۾ اچي وڃي تہ هن محل جي ايتري ئي جڳهہ والاريندي جيترو ٻڪرين جو هڪ واڙو دنيا ۾ جڳهہ والاريندوآهي، ۽ **جنهن هن مهيني ۾ ڪا نشي واري شيءِ پيتي يا ڪنهن مؤمن تي بهتان هنيو يا هن مهيني ۾ ڪو گناهہ ڪيائين تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ان جي هڪ سال جا اعمال برباد فرمائي ڇڏيندو.**

بس توهان رمضان جي مهيني (جي حق) ۾ ڪوتاهي ڪرڻ کان ڊڄو، ڇو تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. الله تعالیٰ توهان جي لاءِ يارهن مهينا ڪري ڇڏيا تہ ان ۾ نعمتن مان مزا ماڻيو ۽ لذت حاصل ڪريو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ مهينو خاص ڪري ڇڏيو آهي سو توهان ماهِ رمضان جي مُعاملي ۾ ڊڄو.“ (المعجم الاوسط ج 2 ص 414 حديث 3688)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جتي ماهِ رمضان المبارڪ جي تعظيم ڪرڻ وارن جي لاءِ اخروي انعامن ۽ اڪرامن جون بشارتون آهن اتي هن مبارڪ مهيني جي ناقدري ڪندي هن ۾ گناهہ ڪرڻ وارن جي لاءِ وَعيدون بہ آهن. هن حديثِ پاڪ ۾ نشي واري شيءِ واپرائڻ ۽مؤمن تي بهتان هڻڻ جو خصوصيّت سان ذڪر آهي. ياد رکندا! شراب اُمُّ الخَبائِث (يعني بُراين جي ماءُ آهي) ان جو پيئڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪا شيءِ وڏيڪ مقدار ۾ نشو ڏئي ان جو ٿورڙو مقدار بہ حرام آهي .“ (سنّن ابوداود ج 3 ص 459 حديث 3681)

## دوزخين جو رت ۽ پونِ

مؤمن تي بهتان هڻڻ بہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو ڪنهن مؤمن جي باري ۾ اهڙي شيءِ چوي جيڪا ان ۾ نہ هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (بهتان هڻندڙ) کي ان وقت تائين ”ردغة الخبال“ ۾ رکندو جيستري تائين جو اهو پنهنجي چيَل ڳالھ مان نڪري وڃي.
(سنّن ابوداود ج 3 ص 427 حديث 3597)

”ردغة الخبال“ جهنّم ۾ اها جاءِ آهي جتي دوزخين جو رت ۽ پونِ جمع ٿيندي آهي. (مرآة المناجيح ج 5 ص 313) ان جي تحت مُحَقّق عَلَي الِاطلاق حضرت شاهہ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: ” ايتري تائين جو اهو پنهنجي چيل ڳالھ مان نڪري وڃي.“ مراد هي آهي تہ ” ان گناهہ کان توبھ جي ذريعي يا جنهن عذاب جو اهو حقدار تي چُڪو آهي ان کي پوگِڻ کان پوءِ پاڪ ٿي وڃي.“ (اشعة اللمعات ج 3 ص 290)

## رمضان ۾ گناھ ڪرڻ وارو

سيّدتُنا اُمّ هاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”منهنجي امت ذليل ۽ خوار نہ ٿيندي جيستائين اها ماهِ رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي.“ عرض ڪيو ويو يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون، ”هن مهيني ۾ سندن حرام ڪمن جو ڪرڻ“ پوءِ فرمايائون، جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪيو يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين الله عَزَّوَجَلَّ ۽ جيترا آسماني فرشتا آهن سڀئي ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن هي شخص ايندڙ ماهِ رمضان کي حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي مري ويو تہ وٽس ڪا اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا کيس جهنّم جي باھ کان بچائي سگهي. سو توهان ماهِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو تہ جهڙيءَ طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آهن تهڙيءَ طرح گناهن جو بہ مُعاملو آهي.“ (المعجم الصغير للطبراني ج 9 ص 60 حديث 1488)

تُوۡبُوۡا اِلَی اللّٰہ! اَسۡتَغۡفِرُاللّٰہ

## بي قدرؤ خبردار!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنبي وڃو!ماهِ رمضان جي بيقدريءَ کان بچڻ لاءِ خصوصيّت سان اهتمام ڪري وٺو. هن مبارڪ مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ جهڙيءَ طرح نيڪيون وڌايون وينديون آهن تهڙيءَ طرح ٻين مهينن جي مقابلي ۾ گناهن جون هلاڪتون بہ وڌي وينديون

آهن. **ماهِ رمضان** ۾ شراب پيئڻ وارو ۽ زنا ڪرڻ وارو تہ اهڙو بدنصيب آهي جو ايندڙ رمضان کان پهريان پهريان مري ويو تہ هاڻي وٽس ڪا نيڪي اهڙي نہ هوندي جيڪا کيس جهنم جي باھ کان بچائي سگهي. **ياد رهي!** اکين جو زنا بدنگاهي، هٿن جو زنا ڌاري عورت کي، (يا شهوت سان اَمرَد يعني خوبصورت ڇوڪر) کي ڇُهڻ آهي، انهيءَ کري خبردار! خبردار! خبردار! **ماهِ رمضان** ۾ خصوصي طور تي پنهنجو پاڻ کي بدنگاهي ۽ اَمرَد کي ڏسڻ کان بچايو. جيترو ٿي سگهي "اکين جو قفلِ مدينه" لڳائي ڇڏيو يعني نگاهون هيٺ رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريو. افسوس! صد هزار افسوس! ڪڏهن تہ نمازي ۽ روزيدار بہ ماهِ رمضان جي بي حرمتي ڪري قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار جو شڪار ٿي عذابِ نار ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن.

## دل تي ڪارو نقطو

**حديثِ مبارڪ** ۾ اچي ٿو، "جڏهن ڪو انسان گناھ ڪندو آهي تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو نقطو بڻجي ويندو آهي، جڏهن ٻئي ڀيري گناھ ڪندو آهي تہ ٻيو ڪارو نقطو بڻجي ويندو آهي ايستائين جو ان جي دل ڪاري ٿي ويندي آهي. نتيجي ۾ ڀلائيءَ جي ڳالھ سندس دل تي اثر انداز ناهي ٿيندي. (الدرالمنثور ج 8 ص 446)

**هاڻي** ظاهر آهي جنهن جي دل ئي زنگجي خراب ۽ ڪاري ٿي چُڪي هجي ان تي ڀلائيءَ جي ڳالھ ۽ نصيحت ڪٿي اثر ڪندي؟ ماهِ رمضان هجي يا غيرِ رمضان اهڙي انسان جو گناهن کان پري ۽ بيزار رهڻ نهايت ئي ڏکيو ٿي ويندو آهي. ان جي دل نيڪيءَ جي طرف مائل

ئي ناهي ٿيندي. جيڪڏهن هُو نيڪيءَ جي طرف اچي بہ ويو تہ اڪثر ان جي دل انهيءَ ڪاراڻ جي سبب نيڪيءَ ۾ ناهي لڳندي ۽ هُو سنّتن ڀريئي مدني ماحول مان ڀَڄڻ جون تدبيرون ئي سوچيندو آهي. ان جو نفس ان کي ڊگهيون اميدون ڏياريندو آهي، غفلت ان کي گهيرو ڏيندي آهي ۽ اهو بدنصيب سنّتن ڀريئي مدني ماحول کان پري وڃي پوندو آهي. **ماهِ رمضان** جون مبارڪ گهڙيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پوريون پوريون راتيون اهڙو شخص راند روند، ڳانن باجن، تاس ۽ شطرنج، گپ شپ وغيره ۾ برباد ڪندو آهي.

## دل جي ڪاراڻ جو علاج

هن قلبي ڪاراڻ جو علاج ضروري آهي ۽ هن جي علاج جو هڪ اثرائتو ذريعو ڪامل پير بہ آهي. يعني ڪنهن اهڙي بزرگ جي هٿ ۾ هٿ ڏنو وڃي جيڪو پرهيزگار ۽ سنّتن جو پيروڪار هجي، جنهن جي زيارت خدا ۽ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ڏياري، جنهن جون ڳالهيون صلوٰة و سنّت جو شوق اڀارڻ واريون هجن. جنهن جي صحبت موت ۽ آخرت جي تياريءَ جو جذبو وڌائيندي هجي. جيڪڏهن خوش قسمتي سان اهڙو ڪامل پير هٿ اچي ويو تہ اِن شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ دل جي ڪاراڻ جو ضرور علاج ٿي ويندو. پر ڪنهن مُعَيَّن گناهگار مسلمان جي باري ۾ هي چوڻ جي اجازت ناهي تہ ان جي دل تي مهر لڳي ويئي يا ان جي دل ڪاري ٿي ويئي تڏهن تہ نيڪيءَ جي دعوت ان تي اثر نٿي ڪري. يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهہ تي قادر آهي تہ ان کي توبهہ جي توفيق عطا فرمائي جنهن سان هو حق ۽ سچ جي واٽ تي اچي وڃي. الله عَزَّوَجَلَّ

اسان جي دل جي ڪاراڻ کي ختم فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هڪ عبرت انگيز حڪايت پيش ڪريان ٿو انهيءَ ڪي پڙهندا ۽ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڪنبندا! خاص ڪري اهي ماڻهو هن حڪايت مان عبرت جو درس حاصل ڪن. جيڪي روزو رکڻ جي باوجود تاس، شطرنج، لُوڊو، وڊيو گيمز، فلمون ڊراما، گاناباجا وغيره وغيره بُرائين کان پري نہ ٿا رهن، جيئن تہ منقول آهي،

## قبر جو پيوائتو منظر!

هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وٺي ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پيَن. ڪين ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. سو بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. يا الله عَزَّوَجَلَّ هن ميّت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سندن التجا هڪدم ٻُڌي ويئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا. هينئر هڪ قبر جو پيوائتو منظر سندن آڏو هو. ڇا ٿا ڏسن تہ مُردو باهہ ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي:

يَاعَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِي النَّارِ وَحَرِيْقٌ فِي النَّارِ

**يعني:** ”يا علي! كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم مان باهہ ۾ ٻُڏل آهيان ۽ باهہ ۾ سڙي رهيو آهيان.“ قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي دردناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ

اللهُ تَعَالٰی وَجهَهُ الْكَرِيم پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي درٻار ۾ هٿ ڪنيائون ۽ نهايت ئي عاجزي سان ان ميّت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو ."اي علي (ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم) اوهان (ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم) هن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود هي شخص رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪندو هو. رمضان المبارڪ ۾ بہ گناهن کان ڪونہ مُڙندو هو. ڏينهن جو روزا تہ رکندو هو پر راتين جو گناهن ۾ مُبتلا رهندو هو. مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجهَهُ الْكَرِيم اِهو ٻُڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي. هن ٻانهي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آهي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي هن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، هن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ هن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم روئي روئي مُناجات ڪري رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي! (ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم) اسان تنهنجي شڪستہ دليءَ جي سبب هن کي بخشي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب ڪنيو ويو. (انيس الواعظين ص25)

کیوں نہ مشکل کُشا کہوں تم کو! تم نے بگڑی مری بنائی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُردن سان گفتگو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرالمؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم جي عظمت ۽ شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي! الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ قبر وارن سان گفتگو

فرمائي وڻندا هئا. هڪ ٻي **حڪايت** خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي جيئن تہ حضرت علامہ جلال الدين السيوطي الشافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى نقل ڪن ٿا، حضرتِ سيّدُنا سعيد بن مُسيَّب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”اسان اميرالمؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم سان گڏ قبرستان مان گذرياسين. حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمايو. اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ يَااَهْلَ الْقُبُوروَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ. توهان اسان کي پنهنجون خبرون ٻُڌايو ٿا يا اسان توهان کي پنهنجون خبرون ٻُڌايون؟ راوي چون ٿا تہ اسان هڪ قبر جي اندران آواز ٻُڌو وَعَلَيْكَ السَّلامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ **يا اَميرَالمؤمِنين** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم اوهان اسان کي ٻُڌايو تہ اسان کان پوءِ دنيا ۾ ڇا ٿيو؟ تہ پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايائون .”توهان جون گهرواريون نيون شاديون ڪري چُڪيون، توهان جا مال ورهائجي چُڪا، ۽ اولاد يتيمن جي ٽولي ۾ شامل آهي. اهي گهر جيڪي توهان پُختا نهرايا هئا انهن ۾ توهان جا دشمن آباد ٿي ويا. هاڻي توهان پنهنجو حال ٻُڌايو.“ تہ هڪ قبر مان آواز آيو، ڪفن ڦاٽي چُڪا، وار ڪندري ويا، کلون ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي ويون، اکيون ڳِڙن تي وهي پيون ۽ ناسن مان پونءِ وهي رهي آهي، جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي پيئي. جيڪو ڇڏي آياسين ان ۾ نقصان کنيوسين ۽ هينئر عملن جي بدلي گِروي آهيون. “ (يعني جن جا عمل سُٺا هوندا آخرت ۾ آسائش ماڻيندا ۽ بُري عملن وارا پنهنجي ڪئيءَ جو نتيجو ڀوڳيندا)

(شرح الصدور ص 209)

## رمضان جي راتين ۾ راندروند

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گذريل ٻنهي حڪايتن ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا بيشمار **مدني گل** آهن. زنده انسان خوب ڪُڌندو آهي پر جڏهن موت جو شڪار ٿي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي. ان وقت اکيون بند ٿيڻ بدران حقيقت ۾ کُلي وينديون آهن. سٺا اعمال ۽ خُداءِ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڏنل مال ته ڪم ايندو آهي پر جيڪو ڪجهه مال ۽ دولت پويان ڇڏي ايندو آهي. ان ۾ ڀلائي جو امڪان نه هئڻ جي برابر هوندو آهي. وارثن مان اميد گهٽ ئي هوندي آهي. جو اهي پنهنجي مرحوم عزيز جي آخرت جي بهتري جي لاءِ ڪثرت سان مال خرچ ڪن. بلڪ مرڻ وارو جيڪڏهن حرام ۽ ناجائز مال مثال طور گناهن جا اسباب جيئن موسيقيءَ جا اوزار، وڊيوگيمز جو دڪان، ميوزڪ سينٽر، سينما گهر، شراب خانو، جُوا جو اڏو ۽ ملاوٽ واري مال جو ڪاروبار وغيره پويان ڇڏيا ته ان جي لاءِ مرڻ کان بعد سخت ترين ۽ ناقابلِ تصوُّر نقصان آهي.” قبر جو ڀوائتو منظر“ نالي حڪايت ۾ رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪرڻ واري جو خوفناڪ انجام پيش ڪيو ويو آهي. ان مان عبرت جو درس حاصل ڪريو.

افسوس!صد افسوس! رمضان المبارڪ جي پاڪيزه راتين ۾ اسان جا ڪيترائي نوجوان محلي ۾ ڪرڪيٽ، فٽ بال وغيره رانديون ڪيڏندا آهن ۽ خوب هُل مچائيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي بدنصيب پاڻ ته عبادت کان محروم رهندا ئي آهن پر ٻين جي لاءِ به بيحد پريشانيءَ جو ڪارڻ بڻبا آهن. نه پاڻ عبادت ڪندا آهن ۽ نه ئي ٻين کي ڪرڻ ڏيندا

آهن. اهڙي قسم جون رانديون الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪرڻ واريون آهن. نيڪ ماڻهو تہ انهن راندين کان سدائين پري ئي رهندا آهن. پاڻ کيڏڻ تہ نهيو، اهڙيون رانديون ۽ تماشا ڏسندا بہ ناهن بلڪ ان قسم جي راندين جو اکين ڏٺو حال (Commentary) بہ ناهن ٻُڌندا. تنهن ڪري اهڙين حرڪتن کان هميشہ بچڻ گهرجي ۽ خاص طور تي **رمضان المبارڪ** جون بابرڪت گهڙيون تہ هرگز هرگز اهڙيءَ طرح برباد نہ ڪرڻ گهرجن.

## روزي ۾ وقت ”پاس“ ڪرڻ جي لاءِ--------

**ڪافي** نادان اهڙا بہ ڏٺا ويندا آهن جيڪي جيتوڻيڪ روزو تہ رکندا آهن پر پوءِ انهن ويچارن جو وقت ”پاس“ ناهي ٿيندو. تنهن ڪري اهي بہ رمضان شريف جي احترام کي هڪ طرف رکي حرام ۽ ناجائز ڪمن جو سهارو وٺي ڪري وقت ”پاس“ ڪندا آهن ۽ ائين **رمضان شريف** ۾ شطرنج، تاس، لودو، گانن باجن وغيره ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. **ياد رکندا!** شطرنج ۽ تاس وغيره تي ڪنهن قسم جي بازي يا شرط نہ بہ لڳائي وڃي تڏهن بہ اهي رانديون ناجائز آهن. بلڪ تاس ۾ جيئن تہ جاندارن جون تصويرون بہ هونديون آهن. ان لاءِ منهنجي آقا، اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تاس کيڏڻ کي قطعي طور تي حرام لکيو آهي. جيئن تہ فرمائن ٿا، گنجفه (پتن جي ذريعي کيڏي ويندڙ هڪ راند ۽) تاس حرامِ مُطلق آهن جو انهن ۾ لهو و لَعِب کان علاوه تصويرن جي تعظيم آهي.

(فتاوىٰ رضويه ج 24 ص 141)

## افضل عبادت ڪهڙي؟

**اي جنّت جا طلبگار روزيدار اسلامي ڀائرو!** رمضان المبارڪ جي مقدس گهڙين کي فضوليات ۽ بيهودگين ۾ برباد ٿيڻ کان بچايو! زندگي تمام مختصر آهي ان کي غنيمت ڄاڻيو، تاس جي پَتن ۽ فلمي گانن جي ذريعي وقت ”پاس“ (بلڪ برباد) ڪرڻ بدران قرآن شريف جي تلاوت ۽ ذڪر و درود ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش فرمايو. بُک ۽ اڃ جي شدت جيتري قدر زياده محسوس ٿيندي، صبر ڪرڻ تي اِن شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ثواب به اوترو قدر وڌيڪ ملندو. جيئن منقول آهي، ”اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا “يعني افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) گهڻي آهي.“ (ڪشف الخفاء و مزيل الالباس ج1 ص141 حديث 459) امام شرف الدين نَوَوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا:”يعني عبادتن ۾ تڪليف ۽ خرچ زياده ٿيڻ سان ثواب ۽ فضيلت زياده ٿي ويندي آهي. (شرح صحيح مسلم للنووي ج 1 ص 390) حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو فرمانِ معظم آهي، ”دنيا ۾ جيڪو نيڪ عمل جيڏو ڏکيو هوندو قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پلڙي ۾ اوترو ئي وڌيڪ وزن دار ٿيندو.“ (تذڪرة الاولياء ص 95)

هنن روايتن مان صاف ظاهر ٿيو ته اسان جي لاءِ روزو رکڻ جيترو ڏکيو ۽ بدڪار نفس جي لاءِ جيڏو اڻوڻندڙ هوندو، اِن شآءَاللہ الغفار عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن عمل جي تارازيءَ ۾ اوترو ئي وڌيڪ وزندار ٿيندو.

## روزي ۾ گهڻو سمهڻ

حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا، ”روزيدار جي لاءِ سنّت هي آهي ته ڏينهن

جي وقت گهٽي دير تائين نہ سمهي بلڪ جاڳندو رهي تہ جيئن بُک ۽ ضعف (يعني ڪمزوري) جو اثر محسوس ٿئي.“(ڪيمياءِ سعادت ص 185)

(جيتوڻيڪ افضل گهٽ سمهڻ ئي آهي وري بہ جيڪڏهن ضروري عبادتن کان علاوه ڪو شخص سُتل رهي تہ گناهگار نہ ٿيندو)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صاف ظاهر آهي تہ جيڪو سڄو ڏينهن روزي ۾ سمهي وقت گذاري ڇڏي ان کي روزي جي خبر ئي ڇا پوندي؟ ٿورو سوچيو تہ سهي! حجة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي تہ گهٽي سمهڻ کان بہ منع فرمائن ٿا جو اهڙيءَ طرح سان بہ وقت فالتو”پاس“ ٿي ويندو، تہ جيڪي ماڻهو راند تماشن ۽ حرام ڪمن ۾ وقت برباد ڪندا آهن اهي ڪيتريقدر محروم ۽ بدنصيب آهن. هن مبارڪ مهيني جو قدر ڪريو. ان جو احترام ڪريو. هن ۾ خوش دلي سان روزا رکو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو راضپو حاصل ڪريو.

اي اسان جا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ فيضانِ رمضان سان هر مسلمان کي مالامال فرماءِ. هن مبارڪ مهيني جو اسان کي قدر ۽ عزّت نصيب ڪر ۽ هن جي بي ادبيءَ کان بچاءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ جي احترام جو دل ۾ جذبو وڌائڻ، ان جون خوب برڪتون ماڻڻ، ڪوڙ ساريون نيڪيون ڪمائڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول کي اپنائڻ ۽ **عاشقانِ رسول** سان سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن ڀريو سفر فرمائڻ جي سعادت حاصل ڪريو. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ اهي فائدا

حاصل ٿيندا جو توهان جو عقل حيران رهجي ويندو. هڪ عاشقِ رسول جو روح پرور واقعو ٻڌندا ۽ جهومندا جيئن تہ........

## روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو انعام

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي **مدني انعامات** سان پيار آهي ۽ روزانو **فڪرِ مدينہ** ڪرڻ جو منهنجو معمول آهي هڪ ڀيري آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي** سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ بلوچستان جي سفر تي هيس. انهيءَ دوران مون گناهگار تي ڪرم جو دروازو کُلي ويو. ٿيو هيئن تہ رات جو جڏهن سُتس تہ قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، **جناب رسالتِ مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، اجان جلون ۾ ئي گم هيس تہ لب مبارڪن کي جنبش تي ۽ رحمت جا گل چڻجڻ لڳا لفظن ڪجهہ هن طرح ترتيب ماڻي، جيڪي مدني قافلي ۾ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندس

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰے
کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فڪرِ مدينہ ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!! مسلمانن جي دنيا ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ سوالنامي جي صورت ۾ اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ديني شاگردن جي لاءِ 92 ۽ ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83 جڏهن تہ مدني مُنَنّ ۽ مُنّين جي لاءِ 40 **مدني انعامات** پيش ڪيا ويا آهن. **مدني**

**انعامات** جو ڪارڊ مڪتبة المدينه تان ملي سگهي ٿو. روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي ان کي پري ڪري مدني مهيني جي 10 هين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻو هوندو آهي. پنهنجي گناهن جو احتساب ڪرڻ، قبر و حشر جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ پنهنجي چڱن ۽ بُرن ڪمن جو جائزو وٺندي **مدني انعامات** جو ڪارڊ پرڻ کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ "**فڪرِ مدينه**" ڪرڻ چوندا آهن. توهان بہ ڪارڊ حاصل ڪري وٺو جيڪڏهن في الحال پرڻ نٿا چاهيو تہ نہ سهي، ايترو تہ ڪريو جو وليءِ ڪامل، عاشقِ رسول، **اعليٰ حضرت** امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي پنجويهين شريف جي نسبت سان روزانو گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪنڊن جي لاءِ ان کي ڏسي وٺو. اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏسڻ سان پڙهڻ ۽ پڙهندو رهڻ سان **فڪرِ مدينه** ڪرڻ ۽ هن ڪارڊ کي پرڻ جو ذهن بڻبو ۽ جيڪڏهن پرڻ جو معمول بڻجي ويو تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندا.

مَدَنی انعامات پہ کرتا ہے جو کوئی عمل
مغفرت کر بے حساب اس کی خدائے لم یزل

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# روزن جا احڪام[1] (حنفي)

## دُرود شريف جي فضيلت

**حضرت سيّدُنا شيخ احمد بن منصور** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفُوۡر **جڏهن** فوت ٿيا تہ شيراز وارن مان ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ اهي شيراز جي جامع مسجد جي محراب ۾ بيٺا آهن ۽ ڪين بهترين جنّتي لباس پهريل آهي ۽ مٿي تي موتين وارو تاج سجايل آهي. خواب ڏسڻ واري حال دريافت ڪيو تہ وراڻيائون:" **الله تعاليٰ** مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون تي ڪرم فرمايو ۽ مون کي تاج پهرائي جنّت ۾ داخل ڪيو." ان پُڇيو، ڪهڙي سبب ڪان؟ فرمايائون،" آءُ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو هئس ۽ اهو ئي عمل ڪم اچي ويو." اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِين . **(القول البديع ص 254)**

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**الله تبارڪ وتعاليٰ** جو ڪيڏو وڏو ڪرم آهي جو ان اسان تي ماهِ رمضان المبارڪ جا روزا فرض ڪري اسان جي لاءِ پرهيزگاري ۽ پنهنجي راضپي جو سامان فراهم ڪيو. الله عَزَّوَجَلَّ بيئين سيپاري ۾ سُوۡرَةُ الۡبَقَرَة جي آيت 183 کان 184 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:-

[1] فيضانِ سنّت ۾ هر جڳهہ تي مسائل فقه حنفي جي مطابق ڏنا ويا آهن. تنهن ڪري شافعي، مالڪي، حنبلي اسلامي ڀائر فقهي مسائل جي معاملي ۾ پنهنجي پنهنجي علماءِ ڪرام سان رجوع ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَ عَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَ اَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾

ترجمو ڪنزلايمان: اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا. من اوهان پرهيزگار ٿيو، ڳڻيل ڪجهه ڏينهن آهن، سو اوهان مان جيڪو بيمار يا سفر ۾ هجي تہ اوترا روزا ٻين ڏينهن ۾ رکي ۽ جن کي روزن رکڻ جي طاقت نہ هجي، اهو هڪ مسڪين جو کاڌو فديو ڏئي پوءِ جيڪو پاڻ ئي وڌيڪ نيڪي ڪري تہ اهو ان لاءِ ڀلو آهي ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ روزو رکڻ اوهان لاءِ وڌيڪ ڀلو آهي.

## روزو ڪنهن تي فرض آهي؟

**توحيد** ۽ رسالت جو اقرار ڪرڻ ۽ تمام ضرورياتِ دين تي ايمان آڻڻ کان پوءِ جهڙيءَ طرح هر مسلمان تي نماز فرض قرار ڏني وئي آهي، اهڙيءَ طرح **رمضان شريف جا روزا** بہ هر مسلمان (مرد ۽ عورت) **عاقل و بالغ تي فرض** آهن. دِرِ مختار ۾ آهي، روزا 10 شعبان المعظم 2 هه ۾ فرض ٿيا.

(دِرِ مختار مع ردالمحتارج 3ص330)

## روزا فرض ٿيڻ جو سبب

**اسلام** ۾ اڪثر اعمال ڪنهن نہ ڪنهن روح پَرَوَر واقعي جي ياد تازي ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن مثال طور: **صفا** ۽ **مَروَه** جي وچ ۾ حاجين جي سعي حضرتِ سيّدتنا **هاجره** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي يادگار آهي. **پاڻ** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجي لختِ جگر حضرتِ سيّدُنا **اسماعيل ذبيح الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خاطر پاڻي تلاش ڪرڻ جي لاءِ انهن ٻنهي

پهاڙن جي وچ ۾ ست ڀيرا گهميون ۽ ڊوڙيون هيون. الله عَزَّوَجَلَّ کي حضرتِ سيّدتنا هاجره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اها ادا پسند اچي ويئي. تنهن ڪري انهيءَ بيبي هاجره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سنّت کي الله عَزَّوَجَلَّ باقي رکندي حاجين ۽ عمري ڪرڻ وارن جي لاءِ صفا ۽ مروه جي سعي کي واجب ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ماهِ رمضان المبارڪ مان ڪجهه ڏينهن اسان جي پياري سرڪار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غارِ حرا ۾ گذاريا هئا، انهيءَ دوران پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏينهن جو کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا ۽ رات جو **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول رهندا هئا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن ڏينهن جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ روزا فرض ڪيا ته جيئن سندس محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت قائم رهي.

## انبياءِڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام جا روزا

روزو گذريل امتن ۾ به هو پر ان جي صورت اسان جي روزن کان مختلف هئي. روايتن مان خبر پوي ٿي ته ”حضرتِ سيّدُنا **آدم صَفِيُّ الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام 13،14،15 تاريخ تي روزو رکيو.“

**(ڪنزالعمال ج8 ص258 حديث 24188)**

”**حضرتِ سيّدُنا نوح نَجِيُّ الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام هميشه روزيدار رهندا هئا.“ **(ابنِ ماجه ج 2 ص333 حديث 1714)**

”**حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام هميشه روزا رکندا هئا ڪڏهن به نه ڇڏيندا هئا.“ **(ڪنز العمال ج 8 ص304 حديث 24624)**

”**حضرتِ سيّدُنا داود** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا.“ **(صحيح مسلم ص584 حديث 1189)**

**حضرت سيّدُنا سليمان** عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي ڏينهن مهيني جي شروع ۾ ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ (يعني مهيني ۾ 9 ڏينهن روزا رکندا هئا). **(ڪنز العمال ج 8 ص 304 حديث 24624)**

## روزيدار جو ايمان ڪيڏو نہ پختو آهي!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سخت گرمي آهي. اڄ ڪان نِڙي سُڪي ڇُڪي آهي، چَپَ خشڪ ٿي ويا آهن، پاڻي تہ موجود آهي پر روزيدار ان جي طرف ڏسي ئي ڪونہ ٿو، کاڌو بہ موجود آهي، بُک جي شدت سبب حال هيٺو آهي پر هو کاڌي ڏانهن واجهائي بہ ڪونہ ٿو. اوهان اندازو فرمايو، ان شخص جو خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ تي ڪيڏو نہ **پُختو ايمان** آهي جو تہ هُو ڄاڻي ٿو تہ هن جي حرڪت سڄي دنيا کان تہ لِڪي سگهي ٿي پر الله عَزَّوَجَلَّ کان ڳجهي نہ ٿي رهي سگهي. الله عَزَّوَجَلَّ تي ان جو هي ڪامل يقين روزي جو عملي نتيجو آهي. ڇو تہ ٻيون عبادتون ڪنهن نہ ڪنهن ظاهري حرڪت سان ادا ڪيون وڃن ٿيون پر روزي جو تعلق باطن سان آهي ان جو حال الله عَزَّوَجَلَّ ڪانسواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي جيڪڏهن هُو لِڪي ڪري ڪائي پي وٺي تہ بہ ماڻهو تہ اهو ئي سمجهندا تہ هي روزيدار آهي. پر هُو رڳو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب ڪائڻ پيئڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائي رهيو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿي سگهي تہ پنهنجي ٻارڙن ۾ بہ جلدي جلدي روزو رکڻ جي عادت وجهو تہ جيئن اهي جڏهن بالغ ٿين تہ کين روزو رکڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. جيئن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا. ”ٻار جي عمر ڏهہ سالن جي ٿي وڃي ۽ ان ۾ روزو رکڻ

جي طاقت هجي تہ ان کي رمضان المبارڪ ۾ روزو رکرايو وڃي. جيڪڏهن پوري طاقت هجڻ جي باوجود نہ رکي تہ ڪيس مار ڏئي رکرائجي. جيڪڏهن رکي ڪري ٽِيجي ڇڏي تہ قضا جو حڪم نہ ڏبو ۽ نماز ٽوڙي تہ ڪيس ٻيهر پڙهايو. (رد المحتار ج3 ص385)

## چار روزو رکڻ سان ماڻهو بيمار ٿي پوندو آهي؟

**ڪجهہ** ماڻهن ۾ هي تاثر ڏنو ويندو آهي تہ روزو رکڻ سان انسان ڪمزوريءَ جي ڪري بيمار ٿي پوندو آهي. جڏهن تہ ائين ناهي. الملفوظ حصي ٻئي ص 143 تي آهي، منهنجا آقا اعلیٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ارشاد فرمائن ٿا:”هڪ سال رمضان المبارڪ کان ٿورو عرصو پهريان منهنجا والد مرحوم حضرت رئيس المتڪلمين سيّدُنا و مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: پٽ! ايندڙ رمضان المبارڪ ۾ توهين سخت بيمار ٿي پوندؤ، پر خيال رکجو ڪو روزو قضا نہ ٿيڻ گهرجي. تنهن بعد پنهنجي والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ارشاد موجب واقعي رمضان المبارڪ ۾ آءُ سخت بيمار ٿي پيس. پر ڪو روزو نہ ڇڏيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! روزن جي ئي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ مون کي صحت عطا فرمائي ۽ صحت ڇو نہ ملي ها جو سيّد المحبوبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ بہ تہ آهي: ” صُوْمُوْا تَصِحُّوا يعني روزو رکو صحتياب ٿي ويندؤ“. (درِ منثورج 1 ص440)

## روزي سان صحت ملندي آهي

**امير المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا** ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان مروي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول،

رسولِ مقبول، سيّده آمنا جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو فرمانِ صحت نشان آهي، ” بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ بني اسرائيل جي هڪ نبي عَلَيْـهِ السَّـلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ توهان پنهنجي قوم کي خبر ڏيئي ڇڏيو تہ جيڪو بہ ٻانهو منهنجي راضپي لاءِ **هڪ ڏينهن جو** روزو رکندو آهي تہ مان ان جي **جسم کي صحت** بہ عطا فرمائيندو آهيان ۽ ان کي عظيم اجر بہ ڏيندس.

(شعب الايمان ج 3 ص 412 حديث 3923)

## معدي جي سوڄ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ احاديثِ مبارڪہ مان واضح ٿيو تہ روزو اجر ۽ ثواب سان گڏوگڏ **صحت** جي حصول جو بہ ذريعو آهي. هاڻي تہ سائنسدان بہ پنهنجي تحقيقات ۾ انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪرڻ لڳا آهن. جيئن تہ آڪسفورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر مُور پالڊ (Moore Palid) چوي ٿو تہ، ” مان اسلامي عُلوم پڙهي رهيو هئس، جڏهن روزي جي باري ۾ پڙهيم تہ اُڇرج ۾ پئجي ويس تہ اسلام پنهنجي مڃڻ وارن کي ڪيڏو نہ عظيم الشّان نسخو ڏنو آهي! مون کي بہ روزو رکڻ جو شوق ٿيو تنهن ڪري مون بہ مسلمانن جي طرز تي روزا رکڻ شروع ڪري ڏنا، ڪافي عرصي کان منهنجي معدي ۾ سوڄ هئي. ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ مون کي تڪليف ۾ گهٽتائي محسوس ٿي، مان روزو رکندو رهيس ايتري تائين جو هڪ مهيني ۾ منهنجو مرض بلڪل ختم ٿي ويو!“

## حيرت انگيز انڪشافات

**هالينڊ** جو پادري ايلف گال (Alf Gaal) چوي ٿو، مون شگر، **دل ۽ معدي** جي مريضن کي مسلسل 30 **ڏينهن روزا** رکرايا، نتيجو اهو نڪتو جو

شگر وارن جي شگر ڪنٽرول ٿي وئي، **دل جي مريضن** جي گھبراھٽ ۾ اُيساھي (يعني دم جي بيماريءَ) ۾ گھٽتائي ٿي ۽ **معدي جي** مريضن کي سيني ڪان وڏيڪ فائدو ٿيو. ھڪ انگريز ماھرِ نفسيات سِگمند فرائيڊ (Sigmend Fride) جو بيان آھي، روزي سان جسم جي آڪڙجڻ، ذھني ڊپريشن ۽ نفسياتي مرضن جو خاتمو ٿيندو آھي.

## ڊاڪٽرن جي تحقيقاتي ٽيم

**ھڪ** اخباري رپورٽ موجب جرمني، انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ماھر ڊاڪٽرن جي تحقيقاتي ٽيم رمضان المبارڪ ۾ پاڪستان آئي ۽ انھن باب المدينه **ڪراچي**، مرڪزالاولياء رَحِمَھُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی لاھور ۽ ديارِ محدثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه **سردار آباد** (فيصل آباد) جي چونڊ ڪئي. جائزي (Survey) ڪان پوءِ انھن ھيءَ رپورٽ پيش ڪئي، "جيئن ته مسلمان نماز پڙھندا آھن ۽ رمضان المبارڪ ۾ ان جي گھڻي پابندي ڪندا آھن، ان لاءِ وضو ڪرڻ سان E.N.T يعني نڪ، ڪن ۽ ڳلي جي مرضن ۾ گھٽتائي واقع ٿي ويندي آھي ۽ پڻ مسلمان روزا رکڻ ڪري گھٽ کائيندا آھن انھيءَ ڪري معدي، جگر، دل ۽ اعصاب (يعني مَشڪُن) جي مرضن ۾ گھٽ مبتلا ٿيندا آھن".

## پيٽ پري کائڻ سان بيماريون پيدا ٿينديون آھن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حقيقت ۾ روزو رکڻ سان ڪو بيمار ناھي ٿيندو پر سحَري ۽ افطار ۾ بي احتياطين ۽ بد پرھيزين جي سبب ۽ پڻ بئي وقت خوب مُرغن (يعني تيل، گيھ وارين) غذائن جي استعمال ۽ سڄي رات وقفي

وقفي سان کائڻ پيئڻ جي ڪري روزيدار بيمار ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري سَحَري ۽ افطاري جي وقت کائڻ پيئڻ ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ رات جي وقت پيٽ ۾ ڪاڏي جو ايڏو ذخيرو نہ ڪيو وڃي جو سڄو ڏينهن اوڳرايون اينديون رهن ۽ روزي ۾ بُک ۽ اُڃ جو احساس ئي نہ رهي. ڇو جو جيڪڏهن بُک ۽ اُڃ جو احساس ئي نہ رهيو تہ پوءِ روزي جو لطف ئي ڪهڙو؟ روزي جو تہ مزو ئي ان ڳالهہ ۾ آهي جو سخت گرمي هجي، اُڃ جي شدت ڪان چَپَ سُڪي ويا هجن ۽ بُک جي ڪري حال هيٺو ٿي چُڪو هجي، اي ڪاش!مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي مني مني گرمي ۽ ٿڌي ٿڌي اُس جي ياد تازي ٿئي، ۽ اي ڪاش! ڪربلا جي تپندڙ صحرا ۽ گُلستانِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبودار نئين ٽِڙندڙ گلن، تن ڏينهن جي بُک ۽ اُڃ سبب تڙپندڙ ۽ سڏڪندڙ مديني جي ”حقيقي مدني مُنّن“ ۽ شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بُکايل ۽ اڃايل مظلوم شهزادن جي ياد تڙپائڻ لڳي ۽ جنهن وقت بُک ۽ اُڃ ڪجهہ وڌيڪ ئي ستائي ان وقت تسليم و رضا جي پيڪر، مديني جي تاجوَر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيٽ مبارڪ تي ٻَڌل بامقدر پٿر بہ ياد اچي وڃن تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! تنهن ڪري مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!واقعي روزا تہ ائين هئڻ گهرجن جو اسان پنهنجي آقائن ۽ سرڪارن جي خوبصورت يادن ۾ گم ٿي وڃون.

ڪيسے آقاؤں کا ہوں بندہ رضاؔ

بول بالے مِری سرکاروں کے (حدائق بخشش شریف)

## بغير آپريشن جي ولادت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي نورانيّت ۽ روحانيّت حاصل ڪرڻ ۽ مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول، سنّتن ڀريئي اجتماعات ۽ مدني قافلن جون بہ ڇا خوب بهارون ۽ برڪتون آهن. جيئن تہ حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: غالبًا 1998ع جو واقعو آهي، منهنجي گهر واري ”اميد“ سان هئي، ڏينهن بہ پورا ٿي ويا هئا. ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ شايد آپريشن ڪرڻو پوندو. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو بين الاقوامي **ٽن ڏينهن جو سنّتن ڀريو اجتماع** (صحراءِ مدينه ملتان) ويجهو هو. اجتماع کان پوءِ سنّتن جي تربيّت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جي منهنجي نيّت هئي. اجتماع جي لاءِ روانگيءَ جي وقت سامانِ قافله ساڻ کڻي اسپتال پهتس، جيئن تہ خاندان جا ٻيا ماڻهو بہ تعاون جي لاءِ موجود هئا. گهرواري روئڻهارڪي ٿي مون کي سنّتن ڀريئي اجتماع (ملتان) جي لاءِ الوداع ڪيو. منهنجو هي ذهن نهيل هو جو هينئر تہ مون کي بين الاقوامي سنّتن ڀريئي اجتماع ۽ پوءِ اتان کان 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ ضرور سفر ڪرڻو آهي جو ڪاش! ان جي برڪت سان عافيّت سان ولادت ٿي وڃي. مون غريب وٽ تہ آپريشن جو خرچ بہ نہ هو. بهرحال مان مدينة الاولياء **ملتان شريف** حاضر ٿيس

سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ خوب دعائون گهريم. اجتماع جي پڄاڻيءَ تي **رِقّت انگيز دعا** ڪانپوءِ مون گهر فون ڪئي ته منهنجي امڙ فرمايو، اوهان کي مبارڪ هجي!گذريل رات ربِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ **بغير آپريشن جي توهان کي چند جهڙي مدني مُنّي عطا فرمائي آهي**. مون خوشيءَ مان جُهومندي عرض ڪيو امان سائڻ! منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ اڃان يا 30 ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** جو مسافر ٿيان؟ امڙ فرمايو،"پٽ! ٻي فڪر تي مدني قافلي ۾ سفر ڪريو." پنهنجي **مدني منّيءَ** جي زيارت جي حسرت دل ۾ رکي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان روانو ٿيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان منهنجي مشڪل آسان ٿي ويئي هئي. **مدني قافلن جي بهارن** جي برڪت جي سبب گهر وارن جو تمام زبردست مدني ذهن بڻجي ويو، ايتري تائين جو منهنجي ٻارن جي ماءُ جو چوڻ آهي، جڏهن توهان **مدني قافلي** جا مسافر ٿيندا آهيو ته مان ٻارن سميت پنهنجو پاڻ کي محفوظ تصوُّر ڪندي آهيان.

آپریشن نہ ہو، کوئی اُلجھن نہ ہو غم کے سائے ڈھلیں، قافِلے میں چلو
بیوی بچّے سبھی،خوب پائیں خوشی خیریت سے رہیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گذريل گناهن جو ڪفارو

**حضرت** سيّدُنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته اسان جا مٺا مٺا آقا، مڪّي مدني مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:" جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان جي حدن کي سڃاتو ۽ جنهن شيءِ

ڪان بچڻ گهرجي ان ڪان بچيو تہ جيڪي (ڪجھ گناھ) پهريان ڪري چُڪو آهي انهن جو ڪفّارو ٿي ويو.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص183 حديث 3424)

## روزي جي جزا ڏيندو

حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ سلطانِ مدينه، سُرُورِ قلب وسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”ماڻهوءَ جي هر نيڪ ڪم جو بدلو ڏهن ڪان ست سوءَ پيرن تائين ڏنو ويندو آهي.“ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اِلَّا الصَّوْمَ فَاِنَّهٗ لِیْ وَاَنَا اَجْزِیْ بِهٖ ” روزي ڪانسواءِ جو روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ڏيندس. الله عَزَّوَجَلَّ جو وڌيڪ ارشاد آهي، ٻانهو پنهنجي خواهش ۽ کاڌي کي صرف منهنجي سبب ڪان ڇڏي ڏئي ٿو. روزيدار جي لاءِ ٻہ خوشيون آهن. هڪ افطار جي وقت ۽ هڪ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات جي وقت. روزيدار جي وات جي بوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو مُشڪ ڪان وڌيڪ پاڪيزه آهي.“ (صحيح مسلم ص580 حديث 1151)

وڌيڪ ارشاد آهي،” روزو سِپَر (يعني ڍال) آهي ۽ جڏهن ڪنهن جي روزي جو ڏينهن هجي تہ هُو نہ اڍنگو ڳالهائي ۽ نہ ئي رڙيون ڪري. پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ان کي گارگند ڪري يا وڙهڻ چاهي، تہ هُو ڪيس چوي ”مان روزيدار آهيان.“ (بخاري ج1 ص 624 حديث 1894)

## روزي جو خصوصي انعام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ ۾ روزي جون ڪيتريون ئي خصوصيّتون ارشاد فرمايون ويون آهن. ڪيڏي نہ پياري خوشخبري آهي ان روزيدار جي لاءِ جنهن اهڙيءَ طرح روزو رکيو جهڙي طرح

روزو رکڻ جو حق آهي. يعني کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان بچڻ سان گڏوگڏ پنهنجي سيني عضون کي بہ گناهن کان پري رکيائين تہ اهو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي لاءِ تمام پوئين گناهن جو ڪفارو ٿي ويو ۽ حديثِ مبارڪ جو هي فرمانِ عاليشان تہ خاص طور تي قابلِ تَوجُّھ آهي. جيئن تہ سرڪارِ نامدار، شفيع روز شمار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ خوشگوار ٻُڌائن ٿا:

فَاِنَّهٗ لِيْ وَاَنَا اَجْزِيْ بِهٖ "يعني روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا مان پاڻ ئي ڏيندس. حديثِ قدسي جي هن ارشاد پاڪ کي ڪجهہ محدثين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى "اَنَا اُجْزٰى بِهٖ" بہ پڙهيو آهي جيئن تہ **تفسيرِ نعيمي** وغيره ۾ آهي تہ پوءِ معنيٰ هيءَ ٿيندي، "**روزي** جي جزا مان پاڻ ئي آهيان". سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ يعني روزو رکي روزيدار پاڻ **الله تبارڪ و تعاليٰ** جي ذات کي ئي ماڻي وٺندو آهي.

## نيڪ اعمال جو بدلو جنت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم ۾ مختلف جڳهن تي بيان ٿيو آهي تہ جيڪو سٺا عمل ڪندو ان کي جنّت ملندي جيئن تہ **الله تبارڪ و تعاليٰ** 30 هين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ جي آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۞ جَزَآؤُهُمْ

ترجمو ڪنزالايمان : بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. اهي ئي سموري مخلوق ۾ بهتر آهن. انهن جو

عِنۡدَ رَبِّهِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِیَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾

انعام سندن رب وٽ ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. جن ۾ هميشه هميشه رهندا، الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا هي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي.

## غير صحابيءَ جي لاءِ
## ”رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ“ چوڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيءُ ڳالهه بلڪل غلط آهي تہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ چوڻ ۽ لکڻ صرف صحابيءَ جي نالي لاءِ مخصوص آهي. پيش ڪيل آيت جي هن آخري حصي: رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِیَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾ (ترجمو ڪنزالايمان: الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا. هي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي) هن عوامي غلط فهميءَ کي پاڙ کان پٽي ڇڏيو! خدا عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ واري هر مومن جي لاءِ هيءُ عاليشان خوشخبري ارشاد فرمائي وئي آهي تہ جيڪو بہ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو آهي اهو رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ جي گروهہ ۾ داخل آهي. هن ۾ صحابي ۽ غير صحابي جي ڪا تخصيص (يعني قيد) ناهي، **هر صحابي ۽ هر ولي جي لاءِ** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **لکڻ ۽ ڳالهائڻ بلڪل درست ۽ جائز آهي.** جنهن بہ ايمان جي حالت ۾ سرڪار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهريءَ ۾ سندن هڪ گهڙيءَ جي بہ صحبت ماڻي يا ڏٺو ۽ ان جو ايمان تي خاتمو ٿيو اهو **صحابي** آهي. وڏي کان وڏا ولي، **صحابيءَ** جي مرتبي کي نہ ٿا

حاصل ڪري سگهن، هر صحابي عادل ۽ قطعي جنّتي آهي. رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ڳالھ تہ ضمناً اچي وئي دراصل ٻڌائڻ جو مقصد هي هيو تہ نماز، حج، زڪوات، غريبن جي امداد، بيمارن جي عيادت، مسڪينن جي خبرگيري وغيره سيني سٺن عملن سان جنّت ملندي آهي. پر روزو اها عبادت آهي جنهن سان جنّت وارو يعني پاڻ ” مالڪ حقيقي عَزَّوَجَلَّ ئي ملي ويندو آهي.“ چون ٿا تہ

## مون کي موتين وارو گهرجي

هڪ ڀيري محمود غزنوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی کجھ قيمتي موتي پنهنجي آفيسرن آڏو اڇلائيندي فرمايو:” ميڙي وٺو ۽ پاڻ اڳتي هليا ويا. ٿورو اڳتي وڃڻ کان پوءِ ڪنڌ ورائي ڏٺائون تہ اياز گهوڙي تي سوار پويان اچي رهيو آهي. پڇيائون، اياز! ڇا تو کي موتي نہ گهرجن؟ اياز عرض ڪيو. ”عاليجاه! جيڪي موتين جا طالب هئا اهي موتي ميڙي رهيا آهن، مون کي تہ موتي نہ بلڪ موتين وارو گُهرجي.“

## اسان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم جا جنت رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم جي

ان سلسلي ۾ هڪ حديثِ مبارڪ بہ ملاحظہ فرمايو. حضرتِ سيّدُنا ربيعه بن ڪعب اسلمي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، هڪ ڀيري مون کي حضور، سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وضو ڪرايو تہ رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿي ڪري ارشاد فرمايو: سَلۡ رَبِیۡعَةُ ! يعني ربيعه! گهر ڇا ٿو گهرين؟ حضرت ربيعه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو. اَسۡئَلُکَ مُرَافَقَتَکَ فِی الۡجَنَّة يعني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت

۾ اوهان جي رفاقت (يعني پاڙو) گهرجي (چڻ تہ عرض ڪري رهيا هئا).

تجھ سے تجھی کو مانگ لوں تو سب کچھ مل جائے
سو سُوالوں سے یہی ایک سُوال اچّھا ہے

درياءِ رحمت ويتر جوش ۾ آيو ۽ فرمايائون " اَوَغَيْرَ ذٰلِکَ؟ يعني ڪجھ ٻيو گهرڻو اٿئي؟“ مون عرض ڪيو ”بس رُڳو اهو ئي.“(يعني يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جنّت الفردوس ۾ اوهان جو پاڙو گهرڻ کان پوءِ هاڻي دنيا ۽ آخرت جي ٻي ڪهڙي نعمت رهجي وڃي ٿي جيڪا گُهري وڃي!)

تجھ سے تُجھی کو مانگ کر مانگ لی ساری کائنات
مجھ سا کوئی گدا نہیں، تجھ سا کوئی سَخی نہیں

جڏهن حضرتِ سيِّدُنا ربيعہ بن ڪعب اسلمي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جنّت جي رفاقت (يعني پاڙو) طلب ڪري چُڪا ۽ وڌيڪ ڪنهن حاجت جي طلب کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ تي سرڪارِ ابدِ قرار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:”فَاَعِنِّيْ عَلٰى نَفْسِکَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْدِ“ يعني پنهنجي نفس مٿان سجدن جي ڪثرت (يعني زياده نفلن) ذريعي منهنجي مدد ڪر. (صحيح مسلم ص 253 حديث 489)

(يعني اسان توهان کي جنّت تہ عطا ڪري ئي ڇڏي هاڻي توهان بہ شڪراني جي طور تي نوافل جي ڪثرت ڪندا رهو.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو چاهيو گهري وٺو!

سبحٰن الله! سبحٰن الله! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! هن حديثِ مبارڪ ته ايمان ئي تازو ڪري ڇڏيو. حضرتِ سيِّدُنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرار قلب وسينه، فيض گنجينه، صاحب معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بنا ڪنهن تَقْيِيْد وتَخْصِيص مُطْلَقاً فرمائڻ، سَلْ؟ يعني گُهر ڇا ٿو گهرين؟ هن ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته سمورا ئي مُعاملات سَرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ ۾ آهن، جيڪو چاهين، جنهن کي چاهين، پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان عطا ڪري ڇڏين. علامه بوصيري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه **قصيده برده شريف** ۾ فرمائن ٿا.

فَاِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَهَا　　　وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

يعني: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۽ آخرت اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي سخاوت جو حصو آهي ۽ لوح و قلم جو علم ته اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علوم مبارڪ جو هڪ حصو آهي.

اگر خیریتِ دُنیا و عُقبٰی آرزو داری
بدرگاہش بیاد ہرچہ مَن خواہی تمنّا کن

يعني دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا ته هن آستانِ عرش نشان تي اچو ۽ جيڪو چاهيو گهري وٺو.

(اشعة اللمعات ج1 ص 424، 425)

خالقِ کل نے آپ کو مالک کل بنادیا
دونوں جہان دے دیئے قبضہ و اِختیار میں

## جنتي دروازو

حضرت سيّدُنا سهل بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي، ماهِ نُبُوَّت، مهرِ رسالت، منبع جود و سخاوت، قاسمِ نعمت، سراپا رحمت، شافع امت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي، ”بيشڪ جنّت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي رَيَّان چيو ويندو آهي ان مان قيامت جي ڏينهن روزيدار داخل ٿيندا انهن کان علاوه ڪوبہ ٻيو داخل نہ ٿيندو، چيو ويندو روزيدار ڪٿي آهن؟ پوءِ اهي بيهي رهندا انهن کان سواءِ ڪو ٻيو هن دروازي مان داخل نہ ٿيندو. جڏهن اهي داخل ٿي ويندا تہ دروازو بند ڪيو ويندو انهن کان پوءِ ڪوبہ ان دروازي مان داخل نہ ٿيندو.

(صحيح بخاري ج1 ص625 حديث 1896)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ روزيدارن جو بہ ڪيڏو سهڻو مقدر آهي! قيامت جي ڏينهن انهن جو خصوصي اعزاز ٿيندو. وڃڻو جنّت ۾ ئي آهي پيا خوش نصيب بہ قافلن جي صورت ۾ جنّت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا. پر روزيدار خصوصي طور تي ”بابُ الرَيّان“ مان جنّت ۾ داخل ٿيندا.

## هڪ روزي جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا سلمه بن قيصر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي، رسولن جي سالار، نبين جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، باذن پروردگار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ خوشبودار آهي، جنهن بہ هڪ ڏينهن جو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ رکيو. الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيڏو هڪ

ڪانءُ، جيڪو پنهنجي ننڍپڻ ڪان اڏامڻ شروع ڪري ايتري تائين جو پوڙهو ٿي مري وڃي. (مسند ابي يعلیٰ ج 1 ص383 حديث 917)

## ڪانوَ جي عمر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪانءُ وڏي عمر ماڻڻ وارو پکي آهي. غُنْيَـةُ الطَّالِبِين ۾ آهي، چيو وڃي ٿو، ”ڪانوَ جي عمر پنج سؤ سالن تائين ٿيندي آهي“.

## ڳاڙهي ياقوت جو گهر

اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جو فرمانِ عظيم آهي،”جنهن رمضان جي مهيني جو هڪ روزو بہ خاموشي ۽ سُڪون سان رکيو، ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ڳاڙهي ياقوت يا سبز زمرد جو ٺاهيو ويندو.“ (مجمع الزوائد ج3 ص346 حديث 4792)

## جسم جي زڪوٰة

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، حضورِ پُرنُور، شافع يومُ النشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي،”هر شيءِ جي لاءِ زڪوٰة آهي ۽ جسم جي زڪوٰة روزو آهي ۽ روزو اڌ صبر آهي“. (سنّن ابن ماجه ج2 ص 347 حديث 1745)

## سمهڻ بہ عبادت آهي

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن ابي اوفیٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، مديني جي تاجوَر، دلبرن جي دلبر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُنوَّر آهي، ”روزيدار جو سمهڻ عبادت ۽ ان جي خاموشي تسبيح ڪرڻ ۽ ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول هوندو آهي“. (شعب الايمان ج3 ص 415 حديث 3938)

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! روزيدار ڪيڏو نہ بختور آهي جو سندس سمهڻ بندگي، خاموشي تسبيح خداوندي عَزَّوَجَلَّ، دعائون ۽ نيڪ عمل بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول آهن.

تیرے کرم سے اے کریم! کون سی شے ملی نہیں
جھولی ہماری تنگ ہے، تیرے یہاں کمی نہیں

## عضون جو تسبيح ڪرڻ

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون، منهنجي سرتاج، صاحب معراج صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:” جيڪو ٻانهو روزي جي حالت ۾ صبح ڪري ٿو، ان جي لاءِ آسمان جا دروازا ڪوليا ويندا آهن ۽ ان جا عضوا **تسبيح** ڪندا آهن ۽ آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا (فرشتا) ان جي لاءِ سج لهڻ تائين **مغفرت** جي دعا ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن اهو هڪ يا ٻہ رڪعتون پڙهي ٿو تہ اهي آسمان ۾ ان جي لاءِ نور ٿي وينديون آهن ۽ **حُورعِين** (يعني وڏين اکين وارين حورن) مان ان جون گهرواريون چونديون آهن، اي الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي اسان ڏانهن موڪلي ڏي، اسين سندس ديدار جي لاءِ تمام گهڻيون مُشتاق آهيون ۽ جيڪڏهن اهو لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ يا سُبحٰن الله يا اَللهُ اَڪبَرُ پڙهي ٿو تہ ستر هزار فرشتا ان جو ثواب سج لهڻ تائين لکندا رهن ٿا. (شعب الايمان ج3 ص 299 حديث 3591)

سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! روزيدار جا تہ ڀاڳ ئي ڀلا آهن جو ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کُلن، ان جي

جسم جا عضوا الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح ڪن، آسمانِ دنيا تي رهڻ وارا فرشتا سڄ لهڻ تائين ان جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرن، نماز پڙهي تہ ان جي لاءِ آسمان ۾ روشني ٿئي ۽ حورِ عين يعني وڏين وڏين اکين واريون حورون جيڪي ان جي لاءِ مقرر ٿيون آهن اهي جنّت ۾ ان جي آمد جو انتظار ڪن. لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يا سُبحٰنَ الله يا اللهُ اَڪْبَر چوي تہ ستر هزار فرشتا سڄ لهڻ تائين ان جو ثواب لکن.

**جنتي ميوا**

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضٰی شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم کان روايت آهي، امام الصَّابرين، سيّد الشّاڪرين، سلطان الْمتوڪّلين، مُحِبُّ الفُقراءِ والمساڪين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: ”جنهن کي روزي ڪائڻ يا پيئڻ کان روڪي ڇڏيو جنهن جي ان کي خواهش هئي تہ الله تعالیٰ ان کي جنّتي ميون مان ڪارائيندو ۽ جنّتي شراب سان ڍؤ ڪرائيندو.“ (شعب الايمان ج3 ص410 حديث 3917)

**سون جو دسترخوان**

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان مروي آهي، مالڪِ جنّت، ساقيءِ ڪوثر، محبوبِ ربّ داور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُراثر آهي: ”قيامت واري ڏينهن روزيدارن جي لاءِ هڪ سون جو دستر خوان رکيو ويندو. جڏهن تہ ماڻهو (حساب ڪتاب جا) منتظر هوندا.“

(ڪنز العُمال ج8 ص214 حديث 23640)

**ست قسمن جا اعمال**

حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤفُ رحيم، محبوبِ

ربّ عظيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:” الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو اعمال ست قسمن جا آهن ٻہ عمل واجب ڪرڻ وارا، ٻن عملن جي جزا (انهن جي) مثل، هڪ عمل جي جزا پاڻ کان ڏهوڻ، هڪ عمل جي ست سؤ ڀيرن تائين ۽ هڪ عمل اهڙو آهي جو ان جو ثواب الله تعالیٰ کان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي. پوءِ جيڪي ٻہ واجب ڪرڻ وارا آهن. (1) اهو شخص جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ مليو جو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت اخلاص سان اهڙي طرح ڪيائين جو ڪنهن کي ان جو شريڪ نہ ڄاڻايائين تہ ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويئي. (2) ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ مليو جو ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڄاڻايائين تہ ان جي لاءِ دوزخ واجب ٿي وئي ۽ جنهن هڪ گناهہ ڪيو تہ ان جي مثل (يعني هڪ ئي گناهہ جي) جزا ماڻيندو ۽ جنهن صرف نيڪيءَ جو ارادو ڪيو تہ هڪ نيڪيءَ جي جزا ماڻيندو ۽ جنهن نيڪي ڪئي تہ اهو ڏهن (نيڪين جو اجر) حاصل ڪندو ۽ جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو تہ ان جي خرچ ڪيل هڪ درهم کي ست سؤ درهمن ۽ هڪ دينار کي ست سؤ دينارن ۾ وڌايو ويندو ۽ روزو الله تعالیٰ جي لاءِ آهي ان جي رکڻ واري جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي.“

(كنزالعمال ج 8 ص 211 حديث 23616)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جو ايمان تي خاتمو ٿيندو اهو يا تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان بي حساب يا مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ گناهن جو عذاب ڀوڳي ٿڌهن بہ آخرڪار يقيني طور تي جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽

جنهن جو (مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ) خاتمو ڪفر تي ٿيو تہ اهو هميشہ هميشہ دوزخ ۾ رهندو. جنهن هڪ گناهہ ڪيو ان کي هڪ ئي گناهہ جو بدلو ملندو. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! صرف **نيڪيءَ جي نيّت** ڪرڻ تي هڪ نيڪيءَ جو ثواب ۽ جيڪڏهن نيڪي ڪري ورتي تہ ثواب ڏهوڻ آهي، راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ واري کي بہ ست سؤ ڀيرا ۽ **روزيدار** جي بہ ڪيڏي زبردست عظمت آهي جو ان جي ثواب کي الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ نٿو ڄاڻي.

## بي حساب اجر

**حضرتِ** سيّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا: ”قيامت جي ڏينهن هڪ مُنادي (يعني اعلان ڪرڻ وارو) هن طرح نِدا ڪندو، هر پوکڻ واري (يعني عمل ڪرڻ واري) کي ان جي پوک (يعني عمل) جي برابر اجر ڏنو ويندو سواءِ قرآن وارن (يعني قرآن جي عالمن) ۽ روزيدارن جي جو انهن کي بيحد ۽ **بي حساب اجر** ڏنو ويندو.“ (شعب الايمان ج3 ص413 حديث 3928)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ جهڙو ٻج پوکيندؤ تهڙو ئي فصل لڻندؤ. علماءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی ۽ روزيدار ڏاڍا نصيب وارا آهن جو قيامت جي ڏينهن انهن کي بي حساب ثواب سان نوازيو ويندو.

## سائي (يرقان) کان صحت ملي وئي

روزن جي برڪتن ۾ واڌارو آڻڻ ۽ پنهنجي باطن کي علمِ دين سان اُجرو ڪرڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** کي اختيار ڪريو. پنهنجي اصلاح جي خاطر مڪتبة المدينه تان **مدني انعامات** جو

ڪارڊ حاصل ڪري ان کي پري پوءِ هر مدني مهيني جي 10 هين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي **دعوتِ اسلامي** جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان سنّتن ڀريئي سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. **مدني قافلي** جون بہ ڇا خوب بهارون آهن. جيئن تہ حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪري 1994ع جي ڳالھ آهي. منهنجي ٻارن جي ماءُ جو سائيءَ جو مرض (يعني يرقان) ڪافي وڌي چُڪو هو ۽ هوءَ بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيڪن وٽ زيرِ علاج هئي. مون 63 **ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** ۾ سفر اختيار ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ باب المدينه ڪراچي حاضري ٿي، فون تي رابطو ڪيم، طبيعت ڪافي ڳڻتيءَ جوڳي هئي، بلوربن (Blorbin) خطرناڪ حد تائين وڌي چُڪو هو تقريبًا 25 گلوڪوز جون ڊرپون لڳائڻ جي باوجود مناسب فائدو نہ ٿيو. مون کين تسلي ڏيندي چيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ **مدني قافلي جو مسافر** آهيان، عاشقانِ رسول جون صحبتون مُيَسَّر آهن. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان سڀ ڪجھ بهتر ٿي ويندو. ان کان پوءِ بہ مون لڳاتار رابطو رکيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڏينهون ڏينهن صحت بهتر ٿيندي پئي ويئي. پنجين ڏينهن باب المدينه کان اڳتي سفر درپيش هو. مون جيئن ئي فون ڪئي تہ مون کي هيءَ فرحت بخش خبر ٻُڌڻ لاءِ ملي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **بلوربن جي رپورٽ نارمل آئي آهي ۽ ڊاڪٽر اطمينان جو اظهار ڪيو آهي.** الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي مان خوشيءَ وچان **عاشقانِ رسول** سان

ڳڌ مدني قافلي ۾ وڏيڪ اڳتي سفر تي روانو ٿي ويس.

زوجه بيمار ہے، قرض کا بار ہے — آؤسب غم مٹیں، قافِلے میں چلو
کالا یرقان ہے، کیوں پریشان ہے — پائے گا صحتیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جهنم کان دوري

حضرتِ سيِّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ رسولن جي سالار، نبين جي سردار، غيبن تي خبردار، بِاِذنِ پروردگار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُشڪبار آهي،”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي چهري کي جهنّم کان ستر سالن جو مفاصلو پري ڪري ڇڏيندو. (صحيح بخاري ج2 ص265 حديث 2840)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جتي روزو رکڻ جا بيشمار فضائل آهن اتي بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي، رمضان المبارڪ جو روزو ڇڏي ڏيڻ تي سخت وَعيدون (سزا جا واعدا) بہ آهن. **رمضان شريف** جو هڪ روزو جيڪو بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڄاڻي واڻي ضايع ڪري ڇڏي تہ هاڻي سڄي عمر بہ جيڪڏهن روزا رکندو رهي تڏهن بہ ان ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت کي حاصل نہ ڪري سگهندو. جيئن تہ

## هڪ روزو ڇڏڻ جو نقصان

حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، بِنهي جهانن جا مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جنهن رمضان جي هڪ ڏينهن جو روزو بغير

مرض جي افطار ڪيو (يعني نہ رکيو) تہ زماني ڀر جا روزا بہ ان جي قضا نہ ٿي سگھندا. جيتوڻيڪ جو بعد ۾ رکي بہ وٺي“.

(صحيح بخاري ج1 ص638 حديث 1934)

يعني اها فضيلت جيڪا **رمضان المبارڪ** ۾ روزو رکڻ جي هئي هاڻي ڪھڙي طرح بہ حاصل نٿي ڪري سگھجي. تنھنڪري اسان کي هرگز هرگز غفلت جو شڪار ٿي رمضان جي روزي جھڙي عظيم الشّان نعمت نہ ڇڏڻ گھرجي. جيڪي ماڻھو روزو رکي بغير صحيح مجبوريءَ جي، ڇڏيندا آهن. اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان خوب ڊڄن. جيئن تہ

## اونڌا لٽڪيل ماڻهو

**حضرتِ** سيّدُنا ابو اُمامہ باهلي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، مون سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، سُرور قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻُڌو، ”آءُ سُتو پيو هيس تہ خواب ۾ ٻہ شخص مون وٽ آيا ۽ مون کي هڪ دشوار گذار (يعني ڏکئي رستن واري) پھاڙ تي وٺي ويا جڏهن مان پھاڙ جي وِچئين حصي تي پھتس تہ اتي وڏا سخت آواز اچي رهيا هئا، مون چيو، ”هي ڇا جا آواز آهن؟ “تنھن تي مون کي ٻُڌايو ويو تہ هي جھنّمين جا آواز آهن. پوءِ مون کي اڳتي نِيو ويو **تڏهن مان ڪجھہ اهڙن ماڻھن وٽان گذريس جو انھن کي سندن ڀيڏين جي رڳن ۾ ٻَڌي ڪري (اونڌو) ٽنگيو ويو هو ۽ انھن جون ڄاڙيون چيريون ويون هيون جن مان رت وهي رهيو هو.** مون پُڇيو،”هي ڪير آهن؟“تڏهن مون کي ٻُڌايو ويو تہ هي روزو

افطار ڪندا هئا ان ڪان پهريان جو روزو افطارڪرڻ حلال ٿئي.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان ج9ص 286 حديث 7448)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جو روزو بنا شرعي اجازت جي ٽوڙي ڇڏڻ تمام وڏو گناهه آهي. وقت کان پهريان افطار ڪرڻ مان مُراد هي آهي جو روزو تہ رکيو پر سج لهڻ کان پهريان پهريان ڄاڻي واڻي ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي بغير ٽوڙي ڇڏيو. هن حديثِ پاڪ ۾ جيڪو عذاب بيان ڪيو ويو آهي، اهو روزو رکي ٽوڙي ڇڏڻ واري جي لاءِ آهي ۽ جيڪو بنا شرعي عذر جي **رمضان جو روزو** ڪونہ ٿو رکي اهو بہ سخت گناهگار ۽ عذابِ نار (جهنّم) جو حقدار آهي. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان بچائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ٽي بدبخت

**حضرتِ سيّدُنا جابر بن عبدالله** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان مروي آهي، تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي:”جنهن **ماهِ رمضان** کي ماٺيو ۽ ان جا روزا نہ رکيا اهو شخص شقي (يعني بدبخت) آهي. جنهن پنهنجي والدين يا ڪنهن هڪ کي ڏٺو ۽ انهن سان سهڻو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شَقي (يعني بدبخت) آهي ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو بہ شقي (يعني بدبخت) آهي.“

(مجمع الزوائد ج3 ص340 حديث 4773)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي ديـنــا

حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ منهنجو ذڪر ڪيو ويو تہ ان منهنجي مٿان درود شريف نہ پڙهيو ۽ ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن تي رمضان جو مهينو داخل ٿيو پوءِ ان جي مغفرت ٿيڻ کان پهريان گذري ويو. ۽ ان ماڻهوءَ جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جو جنهن وٽ ان جي والدين پوڙهائپ ماڻي ۽ ان جي والدين ڪيس جنّت ۾ داخل نہ ڪيو. (يعني پوڙهي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري جنّت حاصل نہ ڪري سگهيو) (مسند احمد ج3 ص61 حديث 7455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### روزي جا ٽی درجا ديـنــا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جو جيتوڻيڪ ظاهري شرط اهو آهي تہ روزيدار ڄاڻي واڻي کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان پري رهي. اهڙيءَ طرح روزي جا ڪجهہ باطني آداب بہ آهن جن جو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ جيئن حقيقي معنيٰ ۾ اسان روزي جون برڪتون حاصل ڪري سگهون. سو روزي جا ٽي درجا آهن.

(1) **عوام جو روزو** (2) **خواص جو روزو** (3) **اخص الخواص جو روزو**

### (1)عوام جو روزو ديـنــا

روزي جي لغوي معنيٰ آهي: ”رڪجڻ“ انهيءَ ڪري شريعت جي اصطلاح ۾ صبح صادق (يعني پرهہ ڦٽيءَ) کان وٺي سج لهڻ تائين ڄاڻي واڻي کائڻ پيئڻ ۽ جماع کان ”رُڪيل رهڻ“ کي روزو چئبو آهي ۽ اهو ئي عوام يعني عام ماڻهن جو روزو آهي.

## (2) خواص جو روزو:

**ڪائڻ** پيئڻ ۽ جماع کان رڪيل رهڻ سان گڏوگڏ جسم جي تمام عضون کي بُرائين کان ”روڪڻ“**خواص** يعني خاص ماڻهن جو روز آهي.

## (3) اخص الخواص جو روزو:

پنهنجو پاڻ کي تمام معاملن کان ”روڪي“ ڪري صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف متوجهه ٿيڻ، هي **اخصُّ الْخواص** يعني خاص الخاص ماڻهن جو روزو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ضرورت هن ڳالهه جي آهي جو کاڌي پيتي وغيره کان ”رُڪيل رهڻ“ سان گڏوگڏ پنهنجي بدن جي سيني عضون کي به روزي جو پابند بڻايو وڃي.

## داتا صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ارشاد

حضرتِ سيِّدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”روزي جي حقيقت ”رڪجڻ“ آهي ۽ رڪيل رهڻ جا گهڻائي شرط آهن مثلاً: **معدي** کي کائڻ پيئڻ کان روڪي رکڻ، **اک** کي بُري نظر کان روڪي رکڻ، **ڪن** کي غيبت ٻُڌڻ، **زبان** کي فضول ۽ فتني واريون ڳالهيون ڪرڻ ۽ **جسم** کي حڪمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي مخالفت کان روڪي رکڻ ”روزو“ آهي. جڏهن ماڻهو انهن سيني شرطن جي پيروي ڪندو، تڏهن اهو **حقيقي طور تي روزيدار** ٿيندو.

**(ڪشف المحجوب ص354، 353)**

**افسوس!** صد ڪروڙ افسوس! اسان جا اڪثر اسلامي ڀائر **روزي** جي آداب جو بلڪل ئي لحاظ ناهن ڪندا اهي رُڳو” بُکايل ۽

اُجارو“ رهڻ ڪي ئي وڏي بهادري تصوُّر ڪندا آهن. روزو رکي ڪري بيشمار اهڙا ڪم ڪندا آهن جيڪي شريعت جي خلاف هوندا آهن. ائين فقهي اعتبار کان روزو ٿي ته ويندو. پر اهڙو روزو رکڻ سان روحاني ڪيف ۽ سُرور حاصل نه ٿي سگهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزو رکي ڪري به گناهه! توبه! توبه!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدارا عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي هيٺئي حال تي ترس ڪائيندا ۽ غور فرمائيندا ته روزيدار هن مهيني ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي جڏهن ته هي کائڻ پيئڻ ان کان اڳ ڏينهن جي وقت به بلڪل جائز هيو. سو پاڻ ئي سوچيندا ته جيڪي شيون رمضان شريف کان پهريان حلال هيون. اهي به جڏهن هن مبارڪ مهيني جي مقدس ڏهاڙن ۾ منع ڪيون ويون ته جيڪي شيون **رمضان شريف** کان پهريان به حرام هيون، مثال طور: ڪوڙ، غيبت، چُغلي، بدگماني، گارگند، فلمون ڊراما، گانا باجا، بدنگاهي، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ، والدين کي ستائڻ ، بنا شرعي اجازت جي ماڻهن جي دل ڏکائڻ وغيره اهي رمضان المبارڪ ۾ ڇو نه اجان به وڌيڪ حرام ٿي وينديون؟ روزيدار جڏهن رمضان شريف ۾ حلال ۽ پاڪ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏئي ٿو، حرام ڪم ڇو نه ڇڏي؟ هاڻي ٻڌايو! جيڪو شخص پاڪ ۽ حلال کائڻ پيئڻ ته ڇڏي ڏئي پر حرام ۽ جهنّم ۾ وجهڻ وارا ڪم بدستور (يعني اڳ جيان) جاري رکي. اهو ڪهڙي قسم جو روزيدار آهي؟

## اللهعَزَّوَجَلَّ کي ڪابہ ضرورت ڪانهي

ياد رکو! سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي،”جيڪو بُري ڳالھ چوڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نہ ڇڏي تہ ان جي بُکايل ۽ اُڃارو رهڻ جي الله عَزَّوَجَلَّ کي ڪابہ ضرورت ڪانهي.“ (صحيح بخاري ج1 ص 628 حديث 1903)

هڪ ٻي جاءِ تي فرمايائون،”رُڳو کائڻ ۽ پيئڻ کان پري رهڻ جو نالو روزو ناهي بلڪہ روزو تہ هي آهي جو واهيات ۽ بيڪار ڳالهين کان بچيو وڃي.“ (مستدرڪ للحاڪم ج2 ص67 حديث1611)

## مان روزيدار آهيان

**مطلب** هي تہ روزيدار کي گهرجي تہ هُو روزي ۾ جتي کائڻ پيئڻ ڇڏي تو ڏئي، اتي ڪوڙ غيبت، چُغلي، بدگماني، الزام تراشي ۽ بد زباني وغيره گناهہ بہ ڇڏي ڏئي. هڪ جاءِ تي حضور سراپا نُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان سان جيڪڏهن ڪو جهيڙو ڪري، گار ڏئي تڏهن توهان ان کي چئي ڏيو تہ آءُ روزي سان آهيان. (الترغيب والترهيب ج1 ص87 حديث 1)

## روزو توسان کوليندس

**منا منا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلھ تہ مُعاملو ئي ابتڙ تي ويو آهي يعني جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان وڙهي بہ پوي تو تہ هُو گجگوڙ ڪري هيئن چوندو آهي.”چپ تي وڃ! نہ تہ ياد رکجانءِ مان روزي سان آهيان ۽ روزو **توسان ئي کوليندس“** يعني توکي کائي ڇڏيندس. (مَعَاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ) توبهہ! توبهہ! اهڙي قسم جي ڳالھ هرگز زبان مان نہ نڪرڻ گهرجي بلڪہ عاجزيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. انهن سموري آفتن کان

اسين رُڳو انهيءَ صورت ۾ بچي سگهون ٿا جو پنهنجي **عضون ڪي روزي جو پابند** ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## عضون جي روزن جي تعريف

**عضون جو روزو** يعني ”جسم جي سيني حصن ڪي گناهن کان بچائڻ“ هي رُڳو روزي جي لاءِ ئي مخصوص ناهي پر سڄي زندگي انهن عضون کي گناهه کان بچائڻ ضروري آهي ۽ هي تڏهن ئي ممڪن آهي جو اسان جي دلين ۾ **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ مضبوط ٿي وڃي. آهه! قيامت جي ان هوش وڃائيندڙ منظر کي ياد ڪيو جڏهن هر طرف ”نفسي نفسي“ جو عالم هوندو، سج باهه وسائي رهيو هوندو. زبانون اُڃ جي شدت سبب وات کان ٻاهر نڪتل هونديون. زال، مڙس کان، ماءُ، پنهنجي لختِ جگر کان ۽ پيءُ پنهنجي نورِ نظر کان نظر بچائي رهيو هوندو، ڏوهارين کي پڪڙي پڪڙي ڪري آندو ويندو. سندن وات تي مهر لڳائي ويندي ۽ انهن جا عضوا سندن گناهن جو داستان ٻڌائي رهيا هوندا جنهن جو قرآن پاڪ جي ”سُوْرَۃُ یٰسٓ“ ۾ هيئن تذڪرو ڪيو ويو آهي:

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰۤى اَفْوَاهِهِمْ وَ تُكَلِّمُنَاۤ اَیْدِیْهِمْ وَ تَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ۝۶۵

ترجمو ڪنزالايمان: اڄ اسان انهن جي وات تي مهر هڻي ڇڏينداسين ۽ انهن جا هٿ اسان سان ڳالهيون ڪندا ۽ انهن جا پير انهن جي ڪمن جي شاهدي ڏيندا.

آهه! اي ڪمزور ۽ لاچار اسلامي ڀائرو! قيامت جي ان ڏکئي وقت کان پنهنجي دل کي ڊيڄاريو ۽ هر وقت پنهنجي بدن جي سيني

عضون ڪي معصيت (يعني گناهن) جي مصيبت کان پري رکڻ جي ڪوشش جاري رکو. هينئر عضون جي روزي جو تفصيل پيش ڪيو وڃي ٿو.

**اک جو روزو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اک جو روزو هن طرح رکڻ گهرجي جو اک جڏهن به کڄي ته صرف ۽ صرف جائز ڪمن ڏانهن ئي کڄي. اک سان مسجد ڏسو، قرآن مجيد ڏسو، مزاراتِ اوليا رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي زيارت ڪريو ۽ علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عِظام رَضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن ۽ الله تبارڪ و تعالیٰ جي نيڪ ٻانهن جو ديدار ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ ڏيکاري ته ڪعبهءِ معظمه جا انوار ڏسو، مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جون سُرهاڻ پريون گهٽيون ۽ اتان جون واديون ۽ ڪوهستان ڏسو، مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جا در ۽ ديوار ڏسو، سبز سبز گنبد ۽ مينار ڏسو، مٺي مٺي مديني جا ريگستان ۽ گلزار ڏسو، سونهري جارين جا انوار ڏسو، جنّت جي پياري پياري باغيچي جي بهار ڏسو. تاجدارِ اهلسنّت حضور مفتيءِ اعظم هند سيّدُنا محمد مصطفیٰ رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪن ٿا.

ڪچھ ایسا کر دے مرے کردگار آنکھوں میں — ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں
انہیں نہ دیکھا تو کس کام کی ہیں یہ آنکھیں — کہ دیکھنے کی ہے ساری بَہار آنکھوں میں

(سامانِ بخشش شریف)

**پيارا روزيدارو!** اک جو روزو رکو ۽ ضرور رکو بلڪ اک جو روزو ته ٻٻل ٻارنهن ڪلاڪ، ٿيهه ئي ڏينهن ۽ ٻارنهن مهينا هجڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل اکين سان هرگز هرگز **فلم** نه ڏسو،

**ڊراما** نه ڏسو، نامحرم عورتن کي نه ڏسو، بُري نظر سان **امردن** (يعني خوبصورت ڇوڪرن) کي نه ڏسو، ڪنهن جي اوگهڙ نه ڏسو، بلڪ بغير ضرورت جي پنهنجي اوگهڙ به نه ڏسو. اللهعَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل ڪرڻ وارا **کيل تماشا**، مثال طور: رڇ ۽ باندر جو ناچ وغيره نه ڏسو، (انهن کي نچائڻ ۽ ناچ ڏسڻ ٻئي ناجائز آهن) ڪرڪيٽ، ڪوڏي ڪوڏي (وَنجهوَتي)، فٽبال، هاڪي، تاس، شطرنج، وڊيو گيمز، ٽيبل فٽبال وغيره وغيره رانديون نه ڏسو. (جڏهن ڏسڻ جي اجازت ناهي ته کيڏڻ جي اجازت ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿي؟ ۽ انهن ۾ ڪجهه رانديون ته اهڙيون آهن جيڪي نيڪر يا چڊي پائي کيڏيون وڃن ٿيون. جن جي سبب گوڏا بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ رانُون به کُليل رهنديون آهن ۽ اهڙيءَ ريت ٻين جي آڏو رانُون يا گوڏا کليل رکڻ گناهه آهي ۽ ٻين کي ان طرف نظر ڪرڻ به گناهه) ڪنهن جي گهر ۾ بغير اجازت جي نه واجهايو، ڪنهن جو **خط** يا چِٺي (شرعي اجازت جي بغير) نه ڏسو، ڪنهن جي **ڊائريءَ** جي تحرير به بغير اجازت جي نه ڏسو ۽ **ياد رکو!** حديثِ پاڪ ۾ آهي، ”جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي خط کي بغير اجازت جي ڏسي ٿو ڄڻ ته اهو باهه ۾ ڏسي ٿو.“

**(مستدرڪ للحاڪم ج5 ص 384 حديث 7779)**

اٹھے نہ آنکھ کبھی بھی گناہ کی جانب　　عطا کرم سے ہو ایسی ہمیں حیا یاربّ!
کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور　　سنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یاربّ

دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی
بس ان کے جلووں میں آجائے پھر قضا یاربّ

**ڪن جو روزو :**
**مـدينـــــــــه**

ڪنن جو روزو هي آهي تہ مُرڳو جائز ڳالهيون ٻُڌن. مثال طور: **ڪنن** سان تلاوت ۽ نعت ٻُڌو، سنّتن ڀريو بيان ٻُڌو، اذان و اقامت ٻُڌو. ٻُڌي جواب ڏيو، هرگز هرگز دهل، باجا ۽ موسيقي نہ ٻُڌو، گانا ۽ نغما ۽ فضول يا واهيات لطيفا نہ ٻُڌو، ڪنهن جي غيبت نہ ٻُڌو، ڪنهن جي چُغلي نہ ٻُڌو، ڪنهن جا عيب هرگز نہ ٻُڌو، ۽ جڏهن بہ ماڻهو لِڪي ڪري ڳالهہ ڪن تہ ڪن لڳائي نہ ٻُڌو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **”جيڪو شخص ڪنهن قوم جون ڳالهيون ڪن لڳائي ٻُڌي ۽ اهي هن ڳالهہ کي ناپسند ڪندا هجن تہ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وڌو ويندو.“**

**(المعجم الڪبير ج11 ص 198)**

سنیں نہ فُحش کلامی نہ غیبت و چغلی — تِری پسند کی باتیں فقط سنا یارب
اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر — کروں گا کیا جو تو ناراض ہو گیا یارب

رسولِ پاک اگر مسکراتے آجائیں
تو گورِ تیرہ میں ہو جائے چاندنا یا ربّ

**زبان جو روزو :**
**مـدينـــــه**

**زبان** جو روزو هي آهي جو **زبان** مُرڳو نيڪ ۽ جائز ڳالهين جي لاءِ ئي حرڪت ۾ اچي، مثال طور: **زبان** سان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريو، ذڪر و درود جو ورد ڪريو، نعت شريف پڙهو، درس ڏيو، سنّتن ڀريو بيان ڪريو، نيڪيءَ جي دعوت ڏيو، سنيون سنيون ۽ پياريون پياريون دينداريءَ واريون ڳالهيون ڪريو. فُضول ”بَڪ بَڪ“ کان بچندا رهو. خبردار! گارگند، ڪوڙ، غيبت، چُغلي وغيره سان زبان ناپاڪ نہ ٿيڻ گهرجي

جو ”چمچو جيڪڏهن نجاست ۾ وِڌو وڃي ته هڪ ٻه گلاس پاڻيءَ سان پاڪ ٿي ويندو پر زبان بي حيائيءَ جي ڳالهين سان ناپاڪ ٿي ويئي ته ان کي ست سمنڊ به نه ڌوئي سگهندا.“

## زبان جي بي احتياطيءَ جون تباهه ڪاريون

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان کي هڪ ڏينهن روزو رکڻ جو حڪم ڏنو ۽ ارشاد فرمايائون:”جيستائين مان توهان کي اجازت نه ڏيان، توهان مان ڪو به افطار نه ڪري“. ماڻهن روزو رکيو. جڏهن شام ٿي ته تمام صحابهءِ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان هڪ هڪ ڪري خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪندا رهيا،” يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان روزي سان رهيس. هاڻي مون کي اجازت ڏيو ته جيئن مان روزو کولي ڇڏيان.“ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين اجازت عطا فرمائيندا رهيا هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حاضر ٿي عرض ڪيو. آقا! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي گهروارن مان به نوجوان ڇوڪريون به آهن جن روزو رکيو ۽ اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ اچڻ کان شرمائن ٿيون. کين اجازت ڏيو ته جيئن اهي به روزو کولين.“ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کانئن رخ انور ڦيري ڇڏيو. انهن ٻيهر عرض ڪيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري به چهرو انور ڦيري ڇڏيو. جڏهن ٽئين ڀيري انهن ڳالهه ورجائي ته غيب دان رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايو: ”انهن ٻنهي ڇوڪرين روزو نه رکيو اهي کهڙيون روزيدار آهن؟ اهي ته سچو ڏينهن ماڻهن جو گوشت کائينديون رهيون! وڃو انهن ٻنهي کي حڪم ڏيو ته اهي جيڪڏهن روزيدار آهن ته الٽي ڪري ڇڏين.“ اهي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن وٽ تشريف وٺي ويا ۽ کين **فرمانِ شاهي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻُڌايو. انهن ٻنهي الٽي ڪئي، ته الٽي ۾ رت ۽ ڇيڇڙا نڪتا. ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ واپس حاضر ٿي صورتحال عرض ڪئي. **مدني آقا** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ” ان ذات جو قسم!جنهن جي قدرت جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن هي انهن جي پيٽ ۾ باقي رهي ها ته انهن ٻنهي کي باهه کائي ها. “ (چو ته انهن غيبت ڪئي هئي.) (الترغيب و الترهيب ج3 ص328 حديث 15)

**هڪ** ٻي روايت ۾ آهي ته جڏهن سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابيءَ کان منهن ڦيريو ته اهي سامهون آيا ۽ عرض ڪيائون، ”يا **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ٻئي فوت ٿي چُڪيون آهن يا ڇيائون ته اهي ٻئي مرڻ جي ويجهو آهن.“ **سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حڪم فرمايو، ” انهن ٻنهي کي مون وٽ وٺي اچو. اهي ٻئي حاضر ٿيون. **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ پيالو گهرايو ۽ انهن مان هڪ کي حڪم فرمايائون، هِن ۾ الٽي ڪريو! ان رت ۽ پونءِ واري الٽي ڪئي، ايسيتائين جو پيالو ڀرجي ويو. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻيءَ کي حڪم ڪيو ته توهين به هن ۾ الٽي ڪريو. ان به اهڙي ئي الٽي ڪئي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيوب

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**هنن ٻنهي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي حلال ڪيل شين** (يعني کائڻ پيئڻ وغيره) **کان تہ روزو رکيو پر جن شين کي الله** عَزَّوَجَلَّ (روزي ڪانسواءِ) **حرام رکيو انهن حرام شين سان روزو افطار ڪري ڇڏيو.** ٿيو هيئن تہ هڪ ڇوڪري ٻي ڇوڪريءَ وٽ ويهي رهي ۽ ٻئي ملي ڪري ماڻهن جو گوشت کائڻ لڳيون. (يعني ماڻهن جي غيبت ڪرڻ لڳيون)[1] **(الترغيب والترهيب ج2 ص95 حديث 8)**

## مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم جو علم غيب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان روشن ڏينهن جيان واضح ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اسان جي مني مني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب حاصل آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي غلامن جا تمام مُعاملا معلوم ٿي ويندا آهن. تڏهن تہ انهن ڇوڪرين جي باري ۾ مسجد شريف ۾ ويٺي ويٺي **غيب جي خبر** ارشاد فرمائي ڇڏيائون. هن حڪايت مان هي بہ خبر پيئي تہ غيبت ۽ ٻين گناهن جو ارتڪاب ڪرڻ سان سڌوسنئون ان جو اثر **روزي** تي بہ پئجي سگهي ٿو. جنهن جي سبب کان **روزي** جي تڪليف ناقابل برداشت ٿي سگهي ٿي. بهرحال روزو هجي يا نہ هجي هر حال ۾ **زبان** کي قابو ۾ ئي رکڻ گهرجي نہ تہ هي اهڙا ٻول ٻوليندي جو توبهہ! جيڪڏهن هنن ٽن **اصولن** کي آڏو رکيو وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وڏو نفعو حاصل ٿيندو: (1) ٻُري ڳالهہ چوڻ هر حال ۾ ٻُرو آهي (2) فضول ڳالهہ کان خاموشي

---

[1] **مڪتبة المدينه جي طرفان شايع ڪيل منفرد رسالو ” غيبت جون تباهہ ڪاريون“ (46 صفحات) پڙهو.** اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **غيبت جهڙي گناهِ ڪبيره کان ويتر بچڻ جو ذهن ٺهندو.**

افضل آهي. (3) سني ڳالهه ڪرڻ خاموشيءَ کان بهتر آهي.

مری زباں پہ قفلِ مدینہ لگ جائے — فُضول گوئی سے بچتا رہوں سدا یا ربّ!
کریں نہ تنگ خیالاتِ بد کبھی کردے — شعُور و فکر کو پاکیزگی عطا یا ربّ!
بوَقتِ نزع سلامت رہے مرا ایماں — مجھے نصیب ہو کلِمہ ہے اِلتجاء یا ربّ!

## هٿن جو روزو

**هٿن جو روزو** هي آهي ته جڏهن به هٿ اٿن رُڳو نيڪ ڪمن جي لاءِ اُٿن مثال طور: پاڪائيءَ سان قرآن شريف کي هٿ لڳايو، نيڪ ماڻهن سان هٿ ملايو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن (يعني هٿ ملائن) ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلي ج 3 ص 95 حديث 2951)

ٿي سگهي ته ڪنهن يتيم جي مٿي تي شفقت سان هٿ ڦيريو جو هٿ جي هيٺان جيترا وار ايندا هر وار جي عيوض هڪ هڪ نيڪي ملندي. (ٻارڙو يا ٻارڙي ان وقت تائين يتيم آهن جيستائين نابالغ آهن جيئن ئي بالغ ٿيا يتيم نه رهيا. ڇوڪرو ٻارهن کان پندرهن سالن جي وچ ۾ بالغ ٿيندو آهي ۽ ڇوڪري نَوَنِ کان پندرهن سالن جي وچ ۾ بالغ ٿيندي آهي) خبردار! ڪنهن تي ظلم ڪرڻ لاءِ هٿ نه اُٿن، **رِشوت ڏيڻ** وٺڻ جي لاءِ نه اٿن، نه ڪنهن جو مال **چورائين**، نه **تاس ڪيڏن**، نه لغڙ اڏارين، نه ڪنهن **نامَحرم عورت** سان مصافحو ڪن. (بلڪ شهوت جو انديشو هجي ته "**اَمرَد**" (يعني خوبصورت ڇوڪر) سان به هٿ نه ملايو، سندس دل آزاري نه ٿئي اهڙيءَ طرح حڪمت عمليءَ سان لنوائي وڃو.)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ!
کہیں کا مجھ کو گناہوں نے اب نہیں چھوڑا عذابِ نار سے بہرِ نبی بچا یاربّ!
الٰہی ایک بھی نیکی نہیں ہے نامے میں
فقط ہے تیری ہی رحمت کا آسرا یاربّ

## پيرن جو روزو

پيرن جو روزو هي آهي جو پير اتن تہ رُڳو نيڪ ڪمن جي لاءِ اٿن. مثال طور: پير هلن تہ مسجدن جي طرف هلن، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مزارن جي طرف هلن، عالمن ۽ صالحن جي زيارت لاءِ هلن، سنّتن ڀرئي اجتماع جي طرف هلن، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ هلن، سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ هلن، نيڪ صحبتن جي طرف هلن، ڪنهن جي مدد جي لاءِ هلن، **ڪاش! مڪهءِ مڪرمه** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي طرف هلن، منيٰ ۽ عرفات ۽ مزدلفہ هلن، طواف ۽ سعي ۾ هلن، هرگز هرگز سينيما گهرن جي طرف نہ هلن، ڊراما گاهن جي طرف نہ هلن، بُرن دوستن جي مجلسن جي طرف نہ هلن، شطرنج، لوڊو، تاس، ڪرڪيٽ، فٽ بال، وڊيو گيمز، ٽيبل فٽبال وغيره وغيره راندين کيڏڻ يا ڏسڻ جي طرف نہ هلن، ڪاش! پير ڪڏهن تہ ائين بہ هلن جو بس مدينو ئي مدينو چَپن تي هجي ۽ سفر بہ مديني جو هجي.

رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یاربّ!
مدینے جائیں پھر آئیں دوبارہ پھر جائیں اِسی میں عمر گزر جائے یاخدا یاربّ!
بقیعِ پاک میں مدفن نصیب ہو جائے
برائے غوث و رضا مرشدی ضیا یاربّ!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي حقيقي معنيٰ ۾ روزي جون برڪتون تہ انهيءَ وقت نصيب ٿينديون جڏهن اسين سڀني عضون جو روزو رکنداسين. ٻئي صورت ۾ بُک ۽ اڃ کانسواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: ”ڪيترائي روزيدار اهڙا آهن جو کين سندن روزي مان بُک ۽ اڃ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل ناهي ٿيندو ۽ ڪيترائي قيام (راتين جو جاڳي نمازون ادا ڪرڻ) ڪرڻ وارا اهڙا آهن جو کين سندن قيام مان جاڳڻ کانسواءِ ڪجهہ حاصل ناهي ٿيندو. (سنّن ابن ماجه ج2 ص 320 حديث 1690)

يعني ڪجهہ ماڻهو روزو تہ رکندا آهن پر پنهنجي عضون کي جيئن تہ بُراين کان ناهن بچائيندا ان لاءِ کين روزي جي نورانيت ۽ ان جي اصل روح کان محرومي ٿي رهندي آهي. گڏوگڏ جيڪي ماڻهو هرويرو رات جاڳي گپ شپ لڳائيندا آهن. انهن کي وقت، صحت، ۽ آخرت جي نقصان کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ ناهي ايندو.

## K.E.S.C. ۾ نوڪري ملي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي نورانيّت ۽ روحانيّت حاصل ڪرڻ ۽ مدني ذهن ٺاهڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو. سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول، سنّتن ڀريئي اجتماعات ۽ مدني قافلن جون بہ ڇا خوب بهارون ۽ برڪتون آهن. جيئن تہ اورنگي ٽائون (بابُ

المدينه ڪراچي) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ پنهنجي مدني ماحول ۾ اچڻ ۽ روزگار جو سلسلو حاصل ڪرڻ جو واقعو ڪجهه هن طرح ٻُڌايو: 2003.06.19 تي هڪ اسلامي ڀاءُ جي دعوت ڏيڻ تي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع جي طرف رخ ٿيو پر پابندي نہ هئي. بي روزگاريءَ جي سبب پريشاني هئي، هڪ اسلامي ڀاءُ جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مون **مدني قافله ڪورس** جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ داخلا ورتي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول** جي صحبتن ۽ برڪتن مون گناهگار تي مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو ۽ جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ڇڏيو. **مدني قافله ڪورس** پورو ڪرڻ جي ٻئين يا ٽئين ڏينهن ڪجهه دوستن ٻُڌايو تہ K.E.S.C. کي ملازمن جي ضرورت آهي، اسان بہ درخواستون جمع ڪرايون آهن، توهان بہ ڪرائي ڇڏيو. مون عرض ڪيو، اڄڪلهہ رُڳو درخواستن تي ڪٿي! سفارش (بلڪ رِشوتن) تي نوڪرين جي ترڪيب ٻڌجندي آهي! پاڻ وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي. آخرڪار سندن اصرار تي مون ”**درخواست**“ جمع ڪرائي ڇڏي. شروع ۾ تحريري ٽيسٽ پوءِ انٽرويو ڪان پوءِ ميڊيڪل ٽيسٽ ٿي. بيشمار اثر رسوخ وارين درخواستن جي باوجود مان واحد اهڙو هئس جو هر جڳهہ ڪامياب رهيس! فائينل انٽرويو ۾ گهروارن زور ڀريو تہ پينٽ شرٽ پائي وڃو پر مان تہ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان انگريزي لباس پهرڻ ڇڏي چُڪو هئس. تنهن ڪري اِجي لباس ۾ ئي پهچي ويس. آفيسر **مذهبي حُليو** ڏسي ڪري مون کان ڪجهه اسلامي معلومات جا سوال ڪيا. جن جا مون آسانيءَ سان جواب ڏئي ڇڏيا چوتہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون اهي سڀ **مدني**

**قافله ڪورس** ۾ سکيا هئا. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪنهن سفارش ۽ رِشوت ڪانسواءِ مون کي ملازمت ملي ويئي. اسان جا گهر وارا **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافله ڪورس ۽ مدني ماحول جي برڪت ڏسي ڪري حيران رهجي ويا ۽ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جا مُحب بڻجي ويا. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان دعوتِ اسلامي جي **علائقائي مُشاورت** جي خادم (نگران) جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ **سنّتن** جي خدمت ڪري رهيو آهيان ۽ **مدني انعامات** ۽ مدني قافلن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

نوکری چاہیئے ،آیئے آیئے — قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو
تنگدستی مٹے،دورآفت ہٹے — لینے کو برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روزي جي نيت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزي جي لاءِ به اهڙيءَ طرح **نيّت** شرط آهي جهڙيءَ طرح نماز **زڪوٰة** وغيره جي لاءِ. تنهن ڪري"**روزي جي نيّت ڪانسواءِ**" جيڪڏهن ڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ صبح صادق (يعني پِرهه ڦُٽيءَ) کان وٺي سج لهڻ تائين بلڪل نه ڪائي پيئي تڏهن به ان جو روزو نه ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 331) **رمضان شريف** جو روزو هجي يا نفل يا نذرِمُعَيَّن جو روزو يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن مخصوص ڏينهن جي **روزي** جي باس باسي هجي مثال طور: پاڻ ٻُڌي سگهي ايتري آواز سان هيئن چيو هجي ته " آءُ هن سال ربيع النور شريف جي هر سومر شريف جو روزو رکندس". ته هي **نذرِ مُعَيَّن** (يعني مقرر ڪيل باس) آهي ۽ هن باس جو پورو ڪرڻ واجب ٿي ويو. هنن ٽنهي قسمن جي

روزن جي لاءِ سج لهڻ کان وٺي”نصفُ النّهار شرعي“ (ان کي ضحوهءِ ڪُبريٰ به چوندا آهن) کان پهريان پهريان تائين جڏهن به نيّت ڪري وٺو ته روزو ٿي ويندو. (ردالمحتار ج3 ص 332)

## نِصف النّهار شرعِي جو وقت معلوم ڪرڻ جو طريقو

**شايد** توهان جي ذهن ۾ هي سوال ابري رهيو هوندو ته **نصفُ النّهار** شرعي جو وقت ڪهڙو آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته جنهن ڏينهن جو **نصفُ النّهار** شرعي معلوم ڪرڻو هجي ان ڏينهن جي صبح صادق کان وٺي سج لهڻ تائين جي وقت جو اندازو لڳايو ۽ ان سڄي وقت جا ٻه حصا ڪري ڇڏيو، پهريون اڌ حصو ختم ٿيندي ئي ”**نصفُ النّهارشرعي**“جو وقت شروع ٿي ويو. مثال طور: اڄ صبح صادق ٺيڪ پنجين وڳي آهي ۽ سج لهڻ جو وقت ٺيڪ **ڇهين وڳي** آهي ته ٻنهي جو وچيون وقت ڪل تيرهن ڪلاڪ ٿيو، ان جا ٻه حصا ڪريو ته هر حصو ساڍا ڇهه ڪلاڪن جو ٿيو، هاڻي صبح صادق جي پنجين وڳي کان پوءِ وارا ابتدائي ساڍا ڇهه ڪلاڪ ساڻس ملايو، ته اهڙيءَ طرح ڏينهن جي ساڍي يارهين وڳي” **نصفُ النّهار شرعي**“ جو وقت شروع ٿي ويو ته هاڻي انهن ٽنهي قسمن جي روزن جي **نيّت** نه ٿي سگهندي.
**(ردالمحتار ج3 ص 341 ملخصًا)**

بيان ڪيل ٽن قسمن جي روزن کان سواءِ ٻيا جيترا به روزن جا قسم آهن انهن سڀني جي لاءِ هي لازمي آهي ته راتو رات يعني سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين **نيّت** ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن صبح صادق ٿي ويئي ته هاڻي **نيّت** نه ٿي سگهندي. مثال طور: رمضان جا قضا

ٽيل روزا، ڪفاري جا روزا، نفلي روزن جي قضا (نفلي روزو شروع ڪرڻ سان واجب ٿي ويندو آهي. ھاڻي بغير شرعي عذر جي ٽوڙڻ گناھ آهي جيڪڏھن ڪھڙيءَ طرح سان بہ ٽُٽي ويو ٽوڙي عذر سان ھجي يا بغير عذر جي، ان جي قضا بھرحال واجب آهي) ”روزو نذرِ غير مُعَيَّن“: (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ روزي جي باس تہ باسي ھئي پر ڏينھن مخصوص نہ ڪيو ھو، ان باس جو بہ پورو ڪرڻ واجب آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ باسيل ھر جائز باس جو پورو ڪرڻ واجب آهي. جڏھن تہ زبان سان ھن طرح جا لفظ ايتري آواز سان چيا ھجن جو پاڻ ٻُڌي سگھي. مثال طور ھن ريت چيو، ”آءُ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ھڪ روزو رکندس“. ھاڻي جيئن تہ ھن ۾ ڏينھن مخصوص ناھي ڪيو تہ ڪھڙو روزو رکندس. انھيءَ ڪري زندگي ۾ جڏھن بہ باس جي نيّت سان روزو رکي ڇڏيندو باس ادا ٿي ويندي. باس جي لاءِ زبان سان چوڻ شرط آهي ۽ ھي بہ شرط آهي تہ گھٽ ۾ گھٽ ايتري آواز سان چئجي جو پاڻ ٻُڌي سگھجي. باس جا الفاظ ايتري آواز سان ادا تہ ڪيا جو پاڻ تہ ٻُڌي وٺي ھا پر ٻوڙائپ يا ڪنھن ھل ھنگامي وغيره جي ڪري ٻُڌي نہ سگھيا تڏھن بہ باس ٿي ويئي ان جو پورو ڪرڻ واجب آهي) وغيره وغيره انھن سڀني روزن جي **نيّت** رات ۾ ئي ڪري ڇڏڻ ضروري آهي. (ملخص از ردالمحتار ج3 ص 344)

## ”مون کي رمضان سان پيار آهي“ جي ويھن اکرن جي نسبت سان روزي جي نيت جا 20 مدني گل

**مدينہ 1**: رمضان المبارڪ جا **ادا** روزا ۽ **نذرِ مُعَيَّن** ۽ نفل روزن جي لاءِ نيّت جو وقت سج لھڻ کان ضحوهٔ ڪبرىٰ يعني **نصف النھار شرعي** کان پھريان پھريان تائين آهي ھن پوري وقت جي وچ ۾ اوھان جڏھن بہ **نيّت** ڪري ڇڏيندؤ ھي روزا ٿي ويندا. (رد المختار ج 3 ص 332)

**مدينه 2**: **نيّت** دل جي ارادي جو نالو آهي زبان سان چوڻ شرط ناهي پر زبان سان چئي ڇڏڻ **مُسۡتَحَب** آهي جيڪڏهن رات جو رمضان جي روزي جي **نيّت** ڪريو تہ هيئن چئو:

نَوَيۡتُ اَنۡ اَصُوۡمَ غَدًا لِلّٰهِ تَعَالٰی مِنۡ فَرۡضِ رَمَضَانَ۔

ترجمو: مون نيّت ڪئي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ سڀاڻي رمضان جو فرض روزو رکندس.

**مدينه 3** : جيڪڏهن ڏينهن جو **نِيَّت** ڪريو تہ هيئن چئو.

نَوَيۡتُ اَنۡ اَصُوۡمَ هٰذَا الۡيَوۡمَ لِلّٰهِ تَعَالٰی مِنۡ فَرۡضِ رَمَضَانَ۔

ترجمو: مون نيّت ڪئي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اڄ رمضان جو فرض روزو رکندس.

(ردالمحتار ج3 ص 332)

**مدينه 4** : **عَرَبيءَ** ۾ نِيَّت جا لفظ ادا ڪرڻ انهيءَ وقت "**نِيَّت**" چَورائيندا جڏهن تہ انهن جي معنيٰ بہ ايندي هجي. ۽ هي بہ ياد رهي تہ زبان سان **نِيَّت** ڪرڻ، توڙي ڪهڙي بہ زبان ۾ هجي، انهيءَ وقت ڪارآمد ٿيندي، جڏهن تہ ان وقت دل ۾ بہ **نِيَّت** موجود هجي. (ايضًا)

**مدينه 5** : **نِيَّت** پنهنجي مادَري زبان ۾ بہ ڪري سگهجي ٿي. پر شرط هي آهي تہ عربيءَ ۾ ڪريو يا ڪنهن بِئي زبان ۾. **نِيَّت** ڪرڻ وقت دل ۾ بہ ارادو موجود هجي، نہ تہ بي خياليءَ ۾ رُڳو زبان سان رٽيل جملا ادا ڪرڻ سان **نِيَّت** نہ ٿيندي. ها جيڪڏهن فرض ڪريو زبان سان رٽيل **نِيَّت** چئي ڇڏي پر بعد ۾ **نِيَّت** جي لاءِ مقرر وقت جي اندر دل ۾ بہ نيّت ڪري ڇڏي تہ هاڻي نيّت صحيح آهي. (رد المحتار ج 3 ص 332)

**مدينه 6** : **جيڪڏهن** ڏينهن ۾ **نِيَّت** ڪريو تہ ضروري آهي تہ هيءَ **نِيَّت** ڪريو تہ مان صبح کان روزيدار آهيان. جيڪڏهن هن طرح **نِيَّت** ڪئي تہ

هاڻي روزيدار آهيان صبح کان نہ، تہ روزو نہ ٿيو. (الجوهرة النيرة ج1 ص 175)

**مدينه 7** : **ڏينهن** ۾ اها **نِيَّت** ڪئي جي آهي جو صبح صادق کان **نِيَّت** ڪرڻ وقت تائين روزي کي ٽوڙڻ وارو ڪم نہ ٿيو هجي، پر جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ **ڀُل** ۾ ڪائي پيئي ڇڏيو يا **جماع** ڪري ورتو تڏهن بہ **نِيَّت** صحيح ٿي ويندي. ڇو تہ **ڀُل** ۾ جيڪڏهن ڪو ڏؤ ڪري ڪائي پيئي وني تہ ان سان روزو ناهي ويندو.
(ملخص از ردالمحتار ج3 ص 367)

**مدينه 8** : **توهان** جيڪڏهن هيئن **نِيَّت** ڪئي تہ "سڀاڻي ڪٿي دعوت ٿي تہ روزو ناهي ۽ نہ ٿي تہ "**روزو آهي**". اها **نِيَّت** صحيح ناهي بهرحال توهان روزيدار نہ ٿيا. (عالمگيري ج1 ص 195)

**مدينه 9** : **ماهِ رمضان** جي ڏينهن ۾ نہ روزي جي **نِيَّت** ڪئي نہ ئي هي تہ "روزو ناهي" جيتوڻيڪ معلوم آهي تہ هي رمضان المبارڪ جو مهينو آهي تہ **روزو** نہ ٿيندو. (عالمگيري ج 1 ص 195)

**مدينه 10** :سج لهڻ جي بعد کان وني رات جو ڪهڙي مهل بہ **نِيَّت** ڪئي پوءِ ان کان بعد رات ۾ ئي ڪاڌو پيتو تہ **نِيَّت** نہ ٽُٽي اها ئي پهرين ڪافي آهي بيهر **نِيَّت** ڪرڻ ضروري ناهي. (الجوهرة النيرة ج1 ص 175)

**مدينه 11** : **توهان** جيڪڏهن رات ۾ روزي جي **نِيَّت** تہ ڪئي پر پوءِ راتو رات پڪو ارادو ڪري ڇڏيو تہ "روزو نہ رکندس" تہ هاڻي توهان جي ڪيل **نِيَّت** ختم ٿي ويئي جيڪڏهن نئين **نِيَّت** نہ ڪئي ۽ سڄو ڏينهن روزيدارن جيان بُکايل اُڃارا رهيؤ تڏهن بہ روزو نہ ٿيو.

(در مختار مع ردالمحتار ج3 ص 345)

**مدينه 12** : **نماز جي دوران ڪلام** (ڳالهه ٻولهه) **جي نِيَّت** تہ ڪئي پر ڳالهه نہ ڪئي تہ نماز فاسد نہ ٿيندي. اهڙيءَ ريت **روزي جي** دوران ٽوڙڻ جي رُڳو **نِيَّت** ڪري ڇڏڻ سان روزو نہ ٽُٽندو جيستائين ٽوڙڻ وارو ڪو ڪم نہ ڪري. **(الجوهرة النَّيِّره ج1 ص 175)**

يعني رُڳو هي **نِيَّت** ڪئي تہ بس هاڻي مان روزو ٽوڙيان ٿو تہ اهڙيءَ طرح ان وقت تائين **روزو** نہ ٽُٽندو جيسيتائين نِڙيءَ کان هيٺ ڪا شيءِ نہ لاهيندو يا ڪو اهڙو **فعل** نہ ڪري گذرندو جنهن سان **روزو** ٽُٽندو هجي.

**مدينه 13** :**سَحَري** ڪائڻ بہ **نِيَّت** ئي آهي توڙي ماهِ رمضان جي روزي لاءِ هجي يا ڪنهن ٻئي روزي لاءِ. پر جڏهن **سَحَري** ڪائڻ وقت هي ارادو آهي تہ صبح جو روزو نہ رکندس تہ هي سَحَري ڪائڻ **نِيَّت** ناهي. (الجوهرة النيرة ج 1 ص 176)

**مدينه 14** : **رمضان المبارڪ جي هر روزي جي لاءِ نئين نِيَّت** ضروري آهي. پهرين تاريخ يا ڪنهن بہ ٻئي تاريخ ۾ جيڪڏهن پوري **ماهِ رمضان** جي روزن جي **نِيَّت** ڪري بہ ڇڏي تہ هيءَ **نِيَّت** رُڳو انهيءَ هڪ ڏينهن جي حق ۾ آهي، باقي ڏينهن جي لاءِ ناهي. **(الجوهرة النيرة ج 1 ص 167)**

**مدينه 15** : رمضان المبارڪ جا ادا روزا ۽ **نذرِ مُعَيَّن** ۽ **نفل** کان سواءِ باقي روزا مثال طور رمضان المبارڪ جا قضا روزا ۽ **نذرِ غير مُعَيَّن** ۽ **نفل** جي قضا (يعني نفلي روزو رکي ٽوڙيو هو ان جي قضا) ۽ نذرِ مُعَيَّن (يعني مقرر باس) **جي قضا** ۽ **ڪفاري جو** روزو يا

**تَمتُّع**[1] جوروزو انهن سيني ۾ عين پرهه ڦُٽڻ وقت يا رات ۾ **نِيَّت** ڪرڻ ضروري آهي ۽ هي به ضروري آهي ته جيڪو روزو رکڻو آهي خاص انهيءَ مخصوص روزي جي **نِيَّت** ڪريو. جيڪڏهن هنن روزن جي **نِيَّت** ڏينهن ۾ (يعني صبح صادق کان وٺي ضحوهءِ ڪبرىٰ کان پهريان پهريان) ڪئي ته هاڻ اهي روزا نفل ٿيا پوءِ به انهن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي. ٽوڙيندؤ ته قضا واجب ٿيندي. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه توهان جي علم ۾ هجي ته مان جيڪو روزو رکڻ چاهيان ٿو هي اهو روزو ناهي بلڪه نفل ئي آهي. (دُرمختار مع ردالمحتار ج3 ص 344)

**مدينه 16 : توهان** هي گمان ڪري روزو رکيو ته منهنجي ذمي روزي جي قضا آهي. هاڻي رکڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته گمان غلط هيو. جيڪڏهن جلدي ٽوڙي ڇڏيو ته ڪوبه حرج ناهي. پر بهتر اهو آهي ته پورو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن معلوم ٿيڻ کان پوءِ جلدي نه ٽوڙيو ته هاڻي لازم ٿي ويو ان کي نه ٿا ٽوڙي سگهو جيڪڏهن ٽوڙيندؤ ته قضا واجب آهي. (رد المحتار ج3 ص 346)

---

[1] حج جا ٽي قسم آهن (1) قِران (2) تَمَتُّع (3) اِفراد . قِران ۽ تَمَتُّع واري تي حج ادا ڪرڻ کان بعد شڪراني جي طور تي حج جي قرباني ڪرڻ واجب آهي جڏهن ته اِفراد واري جي لاءِ مستحب. جيڪڏهن قِران ۽ تَمَتُّع وارا تمام مسڪين ۽ محتاج آهن پر قِران ۽ تَمَتُّع جي نيّت ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي انهن وٽ نه ڪو قرباني جي لائق جانور آهي نه رقم نه ئي ڪو اهڙو سامان جنهن کي وڪڻي قربانيءَ جو انتظام ڪري سگهن ته هاڻي قرباني جي عيوض انهن تي ڏهه روزا واجب ٿيندا. ٽي روزا حج جي مهينن ۾ يعني پهرين شوال المڪرم کان نائين ذي الحجه تائين احرام ٻڌڻ کان پوءِ ان وچ ۾ جڏهن چاهين رکي ڇڏين. ترتيب وار رکڻ ضروري ناهن، وقفي سان به رکي سگهن ٿا. بهتر هي آهي ته ست، اٺ ۽ نائين ذي الحجه جو رکن ۽ پوءِ تيرهين ذي الحجه کان بعد باقي ست روزا جڏهن چاهين رکي سگهن ٿا بهتر هي آهي ته گهر وڃي رکن.

**مدينه 17** : **رات** ۾ توهان قضا روزي جي **نيّت** ڪئي، جيڪڏهن هاڻي صبح شروع ٿي وڃڻ کان بعد ان کي نفل ڪرڻ چاهيو ٿا ته نه ٿا ڪري سگهو. (ردالمحتار ج3 ص 345)

**مدينه 18** : **نماز** جي دوران به جيڪڏهن روزي جي **نِيَّت** ڪئي ته هيءَ **نِيَّت** صحيح آهي. (دِر مختار، ردالمحتار ج3 ص 345)

**مدينه 19** : **ڪيترائي** روزا قضا هجن ته **نِيَّت** ۾ هي هئڻ گهرجي ته ان رمضان جي پهرين روزي جي قضا، ٻئي جي قضا ۽ جيڪڏهن ڪجهه هن سال جا قضا ٿي ويا ڪجهه گذريل سال جا باقي آهن ته هي **نِيَّت** هئڻ گهرجي ته هن رمضان جي قضا ۽ ان **رمضان** جي قضا ۽ جيڪڏهن ڏينهن کي مُعَيَّن (يعني مقرر) نه ڪيو، تڏهن به ٿي ويندا. (عالمگيري ج1 ص 196)

**مدينه 20** : مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان **رمضان** جو روزو ڇاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏيو هو ته توهان تي ان **روزي** جي قضا به آهي ۽ (جيڪڏهن ڪفاري جا شرط ڏٺا ويا ته) سٺ روزا ڪفاري جا به. هاڻي توهان **ايڪهٺ** روزا رکي ڇڏيا قضا جو ڏينهن **مقرر** نه ڪيو ته هن ۾ قضا ۽ ڪفارو ٻئي ادا ٿي ويا. (عالمگيري ج1 ص 196)

**ڏاڙهيءَ واري پيارڙي! مدينا**

**روزي** ۽ ٻين عملن جون نيّتون سکڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن

پريو سفر ڪريو ۽ ٻنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪريو. توهان جي ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشگوار ۽ خوشبودار مدني بهار توهان جي خدمت ۾ بيان ڪريان ٿو جيئن تہ رنڇوڙ لائين (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هڪ ڀيري **عاشقانِ رسول** جي ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ تقريبًا 26 سالہ هڪ اسلامي ڀاءُ بہ سفر ۾ شريڪ هيو، اهو دعا ۾ تمام گهڻو روئندو هو. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ منهنجي هڪ ئي مدني مُنّي آهي ۽ ان جي چهري تي ڏاڙهيءَ جا وار ڦٽڻ شروع ٿي ويا آهن! ان ڪري مون کي سخت ڳڻتي آهي، ايڪسري ۽ ٽيسٽ وغيره سان سبب سامهون نہ ٿو اچي ۽ ڪوبہ علاج ڪارائتو نہ ٿو ٿئي. ان جي گذارش تي شرڪاءِ مدني قافله ان جي مدني مُنّيءَ جي لاءِ دعا ڪئي. سفر مڪمل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ جڏهن ٻئي ڏينهن ان ڏکويل اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي تہ ان خوشيءَ مان جهومندي هيءَ خوشخبري ٻڌائي تہ ٻارڙيءَ جي ماءُ ٻڌايو تہ توهان جي **مدني قافلي** جي سفر تي رواني ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن ئي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي مدني مُنّيءَ جي چهري تان وار ائين غائب ٿي ويا جڻ تہ ڪڏهن هئا ئي نہ!

ہو گا لطفِ خدا آؤ بھائی دعا مل کے سارے قافلے میں چلو

غم سے روتے ہوئے جان کھوتے ہوئے مرحبا! ہنس پڑے قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”حضرت سيدنا علي اصغر“جي سورنهن اکرن جي نسبت سان ڪير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪتن جون ته ڇا خوب بهارون آهن ٻارن ڪي بيمارين کان بچائڻ جي لاءِ اڳواٽ ڪيون ويندڙ احتياطي تدبيرون ڪافي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان سلسلي ۾ 16 **مدني گل** ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هڪدم بعد يَا بَرُّ ست ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري جيڪڏهن ٻار تي دم ڪيو وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ بالغ ٿيڻ تائين آفتن کان حفاظت ۾ رهندو. ﴿2﴾ پيدائش کان پوءِ ٻار کي ڦهريان لوڻ مليل نيم گرم پاڻيءَ سان وهنجاريو پوءِ سادي پاڻيءَ سان غسل ڏيو ته اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ٻار ڦٽ ڦرڙيءَڪان محفوظ رهندو﴿3﴾ لوڻ مليل پاڻيءَسان ٻارڙن کي ڪجهه ڏينهن تائين وهنجاريندا رهو جو هي ٻارڙن جي تندرستيءَ لاءِ بيحد مفيد آهي ۽ پڻ ﴿4﴾ وهنجارڻ کان پوءِ بدن تي سرنهن جي تيل جي مالش ٻارڙن جي صحت جي لاءِ اڪسير آهي﴿5﴾ ٻارڙن کي ڪير پيارڻ کان ڦهريان روزانو ٻه ٽي ڀيرا هڪ آڱر ماکي چٽائڻ ڪافي فائديمند آهي﴿6﴾ توڙي ڦينگهي ۾ لوڏيو يا بستري تي سمهاريو يا هنج ۾ڪيڏاريو هر حال ۾ ٻارڙن جو مٿو اوچو رکو، مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ٿيڻ نه ڏيو جو نقصان ڏيندڙ آهي﴿7﴾ ولادت کان پوءِ تمام تيز روشنيءَ واري جڳهه تي رکڻ سان ٻار جي نظر ڪمزور ٿي ويندي آهي﴿8﴾ جڏهن ٻار جون مهارون سخت ٿي وڃن ۽ ڏند

نڪرندا معلوم ٿين تہ مهارن تي ڪڪڙ جي چربي مَليندا ڪريو ۽ ﴿9﴾ روزانو هڪ بہ پيرا مهارن تي ماکي مَليندا رهو ۽ ٻار جي مٿي ۽ ڪنڌ تي تيل جي مالش ڪرڻ مفيد آهي﴿10﴾ جڏهن ڪير ڇڏائڻ جو وقت اچي ۽ ٻار ڪائڻ لڳي تہ خبردار!خبردار!ان کي ڪا سخت شيءِ چٻاڙڻ نہ ڏيو، ڪيس تمام ٿي نرم ۽ جلد هضم ٿيڻ واريون غذائون ڪارايو. ﴿11﴾ ڳئون يا ٻڪريءَ جو کير بہ پيارينداﺪ رهو ﴿12﴾ حيثيت مطابق ٻارن کي ان عمر ۾ چڱي خوراڪ ڏيو جو ان عمر ۾ جيڪا طاقت بدن ۾ اچي ويندي اها جيڪڏهن ٻار زنده رهيو تہ اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ڪم ايندي. ﴿13﴾ ٻارڙن کي هر هر غذا نہ ڏيڻ گهرجي جيستائين هڪ غذا هضم نہ ٿئي ٻي غذا هرگز نہ ڏيو. ﴿14﴾ ٽافيون، مٺائي ۽ ڪٽائي جي عادت کان بچائڻ تمام تمام ضروري آهي ڇو تہ هي شيون ٻارن جي صحت جي لاءِ تمام نقصان ڪار آهن ﴿15﴾ٻارڙن کي خُشڪ ميوا ۽ تازا ميوا ڪارائڻ تمام سنو آهي.﴿16﴾ ختنو جيتري ننڍي عمر ۾ ٿي وڃي بهتر آهي تڪليف بہ گهٽ ٿيندي ۽ زخم بہ جلدي پرجي ويندو آهي.

## عورت ۽ ٻار جي حفاظت جو روحاني نسخو

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ ڪنهن ڪاغذ تي 55 پيرا لکي ڪري (يا لکرائي ڪري) ضرورت مطابق تعويذ جيان ويڙهي ڪري موم جامو يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي يا ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ڪري **حامله** پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي يا ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏي اِن شآءاللهعَزَّوَجَلَّ **حمل** جي حفاظت ۽ ٻار بہ آفت ۽ مصيبت کان سلامت رهي جيڪڏهن

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پنجونجاهہ پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري رکي ڇڏيو ۽ پيدا ٿيندي ئي ٻار جي منهن تي لڳائي ڇڏيو تہ اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻار ذهين ٿيندو ۽ ٻارن کي ٿيڻ وارين بيمارين کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن اهو ئي پڙهي ڪري زيت (يعني زيتون شريف جي تيل) تي دم ڪري ٻار جي جسم تي نرميءَ سان مليو وڃي تہ بيحد مفيد آهي. اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪيڙا ماڪوڙا ۽ ٻيا موذي جانور ٻار کان پري رهندا. ان طرح جو پڙهيل زيت وڏن لاءِ جسماني سور ۾ مالش جي لاءِ بہ نهايت ڪارائتو آهي.

## سحري ڪرڻ سنت آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو ان اسان کي روزي جهڙي عظيم نعمت عطا فرمائي ۽ گڏوگڏ قوت جي لاءِ سَحَري جي نہ رُڳو اجازت عطا فرمائي، بلڪ هن ۾ اسان جي لاءِ ڍير ثواب بہ رکي ڇڏيائين. اسان جا پيارا آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ کائڻ پيئڻ جا اسان جيان محتاج نہ هئا. تڏهن بہ اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان غلامن جي خاطر سَحَري فرمائيندا هئا تہ جيئن محبت وارا غلام پنهنجي محسن آقا، شاهِ خيرالانام صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت سمجهي سَحَري ڪندا رهن. ائين ڪين ڏينهن جي وقت روزي ۾ قوت سان گڏو گڏ سنّت تي عمل ڪرڻ جو ثواب بہ هٿ اچي. ڪجهہ اسلامي ڀائرن کي ڏٺو ويو آهي تہ ڪڏهن سَحَري ڪرڻ کان رهجي ويندا آهن تہ فخر سان لَباڙون هڻندي پنهنجو ڪارنامو هيئن ٻُڌائيندا آهن، اسان تہ سَحَريءَ جي بغير ئي روزو رکي ورتو آهي.“ مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانؤ! سَحَريءَ کان بغير روزو رکڻ کو ڪمال نه ناهي جنهن تي فخر ڪيو وڃي. بلڪ **سَحَري جي سنّت** رهجي وڃڻ تي شرمسار ٿيڻ گهرجي، افسوس ڪرڻ گهرجي جو تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ عظيم سنّت رهجي ويئي.

## هزار سالن جي عبادت کان بهتر

حضرتِ سيّدُنا شيخ شَرَفُ الدّين المعروف بابا بُلبُل شاهه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، الله تبارڪ وتعالى مون کي پنهنجي رحمت سان ايڏي طاقت بخشي آهي جو مان بغير کائڻ پيئڻ ۽ بغير ساز وسامان جي پنهنجي زندگي گذاري سگهان ٿو. پر جيئن ته اهي ڪم مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ناهن انهيءَ لاءِ انهن کان بچندو آهيان، "**منهنجي ويجهو سنّت جي پيروي هزار سال جي عبادت کان بهتر آهي.**" بهرحال تمام تر اعمال جو حُسن و جمال، اتباعِ سنّتُ محبوبُ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ئي لڪيل آهي.

## سمهڻ کان پوءِ سَحَريءَ جي اجازت نه هئي

شروع ۾ رات جو اٿي **سَحَري** ڪرڻ جي اجازت نه هئي. روزي رکڻ واري کي سج لهڻ کان پوءِ رُڳو ان وقت تائين کائڻ، پيئڻ جي اجازت هئي جيستائين اهو سمهي نه پوي. جيڪڏهن سُمهي پيو ته پوءِ سُجاڳ ٿي کائڻ پيئڻ منع ٿيل هيو. پر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پيارن ٻانهن تي احسانِ عظيم فرمائيندي سَحَريءَ جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي ۽ ان جو سبب هيئن ٿيو. جيئن ته "خزائِنُ العرفان"۾ حضرت صدرالافاضل حضرتِ علّامه مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِى نقل ڪن ٿا:

## سحري جي اجازت جي حڪايت

حضرتِ سيِّدُنا صِرمَه بن قَيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا محنتي شخص هئا. هڪ ڏينهن روزي جي حالت سان پنهنجي زمين ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪري شام جو گهر آيا. پنهنجي گهرواريءَ کان کاڌو طلب ڪيائون، هو پچائڻ ۾ مصروف ٿي ويون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ٿڪيل هئا، اک لڳي ويئي. کاڌو تيار ڪري جڏهن کين جاڳايو ويو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو ته انهن ڏينهن ۾ (سج لهڻ کانپوءِ) سُمهڻ واري جي لاءِ کائڻ پيئڻ منع ٿيل هو. اهڙيءَ طرح کائڻ پيئڻ کان بغير پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻئي ڏينهن به روزو رکي ڇڏيائون. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪمزوريءَ جي سبب بيهوش ٿي ويا (تفسيرِ الخازن ج1 ص126) سندن حق ۾ هيءَ آيتِ مقدسه نازل ٿي:

وَكُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين جو اوهان لاءِ باک جو اڇو سڳو ڪاري سڳي کان ظاهر ٿئي پوءِ رات جي اچڻ تائين روزا پورا ڪريو.

هن آيتِ مقدسه ۾ رات کي ڪاري ڌوري سان ۽ صبح صادق (پرهه ڦٽيءَ) کي سفيد ڌوريءَ سان تشبيهه (يعني ڀيٽ) ڏني ويئي. معنيٰ هي آهي ته توهان جي لاءِ رمضان المبارڪ جي راتين ۾ کائڻ پيئڻ مباح (يعني جائز) قرار ڏنو ويو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مان هي به معلوم ٿيو ته روزي جو فجر جي اذان سان ڪوبه تعلق ناهي، يعني فجر جي اذان ٿيڻ مهل کائڻ پيئڻ جو ڪو جواز ئي ناهي. اذان اچي يا نه اچي، توهان تائين آواز

پهچي يا نه پهچي صبح صادق (پرھ ڦٽي) ٿيندي ئي توهان کي کائڻ پيئڻ بلڪل بند ئي ڪرڻو پوندو.

## ”سحري سنت آهِ“ جي نوا ڪرن جي نسبت سان سَحَري جي فضائل تي مشتمل 9 فرامينِ مصطفيٰ ﷺ

**مدنيه 1**: ”سَحَري ڪائيندا ڪريو ڇو ته سَحَري ۾ برڪت آهي.“

(صحيح بخاري ج1 ص 633حديث 1923)

**مدنيه 2**: اسان جي ۽ اهلِ ڪتاب جي وچ ۾ **سَحَري ڪائڻ** جو فرق آهي.

(صحيح مسلم ص 552حديث 1096)

**مدنيه 3**: الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا **سَحَري ڪائڻ** وارن تي رحمت نازل فرمائيندا آهن. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص 194 حديث3458)

**مدنيه 4** : **نبيِّ ڪريم،** رؤفُ رَّحيم، محبوبِ ربِ عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ سان گڏ جڏهن به ڪنهن صحابيءَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سَحَري ڪائڻ جي لاءِ گهرائيندا هئا ته ارشاد فرمائيندا هئا، ”اچو برڪت جو کاڌو کائي وٺو“.

(سنن ابو داود ج 2 ص 442 حديث 2344)

**مدنيه 5** : روزو رکڻ جي لاءِ **سَحَري** کائي قوت حاصل ڪريو ۽ ڏينهن (يعني ٻنپهرن) جي وقت آرام (يعني قيلولو) ڪري رات جي عبادت لاءِ طاقت حاصل ڪريو. (سنن ابن ماجه ج2 ص 321 حديث1693)

**مدنيه 6** : **سَحَري** برڪت جي شيءِ آهي جيڪا الله تعاليٰ توهان کي عطا فرمائي آهي، ان کي نه ڇڏجو. (السنن الکبري، للنسائي ج2 ص 79 حديث 2472)

**مدنيه 7**: ٽي ماڻهو جيترو به کائين. اِن شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ انهن سان ڪو

حساب نہ ٿيندو پر شرط اهو آهي تہ ڪاڏو حلال هجي. (1) روزيدار افطار جي وقت (2) سَحَري ڪائڻ وارو (3) مجاهد جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي واٽ ۾ اسلام جي سرحد جي حفاظت ڪري. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 90 حديث 9)

**مدنيه 8:** سَحَري سَچي جو سَچي برڪت آهي تنهنڪري توهان نہ ڇڏيو چاهي ائين ئي ٿئي جو پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ پئي ونو. بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا رحمت موڪليندا آهن سَحَري ڪرڻ وارن تي.

(مُسند امام احمد ج 4 ص 88 حديث 11396)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي چين دلين جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حرمين، سَروَرِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هنن تمام فرمانن مان اسان کي اهو ئي درس ملي ٿو تہ سَحَري اسان جي لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي جنهن سان بيشمار جسماني ۽ روحاني فائدا حاصل ٿيندا آهن. انهيءَ لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي مبارڪ ناشتو چيو آهي. جيئن تہ

**مدنيه 9:** حضرت سيّدُنا عِرباض بن ساريه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري رمضان المبارڪ ۾ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي پاڻ سان گڏ سحري ڪائڻ جي لاءِ گهرايو ۽ فرمايائون "اچو مبارڪ ناشتي جي لاءِ."

(سنَن ابوداود ج 2 ص 442 حديث 2344)

## ڇا روزي جي لاءِ سَحَري شرط آهي؟

ڪنهن کي هيءَ غلط فهمي نہ ٿي وڃي تہ سَحَري روزي جي لاءِ شرط آهي. ائين ناهي سَحَري کان بغير بہ روزو ٿي سگهي ٿو. پر ڄاڻي واڻي سَحَري نہ ڪرڻ مناسب ناهي ڇو جو اها هڪ عظيم

سنّت کان محرومي آهي ۽ هي به ياد رهي ته **سَحَري** ۾ گهڻو پيٽ ڀري کائڻ ئي ضروري ناهي. ڪجھ کارڪون ۽ پاڻي ئي جيڪڏهن **سَحَريءَ** جي نِيَّت سان استعمال ڪري ڇڏيو تڏهن به ڪافي آهي بلڪ کارڪن ۽ پاڻي سان ته **سَحَري** ڪرڻ سنّت به آهي جيئن ته

## کارڪن ۽ پاڻيءَ سان سحري ڪرڻ سنت آهي

**حضرتِ** سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سَحَري** جي وقت مون کي فرمائيندا هئا:”منهنجو روزي رکڻ جو ارادو آهي مون کي ڪجھ کارايو. ته آءُ ڪجھ کارڪون ۽ هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي پيش ڪندو هئس. (السنن الکبريٰ للنسائي ج 2 ص 80 حديث 2477)

## کارڪ بهترين سحري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته روزيدار جي لاءِ هڪ ته **سَحَري** ڪرڻ پاڻ **سنّت** آهي ۽ کارڪ ۽ پاڻيءَ سان **سَحَري** ڪرڻ بي سنّت بلڪ کارڪ سان سَحَري ڪرڻ جي ته اسان جي آقا و مولٰي، مديني واري مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ترغيب به ڏياري آهي. جيئن ته سيِّدُنا سائب بن يزيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ”نِعْمَ السَّحُوْرُ التَّمْرُ“. يعني کارڪ بهترين **سَحَري** آهي.“ (الترغيب والترهيب ج 2 ص 90حديث 12)

هڪ بي جاءِ تي ارشاد فرمايائون،”نِعْمَ سَحُوْرُالْمُؤمِنِ التَّمْرُ“ يعني کارڪ مؤمن جي بهترين سَحَري آهي.“ (سنّن ابو داود ج 2ص 443 حديث 2345)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! کارڪ ۽ پاڻيءَ جو جمع ڪرڻ به **سَحَري** جي لاءِ شرط ناهي رُڳو ٿورڙو پاڻي به جيڪڏهن **سَحَريءَ** جي نيّت

سان پي چڱجي تہ ان سان بہ سَحَريءَ جي سنّت ادا ٿي ويندي.

## سَحَري جو وقت ڪڏهن ٿيندو آهي؟

عربي جي مشهور لغت جي ڪتاب ”قاموس“ ۾ آهي تہ ”سَحَر ان ڪاڙي کي چوندا آهن جيڪو صبح جي وقت ڪاڙو وجي.“ حنفين جي زبردست پيشوا حضرت علامہ مولانا علي بن سلطان محمد المعروف ملا علي قاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡبَارِی فرمائن ٿا: ”ڪن جي ويجهو سَحَري جو وقت اڌ رات کان شروع ٿي ويندو آهي.

(مرقات المفاتيح شرح مشکوٰة المصابيح ج 4 ص 477)

سَحَري ۾ دير ڪرڻ افضل آهي جيئن جو حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو تہ حضرتِ سيّدُنا يعلىٰ بن مُرَّہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ پياري سرڪار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ٽن شين کي الله عَزَّوَجَلَّ محبوب رکي ٿو (1) افطار ۾ جلدي (2) سَحَريءَ ۾ دير (3) نماز(جي قيام) ۾ هٿ تي هٿ رکڻ.“ (الترغيب والترهيب ج 2 ص 91 حديث 4)

## سَحَري ۾ دير مان ڪهڙو وقت مراد آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سَحَري ۾ دير ڪرڻ مستحب آهي ۽ دير سان سَحَري ڪرڻ ۾ وڌيڪ ثواب ملندو آهي پر ايتري دير بہ نہ ڪئي وڃي جو صبح صادق جو شڪ ٿيڻ لڳي! هتي ذهن ۾ هي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ”دير“ مان مُراد ڪهڙو وقت آهي؟ مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡحَنَّان ”تفسيرِ نعيمي“ ۾ فرمائن ٿا تہ هن مان مُراد رات جو ڇهون حصو آهي وري ذهن ۾ سوال ايريو تہ رات جو ڇهون حصو ڪيئن معلوم

ڪيو وڃي؟ ان جو جواب هي آهي تہ **سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين رات ڇوَرائيندي آهي.** مثال طور: ڪنهن ڏينهن **سٺين** وڳي شام جو سج لٿو ۽ پوءِ **ڇئين** وڳي صبح صادق ٿي. اهڙيءَ طرح سج لهڻ کان وٺي صبح صادق تائين جيڪو نون (9) ڪلاڪن جو وقفو گذريو اهو رات ڇوَرائيندو. سو رات جي نون (9) ڪلاڪن جا برابر ڇهہ حصا ڪري ڇڏيو. هر حصو **ڏيڍ ڪلاڪ** جو ٿيو هاڻي رات جي آخري ڏيڍ ڪلاڪ (يعني اڍائي وڳي کان چار وڳي) جي دوران صبح صادق کان پهريان پهريان جڏهن بہ **سَحَري** ڪئي اها سَحَري دير سان ڪرڻ سڏبي. سَحَري ۽ افطار جو وقت عام طور تي روزانو تبديل ٿيندو رهندو آهي. ڄاڻايل طريقي موجب جڏهن بہ چاهيو رات جو ڇهون حصو ڪڍي سگهو ٿا جيڪڏهن رات **سَحَري** ڪري ڇڏي ۽ روزي جي نِيَّت بہ ڪري ڇڏي. بلڪ عوامي اصطلاح ۾ ”روزو بند“ بہ ڪري ڇڏيو تڏهن بہ بقايا رات ۾ جڏهن چاهيو کائي پيئي سگهو ٿا. نئين سري سان نِيَّت جي حاجت (يعني ضرورت) ناهي.

## اذانِ فجر نماز لاءِ آهي روزو بند ڪرڻ لاءِ ناهي

**سَحَري** ۾ ايتري دير بہ نہ ڪريو جو صبح صادق جو شڪ ٿيڻ لڳي. بلڪ ڪي ماڻهو تہ صبح صادق ڪانپوءِ جڏهن فجر جون اذانون ٿي رهيون هونديون آهن تڏهن ڪائيندا پيئندا رهندا آهن ۽ ڪن لڳائي ٻُڌندا آهن تہ اجان فلاڻي مسجد جي اذان ختم ناهي ٿي يا هو ٻُڌو پري کان اذان جو آواز اچي رهيو آهي! ۽ ائين ڪجهہ نہ ڪجهہ کائي وٺندا آهن. جيڪڏهن ڪائيندا ناهن تہ

پاڻي پي ڪري پنهنجي اصطلاح ۾ ”روزو بند“ ضرور ڪندا آهن. آهه! ويچارا انهيءَ ريت ”روزو بند“ تہ ڇا ڪندا آهن، روزي کي بلڪل ئي ”ڪليل“ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ائين انهن جو روزو ٿيندو ئي ناهي ۽ سڄو ڏينهن بُک ۽ اُڃ ڪانسواءِ ڪين ڪجهہ هٿ ايندو ئي ناهي. ”روزو بند“ ڪرڻ جو تعلق فجر جي اذان سان ناهي. صبحِ صادق کان پهريان پهريان کائڻ پيئڻ بند ڪرڻ ضروري آهي. جيئن جو آيتِ مقدسہ جي تحت گذريو. الله عَزَّوَجَلَّ هر مسلمان کي صحيح سمجهہ عطا فرمائي ۽ صحيح اوقات جي معلومات ڪري روزا نماز وغيره عبادتون صحيح صحيح ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو

اڄ ڪلهہ علمِ دين کان پري ٿيڻ سبب عام طور تي ماڻهن جو اهو ئي معمول ڏٺو ويو آهي تہ اهي اذان يا سائرن تي ئي سَحَري ۽ افطار جو دارومدار رکندا آهن بلڪ ڪجهہ تہ فجر جي اذان جي دوران ئي ”روزو بند“ ڪندا آهن. هن عام غلطي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جو رمضان المبارڪ ۾ روزانو صبح صادق کان ٿي منٽ پهريان هر مسجد مان بلند آواز سان صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد چوڻ کان پوءِ هن طرح ٽي ڀيرا اعلان ڪيو وڃي، ”روزو رکڻ وارؤ! اڄ سَحَري جو آخري وقت (مثال طور) چار لڳي ٻارهن منٽ آهي. وقت ختم ٿي رهيو آهي، جلدي جلدي کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو. اذان جو هرگز انتظار نہ فرمايو، اذان سَحَريءَ جو وقت ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ نمازِ فجر لاءِ ڏني ويندي

آهي.“ هر هڪ کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ ضروري آهي ته فجر جي اذان لازمي طور تي صبح صادق کانپوءِ ئي ٿيندي آهي ۽ اها ”روزو بند ڪرڻ جي لاءِ ناهي. بلڪ صرف نمازِ فجر جي لاءِ ڏني ويندي آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قافلي جي نيت ڪندي ئي مشڪل آسان ٿي ويئي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر فرمائيندا رهو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون هٿ ايندين. توهان جي ذوق کي وڌائڻ جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ بهار ٻڌايان ٿو جيئن ته لانڍي (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان **بِالتَّصَرُّف** عرض ڪريان ٿو: منهنجي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا، خرچ پکي جو انتظام ڪونه هو، مون کي ڪافي ڳڻتي هئي، قرض وٺڻ جو ذهن به ڪونه پيو ٺهجي ڇوته ادائيگيءَ ۾ دير جي صورت ۾ منهنجي جان کان به پياري مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي نالي تي داغ پئجي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن انتهائي پريشانيءَ جي عالم ۾نمازِ ظهر ادا ڪيم ۽ دل ئي دل ۾ نيّت ڪيم جيڪڏهن رقم جو انتظام ٿي ويو ته **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندس. نماز جي فراغت کان پوءِ اجان نمازين سان ملاقات ۽ **انفرادي ڪوشش** ۾ رُڌل هئس ته امام صاحب جيڪي رشتي ۾ منهنجا وڏا چاچا آهن ۽ منهنجي

پريشانيءَ ڪان واقف ﮬﻪ آهن. انهن مون ڪي گهرايو ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بغير سوال جي پاڻ ئي رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيائون. مان بئي ڏينهن ئي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان منهنجي پريشاني ختم ٿي وئي. تاريخ ٻَڌجڻ وقت اسان قرض جي بار ڪان پريشان هئاسين. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ وڏي ياءَ جي شادي ﮬﻪ ٿي وئي ۽ قرض ﮬﻪ لهي ويو.

قلب بھی شاد ہو، گھر بھی آباد ہو
شادیاں بھی رچیں، قافِلے میں چلو
قرض اتر جائے گا، زخم بھر جائیگا
سب بلائیں ٹلیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ننڍي ياءَ جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان قرض جي ادائيگيءَ جو انتظام، رقم جو اهتمام ۽ وڏي ياءَ جي شاديءَ وارو ڪم ٿي ويو.

## قرض ڪان نجات جو عمل

هر نماز ڪان پوءِ ست ڀيرا سوره، قريش (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دعا گهرو. جبل جيڏو قرض هوندو تڏهن ﮬﻪ اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ادا ٿي ويندو. مُراد پوري ٿيڻ تائين عمل ڪي جاري رکو.

## قرض لاهڻ جو وظيفو

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(ترجمو: يا الله عَزَّوَجَلَّ مون ڪي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام ڪان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ ڪان سواءِ غيرن ڪان بي نياز ڪري ڇڏ) مُراد

پوري ٿيڻ تائين هر نماز کان پوءِ 11،11 ڀيرا ۽ صبح ۽ شام100 ،100 ڀيرا روزانو (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهو). مروي آهي ته هڪ مڪاتب[1] حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضىٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: ”مان پنهنجي ڪتابت (يعني آزاديءَ جي قيمت) ادا ڪرڻ کان عاجز آهيان منهنجي مدد فرمايو.“ پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايائون: ”آءُ توهان کي ڪجهه ڪلمات نه سيکاريان جيڪي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي سيکاريا آهن. جيڪڏهن توهان تي جبلِ صِير جيڏو قرض هوندو ته الله تعالىٰ توهان جي طرف کان ادا ڪري ڇڏيندو توهان هيئن چوندا ڪريو،“

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(ترجمو: يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن کان بي نياز ڪري ڇڏ) .“
**(جامع ترمذي ج5 ص329 حديث3574)**

**مدني التجاءِ:** عمل شروع ڪرڻ کان پهريان حضور غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن روپين جو نياز ۽ ڪم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه روپين جو نياز امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪريو. (ڇاپايل رقم جا ديني ڪتاب به تقسيم ڪري سگهجن ٿا)

**صبح ۽ شام جي تعريف:** اڌ رات کان بعد کان وٺي سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين صبح ۽ ظهر جي شروعاتي وقت کان سج لهڻ تائين شام چَورائيندي آهي.

---

[1] مڪاتب ان غلام کي چوندا آهن جنهن پنهنجي آقا سان مال جي ادائگيءَ جي بدلي آزاديءَ جو معاهدو ڪيو هجي. (المختصر القدوري ، ڪتاب المڪاتب ص 376) صِير هڪ جبل جو نالو آهي. (النهاية ج 3 ص 61)

**مدني مشورو:** پريشان حال اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪري اتي دعا گهري جيڪڏهن پاڻ مجبور آهي مثال طور اسلامي ڀيڻ آهي تہ پنهنجي گهر مان ڪنهن ٻئي کي سفر تي موڪلي.

## افطار جو بيان

**جڏهن** سج لهڻ جو يقين ٿي وڃي تڏهن افطار ڪرڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي. نہ سائرن جو انتظار ڪريو، نہ اذان جو. جلدي ڪا شيءِ کائي پيئي ڇڏيو پر **ڪارڪ** يا ڇوهاري يا پاڻيءَ سان افطار ڪرڻ سنّت آهي. **ڪارڪ** کائي يا پاڻي پيئي ڇڏڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو.[1]

## افطار جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ لَکَ صُمْتُ وَبِکَ اٰمَنْتُ وَعَلَیْکَ تَوَکَّلْتُ وَعَلٰی رِزْقِکَ اَفْطَرْتُ۔

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي لاءِ روزو رکيو ۽ توتي ايمان آندو ۽ توتي ئي ڀروسو ڪيو ۽ تنهنجي ڏنل رزق سان روزو افطار ڪيو. (عالمگيري ج 1 ص 200)

## افطار جي لاءِ اذان شرط ناهي

**افطار جي** لاءِ اذان شرط ناهي. ٻي صورت ۾ انهن علائقن ۾ روزو ڪيئن کُلندو جتي مسجدون ئي ناهن يا اذان جو آواز ناهي ايندو. بهرحال مغرب جي اذان نمازِ مغرب جي لاءِ هوندي آهي. جتي مسجدون هجن اتي ڪاش هي دستور رائج ٿي وڃي تہ جيئن ئي سج لهڻ جو

---

[1] افطار جي دعا عام طور تي افطار کان پهريان پڙهڻ جو رواج آهي پر اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن "فتاويٰ رضويه ج 10 ص 631" ۾ پنهنجي تحقيق اها ئي پيش ڪئي آهي تہ دعا افطار کان بعد پڙهي وڃي.

يقين ٿي وڃي. بلند آواز سان صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد
چوڻ ڪان پوءِ هن ريت اعلان ڪيو وڃي: ”روزيدارو! روزو افطار ڪري وٺو“

## ”ياغوث الاعظم“ جي يارنهن اکرن جي نسبت سان افطار جا 11 فضائل

**مدينه 1:** حضرتِ سيّدُنا سهل بن سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته بحر و بر جا بادشاهه، ٻنهي جهانن جا شهنشاهه، امت جا خير خواهه، آمنه جا مهر و ماهه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا: ”هميشه ماڻهو خير سان رهندا جيستائين افطار ۾ جلدي ڪندا.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 645 حديث 1957)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن ئي سج لهڻ جو يقين ٿي وڃي، بنا دير جي کارڪ يا پاڻي وغيره سان روزو کولي ڇڏيو ۽ دعا به هاڻي روزو کولڻ کان پوءِ گهرو ته جيئن افطار ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ٿئي.

**مدينه 2:** سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مُشڪبار آهي:”منهنجي امت منهنجي سنّت تي رهندي جيستائين افطار ۾ ستارن جو انتظار نه ڪري.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5ص209 حديث3501)

**مدينه 3:** حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي سلطانِ دو جهان، مديني جا سلطان، رحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”منهنجي ٻانهن ۾ مون کي وڌيڪ پيارو اهو آهي جيڪو افطار ۾ جلدي ڪندو آهي.“ (ترمذي ج 2 ص 164 حديث 700)

سبحٰن الله! الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو ٻڌڄو آهي ته افطار جي وقت ڪنهن قسم جي مشغوليّت نه رکو، بس جلدي افطار ڪري ڇڏيو.

**مدينه 4:** حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا مون الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن به هن طرح نه ڏٺو جو پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم افطار کان پهريان سانجهيءَ جي نماز ادا فرمائي هجي چاهي هڪ ڍُڪ پاڻيءَ جو ئي هوندو هو. (پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان افطار فرمائيندا هئا).

**(الترغيب والترهيب ج 2 ص 91حديث 91)**

**مدينه 5 :** حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ والا تبار، بِاِذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”هي دين هميشه غالب رهندو جيستائين ماڻهو افطار ۾ جلدي ڪندا رهندا جو يهود و نصاریٰ دير ڪندا آهن.“

**(سنن ابوداود ج 2 ص 446حديث2353)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حديثِ پاڪ ۾ به افطار ۾ دير ڪرڻ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ويو آهي ۽ افطار ۾ دير ڪرڻ جيئن ته يهود و نصاریٰ جو فعل آهي ان لاءِ انهن جي مُشابهت (يعني نقل) کان روڪيو ويو آهي.

**مدينه 6:** حضرتِ سيّدُنا زيد بن خالد جُهَنِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينهءِ منوره، سلطانِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

مَنۡ جَھَّزَ غَازِیاً اَوۡحَاجًّا اَوۡ خَلَفَهٗ فِیۡ اَهۡلِهٖ اَوۡ فَطَّرَصَائِماً كَانَ لَهٗ مِثۡلُ اَجۡرِهٖ مِنۡ غَيۡرِ اَنۡ يَّنۡقُصَ مِنۡ اُجُوۡرِهِمۡ شَيۡءٌ
(السنن الكبرىٰ للنسائي ج 2 ص 256 حديث 3330)

ترجمو: جنهن غازي يا حاجيءَ کي سامان (سفر جو سامان) ڏنو يا ان جي پويان ان جي گهروارن جي سار سنڀال ڪئي يا ڪنهن روزيدار جو روزو افطار ڪرايو ته ان کي به انهن جي مثل اجر ملندو بغير ان جي جو انهن جي اجر ۾ ڪجھ گهٽتائي ٿئي.

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ ڪيڏي پياري بشارت (يعني خوشخبري) آهي جو غازي کي جهاد جو سامان فراهم ڪرڻ واري کي غازيءَ جيترو، حج تي وڃڻ واري جي مالي مدد ڪرڻ تي حاجيءَ جهڙو ۽ افطار ڪرائڻ واري کي روزيدار جيترو ثواب ڏنو ويندو ۽ وڌي ۾ وڌو ڪرم هي آهي جو انهن جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نه ٿيندي. ذَالِكَ فَضۡلُ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ. (يعني هي سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل آهي) پر شريعت جو هي حڪم ياد رکو ته حج ۽ عمري جي لاءِ سوال ڪرڻ حرام آهي ۽ ان سوال ڪرڻ واري کي ڏيڻ به گناهه آهي.

## افطار ڪرائڻ واري جي عظيم فضيلت

**مدينه 7** : **حضرتِ** سيِّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جي تاجوَر، باذنِ ربِ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پَروَر آهي:"جنهن حلال ڪاڌي يا پاڻيءَ سان (ڪنهن مسلمان کي) روزو افطار ڪرايو، فرشتا ماهِ رمضان جي اوقات ۾ ان جي لاءِ **استغفار** ڪندا آهن ۽ جبريل (عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) شبِ قدر ۾ ان جي لاءِ **استغفار** (يعني بخشش جي دعا) ڪندا آهن." (طبراني المعجم الڪبير ج 6 ص 262حديث 6162)

سبحٰن الله! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! قربان وڃجي **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي عنايت ۽ رحمت تان جو ڪو بہ مسلمان ماهِ رمضان ۾ جيڪڏهن ڪنهن روزيدار کي هڪ اڌ **ڪارڪ** ڪارائي يا پاڻيءَ جو هڪ ڍُڪ پياري روزو افطار ڪرائي تہ ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جا معصوم فرشتا رمضان المبارڪ جي اوقات ۾ ۽ فرشتن جا سردار حضرتِ سيّدُنا جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام شبِ قدر ۾ مغفرت جي دعا فرمائيندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ

## جبريل امين جي هٿ ملائڻ جو اهڃاڻ

**مدينہ 8**: **هڪ** روايت ۾ اچي ٿو، ”جيڪو حلال ڪمائيءَ سان رمضان المبارڪ ۾ روزو افطار ڪرائي. رمضان جي سيني راتين ۾ فرشتا ان تي دُرود موڪليندا آهن ۽ شبِ قدر ۾ جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان سان مصافحو ڪندا آهن ۽ جنهن سان جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هٿ ملائن ان جون اکيون (خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ڪان) روئڻهارڪيون ٿي وينديون آهن ۽ ان جي دل نرم ٿي ويندي آهي. (**ڪنزالعمال** ج 8 ص 215 **حديث** 23653)

## روزيدار کي پاڻي پيارڻ جي فضيلت

**مدينہ 9** :هڪ ٻئي روايت ۾ آهي، ”جيڪو روزيدار کي پاڻي پياريندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي منهنجي حوض مان پياريندو جو جنّت ۾ داخل ٿيڻ تائين اڃارو نہ ٿيندو.“ (**صحيح ابن خزيمه** ج3 ص192 **حديث** 1887)

**مدينہ 10**: **حضرتِ** سيّدُنا سلمان بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي خاتمُ الْمرسلين، رَحمةٌ لّلْعٰلمين، شفيعُ الْمُذْنِبين، انيسُ الْغرِيبين، سِراجُ السَّالِڪين، محبوبِ ربُّ الْعٰلمين، جنابِ صادق و امين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جو فرمانِ برڪت نشان آهي:”جڏهن توهان مان ڪو روزو افطار ڪري ته **ڪارڪ** يا ڇوهاري سان افطار ڪري جو اها برڪت آهي ۽ جيڪڏهن نه ملي ته پاڻيءَ سان جو اهو پاڪ ڪرڻ وارو آهي.“

**(جامع ترمذي ج 2 ص 162 حديث 695)**

هن حديثِ پاڪ ۾ هيءَ ترغيب ڏياري ويئي آهي ته ٿي سگهي ته **ڪارڪ** يا ڇوهاري سان ئي افطار ڪيو وڃي جو هي سنّت آهي ۽ جيڪڏهن **ڪارڪ** موجود نه هجي ته پاڻيءَ سان افطار ڪري ڇڏيو جو هي به پاڪ ڪرڻ وارو آهي.

**مدينه 11:** **حضرتِ** سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي،”طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز کان پهريان تازي **ڪارڪ** سان روزو افطار فرمائيندا هئا، تازي **ڪارڪ** نه هوندي هئي ته ڪجھ خشڪ **ڪارڪ** يعني ڇوهارن سان ۽ هي به نه هوندا هئا ته ڪجھ ڍڪ پاڻي پيئندا هئا.

**(سنَن ابو داود ج 2 ص 447حديث 2356)**

**هن** حديثِ پاڪ ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي ته اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اول ته تازي **ڪارڪن** سان روزو افطار ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا جيڪڏهن اهي حاضر نه هونديون هيون ته پوءِ ڇوهارن سان، اهي به جيڪڏهن موجود نه هوندا هئا ته پوءِ پاڻيءَ سان روزو افطار فرمائيندا هئا. تنهنڪري اسان جي پهرين ڪوشش هي هئڻ گهرجي ته افطار جي لاءِ مٺي مٺي **ڪارڪ** ملي وڃي جيڪا مٺي مٺي آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّت آهي اها نه ملي ته پوءِ ڇوهارا ۽ اهي به موجود نه هجن ته پوءِ هاڻي پاڻيءَ سان ئي روزو افطار ڪري ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مبارڪ ۾ سَحَري ۽ افطار ۾ ڪارڪ جي استعمال جي ڪافي ترغيب موجود آهي ڪارڪ کائڻ، ان کي پسائي ان جو پاڻي پيئڻ. ان سان علاج تجويز ڪرڻ اهي سڀ سنّتون آهن. مطلب تہ هن ۾ لاتعداد برڪتون ۽ بيشمار بيمارين جو علاج آهي.

## ”امام احمد رضا جي پنجويهين شريف“ جي پنجويهہ اکرن جي نسبت سان ڪارڪ جا 25 مدني گل

**مدينہ 1:** **طبيبن جي طبيب،** الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، عالي رُتبہ **عَجْوہ** (مدينہء منوره جي سڀ کان عظيم **ڪارڪ** جو نالو) ۾ هر بيماريءَ کان شفا آهي. علامہ بدرالدين عيني حنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي روايت موجب”ستن ڏينهن تائين روزانو ست عدد عَجْوہ **ڪارڪ** کائڻ جُذام (يعني ڪوڙهہ) کي روڪيندو آهي.“ **(عمدة القاري ج 14 ص 446حديث 5768)**

**مدينہ 2:** **مني مني آقا مکّي مدني مصطفیٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي:” **عَجْوہ ڪارڪ** جنّت مان آهي هن ۾ زهر کان شفا آهي.“ **(ترمذي ج 4 ص 17حديث 2073)** **بخاري شريف** جي روايت موجب جنهن نيراني **عَجْوہ ڪارڪ** جا ست داڻا کائي ڇڏيا ان ڏينهن ان کي جادو ۽ زهر بہ نقصان نہ ڏئي سگهندا.

**(صحيح بخاري شريف ج 6 ص 540حديث 5445)**

**مدينہ 3:** **سيِّدُنا ابوهريره** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، **ڪارڪ** کائڻ سان قولنج (يعني وڏي آنڊي جو سور جنهن کي انگريزيءَ ۾ اپينڊڪس APPENDIX چوندا آهن) ناهي ٿيندو. **(ڪنزالعمال ج 10 ص 12 حديث 24191)**

**مدينه 4:** **طبيبن جي طبيب الله** عَزَّوَجَلَّ **جي حبيب، حبيبِ لبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاءِ نشان آهي:”نيراني **ڪارڪ** ڪائو ان سان پيٽ جا ڪيڙا مري ويندا آهن .“ **(الجامع الصغير ص 398 حديث6394)**

**مدينه 5:** **حضرت سيّدُنا ربيع بن خُثيم** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، ”منهنجي ويجهو حامله (يعني ڳورهاري) جي لاءِ **ڪارڪ** کان ۽ مريض جي لاءِ ماکيءَ کان بهتر ڪنهن شيءِ ۾ شفا ناهي.“ **(درمنثور ج 5 ص 505)**

**مدينه 6:** **سيّدي محمد احمد ذهبي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا حامله (ڳورهاري) کي **ڪارڪ** کارائڻ سان اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ چوڪرو پيدا ٿيندو جيڪو خوبصورت، بُردبار ۽ نرم مزاج هوندو.

**مدينه 7:** **جيڪو** بُک جي سبب کان ڪمزور ٿي ويو هجي ان جي لاءِ **ڪارڪ** تمام مفيد آهي ڇو ته هي غذائيّت (يعني کاڌي جي طاقتور جُزن) سان ڀرپور آهي هن جي کائڻ سان جلد توانائي بحال ٿي ويندي آهي تنهنڪري **ڪارڪ** سان افطار ڪرڻ ۾ اها حڪمت به آهي.

**مدينه 8:** **روزي** ۾ هڪدم برف جو ٿڌو پاڻي پيئڻ سان گيس، تَبَخِيرِ مِعده (معدي جي گرمي) ۽ جگر جي ورم (يعني سوڄ) جو سخت خطرو آهي. **ڪارڪ** کائي ٿڌو پاڻي پيئڻ سان نقصان جو خطرو ٽري ويندو آهي. پر تمام ٿڌو پاڻي پيئڻ هر وقت نقصان ڪار آهي.

**مدينه 9:** **ڪارڪ** ۽ کيرو (يعني بادرنگ) يا ونگي ۽ پڻ **ڪارڪ** ۽ هنداڻو گڏ کائڻ سنّت آهي. هن ۾ به حڪمتن جا مدني گل آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي عمل جي لاءِ ته هن جو سنّت هجڻ ئي ڪافي آهي، طبيبن جو

چوڻ آهي ته ان سان جنسي ۽ جسماني ڪمزوري ۽ ڏٻرائپ ختم ٿيندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، ” **مکڻ** سان گڏ **ڪارڪ** کائڻ به سنّت آهي.“ (سنّن ابن ماجه ج 4 ص 41 حديث 3334)

پُراڻيون ۽ تازيون ڪارڪون ملائي ڪري کائڻ به سنّت آهي. **ابنِ ماجه** ۾ آهي، **جڏهن** شيطان ڪنهن کي ائين ڪندي ڏسندو آهي ته افسوس ڪندو آهي ته پراڻي سان گڏ نئين **ڪارڪ** کائي ڪري ماڻهو تنومن (يعني مضبوط جسم وارو) ٿي ويو.

(سنّن ابنِ ماجه ج4ص40حديث 3330)

**مدينه** 10: **ڪارڪ** کائڻ سان پُراڻو قبض ختم ٿيندو آهي.

**مدينه** 11: **أيساهي** (دمو)، دل، گردي، مثاني، پِتي ۽ آنڊن جي مرضن ۾ **ڪارڪ** مفيد آهي. هيءَ بلغم خارج ڪندي آهي وات جي خشڪيءَ کي ختم ڪندي آهي، قُوّتِ باھ وڌائيندي ۽ پيشاب آڻيندڙ آهي.

**مدينه** 12: **دل** جي بيماري ۽ ڪاري موتي (يعني جسم تي ڦرڙيون ٿيڻ) جي لاءِ **ڪارڪ** کي ککڙيءَ سميت ڪُٽي کائڻ مفيد آهي.

**مدينه** 13: **ڪارڪ** کي پسائي ان جو پاڻي پيئي ڇڏڻ سان جگر جون بيماريون ختم ٿينديون آهن. دستن جي بيماريءَ ۾ به هي پاڻي مفيد آهي. (رات جو پسائي صبح جو نيراني ان جو پاڻي پيئو پر پسائڻ جي لاءِ فريزر ۾ نه رکو.)

**مدينه** 14: **ڪارڪ** کي کير ۾ اوٻاري کائڻ بهترين مقوي (يعني طاقت ڏيڻ واري) غذا آهي. هيءَ غذا بيماريءَ کان پوءِ جي ڪمزوري ختم ڪرڻ جي لاءِ بيحد مفيد آهي.

**مدينه 15:** **ڪارڪ** کائڻ سان زخم جلدي ڀرجي ويندو آهي.

**مدينه 16: يرقان** (يعني سائيءَ) **جي لاءِ ڪارڪ بهترين دوا آهي.**

**مدينه 17:** تازي ڦڪل **ڪارڪ** صفرا (يعني”پتي“ مان نڪتل ڪوڙو پاڻي) ذريعي نڪرندڙ پيلو ۽ ڪوڙو پاڻي) ۽ تيزابيّت (يعني Acidity) کي ختم ڪندي آهي.

**مدينه 18: ڪارڪ** جي ڪکڙين کي باهه ۾ ساڙي ان جو منجن (يعني ٿُوٿ پائوڊر) ناهيو. هي ڏندن کي چمڪدار ۽ وات جي بدبوءِ کي ختم ڪندو آهي.

**مدينه 19: ڪارڪ** جي سڙيل ڪکڙين جي ڪيري (يعني خاڪ) لڳائڻ سان زخم جو رت بند ٿي ويندو آهي ۽ زخم ڀرجي ويندو آهي.

**مدينه 20: ڪارڪ** جي ڪکڙين کي باهه ۾ وجهي واس وٺڻ بواسير (يعني موڪن) کي خشڪ ڪندو آهي.

**مدينه 21: کجيءَ** جي وڻ جي پاڙن يا پَنن جي ڪيري ڏندن جي سور جي لاءِ مفيد آهي. پاڙن يا پنن کي پاڻي ۾ ڪاڙهي ان سان گرڙيون ڪرڻ به ڏندن جي سور ۾ فائديمند آهي.

**مدينه 22: جنهن** کي **ڪارڪ** کائڻ سان ڪنهن قسم جو نقصان (Sideeffect) ٿيندو هجي ته ڏاڙهون جو رس يا خس خس يا ڪاري مرچ سان گڏ استعمال ڪري اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

**مدينه 23: اڌ** ڦڪل ۽ پُراڻي **ڪارڪ** هڪ ئي وقت کائڻ نقصانڪار آهي اهڙيءَ ريت **ڪارڪ** سان گڏ انگور يا **ڪشمش** يا مُنقّا ملائي کائڻ، **ڪارڪ** ۽ انجير هڪ ئي وقت کائڻ بيماريءَ مان اٿندي ئي ڪمزوريءَ ۾ کُٽي

**ڪارڪ** کائڻ ۽ اڪين جي بيماريءَ ۾ **ڪارڪ** کائڻ نقصانڪار آهي.

**مدينه 24: هڪ** وقت ۾ 5 تولا (يعني تقريبًا 60 گرام)ڪان وڌيڪ **ڪارڪ** نہ کائو. پُراڻي **ڪارڪ** کائڻ وقت کولي اندران ڏسي وٺو ڇو تہ هن ۾ ڪڏهن ننڍا ننڍا ڳاڙها جيت هوندا آهن) تنهن ڪري صاف ڪري کائو. جنهن **ڪارڪ** ۾ ڪيڙا هجڻ جو گمان هجي ان کي صاف ڪرڻ کان سواءِ کائڻ مڪروهہ آهي. (عون المعبود ج10 ص246) ڪپائڻ وارا چمڪائڻ جي لاءِ اڪثر سرنهن جو تيل لڳائي ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري بهتر هي آهي تہ **ڪارڪ** کي ڪجهہ منٽن جي لاءِ پاڻي ۾ پسائي رکو، تہ جيئن مکين جون وِنيون ۽ ڪِن ڪچرو صاف ٿي وڃي پوءِ ڌوئي استعمال ڪيو. وڻ جي پڪل **ڪارڪ** وڌيڪ مفيد هوندي آهي.

**مدينه 25: مدينهءِ** منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي **ڪارڪن** جون ککڙيون هيڏي هوڏي نہ اڇلايو، ڪنهن ادب جي جاءِ تي رکي ڇڏيو يا درياءَ ۾ وجهي ڇڏيو بلڪ تي سگهي تہ ڪنهن شيءِ سان ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري دٻيءَ ۾ وجهي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ سوپاريءَ جي جاءِ تي استعمال ڪري ان جون برڪتون ماڻيو. مديني مان ٿي آيل هر شيءِ توڙي اها دنيا جي ڪنهن بہ خطي جي هجي اها مديني پاڪ جي فضائن ۾ داخل ٿيندي ئي مديني جي ٿي وئي. تنهن ڪري عاشق ان جو ادب ڪندا آهن.

**افطار جي وقت دعا قبول ٿيندي آهي**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزيدار ڪيڏو خوش نصيب آهي جو هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪندو رهندو آهي. ايتري تائين جو جڏهن افطار جي وقت هو جيڪا بہ دعا گهري

تو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان قبول فرمائيندو آھي جيئن تہ سيّدُنا **عبدالله ابن عَمَّر** و بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آھي تہ امامُ الْمُتَوَڪِّلِين، سيّدُ القانِعين، رَحمَةٌ لِّلعٰلمين، صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آھي:

اِنَّ لِلصَّائِمِ عِنۡدِ فِطۡرِهٖ لَدَعۡوَةً مَّاتُرَدُّ

ترجمو: ”بيشڪ روزيدار جي لاءِ افطار جي وقت ھڪ اھڙي دعا ھوندي آھي جيڪا رد ناھي ڪئي ويندي.“

(الترغيب والترھيب ج2 ص53 حديث 29)

**سيّدُنا ابُوهريره** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آھي تہ تاجدارِ رِسالت،شھنشاھِ نُبُوَّت، پَيڪرِ جُود و سَخاوت، سراپاءِ رحمت، محبوبِ رَبُّ الْعِزَّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُر عظمت آھي:” ٽن شخصن جي دعا رد ناھي ڪئي ويندي. (1) ھڪ روزيدار جي افطار جي وقت (2) ٻيو عادل بادشاھ جي ۽ (3) ٽيون مظلوم جي. انھن ٽنھي جي دعا الله عَزَّوَجَلَّ بادلن (يعني ڪڪرن) کان بہ مٿي ڪٽي ڇڏيندو آھي ۽ آسمان جا دروازا ان جي لاءِ کُلي ويندا آھن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آھي: ”مون کي منھنجي عزّت جو قسم!مان تنھنجي ضرور مدد فرمائيندس. جيتوڻيڪ ڪجھ دير پوءِ ٿئي.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 349 حديث 1752)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسين ڪائڻ پيئڻ ۾ رھجي ويندا آھيون

پيارا روزيدارؤ! توھان کي مبارڪ ھجي جو توھان جي لاءِ ھيءَ بشارت (يعني خوشخبري) آھي تہ افطار جي وقت جيڪا دعا گھرندؤ، اھا قبوليّت واري درجي تائين پھچي ويندي. پر افسوس

جو اڄڪلھ اسان جي حالت ڪجھ اھڙي تہ عجيب ٿي چُڪي آھي جو ڳالھ ئي نہ پُڇو! افطار جي وقت اسان جو نفس وڏي سخت آزمائش ۾ اچي ويندو آھي ڇو تہ عام طور تي افطار جي وقت اسان جي آڏو مختلف قسمن جا ميوا، ڪباب، سموسا، پڪوڙن سان گڏوگڏ گرمي جي موسم ھجي تہ ٿڌا ٿڌا شربت جا جام بہ موجود ھوندا آھن بُک ۽ اُڃ جي شدت جي سبب اسين بي حال تہ ٿي ئي چُڪا ھوندا آھيون. بس جيئن ئي سج لٿو، ڪاڏن ۽ شربت تي ائين ڪِري پوندا آھيون جو دعا ياد ئي ناھي رھندي! دعا تہ دعا اسان جا بيشمار اسلامي ڀائر افطار جي دوران ڪائڻ پيئڻ ۾ ايڏو تہ مشغول ٿي ويندا آھن جو ڪين سانجھيءَ جي نماز جي پوري جماعت بہ ناھي ملندي. بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪجھ تہ ايتريقدر سُستي ڪندا آھن جو گھر ۾ ئي افطار ڪري اتي ئي بغير جماعت جي نماز پڑھي ڇڏيندا آھن توبھ!توبھ!!

**جنّت جا طلبگارو!** ايڏي بہ غفلت نہ ڪريو!!جماعت سان نماز ادا ڪرڻ جي شريعت ۾ نھايت ئي سخت تاڪيد آئي آھي ۽ ھميشہ ياد رکو! ڪنھن صحيح شرعي مجبوريءَ کانسواءِ مسجد جي پنج وقتي نماز جي جماعت ڇڏي ڏيڻ گناھ آھي.

## افطار جا احتياط:

**بھتر ھي آھي تہ ھڪ اڌ ڪارڪ** سان افطار ڪري فورًا چڱيءَ طرح وات صاف ڪري ونجي ۽ باجماعت نماز ۾ شريڪ ٿي وڃجي. اڄڪلھ مسجد ۾ ماٽھو ميوا پڪوڙا وغيره کائڻ کان پوءِ وات کي چڱيءَ طرح صاف ناھن ڪندا فورًا جماعت ۾ شريڪ ٿي ويندا آھن جڏھن تہ

ڪاڏي جو معمولي ذرو يا ذائقو بہ وات ۾ نہ هئڻ گهرجي جو هڪ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي بہ آهي: **ڪرامًا ڪاتبين** (يعني اعمال لکڻ وارن ٻن بزرگ فرشتن) تي ان ڳالهہ کان وڌيڪ ڪا ڳالهہ شديد ناهي جو اهي جنهن شخص تي مقرر آهن ان کي هن حال ۾ نماز پڙهندي ڏسن جو ان جي ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ هجي.“ (طبراني ڪبير ج4 ص 177 حديث 4061) منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪيترن ئي حديثن ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ جڏهن ٻانهو نماز جي لاءِ بيهندو آهي تہ فرشتو ان جي وات تي پنهنجو وات رکندو آهي، هو جيڪو ڪجهہ پڙهندو آهي ان جي وات مان نڪري فرشتي جي وات ۾ ويندو آهي ان وقت جيڪڏهن ڪاڏي جي ڪا شيءِ ان جي ڏندن ۾ هوندي آهي فرشتي کي ان کان ايذي تہ سخت تڪليف ٿيندي آهي جو ٻي ڪنهن شيءِ کان ناهي ٿيندي.

**حضورِ** اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسول محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو نماز جي لاءِ بيهي تہ کيس گهرجي تہ ڏندڻ ڪري وٺي ڇو تہ جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قراءَت ڪندو آهي تہ فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ ان جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي.“ (ڪنزالعمال ج9 ص 319) ۽ طبرانيءَ، ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ ٻنهي فرشتن تي ان کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ ڏکي ناهي جو اهي پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن

۾ ڪاڏي جا ذرا ڦاٿل هجن.“ (فتاوىٰ رضويه ج1 ص 624 کان 625) مسجد ۾ افطار ڪرڻ وارن کي اڪثر ڪري وات جي صفائي ڏکي لڳندي آهي ڇو ته چڱيءَ طرح صفائي ڪرڻ لاءِ ويهن ته جماعت نڪري وڃڻ جو انديشو هوندو آهي تنهن ڪري مشورو آهي ته رُڳو هڪ اڌ کارڪ کائي ڪري پاڻي پي وٺندا. پاڻيءَ کي وات جي اندر خوب جنبش ڏيندا يعني گهمائيندا ته جيئن کارڪ جي مناڻ ۽ ان جا ذرا الڳ ٿي پاڻيءَ سان پيٽ ۾ هليا وڃن، ضرورت موجب ڏندن ۾ خلال به ڪندا جيڪڏهن وات صاف ڪرڻ جو موقعو نه ملندو هجي ته آساني انهيءَ ۾ آهي ته رُڳو پاڻيءَ سان افطار ڪري ڇڏيو. مون کي انهن روزيدارن تي وڏو پيار ايندو آهي جيڪي قسمين قسمين نعمتن جي ٿالهن کان بي نياز ٿي ڪري سج لهڻ کان پهريان پهچي مسجد جي پهرين صف ۾ کارڪ ۽ پاڻي کڻي اچي ويهي ويندا آهن ته جيئن افطار کان جلدي فراغت به ملي، وات کي صاف ڪرڻ ۾ به آساني رهي ۽ پهرين صف ۾ تڪبير اوليٰ سان باجماعت نماز به نصيب ٿئي.

## افطار جي دعا ڏيڻ

هڪ اڌ **کارڪ** وغيره سان روزو افطار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ دعا ضرور گهرندا ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ڪا هڪ دعاءِ ماثوره[1] ئي پڙهي ڇڏيو. ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي مختلف وقتن ۾ جدا جدا دعائون گهريون آهن انهن مان گهٽ ۾ گهٽ ڪا هڪ دعا ته ياد ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ انهيءَ کي

---

[1] قرآن ۽ حديث ۾ جيڪي دعائون ڄاڻايل آهن انهن کي دعاءِ ماثوره چئبو آهي.

پڙهي ونڻ گهرجي. افطار کان پوءِ جي هڪ مشهور دعا اڳ ۾ ص 139 تي گذري چُڪي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻي روايت ملاحظ فرمايو. جيئن تہ ابوداود (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي روايت ۾ اچي ٿو تہ سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم افطار جي وقت هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰھُمَّ لَکَ صُمْتُ وَعَلٰی رِزْقِکَ اَفْطَرْتُ۔

(سنن ابوداود ج2 ص447 حديث 2358)

ترجمو:اي الله عَزَّوَجَلَّ مون تنهنجي لاءِ روزو رکيو ۽ تنهنجي ئي عطا ڪيل رزق سان افطار ڪيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گذريل حديثِ مبارڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ "افطار جي وقت دعا رد ناهي ڪئي ويندي." ڪڏهن ڪڏهن دعا جي قبوليّت جي ظاهر ٿيڻ ۾ دير ٿي ويندي آهي تہ ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ ايندي آهي تہ **دعا** آخر قبول ڇو نہ ٿي! جڏهن تہ حديثِ مبارڪ ۾ تہ دعا جي قبوليّت جي بشارت آيل آهي. **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بظاهر دير کان نہ گهبرايو. سيّدي **اعلیٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي والد گرامي حضرت رئيسُ الْمُتَڪَلّمين سيّدُنا نقي علي خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن اَحسَنُ الْوِعاءِ لِاٰدابِ الدُّعاءِ جي ص 7 تي نقل ڪن ٿا:

## دعا جا ٽي فائدا

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: **دعا** ٻانهي جي، ٽن ڳالهين کان خالي ناهي هوندي (1) يا ان جو گناهہ بخشيو ويندو آهي يا (2) ان کي فائدو حاصل ٿيندو آهي يا (3) ان جي لاءِ آخرت ۾ ڀلائي جمع ڪئي ويندي آهي، جو جڏهن ٻانهو آخرت ۾ پنهنجي

دعائن جو ثواب ڏسندو جيڪي دنيا ۾ مُستجاب (يعني مقبول) نہ ٿيون هيون تڏهن تمنا ڪندو، ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪابہ دعا قبول نہ ٿئي ها ۽ سڀ هتان (يعني آخرت) جي واسطي جمع ٿين ها.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 315)

**دعا ۾ پنج سعادتون مدينا**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ دعا بيڪار تہ ويندي ئي ناهي. انهيءَ جو دنيا ۾ جيڪڏهن اثر ظاهر نہ بہ ٿئي تہ آخرت ۾ ان جو اجر ۽ ثواب ملي ئي ويندو. تنهن ڪري دعا ۾ سُستي ڪرڻ مناسب ناهي.

## ”يا عَفُوُّ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل

**مدينہ 1: پهريون** فائدو هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي پيروي ٿئي ٿي جو ان جو حڪم آهي تہ مون کان دعا گهرندا ڪريو. جيئن جو قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْؕ

ترجمو ڪنزالايمان: مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس

**مدينہ 2:** دعا گهرڻ سنّت آهي جو اسان جا پيارا پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقتن ۾ دعا گهرندا هئا. انهيءَ ڪري دعا گهرڻ ۾ **اتباع سنّت** جو بہ شرف حاصل ٿيندو.

**مدينہ 3:** دعا گهرڻ ۾ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) بہ آهي جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا جي پنهنجي غلامن کي تاڪيد فرمائيندا رهندا هئا.

**مدينه 4:** دعا گهرڻ وارو عابدن جي زُمري (يعني گروهه) ۾ داخل ٿيندو آهي جو دعا هوئڻ ئي هڪ عبادت بلڪ عبادت جو به مغز آهي. جيئن جو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي.

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ. ترجمو: دعا عبادت جو مغز آهي
(جامع ترمذي ج5 ص243 حديث 3382)

**مدينه 5: دعا** گهرڻ سان يا ته ان جو گناهه مُعاف ڪيو ويندو آهي يا دنيا ۾ ئي ان جا مسئلا حل ٿيندا آهن يا وري اها **دعا** ان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻجي ويندي آهي.

## خبر ناهي ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دعا گهرڻ ۾ **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت به آهي دعا گهرڻ سنّت به آهي دعا گهرڻ سان عبادت جو ثواب به ملندو آهي ۽ پڻ ڪيترائي دنيا ۽ آخرت جا فائدا به حاصل ٿيندا آهن ڪجهه ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي ته اهي دعا جي قبوليّت جي لاءِ تمام گهڻي تڪڙ ڪندا آهن بلڪ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ٻڌاڪون هڻندا آهن جو اسان ته هيتري عرصي کان دعائون گهري رهيا آهيون بزرگن کان به دعائون ڪرائيندا رهيا آهيون ڪوبه پير، فقير ناهي ڇڏيو هي وظيفا پڙهندا آهيون هو ورد پڙهندا آهيون، فلاڻي فلاڻي مزار تي به وياسين پر الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حاجت پوري ڪري ئي نه ٿو پر ڪن کي ته هيئن به چوندي ٻُڌو ويندو آهي: ”خبر ناهي اهڙو ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي.“

## نماز نہ پڙهڻ تہ ڇڻ خطائي ناهي!!!

اهڙي ”اندر جي باهہ“ ڪيڻ واري ڪان جيڪڏهن سوال ڪيو وڃي تہ پائو! توهان نماز تہ پڙهندا ئي هوندؤ؟ تہ شايد جواب ملي ”جي نہ“ ڏنو توهان! زبان تي تہ بي اختيار جاري ٿي رهيو آهي تہ خبر ناهي الائي ڪهڙي خطا اسان کان اهڙي ٿي آهي؟ جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي! ۽ نماز ۾ سندن غفلت تہ ڪين نظر ئي نہ ٿي اچي!ڇڻ نماز نہ پڙهڻ تہ (مَعاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ) ڪو گناهہ ئي ناهي! نادان! پنهنجي مختصر وجود تي ئي ٿوري نظر وجهي تہ ڏسو!مٿي جا وار انگريزي، انگريزن جيان مٿو بہ اگهاڙو، لباس بہ انگريزي، چهرو دشمنانِ مصطفٰی آتش پرستن جهڙو يعني تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم سنّت ڏاڙهي مبارڪ چهري تان غائب! رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقا اسلام جي دشمنن جهڙا، نماز بہ نہ پڙهن حالانڪ نماز نہ پڙهڻ زبردست گناهہ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام، ويتر سجو ڏينهن ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وعدي خلافي، بدگماني، بدنگاهي، والدين جي نافرماني، گار گند، فلمون ڊراما، گانا باجا، وغيره وغيره نہ ڄاڻ ڪيڏا گناهہ ڪندا وڃن. پر اهي گناهہ ”صاحب“ کي نظر ئي نہ ٿا اچن. ايڏا گناهہ ڪرڻ جي باوجود شيطان غافل ڪري ڇڏي ٿو ۽ زبان مان هي شڪايت وارا لفظ نڪري رهيا هوندا آهن.

ڪيا خطا ہم سے ايسی ہوئی ہے؟ جس کی ہم کو سزا مل رہی ہے!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنھن دوست جي ڳالھ اسان نہ مڃون

ٿورو سوچو تہ سهي! توهان جو ڪو جگري دوست توهان کي ڪيترائي ڀيرا ڪو ڪم چوي پر اوهان ان جو ڪم نہ ڪيو ۽ ڪڏهن اوهان جو پنهنجي انهيءَ دوست ۾ ڪم پئجي وڃي تہ ظاهر آهي تہ اوهان ڀهريان ڪان ئي لڄي هوندؤ جو مون تہ ان جو هڪ بہ ڪم ناهي ڪيو هاڻي هو ڀلا منهنجو ڪم ڪيئن ڪندو! جيڪڏهن توهان همٿ ڪري ڳالھ ڪري بہ ڏني ۽ واقعي ان ڪم نہ بہ ڪيو تڏهن بہ توهان شڪايت نہ ڪري سگھندؤ چو تہ توهان بہ تہ پنهنجي دوست جو ڪو ڪم ڪونہ ڪيو هو.

هاڻي ٺڏيءَ دل سان غور ڪريو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪيڏا ڪم ٻڌايا. ڪهڙا ڪهڙا احڪام جاري فرمايا. پر اسين سندس ڪهڙن ڪهڙن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيندو تہ ان جي ڪيترن ئي حڪمن جي فرمانبرداريءَ ۾ اسان ڪان نهايت ئي ڪوتاهيون واقع ٿيون آهن. اميد آهي تہ ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي هوندي جو پاڻ تہ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن تي عمل نہ ڪريون ۽ هو جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ (يعني دعا) جو اثر ظاهر نہ فرمائي تہ ڏک، ڏوراپو ڪٺي ويهي رهون. ڏسو نہ! جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪنهن جگري دوست جي ڪا ڳالھ هرهر ٽاريندا رهو تہ ٿي سگھي ٿو تہ اهو توهان ڪان دوستي ئي ختم ڪري ڇڏي. پر الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي ڪيتريقدر مهربان آهي جو سڄي عمر سندس فرمان جي خلاف ورزي ڪيون پوءِ بہ هُو پنهنجي ٻانهن جي فهرست مان خارج نٿو ڪري. هُو لطف ۽ ڪرم فرمائيندو ئي رهي ٿو. ٿورو

غور ته فرمايو!جيڪي ٻانهيا احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن هُو به سزا جي طور تي پنهنجا احسان ڪانئن روڪي ڇڏي ته انهن جو ڇا ٿيندو؟ يقيني طور تي ان جي عنايت ڪانسواءِ هڪ قدم به ڪونه ڪٽي سگهندا. سوچيو! جيڪڏهن هو پنهنجي عظيم الشّان نعمت هوا کي، جيڪا بلڪل مفت عطا فرمائي اٿس جيڪڏهن ڪجهه گهڙين جي لاءِ روڪي ڇڏي ته گهڙي پل ۾ ئي لاشن جا انبار لڳي وڃن!!

## دعا جي قبوليت ۾ دير جو هڪ سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڪثر ڪري دعا جي قبوليّت جي دير ۾ ڪافي **مصلحتون** به هونديون آهن جيڪي اسان جي سمجهه ۾ ناهن اينديون. حضور سراپا نُور، فيض گنجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪو پيارو **دعا** گهرندو آهي ته الله تعالىٰ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) کي ارشاد فرمائيندو آهي، "ترسو! هاڻي نه ڏيوس ته جيئن ٻيهر گهري جو مون کي انهيءَ جو آواز پسند آهي."ءِ جڏهن ڪو ڪافر يا فاسق **دعا** گهرندو آهي ته فرمائيندو آهي، "اي جبريل(عَلَيْهِ السَّلَام)! هن جو ڪم جلدي ڪري ڇڏيو ته جيئن ٻيهر نه گهري جو مون کي ان جو آواز مڪروهه (يعني ناپسند) آهي. **(ڪنزالعمال ج 2 ص 39 حديث 3261)**

## حڪايت

**حضرت سيّدُنا يحيىٰ بن سعيد بن قطان** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ الله عَزَّوَجَلَّ کي خواب ۾ ڏٺو، عرض ڪيائين، الاهي عَزَّوَجَلَّ مان اڪثر ڪري **دعا** گهرندو آهيان ءِ تون قبول ناهين فرمائيندو؟ حڪم ٿيو، "اي يَحيىٰ! مان تنهنجي آواز کي دوست رکان ٿو. انهيءَ

ڪري تنهنجي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ڪندو آهيان.“ (احسن الوعا ص 35)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر جيڪا حديثِ پاڪ ۽ حڪايت گذري ان ۾ هي ٻڌايو ويو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجي نيڪ ٻانهن جو روئڻ ۽ ٻاڏائڻ پسند آهي تہ ائين بہ عام طور تي **دعا** جي قبوليّت ۾ دير ٿيندي آهي. هاڻي انهيءَ مصلحت کي اسين ڪيئن ٿا سمجهي سگهون! بهرحال تڪڙ نہ ڪرڻ گهرجي. ”احسن الوعاءِ“ جي صفحي 33 تي **آدابِ دعا** بيان ڪندي حضرت رئيس المتڪلمين مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

## تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول نا هي ٿيندي

(دعا جي آداب مان هي بہ آهي تہ) **دعا** جي قبوليّت ۾ تڪڙ نہ ڪجي. حديث شريف ۾ آهي تہ **الله تعاليٰ** ٽن ماڻهن جي **دعا** قبول ناهي ڪندو. هڪ اهو جيڪو گناهہ جي **دعا** گهري. ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهہ چاهي جيڪا قطع رِحم هجي. ٽيون اهو جيڪو قبولجڻ ۾ تڪڙ ڪري تہ مون **دعا** گهري اڃان تائين قبول ناهي ٿي.

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 314حديث 9)

هن حديث ۾ فرمايو ويو آهي تہ ناجائز ڪم جي دعا نہ گهري وڃي جو اها قبول ناهي ٿيندي ۽ پڻ ڪنهن رشتيدار جو حق ضائع ٿيندو هجي اهڙي دعا بہ نہ گهرجي ۽ **دعا** جي قبوليّت جي لاءِ تڪڙ بہ نہ ڪجي نہ تہ **دعا** قبول ڪونہ ڪئي ويندي.

”اَحسَنُ الْوِعاءِ لِاٰدَابِ الدُّعاء“ تي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن حاشيو تحرير فرمايو آهي ۽ ان

جو نالو” ذَيلُ الْمُدَّعا لِاَحسَنِ الْوِعاء“ رکيو آهي. انهيءَ حاشيي ۾ هڪ جاءِ تي دعا جي قبوليّت ۾ تڪڙ ڪرڻ وارن کي پاڻ پنهنجي مخصوص ۽ نهايت ئي علمي انداز ۾ سمجهائيندي فرمائن ٿا:

**آفيسرن وٽ ته هر هر ڌڪا کائيندا آهيو**

سگانِ دنيا (يعني دنياوي آفيسرن) جي اميدوارن (يعني انهن کان ڪم ڪڍڻ جي خواهشمندن) کي ڏٺو ويندو آهي ته ٽن ٽن سالن تائين اميدواري (۽ انتظار) ۾ گذاريندا آهن، صبح ۽ شام سندن دروازن تي پَهچندا آهن، (ڌڪا کائيندا آهن) ۽ اهي (آفيسر) آهن جو ڪين رخ به ناهن ڏيندا، جواب ناهن ڏيندا، دڙڪا ڏيندا آهن خار کائيندا ۽ چهري ۾ گُهنج وجهندا آهن، اميدواريءَ ۾ خرچ ڪيو ته بيگار (بيڪار محنت) مٿي تي گنئي، هي حضرت (يعني اميدوار) گرهه (يعني ڪيسي) منجهان کائيندا آهن گهر کان گهرائيندا، هرويرو بيگار (يعني فضول محنت) جي مصيبت سر تي سهندا آهن ۽ اتي (يعني آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ ۾ ڪين) سال گذرن ته به جڻ پهريون ڏينهن آهي پر هي (دنياوي آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ وارا) نه اميد ٽوڙين نه (آفيسرن جو) پيڇو ڇڏين ۽ اَحْكَمُ الْحَاكِمِين، اَكْرَمُ الْاَكْرَمِين، عَزَّجَلَالُهٗ جي دروازي تي پهريان ته اچي ئي ڪير ٿو! ۽ اچي به ته بي دليو ٿي، تڪڙ ۾، سياٽي ٿيڻ وارو ڪم اڄ ٿي وڃي. هڪ هفتو ڪجهه (ورد) پڙهندي ته ڇا گذريو، هاٽي شڪايت ٿيڻ لڳي، سائين! پڙهيو ته هو پر ڪجهه اثر نه ٿيو! اهي بيوقوف پنهنجي لاءِ اجابت (يعني قبوليّت) جو دروازو پاڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن. مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَالَمْ يُعَجِّلْ يَقُوْلُ دَعَوْتُ فَلَمْ يَسْتَجِبْ لِيْ.
(صحيح البخاري ج4ص200حديث 6340)

ترجمو: ”توهان جي دعا قبول ٿيندي آهي جيستائين تڪڙ نہ ڪريو ھي نہ چئو تہ مون دعا گهري هئي قبول نہ ٿي.“

**ڪجھ** تہ ان تي اھڙا بي قابو ٿي ويندا آھن جو اعمال واَدْعِيَّہ (يعني وردن ۽ دعائن) جي اثر ڪان بي اعتقاد، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم جي واعدي ڪان بي اعتماد ٿي ويندا آھن جو وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ الْكَرِيْمِ الْجَوَاد. اھڙن کي چيو وڃي تہ اي بي حيا! بي شرمو!! ٿورو پنھنجي گريبان ۾ جھاتي پائي ڏسو. جيڪڏھن ڪو توھان جو ھڪ جيڏو دوست توھان کي ھزار پيرا ڪجھ پنھنجا ڪم چوي ۽ توھان ان جو ھڪڙو ڪم بہ نہ ڪريو تہ پنھنجو ڪم ان کي چوندي، اوّل تہ پاڻ لڄي ٿيندؤ جو اسان تہ سندس چوڻ ورتو ئي ناھي ھاڻي ڪھڙي منھن سان ان کي ڪم لاءِ چئون؟ ۽ جيڪڏھن مطلب پيو تہ چئي بہ ڏنؤ ۽ ان (جيڪڏھن توھان جو ڪم) نہ ڪيو تہ ڪھڙيءَ ريت بہ ڏوراپو ڪو نہ ڏيندؤ. ظاھر آھي پاڻ ئي سمجھو ٿا جو مون (ان جو ڪم) ڪٿي ڪيو ھو؟ جو ھُو ڪندو! ھاڻي ڏسو تہ توھان مَالِكَ عَلَى الْاِطْلَاقِ عَزَّجَلَالُهٗ جي ڪيترن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ ان جا حڪم نہ مڃڻ ۽ پنھنجي گذارش جي ھر صورت ۾ قبوليّت چاھڻ ڪيڏي نہ بي حيائي آھي!

**او بي عقل!** پوءِ فرق ڏس! پنھنجي مٿي ڪان پيرن تائين غور سان نظر ڪر، ھڪ ھڪ لُونءَ ۾ ھر وقت، ھر گھڙي، ڪيتريون ڪيتريون ھزار در ھزار، در ھزار، صد ھزار بيشمار نعمتون آھن. تون سمھين ٿو ۽ ان جا معصوم ٻانھا (يعني فرشتا) تنھنجي حفاظت جي لاءِ پھرا ڏيئي رھيا آھن، تون گناھ ڪري رھيو آھين ۽ (پوءِ بہ) مٿي ڪان

پيرن تائين صحت ۽ عافيّت، آفتن کان حفاظت، کاڌي جو هاضمو، فُضَلات (يعني جسم جي اندرين گندگين) جو نڪرڻ، رت جي رواني، عضون ۾ طاقت، اکين ۾ روشني، بي حساب ڪرم بنا گهرڻ جي بنا چاهڻ جي توکي نصيب ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪڏهن تنهنجون ڪجھ گهرجون پوريون نه ٿين ته ڪهڙي منهن سان شڪايت ڪرين ٿو؟ توکي ڪهڙي خبر ته تنهنجي لاءِ ڀلائي ڇا ۾ آهي!تو کي ڇا خبر ته ڪهڙي سخت مصيبت اچڻ واري هئي جيڪا هن (ظاهر ۾ قبول نه ٿيڻ واري) دعا ٽاري ڇڏي. تون ڇا ٿو ڄاڻين ته هن دعا جي عيوض ڪيڏو ثواب تنهنجي لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي، ان جو واعدو سچو آهي ۽ قبوليّت جون هي ٽي صورتون آهن جن مان هر پوئين، پهرين کان اعليٰ آهي. ها، بي اعتقادي آئي ته يقين ڄاڻجان ته تون خساري ۾ آهين ۽ ابليس لعين توکي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. وَالْعِيَاذُ بِاللّٰهِ سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰی (۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه، اهو پاڪ آهي ۽ عظمت وارو)

**اي ذليل خاڪ! اي آبِ ناپاڪ!** پنهنجو منهن ڏس ۽ هن عظيم شرف تي غور ڪر، جو پنهنجي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ، پنهنجو پاڪ ۽ مُتعالي (يعني بلند) نالو وٺڻ، پنهنجي طرف منهن ڪرڻ، پنهنجي پُڪارڻ جي توکي اجازت ڏئي ٿو. لکين مُرادون هن فضلِ عظيم تان گهور.

**او بي صبرا!** ڪجھ پِنڻ سِک، هن بلند آستاني جي خاڪ تي ليٽڙيون پاءِ. چنبڙيل رهه ۽ لڳاتار ديد لڳائي رک ته هاڻي ڏين ٿا هاڻي ڏين ٿا! بلڪ پُڪارڻ، ڪانئس پِنڻ جي لذت ۾ ائين گم ٿي وڃ جو ارادو ۽ مُراد ڪجھ ياد ئي نه رهي، يقين رک ته هن دروازي کان

هرگز محروم نہ موٽندين جو مَنْ دَقَّ بَابَ الْكَرِيْمِ اِنْفَتَحَ (جنهن ڪريم جو دروازو ڪڙڪايو تہ اهو ان لاءِ کُلي ويو) وَبِاللّٰهِ التَّوْفِيْقُ ۽ توفيق الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي) (ذيل المدعا لاحسن الوعاءِ ص 34 کان 37)

## دعا جي قبوليت ۾ دير تہ ڪرم آهي

حضرت سيّدُنا مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، اي عزيز! تنهنجو پروردگار عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ

ترجمو ڪنزالايمان: مان دعا گهرڻ واري جي دعا قبول ڪندو آهيان جڏهن مون کان دعا گهري.

فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ﴿۷۵﴾ۖ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ اسان ڪهڙا نہ سٺا قبول فرمائڻ وارا آهيون.

اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجموڪنزالايمان: مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس.

تنهن ڪري يقين سمجهہ تہ هو توکي پنهنجي در کان محروم نہ ڪندو ۽ پنهنجي واعدي کي وفا فرمائيندو. هُو پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائي ٿو.

وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿۱۰﴾ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سوالي کي نہ جهڙڪ.

تہ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪيئن پنهنجي سخا جي در کان پري ڪندو؟ جڏهن تہ هُو توتي پنهنجي ڪرم جي نگاهہ رکي ٿو. جنهن ڪري تنهنجي دعا کي قبول ڪرڻ ۾ دير ڪندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ.

(احسن الوعاءِ ص 33)

## عِرق النساء جو سور ختم ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪافي واقعا ٻُڌڻ لاءِ ملندا آهن. هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ عرض ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. اسان جو **مدني قافلو** ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيو قافلي وارن مان هڪ اسلامي ڀاءُ کي **عِرقُ النّساء** (يعني ٽنگ جي رڳ) جو شديد سور پوندو هو. ويچارو سور جي شدت کان پاٽيءَ مان ٻاهر نڪتل مڇيءَ جيان ڦٿڪندو هو. هڪ ڀيري سور جي سبب سڄي رات سُمهي ڪونه سگهيو. آخري ڏينهن **امير قافلا** فرمايو: اچو سڀئي ملي ڪري هن جي لاءِ دعا ٿا ڪريون. جيئن ئي دعا شروع ٿي ان اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: اَلحَمدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعا جي دوران ئي سور ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي ۽ ڪجهه دير کان پوءِ **عِرق النساء** جو سور بلڪل ختم ٿي ويو. اَلحَمدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت ڪافي عرصو ٿي چُڪو آهي اهي ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن مون کي وري ڪڏهن **عِرقُ النّساء** جي تڪليف نہ ٿي. اَلحَمدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مون کي علائقائي **مدني قافلا** ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون ڌومون مچائڻ جي خدمت مليل آهي.

گر ہو عرقِ النساء، یا عارِضہ کوئی سا  پاؤ گے صِحّتیں، قافِلے میں چلو
دُور بیماریاں، اور پریشانیاں  ہوں گی بس چل پڑیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!  صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان عِرق النساء جهڙي مُوذي مرض کان نجات ملي ويئي. عِرقُ النّساء جي سڃاڻپ هي آهي جو هن ۾ ران جي جوڙ کان وٺي پيرن جي پيڏيُن تائين شديد سور ٿيندو آهي هي مرض سالن تائين پيڇو ناهي ڇڏيندو.

## عرق النساء جا 2 روحاني علاج

(1) سور جي جاءِ تي هٿ رکي ڪري اول ۽ آخر درود شريف، سورة الفاتحه هڪ ڀيرو ۽ ست ڀيرا هيءَ دعا پڙهي ڪري دم ڪري ڇڏيو: اَللّٰهُمَّ اذْهِبْ عَنِّيْ سُوءَ مَا اَجِدُ (اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کان مرض ختم فرماءِ) جيڪڏهن ٻيو دم ڪري ته **عَنّي** جي جاءِ تي **عنهُ** (يعني ان کان) چوي.

(مدت: تاحصولِ شفاء) (2) "يَا مُحْيِيُ" ست ڀيرا پڙهي ڪري گيس هجي يا ڦُني يا پيٽ ۾ تڪليف يا عِرقُ النّساء يا ڪنهن ٻه جڳهه تي سور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع ٿي وڃڻ جو خوف هجي، پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏيو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت: تا حصولِ شفا)

## "صدقي يارسول الله" جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان روزو ٽوڙڻ وارين ڳالهين جا 14 نڪتا

**مدينه 1:** **کائڻ**، پيئڻ يا همبستري ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوي ٿو جڏهن ته روزيدار هجڻ ياد هجي. (ردالمحتار ج 3 ص 365)

**مدينه 2:** **حقو**، سگار، سگريٽ، چرس وغيره ڇڪڻ سان به روزو ٽُٽي پوي ٿو. جيتوڻيڪ جو پنهنجي خيال ۾ نڙيءَ تائين دونهون نه پهتو هجي.

(بهارِ شريعت حصو پنجون ص 117)

**مدينه** 3: **پان** يا صرف تماڪ کي ڪائڻ سان بہ **روزو ٽُٽي** پوندو. جيتوڻيڪ جو توهان هر هر ان جي ٿڪ اُڇلائيندا رهو. ڇو تہ ٻِڙيءَ ۾ ان جا سنهڙا جزا ضرور پهچندا آهن. (ايضًا)

**مدينه** 4 : **کنڊ** وغيره اهڙيون شيون جيڪي وات ۾ رکڻ سان ڳري وينديون آهن سي وات ۾ رکڻ ۽ ٿُڪ ڳِهي ڇڏڻ سان **روزو ٽُٽي** پوندو. (ايضًا)

**مدينه** 5: **ڏندن** جي وچ ۾ ڪا شيءِ ڇٽي جيتري يا وڌيڪ هئي ان کي ڪائي ويو يا گهٽ ئي هئي پر وات مان ڪڍي وري ڪاڌائين تہ **روزو ٽُٽي** پيو. (درمختار ج 3 ص 394)

**مدينه** 6: **ڏندن** مان رت نڪري ٻِڙيءَ ڪان هيٺ لٿو ۽ رت ٿُڪَ کان وڌيڪ يا برابر يا گهٽ هيو پر ان جو مزو ٻِڙيءَ ۾ محسوس ٿيو تہ روزو ٽُٽي پيو ۽ جيڪڏهن گهٽ هيو ۽ مزو بہ ٻِڙيءَ ۾ محسوس نہ ٿيو تہ **روزو** نہ ويو. (درمختار، رد المحتار ج 3 ص 368)

**مدينه** 7: **روزو ياد هئڻ جي باوجود حُقنو** (يعني ڪنهن دوا جي پِچڪاري پويان واري جاءِ ۾ چڙهائڻ جنهن سان پائخانو جاري ٿئي) ورتو. يا نڪ جي ناسن مان دوا چڙهائي تہ **روزو ٽُٽي** پيو. (عالمگيري ج 1 ص 204)

**مدينه** 8: **گرڙي** ڪري رهيا هيو. بنا ارادي جي پاڻي ٻِڙيءَ ڪان هيٺ لٿو يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو ۽ دماغ ڏانهن چڙهي ويو تہ روزو ٽُٽي پيو پر جيڪڏهن روزيدار هجڻ ڀُلجي ويا هُجو تہ نہ ٽُٽندو، جيتوڻيڪ جو جاڻي واڻي ٿئي. ائين ئي روزيدار ڏانهن ڪنهن ڪا شيءِ اڇلائي، اها ان جي ٻِڙيءَ ۾ هلي وئي تہ **روزو ٽُٽي** پيو. (الجوهرة النيّرة ج 1 ص 178)

**مدينه 9 :** **سمهڻ** ۾ (يعني ننڊ جي حالت ۾) پاڻي پيتو يا ڪجھ کائي
ڇڏيو يا وات کُليل هو، پاڻيءَ جو قطرو يا برسات جو ڦڙو ڳِڙي ۾
هليو ويو ته روزو ٽُٽي پيو. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 178)**

**مدينه 10:** **ٻئي** جي ٿُڪ ڳِهي ويو يا پنهنجي ٿُڪَ هٿ ۾ ڪڍي وري
ڳِهي ويو ته روزو ٽُٽي پيو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

**مدينه 11:** **جيستائين** ٿُڪ يا بلغم وات جي اندر موجود هجي ان کي
ڳِهي وڃڻ سان روزو نه ويندو. هر هر ٿُوڪيندو رهڻ ضروري ناهي.

**مدينه 12:** **وات** ۾ رنگين ڌاڳا وغيره رکيا جنهن سان ٿُڪَ رنگين ٿي
ويئي پوءِ اها ئي رنگين ٿُڪَ ڳِهي ويؤ ته روزو ٽُٽي پيو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

**مدينه 13:** **ڳوڙها** وات ۾ هليا ويا ۽ توهان ڳِهي ويؤ. جيڪڏهن قطرو يا
ٻه قطرا آهن ته روزو نه ويو ۽ وڌيڪ هئا ۽ ان جي ڇَهراڻ پوري وات ۾
محسوس ٿي ته ٽُٽي پيو. پگهر جو به اهو ئي حڪم آهي. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

**مدينه 14:** **استنجي** واري جاءِ ٻاهر نڪري آئي ته حڪم هي آهي ته
چڱيءَ طرح ڪنهن ڪپڙي وغيره سان اگهي اٿو ته جيئن آلاڻ باقي
نه رهي. جيڪڏهن ڪجھ پاڻي ان تي باقي هيو ۽ اٿي بيٺو جنهن
جي ڪري پاڻي اندر هليو ويو ته روزو فاسد ٿي ويو(ٽُٽي پيو). تنهن
ڪري فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا ته روزيدار **استنجا** ڪرڻ
مهل ساهه نه کڻي. **(عالمگيري ج 1 ص 204)**

## روزي ۾ الٽي اچڻ

عام طور تي جڏهن روزي ۾ **الٽي** اچي
ويندي آهي ته ماڻهو پريشان ٿي ويندا آهن

بلڪ ڪي سمجهندا آهن تہ روزي ۾ پاڻمرادو **الٽي** اچڻ سان بہ روزو ٽُٽي پوندو آهي. حالانڪ ائين ناهي. جيئن تہ حضرتِ سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ حضور پُرنُور، شافع يومُ النُّشُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ترجمو: ”جنهن کي رمضان ۾ پاڻمرادو **الٽي** آئي ان جو روزو نہ ٽُٽو ۽ جنهن ڄاڻي واڻي **الٽي** ڪئي ان جو روزو ٽُٽي پيو.“ (ڪنز العمال ج8 ص230 حديث 23814)

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون، ”جنهن کي پاڻمرادو الٽي آئي ان تي قضا ناهي ۽ جنهن ڄاڻي واڻي **الٽي** ڪئي اهو روزي جي قضا ڪري.

(ترمذي ج 2 ص 173حديث 720)

## ”ڪرم يارب!“جي ستن اکرن جي نسبت سان الٽيءَ جي باري ۾ 7 نڪتا

**مدينه 1:** روزي ۾ پاڻمرادو ڪيتري بہ الٽي اچي وڃي (توڙي جو بالٽي ئي ڀرجي وڃي) ان سان روزو ناهي ٽُٽندو. (درمختار ج 3 ص 392)

**مدينه 2:** جيڪڏهن روزو ياد هجڻ جي باوجود (ڄاڻي واڻي) **الٽي** ڪئي ۽ جيڪڏهن اها وات ڀريل آهي (وات ڀريل جي تعريف اڳتي اچي تي) تہ هاڻي روزو ٽُٽي ويندو. (درمختار ج 3 ص 392)

**مدينه 3:** ڄاڻي واڻي وات ڀريل الٽيءَ سان بہ ان صورت ۾روزو ٽُٽندو جڏهن تہ الٽي ۾ کاڌو يا (پاڻي) يا صفراء (يعني ڪوڙو پاڻي) يا رت اچي. (ايضًا)

**مدينه 4:** جيڪڏهن الٽيءَ ۾رُڳو بلغم نڪتو تہ روزو نہ ٽُٽندو. (درمختار ج 3 ص 394)

**مدينه 5:** ڄاڻي واڻي الٽي ڪئي پر ٿورڙي آئي وات ڀر نہ آئي تہ هاڻي بہ روزو نہ ٽُٽندو. (درمختار ج 3 ص 393)

**مدينه 6:** وات پريل ڪان گهٽ الٽي آئي ۽ وات منجهان ئي ٻيهر موٽي ويئي يا پاڻ ئي موٽائي ڇڏي. انهن ٻنهي صورتن ۾ به روزو نه ٽٽندو. (ايضًا)

**مدينه 7: وات** پريل الٽي بي اختيار اچي وئي ته روزو نه ٽٽو. باقي جيڪڏهن ڪو انهيءَ مان هڪ چڻي جيترو به واپس موٽائي ڇڏي ته روزو ٽٽي پوندو ۽ هڪ چڻي ڪان گهٽ هجي ته روزو نه ٽٽندو. (درمختار ج 3 ص 392)

## وات پريل الٽيءَ جي تعريف

وات پريل **الٽيءَ** جي معنيٰ هي آهي، ”انهيءَ کي آسانيءَ سان روڪي نه سگهجي.“ **(عالمگيري ج 1 ص 204)**

## ”مدينه“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان وضوءَ ۾ الٽيءَ جا 5 شرعي احڪام

**مدينه 1: وضو جي حالت** ۾ (جاڳي واڳي الٽي ڪري يا پاڻمرادو ٿي وڃي ٻنهي صورتن ۾) **جيڪڏهن** وات پريل **الٽي** آئي ۽ ان ۾ کاڌو، پاڻي يا صفراء (ڪوڙو پاڻي) آيو ته وضو ٽٽي پوندو. **(بهارِ شريعت حصو پيو ص26)**

**مدينه 2: جيڪڏهن** بلغم جي وات پريل الٽي آئي ته وضو نه ٽٽندو. (ايضًا)

**مدينه 3: وهندڙ** رت جي **الٽي** وضو ٽوڙي ڇڏيندي آهي.

**مدينه 4: وهندڙ** رت جي **الٽيءَ** سان وضو ان وقت ٽٽندو آهي جڏهن ته رت ٿڪ تي حاوي هجي. (ردالمحتار ج1 ص267) يعني رت جي سبب الٽي ڳاڙهي ٿي چُڪي آهي ته رت حاوي آهي وضو ٽٽي پيو ۽ جيڪڏهن ٿڪ وڌيڪ آهي ۽ رت گهٽ ته وضو نه ٽٽندو. رت گهٽ هئڻ جي نشاني هي آهي ته پوري الٽي جيڪا ٿُڪَ تي مشتمل آهي

اها زرد (يعني پيلي) هوندي.

**مدينه** 5: جيڪڏهن **الٽي** ۾ جميل رت نڪتو ۽ اهو وات ڀريل کان گهٽ آهي ته وضو نه ٽٽندو. (ملخص از بهارِ شريعت حصو 2 ص 26)

## ضروري هدايت

وات ڀريل **الٽي** (بلغم کانسواءِ) ناپاڪ آهي. ان جو ڪو ڇَنڊو ڪپڙي يا جسم تي نه ڪري ان جو احتياط فرمايو. اڄڪلهه ماڻهو انهيءَ ۾ وڏيون بي احتياطيون ڪندا آهن ڪپڙن تي ڇنڊا پوڻ جي ڪا پرواهه ناهن ڪندا ۽ منهن وغيره تي جيڪا ناپاڪ **الٽي** لڳي ويندي آهي ان کي به بنا ڪنهن هٻڪ جي ڪپڙن سان اگهي وٺندا آهن. الله **رب العزت** عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر قسم جي نجاست (پليديءَ) کان بچڻ جو ذهن عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڀُل ۾ کائڻ پيئڻ سان روزو ناهي ٽُٽندو

**حضرتِ** سيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:"ته جنهن روزيدار ڀُل ۾ کاڌو پيتو اهو پنهنجي روزي کي پورو ڪري جو کيس الله عَزَّوَجَلَّ کارايو ۽ پيياريو."

(صحيح بخاري ج 1 ص 636 حديث 1933)

"ماهِ رمضان جي چا ته ڳالهه ڪجي!

## "جي ايڪويهه اکرن جي نسبت سان روزو نه ٽوڙڻ وارين شين جي متعلق 21 نڪتا

مدينه 1: **ڀُل** ۾ کاڌو، پيتو يا جماع ڪيو روزو فاسد نه ٿيو. توڙي

اهو روزو فرض هجي يا نفل. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 365)

**مدينه** 2: **ڪنهن** روزيدار کي انهن ڪمن ۾ ڏسو ته ياد ڏيارڻ واجب آهي. ها جيڪڏهن روزيدار گهڻو ئي ڪمزور هجي جو ياد ڏيارڻ تي هو ڪائڻ ڇڏي ڏيندو جنهن جي سبب ڪان ڪمزوري ايڏي وڌي ويندي جو ان جي لاءِ روزو رکڻ ئي ڏکيو ٿي پوندو، ۽ جيڪڏهن کائيندو ته روزو به چڱيءَ طرح پورو ڪندو ۽ ٻيون عبادتون به بخوبي ادا ڪري سگهندو. (۽ جيئن ته ڀُل ۾ کائي پيئي رهيو آهي ان لاءِ ان جو روزو ته ٿي ويندو) تنهن ڪري ان صورت ۾ ياد نه ڏيارڻ ئي بهتر آهي ڪجهه مشائخ ڪرام (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی) فرمائن ٿا، نوجوان کي ڏسو ته ياد ڏياريو ۽ پيرسن کي ڏسو ته ياد نه ڏيارڻ ۾ حرج ناهي. پر هي حڪم اڪثر جي لحاظ کان آهي چو ته نوجوان اڪثر قوي (يعني طاقتور) هوندا آهن ۽ پيرسن اڪثر ڪمزور. جيئن ته اصل حڪم اهو ئي آهي جو جواني ۽ پوڙهاپ کي ڪو دخل ناهي. بلڪ قوت ۽ ضعف (يعني طاقت ۽ ڪمزوري) جو لحاظ آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن **نوجوان** ايتري قدر ڪمزور هجي ته ياد نه ڏيارڻ ۾ حرج ناهي ۽ **پوڙهو** قوي (يعني طاقتور) هجي ته ياد ڏيارڻ واجب آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 365)

**مدينه** 3: **روزو** ياد هجڻ جي باوجود به مک، مٽي يا دز يا دونهون نِڙيءَ ۾ هلي وڃڻ سان روزو نه ٽُٽندو. توڙي دز اٽي جي هجي جيڪا ڇڪي پيسجڻ يا اٽو ڇاڻڻ ۾ اڏامندي آهي يا اناج جي دز هجي يا هوا سان خاڪ اڏامي يا جانورن جي کُرن يا گهوڙي جي سُنب مان. (درمختار، ردالمحتار ج 3 ص 366)

**مدينه** 4: **اهڙيءَ** طرح بس يا ڪار جو دونهون يا ان مان دز اڏامي نِڙيءَ ۾ پهتي جيتوڻيڪ جو روزيدار هجڻ ياد هيو ته به روزو نه ويندو.

**مدينه** 5: **اگربتي** ٻَري رهي آهي ان جو دونهون نڪ ۾ ويو ته روزو نه

ٽُٽندو. ها جيڪڏهن لوبان يا اگربتي ٻَري رهي آهي ۽ روزو ياد هئڻ جي باوجود منهن ويجهو ڪٽي وجي ان جو دونهون نڪ سان سنگهيو ته روزو فاسد ٿي ويندو. (ردالمحتار ج 3 ص 366)

**مدينه** 6: **پري سگّي**[1] لڳرائي يا تيل يا سرمو لڳايو ته **روزو** نه ويو توڙي جو تيل يا سرمي جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيندو هجي بلڪ ٿُڪ ۾ سرمي جو رنگ به ڏسڻ ۾ ايندو هجي تڏهن به **روزو** نه ٽُٽندو.
(الجوهرة النيّره ج 1 ص 179)

**مدينه** 7: **غسل** ڪيو ۽ پاڻي جي ٿڌاڻ اندر محسوس ٿي تڏهن به رزو نه ٽُٽندو. (عالمگيري ج 1 ص 230)

**مدينه** 8: **گرڙي** ڪئي ۽ پاڻي **بلڪل** هاري ڇڏيو رُڳو ڪجھ آلاڻ وات ۾ باقي رهجي ويئي هئي ٿُڪ سان گڏ ان کي ڳهي ويو، **روزو** نه ٽُٽندو. (ردالمحتار ج 3 ص 367)

**مدينه** 9: **دوا** ڪُٽي ۽ نِڙيءَ ۾ ان جو مزو محسوس ٿيو ته **روزو** نه ٽُٽندو. (ايضًا)

**مدينه** 10 : **ڪن** ۾ پاڻي هليو ويو تڏهن به **روزو** نه ٽُٽندو بلڪ پاڻ پاڻي وِڌو تڏهن به **روزو** نه ٽُٽندو. (درمختار ج 3 ص 367)

**مدينه** 11: **ڪک** سان ڪن اندر ڪنهيو ۽ ان تي ڪن جو گند لڳو پوءِ وري اهو گند لڳل ڪک ڪن ۾ وِڌو جيتوڻيڪ جو ڪ ٿي پيرا ائين ڪيو هجي تڏهن به **روزو** نه ٽُٽندو. (ايضًا)

---

[1] هي سور جي علاج جو هڪ مخصوص طريقو آهي جنهن ۾ سوراخ ڪيل سِڱ سور جي جاءِ تي رکي وات جي ذريعي جسم جي گرمي ڇڪيندا آهن.

**مدينه** 12: **ڏند** يا وات ۾ معمولي شيءِ بي خبريءَ ۾ رهجي وئي جيڪا ٿُڪ سان گڏ پاڻ ئي لهي ويندي ۽ اها لهي ويئي ته **روزو** نه ٽُٽندو. **(ايضًا)**

**مدينه** 13: **ڏندن** مان رت نڪري نِڙيءَ تائين پهتو پر نِڙيءَ کان هيٺ نه لٿو ته **روزو** نه ٽُٽو. **(فتح القدير ج 2 ص 258)**

**مدينه** 14: **مک** نِڙيءَ ۾ هلي ويئي ته روزو نه ٽُٽو ۽ ڄاڻي واڻي ڳِهي ڇڏيو ته **روزو** ٽُٽي ويو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

**مدينه** 15: **ڀُل** ۾ کائي رهيو هو، ياد ايندي ئي گرهه اڇلائي ڇڏيو يا پاڻي پي رهيو هو ياد ايندي ئي وات جو پاڻي هاري ڇڏيو ته **روزو** نه ٽُٽو. جيڪڏهن وات جو گرهه يا پاڻي ياد اچڻ جي باوجود ڳِهي ويو ته **روزو** ٽُٽي ويو. **(عالمگيري ج 1 ص 203)**

**مدينه** 16: **صبح** صادق کان پهريان کائي يا پي رهيو هو ۽ صبح ٿيندي ئي (يعني سَحَريءَ جو وقت ختم ٿيندي ئي) وات مان سڀ ڪجھ ڪڍي ڇڏيو ته **روزو** نه ٽُٽو ۽ جيڪڏهن ڳِهي ورتو ته **روزو** ٽُٽي پيو. (عالمگيري ج 1 ص 203)

**مدينه** 17: **غيبت** ڪئي ته **روزو** نه ويو **(دُرِ مختار ج 3 ص 326)** جيتوڻيڪ غيبت سخت ڪبيره گناهه آهي قرآن مجيد ۾ غيبت ڪرڻ جي باري ۾ فرمايو ويو"جيئن پنهنجي مُئل ڀاءَ جو گوشت کائڻ" ۽ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو، "غيبت زنا کان به سخت تر آهي. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 331 حديث 24)

غيبت جي سبب **روزي** جي نورانيّت ختم ٿي ويندي آهي.

**(بهارِ شريعت حصو 5 ص 611)**

**مدينه** 18: **جنابت** (يعني غسل فرض ٿيڻ) جي حالت ۾ صبح ڪئي بلڪ جيتوڻيڪ سڄو ڏينهن جنب (يعني ناپاڪ) رهيو **روزو** نه ٽُٽو. **(درمختار ج**

3 ص 372) پر ايتري دير تائين جاڳي واڻي غسل نہ ڪرڻ جو نماز قضا ٿي وڃي گناهہ ۽ حرام آهي. حديث شريف ۾ فرمايو ويو جنهن گهر ۾ جنبي هجي ان ۾ رحمت جا فرشتا ناهن ايندا. (بهارِ شريعت حصو 5 ص 116)

**مدينہ** 19: تِر يا تِر جي برابر ڪا شيءِ چباڙي ۽ ٿُڪ سان گڏ نِڙيءَ ڪان لهي وئي تہ روزو نہ ويو پر جڏهن تہ ان جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيندو هجي تہ روزو ٽُٽي پيو. **(فتح القدير ج 2 ص 259)**

**مدينه** 20: **ٿُڪ** يا بلغم وات ۾ آيو پوءِ ان کي ڳِهي ويو تہ روزو نہ ويو. **(ردالمحتار ج 3 ص 373)**

**مدينه** 21: **اهڙيءَ** طرح نڪ ۾ لِمَ(سنگهہ) جمع ٿي ويئي ساهہ جي ذريعي ڇڪي ڳِهي ڇڏڻ سان بہ روزو نہ ويندو. **(ايضًا)**

## روزن جا مڪروهات

**هاڻي** روزن جي مڪروهات جو بيان ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪرڻ سان روزو ٽي تہ ويندو پر ان جي نورانيّت هلي ويندي آهي. لفظ ”**مدينہ**“جي ٽن اکرن جي نسبت سان پهريان ٽي **احاديثِ مبارڪ** ٻُڌو، پوءِ فقهي احڪام عرض ڪيا ويندا.

(1) **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبين جي سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو بُري ڳالهہ چوڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نہ ڇڏي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي ان جي کاڌہ حاجت ناهي جو ان کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي.
**(صحيح بخاري ج 1 ص 628 حديث 1903)**

(2) **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي نُورِ مُجَسَّم،

شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، غريبن جي همدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي:”روزو سِپر (يعني ڍال) آهي جيسيتائين ان کي ڦاڙيو نہ هجي، عرض ڪيو ويو ڪهڙي شيءِ سان ڦاڙيندو؟ فرمايائون ”ڪوڙ يا غيبت سان.“

(الترغيب والترهيب ج 2 ص 94 حديث 3)

(3) **حضرتِ** سيّدُنا عامر بن ربيعه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي: ”مون ڪيترائي ڀيرا سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روزي ۾ ڏندڻ ڪندي ڏٺو. (ترمذي ج 2 ص 176 حديث 725)

## ”رمضان المبارڪ“جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان روزن جي مڪروهات تي مشتمل 12 نڪتا

**مدينه 1:** ڪوڙ، چُغلي، غيبت، بدنگاهي، گار ڏيڻ، بنا شرعي اجازت جي ڪنهن جي دل ڏکائڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ وغيره شيون هونئن بہ ناجائز ۽ حرام آهن ۽ روزي ۾ اجان بہ وڌيڪ حرام ۽ انهن جي سبب کان روزي ۾ ڪراهيّت ايندي آهي ۽ روزي جي نورانيّت هلي ويندي آهي.

**مدينه 2:** روزيدار کي بنا ڪنهن شرعي عذر جي ڪنهن شيءِ کي چکڻ يا چٻاڙڻ مڪروه آهي. چکڻ جي لاءِ عذر هي آهي تہ مثال طور: عورت جو مڙس بدمزاج آهي لوڻ گهٽ وڌ ٿيندو تہ ان جي ناراضگيءَ جو سبب ٿيندو. ان سبب کان چکڻ ۾ حرج ناهي، چٻاڙڻ جي لاءِ عذر هي آهي تہ ايترو ننڍو ٻار آهي جو ماني چٻاڙي نٿو سگهي ۽ ڪا نرم

غذا بہ ناهي جيڪا ڪيس ڪارائي وجي، نہ حيض ۽ نفاس[1] واري يا ڪو بيو اهڙو آهي جيڪو ڪيس چباڙي ڏئي. تہ ٻار کي کارائڻ جي لاءِ ماني وغيره چباڙڻ مڪروهہ ناهي. (دُرِ مختار ج 3 ص 395) پر پورو احتياط رکو جيڪڏهن ٻڙيءَ کان هيٺ ڪجهہ لهي ويو تہ روزو ٽٽي ويو.

## چکڻ چا کي چئبو آهي؟

**چکڻ** جي معنيٰ اها ناهي جيڪو اڄڪلهہ عام محاورو آهي يعني ڪنهن شيءِ جو مزو معلوم ڪرڻ جي لاءِ ان مان ٿورو کاڌو ويندو آهي! جو ائين ٿئي تہ ڪراهيّت ڇاجي، روزو ئي ٽُٽي پوندو. بلڪ ڪفاري جا شرط ڏٺا ويا تہ ڪفارو بہ لازم ٿيندو. چکڻ مان مُراد هي آهي تہ رُڳو زبان تي رکي مزو معلوم ڪري وٺو ۽ ان کي ٿوڪي ڇڏيو. ان مان ٻڙيءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ وڃڻ گهرجي.

**مدينه 3:** **ڪا** شيءِ خريد ڪئي ۽ ان جو چکڻ ضروري آهي جو جيڪڏهن نہ چکبو تہ نقصان ٿيندو، تہ اهڙي صورت ۾ چکڻ ۾ حرج ناهي نہ تہ مڪروهہ آهي.

(دُرِ مختار ج 3 ص 395)

**مدينه 4:** **گهرواريءَ** کان چُمي وٺڻ ۽ ڀاڪر پائڻ ۽ بدن کي ڇُهڻ مڪروهہ ناهي. ها جيڪڏهن هي انديشو هجي تہ **انزال** ٿي ويندو يا جماع ۾ مبتلا ٿيندو ۽ چَپَ ۽ زبان چوسڻ روزي ۾ **مطلقًا** (عام طور

---

[1] حيض ۽ نفاس جي حالت ۾ عورت کي روزو، نماز، تلاوت ناجائز ۽ گناهہ آهي. نماز معاف آهي پر فراغت کان پوءِ روزو قضا ڪرڻ لازمي آهي.

تي) مڪروهہ آهن. اهڙيءَ طرح مُباشرتِ فاحشہ (يعني شرمگاهہ سان شرمگاهہ ٽڪرائڻ) پڻ. (ردالمحتار ج 3 ص 396)......[1]

**مدينه** 5: **گلاب** يا مُشڪ وغيره سنگهڻ، ڏاڙهي ۽ مُڇن ۾ تيل لڳائڻ ۽ سُرمو لڳائڻ مڪروهہ ناهي. (دُرِ مختار ج 3 ص 397)

**مدينه** 6: **روزي** جي حالت ۾ هر قسم جو **عطر** سنگهي بہ سگهو ٿا ۽ ڪپڙن تي لڳائي بہ سگهو ٿا. (ردالمحتار ج 3 ص 397)

**مدينه** 7: **روزي** ۾ ڏندڻ ڪرڻ مڪروهہ ناهي بلڪ جيئن ٻين ڏينهن ۾ سنّت آهي ائين ئي **روزي** ۾ بہ سنّت آهي. ڏندڻ خشڪ هجي يا تازو. يا پاڻيءَ سان آلو ٿيل هجي. زوال ڪان پهريان ڪريو يا پوءِ ڪنهن وقت بہ مڪروهہ ناهي. (ردالمحتار ج3 ص399)

**مدينه** 8: **اڪثر** ماڻهن ۾ مشهور آهي تہ ٻنپهرن ڪان پوءِ روزيدار جي لاءِ ڏندڻ مڪروهہ آهي هي اسان جي مذهبِ حنفيه جي خلاف آهي.
(ردالمحتار ج 3 ص 399)

**مدينه** 9: **جيڪڏهن** ڏندڻ چٻاڙڻ سان تاندورا جُدا ٿين يا ذائقو محسوس ٿيندو هجي تہ اهڙو ڏندڻ روزي ۾ نہ ڪرڻ گهرجي. (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 10 ص511) جيڪڏهن روزو ياد هئڻ باوجود ڏندڻ جو تاندورو يا ڪو ذرو نِڙيءَ جي اندر هليو ويو تہ **روزو** فاسد ٿي ويندو (يعني ٽُٽي پوندو).

**مدينه** 10: وضو ۽ غسل ڪانسواءِ ٿڌاڻ پهچائڻ جي غرض سان گرڙي

---

[1] شادي شده نيّتن وغيره جي معلومات جي لاءِ فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج23 ص 385، 386 تي مسئلو نمبر 41،42 جو مطالعو فرمائن

ڪرڻ يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ يا تڏڪار جي لاءِ وهنجڻ بلڪ بدن تي آلو ڪپڙو ويڙهڻ بہ مڪروهہ ناهي. ها پريشاني ظاهر ڪرڻ جي لاءِ آلو ڪپڙو ويڙهڻ مڪروهہ آهي جو عبادت ۾ سُست ٿيڻ سٺي ڳالهہ ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 399)

**مدينه** 11: **ڪجھ** اسلامي ڀائر روزي جي حالت ۾ هرهر ٿوڪيندا رهندا آهن شايد اهي سمجهندا آهن تہ روزي ۾ ٿُڪ نہ ڳِهڻ گهرجي، ائين ناهي. باقي وات ۾ ٿُڪ گڏ ڪري ڳِهي ڇڏڻ هي تہ بغير روزي جي بہ ناپسنديده آهي ۽ روزي ۾ مڪروهہ آهي. (بهارِ شريعت حصو پنجون ص 129)

**مدينه** 12: **رمضان المبارڪ** جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪم ڪرڻ جائز ناهي جنهن سان اهڙو ضعف (يعني ڪمزوري) اچي وڃي جو روزي ٽوڙڻ جو ظنِ غالب ٿئي تنهن ڪري نانوائيءَ کي گهرجي تہ ٻنپهرن تائين مانيون پچائي پوءِ باقي ڏينهن ۾ آرام ڪري. (دُرِ مختار ج 3 ص 400) اهو ئي حڪم رازي ۽ مزدور ۽ ٻين سخت محنت جو ڪم ڪرڻ وارن جو آهي. وڌيڪ ضعف (يعني ڪمزوري) جو انديشو هجي تہ ڪم ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏين تہ جيئن روزو ادا ڪري سگهن.

**آسمان مان ڪاغذ جو ٽڪرو ڪريو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! روزن جا شرعي احڪام سکڻ جو جذبو اجاگر ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀرئي سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. هڪ ڀيرو سفر ڪري تجربو ڪري وٺو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي اهي ديني فائدا حاصل ٿيندا جو توهان

حيران رهجي ويندؤ. توهان جي ترغيب جي لاءِ **مدني قافلي** جي هڪ بهار بُڌائي وجي ٿي. جيئن ته قصبه ڪالوني (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ”اسان جي خاندان ۾ ڇوڪريون ڪافي هيون چاچي وٽ ست ڇوڪريون هيون ته وڏي ڀاءُ وٽ 9 ڇوڪريون! منهنجي شادي ٿي ته مون وٽ به ڇوڪريءَ جي ولادت ٿي سيني کي ڳڻتي ٿيڻ لڳي ۽ اڄڪلهه جي هڪ عام ذهن جي مطابق سيني کي وهم ٿيڻ لڳو ته ڪنهن جادو ڪري اولادِ نرينه جو سلسلو بند ڪرائي ڇڏيو آهي!مون باس باسي ته مون کي نينگر پيدا ٿيو ته 30 **ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس. منهنجي مدني منّيءَ جي ماءُ هڪ ڀيري خواب ڏٺو ته آسمان مان ڪو ڪاغذ جو ٽڪرو ان جي ويجهو اچي ڪِريو، ڪٽي جو ڏنائين ته ان تي لکيل هيو **بلال**. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت سان مون وٽ **مدني مُنّي** جي آمد ٿي ويئي! نه رُڳو هڪ بلڪ اڳتي هلي ڪري هڪ ٻئي پُٺيان ٻه **مدني منّا** وڌيڪ پيدا ٿيا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ڏسو! 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت صرف مون تائين محدود نه رهي. اسان جي خاندان ۾ جيڪو به اولادِ نرينه کان محروم هيو، سيني وٽ خوشين جون بهارون لٽائيندي **مدني مُنّا** پيدا ٿيا. هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان علاقائي مدني قافلا ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جو بهارون لُٽائڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهيان.

آ کے تم باادب، دیکھ لو فضلِ ربّ — مَدَنی منّے ملیں، قافلے میں چلو
کھوٹی قسمت کھری، گود ہو گی ہری — مُنّا مُنّی ملیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهربل مراد نه ملڻ به انعام!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي جي برڪت سان ڪهڙي طرح من جون مُرادون پوريون ٿينديون آهن! اميدن جا سُڪل فصل سرسبز ٿي ويندا آهن دلين جون ڪومايل مکڙيون ٽِڙنديون آهن ۽ اجڙيلن جون وجايل خوشيون ٻيهر موٽي ايندي آهن. پر هي ذهن ۾ رهي ته ضروري ناهي هر هڪ جي دلي مُراد لازمي طور تي پوري ٿئي. اڪثر ائين ٿيندو آهي جو ٻانهو جيڪو طلب ڪندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر ناهي هوندو ۽ ان جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو، ان جي گهربل مُراد نه ملڻ ئي ان جي لاءِ انعام هوندو آهي. مثال طور: اهو ئي ته هُو اولادِ نرينه گهري ٿو پر ان کي مدني منّين سان نوازيو وڃي ٿو ۽ اهو ان جي حق ۾ بهتر هوندو آهي. جيئن ته ٻي سيپاري ۾ سورة البقرة جي آيت نمبر 216 ۾ ربُّ العباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي:

عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: قريب آهي جو ڪا ڳالهه توهان کي پسند اچي ۽ اها توهان جي حق ۾ خراب هجي.

## ڌيءَ جا فضائل

ياد رکو! ڌيءَ جي فضيلت ڪهڙيءَ ريت به گهٽ ناهي ان سلسلي ۾ ٽي فرامينِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌو.

﴿1﴾ جنهن پنهنجي ٽن ڌيئرن جي پرورش ڪئي اهو جنّت ۾ ويندو ۽ ان کي راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ان جهاد ڪرڻ واري جي مثل اجر ملندو جنهن جهاد جي دوران روزا رکيا ۽ نماز قائم ڪئي.

(الترغيب والترهيب ج3 ص 46 حديث 26 دارالكتب العلميه بيروت)

﴿2﴾ جنهن جون ٽي نياٽيون يا ٽي ڀينرون هجن ۽ هو انهن سان سهڻو سلوڪ ڪري تہ جنّت ۾ داخل ٿيندو.
(جامع ترمذي ج 3 ص 366 حديث 1919 دارالفڪر بيروت)

﴿3﴾ جيڪو شخص ٽن نياٽين يا ڀينرن جي اهڙيءَ طرح پرورش ڪري جو کين ادب سيکاري ۽ ساڻن مهرباني جو ورتاءُ ڪري ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ کين بي نياز ڪري ڇڏي (يعني اهي بالغ ٿي وڃن يا سندن نڪاح ٿي وڃي يا اهي صاحبِ مال ٿي وڃن. (اشعة اللمعات ج 4 ص 132) تہ الله تعالیٰ ان جي لاءِ جنّت واجب فرمائي ڇڏيندو آهي. هي ارشاد نبوي ٻڌي ڪري صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو جيڪڏهن ڪو شخص ٻن ڇوڪرين جي پرورش ڪري؟ تہ ارشاد فرمايائون تہ ان جي لاءِ بہ اهو ئي اجر ۽ ثواب آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن ماڻهو هڪ جو ذڪر ڪن ها تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ بہ اهو ئي فرمائن ها.
(شرح سنّت للبغوي ج 6 ص 452 حديث 3351)

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون تہ مون وٽ هڪ عورت پنهنجي ٻن ڌيئرن کي ساڻ ڪري گهرڻ لاءِ آئي (ڪجهہ مجبورين ۾ گهرڻ جائز آهي. هي بيبي صاحبہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن مجبورين ۾ قائل هوندي ان لاءِ سوال درست هوندو. مراة المناجيح ج6 ص 545) تہ هڪ کارڪ کانسواءِ ان مون وٽ ڪجهہ نہ ڏٺو، اها ئي هڪ کارڪ مون کيس ڏئي ڇڏي تہ ان اها کارڪ پنهنجي ٻن نياٽين ۾ ورهائي ڇڏي ۽ پاڻ نہ کاڌائين ۽ ڌيئرن کي ساڻ ڪري هلي وئي. ان کان پوءِ جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف

ڪٽي آيا ۽ مون ان واقعي جو تذڪرو حضور سان ڪيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو. جيڪو شخص انهن ڏيئرن سان مبتلا ڪيو ويو ان انهن ڏيئرن سان سهڻو سلوڪ ڪيو تہ اهي ڏيئرون ان جي لاءِ باهہ (يعني جهنّم) کان پردو ۽ اوٽ بڻجي وينديون.
(صحيح مسلم ص 414 حديث 2629 دار ابن حزم بيروت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ سنّتن ڀريئي اجتماعات ۾ رحمتون جو نازل نہ ٿينديون جو انهن عاشقانِ رسول ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا اولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللہُ تَعَالٰی هوندا. منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، جماعت ۾ برڪت آهي ۽ دعاءِ مجمعِ مسلمين اقرب بقبول (يعني مسلمانن جي ميڙ ۾ دعا گهرڻ قبوليّت جي تمام ويجهو آهي.) علماءَ فرمائن ٿا تہ، **جتي چاليهہ مسلمان صالح (يعني نيڪ) جمع ٿيندا آهن انهن مان هڪ وليّ الله ضرور هوندو آهي.** (فتاویٰ رضويہ تخريج شده ج24 ص184،تيسير شرح جامع صغير ، تحت الحديث 714 ج1 ص312 طبع دار الحديث مصر)

**بالفرض** دعا جي قبوليّت جو اثر ظاهر نہ ٿئي تڏهن بہ شڪايت وارو اکر زبان تي نہ آڻڻ گهرجي. اسان جي بهتري ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي ان کي يقينًا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کان وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. اسان کي هر حال ۾ ان جو شڪر گذار ٻانهو بڻجي رهڻ گهرجي. هُو پٽ ڏئي تڏهن بہ سندس شڪر، ڌيءَ ڏئي تڏهن بہ ان جو شڪر، ٻئي ڏئي تڏهن بہ شڪر ۽ نہ ڏئي تڏهن بہ شڪر هر حال ۾ شڪر، شڪر ۽ شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي پنجويهين سيپاري سُوْرَۃُ الشُّوْرٰی جي آيت نمبر 49 ۽ 50 ۾ ارشادِ باري تعالیٰ آهي:

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ﴿۴۹﴾ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّ اِنَاثًا ۚ وَ يَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: الله جي لاءِ ئي آهي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي پيدا ڪري ٿو جيڪو چاهي، جنهن کي چاهي ڌيئرون عطا فرمائي ۽ جنهن کي چاهي پٽ ڏئي يا پٽ ملائي ڏئي پٽ ۽ ڌيئرون ۽ جنهن کي چاهي سنڍ ڪري ڇڏي بيشڪ اهو علم ۽ قدرت وارو آهي.

صدر الافاضل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي فرمائن ٿا اهو مالڪ آهي پنهنجي نعمت کي جهڙيءَ طرح چاهي ورهائي جنهن کي چاهي ڏئي. انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ به اهي سڀ صورتون ڏٺيون وڃن ٿيون. حضرتِ سيّدُنا لوط عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرتِ سيّدُنا شعيب عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي رُڳو نياڻيون هيون ڪو پٽ نه هيو ۽ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي رُڳو پٽ هئا ڪا نياڻي ئي نه هئي ۽ سيّدالانبياء حبيبِ خُدا محمدِ مصطفٰى صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ چار فرزند عطا فرمايا ۽ چار صاحبزاديون ۽ حضرت سيّدُنا يحيیٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت عيسیٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڪا اولاد ئي ناهي. (خزائِن العرفان ص 777)

## روزو نه رکڻ جون مجبوريون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجهه مجبوريون اهڙيون آهن جن جي سبب رمضان المبارڪ ۾ روزو نه رکڻ جي اجازت آهي پر هي ياد رهي ته مجبوري ۾ روزو مُعاف ناهي اها مجبوري ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ ان جي قضا رکڻ فرض آهي. البت قضا جو گناهه نه ٿيندو. جيئن ته ”بهارِ شريعت“ ۾ ”درِ

مختار“ جي حوالي سان لکيل آهي تہ سفر ۽ حمل ۽ ٻار کي کير پيارڻ ۽ مرض ۽ پوڙهائپ ۽ خوفِ هلاڪت و اڪراهہ (يعني جيڪڏهن ڪو جان سان ماري ڇڏڻ يا ڪنهن عضوي جي ڪٽي ڇڏڻ يا سخت مار جي صحيح ڌمڪي ڏئي ڪري چئي تہ روزو ٽوڙي ڇڏ جيڪڏهن روزيدار کي پڪ هجي تہ هي چوڻ وارو جيڪو ڪجهہ چوي ٿو اهو ڪري ئي رهندو تہ اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙي ڇڏڻ يا نہ رکڻ گناهہ ناهي. ”اڪراهہ مان مُراد اها ئي آهي.“) ۽ عقل ضايع ٿيڻ ۽ جهاد اهي سڀ روزو نہ رکڻ جا عذر آهن. انهن سببن ڪان جيڪڏهن جي ڪو روزو نہ رکي تہ گناهگار ناهي. (دُرِ مختار، ردالمحتار ج 3 ص 402)

## سفر جي تعريف:

سفر جي دؤران بہ روزو نہ رکڻ جي اجازت آهي سفر جو مقدار بہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو. سيّدي و مُرشِدي امامِ اهلسنّت، **اعلیٰ حضرت**، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي تحقيق جي مطابق شرعًا **سفر** جو مقدار ساڍا **ستونجاهہ ميل** (يعني تقريبًا ٻيانوي ڪلوميٽر) آهي جيڪو بہ ايتري مقدار ۾ سفر ڪرڻ جي مقصد سان پنهنجي شهر يا ڳوٺ جي آباديءَ ڪان ٻاهر نڪري آيو، اهو هاڻي شرعًا **مسافر** آهي. ان کي روزو قضا ڪري رکڻ جي اجازت آهي ۽ **نماز** بہ هُو **قصر** ڪندو. **مسافر** جيڪڏهن روزو رکڻ چاهي تہ رکي سگهي ٿو پر چار رڪعتن واري فرض نمازن ۾ کيس قصر ڪرڻ واجب آهي نہ ڪندو تہ گناهگار ٿيندو ۽ جهالتًا (يعني علم نہ هجڻ جي ڪري) پوريون (چار) پڙهيائين تہ ان نماز جو ورائي پڙهڻ بہ واجب آهي. (ملخصًا فتاویٰ رضويہ تخريج شده ج 8 ص 270)

يعني معلومات نہ هجڻ جي سبب اڄ تائين جيتريون بہ نمازون سفر ۾ پوريون پڙهيون آهن انهن جو حساب لڳائي چار رڪعتي فرض

**قصر** جي نيّت سان ٻہ ٻہ ڪري ٻيهر پڙهڻا پوندا. ها **مسافر** ڪي مقيم امام جي پويان فرض چار پورا پڙهڻا پوندا آهن. سنّتون ۽ وتر ورائڻ پڙهڻ جي ضرورت ناهي. **قصر** رُڳو ظهر، عصر ۽ عشاءِ جي فرض رڪعتن ۾ ڪرڻو آهي يعني انهن ۾ چار رڪعت فرض جي جاءِ تي ٻہ رڪعتون ادا ڪيون وينديون. باقي سنّتون ۽ وتر جون رڪعتون پوريون ادا ڪيون وينديون. ٻئي شهر يا ڳوٺ ۾ پهچڻ کان پوءِ جيستائين پندرهن ڏينهن کان گهٽ عرصي تائين قيام جي نيّت هئي **مسافر** ئي چورائيندو ۽ **مسافر** جا احڪام رهندا ۽ جيڪڏهن **مسافر** اتي پهچي پندرهن ڏينهن يا ان کان وڌيڪ قيام جي نيّت ڪري ڇڏي تہ هاڻي **مسافر** جا احڪام ختم ٿي ويندا ۽ اهو مقيم چورائيندو. هاڻي ڪيس روزو بہ رکڻو پوندو ۽ نماز بہ قصر نہ ڪندو. سفر جي متعلق ضروري احڪام جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ بهارِ شريعت حصي چوٿين جي باب ”**مسافر جي نماز جو بيان**“ جو مطالعو فرمايو.

## معمولي بيماري ڪا مجبوري ناهي

جيڪو سخت بيمار هجي ۽ ان کي روزو رکڻ جي صورت ۾ مرض وڌي وڃڻ يا دير سان شفايابي جو غالب گمان (پڪ) هجي تہ اهڙي صورت ۾ بہ روزو **قضا** ڪرڻ جي اجازت آهي (هن جا تفصيلي احڪام اڳتي اچي رهيا آهن) پر اڄڪلهہ معمولي **نزلو**، بخار يا مٿي جي سور جي سبب کان ماڻهو روزو ڇڏي ڏيندا آهن يا مَعاذَاللہعَزَّوَجَلَّ رکي ٽوڙي ڇڏيندا آهن. ائين هرگز نہ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن صحيح شرعي مجبوري

جي بغير ڪو روزو ڇڏي ڏي جيتوڻيڪ بعد ۾ سڄي عمر به روزا رکي تڏهن به ان هڪ روزي جي فضيلت کي حاصل نه ڪري سگھندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان کان پهريان جو روزو نه رکڻ جي عذرن (يعني مجبورين) جو تفصيلي بيان ڪيو وڃي. لفظ ”**ڪرم**“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ٽي احاديثِ مبارڪ بيان ڪيون وڃن ٿيون.

## سفر ۾ چاهي روزو رکو، چاهي نه رکو

**مدينه** 1: **اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدُتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون حضرتِ سيّدُنا حمزه بن عَمرو اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن گھڻا روزا رکندا هئا. انهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود وسخاوت، سراپا رَحمت، مَحبوبِ رَبُّ الْعِزَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو سفر ۾ روزا رکان؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون. ”**چاهي رکو چاهي نه رکو .**“ (صحيح بخاري ج 1 ص 640حديث 1943)

**مدينه** 2: **حضرتِ** سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سورهين رمضان جو سَرور ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ اسين جهاد ۾ وياسين اسان مان ڪِن روزو رکيو ۽ ڪِن نه رکيو ته نه روزيدارن غير روزيدارن تي عيب لڳايو ۽ نه انهن هنن تي.
(مسلم شريف ص 564 حديث1116)

**مدينه** 3: **حضرتِ** سيّدُنا اَنَس بن مالڪ ڪَعبِي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مديني جي تاجدار، غريبن جي غمگسار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشگوار آهي:” الله عَزَّوَجَلَّ **مسافر** کان اڌ نماز مُعاف فرمائي ڇڏي.“ (يعني چار رڪعت واري فرض نماز ٻه رڪعتون ڪري پڙهي) ۽ مسافر

۽ ڪير پيارڻ واري ۽ **حامله** ڪان **روزو** مُعاف فرمائي ڇڏيو آهي. (اجازت آهي ان وقت نہ رکن بعد ۾ اهو مقدارپورو ڪن) **(جامع ترمذي ج2 ص 170 حديث 715)**

” اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِى يَا رَسُوْلَ اللّٰه“

## جي ٿيٽيهر اڪرن جي نسبت سان روزو نہ رکڻ جي اجازتن تي مبني 33 نڪتا

(پر اها مجبوري ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ هر روزي جي بدلي هڪ روزو قضا رکڻو پوندو)

**مدينه** 1: **مسافر** کي روزو رکڻ يا نہ رکڻ جو اختيار آهي. **(ردالمحتار ج 3 ص 403)**

**مدينه** 2: **جيڪڏهن** پاڻ ان مسافر کي ۽ ان سان گڏ سفر ڪرڻ واري کي روزو رکڻ ۾ ضرر (يعني نقصان) نہ پهچي تہ روزو رکڻ **سفر** ۾ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ٻنهي يا انهن مان ڪنهن هڪ کي نقصان ٿي رهيو هجي تہ روزو نہ رکڻ بهتر آهي. (درمختار ج 3 ص 405)

**مدينه** 3: **مسافر ضحوهٔ ڪبرىٰ**[1] کان اڳ ۾ اقامت ڪئي ۽ اجان ڪجهہ نہ ڪاڌو تہ روزي جي نيّت ڪري ڇڏڻ واجب آهي. **(الجوهرة النيّرة** ج 1 ص 186) مثال طور: توهان جو گهر پاڪستان جي مشهور شهر حيدرآباد ۾ آهي ۽ توهان بابُ المدينه ڪراچي کان حيدرآباد جي لاءِ هليا ۽ صبح جو ڏهين وڳي پهچي ويا ۽ صبح صادق کان پوءِ رستي ۾ ڪجهہ ڪاڌو پيتو نہ هو تہ هاڻي روزي جي نيّت ڪري ڇڏيو.

**مدينه** 4: ڏينهن جو جيڪڏهن سفر ڪيو تہ ان ڏينهن جو روزو ڇڏڻ جي

[1] ضحوهٔ ڪبرىٰ جي تعريف روزي جي نيّت واري بيان ۾ گذري چُڪي آهي.

لاءِ اچ جو سفر عذر ناهي. جيڪڏهن سفر جي دوران ٽوڙي ڇڏيندؤ تہ ڪفارو لازم نہ ايندو پر گناهہ ضرور ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 416) ۽ روزو قضا رکڻ فرض رهندو.

**مدينه** 5: **جيڪڏهن** سفر شروع ڪرڻ کان پهريان ٽوڙي ڇڏيو پوءِ سفر ڪيو تہ (جيڪڏهن ڪفاري جا شرط ڏنا ويا تہ) **ڪفارو** بہ لازم ايندو. **(ايضًا)**

**مدينه** 6: **جيڪڏهن** ڏينهن ۾ **سفر** شروع ڪيو (۽ سفر جي دوران روزو ٽوڙيو نہ هيو) ۽ گهر ۾ ڪا شيءِ وساري هئي ان کي کڻڻ لاءِ واپس آيو ۽ هاڻي جيڪڏهن اچي روزو ٽوڙي ڇڏيو تہ (شرائط موجود هئڻ جي صورت ۾) **ڪفارو** بہ واجب آهي. جيڪڏهن سفر جي دوران ئي ٽوڙي ڇڏيو هجي ها تہ صرف **قضا** رکڻ فرض ٿئي ها جيئن نمبر 4 ۾ گذريو. **(فتاوىٰ عالمگيري ج1ص207)**

**مدينه** 7: **ڪنهن** کي روزو ٽوڙڻ تي مجبور ڪيو ويو تہ **روزو** ٽوڙي سگهي ٿو پر صبر ڪيائين تہ ڪيس اجر ملندو. (مجبوريءَ جي تعريف ص 186 جي حاشيي ۾ گذري) **(ردالمحتار ج 3 ص 402)**

**مدينه** 8: **نانگ** ڏنگيو ڇڏيو ۽ جان خطري ۾ پئجي ويئي تہ **روزو** ٽوڙي ڇڏيو. **(ردالمحتار ج 3 ص 402)**

**مدينه** 9: **جن** ماڻهن جاڻايل مجبورين جي سبب **روزو** ٽوڙيو انهن تي فرض آهي تہ انهن روزن جي **قضا** رکن ۽ انهن **قضا** روزن ۾ ترتيب فرض ناهي. تنهنڪري جيڪڏهن انهن روزن جي قضا ڪرڻ کان پهريان **نفلي روزا** رکيا تہ هي نفلي روزا ٿي ويا پر حڪم هي آهي تہ عذر گذري وڃڻ کان پوءِ ايندڙ رمضان المبارڪ جي اچڻ کان

پهريان پهريان **قضا** رکي وٺن. حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو، ”جنهن تي گذريل **رمضان المبارڪ** جي قضا باقي آهي ۽ اهو نہ رکي، ان جا هن **رمضان المبارڪ** جا روزا قبول نہ ٿيندا.“ (مجمع الزوائد ج 3 ص 415)

جيڪڏهن وقت گذرندو ويو ۽ قضا روزا نہ رکيا ايتري تائين جو ٻيو **رمضان شريف** اچي ويو تہ هاڻي **قضا** روزا رکڻ بدران پهريان هن ئي رمضان المبارڪ جا **روزا** رکي ڇڏيو. **قضا** بعد ۾ رکجو. بلڪ جيڪڏهن غير مريض ۽ مسافر **قضا** جي نيّت ڪئي تڏهن بہ **قضا** ناهي. بلڪ هن ئي رمضان شريف جا روزا آهن. (درمختار ج 3 ص 405)

**مدينه** 10: **حمل** واري يا کير پيارڻ واري عورت کي جيڪڏهن پنهنجي يا ٻار جي مري وڃڻ جو صحيح انديشو آهي تہ اجازت آهي تہ ان وقت **روزو** نہ رکي. توڙي کير پيارڻ واري ٻار جي ماءُ هجي يا دائي. جيتوڻيڪ رمضان المبارڪ ۾ کير پيارڻ جي نوڪري اختيار ڪئي هجي. (درِ مختار ، ردالمحتار ج 3 ص 403)

**مدينه** 11: **بُک** ۽ اُڃ اهڙي هجي جو فوت ٿيڻ جو صحيح خوف هجي يا عقل جي نقصان جو انديشو هجي تہ **روزو** نہ رکو.
(درمختار، ردالحتار ج 3 ص 402)

**مدينه** 12: **مريض** کي مرض وڌي وڃڻ يا دير ۾ بهتر ٿيڻ يا تندرست کي بيمار ٿي وڃڻ جو غالب گمان هجي تہ اجازت آهي تہ ان ڏينهن **روزو** نہ رکي. (بلڪ بعد ۾ قضا ڪري ڇڏي) (درِ مختار ج 3 ص403)

**مدينه** 13: **انهن** صورتن ۾ غالب گمان جو قيد آهي محض وهم ناڪافي آهي. غالب گمان جون ٽي صورتون آهن. (1) پهرين صورت

هي آهي جو ان جي ظاهري نشاني ڏني وڃي. (2) ٻين هي ته ان شخص جو ذاتي تجربو آهي. (3) ٽين هي ته ڪنهن مسلمان حاذق (يعني تجربيڪار ۽ پنهنجي طب واري فن ۾ ماهر) طبيبِ مستور يعني غيرِ فاسق ان جي خبر ڏني هجي ۽ جيڪڏهن نه ڪا علامت هجي نه تجربو نه ان قسم جي طبيب کيس ٻُڌايو بلڪه ڪنهن ڪافر يا فاسق طبيب (مثال طور ڏاڙهي ڪوڙ ڊاڪٽر) جي چوڻ تي افطار ڪري ڇڏيو يعني روزو ٽوڙي ڇڏيو ته شرط موجود هئڻ جي صورت ۾ **قضا** سان گڏوگڏ **ڪفارو** به لازم ايندو. **(ردالمحتار ج 3 ص 404)**

**مدينه** 14: **حيض** يا نفاس جي حالت ۾ نماز، روزو حرام آهي ۽ اهڙي حالت ۾ نماز روزا صحيح ٿيندا ئي ناهن ۽ پڻ قرآن پاڪ جي تلاوت يا قرآن پاڪ جي آياتِ مقدسه يا انهن جو ترجمو ڇُهڻ هي سڀ حرام آهي. **(بهارِ شريعت حصو 2 ص88،89)**

**مدينه** 15: **حيض** و نفاس واريءَ جي لاءِ اختيار آهي ته لِڪي ڪري کائي يا ظاهري طور. روزيدار جيان رهڻ ان تي ضروري ناهي. **(الجوهرة النيّرة ج 1 ص 186)**

**مدينه** 16: **پر** لِڪي ڪري کائڻ بهتر آهي خاص طور حيض واريءَ جي لاءِ. **(بهارِ شريعت حصو 5 ص 135)**

**مدينه** 17: "شيخ فاني" يعني اهي وڏي عمر وارا بزرگ جن جي عمر ايتري ته وڌي چُڪي آهي جو هاڻي اهي ويچارا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ئي ٿيندا ويندا. جڏهن اهي بلڪل ئي روزو رکڻ کان عاجز ٿي وڃن. يعني نه هاڻي رکي سگهن ٿا نه ايندڙ روزي جي طاقت اچڻ جي اميد

آهي. انهن کي هاڻي روزو نہ رکڻ جي اجازت آهي. تنهنڪري هر روزي جي بدلي ۾ (فديي جي طور تي) **هڪ صدقهءِ فطر** (صدقهءِ فطر جو مقدار سوا ٻہ سير يعني تقريبًا ٻہ ڪلو پنجاھ گرام ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان ڪڻڪ جي رقم) جو مقدار **مسڪين** کي ڏيئي ڇڏين. **(درمختار ج 3 ص410)**

**مدينه** 18: **جيڪڏهن** اهڙو پوڙهو گرمين ۾ روزو نہ ٿو رکي سگهي تہ نہ رکي پر کيس ان جي بدلي سياري ۾ رکڻ فرض آهي. **(رد المحتارج3 ص472)**

**مدينه** 19: **جيڪڏهن** فديو ڏيڻ کان پوءِ روزو رکڻ جي طاقت اچي ويئي تہ ڏنل **فديو** صدقهءِ **نفل** ٿي ويو. انهن روزن جي قضا رکن.
**(عالمگيري ج 1 ص 207)**

**مدينه** 20: **هي** اختيار آهي تہ رمضان جي شروع ۾ ئي پوري رمضان جو هڪدم **فديو** ڏئي ڇڏين يا آخر ۾ ڏين.
**(عالمگيري ج 1 ص 207)**

**مدينه** 21: **فديو** ڏيڻ ۾ هي ضروري ناهي تہ جيترا فديا هجن اوترن ئي مسڪينن کي الڳ الڳ ڏين. بلڪہ هڪ ئي مسڪين کي ڪيترن ئي ڏينهن جا ٻہ ڏئي سگهجن ٿا. **(درمختار ج 3 ص 410)**

**مدينه** 22: **نفل** روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ واري تي هاڻي پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙي ڇڏيائين تہ **قضا** واجب ٿيندي. **(ردالمحتار ج 3 ص 411)**

**مدينه** 23: **جيڪڏهن** اوهان هي گمان ڪري روزو رکيو تہ منهنجي ذمي ڪو روزو آهي پر روزو شروع ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ مون تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو روزو ناهي. هاڻي جيڪڏهن جلدي ٽوڙي ڇڏيو تہ **ڪجھ** ناهي

۽ هي معلوم ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن جلدي نہ ٽوڙيو تہ هاڻي نہ ٿا ٽوڙي سگهو، جيڪڏهن ٽوڙيندؤ تہ **قضا** واجب ٿيندي. (درمختار ج 3 ص 411)

**مدينه** 24: **نفل** روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيو بلڪ بنا اختيار جي ٽُٽي پيو. مثال طور **روزي** جي دؤران عورت کي حيض اچي ويو تڏهن بہ **قضا** واجب آهي. (درمختار ج 3 ص 412)

**مدينه** 25: عيدالفطر يا قرباني واري عيد جي چئن ڏينهن يعني 10،11،12،13 **ذوالحجة الحرام** مان ڪنهن بہ ڏينهن جو **نفل** روزو رکيو تہ (جو تہ هنن پنجن ڏينهن ۾ روزو رکڻ **حرام** آهي تنهن ڪري) ان روزي جو پورو ڪرڻ واجب ناهي. نہ ئي انهن جي ٽوڙڻ تي **قضا** واجب. بلڪ انهن جو ٽوڙي ڇڏڻ ئي **واجب** آهي ۽ جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ روزو رکڻ جي باس باسي تہ باس پوري ڪرڻ واجب آهي پر هنن ڏينهن ۾ نہ بلڪ ٻين ڏينهن ۾. (ردالمحتار ج 3ص 412)

**مدينه** 26: **نفل** روزو بنا عذر جي ٽوڙي ڇڏڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ کائيندو تہ ان کي ڏک ٿيندو يا مهمان جيڪڏهن ڪاڌو نہ کائيندو تہ ميزبان کي تڪليف ٿيندي تہ **نفل** روزو ٽوڙي ڇڏڻ جي لاءِ هي عذر آهي. (**سبحٰن الله** شريعت کي احترامِ مسلم جو ڪيتري قدر لحاظ آهي) پر شرط هي آهي جو ڀروسو هجي تہ ان جي قضا رکي وٺندو ۽ **ضحوهءِ ڪبرىٰ** کان ڦيريان ٽوڙي ڇڏي **بعد** ۾ نہ. (عالمگيري ج 1 ص 208)

**مدينه** 27: دعوت جي سبب **ضحوهءِ ڪبرىٰ** کان ڦيريان روزو ٽوڙي سگهي ٿو جڏهن تہ دعوت ڪرڻ وارو رُڳو ان جي موجودگيءَ تي راضي نہ هجي ۽ ان جي نہ کائڻ سبب ناراض ٿئي بشرطيڪ هي

پروسو هجي ته بعد ۾ رکي ونندو، تنهن ڪري هاڻي روزو ٽوڙي ڇڏي ۽ ان جي قضا رکي. پر جيڪڏهن دعوت ڪرڻ وارو رُڳو ان جي موجودگيءَ تي راضي ٿي وڃي ۽ نه کائڻ تي ناراض نه ٿئي ته روزو ٽوڙڻ جي اجازت ناهي. (فتاوىٰ عالمگيري ج1 ص208 ڪوئٽه)

**مدينه** 28: **نفل** روزو زوال کان پوءِ ماءُ پيءُ جي ناراضگيءَ جي سبب ٽوڙي سگهي ٿو ۽ هن ۾ ٽيپهريءَ کان پهريان تائين ٽوڙي سگهي ٿو ٽيپهري کان پوءِ نه. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 414)

**مدينه** 29: **عورت** مڙس جي اجازت جي بغير نفل ۽ باس ۽ قَسم جا روزا نه رکي ۽ رکي ڇڏيا ته مڙس ٽوڙائي سگهي ٿو پر ٽوڙيندي ته **قضا** واجب ٿيندس پر ان جي **قضا** ۾ به مڙس جي اجازت لازمي آهي. يا مڙس ۽ ان جي وچ ۾ جُدائي ٿي وڃي يعني طلاقِ بائن (طلاقِ بائن ان طلاق کي چوندا آهن جنهن سان گهرواري نڪاح کان ٻاهر ٿي ويندي آهي، هاڻي مڙس رجوع نٿو ڪري سگهي) ڏئي ڇڏي يا مري وڃي. ها جيڪڏهن روزو رکڻ ۾ مڙس جو ڪو حرج نه هجي. مثال طور اهو سفر ۾ آهي يا بيمار آهي يا احرام ۾ آهي ته انهن حالتن ۾ بغير اجازت جي به **قضا** رکي سگهي ٿي بلڪ اهو منع ڪري تڏهن به رکي سگهي ٿي. پر انهن ڏينهن ۾ به مڙس جي اجازت کان بغير نفلي روزو نه ٿي رکي سگهي. (ردالمحتار ج 3 ص 415)

**مدينه** 30: **رمضان المبارڪ** ۽ قضاءِ رمضان المبارڪ جي لاءِ مڙس جي اجازت جي ڪا ضرورت ناهي بلڪ سندس منع ڪرڻ تي به رکي. (درِ مختار، ردالمحتار ج3 ص415)

**مدينه** 31 : **جيڪڏهن** توهان ڪنهن جا ملازم آهيو يا ان وٽ مزدوريءَ تي ڪم ڪندا آهيو ته ان جي اجازت جي بغير **نفل** روزو نه ٿا رکي سگهو ڇو ته روزي جي ڪري ڪم ۾ سُستي اچي ويندي. ها جيڪڏهن روزو رکڻ جي باوجود توهان باقاعده ڪم ڪري سگهو ٿا، ان جي ڪم ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نه ٿي ٿئي، ڪم پورو ٿي وڃي ٿو ته هاڻي **نفلي** روزي جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 416)

**مدينه** 32 : **نفل** روزي جي لاءِ ڌيءُ کي پيءُ، ماءُ کي پٽ، پيڻ کي پاءُ کان اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 416)

**مدينه** 33: **ماءُ** پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفلي** روزي کان منع ڪري ڇڏين انهيءَ سبب کان جو مرض جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري. (ردالمحتار ج 3 ص 416)

هاڻي " لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ " **جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان** "12 **نُڪتا** "

**انهن شين جي متعلق بيان ڪيا وڃن ٿا جن جي ڪرڻ سان رُڳو قضا لازم ايندي آهي. قضا جو طريقو هي آهي ته هر روزي جي بدلي رمضان المبارڪ کان پوءِ قضا جي نيّت سان هڪ روزو رکي ڇڏيو.**

## قضا جي باري ۾ 12 نڪتا

**مدينه** 1: **هي** گمان هيو ته صبح ناهي ٿيو ۽ کاڌو، پيتو يا جماع ڪيو بعد ۾ معلوم ٿيو ته صبح ٿي چُڪو هو ته روزو نه ٿيو. هن روزي جي

**قضا** ڪرڻ ضروري آهي يعني هن **روزي جي** بدلي ۾ هڪ **روزو** رکڻو پوندو. (ردالمحتار ج 3 ص 380)

**مدينه** 2: **ڪائڻ** تي سخت مجبور ڪيو ويو. يعني **اڪراهِ** شرعي ڏنو ويو. هاڻي جيئن ته مجبوري آهي، انهيءَ ڪري توڙي پنهنجي هٿ سان ئي ڪاڏو هجي رُڳو **قضا** لازم آهي. (درمختار ج 3 ص 402) هن مسئلي جو خُلاصو هي آهي جو ڪو قتل يا عضوو ڪٽي ڇڏڻ يا شديد مار ڏيڻ جي صحيح ڌمڪي ڏئي ڪري چوي ته روزو ٽوڙي ڇڏ، جيڪڏهن روزيدار هي سمجهي ته ڌمڪي ڏيڻ وارو جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهي اهو ڪري گذرندو ته هاڻي "اڪراهِ شرعي" ڏنو ويو ۽ اهڙي صورت ۾ روزو ٽوڙڻ جي اجازت آهي پر بعد ۾ هن روزي جي **قضا** لازمي آهي.

**مدينه** 3 : **پُل** ۾ ڪاڏو، پيتو يا جماع ڪيو هو يا نظر ڪرڻ سان انزال ٿيو هو يا احتلام ٿيو يا الٽي آئي ۽ انهن سيني صورتن ۾ هي گمان ڪيو ته **روزو** ٽُٽي پيو. هاڻي جاڻي واڻي ڪائي ڇڏيو ته رُڳو **قضا** فرض آهي. (در مختار ج 3 ص 375)

**مدينه** 4: **روزي جي** حالت ۾ نڪ ۾ دوا چڙهائي ته روزو ٽُٽي پيو ۽ ان جي **قضا** لازم آهي. (درمختار ج 3 ص 376)

**مدينه** 5: **پٿر**، پِتر، مٽي (اهڙي مٽي جنهن جي ڪائڻ جو رواج نہ هجي) ڪپهہ، ڇبر، ڪاغذ وغيره اهڙيون شيون ڪاڌيون جن ڪان ماڻهو ڪراهت ڪندا هجن انهن سان به **روزو** ته ٽُٽي پوندو پر رُڳو **قضا** رکڻو پوندو. (در مختار ج 3 ص 377)

**مدينه** 6 : **برسات** جو پاڻي يا ڳڙو ٻِڙيءَ ۾ هليو ويو تڏهن بہ **روزو** ٽُٽي ويو ۽ **قضا** لازم آهي. (دُرِ مختار ج 3 ص 378)

**مدينه** 7: تمام گهڻو پگهر يا ڳوڙها ڳهي ويو تہ روزو ٽُٽي ويو **قضا** ڪرڻي پوندي. (درمختار ج 3 ص 378)

**مدينه** 8 : گمان ڪيو تہ اجان تہ رات باقي آهي، سَحَري ڪائيندو رهيو ۽ بعد ۾ خبر پئي تہ سَحَريءَ جو وقت ختم ٿي چُڪو هو. هن صورت ۾ بہ روزو ويو ۽ **قضا** ڪرڻي پوندي. (رد المحتار ج3 ص 380)

**مدينه** 9 : **اهڙيءَ** طرح گمان ڪري جو سج لهي چُڪو آهي. ڪائي پي ورتائين ۽ بعد ۾ معلوم ٿيو تہ سج نہ لٿو هو تڏهن بہ **روزو ٽُٽي** پيو ۽ **قضا** ڪريو. (ردالمحتار ج3 ص 380)

**مدينه** 10 : **جيڪڏهن** سج لهڻ کان پهريان ئي **سائرن** جو آواز گونجي اٿيو يا مغرب جي **اذان** شروع ٿي وئي ۽ توهان روزو افطار ڪري ورتو ۽ پوءِ بعد ۾ خبر پئي تہ **سائرن** يا **اذان** تہ وقت کان پهريان ٿي ويا هئا. ان ۾ توهان جو قُصُور هجي يا نہ هجي بهرحال **روزو ٽُٽي** پيو ان کي **قضا** ڪرڻو پوندو. (ماخوذ من ردالمحتار ج3 ص 383)

**مدينه** 11: **اڄ ڪلهہ** جيئن تہ لاپرواهيءَ جو دؤر هلي رهيو آهي انهيءَ لاءِ هر هڪ کي گهرجي تہ پاڻ پنهنجي روزي جي **حفاظت** ڪري. سائرن (گهگهو) ريڊيو. ٽي. وي. جي اعلان بلڪہ مسجد جي اذان تي بہ ڪفايت ڪرڻ بدران پاڻ **سَحَري ۽ افطار** جي وقت جي صحيح صحيح معلومات حاصل ڪجي.

**مدينه** 12: وضو ڪري رهيو هو پاڻي نڪ ۾ وِڌو ۽ دماغ تائين

چڙهي ويو يا نِڙيءَ کان هيٺ لهي ويو، روزيدار هجڻ ياد هيو تہ روزو ٽُٽي ويو ۽ **قضا** لازم آهي. ها جيڪڏهن ان وقت روزيدار هجڻ ياد نہ هيو تہ روزو نہ ويو. (عالمگيري ج 1 ص 202)

## ڪفاري جا احڪام

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان المبارڪ جو روزو رکي ڪري بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي جاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏڻ سان ڪجھ صورتن ۾ رُڳو **قضا** لازم ٿيندي آهي ۽ ڪجھ صورتن ۾ قضا سان گڏ **ڪفارو** بہ لازم ٿي ويندو آهي. ان جي باري ۾ **ڪجھ احڪام** بيان ٿين ٿا انهيءَ کان پهريان هي بہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ روزي جو **ڪفارو** ڇا آهي.

## روزي جي ڪفاري جو طريقو

روزو ٽوڙڻ جو ڪَفّارو هي آهي جو ممڪن هجي تہ هڪ ٻانهي يا غلام آزاد ڪري ۽ هي نہ ڪري سگهي مثلاً ان وٽ نہ ٻانهي نہ غلام آهي نہ ايترو مال آهي جو خريد ڪري سگهي، يا مال تہ آهي پر غلام مُيَسَّر ناهي، جيئن جو اڄڪلھ ٻانهيون ۽ غلام ناهن ملندا تہ هاڻي **لڳاتار سٺ روزا** رکي. هي بہ جيڪڏهن ممڪن نہ هجي تہ **سٺ مسڪينن کي پيٽ ڀري ٻئي وقت کاڌو کارائي.** هي ضروري آهي تہ جنهن کي هڪ وقت کارائي ٻئي وقت بہ ان کي ئي کارائي. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ **سٺ مسڪينن کي هڪ هڪ صدقهءِ فطر** يعني تقريبًا ٻہ ڪلو 50 گرام ڪڻڪ يا ان جي رقم جو مالڪ ڪيو وڃي. هڪ ئي مسڪين کي گڏ سٺ صدقهءِ فطر نٿا ڏيئي

سگهو. ها هي ڪري سگهو ٿا جو هڪ ڪي ئي سٺ ڏينهن تائين روزانو هڪ هڪ صدقهءِ فطر ڏيو. روزن جي صورت ۾ (ڪفاري جي دوران) جيڪڏهن وچ ۾ هڪ ڏينهن جو به روزو ڇڏيو تہ هاڻي وري نئين سري سان **سٺ روزا** رکڻا پوندا، پهريان جا روزا حساب ۾ شامل نہ ٿيندا جيتوڻيڪ **اٺهٺ** رکي چُڪو هيو. چاهي بيماري وغيره ڪنهن بہ سبب جي ڪري ڇڏيو هجي. ها جيڪڏهن عورت کي حيض اچي وڃي تہ حيض جي سبب ڪان جيترا رهجي ويا. هي رهيل شمار نہ ڪيا ويندا. يعني پهريان جا روزا ۽ حيض ڪان پوءِ وارا ٻئي ملائي سٺ ٿي وڃڻ سان **ڪفارو** ادا ٿي ويندو.

(ملخص از ردالمحتار ج 3 ص 390)

**جيڪو** رات ڪان ئي روزي جي **نيّت** ڪري چُڪو هجي ۽ پوءِ صبح يا ڏينهن ۾ ڪنهن بہ وقت بلڪ جيڪڏهن افطار ڪان هڪ گهڙي بہ پهريان ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي بغير ڪنهن اهڙي شيءِ جنهن ڪان انساني طبيعت نفرت نہ ڪندي هجي. (مثال طور: ڪاڏو، پاڻي، چانهہ، ميوا، بسڪٽ، شربت، ماکي، منائي وغيره) سان ڄاڻي واڻي روزو ٽوڙي ڇڏي تہ هاڻي **رمضان شريف** ڪان پوءِ انهيءَ روزي جي **قضا** جي نِيَّت سان هڪ روزو رکڻو پوندو ۽ پوءِ ان جو **ڪفّارو** بہ ڏيڻو پوندو، جنهن جو طريقو گذريو.

## ”ياالله ڪرم ڪر“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان ڪفاري جي متعلق 11 نڪتا

**مدينه** 1: **رمضان المبارڪ** ۾ ڪنهن عاقل بالغ مُقيم (يعني جيڪو

مسافر نہ هجي) رمضان جي روزن کي ادا ڪرڻ جي نيّت سان روزو رکيو ۽ بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي ڄاڻي واڻي ڄِماع ڪيو يا ڪرايو، يا ڪا بہ شيءِ لذت جي لاءِ کاڌي يا پيتي تہ روزو ٽٽي ويو ۽ انهيءَ جي **قضا** ۽ **ڪَفّارو** ٻئي لازم آهن. (ردالمحتار ج 3 ص 388)

**مدينه** 2 : **جنهن جاءِ** تي روزو ٽوڙڻ سان **ڪَفّارو** لازم ٿيندو آهي، ان ۾ شرط هي آهي تہ **رات** کان ئي رمضان المبارڪ جي روزي جي نِيَّت ڪئي هجي. جيڪڏهن **ڏينهن** ۾ نِيَّت ڪئي ۽ ٽوڙي ڇڏيو تہ **ڪفارو** لازم ناهي رُڳو **قضا** ڪافي آهي. (الجوهرة النيّرة ج 1 ص 180)

**مدينه** 3: **الٽي** آئي يا **ڀُل** ۾ ڪجھ کاڌو يا جماع ڪيو ۽ هنن سيني صورتن ۾ کيس معلوم هيو تہ روزو نہ ويو پوءِ بہ کائي ڇڏيائين تہ **ڪَفّارو** لازم ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 375)

**مدينه** 4: **احتلام** ٿيو ۽ ان کي معلوم بہ هيو تہ روزو نہ ٽُٽو ان جي باوجود کائي ڇڏيائين تہ **ڪفارو** لازم آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 375)

**مدينه** 5: پنهنجو لُعاب ٿوڪي وري چَٽي ڇڏيائين. يا ٻئي جي ٿُڪ ڳِهي ڇڏيائين تہ **ڪفارو** ناهي پر محبوب جي لذت يا معظمِ ديني (يعني بزرگ) جي تبرڪ جي طور تي ٿُڪ ڳِهي ڇڏي تہ **ڪفارو** لازم آهي.
(عالمگيري ج 1 ص 203)

**مدينه** 6: **گدري** يا هنداڻي جي کل کاڌي. جيڪڏهن خشڪ هجي يا اهڙي هجي جو ماڻهو ان جي کائڻ کان ڪراهت ڪندا هجن، تہ **ڪفارو** ناهي، نہ تہ آهي. (عالمگيري ج 1 ص 202)

**ڪچا** چانور، ٻاجهري، مهري، مڱ ڪاڏي ته **ڪَفّارو** لازم ناهي اهو ئي حڪم ڪچي جَوَن جو آهي ۽ ڀُڳل هجن ته **ڪفارو** لازم.
(عالمگيري ج 1 ص 202)

**مدينه** 7: **سَحَري** ۾ هڪ گرهه وات ۾ هيو ته صبح صادق جو وقت ٿي ويو يا ڀُل ۾ کائي رهيا هيو، گرهه وات ۾ هيو ته ياد اچي ويو، پوءِ به ڳهي ڇڏيو ته انهن ٻنهي صورتن ۾ **ڪَفّارو** واجب آهي ۽ جيڪڏهن گرهه وات مان ڪڍي وري کائي ڇڏيو هجي ته رُڳو **قضا** واجب ٿيندي **ڪَفّارو** نه. (عالمگيري ج 1 ص 203)

**مدينه** 8: **واري** سان بُخار ايندو هيو ۽ اڄ واري جو ڏينهن هيو انهيءَ ڪري هي گمان ڪيو ته بُخار ايندو، روزو ڄاڻي واڻي ٽوڙي ڇڏيؤ ته انهيءَ صورت ۾ **ڪَفّارو** ساقط آهي (يعني ڪَفّاري جي ضرورت ناهي رُڳو قضا ڪافي آهي) ائين ئي عورت کي مقرر تاريخ تي حيض ايندو هيو ۽ اڄ حيض اچڻ جو ڏينهن هيو ان ڄاڻي واڻي روزو ٽوڙي ڇڏيو ۽ حيض نه آيو ته **ڪَفّارو** ساقط ٿي ويو. (يعني ڪَفّاري جي ضرورت ناهي رُڳو قضا ڪافي آهي). (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 391)

**مدينه** 9: **جيڪڏهن** ٻه روزا ٽوڙيا ته ٻنهي جي لاءِ ٻه **ڪَفّارا** ڏئي. جيتوڻيڪ جو پهريان جو اڃان **ڪَفّارو** ادا نه ڪيو هو. جڏهن ته ٻئي ٻن رمضانن جا هجن ۽ جيڪڏهن ٻئي روزا هڪ ئي رمضان جا هجن ۽ پهرين جو **ڪَفّارو** ادا نه ڪيو هجي ته هڪ ئي **ڪَفّارو** ٻنهي جي لاءِ ڪافي آهي. (الجوهرة النيّرة ج 1 ص 182)

**مدينه** 10: ڪَفّارو لازم هجڻ جي لاءِ هي ضروري آهي تہ روزو ٽوڙڻ کان پوءِ ڪو اهڙو عمل واقع نہ ٿيو هجي جيڪو روزي جي منافي هجي يا بي اختيار اهڙو عمل نہ ڏنو ويو هجي جنهن جي ڪري روزو ٽوڙڻ جي اجازت هجي ها. مثال طور عورت کي ان ڏينهن حيض يا نفاس اچي ويو يا روزو ٽوڙڻ کان پوءِ انهيءَ ڏينهن ۾ اهڙو بيمار ٿيو جنهن ۾ روزو نہ رکڻ جي اجازت آهي تہ ڪَفّارو ساقط آهي ۽ سفر سان ساقط نہ ٿيندو جو هي اختياري امر (مرضيءَ وارو ڪم) آهي. (الجوهرة النيّرة ج1 ص181)

**مدينه** 11 : جن صورتن ۾ روزو ٽوڙڻ تي ڪَفّارو لازم ناهي انهن ۾ شرط آهي تہ هڪ ڀيرو ائين ٿيو هجي ۽ معصيت (يعني نافرمانيءَ) جو ارادو نہ ڪيو هجي نہ تہ انهن ۾ ڪَفّارو ڏيڻو پوندو. (الدر المختار و ردالمحتار ج3 ص 440)

## روزو برباد ٿيڻ کان بچايو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ اسلامي معلومات کان اڪثر مسلمان بلڪل غافل ٿيندا پيا وڃن ۽ اهڙيون اهڙيون غلطيون ٿا ڪن جو ڪڏهن ڪڏهن تہ عبادت ئي ضايع ٿي ويندي آهي. **افسوس!** جو هاڻي تمام تر توجهہ صرف ۽ صرف دنياوي علوم ۽ فُنون جي حصول تي ئي آهي. آهہ! هاڻي سنّتون سکڻ جي لاءِ ۽ عبادتن جي احڪامات جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي اڪثريت کي فرصت آهي نہ شوق. بلڪ جيڪڏهن ڪو درد مند **اسلامي ڀاءُ** سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري بہ تہ ناگوار گذرندو آهي. عبادتن ۾ ايتريقدر غلط ڳالهيون ملايون ويون آهن جو **خُدا** عَزَّوَجَلَّ **جي پناهہ**! انهن مان **سَحَري** ۽ **افطار** بہ آهي. ان جي باري ۾ بہ ڪجهہ ماڻهو مختلف قسمن جون ڳالهيون ٻُڌائيندا آهن ۽ پوءِ ان تي ضد بہ ڪندا آهن. مثال طور **سَحَري** جي آخري وقت جي

باري ۾ ڪجھ ماٺھو چئي ڇڏيندا آھن. جيستائين صبح جي ايتري روشني ڦھلجي وڃي جو ڪِوليون نظر اچڻ لڳن ان وقت تائين سَحَري جو وقت باقي رھي ٿو.“!!! اھڙيءَ ريت ڪجھ ماڻھو ھي سمجھندا آھن تہ جيستائين **فجر** جي **اذان** جو آواز ايندو رھي سَحَري کائڻ پيئڻ ۾ حرج ناھي ۽ جتي گھڻين اذانن جا آواز ايندا آھن اتي آخري اذان جي آواز ختم ٿيڻ تائين کائيندا پيئندا رھندا آھن.

**عجيب تماشو** آھي! ٿورو سوچيو تہ سھي جيڪڏھن اوھان اھڙي جڳھ تي ھجو جتي **اذان** جو آواز ئي نہ اچي تہ ھاڻي ڇا ڪندؤ؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت جو شوق رکڻ وارؤ! پنھنجي عبادت کي ڪجھ منٽن جي غفلت جي سبب برباد نہ ڪريو. **سَحَريءَ** جي بيان ۾ ص 129 تي بہ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ جي ھيءَ آيتِ مقدسہ گذري، ھن کي وري غور سان ملاحظہ فرمايو.

وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين جو اوھان لاءِ ٻاک جو اڇو سڳو ڪاري سڳي کان ظاھر ٿئي پوءِ رات جي اچڻ تائين روزا پورا ڪريو.

**ظاھر** آھي ھن آيتِ مقدس ۾ نہ ڪِولين جو ذڪر آھي نہ فجر جي اذان جو بلڪ صبح صادق (يعني ٻاک ڦٽڻ) جو ذڪر آھي انھيءَ ڪري اذان جو انتظار نہ ڪندا ڪريو. معتبر (يعني اعتبار جوڳو) نقشو نظام الاوقات (ٽائيم ٽيبل) ۾ صبح صادق ۽ سج لھڻ جو وقت ڏسي انھيءَ جي مطابق سَحَري ۽ افطار ڪريو.

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عين شريعت و سنّت جي مطابق ماهِ رمضان المبارڪ جو احترام ڪرڻ، ان ۾ روزا رکڻ، تراويح ادا ڪرڻ، ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ نوافل جي ڪثرت ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان جون عبادتون قبول فرماءِ ۽ محض پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مان بدلجي ويس!

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جو چا چئجي ۽ مدني قافلن جي بہ ڇا ڳالھ آهي. ترغيب جي لاءِ ٻُڌو. شاليمار ٽاؤن (مرڪز الاولياءُ لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجھ هيئن بيان آهي مان بيحد بگڙيل انسان هئس، فلمن ۽ ڊرامن جو شوقين هجڻ سان گڏوگڏ جوان ڇوڪرين سان ڇيڙ ڇاڙ، بدمعاش نوجوانن سان دوستيون، رات جي آخري حصي تائين انهن سان آواره گرديون وغيره منهنجا معمولات هئا. منهنجي بدخصلتن جي سبب خاندان وارا بہ مون کان لهرائيندا هئا ۽ پنهنجي گھرن ۾ منهنجي اچڻ کان گھبرائيندا هئا، گڏوگڏ پنهنجي اولاد کي بہ منهنجي صحبت کان جهليندا هئا. منهنجي گناهن ڀري ۽ بي رونق شام جي صبح بهاران ٿيڻ جي سبيل هيئن ٿي، جو هڪ **دعوتِ اسلامي** واري **عاشقِ رسول** جي مون تي مني نظر پئجي وئي، ان نهايت ئي شفقت سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي **مدني قافلي** ۾ سفر جي ترغيب ڏياري. ڳالھ منهنجي دل ۾ کِھري وئي ۽ مون مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبتن مون پاپي ۽ بدڪار جي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو. گناهن کان توبهہ جو تحفو ۽ سنّتن پرئي **مدني لباس** جو جذبو مليو، مٿي تي سبز سبز **عمامو** سجيو ۽ مون جهڙو گناهگار ۽ **ابوالفُضول** سنّتن جا مدني گل لُٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. جيڪي عزيز ۽ قريب ڏسي لهرائي ويندا هئا.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي اهي ڳلي لڳائيندا آهن. پهريان مان خاندان جي اندر بدترين هيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مدني قافلي** جي برڪت سان هاڻي عزيز ترين ٿي ويو آهيان.

جب تک بکے نہ تھے کوئی پوچھتا نہ تھا
تُونے خرید کر مجھے انمول کردیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بي نمازين وٽ ويهڻ ڪيئن؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! بُرين صحبتن جو ڪيڏو زبردست نقصان ٿيندو آهي. بُري صحبت ۾ رهي ڪري بگڙيل ماڻهوءَ تي ماڻهو ٺُو ٺُو ڪندا آهن ۽ سٺين صحبتن جي بہ ڇا خوب برڪت آهي جو گناهن کان بہ بچت ٿيندي رهندي آهي ۽ ماڻهو بہ محبت ڪندا آهن. هميشہ اهڙي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان عبادت جو شوق ۽ سنّت تي عمل ڪرڻ جو ذوق وڌي. دوست اهڙو هجي جنهن کي ڏسي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي، ان جي ڳالهين سان نيڪين جي طرف لاڙو ٿئي، دنيا جي محبت ۾ گهٽتائي ۽ آخرت جي الفت

۾ واڌارو ٿئي. دوست اهڙو هجي جو ان جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ اضافو ٿئي. غير سنجيده حرڪتون ڪرڻ وارن، فيشن پرستن ۽ بي نمازين جي صحبت کان بچڻ گهرجي. بي نمازين جي باري ۾ پُڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجي آقا **اعلىٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: (بي نمازين کي) نرميءَ سان سمجهايو ترڪِ نماز، ترڪِ جماعت، ۽ ترڪِ مسجد تي قرآنِ عظيم ۽ احاديث ۾ جيڪي سخت وَعيدون آهن، هرهر ٻُڌايو جن جي دلين ۾ ايمان آهي انهن کي ضرور نفعو پهچندو. **الله تبارڪ و تعاليٰ** ستاويهين سيپاري سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ جي آيت نمبر 55 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ جو ڪلام ۽ احڪام ياد ڏياريو جو بيشڪ ان جو ياد ڏيارڻ ايمان وارن کي نفعو ڏيندو ۽ جيڪو ڪهڙيءَ طرح بہ نہ مڃي ان تي جيڪڏهن ڪنهن جو دٻاءُ آهي تہ ان جي ذريعي کان دٻاءُ وجهو ۽ ائين بہ پري نہ ٿئي تہ ان سان سلام ۽ ڪلام، ميل جول هڪدم ختم ڪري ڇڏيو، **قال الله تعالىٰ** (يعني **الله تبارڪ و تعالىٰ** ستين سيپاري سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ جي آيت نمبر 68 ۾ فرمائي ٿو:)

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان ڀُلائي ڇڏي تہ ياد اچڻ ي ظالمن وٽ نہ ويهہ.

**(فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج6 ص 191، 192)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فيضانِ تراويح

## دُرود شريف جي فضيلت

**امير المؤمنين حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: ”دعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ لٽڪيل رهندي آهي ان مان ڪجهه بہ متي ناهي چڙهندو (يعني دعا قبول ناهي ٿيندي) جيستائين توهان پنهنجي نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود نہ موڪليو.“

**(جامع ترمذي ج2 ص28 حديث 486)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### سنت جي فضيلت

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رمضان المبارڪ ۾ جتي اسان ڪي بيشمار نعمتون ميّسر اينديون آهن انهن ۾ **تراويح جي سنّت** بہ شامل آهي ۽ **سنّت جي عظمت جي ڇا ڳالهه** ڪجي! الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه جي گلشن جي مهڪندڙ گل، صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي،”جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“.

(جامع ترمذي ج 4ص310 حديث 2687)

**رمضان ۾ 61 پيرا ختم قرآن**

تراويح سنّت مُؤَڪَّده آهي ۽ ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ختمِ قرآن بہ سنّت مُؤَڪده. اسان جا امام اعظم سيّدُنا امام ابو حنيفه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ رمضان المبارڪ ۾ ايڪهٺ (61) پيرا قرآن ڪريم جو ختم پورو ڪندا هئا. ٽيهہ ڏينهن ۾، ٽيهہ راتين ۾ ۽ هڪ تراويح ۾، ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **پنجيتاليهہ** ورهيہ سومهڻيءَ جي وضوءَ سان فجر جي نماز ادا فرمائي.

(بهارِ شريعت حصو 4 ص37)

**هڪ** روايت جي مطابق امام اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم زندگيءَ ۾ 55 حج ڪيا ۽ جنهن گهر ۾ وفات ڪيائون ان ۾ ست هزار پيرا قرآنِ مجيد ختم فرمايائون. (عقود الجمان ص221)

**تلاوت ۽ اهل الله**

منهنجا آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امام الائمه سيّدُنا امام اعظم (ابو حنيفه) رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ٽيهہ سال ڪامل هر رات هڪ رڪعت ۾ قرآن ڪريم **ختم** ڪيو آهي.

(فتاویٰ رضويه تخريج شده ج7 ص476)

علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی فرمايو آهي، سلف صالحين (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن) مان ڪجهہ اڪابر ڏينهن رات ۾ بہ **ختم** فرمائيندا هئا، ڪجهہ چار، ڪجهہ اَٺَ. ميزان الشريعة از امام عبدالوهاب شعراني (قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي) ۾ آهي تہ سيّدي علي مرصفي قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هڪ رات ڏينهن ۾ ٽي لک سٺ هزار **ختم** فرمائيندا هئا. (ميزان الشريعة الکبریٰ ج1، ص79) آثار ۾ آهي، اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْکَرِيْم ڪابو پير رڪاب ۾ رکي ڪري قرآن مجيد شروع فرمائيندا هئا ۽ سڄو ساڄو پير رڪاب تائين ڪونہ پهچندو هو تہ

ڪلام شريف ختم ٿي ويندو هو. (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 7 ص 477)
حديث شريف ۾ ارشادِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي حضرتُ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي سواري تيار ڪرڻ جو حڪم فرمائيندا هئا ۽ ان ڪان پهريان جو سواريءَ تي سنج سنجيا وڃن (پاڻ) زبور شريف **ختم** فرمائيندا هئا. (صحيح بخاري ج 2، ص 447 حديث 3417)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي وسوسو اچي ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا بلڪ گهڙي ڀر ۾ **ختمِ** قرآن پاڪ يا ختمِ زبور شريف ڪيئن ممڪن آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته هي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰى جون ڪرامتون ۽ حضرتِ سيّدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو معجزو آهي ۽ معجزو ۽ ڪرامت اهي ئي آهن جيڪي عادةً مُحال يعني ناممڪن هجن.

## حرف چٻاڙڻ!

افسوس! اڄڪلهه ديني مُعاملات ۾ سُستيءَ جو دور هلي رهيو آهي. عمومًا **تراويح** ۾ قرآن مجيد هڪ ڀيرو به صحيح معنىٰ ۾ ختم نه ٿو ٿئي. **قرآن پاڪ** ترتيل سان يعني آهسته آهسته پڙهڻ گهرجي، پر حال هي آهي جو جيڪڏهن ڪو ائين ڪري ته ماڻهو ان سان گڏ تراويح پڙهڻ جي لاءِ تيار ئي ناهن ٿيندا. هاڻي اهو ئي **حافظ** پسند ڪيو وڃي ٿو، جيڪو **تراويح** مان جلد فارغ ڪري ڇڏي. ياد رکو! **تراويح** ڪان علاوه به تلاوت ۾ حرف چٻاڙڻ حرام آهي. جيڪڏهن جلدي جلدي پڙهڻ ۾ حافظ صاحب پوري قرآن مجيد مان صرف هڪ حرف به چٻاڙي ويو ته **ختمِ** قرآن جي سنّت ادا نه ٿيندي. انهيءَ ڪري ڪنهن آيت ۾ ڪو

حرف"چٻجي" ويو يا پنهنجي"مخرج" سان نہ نڪتو تہ ماڻهن ڪان شرمائي بغير واپس ٿيو ۽ صحيح پڙهي پوءِ اڳتي وڌو. هڪ افسوس ناڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ حافظن جو هڪ تعداد اهڙو بہ هوندو آهي جن کي **ترتيل** سان پڙهڻ ئي ناهي ايندو! تيزيءَ سان نہ پڙهن تہ ويچارا ڦُلجي ويندا آهن! اهڙن جي خدمت ۾ همدرداڻو مدني مشورو آهي. ماڻهن ڪان نہ شرمايو، خدا جو قسم! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي تمام ڳوري پوندي تنهن ڪري بنا دير جي تجويد سان پڙهائڻ واري ڪنهن قاري صاحب جي مدد سان شروع ڪان آخر تائين پنهنجو حفظ درست فرمائي ڇڏيو. مد ۽ لين[1] جو خيال رکڻ لازمي آهي ۽ پڻ **مَد غُنَّه، اِظهار، اِخفا** وغيره جي بہ رعايت فرمايو. صاحبِ بهارِ شريعت، حضرت صدرالشريعه، بدرالطريقه، علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا،" **فرضن** ۾ آهستي آهستي قراءَت ڪرڻ ۽ **تراويح** ۾ مُتَوَسّط (يعني وچٿري) انداز ۾ ۽ **رات جي نوافل** ۾ جلدي پڙهڻ جي اجازت آهي پر اهڙو پڙهي جو سمجهہ ۾ اچي سگهي يعني گهٽ ۾ گهٽ"مد" جو جيڪو درجو قارين رکيو آهي ان کي ادا ڪري نہ تہ حرام آهي ان لاءِ جو ترتيل سان(يعني خوب آهستي آهستي) قرآن پڙهڻ جو حڪم آهي".

(الدرالمختار و ردالمحتار ج 2، ص262)

---

[1] واؤ، ي ۽ الف ساڪن ۽ اڳين حرف جي حرڪت موافق هجي تہ ان کي مد ۽ واؤ ۽ ي ساڪن ۽ ما قبل مفتوح کي لين چوندا آهن (نصاب التجويد ص 9 المدينة العلميه باب المدينه) ، (يعني واؤ کان پهريان پيش ۽ ي کان پهريان زير ۽ الف کان پهريان زبر.)

اٺٽيهين سيپاري سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ جي چوٿين آيت ۾ ارشادِ رباني آهي.

وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ۝۴

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ قرآن خوب آهستہ آهستہ پڙهو.

منهنجا آقا **اعلىٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪمالين علي حاشيه جلالين جي حوالي سان”ترتيل“ جي وضاحت ڪندي نقل ڪن ٿا:” يعني قرآن مجيد اهڙيءَ طرح آهستي ۽ بيهي بيهي پڙهو جو ٻُڌڻ وارو ان جون آيتون ۽ لفظ ڳڻي سگهي. “(فتاویٰ رضويه تخريج شده ج 6، ص276) ۽ پڻ فرض نماز ۾ هن طرح تلاوت ڪري جو جدا جدا هر حرف سمجهه ۾ اچي، تراويح وچٿري طريقي سان ۽ رات جي نوافل ۾ ايترو تيز پڙهي سگهي ٿو جنهن ڪي هو سمجهي سگهي. (درمختار ج 1، ص80) **مدارڪ التنزيل** ۾ آهي: قرآن ڪي آهستي ۽ بيهي بيهي ڪري پڙهو، ان جي معنىٰ هي آهي تہ اطمينان سان حُروف جدا جدا، وقف جي حفاظت ۽ تمام حرڪات (زبر، زير ۽ پيش) جي ادائيگيءَ جو خاص خيال رکڻو آهي.”ترتيلا“ هن مسئلي ۾ تاڪيد پيدا ڪري رهيو آهي تہ هيءَ ڳالهہ تلاوت ڪرڻ واري جي لاءِ نهايت ئي ضروري آهي.

(تفسير مدارڪ التنزيل ج 4، ص 203 ، فتاويٰ رضويه تخريج شده ج6، ص 278، 279)

## تراويح بغير اجرت جي پڙهايو

**پڙهڻ** ۽ پڙهائڻ وارن ڪي پنهنجي اندر **اخلاص** پيدا ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن **حافظ** پنهنجي تيزي ڏيکارڻ، خوش آوازي جو داد حاصل ڪرڻ ۽ نالو چمڪائڻ جي لاءِ قرآن پاڪ پڙهندو تہ ثواب تہ پري جي ڳالهہ آهي ابتو **شهرت جي چاهت** ۽ رياڪاريءَ جي تباهہ

ڪاريءَ ۾ وجي پوندو. اهڙيءَ طرح **اجرت** جي ڏي وٺ بہ نہ هجي. طئي ڪرڻ کي ئي اجرت ناهن چوندا بلڪہ جيڪڏهن هتي **تراويح** پڙهائڻ انهيءَ لاءِ ايندا آهن جو خبر آهي تہ هتي ڪجهہ ملندو آهي. جيتوڻيڪ مقرر نہ ٿيو هجي تہ اها بہ اجرت ٿي آهي. اجرت رقم جو ئي نالو ناهي بلڪہ ڪپڙي يا اناج وغيره جي صورت ۾ بہ اجرت، اجرت ئي آهي. ها جيڪڏهن حافظ صاحب اصلاح نِيَّت سان صاف چئي ڏئي تہ مان ڪجهہ نہ وٺندس يا پڙهائڻ وارو چئي ڏي، نہ ڏيندس. پوءِ بعد ۾ حافظ صاحب جي خدمت ڪن تہ حرج ناهي جو حديثِ مبارڪ ۾ آهي، اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات. يعني عملن جو دارو مدار نيّتن تي آهي.

(صحيح بخاري ج1 ص 6 حديث 1)

## تلاوت ۽ ذڪر و نعت جي اجرت حرام آهي

**منهنجي** آقا اعلىٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهہ ۾ اجرت ڏئي ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ختم قرآن ۽ ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ ڪرائڻ جي متعلق جڏهن عرض ڪيو ويو تہ جواب ۾ ارشاد فرمايائون :"**تلاوتِ قرآن ۽ ذڪرِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ **تي اجرت ڏيڻ وٺڻ ٻئي حرام آهن.** ڏيڻ وٺڻ وارا ٻئي گناهگار ٿيندا آهن ۽ جڏهن هي فعلِ حرام جا مرتڪب آهن تہ ثواب ڪهڙي شيءِ جو اموات (يعني مرڻ وارن) کي موڪليندا؟ گناهہ تي ثواب جي اميد رکڻ تمام گهڻو سخت ۽ اشد (يعني شديد ترين گناهہ) آهي. جيڪڏهن ماڻهو چاهين تہ ايصالِ ثواب بہ ٿئي ۽ جائز شرعي طريقو بہ حاصل ٿئي (يعني شرعاً جائز بہ رهي) تہ ان جي صورت هي

آهي تہ پڙهڻ وارن کي ڪلاڪ يا ٻن ڪلاڪن جي لاءِ نوڪر رکي ڇڏيو ۽ پگهار اوتري دير جي هر شخص جي مقرر ڪري ڇڏيو. مثال طور پڙهائڻ وارو چوي،”مون توکي اڄ فلاڻي وقت کان فلاڻي وقت جي لاءِ هن اجرت تي نوڪر رکيو (تہ) جيڪو ڪم چاهيندس وٺندس.“ هُو چوي ،”مون قبول ڪيو.“ هاڻي اهو اوتري دير جي واسطي اَجِير(يعني ملازم) ٿي ويو. جيڪو ڪم چاهي وٺي سگهي ٿو ان کان پوءِ ان کي چوي فلاڻي ميّت جي لاءِ هيترو قرآن عظيم يا هيتريقدر ڪلمهءِ طيبه يا درود پاڪ پڙهي ڇڏ. هيءَ صورت جواز(يعني جائز ٿيڻ) جي آهي“. (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج10 ص 193، 194)

## تراويح جي اجرت جو شرعي حيلو

هن مبارڪ فتوىٰ جي روشنيءَ ۾ **تراويح** جي لاءِ حافظ صاحب جي ہ ترڪيب ٿي سگهي ٿي. مثال طور مسجد جي ڪميٽي وارا اجرت طئي ڪري حافظ صاحب کي ماهِ رمضان المبارڪ ۾ نماز عشاءَ جي لاءِ **امامت** تي رکي ڇڏين ۽ حافظ صاحب بالتَّبَع يعني گڏوگڏ تراويح بہ پڙهائيندو ڪري ڇو تہ رمضان المبارڪ ۾ تراويح بہ عشاءَ جي نماز سان گڏ ئي شامل هوندي آهي. يا هيئن ڪريو جو رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ روزانو ٽن ڪلاڪن جي لاءِ (مثال طور 8 کان11 تائين) حافظ صاحب کي نوڪري جي آفر ڪندي چئو تہ اسين جيڪو ڪم چونداسين توهان کي اهو ڪرڻو پوندو، ڪين پگهار جي رقم بہ ٻُڌائي ڇڏيو. جيڪڏهن حافظ صاحب منظور فرمائيندا تہ ملازم ٿي ويندا. هاڻي روزانو حافظ صاحب جي هنن ٽن ڪلاڪن جي اندر ڊيوٽي لڳائي ڇڏيو تہ اهو **تراويح** پڙهائيندو

ڪري. ياد رکو! چاهي امامت هجي يا خطابت، مُؤَذِّني هجي يا ڪنهن قسم جي مزدوري جنهن ڪم جي لاءِ بہ **اجارو ڪرڻ** وقت هي معلوم ٿئي تہ هتي اجرت يا پگهار جو ڏيڻ وٺڻ يقيني آهي تہ پهريان ڪان رقم **طئي ڪرڻ واجب** آهي، نہ تہ ڏيڻ وارو ۽ وٺڻ وارو ٻئي گناهگار ٿيندا. ها جتي اجرت جي پهريان ڪان مقرر رقم معلوم هجي مثال طور بس جو ڪرايو، يا بازار ۾ بوري پرڻ، ڪٽي وجڻ جي في بوري مزدوري جي رقم وغيره. تہ هاڻي هرهر طئي ڪرڻ جي حاجت ناهي. هي بہ ذهن ۾ رکو تہ جڏهن حافظ صاحب کي (يا جنهن کي بہ جنهن ڪم جي لاءِ) نوڪر رکيو ان وقت هي چوڻ جائز ناهي تہ اسين جيڪو مناسب هوندو ڏينداسين يا توهان کي راضي ڪري ڇڏينداسون پر واضح طور تي رقم جو مقدار ٻڌائڻو پوندو، مثال طور: اسين اوهان کي 12 هزار روپيا پيش ڪنداسين ۽ هي بہ ضروري آهي تہ حافظ صاحب بہ منظور فرمائي ڇڏي. هاڻي ٻارهن هزار ڏيڻا ئي پوندا. چاهي چندو ٿي سگهي يا نہ ٿي سگهي. ها حافظ صاحب کي مطالبي ڪان بغير جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان طئي ٿيل ڪان وڌيڪ ڏئي ڇڏيو تڏهن بہ جائز آهي. جيڪي حافظ صاحبان، يا نعت خوان بغير پيسن جي **تراويح**، قرآن خواني يا نعت خواني ۾ حصو نہ ٿا وٺي سگهن. اهي شرم جي سبب ڪان ناجائز ڪم جو ارتڪاب نہ ڪن. **منهنجي آقا** اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ٻُڌايل طريقي جي مطابق عمل ڪري پاڪ روزي حاصل ڪن ۽ جيڪڏهن سخت مجبوري نہ هجي تہ حيلي جي ذريعي رقم حاصل ڪرڻ ڪان بہ پاسو ڪن. جو **جنهن جو عمل هجي ٻي غرض ان جي جزا ڪجهہ ٻي آهي.** هڪ امتحان سخت امتحان هي آهي تہ جيڪو ملڻ واري

رقم قبول ناهي ڪندو ان جي ڪافي واهه!واهه! ٿيندي آهي ۽ اهو ويچارو پنهنجو پاڻ کي نہ ڄاڻ ڪهڙي طرح **رياڪاريءَ** کان بچائيندو هوندو! **زهي مقدر**! اهڙو جذبو نصيب ٿي وڃي جو بيان ڪيل حيلي جي ذريعي رقم حاصل ڪري وٺي ۽ چپ چاپ خيرات ڪري ڇڏي پر پنهنجي قريبي اسلامي ڀاءُ بلڪ گهر جي ڪنهن فرد کي بہ نہ ٻُڌائي نہ تہ **رياڪاريءَ** کان بچڻ مشڪل ٿي ويندو. مزو تہ انهيءَ ۾ آهي جو ٻانهو ڄاڻي ۽ ان جو رب عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو　　کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

## ختم قرآن ۾ رقت

**جتي** تراويح ۾ هڪ ڀيرو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي وڃي اتي بهتر هي آهي تہ **ستاويهين رات** جو **ختم** ڪريو. رقت ۽ سوز سان پُڄاڻي ٿئي ۽ هي احساس دل کي تڙپائي ڇڏي تہ مون نہ صحيح معنيٰ ۾ قرآن پاڪ پڙهيو نہ ٻُڌو، ڪوتاهيون بہ ٿيون، دل ۾ اطمينان بہ نہ رهيو، **اخلاص** ۾ بہ گهٽتائي هئي. **صد هزار افسوس**! دنيا جي وڏي ماڻهوءَ جو ڪلام تہ توجهہ سان ٻُڌو ويندو آهي پر سڀني جي خالق ۽ مالڪ پنهنجي پياري پياري **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جو پاڪيزه ڪلام ڌيان سان نہ ٻُڌو، ان سان گڏوگڏ هي بہ غم هجي تہ افسوس!هاڻي رمضان المبارڪ ڪجهہ گهڙين جو مهمان رهجي ويو آهي، نہ ڄاڻ ايندڙ سال ان جي تشريف آوري جي وقت ان جون بهارون ماڻڻ لاءِ مان زنده رهندس يا نہ!ان طرح جا خيالات دل ۾ جمائي ڪري پنهنجي لاپرواهين تي پاڻ کي شرمنده ڪري ۽ ٿي سگهي تہ روئي، جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي شڪل بڻائي جو سنن جو نقل بہ سنو

آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي اک مان قرآن پاڪ جي محبت ۽ رمضان شريف جي وڇوڙي ۾ هڪ اڌ ڳوڙهو وهي ڪري بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول ٿي ويو تہ پري ناهي جو انهيءَ جي صدقي خداءِ غفار عَزَّوَجَلَّ سيني حاضر ٿيندڙن کي بخشي ڇڏي.

لاج رکھ لے گنہگاروں کی　　نام رحمٰن ہے ترا یاربّ!
عیب میرے نہ کھول محشر میں　　نام ستّار ہے ترا یاربّ!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل　　نام غفّار ہے ترا یاربّ!
تو کریم اور کریم بھی ایسا
کہ نہیں جس کا دوسرا یاربّ!

## تراويح جي جماعت بدعت حسنہ آهي

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بہ تراويح ادا فرمائي ۽ ان کي خوب پسند بہ فرمايائون، جيئن تہ صاحبِ قرآن، مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي، جيڪو ايمان ۽ ثواب ماڻڻ خاطر **رمضان** ۾ **قيام** ڪري ان جا اڳيان ۽ پويان گناهہ بخشيا ويندا. (يعني صغيره گناهہ) پوءِ انهيءَ گمان کان ڇڏيائون؟ تہ جيئن امت تي (تراويح) فرض نہ ڪئي وڃي. پوءِ امير المؤمنين حضرت سيّدُنا **عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (پنهنجي دؤرِ خلافت ۾) ماهِ رمضان المبارڪ جي هڪ رات مسجد ۾ ڏٺو تہ ماڻهو جدا جدا انداز ۾ (تراويح) ادا ڪري رهيا آهن. ڪو اڪيلو تہ ڪجھ حضرات ڪنهن جي اقتدا ۾ پڙهي رهيا آهن. هي ڏسي ڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايائون: مان مناسب خيال ڪريان ٿو تہ هنن سيني کي

هڪ امام سان جمع ڪريان. اهڙيءَ ريت پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرت سيِّدُنا أُبيّ ابن ڪعب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي سيني جو امام بڻائي ڇڏيائون. پوءِ ڄڏهن ٻي رات تشريف کڻي آيا ۽ ڏٺائون تہ ماڻهو باجماعت (تراويح) ادا ڪري رهيا آهن (تہ ڏاڍا خوش ٿيا ۽) فرمايائون، "نِعْمَ الْبِدْعَةُ هٰذِهٖ. يعني "هيءَ سٺي بدعت آهي". (صحيح بخاري ج1 ص658 حديث 2010)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محبوب ربِ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جو ڪيڏو خيال آهي! رُڳو انهيءَ خوف کان **تراويح** تي هميشگي نہ فرمايائون جو ڪٿي امت تي فرض نہ ڪئي وڃي. هن حديثِ پاڪ مان ڪجهہ وسوسن جو علاج بہ ٿي ويو. مثال طور **تراويح** جي باقاعده جماعت سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ جاري فرمائي سگهن پيا پر نہ فرمايائون ۽ اهڙيءَ ريت اسلام ۾ سٺن سٺن طريقن کي رائج ڪرڻ جو پنهنجي غلامن کي موقعو فراهم ڪيائون. جيڪو ڪم شاهِ خيرالانام عَزَّوَجَلَّ نہ ڪيو اهو ڪم سيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ رُڳو پنهنجي مرضيءَ سان نہ ڪيو بلڪ سرڪارِ عالمِ مدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قيامت تائين اهڙا سٺا سٺا ڪم ڪندو رهڻ جي پنهنجي حياتِ ظاهريءَ ۾ ئي اجازت عطا فرمائي ڇڏي هئائون. جيئن تہ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ با قرينہ آهي: "جيڪو بہ اسلام ۾ ڪو **سٺو طريقو** جاري ڪري ان کي ان جو ثواب ملندو ۽ ان جو بہ جيڪي (ماڻهو) ان کان پوءِ ان تي عمل ڪندا ۽ ان جي ثواب مان ڪجهہ گهٽ نہ ٿيندو ۽ جيڪو شخص اسلام ۾ **بُرو طريقو** جاري ڪري ان تي انهيءَ جو گناهہ

۽ آهي ۽ انهن (ماڻهن) جو ۽ جيڪي ان کان پوءِ ان تي عمل ڪن ۽ انهيءَ جي گناهه ۾ ڪجهه گهٽتائي نه ٿيندي.

(صحيح مسلم ص 1438 حديث 1017)

## ”ڪرم يا نبي الله“ جي پارهن اکرن جي نسبت سان 12 بدعاتِ حسنه

**هن حديثِ** مبارڪ مان معلوم ٿيو، قيامت تائين اسلام ۾ سنا سنا نوان طريقا ڪڍڻ جي اجازت آهي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪڍيا به وڃن ٿا جيئن ته ﴿1﴾ امير المؤمنين حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **تراويح** جي باقاعده جماعت جو اهتمام ڪيو ۽ ان کي پاڻ سني بدعت به قرار ڏنائون. ان مان هي به معلوم ٿيو ته سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان پوءِ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان به جيڪو سنو نئون ڪم جاري ڪن اهو به **بدعتِ حسنه** چَوَرائيندو آهي. ﴿2﴾ مسجد ۾ امام جي لاءِ طاق نما **محراب** نه هوندو هو. سڀ کان پهريان حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ مسجد النبوي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ **محراب** ٺاهڻ جي سعادت حاصل ڪئي انهيءَ نئين ايجاد (بدعتِ حسنه) کي ايتريقدر مقبوليّت حاصل آهي جو هينئر سڄي دنيا ۾ مسجد جي سڃاڻپ انهيءَ سان آهي. ﴿3﴾ اهڙيءَ طرح مسجدن تي **گنبد ۽ مينار** ٺاهڻ به بعد جي ايجاد آهي. بلڪ ڪعبي جا **مينار** به سرڪارِ مدينه ۽ صحابهءِ ڪرام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي دؤر ۾ نه هئا ﴿4﴾ ايمانِ مفصل ﴿5﴾ ايمانِ مجمل ﴿6﴾ ڇهه ڪلما انهن جو تعداد ۽ ترڪيب جو هيءُ

پهريون هيءُ ٻيون ۽ انهن جا نالا ﴿7﴾ قرآن پاڪ ۾ ٽيهہ سيپارا ٺاهڻ، اعراب لڳائڻ انهن ۾ رڪوع ٺاهڻ، رموزِ اوقاف جون علامتون لڳائڻ. بلڪ نقطا بہ بعد ۾ لڳايا ويا، خوبصورت جُلدَ ڇاپڻ وغيره ﴿8﴾احاديثِ مبارڪ کي ڪتابي شڪل ڏيڻ، انهن جي سَنَدُن تي جرح ڪرڻ، انهن جا صحيح، حسن، ضعيف ۽ موضوع وغيره قسم ٺاهڻ ﴿9﴾ فقه ، اصولِ فقه و علم ڪلام﴿10﴾ زڪوٰة ۽ فطرو سڪهءِ رائج الوقت بلڪ باتصوير نوٽن سان ادا ڪرڻ ﴿11﴾ اُٺن وغيره جي بدران بحري يا هوائي جهاز جي ذريعي سفرِ حج ڪرڻ ﴿12﴾ شريعت و طريقت جا چار سلسلا يعني حنفي، شافعي، مالڪي، حنبلي. اهڙيءَ طرح قادري نقشبندي، سهروردي ۽ چشتي.

## هر بدعت گمراهي ناهي

ٽي سگهي ٿو جو ڪنهن جي ذهن ۾ هي سوال پيدا ٿئي تہ هنن ٻنهي احاديثِ مبارڪ (1) كُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ وَّكُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النَّارِ يعني هر بدعت (نئين ڳالهہ)گمراهي آهي ۽ هرگمراهي جهنم ۾ (وٺي وڃڻ واري) آهي (سنن النسائي ج2، ص189) (2) شَرَّ الْاُمُوْرِ مُحْدَثَاتُهَا وَكُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَة يعني بدترين ڪم نوان طريقا آهن هر بدعت (نئين ڳالهہ)گمراهي آهي. (صحيح مسلم 430 حديث 867) جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ ٻئي احاديثِ مبارڪ حق آهن. هتي بدعت مان مُراد بدعت سَيِّئَةَ يعني بُري بدعت آهي ۽ يقيناً هر اها بدعت بُري آهي جيڪا ڪنهن سنّت جي خلاف يا سنّت کي مٽائڻ واري هجي. جهڙيءَ طرح ٻين احاديث ۾ هن مسئلي جي وڌيڪ وضاحت موجود آهي جيئن تہ اسان جي پياري پياري آقا

مكي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هر اها گمراهه ڪرڻ واري **بدعت** جنهن سان الله ۽ ان جو رسول راضي نہ هجي تہ ان گمراهي واري **بدعت** کي جاري ڪرڻ واري تي ان **بدعت** تي عمل ڪرڻ وارن جي مثل گناهہ آهي،ان کي گناهہ ملي وڃڻ ماڻهن جي گناهن ۾ گهٽتائي نہ ڪندو. (جامع ترمذي ج4 ص309 حديث 2686)

هڪ ٻي حديثِ مبارڪ ۾ وڌيڪ وضاحت ملاحظہ ڪريو جيئن تہ **اُمُّ الْمؤمنين** حضرت سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مروي آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ” مَنْ اَحْدَثَ فِيْ اَمْرِنَا هٰذَا مَا لَيْسَ فِيْهِ فَهُوَ رَدٌّ. “

(صحيح بخاري شريف ج6 ص211 حديث 2697)

يعني ”جيڪو اسان جي دين ۾ اهڙي نئين ڳالهہ ڪڍي جيڪا ان (جي اصل) مان نہ هجي اها مردود آهي.“ انهن احاديثِ مبارڪہ مان معلوم ٿيو تہ اهڙي نئين ڳالهہ جيڪا سنّت کان پري ڪري گمراهہ ڪرڻ واري هجي، جنهن جو اصل دين ۾ نہ هجي اها **بدعتِ سَيِّئَه** يعني بُري بدعت آهي جڏهن تہ دين ۾ اهڙي نئين ڳالهہ جيڪا سنّت تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ واري هجي ۽ جنهن جو اصل دين مان ثابت هجي اها بدعتِ حسنه يعني سٺي بدعت آهي.

**حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی حديث پاڪ، ” وَكُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النَّار “ جي تحت فرمائن ٿا، جيڪا **بدعت** اصول ۽ قواعد سنّت جي موافق ۽ ان جي مطابق قياس ڪيل آهي (يعني شريعت ۽ سنّت سان نہ ٽي ٽڪرائي) ان کي **بدعتِ حسنه** چوندا

آهن ۽ جيڪا ان جي خلاف آهي اها **بدعتِ ضلالت** يعني گمراهي واري بدعت چوَرائيندي آهي.

**(اشعة اللمعات ج1 ص 135)**

## بدعت حسنہ جي بغير گذارو ناهي

**بهرحال** سُني ۽ بُري بدعتن جي تقسيم ضروري آهي نہ تہ ڪيتريون ئي سنيون سنيون بدعتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن انهن کي رُڪو ان لاءِ ترڪ ڪيو وڃي جو **قُرُوْنِ ثلاثه** يعني شاهِ خير الانام، صحابهءِ ڪرام و تابعين عِظام، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مبارڪ دؤر ۾ نہ هيون، تہ دين جو موجوده نظام ئي نہ هلي سگهي. جيئن ديني مدارس، انهن ۾ درسِ نظامي، قرآن و احاديث ۽ اسلامي ڪتابن جي پريس ۾ ڇپائي وغيره اهي سڀئي ڪم پهريان نہ هئا بعد ۾ جاري ٿيا ۽ **بدعتِ حسنه** ۾ شامل آهن. بهرحال رب ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يقينًا هي سڀ سنا سنا ڪم پنهنجي حياتِ ظاهريءَ ۾ بہ رائج فرمائي سگهن پيا. پر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامن جي لاءِ ثوابِ جاريه ڪمائڻ جا بيشمار موقعا فراهم ڪري ڏنا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن صدقهءِ جاريه جي خاطر جيڪي شريعت سان نہ ٽڪرائن اهڙيُن نَيُن ايجادن جي ڌوم مچائي ڏني، ڪنهن اذان کان پهريان درود وسلام پڙهڻ جو رواج وڌو، ڪنهن عيد ميلاد ملهائڻ جو طريقو ڪڍيو وري ان ۾ چراغان (يعني لائيٽنگ) ۽ سبز سبز پرچمن ۽ مرحبا جون ڌومون مچائيندي مدني جلوس جو سلسلو ٽيو، ڪنهن يارهين شريف تہ ڪنهن اعراس بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جو بنياد رکي ڇڏيو ۽ هينئر بہ اهي سلسلا جاري آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ

**دعوتِ اسلامي** وارن اجتماعات وغيره ۾ **اذكرواللّٰه!** (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذکر ڪريو!) ۽ **صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!** (يعني حبيب تي درود موڪليو!) جي نعري لڳائڻ جي بلڪل نئين ترڪيب ڪڍي ڪري ”اللّٰه اللّٰه“ ۽ درود و سلام جي پُرڪيف صدائن جو حسين نظارو قائم ڪري ڇڏيو!

اللّٰہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

## سبز گنبذ جي تاريخ

سبز سبز گنبذ جنهن جي ديدار جي لاءِ هر عاشق جي دل بي قرار هوندي آهي ۽ نماڻا نيڻ نير وهائيندا آهن. اهو بہ **بدعتِ حسنه** آهي ڇوته اهو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات ڪان سوين سال پوءِ نهيو آهي. ان جي مختصر طور تي معلومات بہ حاصل ڪري وٺو.

**سرڪارِ** مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي سڀ ڪان پهريان گنبذ شريف 678 ھ (1269ع) ۾ تعمير ٿيو ۽ ان تي ڦڪو رنگ ڪرايو ويو تنهنڪري ڪيس **پيلو گنبذ** سڏيو ويندو هو، پوءِ مختلف دورن ۾ تبديليون ٿينديون رهيون. ايتري تائين جو 888ھ (1483ع) ۾ ڪاري پٿر سان نئون گنبذِ ٺاهيو ويو ۽ ان تي اڇو رنگ ڪرايو ويو. عاشق ان کي قُبَّةُ الْبَيْضَا يا ” گنبذِ بيضاء“يعني **اڇو گنبذ** چوڻ لڳا. سنہ 980ھ (1572ع) ۾ انتهائي حسين گنبذ ٺاهيو ويو ۽ ڪيس رنگ برنگي پٿرن سان سجايو ويو تنهن ڪري سندس هڪ رنگ نہ رهيو. گهڻو ڪري چٽساليءَ جي من موهيندڙ ۽ پُرڪشش نظاري جي ڪري ان کي **رنگ برنگي گنبذ** سڏيو ويندو هيو. سنہ1233ھ (1818ع) ۾ نئين سر ان جي تعمير ڪئي ويئي ۽ ان تي سائو رنگ

ڪيو ويو. جيڪو اَلْقُبَّۃُ الْخَضْراء يعني سبز گنبذ جي نالي سان مشهور ٿيو. ان کان پوءِ هينئر تائين ڪنهن بہ ان ۾ تبديلي ناهي ڪئي. ها سبز رنگ ڪي هيءَ سعادت ملندي آهي جو اهو خادمن جي هٿان مٿي وچي چنبڙي پوندو آهي. گنبذ خضرا جيڪو يقيني ۽ قطعي طور تي بدعتِ حسنہ آهي اهو هاڻي سڄي دنيا جي مسلمانن جو مَرجَع (يعني اها جاءِ جنهن ڏانهن سڀئي مسلمان رجوع ڪن)، اکين جو نُور ۽ دل جو سُرور آهي. اِن شآءاللّٰہعَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي دنيا جي ڪا طاقت نہ مِٽائي سگهندي. جيڪو ان کي بغض جي سبب مِٽائڻ چاهيندو اِن شآءاللّٰہعَزَّوَجَلَّ اهو پاڻ ئي مِٽجي ويندو.

گنبدِ خضرا خدا تجھ کو سلامت رکھے
دیکھ لیتے ہیں تجھے پیاس بجھا لیتے ہیں

ان جهڙن تمام نَوَن ايجاد ڪيل نيڪ ڪمن جو بنياد اها ئي حديث پاڪ آهي جيڪا مسلم شريف جي حوالي سان ص 219 تي گذري جنهن ۾ فرمايو ويو آهي، جيڪو اسلام ۾ سٺو طريقو جاري ڪري ان کي ان جو ثواب ملندو ۽ ان جو بہ جيڪو ان کان پوءِ ان تي عمل ڪن[1].

**ديدارِ مصطفي ﷺ ديندا**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عقائد و اعمال جي اصلاح ۽ ضروري معلومات جي حصول جي خاطر تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻائي

[1] مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان جي ڪتابِ مستطاب "جاءَ الحق وزهق الباطل "۾ بدعات ۽ ان جي قِسمن وغيره جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلات ڏسي سگهو ٿا.

ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي سنّتن ڀري تحريڪ آهي.ان جي هڪ ايمان افروز بهار ٻُڌو ۽ جهومو جيئن تہ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري **بين الاقوامي** سنّتن ڀرئي اجتماع (ملتان شريف) جي پُڄاڻيءَ تي **عاشقانِ رسول** جا بيشمار **مدني قافلا** سنّتن جي تربيت جي لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ سفر تي روانا ٿيندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ بين الاقوامي اجتماع (1426هه) کان آگره تاج ڪالوني (باب المدينه ڪراچي) جو هڪ مدني قافلو سفر ڪندو ترڪيب جي مطابق هڪ مسجد ۾ ترسيو. رات جو جڏهن سڀ سُمهي پيا تہ **مدني قافلي** ۾ شريڪ هڪ نئين اسلامي ڀاءَ جي قسمت جاڳي پئي ۽ ان کي خواب ۾ **مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿي ويو. هو تمام گهڻو خوش ٿيو، **دعوتِ اسلامي** جي حقانِيَّت جو دل و جان سان مُعترف ٿي ڪري **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويو.

کوئی آیا پاکے چلا گیا کوئی عمر بھر بھی نہ پاسکا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

## چڱن سان محبت جا فضائل

مدينہ

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءَ کي تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي ويئي. تنهن ڪري هميشہ چڱي صحبت اختيار ڪرڻ ۽ چڱن سان محبت رکڻ گهرجي. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن خوش نصيبن کي چڱن سان محبت ڪرڻ جو

بهترين موقعو نصيب ٿي ويندو آهي. رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ چڱن سان محبت رکڻ جا ست **فضائل** ٻُڌو ۽ جهومو.

(1) الله تعالى قيامت جي ڏينهن فرمائيندو ڪٿي آهن جيڪي منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا هئا اڄ مان انهن کي پنهنجي سايي ۾ رکندس. اڄ منهنجي سايي کانسواءِ ڪو سايو ناهي.

(صحيح مسلم، ص 1388، حديث 2566)

(2) الله تعالى ارشاد فرمائيندو آهي جيڪي ماڻهو منهنجي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ منهنجي ڪري هڪ ٻئي وٽ ويهندا آهن ۽ پاڻ ۾ ملندا جُلندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن انهن سان منهنجي محبت واجب ٿي وئي.

**(المُؤطا ج 2 ص439 حديث 1828)**

(3) الله تعالى فرمايو: جيڪي ماڻهو منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا آهن انهن جي لاءِ نُور جا منبر هوندا. انبيا و شهداءَ انهن تي رشڪ ڪندا. **(سنن الترمذي ج4، ص174 حديث 2397 دارالفڪر بيروت)**

(4) ٻن شخصن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوڀر ۾ آهي ٻيو اولهه ۾ قيامت جي ڏينهن الله تعالى ٻنهي کي گڏ ڪندو ۽ فرمائيندو هي اهو ئي آهي جنهن سان تو منهنجي لاءِ محبت ڪئي هئي.

**(شعب الايمان ج 6، ص 492 حديث 9022 دارالڪتب العلميه بيروت)**

(5) جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀا آهن انهن تي زمرد جا ڪمرا آهن اهي اهڙا روشن آهن جيئن چمڪندڙ ستارا. ماڻهن عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ۾ ڪير رهندو؟ فرمايائون: اهي ماڻهو جيڪي الله

عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکندا آهن هڪ جڳهه تي ويهندا آهن پاڻ ۾ ملندا آهن. (شعب الايمان ج 6، ص 487 حديث 9002 دارالكتب العلميه بيروت)

(6) الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسيءَ تي هوندا.

(المعجم الكبير ج 4، ص 150 حديث 3973 داراحياء التراث العربي، بيروت)

(7) جيڪو ڪنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر محبت رکي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر دشمني رکي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ڏئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر منع ڪري ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ورتو.

(سُنن ابي داود ج4، ص 290، حديث 4681)

## "تراويح پڙهو خداءِ رسول جون رحمتون حاصل ڪريو"
## جي 135 اکرن جي نسبت سان تراويح جا 35 مدني گل

**مدينه 1: تراويح** هر عاقل و بالغ اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ جي لاءِ سنّت موکده آهي. (در مختار ج 2، ص 493) ان جو ترڪ جائز ناهي.

**مدينه 2: تراويح** جون ويهه رڪعتون آهن. سيّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي دؤر ۾ ويهه رڪعتون ئي پڙهيون وينديون هيون.

(السنن الكبريٰ بيهقي ج 2، ص 699 حديث 4617)

**مدينه 3: تراويح** جي جماعت سنّتِ مُؤَڪَّده عَلَي الڪِفَايه آهي. جيڪڏهن مسجد جي سيني ماڻهن ڇڏي ڏني ته سڀ **اِساءَت** جا مرتڪب ٿيا (يعني بُرو ڪيائون) ۽ جيڪڏهن ڪجهه ماڻهن باجماعت پڙهي ورتي ته اڪيلو پڙهڻ وارو جماعت جي فضيلت کان محروم رهيو. (هدايه ج 1، ص 70)

**مدينه** 4: **تراويح** جو وقت عشاءَ جي فرض پڙهڻ کان پوءِ کان وٺي صبح صادق تائين آهي. عشاءَ جي فرض ادا ڪرڻ کان پهريان جيڪڏهن پڙهي ڇڏي ته نه ٿيندي. **(عالمگيري ج 1، ص115)**

**مدينه** 5: **عشاء جي فرض ۽ وتر** کان پوءِ به تراويح پڙهي سگهجي ٿي. **(الدرالمختار ج 2، ص494)** جيئن ته ڪڏهن ڪڏهن29 تي رُويَتِ هلال (يعني پهرين تاريخ جو چنڊ نظر اچڻ) جي گواهي ملڻ ۾ دير جي سبب ائين ٿي ويندو آهي.

**مدينه** 6: **مستحب** هي آهي **تراويح** ۾ رات جي ٽئين حصي تائين دير ڪريو جيڪڏهن اڌ رات کان پوءِ پڙهو تڏهن به ڪراهت ناهي.
**(الدرالمختار ج2 ، ص495)**

**مدينه** 7: **تراويح** جيڪڏهن فوت ٿي ته ان جي قضا ناهي.
**(الدرالمختار ج 2، ص 494)**

**مدينه** 8: **بهتر** هي آهي ته تراويح جون ويهه رڪعتون ٻه ٻه ڪري ڏهن سلامن سان گڏ ادا ڪريو. **(الدرالمختار ج 2، ص 495)**

**مدينه** 9: **تراويح** جون ويهه رڪعتون هڪ سلام سان به ادا ڪري سگهجن ٿيون، پر ائين ڪرڻ مڪروه آهي. هر ٻن رڪعتن تي **قعده** ڪرڻ فرض آهي. هر **قعده** ۾ التحيات کان پوءِ درود شريف به پڙهو ۽ اڪي رڪعت (يعني پهرين، ٽين، پنجين وغيره) ۾ ثنا پڙهو ۽ امام تعوذ ۽ تسميه به پڙهي. **(الدرالمختار ج 2، ص 496)**

**مدينه** 10: **جيڪڏهن** ڪو ٻه ٻه رڪعتون ڪري پڙهي رهيو آهي ته هر ٻن رڪعتن تي الڳ الڳ نِيَّت ڪري ۽ جيڪڏهن ويهه رڪعتن جي گڏ نِيَّت ڪري ڇڏي تڏهن به جائزآهي. **(الدرالمختار ج 2 ص 494)**

**مدينه** 11: **بنا عذر جي تراويح ويهي پڙهڻ مڪروهه آهي بلڪ ڪجهه فقهاءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی **جي ويجهو تہ ٿيندي ئي ناهي.** (الدرالمختار ج 2 ص 499)

**مدينه** 12: **تراويح مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ افضل آهي. جيڪڏهن گهر ۾ باجماعت ادا ڪئي تہ ترڪِ جماعت جو گناهه نہ ٿيو پر اهو ثواب نہ ملندو جيڪو مسجد ۾ پڙهڻ جو هيو.** (عالمگيري ج 1 ص 116) **عشاءَ جو فرض مسجد ۾ با جماعت ادا ڪري گهر يا هال ۾ تراويح ادا ڪريو. جيڪڏهن بنا شرعي عذر جي مسجد جي بجاءِ گهر يا هال وغيره ۾ عشاءَ جي فرض جي جماعت قائم ڪري ورتي تہ واجب ڇڏڻ جا گناهگار ٿيندؤ. ان جو تفصيلي مسئلو فيضانِ سنّت جلد اول جي باب ”پيٽ جو قفلِ مدينه“ جي ص 128 تي ڏسو.**

**مدينه** 13: **نابالغ امام جي پويان رُڳو نابالغ ئي تراويح پڙهي سگهن ٿا.**

**مدينه** 14: **بالغ جي تراويح (بلڪ ڪابہ نماز ايستائين جو نفل بہ) نابالغ جي پويان ناهي ٿيندي.**

**مدينه** 15: **تراويح ۾ پورو ڪلام الله شريف پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ سنّتِ مُؤَڪَّده آهي.** (فتاويٰ رضويه شريف تخرج شده ج 7ص458)

**مدينه** 16: **جيڪڏهن باشرائط حافظ نہ ملي سگهي يا ڪنهن سبب ڪان ختم نہ ٿي سگهي تہ تراويح ۾ ڪهڙيون بہ سورتون پڙهي ڇڏيو جيڪڏهن چاهيو تہ اَلَم تَرَ ڪان وَالنَّاس بہ پيرا پڙهي ڇڏيو اهڙيءَ ريت ويهه رڪعتون ياد رکڻ آسان رهندو.** (عالمگيري ج 1 ص 118)

**مدينه** 17: **هڪ ڀيرو** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ **جهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهڻ سنّت آهي ۽ هر سورة جي ابتدا ۾ آهستي پڙهڻ مستحب آهي.**

مُتَاَخّرين (يعني بعد ۾ اچڻ وارن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی) **ختم تراويح** ۾ ٽي ڀيرا **قل هو الله** شريف پڙهڻ مستحب چيو ۽ پڻ بهتر هي آهي تہ ختم جي ڏينهن پوئين رڪعت ۾ **الم** کان **مفلحون** تائين پڙهو.
(بهارِ شريعت حصو 4 ص37)

**مدينه** 18: **جيڪڏهن** ڪنهن سبب کان (تراويح) جي نماز فاسد ٿي وڃي تہ جيترو قرآن پاڪ انهن رڪعتن ۾ پڙهيو هيو ان جو اعادو ڪريو(يعني دهرايو) تہ جيئن ختم ۾ نقصان نہ رهي. **(عالمگيري ج1 ص 118)**

**مدينه** 19: امام غلطيءَ سان ڪا آيت يا سورة ڇڏي اڳتي وڌي ويو تہ مستحب هي آهي تہ ان کي پڙهي پوءِ اڳتي وڌي. **(عالمگيري ج1 ص 118)**

**مدينه** 20: **الڳ الڳ** مسجد ۾ **تراويح** پڙهي سگهو ٿا جڏهن تہ ختم قرآن ۾ نقصان نہ ٿئي. مثال طور ٽي مسجدون اهڙيون آهن جن ۾ روزانو سوا سيپارو پڙهيو ويندو آهي تہ ٽنهي ۾ روزانو واري سان وڃي سگهو ٿا.

**مدينه** 21: ٻن رڪعتن کان پوءِ ويهڻ وسري ويو تہ جيستائين ٽينءَ جو سجدو نہ ڪيو هجي تہ ويهي رهي آخر ۾ سهو جو سجدو ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن ٽينءَ جو سجدو ڪري ڇڏيو تہ چار پوريون ڪري وٺي پر هي ٻہ ئي ڳڻيون وينديون. ها جيڪڏهن ٻن تي قعده ڪيو هو تہ چار ٿيون. **(عالمگيري ج1 ص 118)**

**مدينه** 22: **ٽي** رڪعتون پڙهي سلام ورايائين جيڪڏهن ٻي تي وينو نہ هيو تہ نہ ٿيون ان جي بدلي جون ٻہ رڪعتون ٻيهر پڙهي.

**(عالمگيري ج1 ص 118)**

**مدينه** 23: سلام ورائڻ کان پوءِ ڪو چوي ٿو ٽي ٿيون ڪو چوي ٿو ٽي، تہ امام کي جيڪو ياد هجي ان جو اعتبار آهي، جيڪڏهن امام پاڻ بہ ٻڌتر جو شڪار هجي تہ جنهن تي اعتماد هجي ان جي ڳالهہ مڃي وٺي. (عالمگيري ج1 ص 117)

**مدينه** 24: **جيڪڏهن** ماڻهن کي شڪ هجي تہ ويهہ ٿيون يا ارڙهن؟ تہ ٻہ رڪعتون اڪيلا اڪيلا پڙهن. (عالمگيري ج1 ص 117)

**مدينه** 25: افضل هي آهي جو سيني شُفعن ۾ قراءَت برابر ٿئي جيڪڏهن ائين نہ ڪيائين تڏهن بہ حرج ناهي اهڙيءَ ريت هر شفع (جيڪو ٻن رڪعتن تي مشتمل هوندو آهي ان) جي پهرين ۽ ٻي رڪعت جي قراءَت مساوي (يعني برابر) هجي ٻئي جي قراءَت پهرين کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي. (عالمگيري ج1 ص 117)

**مدينه** 26: **امام** ۽ مقتدي هر ٻن رڪعتن جي پهرين رڪعت تي ثنا پڙهن (امام اعوذ ۽ بسم الله بہ پڙهي) ۽ التحيات کان پوءِ درود ابراهيم ۽ دعا بہ. (درالمختار ج 2ص 498)

**مدينه**27: **جيڪڏهن** مقتدين کي ڏکيائي ٿيندي هجي تہ تشهد کان بعد اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ تي ڪفايت ڪري. (درالمختارج 2ص 499)

**مدينه** 28: **جيڪڏهن** ستاويهين جو (يا ان کان پهريان) قرآن پاڪ ختم ٿي ويو تڏهن بہ رمضان جي آخر تائين **تراويح** پڙهندا رهو جو سنّت مؤڪده آهي. (عالمگيري ج1 ص 118)

**مدينه** 29: هر چار رڪعتن کان پوءِ اوتري دير آرام ونڻ جي لاءِ ويهڻ مستحب آهي جيتري دير ۾ چار رڪعتون پڙهيون آهن. هن وقفي کي **ترويحه** چوندا آهن. (عالمگيري ج1 ص 115)

**مدينه** 30: **ترويحه** جي دوران اختيار آهي ته چُپ وينو رهي يا ذڪر و درود ۽ تلاوت ڪري يا اڪيلو نفل پڙهي. (درالمختار ج2 ص 497) هيءَ تسبيح به پڙهي سگهو ٿا:

سُبْحَانَ ذِی الْمُلْكِ وَ الْمَلَكُوْتِ ۝ سُبْحَانَ ذِی الْعِزَّةِ وَ الْعَظَمَةِ وَ الْهَيْبَةِ وَ الْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْجَبَرُوْتِ ۝ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِیْ لَا يَنَامُ وَلَا يَمُوْتُ ۝ سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَّبُّنَا وَرَبُّ الْمَلٰۤئِكَةِ وَالرُّوْحِ ۝ اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّارِ ۝ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ ۝ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۝

**مدينه** 31: ويهه رڪعتون ٿي چُڪڻ ڪانپوءِ پنجون ترويحه به مستحب آهي، جيڪڏهن ماڻهن کي ڏکيائي ٿيندي هجي ته پنجين ڀيري نه ويهي. (عالمگيري ج1 ص 115)

**مدينه** 32: **ڪجهه** مقتدي ويهي رهندا آهن جڏهن امام رڪوع ڪرڻ وارو هوندو آهي ان وقت بيهندا آهن. هي منافقين جي مشابهت آهي. جيئن سورة النساء جي آيت نمبر 142 ۾ آهي. وَاِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى (**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ (منافق) جڏهن نماز لاءِ اٿندا آهن ته ڍِگل دل سان) فرض جي جماعت ۾ به جيڪڏهن امام رڪوع مان

اٿي ويو تہ سجدن وغيره ۾ جلدي شريڪ ٿي وڃو ۽ پڻ امام قعده اوليٰ ۾ هجي تڏهن بہ ان جي اٿي بيهڻ جو انتظار نہ ڪريو بلڪ شامل ٿي وڃو. جيڪڏهن **قعده** ۾ شامل ٿي ويو ۽ امام اٿي ويو تہ التحيات پوري ڪرڻ بغير نہ اٿو. **(بهارِ شريعت حصو 4 ص36 غنية المتملي ص410)**

**مدينه** 33: **رمضان** شريف ۾ **وتر** جماعت سان پڙهڻ افضل آهي پر جنهن عشاءَ جو فرض بغير جماعت جي پڙهيو اهو وتر بہ اڪيلو پڙهي.

**(بهارِ شريعت حصو 4 ص36)**

**مدينه** 34: **هڪ** امام جي پويان عشاءَ جي فرض، ٻئي امام جي پويان **تراويح** ۽ ٽئين امام جي پويان وتر پڙهي ان ۾ حرج ناهي.

**مدينه** 35: حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرض ۽ وتر جي جماعت ڪرائيندا هئا ۽ حضرت سيّدُنا اُبَيّ بن ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **تراويح** پڙهائيندا هئا. **(عالمگيري ج 1، ص 116)**

اي اسانجا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي نيڪ، مخلص ۽ صحيح پڙهڻ واري حافظ صاحب جي پويان اخلاص ۽ دلي سُڪون سان هر سال **تراويح** ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪر ۽ قبول بہ فرماءِ-

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ڪينسر جو مريض ٺيڪ ٿي ويو

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو بيحد ڪرم آهي. اڪثر ٻُڌڻ ۾ آيو تہ ڊاڪٽرن جن مريضن کي لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو انهن جو مدني قافلن ۾ خير سان علاج ٿي

ويو. جيئن تہ ماڙي پور (بابُ المدينه ڪراچي) جو هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ ايمان افروز واقعو لکي ڏنو. جنهن جو مضمون ڪجهہ هيئن هيو: هاڪس بي (بابُ المدينه ڪراچي) جا هڪ رهواسي اسلامي ڀاءُ جيڪي ڪينسر جا مريض هئا انهن تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. سفر جي دوران ڪافي خوفزده ۽ مايوس هئا. قافلي وارا ڪين دلجاءِ ڏيئي رهيا هئا ۽ انهن جي لاءِ دعائون بہ فرمائين پيا. هڪ ڏينهن صبح جي وقت ويني ويني اوچتو ڪين الٽي آئي ۽ ان ۾ هڪ گوشت جي ٻوٽي نڪري پيئي الٽيءَ ڪان پوءِ ڪين ڪافي سڪون مليو ويو. مدني قافلي مان واپسيءَ تي جڏهن انهن ڊاڪٽرن سان رجوع ڪيو ۽ ٻيهر ٽيسٽ ڪرائي تہ ڪين تمام گهڻي حيرت ٿي تہ **مدني قافلي** ۾ سفر جي برڪت سان سندن ڪينسر جي بيماري ختم ٿي چُڪي هئي.اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هُو بلڪل تندرست ٿي ويا.

اَلسَّر و کینسر یاہو دردِ کمر | دیگا مولیٰ شفا، قافِلے میں چلو
دور بیماریاں، اور پریشانیاں | ہوں بفضلِ خُدا، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه | اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# فيضانِ لَيلَةُ القَدر

## دُرود شريف جي فضيلت

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، ”جنهن مون تي ڏينهن ۾ **هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ** پڙهيو، اهو مرندو نہ جيستائين **جنّت** ۾ پنهنجو ٽڪاڻو نہ ڏسي وٺي.“ (الترغيب والترهيب ج 2 ص 328 حديث 22)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ليلة القدر انتهائي برڪت واري رات آهي ان کي ليلة القدر انهيءَ ڪري چوندا آهن. جو انهيءَ ۾ سڄي سال جا احڪام نافذ ڪيا ويندا آهن. يعني فرشتا رجسٽرن ۾ ايندڙ سال تيڻ وارا مُعاملات لکندا آهن. جيئن جو ”تفسير صاوي جلد 6 ص 2398 تي آهي، تہ ” اَیْ اِظْهَارُ هَا فِیْ دَوَا وِيْنِ الْمَلَاءِ الْاَ عْلٰی “ ترجمو: انهيءَ کي (يعني تقدير جي امور کي) مقرب فرشتن جي رجسٽرن ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي.“ ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شرافتون هن مبارڪ رات کي حاصل آهن. مفسرِ شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان نقل فرمائن ٿا:” هن رات کي ليلة القدر ڪجهہ سببن جي ڪري چوندا آهن. (1) هن ۾ ايندڙ سال جا معاملا مقرر ڪري

فرشتن جي حوالي ڪيا ويندا آهن قدر بمعنيٰ تقدير يا قدر بمعنيٰ عزّت يعني عزّت واري رات (2) هن ۾ قدر وارو قرآن پاڪ نازل ٿيو. ٿيو. (3) جيڪا عبادت هن ۾ ڪئي ويجي ان جو قدر آهي (4) قدر جي معنيٰ تنگي يعني فرشتا هن رات ۾ ايتريقدر ايندا آهن جو زمين تنگ ٿي ويندي آهي. انهن سببن جي ڪري ان کي **شبِ قدر** يعني قدر واري رات چوندا آهن ." (مواعظِ نعيميه ص 62)

**بُخاري** شريف جي حديث ۾ آهي،"جنهن هن رات ۾ ايمان ۽ **اخلاص** سان قيام ڪيو تہ ان جي سڄي عمر جا پويان گناهہ مُعاف ڪيا ويندا. " (صحيح بخاري ج 1 ص 660 حديث 2014)

## 83 سال 4 مهينن کان وڌيڪ عبادت جو ثواب

**تنهن ڪري هن مقدس رات کي هرگز هرگز غفلت ۾ نہ گذارڻ گهرجي. هن رات ۾ عبادت ڪرڻ واري کي هڪ هزار مهينن يعني ٽياسي (83) سال چار مهينن کان بہ وڌيڪ عبادت جو ثواب عطا ڪيو ويندو آهي.** ۽ هن "وڌيڪ" جو علم الله عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي يا ان جي ٻُڌائڻ سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن تہ ڪيترو آهي. هن رات ۾ حضرتِ سيّدُنا جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) ۽ فرشتا نازل ٿيندا آهن ۽ پوءِ عبادت ڪرڻ وارن سان مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) آهن. هن مبارڪ رات جي هر هڪ گهڙي سلامتي ئي سلامتي آهي ۽ هيءَ سلامتي صبح صادق تائين برقرار رهندي آهي. هي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص الخاص ڪرم آهي جو هيءَ عظيم رات رُڳو پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ۽ سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي عطا ڪئي وئي آهي.

اللهعَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّآ أَنزَلۡنَٰهُ فِي لَيۡلَةِ ٱلۡقَدۡرِ ۝١ وَمَآ أَدۡرَىٰكَ مَا لَيۡلَةُ ٱلۡقَدۡرِ ۝٢ لَيۡلَةُ ٱلۡقَدۡرِ خَيۡرٌ مِّنۡ أَلۡفِ شَهۡرٍ ۝٣ تَنَزَّلُ ٱلۡمَلَٰٓئِكَةُ وَٱلرُّوحُ فِيهَا بِإِذۡنِ رَبِّهِم مِّن كُلِّ أَمۡرٍ ۝٤ سَلَٰمٌ هِيَ حَتَّىٰ مَطۡلَعِ ٱلۡفَجۡرِ ۝٥

ترجمو ڪنزالايمان: الله نهايت پاڃهاري جي نالي سان شروع بيشڪ اسان ان کي شبِ قدر ۾ لاٿو ۽ توکي ڪهڙي خبر شبِ قدر ڇا آهي؟ شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي ان ۾ ملائڪ ۽ جبريل (عَلَيۡهِ السَّلَام) لهندا آهن پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان، هر ڪم جي واسطي، اها سلامتي آهي صبح چمڪڻ تائين.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر ڪيتريقدر اهم رات آهي جو ان جي شانِ مبارڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پوري سورة نازل فرمائي. جنهن کي هينئر اوهان ملاحظ ڪيو. هن سورهءِ مبارڪ ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ هن مبارڪ رات جون ڪيتريون ئي خصوصيّتون ارشاد فرمايون آهن.

مفسرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی انهيءَ سورهءِ قدر جي ضمن ۾ فرمائن ٿا،”هن رات ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد کي لوح محفوظ کان آسمانِ دنيا تي نازل فرمايو ۽ پوءِ تقريبًا ٽيويهه ورهين جي عرصي ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ان کي وقفي وقفي سان نازل ڪيو .“ (از تفسير صاوي ج 6 ص 2398)

## سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم غمگين ٿي ويا

”تفسيرِ عزيزي“ ۾ آهي ته جڏهن اسان جي پياري پياري ۽ مٺي مٺي آقا مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳين انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي امتن جي ڊگهين عُمرن ۽ پنهنجي امت جي ننڍين عمرن کي ملاحظ فرمايو ته غمخوارِ امت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

مبارڪ دل شفقت کان پرجي آئي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **غمگين ٿي ويا** تہ منهنجا امتي جيڪڏهن گهٽي کان گهٽيون نيڪيون ڪن تڏهن بہ انهن جي برابري نہ ڪري سگهندا. سو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جوش ۾ آئي ۽ ان پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي **ليلة القدر** عطا فرمائي. **(تفسيرِ عزيزي ج 4 ص 434)**

## ايمان افروز حڪايت

سورهٔ قدر جو شانِ نُزول بيان ڪندي ڪجھ مفسرين ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هڪ نهايت ئي **ايمان افروز حڪايت** بيان ڪئي آهي هن جو مضمون ڪجھ هن ريت آهي تہ **حضرت شَمۡعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هزار مهينا هن ريت عبادت ڪئي جو رات جو قيام ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ سان گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ڪافرن سان جهاد بہ ڪندا هئا. اهي ايتريقدر **طاقتور** هئا جو لوهہ جي وزني ۽ مضبوط **زنجيرن** کي پنهنجي هٿن سان ٽوڙي ڇڏيندا هئا.

**ڪفارِ** ناهنجار جڏهن ڏٺو تہ **حضرتِ شَمۡعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي ڪا بہ اٽڪل ڪارائتي نہ ٿي ٿئي تہ گڏيل مشوري کان پوءِ گهڻي مال و دولت جي لالچ ڏيئي سندن گهرواريءَ کي انهيءَ ڳالهہ تي راضي ڪري ورتو تہ اها ڪنهن رات ننڊ جي حالت ۾ ڏسي تہ ڪين نهايت ئي **مضبوط رسين** سان چڱيءَ طرح جڪڙي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي. پوءِ **بي وفا گهرواريءَ** ائين ئي ڪيو. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سُجاڳ ٿيا ۽ پاڻ کي **رسين** سان ٻَڌل ڏٺو تہ جلدي پنهنجي عضون کي حرڪت ڏنائون. ڏسندي ئي ڏسندي رسيون ٽُٽي پيون ۽ پاڻ

رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه آزاد ٿي ويا. پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کان پُڇا ڪيائون تہ، ”مون کي ڪنهن ٻڌي ڇڏيو هو؟ **بي وفا گهرواريءَ** وفاداري جي نقلي ادائن سان ڪوڙ هڻندي چيئي ڏنوء مان تہ توهان جي طاقت جو اندازو ڪري رهي هيس تہ توهان (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه) هنن رسين کان ڪهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪيو.“ ڳالهہ ٽري ويئي. هڪ ڀيرو ناڪام ٿيڻ جي باوجود **بي وفا گهرواريءَ** همٿ نہ هاري ۽ مسلسل انهيءَ ڳالهہ جي تاڙ ۾ رهي تہ ڪڏهن ٿي پاڻ (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه) تي ننڊ طاري ٿئي ۽ هوءَ کين ٻَڌي ڇڏي.

**آخرڪار** هڪ ڀيرو وري موقعو ملي ئي ويس. ساڳيءَ ريت جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه تي ننڊ جو غلبو ٿيو تہ ان ظالمہ نهايت ئي چالاڪيءَ سان پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي **لوهي زنجيرن** ۾ چڱيءَ طرح جڪڙي ڇڏيو. جيئن ئي سندن اک کلي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ئي جهٽڪي ۾ **زنجير** جي هڪ هڪ ڪڙي کي الڳ ڪري ڇڏيائون ۽ آسانيءَ سان آزاد ٿي ويا. گهرواري اهو منظر ڏسي حيران ٿي ويئي پر وري دغابازيءَ مان ڪم وٺندي اها ئي ڳالهہ دهرايائين تہ مان تہ توهان (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه) کي آزمائي رهي هيس. گفتگوءَ جي دؤران (حضرت) **شمعون** (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه) پنهنجي گهرواريءَ جي آڏو پنهنجو راز ظاهر ڪري ڇڏيو تہ مون تي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو وڏو ڪرم آهي ان مون کي پنهنجي ولايت جو شرف عنايت فرمايو آهي. مون تي دنيا جي ڪا شيءِ اثر نٿي ڪري سگهي پر ها، **”منهنجي مٿي جا وار“** چالاڪ عورت سڄي ڳالهہ سمجهي ويئي.

افسوس! ان کي دنيا جي محبت انڌو ڪري ڇڏيو هو. آخرڪار هڪ ڀيري موقعو ڏسي ان پاڻ (رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه) کي سندن جي ئي انهن **اٺن زلفن** سان ٻَڌي ڇڏيو جن جي ڊيگهه زمين تائين هئي. (هي اڳئين امت جا بزرگ هئا. اسان جي آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جي سنّت وڌ کان وڌ ڪلهن تائين آهي) پاڻ اڪ ڪُلڻ تي وڏو زور لڳايائون پر آزاد نہ ٿي سگهيا. دنيا جي دولت جي نشي ۾ بدمست بي وفا عورت پنهنجي نيڪ ۽ پرهيزگار مڙس کي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

**ڪُفّارِ بدِ اطوار حضرت شَمۡعُون** (رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه) **کي هڪ ٿنڀي سان ٻَڌي ڇڏيو ۽ انتهائي بي درديءَ ۽ بي رحميءَ سان سندن نڪ، ڪن ڪٽي ڇڏيا ۽ اکيون بہ ڪڍي ڇڏيون.** پنهنجي وليءَ ڪامل جي بيڪسيءَ تي **ربُّ الۡعزّت** عَزَّوَجَلَّ جي غيرت کي جوش آيو. قهرِ قهار و غضبِ جبار **جل جلاله** ظالم ڪافرن کي زمين جي اندر دٻائي ڇڏيو ۽ دنيا جي لالچ ۾ اچي بي وفائي ڪرڻ واري **بدنصيب گهرواريءَ** تي قهرِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ جي ڪِنوڻ ڪِري ۽ اها بہ سڙي خاڪ ٿي ويئي.

**(ماخوذ از مڪاشفة القلوب ص 306)**

## اسان جون عمريون تہ تمام قليل آهن

حضراتِ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جڏهن حضرت **شَمۡعُون** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي عبادات و جهاد ۽ تڪاليف و مصائب جو تذڪرو ٻُڌو تہ انهن کي **حضرت شَمۡعُون** رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه تي وڏو رشڪ آيو ۽ ماهِ نُبُوّت، آقاءِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو، ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي تہ تمام ٿوريون عمريون مليون آهن. ان مان بہ ڪجهه حصو

نندڊ ۾ گذرندو آهي ۽ ڪجهه رزق جي ڳولا ۾، ڪجهه ڪاٺ پچائڻ ۾ ۽ بين دنياوي ڪمن ۾ به ڪجهه وقت گذرندو آهي تنهن ڪري اسان ته **حضرتِ شَمعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وانگر عبادت ڪري ئي نه سگهنداسين. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل اسان کان عبادت ۾ وڌي ويندا. “

**اُمَّت جا** غمخوار آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻُڌي غمگين ٿي ويا. انهيءَ ئي وقت حضرتِ سيِّدُنا **جبريل امين** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان **سورهءِ قدر** پيش ڪئي ۽ تسلي ڏني وئي ته **پيارا حبيب** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غمگين نه ٿيو. توهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي اسان هر سال ۾ **هڪ** اهڙي رات عطا فرمائي آهي جو **جيڪڏهن** اهي انهيءَ رات ۾ منهنجي عبادت ڪندا ته **حضرتِ شَمعُون** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هزار مهينن جي عبادت کان وڌي ويندا . (ماخوذ از تفسير عزيزي ج 4 ص 434)

## آهـ! اسان کي قدر ڪٿي؟

الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ! منهنجا منا منا اسلامي ڀائرو! خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوبِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت تي ڪيتريقدر مهربان آهي ۽ ان اسان غلامن تي اسان جي مني مني آقا نبي آخِرُ الزَّمان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ڪيتريقدر عظيم الشّان احسان فرمايو جو جيڪڏهن **شبِ قدر** ۾ عبادت ڪريون ته **هڪ هزار مهينن** کان به وڌيڪ جي عبادت جو ثواب ماڻيون. پر آهـ! اسان کي شبِ قدر جو قدر ڪٿي! هڪ صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان به ته هئا جو انهن جي حسرت تي اسان سيني کي ايڏو وڏو **انعام** بغير ڪنهن خواهش

جي ملي ويو. انهن تہ هن جو قدر بہ ڪيو پر اسان ناقدرن کي تہ عبادت لاءِ واندڪائي بہ ناهي ملندي. آه! هر سال ملڻ واري هن عظيم الشّان **انعام** کي اسان غفلت جي نذر ڪري ڇڏيندا آهيون.

## مدني انعامات جي ڪارڊ جي برڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي دل ۾ عظمت وذائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀرئي زندگي گذارڻ جي لاءِ عبادات و اخلاقيات جي متعلق اسلامي ڀائرن لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ۽ علمِ دين جي شاگردن لاءِ 92، ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83، ۽ مدني منّن ۽ مدني منّين جي لاءِ 40 **مدني انعامات** سوالن جي صورت ۾ مرتب ڪيا ويا آهن، **فڪرِ مدينه** (يعني پنهنجي عملن جو محاسبو) ڪندي روزانو **مدني انعامات جو ڪارڊ** ڀري ڪري دعوتِ اسلامي جي مقامي ذميدار وٽ هر مدني مهيني يعني اسلامي مهيني جي شروعاتي 10 تاريخ جي اندر جمع ڪرائڻو هوندو آهي. مدني انعامات نہ ڄاڻ ڪيترن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو آهي. ان جي هڪ جهلڪ ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح جو بيان آهي: علائقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي **دعوتِ اسلامي** سان وابستہ آهن انهن **انفرادي ڪوشش** ڪندي منهنجي وڏي ڀاءُ کي **مدني انعامات** جو هڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو هو گهر ڪٽي آيا ۽ پڙهيائون تہ حيران رهجي ويا تہ هن

مختصر ڪارڊ ۾ هڪ مسلمان جي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايڏو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي! **مدني انعامات جو ڪارڊ** ملڻ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪين **نماز** جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگيءَ لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هينئر پنج وقتہ **نمازي** بڻجي چُڪا آهن، **ڏاڙهي مبارڪ** بہ سجائي ورتائون ۽ **مدني انعامات** جو ڪارڊ بہ پريندا آهن.

مدنی انعامات کا عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی! خُوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

## مدني انعامات جي عاملين لاءِ بشارت عظميٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات جو ڪارڊ پرڻ وارا ڪيتريقدر خوشنصيب هوندا آهن ان جو اندازو هن **مدني بهار** مان لڳايو، جيئن تہ حيدرآباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح حلفيہ بيان آهي تہ ماهِ رجب المرجب 1426ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ **مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ لبن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل چٽجڻ لڳا الفاظ ڪجھ هيئن ترتيب ۾ آيا : **جيڪو هن مهيني روزانو پابنديءَ سان مدني انعامات جي متعلق فڪرِ مدينہ ڪندو، الله** عَزَّوَجَلَّ **ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.**

مَدَنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تمام ڀلائين کان محروم ڪير آهي؟

حضرتِ سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، هڪ ڀيري جڏهن ماهِ رمضان تشريف فرما ٿيو تہ سلطانِ دوجهان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان وٽ هڪ مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي بہ آهي جيڪا **هزار مهينن** کان افضل آهي جيڪو شخص ان رات کان محروم رهجي ويو، جڻ سڄي جي سڄي ڀلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ ان جي ڀلائي کان محروم ناهي رهندو پر اهو شخص جيڪو حقيقت ۾ محروم آهي. (سنن ابن ماجه ج 2 ص 298 حديث 1644)

## هڪ هزار شهزادا

سورةُ **اَلْقَدْر** جو هڪ ٻيو شانِ نُزول مشهور تابعي حضرتِ سيِّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان منقول آهي. جيئن تہ سيِّدُنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا. بني اسرائيل ۾ هڪ نيڪ خصلت بادشاه هيو. الله عَزَّوَجَلَّ ان زماني جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ فلاڻي کي چئو تہ پنهنجي خواهش بيان ڪري. جڏهن ان کي پيغام مليو تہ ان عرض ڪيو، ”اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ منهنجي خواهش آهي تہ مان پنهنجي مال، اولاد ۽ جان سميت جهاد ڪريان.“ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي هڪ هزار پٽ عطا فرمايا. هُو پنهنجي هڪ هڪ شهزادي کي پنهنجي مال سميت لشڪر جي لاءِ تيار ڪندو هو ۽ پوءِ کيس الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ مجاهد بڻائي ڪري موڪلي ڇڏيندو هو. اهو هڪ مهينو جهاد ڪري نيٺ شهيد ٿي ويندو هو وري ٻئي شهزادي کي لشڪر ۾ تيار ڪندو هو

ائين هر مهيني سندس هڪ شهزادو شهيد ٿي ويندو هو. ان سان گڏوگڏ بادشاهه رات جو قيام ڪندو هو ۽ ڏينهن جو روزو رکندو هو. هڪ هزار مهينن ۾ ان جا هڪ هزار شهزادا شهيد ٿي ويا. پوءِ پاڻ اڳتي وڌي جهاد ڪيائين ۽ شهيد ٿي ويو. ماڻهن چيو ته هن بادشاهه جو رُتبو ڪوبه شخص نه ٿو ماڻي سگهي. ته الله عَزَّوَجَلَّ هيءَ آيت نازل فرمائي " لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ۬ۙ خَيۡرٌ مِّنۡ اَلۡفِ شَهۡرٍ ؕ﴿ۛ۳﴾ " (**ترجمو ڪنزالايمان** : شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي) يعني ان بادشاهه جي هزار مهينن کان جيڪي ان راتين جي قيام، ڏينهن جي روزن ۽ مال، جان ۽ اولاد سميت راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد ڪري گذاريا ان کان بهتر آهي.

**(تفسيرِ قُرطبي ج 20 سيپارو 30 ص 122)**

## هزار شهرن جي بادشاهت

**حضرت سيِّدُنا ابوبڪر وَرّاق** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته سيِّدُنا سليمان عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بادشاهيءَ ۾ **پنج سؤ شهر** هئا ۽ سيِّدُنا ذوالقرنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي بادشاهيءَ هيٺ به **پنج سؤ شهر** هئا. ائين انهن ٻنهي جي بادشاهيءَ ۾ **هڪ هزار شهر** ٿيا ته الله عَزَّوَجَلَّ هن رات جي عمل کي جيڪو هن کي ماڻي ان جي لاءِ هنن ٻنهي جي بادشاهيءَ کان بهتر ٻڌايو آهي.

**(تفسيرِ قُرطبي ج 20 سيپارو 30 ص 122)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هيءَ رات هر طرح سان خيريت ۽ سلامتيءَ جي ضامن آهي. هيءَ رات اول کان آخر تائين رحمت ئي رحمت آهي مفسرينِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا، "هيءَ رات نانگ ۽ وڇون، آفتن ۽ بلائن ۽ ڀڻ شياطين کان به محفوظ آهي هن رات ۾ سلامتي ئي سلامتي آهي".

**پرچم ڪشائي**

روايت آهي تہ شبِ قدر ۾ سدرة المنتهىٰ جي فرشتن جي فوج حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام جي سرداريءَ ۾ زمين تي لهندي آهي ۽ انهن سان **چار جهنڊا** هوندا آهن، **هڪ جهنڊو** حضورِ انور، شافع محشر، مديني جي تاجوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَبرِ مُنَوَّر تي، **هڪ جهنڊو** بيتُ الْمُقَدَّس جي ڇت تي ۽ **هڪ جهنڊو** ڪعبهءِ معظمه جي ڇت تي، هڪ **جهنڊو** طورِ سينا (پهاڙ) تي ڦڙڪائيندا آهن. پوءِ اهي فرشتا مسلمانن جي گهرن ۾تشريف وٺي وڃي هر مومن مرد ۽ عورت کي سلام ڪندا آهن ۽ چوندا آهن سلام (عَزَّوَجَلَّ) (سلام الله عَزَّوَجَلَّ جو صفاتي نالو آهي) **توهان تي سلامتي موڪلي ٿو**. پر جن گهرن ۾ **شرابي يا خنزير** جو گوشت کائڻ وارو يا بنا شرعي عذر جي پنهنجي **رشتي داري ڪٽي ڇڏڻ** وارو رهندو هجي انهن گهرن ۾ هي فرشتا داخل ناهن ٿيندا. “

(تفسيرِ صاوي ج 6 ص 2401)

**هڪ** روايت ۾ هي بہ آهي تہ”انهن فرشتن جو تعداد سڄي زمين جي پترين کان بہ گهڻو هوندو آهي ۽ هي سڀ سلام ۽ رحمت کڻي نازل ٿيندا آهن.“ (تفسير در منثور ج8 ص579)

**سائو جَهنڊو**

**هڪ** بئي طويل حديث جنهن کي حضرت سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا روايت ڪئي آهي هن ۾ **شبِ قدر** جي باري ۾ سرڪارِ مدينه، سُرور قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان نقل ڪيو ويو آهي: ”جڏهن **شبِ قدر** ايندي آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرت **جبريل** عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ

سائو **جهنڊو** ڪٽي فرشتن جي تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نُزول فرمائيندا آهن ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبهءِ معظمه تي ڦڙڪائيندا آهن. حضرتِ جبريل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا سؤ پر آهن جن مان ٻه پر صرف انهيءَ رات کوليندا آهن اهي پَرَ اوير ۽ اولهه ۾ ڦهلجي ويندا آهن پوءِ **حضرتِ جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن ته جيڪو به ڪو مسلمان اڄ رات قيام، نماز يا ذڪراللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول آهي ان سان **سلام** ۽ **مصافحو** ڪريو، ۽ پڻ ان جي دعائن تي آمين به چئو. اهڙيءَ ريت صبح تائين اهو ئي سلسلو رهندو آهي. صبح ٿيڻ تي **حضرتِ جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتن کي واپسيءَ جو حڪم صادر فرمائيندا آهن. فرشتا عرض ڪندا آهن اي **جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي پياري حبيب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي امت** جي حاجتن جي باري ۾ ڇا ڪيو؟ **حضرتِ جبريل** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمائيندا آهن، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن تي خصوصي ڪرم جي نظر فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ سيني ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ ارشاد فرمايائون (1) هڪ ته عادي شرابي (2) ٻيا ماءُ پيءُ جا نافرمان (3) ٽيان قطع رِحمي ڪرڻ وارا. (يعني رشتيدارن کان تعلقات ٽوڙڻ وارا) ۽ (4) چوٿان اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ وير ۽ ڪِينو رکن ٿا ۽ پاڻ ۾ قطع تعلق ڪرڻ وارا." (شعب الايمان ج 3 ص 336 حديث3695)

**بدنصيب ماڻهو**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ شبِ قدر ڪيتري قدر عظمت واري رات آهي هن رات

۾ هر خاص ۽ عام کي بخشيو ويندو آهي تنهن هوندي به شراب جا عادي، ماءُ پيءُ جا نافرمان، قطع رِحمي ڪرڻ وارا ۽ پاڻ ۾ بغير ڪنهن شرعي مجبوريءَ جي ڪينو رکڻ وارا ۽ انهيءَ سبب پاڻ ۾ تعلقات ٽوڙڻ وارا هن عام بخشش کان محروم ڪيا ويندا آهن.

## توبهہ ڪري وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ جي لاءِ ڇا هي ڳالهہ ڪافي ناهي؟ ۽ شبِ قدر جهڙي بابرڪت رات به جن مجرمن جي بخشش نہ ٿي ڪئي وڃي اهي ڪيترقدر شديد ڏوهاري هوندا؟ انهن گناهن کان صدقِ دل سان توبهہ ڪئي وڃي ۽ حقوق العباد (ٻانهن جا حق) وارا مُعاملات بہ حل ڪيا وڃن بيشڪ اللهعَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم بيحد ۽ بي انتها آهي.

## جهيڙي جو جنجال!

حضرتِ سيّدُنا عُباده بن صامِت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفٰی صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف ڪٺي آيا تہ جيئن اسان کي شبِ قدر جي باري ۾ ٻُڌائين (تہ ڪهڙي رات ۾ آهي) بہ مسلمان پاڻ ۾ جهيڙو ڪري رهيا هئا. پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون:”مان ان لاءِ آيو هئس تہ توهان کي شبِ قدر ٻُڌايان پر فلاڻا فلاڻا شخص جهيڙو ڪري رهيا هئا ان ڪري ان جو تَعَيُّن کنيو ويو ۽ و ممڪن آهي تہ انهيءَ ۾ توهان جي بهتري هجي. هاڻي ان کي (آخري ڏهاڪي جي) نائين، ستين ۽ پنجين راتين ۾ ڳوليو.“

(صحيح بخاري ج 1 ص 663 حديث 2023)

## اسين تہ شريف سان شريف آهيون........

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ ۾ اسان جي لاءِ ڪيترو ئي درسِ عبرت آهي جو اسان جا پيارا پيارا آقا مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌائڻ وارا ئي هئا تہ شبِ قدر ڪهڙي رات آهي تہ ٻن مسلمانن جو پاڻ ۾ جهيڙو رڪاوٽ بڻجي ويو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ شبِ قدر کي ڳجهو رکيو ويو. هن مان اندازو ڪريو تہ مسلمانن جو پاڻ ۾ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ رحمت کان ڪيتري قدر دوريءَ جو سبب بڻجي ويندو آهي. پر آه! هاڻي ڪير ڪنهن کي سمجهائي؟ اڄ تہ وڏي فخر سان چيو پيو وڃي تہ "ميان هن دنيا ۾ شريف رهي ڪري تہ گذارو ئي نٿو ٿئي، اسان تہ شريف سان شريف ۽ بدمعاشن سان بدمعاش آهيون!" رڳو هن چوڻيءَ تي ئي گذارو ناهي. هاڻي تہ معمولي ڳالهہ تي ڀڙيان زبان درازي (گارگند) پوءِ دست اندازي (ويڙهہ) ان کان پوءِ چاقو بازي بلڪ گوليون پڻ هلي وينديون آهن. افسوس! اڄ ڪلهہ مسلمان ڪڏهن پٺاڻ بڻجي ڪڏهن پنجابي سڏائي، ڪڏهن مهاجر ٿي ڪري، ڪڏهن سنڌي ۽ بلوچ قوميت جو نعرو لڳائي ڪري هڪٻئي کي قتل ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي جي مال ۽ ملڪيت کي باهيون لڳائي رهيا آهن. پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف رُڳو نسلي ۽ لساني (يعني ٻوليءَ جي) فرق جي بنياد تي محاذ آرائي ٿي رهي آهي. مسلمانو! توهان تہ هڪ ٻئي جا محافظ هئا. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان تہ هي آهي تہ"مؤمنن جو مثال هڪ جسم جيان آهي جو

جيڪڏهن هڪ عضوي کي تڪليف پهچي ته سڄو جسم ان تڪليف کي محسوس ڪندو آهي.“ (صحيح بخاري ج 4 ص 103 حديث 6011)

هڪ شاعر ڪيڏي نه پياري انداز ۾ سمجهايو آهي.

مُبتَلائے دَرد کوئی عُضو ہو روتی ہے آنکھ
کس قَدَر ہمدرد سارے جِسم کی ہوتی ہے آنکھ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پاڻ ۾ لڙائي جهيڙو ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي همدردي ۽ غمگساري ڪرڻ گهرجي. مسلمان هڪٻئي کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ لُٽڻ، هڪ ٻئي جي دڪانن ۽ جڳهن کي ساڙڻ وارو ناهي هوندو.

## مسلمان مومن ۽ مهاجر جي تعريف

سيّدُنا فُضاله بن عُبيد رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪرِ جُود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ الْعِزّت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حجة الوداع جي موقعي تي ارشاد فرمايو: ”ڇا توهان کي **مؤمن** جي باري ۾ خبر نه ڏيان؟ پوءِ ارشاد فرمايائون: **مُؤمن** اهو آهي جنهن کان ٻيا مسلمان پنهنجي جان ۽ پنهنجي مال کان بي خوف هجن ۽ **مسلمان** اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن ۽ **مجاهد** اهو آهي جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانبرداريءَ جي مُعاملي ۾ پنهنجي نفس سان جهاد ڪيو ۽ **مهاجر** اهو آهي جنهن خطا ۽ گناهن کان عليحدگي اختيار ڪئي. (المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 158) ۽ ارشاد فرمايائون ڪنهن مسلمان جي لاءِ جائز ناهي ته اهو ڪنهن ٻئي مسلمان جي طرف (يا ان جي باري ۾)

اهڙي قسم جي اشاري يا مطلب کان ڪم وٺي جو ان جي دل آزاريءَ جو سبب ٿئي ۽ هي به حلال ناهي جو ڪا اهڙي حرڪت ڪئي وڃي جيڪا ڪنهن مسلمان کي ڊيڄاري يا **خوفزده** ڪري ڇڏي.

**(اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 177)**

طریقِ مصطفےٰ کو چھوڑنا ہے وجہِ بربادی

اِسی سے قوم دنیا میں ہوئی بے اقتدار اپنی

## ناقابل برداشت خارش

**حضرتِ سيّدُنا مجاهد** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪجھ دوزخين کي اهڙي خارش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو جو ڪنهي ڪنهي انهن جون کلون لهي پونديون ايستائين جو انهن جون هڏيون ظاهر ٿي وينديون. پوءِ کين پُڪار ٻُڌڻ ۾ ايندي ته ڇئو ڪيئن رهي اها تڪليف؟ اهي چوندا ته انتهائي سخت ۽ **ناقابلِ برداشت** آهي تڏهن کين ٻُڌايو ويندو ته ”دنيا ۾ جيڪو توهان مسلمانن کي ستائيندا هُيؤ هي ان جي سزا آهي.“ **(اتحاف السادة المتقين ج 7 ص 175)**

## تڪليف دور ڪرڻ جو ثواب

**حضورِ اڪرم، نُورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم، شافعِ امم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:”مون هڪ شخص کي **جنّت** ۾ گهمندي ڏٺو جو جيڏانهن چاهي هليو پيو وڃي. ڇاڻو ته ڇو؟ رُڳو ان لاءِ ته ان هن دنيا ۾ هڪ وڻ رستي تان انهيءَ لاءِ ڪَٽي ڇڏيو هو جو مسلمانن کي واٽ ويندي تڪليف نه ٿئي.

**(صحيح مسلم ص 1410حديث 1914)**

**وڙهڻو آهي تہ نفس سان وڙهو!**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن احاديثِ مبارڪہ مان درس حاصل ڪريو ۽ پاڻ ۾ **جهيڙو جهڳڙو** ۽ ڦرمار ڪان پرهيز ڪريو. جيڪڏهن وڙهڻو آهي تہ مردود شيطان سان وڙهو، **نفسِ اماره** سان جهيڙو ڪريو. جهاد جي وقت دين جي دشمنن سان جنگ ڪريو. پر پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ ٿي رهو. پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ جو عظيم نقصان تہ توهان ڏسي ئي ورتو جو **شبِ قدر** جو تعيُّن ڪنيو ويو ان ڪان علاوه بہ پاڻ ۾ لڙائي جهيڙو ڪرڻ سان نہ ڄاڻ ڪهڙين ڪهڙين عظيم نعمتن ۽ رحمتن ڪان اسان کي محروم ڪيو ويندو هوندو؟

الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي هيٺي حال تي رحم فرمائي ۽ هن ڳالهہ کي سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي جو اسان جيتوڻيڪ **پنجابي، پٺاڻ، سنڌي، بلوچ، سرائڪي، مهاجر، بنگالي، بهاري** وغيره قوميّت سان تعلق رکندا هجون پر آهيون” **عربي آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا غلام**“ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ ”پٺاڻ“ آهن نہ ”پنجابي“ ، نہ ”بلوچ“ آهن، نہ ”سنڌي“ بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ ”**عربي**“ آهن. اي ڪاش! اسان حقيقي معنیٰ ۾ **عربي آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان وابستہ رهون ۽ سيني نسلي ۽ لساني اختلافات کي وساري ڪري هڪ ۽ نيڪ ٿيجي وڃون.

فرد قائم ربطِ ملت سے ہے تنہا کچھ نہیں
موج ہے دریا میں اور بیرونِ دریا کچھ نہیں

## مدني انعامات جا ڪارڊ ڏسي آقا ﷺ مرڪي رهيا هئا

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ ڪنهن بہ قسم جو لساني ۽ قومي اختلاف ناهي، هر زبان ڳالهائڻ وارو ۽ هر برادري سان تعلق رکڻ وارو عربي **آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم ۾ پناهہ ورتيون وينو آهي. توهان بہ هر دم **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معمور زندگي گذارڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي **مدني انعامات** جي ڏنل طريقي سان سنواري ڇڏيو. ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ خوشبودار **مدني بهار** توهان کي ٻڌايان ٿو. جيئن تہ 5 فيبروري 2005ء ۾ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي ۾ **مدني قافلہ ڪورس** ڪرڻ لاءِ آيل **راولپنڊي** جي هڪ مبلغ جيڪو ڪجهہ حلفيہ لکي ڪري ڏنو، ان جو خلاصو آهي تہ آءُ **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ** ۾ سُتو پيو هئس، ڇهري جون اکيون تہ ڇا بند ٿيون اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دل جون اکيون کُلي ويون، خواب جي عالم ۾ ڏٺم تہ **سرڪارِ رسالت مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ بلند چبوتري تي جلوه افروز آهن ويجهو ئي **مدني انعامات** جي ڪارڊن جون ٻوريون رکيل آهن، سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مدني انعامات** جي هڪ هڪ ڪارڊ کي مُرڪندي غور سان ملاحظ فرمائي رهيا آهن. پوءِ منهنجي اک کُلي ويئي.

مَدَنی انعامات سے عطّار ہم کو پیار ہے

ان شاءاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جادوگر جو جدو ناڪام

**حضرتِ** سيّدُنا اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا."هيءَ رات سلامتيءَ واري رات آهي يعني هن ۾ تمام شين کان **فرمانِ** سلامتي آهي. هن رات ۾ بيماري، شر ۽ آفتن کان سلامتي آهي. اهڙيءَ طرح طوفان، ڪنوڻ وغيره اهڙيون ڳالهيون جن سان خوف پيدا ٿيندو هجي انهن کان بہ سلامتي آهي بلڪ هن رات ۾ جيڪو ڪجھ نازل ٿيندوآهي. اهو سلامتي، نفعي ۽ خير تي مشتمل هوندو آهي ۽ نہ ئي هن ۾ شيطان بُرائي ڪرائڻ جي طاقت رکندو آهي ۽ نہ ئي **جادوگر جو جادو** هن ۾ هلندو آهي بس هن رات ۾ سلامتي ئي سلامتي آهي ."

(روح البيان ج 10 ص 485)

## شبِ قدر جا اُهڃاڻ

**حضرتِ** سيّدُنا عُباده بن صامِت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ شبِ قدر جي باري ۾ سوال ڪيو تہ سرڪارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "**شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين يعني** ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين يا اُڻتيهين رات يا رمضان جي آخري رات ۾ آهي. تہ جيڪو بہ ايمان سان ثواب جي نيّت خاطر هن مبارڪ رات ۾ عبادت ڪري. ان جا سيئي گذريل گناھ بخشيا ويندا آهن. ان جي اُهڃاڻن مان هي بہ آهي تہ اها مبارڪ رات کُليل، روشن ۽ بلڪل صاف و شفاف هوندي آهي. هن ۾ نہ گهڻي گرمي ٿيندي آهي نہ گهڻو سيءُ بلڪ هيءَ رات مُعتَدِل (وچٽري) هوندي آهي.

مطلب تہ هن ۾ چنڊ ڪُليل هوندو آهي. هن پوري رات ۾ شياطين کي آسمان جا ستارا ناهن هنيا ويندا. وڌيڪ نشانين مان هي بہ آهي جو هن رات جي گذرڻ کان پوءِ جيڪو صبح ايندو آهي ان ۾ سج بغير ڪرڻن جي ايرندو آهي ۽ اهو ائين هوندو آهي جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ. اللهعَزَّوَجَلَّ هن ڏينهن سج ايرڻ سان گڏ شيطان کي نڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.(هن هڪ ڏينهن کانسواءِ هر ڏينهن سج سان گڏ شيطان بہ نڪرندو آهي)

(مسند امام احمد ج 8 ص 414 حديث 22829 )

## سمنڊ جو پاڻي مٺو ٿي ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اڪي راتين** مان يا آخري رات ۾ چاهي اها 30 هين رات هجي ڪا هڪ رات شبِ قدر آهي. هن رات کي مخفي رکڻ ۾ هزارين حڪمتون آهن. جن ۾ يقينًا هڪ حڪمت هيءَ بہ آهي تہ مسلمان هر رات انهيءَ رات جي جُستجو ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪن نہ ڄاڻ ڪهڙي رات شبِ قدر هجي. انهيءَ حديثِ پاڪ ۾ **شبِ قدر** جون ڪجھ نشانيون بہ ارشاد فرمايون ويون آهن. انهن نشانين کان سواءِ ٻين روايتن ۾ بہ وڌيڪ ليلة القدر جي نشانين جو بيان ڪيو ويو آهي. انهن نشانين کي حاصل ڪرڻ سيني جي وس جي ڳالھ ناهي .بلڪ هي تہ رُڳو اهلِ نظر جو ئي حصو آهي. اللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خاص ٻانهن تي ان جو ظهور فرمائيندو آهي. شبِ قدر جو هڪ اُهڃاڻ هي بہ آهي تہ هن رات ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي مٺو ٿي ويندو آهي. پڻ انسان ۽ جنّات کان علاوه ڪائنات جي هر شيءِ اللهعَزَّوَجَلَّ

جي بزرگيءَ جي اعتراف ۾ سجده ريز ٿي ويندي آهي پر هي هر هڪ کي نظر ناهي ايندو.

**حڪايت** **مدينا**

حضرتِ سيّدُنا عُبَيۡد ابنِ عمران رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، ”مان هڪ رات بُحَيۡرَه قُلۡزُم (قلزم نالي سمند) جي ڪناري تي هئس ۽ اتي کاري پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ لڳس جڏهن مون اهو پاڻي چکيو تہ ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مٺو معلوم ٿيو. مون کي بيحد تعجب ٿيو. مون جڏهن حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان هن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو تہ پاڻ فرمايائون:”اي عُبَيۡد! رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اها ليلة القدر هوندي.“ وڌيڪ فرمايائون:” جنهن شخص هيءَ رات اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ گذاري ان جڻ تہ هزار مهينن کان بہ وڌيڪ عرصو عبادت ڪئي ۽ الله تعالى ان جي تمام گناهن کي معاف فرمائي ڇڏيندو.“ (تنڪرة الواعظين ص 626)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

**حڪايت** **مدينا**

حضرتِ سيّدُنا عثمان ابنِ ابي العاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي غلام کين عرض ڪيو،” اي آقا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ! مون کي ٻيڙي هلائيندي هڪ عرصو گذريو آهي. مون درياءَ جي پاڻيءَ ۾ هڪ عجيب ڳالهہ محسوس ڪئي آهي جنهن کي منهنجو عقل تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي.“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ پُڇيائون، ”اها ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي؟“ عرض ڪيائين،” اي آقا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ! هر سال هڪ اهڙي رات بہ ايندي آهي جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي مٺو ٿي ويندو آهي.“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ غلام کي فرمايائون،” هن ڀيري خيال رکجو جيئن ئي رات جو پاڻي مٺو ٿي وڃي تہ مون کي آگاهہ ڪجو.

جڏهن رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات آئي تہ غلام آقا کي عرض ڪيو تہ آقا! اڄ سمنڊ جو پاڻي منو تي چُڪو آهي.“ (روح البيان ج 10 ص 481)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

## اسان کي نشانيون ڇو نظر ناهن اينديون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي ڪجهہ نشانين جو ذڪر گذريو. اسان جي ذهن ۾ هي سوال اڀري سگهي ٿو تہ اسان جي عمر جا ڪافي سال گذريا هر سال شبِ قدر ايندي رهندي آهي تہ ڇا سبب آهي جو اسان کي ڪڏهن بہ ان جون علامتون نظر ناهن اينديون؟ ان جي جواب ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہ تَعَالٰی فرمائن ٿا انهن ڳالهين جو علم هر هڪ کي نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ ان جو تعلق **ڪشف (ڳجهي ڄاڻ)** ۽ **ڪرامت** سان آهي ان کي تہ اهو ئي ڏسي سگهي ٿو جنهن کي بصيرت (يعني قلبي نظر) جي نعمت حاصل هجي. هر وقت گناهن جي نُحُوست ۾ مشغول رهڻ وارو گناهگار انسان هنن نظارن کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟

آنکھ والا ترے جوبن کا تماشہ دیکھے
دِیدہ کور کو کیا آئے نظر کیا دیکھے

## اڪي راتين ۾ ڳولهيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مَشِيَّت جي تحت شبِ قدر کي پوشيده رکيو آهي انهيءَ ڪري اسان کي يقين سان ناهي خبر تہ **شبِ قدر** ڪهڙي رات ٿيندي آهي.

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کان روايت آهي تہ منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**شبِ قدر کي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اکي راتين يعني** ايڪويهين، ٽيويهين، پنجويهين، ستاويهين ۽ اٺتيهين راتين ۾ ڳوليو.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 662حديث 2020)

## آخري ستن راتين ۾ تلاش ڪريو

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا روايت ڪن ٿا تہ بَحر و بر جي بادشاهہ، ٻنهي جهانن جي شهنشاهہ، امت جي خيرخواهہ، آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي مهر و ماهہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحابہءِ ڪرام رِضۡوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِمۡ اَجۡمَعِیۡن مان ڪجهہ ماڻهن کي خواب ۾ آخري ستن راتين ۾ **شبِ قدر** ڏيکاري وئي. مني مني آقا مڪّي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”مان ڏسان ٿو تہ توهان جا خواب آخري ستن راتين ۾ متفق ٿي ويا آهن. ان لاءِ ان جي تلاش ڪرڻ وارو ان کي **آخري ستن راتين** ۾ تلاش ڪري.“
(صحيح بخاري ج 1 ص 660حديث 2015)

## ليلة القدر پوشيده ڇو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي سنّتِ ڪريمه آهي جو ان ڪجهہ اهم ترين مُعاملن کي پنهنجي مشيّت جي مطابق ٻانهن تي پوشيده رکيو آهي جيئن جو منقول آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي راضپي** کي نيڪين ۾، پنهنجي **ناراضگيءَ** کي گناهن ۾ ۽ پنهنجي اولياء رَحِمَہُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی کي پنهنجي ٻانهن ۾ پوشيده رکيو آهي.“ ان جو خلاصو اهو ٿئي آهي تہ ٻانهو ڪنهن بہ نيڪيءَ کي ننڍي سمجهي ڪري ڇڏي نہ ڏئي. ڇو تہ

اهو نتو ڄاڻي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪهڙي نيڪي تي راضي ٿي وڃي. تي سگهي ٿو تہ جيڪا نيڪي ظاهر ۾ تمام ئي ننڍي نظر ايندي هجي ان سان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿي وڃي. متعدد (يعني ڪيترن ئي) احاديثِ مبارڪ مان اها ئي خبر پوي ٿي. مثال طور قيامت جي ڏينهن هڪ بدڪار عورت رُڳو ان نيڪي جي عيوض بخشي ويندي جو ان هڪ اجاري ڪتي کي دنيا ۾ پاڻي پياريو هيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ناراضگيءَ کي گناهن ۾ پوشيده رکڻ جي حڪمت اها ئي آهي تہ ٻانهو ڪنهن گناهہ کي ننڍو تصور ڪري نہ ويهي. بلڪ هر گناهہ کان بچندو ئي رهي. ڇو تہ ٻانهو نہ ٿو ڄاڻي تہ الله تبارڪ و تعالىٰ ڪهڙي گناهہ کان ناراض ٿي ويندو. تنهن ڪري هو هر گناهہ تان پرهيز ئي ڪري. اهڙيءَ ريت اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي ٻانهن ۾ انهيءَ لاءِ پوشيده (ڳجهو) رکيو آهي جو انسان هر نيڪ مسلمان جي رعايت و تعظيم ڪري ۽ سوچي تہ ٿي سگهي ٿو جو "هي" وليُّ الله هجي. ٿي سگهي ٿو "هو" وليُّ الله هجي ۽ ظاهر آهي جڏهن اسين نيڪ ماڻهن جو ادب ۽ تعظيم ڪرڻ سکي وينداسين. بدگماني جي عادت ڪڍي ڇڏينداسين ۽ سڀني مسلمانن کي پنهنجو پاڻ کان سنو تصوُّر ڪرڻ لڳنداسين تہ اسان جو مُعاشرو بہ صحيح ٿي ويندو ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي آخرت بہ سنورجي ويندي.

## حڪمتن جا مدني گل

**امام فخرالدين** رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مشهور تفسير، تفسيرِ ڪبير ۾ فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ **شبِ قدر** کي ڪجهہ سببن جي بنياد تي پوشيده رکيو آهي. **پهريون** هي تہ جهڙيءَ طرح ٻين شين

کي ڳجهو رکيائين، مثال طور الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي **راضپي** کي اطاعتن ۾ پوشيده فرمايو تہ جيئن ٻانها هر اطاعت ۾ رغبت حاصل ڪن. پنهنجي ڏمر کي گناهن ۾ پوشيده فرمايائين تہ جيئن هر گناهہ کان بچندا رهن. پنهنجي **ولي** کي ماڻهن ۾ ڳجهو رکيائين تہ جيئن ماڻهو سڀني جي تعظيم ڪن، **قبوليّتِ دعا** کي دعائن ۾ پوشيده رکيائين جيئن سڀني دعائن ۾ مبالغو(وڌاءُ) ڪن ۽ **اسمِ اعظم** کي اسماء (يعني نالن) ۾ پوشيده رکيائين تہ جيئن سڀني اسماء جي تعظيم ڪن ۽ **صلوٰة وسطیٰ** (وِچين نماز) کي نمازن ۾ پوشيده رکيائين جيئن تمام نمازن تي محافظت ڪن ۽ **توبهہ** جي **قبوليّت** کي پوشيده رکيائين جيئن مڪلف (ٻانهو) توبهہ جي سڀني قسمن تي هميشگي اختيار ڪري ۽ موت جو وقت پوشيده رکيائين جيئن **مڪلف** (ٻانهو) خوف ڪائيندو رهي. اهڙيءَ طرح **شبِ قدر** کي بہ پوشيده رکيو جيئن رمضان جي سڀني راتين جي تعظيم ڪن. ٻيو هي تہ جڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو، ” جيڪڏهن مان شبِ قدر کي مقرر ڪري ڇڏيان ها ۽ هي تہ مان گناهہ تي تنهنجي جرات کي بہ ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن ڪڏهن بہ شهوت توکي هن رات ۾ معصيّت (يعني گناهن) جي ڪناري آڻي ڇڏي ها ۽ تون گناهہ ۾ مبتلا ٿي وڃين ها تہ تنهنجو هن رات کي ڄاڻڻ جي باوجود گناهہ ڪرڻ لاعلمي سان گناهہ ڪرڻ کان وڌيڪ سخت هجي ها. سو انهيءَ سبب جي ڪري مان هن کي پوشيده رکيو. مروي آهي تہ **سرڪار** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ شخص کي سُتل ڏسي اشارو فرمايائون، ” **اي علي** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان کي اٿاريو تہ وضو ڪري.

حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان کي جاڳايو، پوءِ عرض ڪيائين، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ نيڪي جي طرف وڌيڪ سبقت فرمائڻ وارا آهيو. اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ان کي سجاڳ ڇو نہ فرمايو؟ ارشاد فرمايائون: ”ان لاءِ جو ان جو توکي انڪار ڪري ڇڏڻ ڪفر ناهي تنهن ڪري مون ان جي گناهہ تخفيف جي لاءِ ائين ڪيو.“ تہ جڏهن رحمتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي حال آهي تہ هاڻي ان تي رب عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي قياس ڪريو تہ ان جو ڇا عالم هوندو! ڇڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي رهيو آهي، ”جيڪڏهن توهان شبِ قدر کي ڄاڻو ها ۽ ان ۾ عبادت ڪريو ها تہ هزار مهينن کان وڌيڪ ثواب ڪمايو ها ۽ جيڪڏهن ان ۾ گناهہ ڪريو ها هزار مهينن جي سزا ماڻيو ها ۽ سزا جو ٽارڻ ثواب وٺڻ کان اولٰي (يعني بهتر) آهي. ٿيون هي تہ مون هن رات کي پوشيده رکيو تہ جيئن مڪلف (ٻانهو) ان جي طلب ۾ محنت ڪري ۽ ان محنت جو ثواب ڪمائي. چوٿون هي تہ جڏهن ٻانهي کي شبِ قدر جو يقين حاصل نہ ٿيندو تہ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ ڪوشش ڪندو هن اميد تي تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها ئي رات شبِ قدر هجي تہ انهن سان ڳڏ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي بہ تنبيهہ فرمائي ۽ ارشاد فرمايو تہ توهان انهن (انسانن) جي باري ۾ چوندا هيؤ تہ جهيڙا ڪندا ۽ رت وهائيندا. حالانڪ هي انهن جي گمان ڪيل رات ۾محنت ۽ ڪوشش آهي. جيڪڏهن مان انهن کي هن رات جو علم عطا ڪري ڇڏيان ها تہ پوءِ ڪيئن هجن ها...؟ تہ هتي الله عَزَّوَجَلَّ جي ان قول جو راز کليو جيڪو فرشتن جي جواب ۾

ارشاد فرمايو هيو. جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي ارشاد فرمايو ته

اِنِّیۡ جَاعِلٌ فِی الۡاَرۡضِ خَلِیۡفَۃً ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: مان زمين ۾ پنهنجو نائب پيدا ڪرڻ وارو آهيان.

ته فرشتن عرض ڪيو:

قَالُوۡۤا اَتَجۡعَلُ فِیۡہَا مَنۡ یُّفۡسِدُ فِیۡہَا وَ یَسۡفِکُ الدِّمَآءَ ۚ وَ نَحۡنُ نُسَبِّحُ بِحَمۡدِکَ وَ نُقَدِّسُ لَکَ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ڇياٿون ڇا اهڙي کي نائب ڪندين جيڪو ان ۾ فساد پکيڙيندو ۽ خونريزي ڪندو ۽ اسان توکي ساراهيندي تنهنجي تسبيح پڙهون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا. "

ته پوءِ هي ارشاد فرمايو ته:

قَالَ اِنِّیۡۤ اَعۡلَمُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: فرمايو مون کي معلوم آهي جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو."

ته اڄ انهيءَ قول جو راز ڪوليو ويو. (تفسيرِ ڪبير ج11ص229)

## سال ۾ ڪا به رات شبِ قدر ٿي سگهي ٿي

جيئن ته بيشمار مصلحتن جي بنياد تي ليلة القدر کي پوشيده رکيو ويو آهي ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ان جي تلاش ۾ سڄو سال ئي رُڌل رهن. ۽ ائين هر حال ۾ اهي نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪوشان رهن. ان جي تعين (مقرر ٿيڻ) ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه تَعَالٰی جو تمام گهڻو اختلاف ڏنو ويندو آهي. **ڪجھ** بزرگن رَحِمَهُمُ اللّٰه تَعَالٰی جي نزديڪ شبِ قدر پوري سال ۾ ڦرندي رهندي آهي مثلاً حضرت سيّدُنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو فرمان آهي شبِ قدر کي اهو ئي شخص ماڻي سگهي ٿو جيڪو سڄو سال ئي راتين ۾ **متوجهه** رهي. انهيءَ قول جي تائيد ڪندي امام العارفين سيّدُنا شيخ محي الدين ابنِ عربي رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا ته مون شعبان

المعظم جي پندرهين رات (يعني شبِ براءَت) ۾ هڪ پيرو شعبان المعظم جي ئي اٺويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماٺيو آهي ۽ پڻ رمضان المبارڪ جي تيرهين رات ۽ ارڙهين رات ۾ بہ ڏٺو ۽ مختلف سالن ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي هر اڪي رات ۾ ان کي حاصل ڪيو آهي. وڏيڪ فرمائن ٿا تہ جيتوڻيڪ گهڻو ڪري شبِ قدر رمضان شريف ۾ ئي ڏٺي ويندي آهي تنهن هوندي بہ منهنجو تجربو تہ اهو ئي آهي جو هي پورو سال گهمندي رهندي آهي يعني هر سال جي لاءِ ان جي ڪا هڪ ئي رات مخصوص ناهي.

## رحمتِ ڪونين ﷺ جي شيخين سميت جلوه گري

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي اعتڪاف جون خوب بهارون هونديون آهن، دنيا جي مختلف جڳهن تي اسلامي ڀائر مسجدن ۾ ۽ اسلامي ڀينرون ”مسجدِ بيت“ ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا ۽ خوب جلوا ماڻيندا آهن ترغيب جي لاءِ هڪ بهار توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. جيئن تہ تحصيل لياقت پور ضلع رحيم يار خان (پنجاب) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ حلقه قافله ذميدار جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان فلمن جو ايڏو شوقين هوندو هئس جو پنهنجي ڳوٺ جي سي ڊيز جي دڪان جون تقريباً اڌ سي ڊيز ڏسي چُڪو هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي طلباني ڳوٺ جي **مدني مسجد** ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (1422هه، 2001ء) جي اعتڪاف جي سعادت نصيب ٿي وئي. دعوتِ اسلامي جي **عاشقان رسول** جي صحبت جي برڪتن جو ڇا چئجي! 27 رمضان المبارڪ جو اڻ وسرندڙ ايمان افروز واقعو

تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو: سڄي رات سجاڳ رهي ڪري مون خوب روئي روئي **سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ديدار جي خيرات گهري. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صبح ٿيندي ئي مون تي خصوصي بابِ ڪرم کلي ويو، مون غنودگي جي عالم ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن مسجد جي اندر موجود ڏٺو، ايتري ۾ ڪنهن اعلان ڪيو: "**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تشريف کڻي ايندا ۽ نماز جي امامت فرمائيندا.**" ڪجهه ئي دير ۾ رحمتِ ڪونين، سلطانِ دارين، ناناءِ حسنين اسان ڏکايل دلين جي چين ۽ شيخين ڪريمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن سميت جلوه نما ٿي ويا ۽ منهنجي اک کلي وئي. رُڳو هڪ جهلڪ نظر ايندي ئي اهو **حسين جلوو** نگاهن کان غائب ٿي ويو، ان تي دل هڪ دم پرجي آئي ۽ نيڻن منجهان نير جاري ٿي ويا. ايتري تائين جو روئندي روئندي آءُ سڏڪن ۾ پئجي ويس اي ڪاش!

اتنی دیر تک ہو دیدِ مُصحف عارِض نصیب
حفظ کرلوں ناظرہ پڑھ پڑھ کے قرآنِ جمال

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان کان پوءِ منهنجي دل ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي محبت ويتر وڌي وئي بلڪ مان **دعوتِ اسلامي** جو ئي ٿي ڪري رهجي ويس. گهر مان ترڪيب ٺاهي ڪري مون بابُ المدينه ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ **درسِ نظامي** ڪرڻ جي لاءِ جامعة المدينه ۾ داخلا ورتي. هي بيان ڏيڻ وقت درجهِ اوليٰ ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي طور تي هڪ ذيلي حلقي جي **قافله ذميدار** جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي

مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

جلوه یار کی آرزو ہے اگر، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
میٹھے آقا کریں گے کرم کی نظر، مَدَنی ماحول میں کر لو تُم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## امام اعظم رحمۃ اللہ علیہ جا ٻه فرمان

حضرتِ سَيِّدُنا امامِ اعظم ابو حنيفه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان انهيءَ جي باري ۾ ٻه قول منقول آهن.

(1) ليلة القدر رمضان المبارڪ ۾ ئي آهي پر ڪا رات مقرر ناهي. جڏهن ته سيّدُنا امام ابو يوسف ۽ سيّدُنا **امام محمد** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا جي ويجهو رمضان جي **آخري پندرنهن** راتين ۾ ليلةالقدر هوندي آهي.

(2) سيّدُنا امامِ اعظم **ابوحنيفه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ مشهور قول هي آهي ته ليلة القدر پورو سال گهمندي رهندي آهي ڪڏهن ماهِ رمضان المبارڪ ۾ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ٻين مهينن ۾. اهو ئي قول حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس، حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ مسعود ۽ سيّدُنا عڪرمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن کان ٻه منقول آهي.

(عمدة القاري ج 8 ص 253 حديث 2015)

**سيّدُنا امام شافعي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ويجهو شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ آهي ۽ ان جو ڏينهن مقرر آهي ان ۾ قيامت تائين تبديلي نه ٿيندي. (عمدة القاري ج 8 ص 253 حديث 2015)

## شبِ قدر بدلجندي رهندي آهي

سيّدُنا امام مالك رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ويجهو شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ هوندي آهي پر ان جي لاءِ ڪا رات مخصوص ناهي. هر سال انهن اڪي راتين ۾ گهمندي رهندي آهي. يعني ڪڏهن ايڪويهين رات ليلة القدر ٿي ويندي آهي تہ ڪڏهن ٽيويهين، ڪڏهن پڃويهين، تہ ڪڏهن ستاويهين ۽ ڪڏهن ڪڏهن اٺتيهين رات بہ شبِ قدر ٿي ويندي آهي.

(تفسيرِ صاوي ج 6 ص 2400)

## ابوالحسن عراقي رحمۃ اللہ علیہ ۽ شبِ قدر

ڪجھ بزرگن حضرتِ سيّدُنا شيخ ابوالحسن عراقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ارشاد نقل ڪيو آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، مان جڏهن کان بالغ ٿيو آهيان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ائين نہ ٿيو جو مون شبِ قدر کي نہ ماڻيو هجي. پوءِ پنهنجو تجربو ارشاد فرمائن ٿا، ”جڏهن بہ آچر يا اربع جو پهريون روزو ٿيو تہ اٺتيهين رات، جيڪڏهن سومر جو پهريون روزو ٿيو تہ ايڪويهين رات، جيڪڏهن پهريون روزو اڱاري يا جمعي جو ٿيو تہ ستاويهين رات جيڪڏهن پهريون روزو خميس جو ٿيو تہ پنجويهين رات ۽ جيڪڏهن پهريون روزو ڇنڇر جو ٿيو تہ مون ٽيويهين رات ۾ شبِ قدر کي ماڻيو. (نزهة المجالس ج 1 ص 223)

## ستاويهين رات شبِ قدر

جيتوڻيڪ بزرگانِ دين ۽ مفسرين و محدثين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِيْن جو شبِ قدر جي تَعيُّن ۾ اختلاف آهي بهرحال اڪثريت جي راءِ اها

ئي آهي تہ هر سال **شبِ قدر** ماهِ رمضان المبارڪ جي **ستاويهين** **رات** جو ئي ٿيندي آهي.

**حضرتِ** سيّدُنا اُبَيّ بْنِ ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ رمضان جي **ستاويهين** **رات** کي ئي شبِ قدر چون ٿا. (تفسير صاوي ج 6 ص 2400)

**حضورِ غوثِ اعظم** سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي بہ انهيءَ جا قائل آهن حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا بہ اهو ئي فرمائن ٿا.

**حضرتِ** سيّدُنا شاهہ عبدالعزيز مُحَدِّث دِهلوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ **شبِ قدر** رمضان شريف جي **ستاويهين رات** جو ئي ٿيندي آهي. پنهنجي بيان جي تائيد جي لاءِ انهن بہ دليل بيان فرمايا آهن، پهريون هي تہ ”ليلة القدر“ جو لفظ نَوَن اکرن تي مشتمل آهي ۽ هي ڪلمو **سورةُ القدر** ۾ ٽي ڀيرا استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٽن کي نَوَن سان ضرب ڏيڻ تي حاصل ضرب ”ستاويهہ“ اچي ٿو. جيڪو هن ڳالهہ جي طرف اشارو ڪري ٿو تہ شبِ قدر **ستاويهين** تي ٿيندي آهي. ٻيو دليل هي پيش ڪن ٿا تہ هن سورهءِ مبارڪ ۾ ٽيهہ ڪلمات (يعني ٽيهہ لفظ) آهن. **ستاويهو ڪلمو** ”هِیَ“ آهي جنهن جو مرڪز **ليلة القدر** آهي. ڄڻ الله تبارڪ وتعالیٰ جي طرف کان نيڪ ماڻهن جي لاءِ هي اشارو آهي تہ رمضان شريف جي **ستاويهين** جو **شبِ قدر** ٿيندي آهي. (تفسير عزيزي ج 4 ص 437)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله** عَزَّوَجَلَّ **شبِ قدر** کي پوشيده رکي ڪري ڄڻ پنهنجي ٻانهن کي رات ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ عبادت ڪرڻ جي

ترغيب عطا فرمائي آهي جيڪڏهن هُو شبِ قدر جي لاءِ ڪنهن هڪ رات کي مخصوص فرمائي ظاهري طور تي ان جو علم اسان کي عطا فرمائي ڇڏي ها ته پوءِ هن ڳالهه جو امڪان هيو ته اسان سال جي ٻين راتين جي مُعاملي ۾ غافل ٿي وڃون ها. رُڳو انهيءَ هڪ رات جو اهتمام ڪريون ها. هاڻي جيئن ته ان کي مخفي (يعني ڳجهو) رکيو ويو آهي. ان لاءِ عقلمند اهو ئي آهي جيڪو سڄو سال هن عظيم الشّان رات جي جستجو ۾ رهي جو خبر ناهي ڪهڙي رات شبِ قدر ٿئي. واقعي جيڪڏهن ڪو سچيءَ دل سان ان کي سڄو سال تلاش ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي محنت کي ضايع ناهي فرمائيندو. اهو ضرور پنهنجي فضل و ڪرم سان ان کي هن رات جي سعادت عطا فرمائيندو.

## هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

"غرائب القرآن" جي ص 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ هيءَ دعا ٽي ڀيرا پڙهي وٺندو، ته ان جڻ شبِ قدر کي ماڻي ورتو. تنهن ڪري هر رات هن دعا کي پڙهي ڇڏڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ،سُبحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم يعني: خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.

**رضاءِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ جا خواهشمندؤ! ٿي سگهي ته سڄو سال ئي هر رات ۾ خاص اهتمام سان ڪجهه نه ڪجهه نيڪ عمل ضرور ڪري

ڇڏڻ گهرجي، جو نہ ڄاڻ ڪڏهن شبِ قدر ٿي وڃي. هر رات ۾ بہ فرض نمازون اينديون آهن. ٻين نمازن سان گڏوگڏ سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي نمازن جي جماعت جو بہ خوب اهتمام ڪرڻ گهرجي، جو جيڪڏهن شبِ قدر ۾ انهن جي جماعت نصيب ٿي وئي تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻيڙو ئي پار آهي. بلڪ اهڙيءَ طرح پنجن نمازن سان گڏوگڏ روزانو عشاء ۽ فجر جي جماعت جي بہ خصوصيّت سان عادت بڻائي ڇڏيو. مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:" جنهن عشاء جي نماز باجماعت پڙهي. ان ڄڻ اڌ رات قيام ڪيو ۽ جنهن فجر جي نماز باجماعت ادا ڪئي ان ڄڻ پوري رات قيام ڪيو." (صحيح مسلم ص 329حديث 656)

امام جلال الدين سُيوطي شافِعي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان نقل ڪن ٿا،"جنهن عشاءَ جي نماز باجماعت پڙهي تحقيق ان ليلة القدر مان پنهنجو حصو حاصل ڪري ورتو." (الجامع الصغير ص 532 حديث 8796)

## ستاويهين رات جو قدر ڪريو

اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي تلاش ڪرڻ وارؤ! جيڪڏهن سڄو سال اها ئي جماعت جي عادت رهي تہ شبِ قدر ۾ بہ انهن ٻنهي نمازن جي جماعت اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ نصيب ٿي ويندي ۽ سڄي رات سُتل رهڻ جي باوجود بہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ روزانو جيان شبِ قدر ۾ بہ سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملي ويندو.

اگر قدر دانی تو ہر شب، شبِ قدر است

**جن** راتين ۾ **شبِ قدر** هجڻ جو وڌيڪ امڪان آهي مثلاً رمضان المبارڪ جو آخري ڏهاڪو يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي **اڪي راتين** ۾ تہ عبادت جو خاص اهتمام ٿيڻ گهرجي ۽ خاص ڪري **ستاويهين رات** جو ان رات جي باري ۾ گهڻو گمان **شبِ قدر** هجڻ جو آهي. هن رات کي تہ غفلت ۾ گذارڻ ئي نہ گهرجي. **ستاويهين رات** تہ خاص طور تي توبهہ و استغفار ۽ ذڪر و درود جي ورد ۾ گذارڻ گهرجي.

## شبِ قدر ۾ پڙهو

**امير المؤمنين** حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خُدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا، جيڪو بہ **شبِ قدر** ۾ **سورةُ الْقدر ست ڀيرا** پڙهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي هر مصيبت کان محفوظ فرمائي ڇڏي ٿو ۽ **ستر هزار فرشتا** ان جي لاءِ جنّت جي دعا ڪندا آهن ۽ جيڪو (سڄي سال ۾ جڏهن بہ) **جمعي** جي ڏينهن نمازِ جمعه کان پهريان **ٽي ڀيرا** پڙهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان ڏينهن جي تمام نماز پڙهڻ وارن جي تعداد جي برابر نيڪيون لکندو آهي.“ (نزهة المجالس ج 1 ص 223)

## شبِ قدر جي دعا

**اُمُّ الْمُؤمِنين** حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون مون پنهنجي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ عرض ڪيو، ” يا رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مون کي **شبِ قدر** جو علم ٿي وڃي تہ ڇا پڙهان؟“ سرڪارِ ابدقرار، شفيع روز شمار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”هن طرح دعا

گهرو: اَللّٰھُمَّ اِنَّکَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّی يعني: اي الله عَزَّوَجَلَّ بيشڪ تون مُعاف فرمائڻ وارو آهين ۽ مُعافي ڏيڻ کي پسند به ڪندو آهين تنهن ڪري مون کي به مُعاف فرماءِ. (جامع ترمذي ج 5 ص 306 حديث 3524)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪاش! روزانو رات جو اسين هن دعا کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ئي پڙهي ڇڏيندا ڪريون جو ڪڏهن ته **شبِ قدر** نصيب ٿي ويندي. نه ته گهٽ ۾ گهٽ ستاويهين رات ته هن دعا کي هرهر پڙهڻ گهرجي. ان ڪان علاوه به **ستاويهين رات** جو **الله**عَزَّوَجَلَّ توفيق ڏئي ته شبِ بيداري ڪري درود ۽ سلام جي ڪثرت ڪريو. **اجتماع ذڪر و نعت** مُيَسَّر ٿئي ته ان ۾ به شرڪت فرمايو ۽ نوافل ۾ وقت گذارڻ جي ڪوشش ڪريو.

## شبِ قدر جا نوافل

**حضرتِ سيّدُنا اسماعيل حقي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه "تفسيرِ روح البيان" ۾ هي روايت نقل ڪن ٿا، جيڪو **شبِ قدر** ۾ سچي نيّت سان نوافل پڙهندو. ان جا اڳيان پويان گناهه مُعاف ٿي ويندا. (روح البيان ج 10 ص 480)

**سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن رمضان المبارڪ جا آخري ڏهه ڏينهن ايندا هئا ته عبادت لاءِ تيار ٿي ويندا هئا انهن ۾راتين جو جاڳندا هئا ۽ پنهنجي اهل (يعني گهرياتين) کي جاڳائيندا هئا.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 357 حديث 1768)

**حضرتِ سيّدُنا اسماعيل حقي** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل ڪن ٿا ته **بزرگانِ دين** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين هن ڏهاڪي جي هر رات ۾ به رڪعتون نفل **شبِ قدر** جي نيّت سان پڙهندا هئا ۽ پڻ ڪجهه اڪابر ڪان منقول آهي ته جيڪو **هر رات ڏهه آيتون** ان نِيَّت سان پڙهي وٺي ته ان جي برڪت

۽ ثواب کان محروم نہ ٿيندو ۽ **فقيه ابوالليث سمرقندي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، **شبِ قدر** جي گهٽ ۾ گهٽ نماز ٻہ رڪعتون آهي ۽ وڌ کان وڌ **هزار رڪعتون** (نوافل) ۽ وچيون درجو ٻہ سؤ **رڪعتون** آهن ۽ هر رڪعت ۾ اوسط قِراءَت هي آهي تہ سورهٔ فاتحه کان پوءِ هڪ ڀيرو سورهٔ قدر ۽ ٽي ڀيرا سورهٔ اخلاص پڙهي ۽ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ سلام ڦيري ۽ سلام کانپوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪلي ۽ پوءِ نماز جي لاءِ اٿي بيهي ايتري تائين جو پنهنجي ٻہ سؤ رڪعتن جو يا ان کان گهٽ يا ان کان وڌيڪ جو جيڪو ارادو ڪيو هئائين پورو ڪري تہ ائين ڪرڻ هن شبِ قدر جي جلالتِ قدر جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ بيان فرمائي ۽ جيڪو سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جي قيام جي مُتعَلّق ارشاد فرمايو آهي ان جي لاءِ هن کي ڪفايت ڪندو. (روح البيان ج 10 ص 483)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيني طور تي هيءَ رات برڪتن جو سرچشمو آهي جيئن تہ حضورِ انور، شافع محشر، مديني جي تاجوَر، باذنِ ربِ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان تي هڪ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات اهڙي آهي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. جيڪو هن رات کان محروم رهجي ويو اهو مڪمل ڀلائيءَ کان محروم رهجي ويو ۽ **شبِ قدر** جي ڀلائي کان محروم ناهي رهندو پر اصلي محروم. (مشڪوٰة ج1 ص 372 حديث 1964)

**اهڙي** رحمتن ۽ برڪتن واري رات کي ضايع ڪرڻ وڏي محروم هجڻ جو دليل آهي. تنهن ڪري سيني کي گهرجي تہ شبِ

قدر جي پوري رمضان المبارڪ ۾ تلاش ڪن نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ستاويهين رات جو تہ ضرور عبادتن ۾ گذارين.

**اي اسان جا پيارا پيارا الله** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي پياري حبيب** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گناهگارن کي ليلة القدر جي برڪتن سان مالا مال ڪري ۽ وڌ کان وڌ پنهنجي عبادت جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

لَيْلَةُ الْقَدْر میں مَطْلَعِ الْفَجْرِ حق
مانگ کی استِقامت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش)

## سجاڳيءَ ۾ ديدار ٿي ويو.....ڪنهن جو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن و سنّت جي عالگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريي سفر کي معمول بڻايو. اِن شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ شبِ قدر ماڻڻ جو جذبو نصيب ٿيندو. ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشبودار بهار توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو: جيئن تہ نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي، مون ڀهريون پيرو 12 **ڏينهن جي مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، نوابشاه (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ مسجد ۾ اسان جو مدني قافلو ترسيل هو. نيڪين جي طرف رغبت گهٽ هئڻ جي سبب دل ويڳاڻي هئي. هڪ ڏينهن مسجد جي اڱڻ ۾ جدوَل جي مطابق **سنّتن ڀريو حلقو** قائم هو تہ اس اچي ويئي. هڪ اسلامي ڀاءُ اٿي ڪري مسجد جي اندرئين حصي ۾ هليو ويو. ڪجهہ ئي دير پوءِ

مسجد جي اندرئين حصي مان هڪ صدا بلند ٿي. سڀ ان طرف متوجهه ٿيا. ايتري ۾ اهو ئي اسلامي ڀاءُ روئندي ٻاهر نڪتو ۽ چوڻ لڳو هاڻي هاڻي سجاڳيءَ جي حالت ۾ مون کي سبز سبز عمامو سجايل، روشن چهري وارا هڪ بزرگ نظر آيا جيڪي ڪجهه هن طرح فرمائي رهيا هئا، **"اڳڻ جي اس ۾ سنّتون سکڻ وارا گهڻو ثواب ڪمائي رهيا آهن."** اهو ٻُڌي ڪري تمام شرڪاءِ مدني قافله روئڻهارڪا ٿي ويا ۽ آءُ به تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون دل ئي دل ۾ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو ته هاڻي ڪڏهن به **دعوتِ اسلامي** جو **مدني ماحول** نه ڇڏيندس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي ته **مدني قافلن** ۾ سفر جي عادت منهنجي فطرتِ ثانيه بڻجي چُڪي آهي. هڪ ڀيري اسان جو مدني قافلو ميرپور خاص (بابُ الاسلام سنڌ) ۾ ترسيل هو. **هڪ** عاشقِ رسول ٻُڌايو ته تهجد جي وقت مون ڏٺو ته سمورن قافلي وارن تي نُور جي برسات ٿي رهي آهي ان سان ويتر جذبو وڌيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت مون کي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن مان **مدني انعامات** جي علائقائي ذميداري مليل آهي.

## اڏاس ۾ نه ويهو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي وارن تي ڇا خوب ڪرم جون برساتون ٿين ٿيون شايد اها موسم سخت گرمين جي نه هوندي ۽ صبح جي ٿڌي ٿڌي اس ۾ ديوانا سنّتون سکڻ ۾ مشغول هوندا ۽ انهن جي حوصله افزائي جي ترڪيب بڻي هوندي نه ته بنا سبب جي سخت اس ۾ سنّتون سکڻ جو حلقو لڳائڻ مناسب

ناهي چو تہ ان سان مڪمل ڏيان حاصل ناهي ٿيندو ۽ سگهڻ ۾ بہ غلط فهمين جو امڪان رهندو. تحصيلِ علمِ دين جي لاءِ پُرسُڪون ماحول هئڻ گهرجي جسم جي ڪجهہ حصي تي اس اچي رهي هجي تہ سنّت هي آهي تہ اتان ڪان اٿي وڃجي. يعني يا تہ مڪمل ڇانوَ ۾ رهي يا وري مڪمل اس ۾. جيئن حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفقت نشان آهي: ”جڏهن ڪو شخص ڇانوَ ۾ هجي ۽ ڇانوَ گهٽجي ويئي، ڪجهہ ڇانوَ ۾ تي ويو ڪجهہ اُس ۾ تہ اتان اٿي وڃجي. (سنَن ابي داود ج 4 ص 338 حديث 4821)

اوليا کا کرم، خوب لوٹیں گے ہم آؤ مل کر چلیں، قافِلے میں چلو

دھوپ میں چھاؤں میں، جاؤں میں آؤں میں سب یہ نیّت کریں، قافِلے میں چلو

ہوتی ہیں سب سنیں نور کی بارشیں

سب نہانے چلیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنت ۾ بہ علماءَ جي حاجت هوندي

مديني جي سلطان، رحمتِ عاليان، سَروَرِ ذيشان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرنُور آهي: ”جنتي جنت ۾ علماءِ ڪرام جا محتاج هوندا، ان لاءِ جو اهي هر جمعي جو الله تعاليٰ جي ديدار تان مشرف ٿيندا. الله تعالی فرمائيندو: تَمَنَّوْا عَلَيَّ مَا شِئْتُمْ يعني ”مون ڪان گهرو، جيڪو چاهيو.“ اهي جنّتي علماءِ ڪرام جي طرف متوجهہ ٿيندا تہ پنهنجي ربّ ڪريم ڪان ڇا گهرون؟ اهي فرمائيندا، هي گهرو، هو گهرو، جيئن اهي ماڻهو دنيا ۾ علماءِ ڪرام جا محتاج هئا، جنّت ۾ بہ انهن جا محتاج ٿيندا.“ (الفردوس بما ثور الخطاب ج 1، ص 230 حديث 880 ، الجامع الصغير للسيوطي ص 135 حديث: 2235)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فيضانِ اعتڪاف

## دُرود شريف جي فضيلت

**حضرتِ سيّدُنا ابودرداء** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته **شفيعُ المُذنِبين رحمةٌ لّلعٰلمين** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد دلنشين آهي:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

ترجمو: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام جو درود پاڪ پڙهيو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻيندو.

(مجمع الزوائد ج 10 ص 163 حديث17022)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان المبارڪ جي برڪتن جو ڇا چئجي! هونئن ته ان جي هر هر گهڙي رحمت ڀري ۽ هرهر ساعت پنهنجي اندر بيشمار برڪتون رکيون آهن. پر ان ماهِ محترم ۾ شبِ قدر سڀ کان وڌيڪ اهميت جي حامل آهي. ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ جو پورو مهينو به اعتڪاف فرمايو آهي ۽ آخري ڏهن ڏينهن جو تمام گهڻو اهتمام هو. ايتري تائين جو هڪ ڀيري ڪنهن خاص عذر جي تحت "پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ ۾

**اعتڪاف** نہ ڪري سگھيا تہ **شوال المڪرم** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** فرمايائون.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 671حديث 2031)

”هڪ پيري سفر جي ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو **اعتڪاف** رهجي ويو تہ اڳئين رمضان شريف ۾ ويهن ڏينهن جو **اعتڪاف** فرمايائون.“ (جامع ترمذي ج 2 ص 212 حديث 803)

## اعتڪاف پراڻي عبادت آهي

پوئين اُمّتن ۾ بہ **اعتڪاف** جي عبادت موجود هئي. جيئن تہ پهرين سيپاري جي سورة البقره جي آيت نمبر125 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل (عَلَيْهِمَا السَّلَام) کي تاڪيد ڪيو تہ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدو ڪرڻ وارن لاءِ چڱيءَ طرح پاڪ ڪريو.

## مسجدن کي صاف ڪرڻ جو حڪم آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نماز ۽ اعتڪاف جي لاءِ ڪعبهءِ مشرفه جي پاڪيزگي ۽ صفائيءَ جو پاڻ ربّ ڪعبه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان فرمان جاري ڪيو ويو آهي. **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ مسجدن کي پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، اتي گندگي ۽ بدبودار شيءِ نہ آندي وڃي هي سنّتِ انبياء آهي. هي بہ معلوم ٿيو تہ اعتڪاف عبادت آهي ۽ پوئين امتن جي نمازن ۾ رڪوع ۽ سجدا ٻئي هئا هي بہ معلوم

ٽيو تہ مسجدن جو متولي هئڻ گهرجي، ۽ متولي صالح (پرهيزگار) انسان هئڻ گهرجي. وڌيڪ فرمائن ٿا: طواف، نماز ۽ اعتڪاف گهٽيون پُراڻيون عبادتون آهن جيڪي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ بہ هيون.

(نور العرفان ص29)

## ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف

ان ڪان پوءِ الله جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هيءُ معمول ٿي ويو تہ هر رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا ۽ انهيءَ سنّتِ ڪريمه کي زنده رکندي امهات المؤمنين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنّ بہ **اعتڪاف** فرمائينديون رهيون. جيئن تہ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (يعني آخري ڏهن ڏينهن) جو اعتڪاف فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ کين وفاتِ (ظاهري) عطا فرمائي پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پوءِ سندن ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنّ **اعتڪاف** ڪنديون رهيون.

(صحيح بخاري ج1 ص664 حديث 2026)

## عاشقن جي ڏينهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هونئن تہ اعتڪاف جا بيشمار فضائل آهن پر عاشقن جي لاءِ تہ ايتري ئي ڳالهہ ڪافي آهي جو آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف سنّت آهي. هي تصوُّر ئي ذوق وڌائيندڙ آهي تہ اسان پياري سرڪار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ پياري سنّت ادا ڪري رهيا آهيون.

**عاشقن جي تہ ڏن اها ئي هوندي آهي تہ فلاڻو فلاڻو ڪم اسان جي** پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيو آهي بس ان لاءِ اسان کي بہ ڪرڻو آهي. پر عمل ڪرڻ جي لاءِ هي ضروري آهي تہ اسان جي لاءِ ڪا شرعي مُمانعت نہ هجي مثال طور اعتڪاف ۾ کٽ رکڻ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي پر اسان نہ ٿا رکي سگهون ڇو تہ نماز جي لاءِ جڳهہ جي تنگي بہ ٿيندي ۽ مسلمانن جي لاءِ فڪر جو باعث بہ.

## ڏاچيءَ سان ڦيرا لڳائڻ جي حڪمت

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا تمام وڏا **مُتبع سنّت** هئا. انهن کي جڏهن بہ ڪا **سنّت** معلوم ٿي ويندي هئي تہ ان جي ادائيگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي سُستيءَ جو مظاهرو نہ فرمائيندا هئا. جيئن تہ ”هڪ ڀيري ڪنهن جاءِ تي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڏاچيءَ سان ڦيرا لڳائي رهيا هئا، هي ڏسي ڪري ماڻهن کي تعجب ٿيو. پُڇڻ تي ارشاد فرمايائون: هڪ ڀيري مون مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هتي اهڙيءَ ريت ڪندي ڏٺو هو، تنهن ڪري اڄ مان انهيءَ جاءِ تي انهيءَ **اداءِ مصطفٰی** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ادا ڪري رهيو آهيان.“ (الشفاء ج2 ص 30)

بتاتا ہوں تم کو میں کیا کر رہا ہوں  میں پھیرے جو ناقے کو لگوا رہا ہوں
مجھے شاد مانی اسی بات کی ہے  میں سنّت کا ان کی مزا پا رہا ہوں

## هڪ ڀيرو تہ اعتڪاف ڪري ئي وٺو!

**آقا** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت جا ديوانؤ! ٿي سگهي تہ هر سال نہ تہ زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو تہ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو **اعتڪاف** ڪري ئي ڇڏڻ

گهرجي ۽ هونئن بہ مسجد ۾ پيو رهڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ معتڪف جي تہ چا ڳالهہ آهي جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تمام مشغلن کان فارغ ڪري مسجد ۾ ديرو ڄمائيندو آهي. فتاوىٰ عالمگيري ۾ آهي،"**اعتڪاف** جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن ڇو تہ ان ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا جي انهن تمام مشغلن کان ڪناره ڪش ٿي ويندو آهي، جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قرب جي راهہ ۾ رڪاوٽ هوندا آهن ۽ معتڪف جو سمورو وقت حقيقت ۾ يا قاعدي موجب نماز ۾ گذرندو آهي. (ڇو تہ نماز جو انتظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکندو آهي) ۽ اعتڪاف جو اصلي مقصد جماعت سان نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽ معتڪف انهن (فرشتن) سان مشابهت رکندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجهہ کين حڪم ملندو آهي ان کي پورو ڪندا آهن، ۽ انهن سان مشابهت رکندو آهي جيڪي رات ۽ ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (يعني پاڪائي) بيان ڪندا رهندا آهن ۽ ان کان ڪيٻائيندا ناهن."

(فتاوىٰ عالمگيري ج 1 ص 212)

## هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي فضيلت

**جيڪو** رمضان المبارڪ کان سواءِ بہ رُڳو **هڪ ڏينهن** مسجد جي اندر اخلاص سان **اعتڪاف** ڪري ان جي لاءِ بہ زبردست ثواب جي بشارت آهي. جيئن تہ **اعتڪاف** جي ترغيب

ڏياريندي، سرڪارِنامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خوشنوديءَ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو **اعتڪاف** ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ ٽي خندقون (کاهيون) رڪاوٽ بڻائي ڇڏيندو، جن جو مفاصلو اوڀر ۽ اولهه جي مفاصلي کان به وڌيڪ هوندو.“ (الدر المنثور ج1 ص 486)

## اڳين گناهن جي بخشش

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي ته سرڪارِ ابد قرار، شفيع روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي:

مَنِ اعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَلَهٗ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ

(جامع صغير ص 516 الحديث 8480)

ترجمو: ”جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا تمام پويان گناهه بخشيا ويندا.“

## آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعتڪاف واري جاءِ

حضرتِ سيّدُنا نافع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا ته حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سَرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماهِ رمضان جي **آخري ڏهاڪي** جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا. حضرتِ سيّدُنا نافع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا مون کي مسجد ۾ اها جڳهه ڏيکاري جتي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعتڪاف فرمائيندا هئا.

(صحيح مسلم ص 597 حديث 1171)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسجد نبوي الشريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ جنهن جاءِ تي اسان جا مٺا مٺا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اعتڪاف جي لاءِ ڪجهي شريف جي ڪانيءَ مان نهيل مبارڪ ڪٽ رکندا هئا. اتي يادگار جي طور هڪ مبارڪ ٿنيو”**اسطوانة السرير**“ نالي اڄ بہ قائم آهي. خوش نصيب عاشق ان جي زيارت ڪندا آهن ۽ برڪت ماڻڻ جي لاءِ اتي نوافل ادا ڪندا آهن.

**سڄي مهيني جو اعتڪاف**

**اسان جا پيارا پيارا ۽ رحمت وارا آقا،** مٺا مٺا مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا ۽ خاص طور تي رمضان شريف ۾ عبادت جو خوب اهتمام فرمائيندا هئا. جيئن تہ **ماهِ رمضان** ۾ ئي **شبِ قدر** کي بہ پوشيده رکيو ويو آهي. تنهن ڪري هن مبارڪ رات جي ڳولا ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو **پوري ماهِ مبارڪ جو اعتڪاف** فرمايائون. جيئن تہ **حضرتِ** سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي هڪ ڀيري سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پهرين رمضان کان ويهين رمضان تائين **اعتڪاف** ڪرڻ ڪانپوءِ ارشاد فرمايو: مون شبِ قدر جي ڳولا جي لاءِ رمضان جي پهرئين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو، پوءِ مون کي ٻُڌايو ويو تہ شبِ قدر آخري ڏهاڪي ۾ آهي تنهن ڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري وٺي .“ (صحيح مسلم ص594 حديث 1167)

**ترڪي خيمي ۾ اعتڪاف**

**حضرتِ** سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، ”سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ **ترڪي خيمي** جي اندر رمضان المبارڪ جي پهرين ڏهاڪي جو اعتڪاف

فرمايو، پوءِ وچين ڏهاڪي جو، پوءِ مٿو مبارڪ ٻاهر ڪڍي فرمايائون،”مون پهرين **ڏهاڪي جو اعتڪاف** شبِ قدر جي ڳولا ڪرڻ لاءِ ڪيو، پوءِ انهيءَ مقصد جي تحت **ٻئي ڏهاڪي جو اعتڪاف** بہ ڪيو پوءِ مون کي الله تعالیٰ جي طرف کان هيءَ خبر ڏني ويئي تہ شبِ قدر **آخري ڏهاڪي** ۾ آهي. تنهن ڪري جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪري. ان لاءِ تہ مون کي پهريان شبِ قدر ڏيکاري وئي هئي پوءِ ان کي وساريو ويو ۽ هاڻي مون اهو ڏٺو آهي تہ مان **شبِ قدر** جي صبح جو آلي مٽيءَ ۾ سجدو ڪري رهيو آهيان. تنهنڪري هاڻي توهان شبِ قدر کي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ تلاش ڪريو. حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ان رات برسات ٿي ۽ مسجد شريف جي ڇِتِ وهڻ لڳي. جيئن تہ ايڪويهين رمضان المبارڪ جي صبح جو منهنجي اکين مٺي مٺي آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان حالت ۾ ڏٺو جو پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني مبارڪ تي پاڻي واري آلي مٽيءَ جو نشانِ عالي شان هو.

**(مشڪوٰة شريف ج1 ص 392 حديث 2086)**

## اعتڪاف جو عظيم مقصد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ جيڪڏهن هر سال نہ سهي گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو هن اداءِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ادا ڪندي پوري ماهِ رمضان المبارڪ جو اعتڪاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. رمضان المبارڪ ۾ اعتڪاف ڪرڻ جو سڀ کان وڏو

مقصد شبِ قدر جي ڳولا آهي ۽ راجح (يعني غالب) اهو ئي آهي تہ شبِ قدر رمضان المبارڪ جي آخري ڏهن ڏينهن جي اِڪي راتين ۾ هوندي آهي. هن حديثِ مبارڪ مان هي بہ معلوم ٿيو تہ ان پيري شبِ قدر ايڪيويهين رات هئي پر هي فرمائڻ تہ آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين ۾ ان کي تلاش ڪريو.“ هن ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ شبِ قدر هر سال بدلجندي رهي ٿي. يعني ڪڏهن ايڪويهين، ڪڏهن ٽيويهين، ڪڏهن پنجويهين، ڪڏهن ستاويهين تہ ڪڏهن اٹڻيهين رات. مسلمانن کي شبِ قدر جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي ترغيب ڏياري ويئي آهي ڇو تہ معتڪف ڏهہ ڏينهن مسجد ۾ ئي پيو رهندو آهي ۽ انهن ڏهن ڏينهن ۾ ڪا هڪ رات شبِ قدر هوندي آهي. تنهن ڪري اهو هيءَ رات مسجد ۾ گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. هڪ ٻيو نُڪتو هن حديثِ پاڪ مان هي بہ معلوم ٿيو تہ رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٽيءَ تي سجدو فرمايو. تڏهن تہ مٽيءَ جا خوشنصيب ذرا سَروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني پيشانيءَ سان بي تابيءَ وچان چنبڙي پيا هئا.

## بغير رڪاوٽ جي زمين تي سجدو ڪرڻ مستحب آهي

اللّٰه اڪبر عَزَّوَجَلَّ! اسان جا سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترقدر سادگي پسند آهن، يقينًا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حضور سجدي ۾ پنهنجي پيشاني خاڪ تي رکڻ ۽ پيشاني مبارڪ تي خاڪِ پاڪ جي ذرن جو چنبڙي پوڻ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام وڏي عاجزي آهي. فقهاءِ

ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى فرمائن ٿا: زمين تي بنا حائل (يعني مصلو، ڪپڙو وغيره نه هجي ائين ئي) سجدو ڪرڻ مستحب آهي. (مراقي الفلاح حصو 3 ص 85) " مڪاشفة القلوب " ۾ آهي، "حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ رُڳو مٽيءَ تي ئي سجدو ڪندا هئا." مڪاشفة القلوب ص181)

## ٻه حج ۽ ٻن عمرن جو ثواب

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي ته محمدِ مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشنما آهي:

مَنِ اعْتَكَفَ فِيْ رَمَضَانَ كَانَ كَحَجَّتَيْنِ وَعُمْرَتَيْنِ.

ترجمو: "جنهن رمضان المبارڪ ۾ (ڏهن ڏينهن جو) اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جيئن ٻه حج ۽ ٻه عمرا ڪيا."

(شعب الايمان ج2 ص 425 حديث 2966)

## گناهن کان تحفظ

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سلطانِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ تحفظ نشان آهي:

هُوَ يَعْكِفُ الذُّنُوْبَ يُجْرٰى لَهٗ مِنَ الْحَسَنَاتِ كَعَامِلِ الْحَسَنَاتِ كُلِّهَا.

ترجمو: "اعتڪاف ڪرڻ وارو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان جي لاءِ تمام نيڪيون لکيون وينديون آهن جيئن ان جي ڪرڻ واري جي لاءِ هونديون آهن."

(ابن ماجه ج 2 ص 365 حديث 1781)

## بغير ڪجهه ڪرڻ جي نيڪين جو ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعتڪاف جو هڪ تمام وڏو فائدو هي به آهي جو جيترا ڏينهن مسلمان اعتڪاف ۾ رهندو گناهن کان بچيل رهندو ۽ جيڪي

گناهه هو ٻاهر رهي ڪري ها انهن کان بہ محفوظ رهندو. پر هي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمت آهي جو ٻاهر رهي ڪري جيڪي نيڪيون هو ڪندو هو، اعتڪاف جي حالت ۾ جيتوڻيڪ هو انهن کي ڪري نٿو سگهي پر پوءِ بہ ان جي نامهءِ اعمال ۾ بدستور لکيون وينديون ۽ ان کي ان جو ثواب بہ ملندو رهندو. مثال طور ڪو اسلامي ڀاءُ مريض جي **عيادت** ڪندو هو، ۽ **اعتڪاف** جي سبب کان اهو ڪم نہ ڪري سگهيو تہ اهو ان جي ثواب کان محروم نہ ٿيندو بلڪ ان کي اهڙو ئي ثواب ملندو رهندو جيئن هو پاڻ ان کي انجام ڏيندو رهيو هجي.

## روزانو حج جو ثواب

**حضرتِ** سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان منقول آهي،"معتڪف کي هر روز **هڪ حج جو ثواب** ملندو آهي." **(شعب الايمان ج3 ص 425 حديث 3968)**

## اعتڪاف جي تعريف

"**مسجد** ۾ الله عَزَّوَجَلَّ **جي راضپي جي لاءِ اعتڪاف جي نيّت سان ترسڻ اعتڪاف آهي**". هن جي لاءِ مسلمان جو عاقل ۽ جنابت ۽ حيض کان پاڪ هجڻ شرط آهي. بالغ هجڻ شرط ناهي نابالغ بہ جيڪو تميز رکي ٿو، جيڪڏهن **اعتڪاف** جي نيّت سان مسجد ۾ ترسي تہ ان جو **اعتڪاف** صحيح آهي. **(عالمگيري ج 1 ص 211)**

## اعتڪاف جي لفظي معنیٰ

**اعتڪاف** جي لُغوي معنیٰ آهي،"ڌرڻو هڻڻ" مطلب هي تہ **معتڪف الله** رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهِ عظمت ۾ ان جي عبادت تي سندرو ٻڌي ڌرڻو هڻي پيو رهي ٿو. ان جي اها ئي ڌُن هوندي آهي تہ ڪهڙي طرح

ﺑﻪ ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي ٿي وڃي.

## هاڻي تہ غنيءَ جي در تي بسترو وڇائي ڇڏيو آهي

حضرتِ سيّدُنا عطاء خُراساني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِي فرمائن ٿا مُعْتَكِف جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو الله تعالیٰ جي در تي اچي پيو هجي ۽ هي چئي رهيو هجي”يا الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ! جيستائين تون منهنجي مغفرت نہ فرمائيندين مان هتان ڪان نہ هٽندس.“ (شعب الايمان ج 3 ص 426 حديث 3970)

ہم سے فقیر بھی اب پھیری کو اٹھتے ہوں گے
اب تو غنی کے در پر بستر جمادیئے ہیں (حدائقِ بخشش)

## اعتڪاف جا قسم

اعتڪاف جا ٽي قسم آهن (1) **اعتڪافِ واجب** (2) **اعتڪافِ سنت** (3) **اعتڪافِ نفل**-

## اعتڪافِ واجب

**اعتڪاف** جي نذر (يعني باس) باسي. يعني زبان سان چيو تہ:” مان **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ فلاڻي ڏينهن يا هيترن ڏينهن جو **اعتڪاف** ڪندس.“ تہ هاڻي جيترن ﺑﻪ ڏينهن جو چيو اوترن ڏينهن جو **اعتڪاف** واجب ٿي ويو. هيءَ ڳالهہ خاص طور تي ياد رکو تہ جڏهن ﺑﻪ ڪنهن قسم جي **باس** باسي وڃي ان ۾ هي شرط آهي تہ **باس** جا الفاظ **زبان** سان ادا ڪيا وڃن. رُڳو دل ئي دل ۾ **باس** جو ارادو يا نيّت ڪري ڇڏڻ سان **باس** صحيح ناهي ٿيندي. (اهڙي باس جو پورو ڪرڻ واجب ناهي هوندو) (ردالمحتار ج 3 ص 430)

## اعتڪافِ سنت

**باس** جو **اعتڪاف** مرد مسجد ۾ ڪري عورت **مسجدِ بيت** ۾. هن ۾ روزو ﺑﻪ شرط آهي.

(عورت گهر ۾ جيڪا جڳهه نماز جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏي ان کي ”مسجدِ بيت“ چوندا آهن.) **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جو اعتکاف ” سنَّتِ مُؤَکَّدَه عَلَی الْکِفایه “ آهي. (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 430) **يعني** پوري شهر مان ڪنهن هڪ ڪري ڇڏيو تہ سيني جي طرفان ادا ٿي ويو ۽ جيڪڏهن ڪنهن هڪ بہ نہ ڪيو تہ سيئي مجرم ٿيا.

(بهارِ شريعت حصو پنجون ص 152)

**هن** اعتکاف ۾ هي ضروري آهي تہ رمضان المبارڪ جي **ويهين** تاريخ جو سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد جي اندر **اعتکاف جي نِيَّت** سان موجود هجي ۽ **اٽيهين** جي چنڊ کان پوءِ يا **ٽيهين** جي سج لهڻ کان پوءِ مسجد کان ٻاهر نڪري. (بهارِ شريعت حصو پنجون ص 151)

**جيڪڏهن** 20 رمضان المبارڪ جو سج لهڻ کان پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو تہ **اعتکاف** جي سنّت مُؤَکَّدَه ادا نہ ٿي بلڪ سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد ۾ داخل تہ ٿي چُڪو هو پر **نيت** ڪرڻ وساري ويو يعني دل ۾ **نيّت** ئي نہ هئي (نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن) تہ هن صورت ۾ بہ **اعتکاف** جي سنّت مُؤَکَّدَه ادا نہ ٿي. جيڪڏهن سج لهڻ کان پوءِ **نِيَّت** ڪئي تہ **نفلي اعتکاف** ٿي ويو. دل ۾ نِيَّت ڪري ڇڏڻ ئي ڪافي آهي. زبان سان چوڻ شرط ناهي. جڏهن تہ دل ۾ نِيَّت جو حاضر هجڻ ضروري آهي ان سان گڏوگڏ زبان سان بہ چئي ڇڏڻ وڌيڪ بهتر آهي.

## اعتکاف جي نيت هن طرح ڪريو

”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي سنّتِ

اعتڪاف جي نيّت ڪريان ٿو.“

## اعتڪاف نفل

## مدينه

**باس ۾** سنّتِ مُؤَڪَّده ڪان علاوه جيڪو اعتڪاف ڪيو وڃي اهو مستحب (يعني نفلي) ۽ سنّتِ غير مُؤَڪَّده آهي. (بهارِ شريعت حصو 5 ص 152)

هن جي لاءِ نه روزو شرط آهي نه ڪو وقت جو قيد جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو **اعتڪاف** جي نِيَّت ڪري ڇڏيو. جيستائين مسجد ۾ رهندؤ ڪجھ پڙهو يا نه پڙهو اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. جڏهن مسجد ڪان ٻاهر نڪرندؤ **اعتڪاف** ختم ٿي ويندو. منهنجا آقا اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مذهبِ مفتىٰ بهٖ تي (نفلي) اعتڪاف جي لاءِ روزو شرط ناهي ۽ هڪ گھڙيءَ جو به ٿي سگھي ٿو جڏهن ڪان داخل ٿيو ٻاهر اچڻ تائين (جي لاءِ) اعتڪاف جي نِيَّت ڪري وٺي، نماز جي انتظار ۽ اداءِ نماز سان گڏوگڏ اعتڪاف جو به ثواب ماٽيندو. (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 5 ص 674) هڪ ٻئي جاءِ تي فرمائن ٿا:”جڏهن مسجد ۾ وڃي اعتڪاف جي نِيَّت ڪري ڇڏي، جيستائين مسجد ۾ رهندو اعتڪاف جو به ثواب حاصل ڪندو.“ (فتاوىٰ رضويه تخريج شده ج 8 ص 98) **اعتڪاف** جي نِيَّت ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي. نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، جيڪڏهن دل ۾ ئي اوهان ارادو ڪري ڇڏيو ته ”مان **سنّتِ اعتڪاف** جي نِيَّت ڪريان ٿو.“ اهو ئي ڪافي آهي ۽ جيڪڏهن دل ۾ نِيَّت حاضر آهي ۽ زبان سان به اهي ئي الفاظ ادا ڪري ڇڏيو ته وڌيڪ بهتر آهي، پنهنجي **مادري زبان** ۾ به نِيَّت ٿي سگھي ٿي ۽ جيڪڏهن

عربي ۾ **نِيَّت** ياد ڪري ڇڏيو ته وڏيڪ مناسب آهي. ٿي سگهي ته توهان هيءَ عربي نِيَّت ياد ڪري ڇڏيو: جيئن ته ”الملفوظ “حصو 2 ص 272 تي آهي:

## نَوَيۡتُ سُنَّةَ الۡاِعۡتِكَاف

**ترجمو:** مون سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي.

**مسجِدُ النَّبوِيّ الشَّريف** عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قديم ۽ مشهور دروازي ”باب الرحمة“ مان داخل ٿيو ته سامهون ئي ٿنيو مبارڪ آهي ان تي يادگيري جي لاءِ قديم زماني ڪان نمايان طور تي نَوَيۡتُ سُنَّةَ الۡاِعۡتِكَاف لکيل آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به توهان ڪنهن عبادت مثال طور نماز، روزو، احرام، طوافِ ڪعبه وغيره جي عربي ۾ نِيَّت ڪريو ته هن ڳالهه جو خاص خيال رکو ته هن عربي عبارت جي معنيٰ به توهان سمجهي رهيا هجو ڇو ته نِيَّت دل جي ارادي کي چوندا آهن جيڪڏهن توهان رٽو هڻي ”عربي نِيَّت“ جا الفاظ ادا ڪري ڇڏيا يا ڪتاب مان ڏسي ڪري پڙهي ورتا ۽ ڌيان ڪنهن ٻئي طرف لڳل هيو ۽ ارادو دل ۾ موجود نه هيو ته نِيَّت شروع ڪان ٿيندي ئي نه. مثال طور توهان مسجد ۾ داخل ٿي ”نَوَيۡتُ سُنَّةَ الۡاِعۡتِكَاف “ چئو ته دل ۾ به ارادو هجڻ لازمي آهي ته مان هن **اعتڪاف** جي نِيَّت ڪري رهيو آهيان ۽ هيءَ ڳالهه خاص طور تي ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته هيءُ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ناهي هيءُ **نفلي اعتڪاف** آهي ۽ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به ڪري سگهجي ٿو.

توهان جڏهن بہ مسجد مان ٻاهر نڪرندؤ هي **نفلي اعتڪاف** انهيءَ وقت ختم ٿي ويندو.

## مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ

**ياد رکو!** مسجد جي اندر ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي شرعي طور تي اجازت ناهي، جيڪڏهن **اعتڪاف** جي نِيَّت هئي تہ ضمنًا ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي اجازت بہ ٿي ويندي. اسان وٽ اڪثر مسجدن ۾ درود و سلام وغيره جو ورد ٿيندو آهي پوءِ پاڻيءَ تي دم ڪري اسان جا اسلامي ڀائر ان کي تبرڪ جي طور تي پيئندا آهن. بيشڪ هيءُ هڪ تمام سٺو عمل آهي. پر ڪنهن اسلامي ڀاءَ کي **اعتڪاف** جي نيّت نہ هجي تہ اهو مسجد ۾ هي پاڻي نہ ٿو پي سگهي. اهڙيءَ طرح رمضان المبارڪ ۾ مسجد جي اندر جنهن اعتڪاف جي نيّت ڪئي هئي اهو ئي مسجد جي اندر رمضان المبارڪ ۾ افطار ڪري سگهي ٿو. مسجد الحرام شريف ۾ بہ آبِ زم زم شريف پيئڻ، افطار ڪرڻ يا سمهڻ جي لاءِ اعتڪاف جي نِيَّت هجڻ گهرجي. **مسجد النبوي شريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ بہ **بغير نيّتِ اعتڪاف** جي پاڻي وغيره نہ ٿا پي سگهو. هتي هيءَ ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏڻ ضروري آهي تہ اعتڪاف جي نيّت رُڳو ڪائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جي لاءِ نہ ڪئي وڃي بلڪ ثواب جي لاءِ ڪئي وڃي. ردالمحتار (شامي) ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيّت ڪري ڇڏي. ڪجهہ دير ذڪراللہ عَزَّوَجَلَّ ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري. (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پيئي يا

سمهي سگهي ٿو. (ردالمحتار ج 2 ص 435)

اَلحَمدُللّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان دنيا جي مختلف ملڪن جي جدا جدا شهرن ۾ اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي طرفان باقاعده تربيتي جدوَل پيش ڪيو ويندو آهي. انهن معتڪفين جي لاءِ نيّتن جي فهرست حاضر ڪئي آهي. جيڪي اجتماعي اعتڪاف ڪان الڳ هجن، اهي بہ ضرورت موجب نيّتون ڪري پنهنجي ثواب ۾ اضافي جي ترڪيب فرمائن.

## اجتماعي اعتڪاف جون 41 نيّتون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ ”مسلمان جي نِيَّت ان جي عمل کان بهتر آهي .“ (طبراني معجم ڪبير حديث 5942 ج6 ص 185)

پنهنجي اعتڪاف جي عظيمُ الشّان نيڪي سان گڏ وڌيڪ سنيون سنيون نيّتون شامل ڪري ثواب ۾ خوب اضافو ڪريو. مڪتبة المدينه جي طرفان شايع ڪيل ڪارڊ مان سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بيان ڪيل مسجد ۾ وڃڻ جي 40 نيّتن سان گڏوگڏ وڌيڪ هي نيّتون ڪري گهر مان نڪرو، (مسجد ۾ اچي ڪري بہ حال موجب نيّتون ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن بہ سنيون سنيون نيّتون ڪريو ثواب جي نيّت پيشِ نظر رکندا ڪريو.)

﴿1﴾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهہ ڏينهن (يا پوري مهيني) جي سنّتِ اعتڪاف جي لاءِ وڃي رهيو آهيان. ﴿2﴾ تصوف جي انهن مدني اصولن (الف) تقليلِ طعام (يعني گهٽ کائڻ) (ب) تقليلِ ڪلام

(يعني گهٽ ڳالهائڻ) (ج) تقليلِ مَنام (يعني گهٽ سمهڻ) جي پابندي ڪندس. ﴿3﴾ روزانو پنج ئي نمازون پهرين صف ۾ ﴿4﴾ تڪبير اوليٰ سان ﴿5﴾ باجماعت ادا ڪندس ﴿6﴾ هر اذان ۽ ﴿7﴾ هر اقامت جو جواب ڏيندس ﴿8﴾ هر ڀيري اول ۽ آخر درود شريف سان گڏ اذان ڪانپوءِ جي دعا پڙهندس. ﴿9﴾ روزانو تهجد﴿10﴾ اشراق ﴿11﴾ چاشت ۽ ﴿12﴾ اوابين جا نوافل ادا ڪندس ﴿13﴾ تلاوت ۽ ﴿14﴾ درود شريف جي ڪثرت ڪندس ﴿15﴾ روزانو رات جو سورة الملک پڙهندس يا ٻُڌندس ﴿16﴾ گهٽ ۾ گهٽ اڪي راتين ۾ صلوٰة التسبيح ادا ڪندس ﴿17﴾ تمام سنّتن ڀريي حلقن ۽ ﴿18﴾ بيانات ۾ اول کان آخر تائين شرڪت ڪندس ﴿19﴾رشتيدارن ۽ ملاقاتين کي بہ **انفرادي ڪوشش** ڪري سنّتن ڀرئي حلقن ۾ ويهاريندس. ﴿20﴾زبان تي **قفلِ مدينه** لڳائيندس يعني فضول گوئي کان بچندس ۽ ممڪن ٿيو تہ ان سني نيّت سان ضروري ڳالھ بہ پوري ڪوشش ڪري لکي ڪري يا اشاري سان ڪندس تہ جيئن فضول يا بُرين ڳالهين ۾ نہ وڃي پوان يا گوڙ جو سبب نہ بڻجي وڃان ﴿21﴾ مسجد کي هر طرح جي بدبوءِ کان بچائيندس ﴿22﴾ مسجد ۾ نظر اچڻ وارا ڪک ۽ وارن جا ڇُڳا ڪٺندو رهڻ جي لاءِ پنهنجي کيسي ۾ شاپر رکندس. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مسجد مان تڪليف جي شيءِ ڪڍي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٺاهيندو. (سنّن ابن ماجه ج1 ص 419 حديث 757) ﴿23﴾ پنهنجي پگهر، وات جي ڪِگ وغيره جي گدلاڻ کان مسجد جي فرش

يا فراسيءَ کي بچائڻ جي لاءِ رُڳو پنهنجي چادر يا تڏيءَ تي ئي سمهندس. ﴿24﴾ حيا جي نيّت سان سمهڻ ۾ **پردي ۾ پردي** جو هر طرح کان خيال رکندس (سمهڻ وقت شلوار تي گوڏ ٻَڌي ڪري، مٿان کان چادر اوڍڻ فائديمند آهي، مدني قافلي ۾، گهر ۾ ۽ هر جڳهه تي ان جو خيال رکڻ گهرجي) ﴿25﴾ وضوخانو فناءِ مسجد ۾ هئڻ جي صورت ۾ (جيڪڏهن ڪو وضو جي لاءِ منتظر هجي ته جڳهه کان هٽي ڪري تيل ڦٽي ڪريو) تيل ڦٽي اتي ڪندس ۽ جيڪي وار ڇڻندا اهي ڪڻندس ﴿26﴾ بغير اجازت جي ڪنهن جي ڪا شيءِ مثال طور استنجاءِ خاني وڃڻ جي لاءِ ٻين جي چپل وغيره استعمال نه ڪندس بلڪ ﴿27﴾ چپل، چادر وهاڻو وغيره ڪنهن شيءِ جي لاءِ ٻين کان سوال به نه ڪندس ﴿28﴾ ڪاڌو فناءِ مسجد ۾ اهو به ڪاڌي جي مخصوص فراسيءَ تي ڪائيندس، نماز جي لاءِ وڇايل فراسيءَ تي هرگز نه ڪائيندس ﴿29﴾ ڪاڌو گهٽ هئڻ جي صورت ۾ ايثار جي نيّت سان آهستي آهستي ڪائيندس ته جيئن ٻيا اسلامي ڀائر وڌيڪ ڪائي سگهن. ايثار جو ثواب بيشمار آهي، جيئن ته تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: "جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي حاجت هجي ٻئي کي ڏيئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي." (اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779) ﴿30﴾ پيٽ جو **قفلِ مدينه** لڳائيندس يعني خواهش کان گهٽ ڪائيندس. ﴿31﴾ جيڪڏهن ڪنهن ڏاڍائي ڪئي ته صبر ڪندس ۽ ﴿32﴾ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ مُعاف ڪندس ﴿33﴾ پاڙيسري

معتڪف سان حُسنِ سلوڪ ڪندس. ﴿34﴾ پنهنجي اعتڪاف جي حلقي جي **نگران** جي اطاعت ڪندس﴿35﴾ **فڪرِ مدينه** ڪندي روزانو **مدني انعامات** جو ڪارڊ پريندس ﴿36﴾ اسلامي ڀائرن جي سامهون مُرڪي مُرڪي ڪري صدقو ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس ﴿37﴾ ڪو منهنجي طرف ڏسي ڪري مُرڪندو ته هيءَ دعا پڙهندس: اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ يعني (الله عَزَّوَجَلَّ توکي کِلندو رکي) ﴿38﴾ پنهنجي لاءِ، گهروارن، ساٿين ۽ سڄي امت جي لاءِ دعائون ڪندس ﴿39﴾ جيڪڏهن ڪو معتڪف بيمار ٿي پيو ته ممڪن حد تائين ان جي دلجوئي ۽ خدمت ڪندس ﴿40﴾ پيرسن معتڪفين سان تمام گهڻو حُسنِ سلوڪ ڪندس. ﴿41﴾ دورانِ اعتڪاف توفيق آهر لنگرِ رسائل ورهائيندس (هر معتڪف اسلامي ڀاءُ جي خدمت ۾ درد ڀري مدني التجا آهي ته گهٽ ۾ گهٽ 25 روپين جا مڪتبة المدينه جا رسالا يا سنّتن ڀرئي مدني گلن جا مدني پمفليٽ ضرور تقسيم فرمائن ۽ جيڪڏهن حيثيت هجي ته وڌيڪ تقسيم ڪن . اچڻ وارن ملاقاتين کي سنّتن ڀرئي بيان جي ڪيسيٽ يا رسالو يا گهٽ ۾ گهٽ مدني گلن جو هڪ پمفليٽ ضرور تحفي ۾ پيش ڪيو وڃي جو رمضان المبارڪ ۾ ثواب وڌيڪ ملندو. ورهائڻ ۾ بد نظمي نه ٿئي ان جو خيال رکڻ ضروري آهي)

## اعتڪاف ڪهڙي مسجد ۾ ڪجي؟

**اعتڪاف** جي لاءِ سڀني مسجدن کان مسجد الحرام شريف افضل آهي. پوءِ **مسجد النبوي الشريف** عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پوءِ **مسجدِ اقصیٰ شريف** (بيت المقدس) پوءِ اهڙي مسجد جنهن ۾ پنج وقتي نماز باجماعت ٿيندي هجي. جيڪڏهن جامع مسجد ۾ جماعت نه ٿيندي

هجي تہ پوءِ پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ اعتڪاف ڪرڻ افضل آهي. (فتح القدير ج 2 ص 308) **جامع مسجد** هجڻ اعتڪاف جي لاءِ شرط ناهي بلڪ جماعت واري مسجد ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. جماعت واري مسجد اها آهي جنهن ۾ امام ۽ مُؤَذِّن مقرر هجن جيتوڻيڪ ان ۾ پنج وقت نماز نہ ٿيندي هجي ۽ آساني انهيءَ ۾ آهي جو عام طور تي هر مسجد ۾ **اعتڪاف** صحيح آهي. جيتوڻيڪ اها جماعت واري مسجد نہ هجي. (ردالمحتار ج 3 ص 429) خاص ڪري هن زماني ۾ تہ ڪجھ مسجدون اهڙيون آهن جو جن ۾ نہ امام آهن نہ مُؤَذِّن.

(بهارِ شريعت حصو 5 ص 151)

## معتڪف ۽ احترامِ مسجد

**پيارا معتڪف** اسلامي ڀائرو! جيئن تہ توهان کي ڏھ ڏينهن مسجد ۾ ئي گذارڻا آهن. ان لاءِ مناسب اهو ئي آهي تہ ڪجھ ڳالهيون احترامِ مسجد جي متعلق سکي ڇڏيو. اعتڪاف جي دوران مسجد جي اندر ضرورت موجب دنياوي ڳالھ ڪرڻ جي اجازت آهي پر هلڪي آواز سان ۽ احترامِ مسجد کي ڌيان ۾ رکندي ڳالھ ڪريو. هي نہ ٿيڻ گهرجي جو توهان رڙيون ڪري ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي سڏي رهيا هجو ۽ اهو بہ توهان کي رڙيون ڪري جواب ڏئي رهيو هجي، ”اڙي اوءِ“ ۽ شور شرابي سان مسجد گونجي رهي هجي. هي انداز ناجائز ۽ گناھ آهي. ياد رکو!مسجد ۾ بنا ضرورت دنياوي ڳالھ ٻولھ جي **معتڪف** کي بہ اجازت ناهي.

## انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ سان ڪو ڪم نا هي

سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت، صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذي شان آهي:

يَأْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ يَكُوْنُ حَدِيْثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ فَلَا تُجَالِسُوْهُمْ فَلَيْسَ لِلّٰهِ فِيْهِمْ حَاجَةٌ۔

(شعب الايمان ج 3 ص 87 حديث 2962)

ترجمو: ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون، توهان انهن سان نہ ويهو جو انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ سان ڪو ڪم ناهي.

## الله تنهنجي گم ٿيل شيءِ نہ ملائي

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

مَنْ سَمِعَ رَجُلًا يَنْشُدُ ضَالَّةً فِي الْمَسْجِدِ فَقُوْلُوْا لَارَدَّهَا اللهُ عَلَيْكَ فَاِنَّ الْمَسَاجِدَ لَمْ تُبْنَ لِهٰذَا

(صحيح مسلم ج 1 ص 284 حديث 568)

ترجمو: جيڪي ڪنهن کي مسجد ۾ با آواز بلند گم ٿيل شيءِ ڳوليندي ٻُڌن تہ چون، "الله عَزَّوَجَلَّ اها گم ٿيل شيءِ توکي نہ ملائي." ڇو تہ مسجدون ان ڪم جي لاءِ نہ بڻايون ويون آهن.

## مسجد ۾ جتيون تلاش ڪندڙ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو پنهنجيون جُتيون يا ڪا بي شيءِ گم ٿي وڃڻ تي مسجد ۾ شور ڪندي ڳوليندا وتندا آهن انهن کي بيان ڪيل حديثِ مبارڪ مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. معلوم ٿيو تہ

هر ان ڪم کان مسجد کي بچائڻ ضروري آهي، جنهن سان مسجد جو تقدس پامال ٿيندو هجي. دنياوي ڳالهيون، کل مذاق ۽ انهيءَ قسم جي واهيات ڳالهين جي لاءِ مسجدون ناهن ٺهايون ويون بلڪ مسجدون تہ عبادتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ٺهايون ويون آهن. مسجد ۾ بلند آواز سان گفتگو ڪرڻ کي صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪيڏو ناپسند ڪندا آهن ان جو هن روايت مان اندازو لڳايو، جيئن تہ

## تہ توهان کي سزا ڏيان ها

حضرتِ سيّدُنا سائب بن يزيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا، مان مسجد ۾ بيٺو هئس تہ مون کي ڪنهن پٿري هنئي. مون ڏٺو تہ اهي حضرتِ سيّدُنا اميرالمؤمنين عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ هئا. انهن مون کي (اشارو ڪري) فرمايو: ”انهن ٻنهي شخصن کي مون وٽ وٺي اچو!“. مان انهن ٻنهي کي وٺي آيس. حضرتِ سيّدُنا عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن کان استفسار فرمايو، ”توهان ڪهڙي شهر سان تا تعلق رکو؟ عرض ڪيائون، طائف سان.“ فرمايائون، ”جيڪڏهن توهان مدينهءِ منوره جا رهڻ وارا هجو ها (چو تہ اهي مسجد جا آداب بخوبي ڄاڻين ٿا) تہ مان توهان کي ضرور سزا ڏيان ها (چو تہ) توهان رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند تا ڪريو! (صحيح بخاري ج1 ص178 حديث 470)

## مباح ڪلام نيڪين کي ڪائي ڇڏيندو آهي

حضرت سيّدُنا مُلّا علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی، محقق علي الاطلاق شيخ ابن هُمام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ السَّلَام جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا:

اَلْكَلَامُ الْمُبَاحُ فِي الْمَسْجِدِ مكروهٌ يَاكُلُ الْحَسَنَاتِ۔
(مرقاة المفاتيح ج 2 ص 449)

ترجمو: ”مسجد ۾ مباح (يعني جائز) ڳالهائڻ مڪروهه (تحريمي) آهي ۽ نيڪين کي کائي ڇڏيندو آهي.“

سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته سرڪارِ والا تبار، باذنِ پروردگار، بنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

اَلضَّحْكُ فِي الْمَسْجِدِ ظُلْمَةٌ فِي الْقَبْرِ
(الجامع الصغير 322 حديث 5231)

ترجمو: ”مسجد ۾ کلڻ قبر ۾ اونداهي (آڻيندو) آهي.“

## قبر ۾ اونداهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مٿي ڄاڻايل روايتن کي هرهر پڙهو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف کان ڏڪي وڃو! ڪٿي ائين نه ٿئي جو مسجد ۾ داخل ته ثواب ڪمائڻ لاءِ ٿيو پر خوب کِلي ڳالهائي سڀئي نيڪيون برباد ڪري ئي ٻاهر نڪرو ڇو جو مسجد ۾ دنيا جي جائز ڳالهه به نيڪين کي کائي ڇڏيندي آهي. تنهن ڪري مسجد ۾ پُرسُڪون ۽ خاموش رهو. بيان به ڪريو يا ٻُڌو ته سنجيدگيءَ سان، ڪا اهڙي ڳالهه نه ٿئي جنهن سان ماڻهن کي کِل اچي. نه پاڻ کِلو نه ماڻهن کي کِلڻ ڏيو جو مسجد ۾ کِلڻ قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي. ها ضرورت جي وقت مُرڪڻ منع ناهي. مسجد جي احترام جو ذهن ٺاهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻُڌايان ٿو: جيئن ته

## مفتيءِ دعوتِ اسلامي جو اعتڪاف

حَويليان ڪينٽ (سرحد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر 52 سال) جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته مان سڄو سارو گناهن ۾

ٻُڌل هئس، ٻار جوان تي چُڪا هئا، پوءِ بہ فيشن جو ڀوت نہ لٿو هو. ماهِ رمضان المبارڪ ۾ باب المدينه ڪراچي مان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** جو 30 ڏينهن جو مدني قافلو **حويليان** تشريف ڪٺي آيو. ان **مدني قافلي** جي خصوصيّت اها هئي تہ ان ۾ دعوتِ اسلامي جي مجلسِ شوريٰ جا رڪن **مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج محمد فاروق عطاري مدني** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی بہ شريڪ هئا. منهنجو وڏو پٽ مون کي **مدني قافلي** وارن **عاشقانِ رسول** سان ملائڻ وٺي ويو. **مفتيءِ دعوت اسلامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی جي انفرادي ڪوشش سان مان سندن مدني قافلي سان گڏ آخري ڏهاڪي ۾ مُعۡتَڪِف ٿي ويس. **مفتيءِ دعوتِ اسلامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِی جي حُسنِ اخلاق منهنجي دل کٽي ورتي، ٻين **عاشقانِ رسول** بہ مون تي خوب انفرادي ڪوشش ڪئي. ايتري تائين جو مون جهڙو سخت دل انسان بہ ميڻ ٿي ويو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. مون فيشن کان منهن موڙيو، سنّتن سان رشتو جوڙيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ ڇڏيم. بُرائين کان ناتو ٽوڙيم ۽ ڀرپور طريقي سان مدني ماحول سان تعلق ڳنڍيم. مطلب تہ مون گناهن کان توبهہ ڪري ورتي، ڏاڙهي رکي ڇڏيم ۽ **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجائي ورتم. هاڻي منهنجي ڪوشش اها هوندي آهي تہ جيڪا بہ سنّت معلوم ٿي وڃي ان تي عمل ڪريان. هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ تنظيمي طور تي **حلقي سطح جو ذميدار** آهيان.

آئیں گی سنّتیں جائیں گی فیشنیں نیکیاں بھی ملیں کیجئے اعتکاف
برکتیں پائیں گے اور سُدھر جائیں گے مَدَنی ماحول میں کیجئے اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مفتيءِ دعوت اسلامي وفات کانپوءِ به مدني قافلي جي دعوت ڏيني

**مفتيءِ دعوتِ اسلامي** قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي جي به چا ڳالهه ڪجي! مدني ماحول ۾ رهي ڪري پاڻ مدني قافلن ۾ خوب سفر ڪيائون ۽ بي شمار اسلامي ڀائرن جي اصلاح ڪري پنهنجي لاءِ ثواب جاريه جو ذخيرو ڪري **18** محرم الحرام **1427** ھ **17-02-2006** جو جمعي نماز کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويا ۽ هينئر دنيا مان وڃڻ کان بعد به خواب ۾ اچي ڪري انفرادي ڪوشش جي ذريعي هڪ اسلامي ڀاءُ کي **مدني قافلي** جو مسافر بڻائي ڇڏيائون ۽ پوءِ مدني قافلي ۾ پهچي ڪري به ان کي **جلوو** ڏيکاريائون ۽ **باذن الله** عَزَّوَجَلَّ مثاني جي بيماريءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريائون، جيئن ته هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، منهنجي **مثاني** ۾ ڪجهه عرصي کان تڪليف هئي، مون خواب ۾ **حضرت قبله مفتيءِ دعوتِ اسلامي مولانا محمد فاروق عطاري مدني** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی جي زيارت ڪئي، پاڻ مون کي مدني قافلي ۾ سفر جو حڪم فرمايائون. مون سفر جي نيّت ڪري ڇڏي پر جمادي الاولیٰ (1427ھ) تي سفر نه ڪري سگهيس. 24 جمادي الآخر (1427 ھ) جو مون ٽي روزه مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيو. قافلي واري مسجد ۾ پهچي ڪري جڏهن ليٽيس

تہ مفتيءِ دعوتِ اسلامي قُدِّسَ سِرُّہُ السَّامِي منهنجي خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا، ان وقت پاڻ پردي ۾ پردو ڪري (يعني جهوليءَ ۾ چادر ڦهلائي ڪري رانون وغيره لڪائي) تشريف فرما هئا ۽ ڪجهه ملفوظات ڪان نوازي رهيا هئا جيڪو مان سمجهي نہ سگهيس. جڏهن ڪان مدني قافلي ڪان واپس آيو آهيان. هي بيان ڏيڍ وقت تقريبًا هڪ هفتو ٿي چُڪو آهي. **اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي مثاني جي تڪليف ڪان نجات ملي چُڪي آهي.**

درد گرچہ تمہارے مَثانے میں ہے، نَفع پر آخرت کے بنانے میں ہے
کہتے فاروق ہیں قافِلے میں چلو سب مُبلّغ کہیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## "بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" جي اڻويهه اکرن جي نسبت سان مسجد جي متعلق 19 مدني گل

**مدينه 1:** مروي آهي تہ هڪ مسجد پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪرڻ هلي تہ ماڻهو مون ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن. فرشتا ان کي مليا ۽ چوڻ لڳا اسين انهن (مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ وارن) کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهيون.

(فتاوىٰ رضويه ج16 ص 312)

**مدينه 2:** روايت ڪئي وئي آهي تہ جيڪي ماڻهو غيبت ڪندا آهن (جيڪا سخت حرام ۽ زنا کان بہ اشد آهي) ۽ جيڪي ماڻهو مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن انهن جي وات مان گندي بدبوءِ نڪرندي آهي جنهن سان فرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪندا

آهن."سبحٰن الله جڏهن مباح ۾ جائز ڳالهہ بغير شرعي ضرورت جي ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ ويهڻ تي هي آفتون آهن تہ (مسجد ۾) حرام ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ جو ڇا حال هوندو! (ايضًا)

**مدينه 3:** درزيءَ کي اجازت ناهي جو مسجد ۾ ويهي ڪپڙا سبي. ها جيڪڏهن ٻارن کي روڪڻ ۽ مسجد جي حفاظت جي لاءِ ويٺو تہ حرج ناهي. اهڙيءَ طرح ڪاتب کي(مسجد ۾) اجرت تي ڪتابت ڪرڻ جي اجازت ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 110)

**مدينه 4:** مسجد جي اندر ڪنهن قسم جو گند ڪچرو هرگز نہ اڇلايو. سيِّدُنا شيخ عبدالحق مُحَدِّث دِهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی "جذبُ القلوب" ۾ نقل ڪن ٿا تہ مسجد ۾ جيڪڏهن خَس (يعني معمولي ڪک يا ذرو) بہ اڇليو وڃي تہ ان سان مسجد کي ايتريقدر تڪليف پهچندي آهي جيتريقدر تڪليف انسان کي پنهنجي اک ۾ ڪک (يعني معمولي ذرو) پئجي وڃڻ سان ٿيندي آهي. (جذب القلوب ص 257)

**مدينه 5:** مسجد جي ديوار، ان جي فرش، تڏي يا فراسيءَ جي مٿان ۽ ان جي هينان ٿوڪڻ، نک سٽڪڻ، نک يا ڪن مان گند ڪڍي لڳائڻ، مسجد جي فراسيءَ يا تڏيءَ مان ڌاڳو يا تيلو وغيره ڪڍڻ سڀ ممنوع آهي.

**مدينه 6:** ضرورت جي وقت پنهنجي رومال وغيره سان نک صاف ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

**مدينه 7:** مسجد جو ڪچرو ٻهاري اهڙي جاءِ تي نہ اڇلايو جتي بي ادبي ٿئي.

**مدينه 8**: **جُتيون** لاهي مسجد ۾ ساڻ کڻي وڃڻ چاهيو تہ مٽي وغيره ٻاهر ڇنڊي ونو. جيڪڏهن پيرن جي تِرين ۾ مٽيءَ جا ذرا لڳل هجن تہ پنهنجي رومال وغيره سان اگهي پوءِ مسجد ۾ داخل ٿيو.

**مدينه 9** : مسجد جي وضو خاني تي وضو ڪرڻ کان پوءِ پير وضو خاني تي ئي چڱيءَ طرح خشڪ ڪري ڇڏيو. آلا پير کڻي هلڻ سان مسجد جو فرش گندو ۽ فراسيون ميريون ۽ خراب ٿي وينديون آهن.

هاڻي منهنجي آقا اعلىٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مجددِ دين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي ملفوظاتِ شريفہ مان ڪجهہ مسجد جا آداب پيش ڪيا وڃن ٿا:

**مدينه 10**: **مسجد** ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنهن سان ڌبڪو پيدا ٿئي منع آهي.

**مدينه 11**: وضو ڪرڻ کان پوءِ وضو واري عضون مان هڪ بہ قطرو پاڻيءَ جو مسجد جي فرش تي نہ ڪري.

(ياد رکو!وضو وارن عضون مان وضو جي پاڻيءَ جا قطرا مسجد جي فرش تي ڪيرائڻ ناجائز آهي)

**مدينه 12**: مسجد جي هڪ درجي کان ٻئي درجي ۾ داخل ٿيڻ وقت (مثال طور اڱڻ ۾ داخل ٿيو تڏهن بہ ۽ اڱڻ کان اندرئين حصي ۾ وڃو تڏهن بہ) ساڄو پير وڌايو وڃي ايستائين جو جيڪڏهن صف وڇايل هجي ان تي بہ ساڄو پير رکو ۽ جڏهن اتان کان هٽو تڏهن بہ ساڄو پير مسجد جي فرش تي رکو (يعني ايندي ويندي هر وڇايل صف تي پهريان

ساجو پير رکو) يا خطيب جڏهن منبر تي وڃڻ جو ارادو ڪري . پهريان ساجو پير رکي ۽ لهي تہ (بہ) ساجو پير لاهي.

**مدينه 13:** **مسجد** ۾ جيڪڏهن نِڇ اچي تہ ڪوشش ڪريو آهستي آواز نڪري اهڙيءَ طرح ڪنگهہ بہ. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ زور سان نِڇ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. اهڙي طرح اوڳرائيءَ کي بہ ضبط ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ٿئي تہ وس آهر آواز کي ضبط ڪيو وڃي جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر ڇو نہ هجو. خصوصي طور تي مجلس ۾ يا ڪنهن مُعَظم (يعني بزرگ) جي سامهون بي تهذيبي آهي. حديث ۾ آهي، "هڪ شخص دربار اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اوڳرائي ڏني پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: "اسان کان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رکو جو دنيا ۾ جيڪي گهڻي عرصي تائين پيٽ ڀريندا آهن اهي قيامت جي ڏينهن گهڻي عرصي تائين بُکايل رهندا." (شرح السنة ج 7 ص 294 حديث 2944) ۽ اوٻاسيءَ ۾ آواز ڪٿي بہ نہ ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلا هجو ڇو تہ هي شيطان جو ٺهڪ آهي. جڏهن اوٻاسي اچي تہ جيترو ٿي سگهي وات بند رکو. وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ اڇلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ رکجي تہ مٿين ڏندن سان هيٺين چپ کي دٻائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح بہ نہ رکجي تہ جيترو ٿي سگهي وات گهٽ کوليو ۽ کاٻي هٿ جو پٺيون پاسو وات تي رکي ڇڏيو. جيئن تہ اوٻاسي شيطان جي طرف کان آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کان محفوظ آهن. انهيءَ ڪري اوٻاسي اچي تہ هي تصوُّر ڪريو تہ

انبياءِ ڪِرامعَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام ڪي اوٻاسي نه ايندي هئي. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ جلدي رڪجي ويندي. (ردالمحتار ج 2 ص 413)

**مدينه 14:** **مسخري** هونئن ئي ممنوع آهي ۽ مسجد ۾ سخت ناجائز.

**مدينه 15:** **مسجد** ۾ کِلڻ منع آهي جو قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي. موقعي جي لحاظ کان تَبَسُّم (يعني مُرڪڻ) ۾ حرج ناهي.

**مدينه 16:** **مسجد** جي فرش تي ڪا شيءِ اڇلائي نه وجي بلڪ آهستي رکي ڇڏجي. گرميءَ جي موسم ۾ ماٿهو ونجڻا هٽندي هٽندي اڇلائي ڇڏيندا آهن (مسجد ۾ ٽوپي ، چادر وغيره به نه اڇلايو ۽ چادر يا رومال سان فرش اهڙيءَ طرح نه ڇنڊيو جو آواز پيدا ٿئي) يا ڪاني،ڇٽي وغيره رکڻ وقت پري کان اڇلائيندا آهن.ان جي ممانعت آهي. مطلب ته مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

**مدينه 17:** **مسجد** ۾ حَدَث (يعني ريح خارج ڪرڻ) منع آهي ضرورت هجي ته (جيڪي اعتڪاف ۾ ناهن اهي) ٻاهر هليا وڃن. تنهن ڪري معتڪف کي گهرجي ته اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ کائي. پيٽ هلڪو رکي جو قضاءِ حاجت جي وقت ڪانسواءِ ڪنهن وقت ريح خارج ڪرڻ جي حاجت نه ٿئي. هو ان جي لاءِ ٻاهر نه ٿو وڃي سگهي. (باقي مسجد جي احاطي ۾ موجود بيت الخلا ۾ ريح خارج ڪرڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو)

**مدينه 18:** **قبلي** جي طرف پير ڦهلائڻ ته هر جڳهه تي منع آهي. مسجد ۾ ڪنهن طرف نه ڦهلايو جو هي دربار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت ابراهيم بن ادهمرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه مسجد ۾ اڪيلا ويٺا هئا. پير ڦهلائي ڇڏيائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتف آواز ڏنو. ”ابراهيم!

بادشاهن جي حضور ۾ ائين ويهبو آهي؟“ جلدي پير سوڙها ڪري
ڇڏيائون ۽ اهڙا سوڙها ڪري ڇڏيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا.
(ننڍن ٻارن کي بہ پيار ڪرڻ، کڻڻ، سمهارڻ وقت احتياط ڪريو جو انهن جا پير
قبلي جي طرف نہ ٿين. پائخانو ڪرائڻ مهل بہ ضروري آهي تہ ان جو رخ قبلي
جي طرف نہ هجي.)

**مدينه 19:** **استعمال ٿيل جُتيون** مسجد ۾ پائي وڃڻ گستاخي ۽ بي
ادبي آهي. (ملخصًا از الملفوظ حصو پيو ص 377)

## مسجدن کي خوشبودار رکو!

**اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون، ”حضور
پُرنُور،شافع يومُ النُّشُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڙن
۾ مسجدون ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ۽ هي تہ اهي صاف ۽ خوشبودار
رکيون وڃن.“ (سنن ابي داود ج 1 ص 197 حديث 455)

## ايئرفريشنر سان ڪينسر ٿي سگهي ٿو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ
مسجدون ٺاهڻ ۽ انهن کي عُود لُوبان ۽
اگربتي وغيره سان خوشبودار رکڻ
ثواب جو ڪم آهي. پر مسجد ۾ ماچيس جي تيلي نہ ٻاريو جو ان سان
بارود جي **بدبوءِ** نڪرندي آهي ۽ مسجد کي **بدبوءِ** کان بچائڻ واجب
آهي. بارود جو **بدبودار** دونهون اندر نہ اچي اوترو ٻاهر کان لوبان يا
اگربتي وغيره ٻاري مسجد ۾ آڻيو. اگربتين کي ڪنهن وڏي ٿالهہ
وغيره ۾ رکڻ ضروري آهي تہ جيئن انهن جي خاڪ مسجد جي فرش
وغيره تي نہ ڪري. اگربتي جي پيڪيٽ تي جيڪڏهن جاندار جي

تصوير نهيل هجي تہ ان کي ڊاهي ڇڏيو. مسجد (۾ پڻ گهرن ۾ ڪارن وغيره) ۾ ”ايئرفريشنر“ (AIR FRESHNER) سان خوشبوءِ نہ ڪريو جو ان جا ڪيميائي مادا فضا ۾ ڦهلجي ويندا آهن ۽ ساهہ جي ذريعي ڦڦڙن ۾ پهچي ڪري نقصان پهچائيندا آهن. هڪ طبي تحقيق جي مطابق ايئر فريشنر جي استعمال سان چمڙيءَ جو ڪينسر يعني (SKIN CANCER) ٿي سگهي ٿو.

## وات ۾ بدبوءِ هجي تہ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُک کان گهٽ کاڌو کائڻ جي عادت بڻايو يعني اڃان خواهش باقي هجي تہ هٿ روڪي ڇڏيو. جيڪڏهن خوب پيٽ ڀري کائيندا رهيؤ، ۽ وقت بي وقت سيخ ڪباب، برگر، آلو ڇولا، پزّا، آئس ڪريم، ٿڌيون بوتلون وغيره پيٽ ۾ پهچائيندا رهيؤ، پيٽ خراب ٿي ويو ۽ خدا نخواستہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري لڳي وئي تہ سخت امتحان ٿي ويندو، ڇوتہ **وات مان بدبوءِ** ايندي هجي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ **حرام** آهي، ايتري تائين جو جنهن وقت **وات مان بدبوءِ** اچي رهي هجي ان وقت باجماعت نماز پڙهڻ جي لاءِ بہ مسجد ۾ اچڻ گناهہ آهي. ڇو تہ فڪرِ آخرت جي گهٽتائيءَ سبب ماڻهن جي وڏي اڪثريت ۾ کاڌي جو حرص گهٽو ۽ اڄ ڪلهہ هر طرف ”فوڊ ڪلچر“ جو دؤر هلي رهيو آهي. هن سبب کان وڏو تعداد آهي جنهن جي **وات مان بدبوءِ** ايندي آهي. منهنجو ڪافي تجربو آهي تہ جڏهن ڪو وات ويجهو ڪري ڳالهہ ڪندو آهي تہ ان جي **وات جي بدبوءِ** جي سبب ساهہ

روڪڻو پوندو آهي. ڪڏهن تہ امام ۽ مؤذن کي بہ **وات مان بدبوءِ** اچڻ جو مرض ٿي ويندو آهي، ائين هجي تہ انهن کي موڪل وٺي علاج ڪرائڻ گهرجي ڇوتہ وات ۾ **بدبوءِ** هجڻ جي صورت ۾ مسجد جي اندر داخل ٿيڻ **حرام** آهي. افسوس! بدبودار وات وارا ڪيترائي ماڻهو مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ مسجد جي اندر معتڪف بہ ٿي ويندا آهن. رمضان المبارڪ ۾ ڪباب سموسا ۽ پيون تريل شيون ۽ قسمين قسمين سٽيپون غذائون کائڻ جي سبب وات جي بدبوءِ جي مريضن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ان جو بهتر علاج هي آهي تہ سادي غذا اها بہ بُک کان گهٽ کائي ۽ هاضمو درست رکي. رُڳو وات جي ئي **بدبوءِ** ناهي بلڪ هر قسم جي بدبوءِ کان مسجد کي بچائڻ **واجب** آهي.

## وات ۾ بدبوءِ هجي تہ نماز مڪروہ ٿيندي آهي

**فتاوىٰ رضويه جلد 7 صفحي 384** تي آهي: وات ۾ **بدبوءِ** هجڻ جي حالت ۾ (گهر ۾ پڙهي ويندڙ) نماز بہ مڪروہ آهي ۽ اهڙي حالت ۾ مسجد وڃڻ **حرام** آهي جيستائين وات صاف نہ ڪري وٺي ۽ ٻئي نمازي کي ايذاءُ پهچڻ **حرام** آهي، ۽ ٻيو نمازي نہ بہ هجي تہ بہ **بدبوءِ** سان فرشتن کي ايذاءُ پهچندو آهي. حديث ۾ آهي: ”جنهن شيءِ سان انسان تڪليف محسوس ڪندا آهن فرشتا بہ ان سان تڪليف محسوس ڪندا آهن.“ (صحيح مسلم ص 282 حديث 564)

## بدبودار ملم لڳائي مسجد ۾ اچڻ جي ممانعت

منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جنهن جي بدن ۾ **بدبوءِ** هجي جو ان سان نمازين کي

تڪليف ٿئي مثال طور مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جنهن کي **وات مان بدبوءِ** اچڻ جي بيماري هجي ۽ جنهن کي **بغل مان بدبوءِ** اچڻ جو مرض هجي يا جنهن **خارش** وغيره جي سبب **گندرف** مَليو (يا ڪا بدبودار ملم يا لوشن لڳايو) هجي ان کي بہ مسجد ۾ اچڻ نہ ڏنو وڃي.“

(فتاویٰ رضويه تخريج شده ج 8 ص 72)

## ڪچو بصر ڪائڻ سان بہ وات بدبودار ٿي ويندو

**ڪچي** مُوري، ڪچو بصر، ڪچي ثوم ۽ هر اها شيءِ جنهن جنهن جي بوءِ ناپسند هجي اها ڪائي مسجد ۾ ان وقت تائين وڃڻ جائز ناهي جيستائين هٿ وغيره ۾ بوءِ باقي هجي جو فرشتن کي ان سان تڪليف ٿيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:” جنهن بصر، ثوم يا گندنا (ثوم جهڙي هڪ ڀاڄي) کاڌي اهو اسان جي مسجد جي ويجهو هرگز نہ اچي.“ ۽ فرمايائون:” جيڪڏهن کائڻ ئي چاهيو تہ پچائي ان جي بوءِ ختم ڪريو.“

(صحيح مسلم ص 282 حديث 564 دار ابن حزم بيروت )

**صدر الشريعه بدر الطريقه** علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:”مسجد ۾ ڪچو بصر ۽ ڪچي ثوم کائڻ يا کائي وڃڻ جائز ناهي جيستائين بوءِ باقي هجي. اهو ئي حڪم هر ان شيءِ جو آهي جنهن ۾ بوءِ هجي جيئن گندنا (هي ثوم سان ملندڙ جُلندڙ سبزي آهي) مُوري، ڪچو گوشت ۽ گاسليٽ، اها ماچيس جي تيلي جنهن جي رڳڙڻ ۾ بوءِ ڦهلجندي هجي، ريح خارج

ڪرڻ وغيره وغيره. جنهن کي وات مان **بدبوءِ** اچڻ جي بيماري هجي يا کو بدبودار زخم هجي يا ڪا بدبودار دوا لڳائي هجي ته جيستائين بوءِ ختم نه ٿئي ان کي مسجد ۾ آڻڻ جي ممانعت آهي.
(بهارِ شريعت حصو 3 ص 154)

## ڪچي بصر واري ڪچونبر ۽ رائتي کان احتياط ڪريو

**ڪچي** بصر وارن چٽڻ، چولن، رائتي ۽ ڪچونبر ۽ پڻ ڪچي ثوم واري ڪٽاڻ چٽڻي وغيره کائڻ کان نماز جي اوقات ۾ پرهيز ڪريو. ڪڏهن ڪڏهن ڪباب سموسي وغيره ۾ ڪچي بصر ۽ ڪچي ثوم جي بوءِ ايندي آهي، تنهن ڪري نماز کان پهريان انهن کي به نه کائو. اهڙيون بوءِ واريون شيون مسجد ۾ آڻڻ جي به اجازت ناهي.

## بدبودار وات ڪٽي مسلمانن جي ميڙ ۾ وڃڻ جي ممانعت

**مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: مسلمانن جي ميڙن، درسِ قرآن جي مجلسن، علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين جي بارگاهن ۾ بدبودار وات ڪٽي نه وڃو. (مرآة ج 6 ص 25) وڌيڪ فرمائن ٿا: جيستائين وات ۾ **بدبوءِ** رهي گهر ۾ ئي رهو، مسلمانن جي جلسن، ميڙن ۾ نه وڃو. حقو پيئڻ وارن، تماڪ وارا پان کائي ڪري گرڙي نه ڪرڻ وارن کي هن مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: جنهن کي **وات ۾ بدبوءِ** جي بيماري هجي ان کي مسجدن جي حاضري مُعاف آهي.
(مرآة ج 6 ص 26)

## نماز جي وقتن ۾ ڪچو بصر ڪائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ”وات ۾ بدبوءِ واري بيماري“ واري کي مسجد جي حاضري مُعاف آهي، تہ ڇا ڪچي بصر وارو رائتو يا ڪچونبر يا اهڙا ڪباب سموسا جن ۾ ٿوم بصر صحيح پڪل نہ هجن ۽ انهن جي بوءِ ايندي هجي يا مهتيل ٻاجهريءَ جي ماني جنهن ۾ ڪچي ٿوم شامل هوندي آهي اهڙي غذا وغيره جماعت کان ڪجهہ دير پهريان ان نِيَّت سان کائي سگهون ٿا جو وات ۾ بوءِ ٿي وڃي ۽ مسجد جي جماعت واجب نہ رهي!

**جواب:** ائين ڪرڻ جائز ناهي. مثال طور نمازِ مغرب کان پوءِ اهڙو ڪچونبر يا سلاد وغيره نہ کائي جنهن ۾ ڪچي موري يا ڪچو بصر يا ڪچي ٿوم هجي چو تہ عشاء جي نماز جو وقت ويجهو هوندو آهي ۽ ايترو جلدي وات صاف ڪري مسجد ۾ پهچڻ ڏکيو هوندو آهي. ها جيڪڏهن جلد وات صاف ڪرڻ ممڪن آهي يا ڪنهن ٻئي سبب کان مسجد جي حاضري کان معذور آهي مثال طور عورت. يا نماز پڙهڻ ۾ اجان ڪافي دير آهي ان وقت تائين بوءِ ختم ٿي ويندي تہ کائڻ ۾ حرج ناهي. منهنجا آقا **اعلیٰ حضرت حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڪچي ٿوم يا بصر کائڻ بيشڪ حلال آهي ۽ ان کي کائي جيستائين بوءِ ختم نہ ٿئي مسجد ۾ وڃڻ ممنوع پر جيڪو حقو اهڙو گهاتو ۽ بي اهتمام هجي جو مَعاذَاللہ تغيّر باقي (يعني ديرپا بدبوءِ) پيدا ڪري جو جماعت جي وقت تائين گرڙيءَ سان بہ مڪمل طور ختم نہ ٿئي تہ جماعت جي وقت ويجهو اچڻ تي ان

جو پيئڻ شرعي طور تي ناجائز آهي جو هاڻي هو جماعت ڇڏڻ، سجدو ترڪ ڪرڻ يا بدبوءِ سان مسجد ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بڻجندو ۽ اهي ٻئي ممنوع ۽ ناجائز آهن ۽ (هي شرعي اصول آهي ته) هر مباح في نفسه (يعني هر اهو ڪم جيڪو حقيقت ۾ جائز هجي پر) امرِ ممنوع (منع ٿيل ڪم جي طرف وٺي وڃڻ وارو هجي، ممنوع ۽ نا روا (يعني ناجائز) آهي.

(فتاوىٰ رضويه ج 25 ص 94)

## وات جي بدبوءِ معلوم ڪرڻ جو طريقو

جيڪڏهن وات ۾ ڪا بدبوءِ هجي ته جيترا پيرا ڏندڻ ۽ گرڙين سان ان (بدبوءِ) کي دور ڪرڻ ممڪن هجي(اوترا پيرا گرڙيون وغيره ڪرڻ) لازم آهي، ان جي لاءِ ڪا حد مقرر ناهي. بدبودار گهاتو حقو بي احتياطيءَ سان پيئڻ وارن کي ان جو خيال (رکڻ) سخت ضروري آهي ۽ ان کان وڌيڪ سگريٽ واري کي جو ان جي بدبوءِ مرڪب تماڪ کان سخت تر ۽ تمام گهڻي دير تائين هلندڙ آهي انهن سڀني کان وڌيڪ اشد ضرورت تماڪ کائڻ وارن کي آهي جن جي وات ۾ ان جو جِرم (يعني دونهي جي بجاءِ پاڻ تماڪ ئي) دبيل آهي ۽ وات کي پنهنجي بدبوءِ سان پري ڇڏيندو آهي. اهي سڀئي ماڻهو ان وقت تائين ڏندڻ ۽ گرڙيون ڪن جيستائين وات بلڪل صاف ٿي وڃي ۽ بوءِ جو اصل نشان ئي نه رهي ۽ ان جو امتحان هيئن آهي ته پنهنجو هٿ وات جي قريب آڻي وات کولي ڪري زور سان ٽي پيرا ٽِڙيءَ کان پوري طرح ساهه ڪڍي هٿ تي آڻيو ۽ هڪدم سنگهو. ان کان بغير، اندر جي بدبوءِ پاڻ کي گهٽ محسوس ٿيندي آهي ۽ جڏهن

وات ۾ بدبوءِ هجي تہ مسجد ۾ وڃڻ حرام، نماز ۾ داخل ٿيڻ منع۔ والله الهادي (فتاویٰ رضويه تخريج شده ج پهريون ص 623)

## وات جي بدبوءِ جو علاج

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي کائڻ جي سبب وات ۾ بدبوءِ ايندي هجي تہ ساوا ڌاڻا چباڙي ڪري کائو ڳڙوڳڙ گلاب جي تازن يا سڪل پنن سان ڏندن کي صاف ڪريو، اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. ها جيڪڏهن پيٽ جي خرابي جي ڪري بدبوءِ ايندي هجي تہ " گهٽ کائڻ " جي سعادت حاصل ڪري بُک جون برڪتون حاصل ڪرڻ سان اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ تنگن ۽ بدن جي مختلف حصن جي سور، قبض، سيني جو ساڙو، وات جا چالا، هرهر ٿيڻ واري نزلي کنگهہ ۽ ڳلي جو سور، مهارن مان رت اچڻ وغيره تمام گهڻن بيمارين سان گڏوگڏ وات جي بدبوءِ کان بہ جان ڇٽي پوندي. بُک باقي رهي اهڙيءَ طرح سان گهٽ کائڻ ۾ 80 سيڪڙو بيمارين کان بچت ٿي سگهي ٿي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جي باب "پيٽ جو قفلِ مدينه" جو مطالعو فرمايو) جيڪڏهن نفس جي حرص جو علاج ٿي وڃي تہ ڪيترائي جسماني ۽ روحاني مرض پاڙمرادو ختم ٿي ويندا.

رضا نفس دشمن ہے دم میں نہ آنا
کہاں تم نے دیکھے ہیں چندرانے والے

## وات جي بدبوءِ جو مدني علاج

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى النَّبِيِّ الطَّاهِرِ متيون ڏنل درود شريف موقعي جي مناسبت سان هڪ ئي ساهيءَ ۾ يارهن ڀيرا پڙهي ڇڏيو اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ وات جي بدبوءِ ختم

ٿي ويندي . هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ وات بند ڪري آهستي آهستي نڪ مان ساهہ ڪڍڻ شروع ڪريو ۽ ممڪن حد تائين هوا ڦڦڙن ۾ ڀري ڇڏيو. هاڻي درود شريف پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڀيرا هن طرح مشق ڪندؤ تہ ساهہ ٽنڻ ڪان پهريان اِنْ شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مڪمل ٻارهن ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي ترڪيب بڻجي ويندي. ڄاڻايل طريقي تي نڪ مان گهرا ساهہ ڪڍي ممڪن حد تائين روڪي رکڻ ڪان پوءِ وات مان خارج ڪرڻ صحت جي لاءِ ڏاڍو فائديمند آهي. سڄي ڏينهن ۾ جڏهن بہ موقعو ملي بالخصوص کليل فضا ۾ روزانو ڪجهہ ڀيرا تہ ائين ڪري وٺڻ ئي گهرجي. مون کي (سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ کي) هڪ وڏي عمر واري حڪيم صاحب ٻُڌايو هيو تہ مان ساهہ ڪڍڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ تائين (يا چيائين ٻن ڪلاڪن تائين هوا کي اندر روڪي ويندو آهيان ۽ انهيءَ دوران پنهنجا ورد وظيفا بہ پڙهي سگهان ٿو. بقول ان حڪيم جي ساهہ روڪڻ جا اهڙا مَشّاق (يعني مشق ڪري ماهر ٿي وڃڻ وارا ماڻهو) بہ دنيا ۾ هوندا آهن جيڪي صبح جو ساهہ ڪڍندا آهن تہ شام جو ڪيندا آهن!

## استنجا خانا مسجد ڪان ڪيترو پري هئڻ گهرجن

**بارگاهِ** رضويت ۾ سوال ٿيو تہ نمازين جي لاءِ استنجا خانا مسجد ڪان ڪيترو پري هجڻ گهرجن؟ ان تي منهنجي آقا **اعلى حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **جواب** ۾ ارشاد فرمايو: مسجد کي بوءِ کان بچائڻ واجب آهي تنهن ڪري مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ **حرام**، مسجد ۾ بدبودار بارود واري ماچيس جي تيلي ٻارڻ

حرام، ايتري تائين جو حديث ۾ ارشاد ٿيو: مسجد ۾ ڪچو گوشت ڪٽي وڃڻ جائز ناهي. (ابن ماجه ج1 ص 413 حديث 748 دار المعرفه بيروت) حالانڪ ڪچي گوشت جي **بوءِ** تمام خفيف (يعني هلڪي) آهي تہ جتان ڪان مسجد ۾ **بوءِ** پهچي اوتري تائين (استنجا خانا ٺاهڻ جي) ممانعت ڪئي ويندي. (فتاوىٰ رضويه ج 16 ص 232) ڪچي گوشت جي **بدبوءِ** هلڪي ٿيندي آهي جڏهن هي بہ مسجد ۾ ڪٽي وڃڻ جائز ناهي تہ ڪچي مڇي ڪٽي وڃڻ بدرجهءِ اوليٰ ناجائز ٿيندو ڇو تہ ان جي **بوءِ** گوشت ڪان وڌيڪ تيز ٿيندي آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پچائڻ وارن جي بي احتياطيءَ جي سبب هن جو ڪاڏو ڪائڻ سان بہ هٿ ۽ وات ۾ اڻ وڻندڙ بوءِ پيدا ٿي ويندي آهي. اهڙي صورت ۾ بوءِ ختم ڪرڻ ڪانسواءِ مسجد ۾ نہ وڃو. استنجا خانن جي جڏهن صفائي ڪئي ويندي آهي ان وقت **بدبوءِ** ڪافي ڦهلجي ويندي آهي تنهن ڪري (استنجا خانن ۽ مسجد جي وچ ۾) ايترو فاصلو رکڻ ضروري آهي جو صفائيءَ جي موقعي تي بہ **بدبوءِ** مسجد ۾ داخل نہ ٿي سگهي. استنجا خانا مسجد جي چؤديواري ۾ ڳُلندا هجن تہ ضرورت جي طور تي ديوار کي ٽوڙي ڪري ٻاهر جي طرف کان دروازي مان ڪڍي بہ **بدبوءِ** کان مسجد کي بچائي سگهجي ٿو.

## پنهنجي لباس وغيره تي غور ڪرڻ جي عادت ٺاهيو

**مسجد** ۾ **بدبوءِ** ڪٽي وڃڻ حرام آهي. ڳڏوڳڏ **بدبوءِ** واري شخص جو داخل ٿيڻ بہ **حرام** آهي.

مسجد ۾ ڪنهن ڪک سان خِلال بہ نہ ڪريو جو جيڪي پابنديءَ سان

هر ڪاڏي ڪان پوءِ خِلال جا عادي ناهن هوندا انهن جي ڏندن جي وِچين مان بدبوءِ نڪرندي آهي. معتڪف فناءِ مسجد ۾ به ايترو ئي پري ڏندن جو خِلال ڪري جو بدبوءِ اصل مسجد ۾ داخل نه ٿئي. بدبودار زخم وارو يا اهو مريض جنهن پيشاب واري ٿيلهي (URINBAG OR STOOL BAG) لڳائي آهي اهي مسجد ۾ داخل نه ٿين. اهڙيءَ طرح ليبارٽري ٽيسٽ ڪرائڻ جي لاءِ ورتل رت يا پيشاب جي شيشي، ذبيحه جي ذبح ڪرڻ وقت نڪتل رت سان خراب ٿيل ڪپڙا وغيره ڪنهن شيءِ ۾ لڪائي به مسجد ۾ نه ٿا آڻي سگهو. جيئن ته فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: مسجد ۾ نجاست کڻي وڃڻ جيتوڻيڪ ان سان مسجد خراب نه ٿئي يا جنهن جي بدن تي نجاست لڳل هجي ان کي مسجد ۾ وڃڻ منع آهي. (ردالمحتار ج1 ص 614) مسجد ۾ ڪنهن ٿانوَ جي اندر پيشاب ڪرڻ يا مريض جو رت وٺڻ به جائز ناهي.“(درمختار ج1ص614) پاڪ بدبوءِ لڳل هجي جيئن اڪثر ماڻهن جي بدن ۾ پگهر جي بدبوءِ هوندي آهي پر لباس ۾ لڳل هوندي آهي ته هن صورت ۾ مسجد جي اندر وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي، اهڙيءَ ريت رومال وغيره ۾ جيڪڏهن پگهر وغيره جي بدبوءِ آهي ته مسجد جي اندر نه ڪڍي، کيسي ۾ ئي رکيل رهي، جيڪڏهن عمامي يا ٽوپي لاهڻ سان پگهر يا مر وغيره جي بدبوءِ ايندي هجي ته مسجد ۾ نه لاهي. اهڙيءَ طرح ڪچو گوشت يا ڪچي مڇي وغيره ائين پيڪ ٿيل آهن جو بدبوءِ نه ٿي اچي ته مسجد ۾ کڻي وڃڻ ۾ حرج ناهي. جيئن ته ان جو مثال ڏيندي مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي

احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: ”ها جيڪڏهن ڪنهن صورت سان گاسليٽ جي بدبوءِ ختم ڪئي وڃي يا اهڙيءَ طرح ليمپ وغيره ۾ بند ڪيو وڃي جو ان جي بدبوءِ ظاهر نہ ٿئي تہ (مسجد ۾) جائز آهي.“ (فتاوىٰ نعيميه ص 65) هر مسلمان کي پنهنجي وات، بدن، رومال، لباس، جُتي ۽ چپل وغيره تي غور ڪندو رهڻ گهرجي جو ان ۾ ڪٿان ڪان بدبوءِ تہ نہ ٿي اچي ۽ اهڙو ميرو لباس پائي ڪري بہ مسجد ۾ نہ اچو جنهن سان ماڻهن کي ڪراهت اچي. افسوس!! دنياوي آفيسرن وغيره وٽ تہ عمده لباس پائي ڪري وڃون ۽ پنهنجي پياري پياري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ حاضريءَ جي وقت نفاست (يعني صفائيءَ) جو ڪو اهتمام نہ ڪريون. مسجد ۾ اچڻ مهل انسان گهٽ ۾ گهٽ اهو لباس تہ پائي جيڪو دعوتن ۾ پائي ويندو آهي. پر هن ڳالهہ جو خيال رکجو تہ لباس شريعت ۽ سنّت مطابق هجي.

## مسجد ۾ ٻارڪي آڻڻ جي ممانعت

سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينہ، صاحب معطر پسينہ، باعثِ نُزولِ سڪينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: مسجدن کي ٻارن ۽ پاڳلن ۽ خريد و فروخت ۽ جهيڳڙن ۽ آواز بلند ڪرڻ ۽ حدود قائم ڪرڻ ۽ تلوارون ڪڍڻ کان بچايو. (سنَن ابن ماجه ج 1 ص 415 حديث 750)

**اهڙو ٻار جنهن مان نجاست** (پيشاب وغيره ڪري ڇڏڻ) **جو خطرو هجي ۽ پاڳل کي مسجد جي اندر وني وڃڻ حرام آهي جيڪڏهن نجاست جو خطرو نہ هجي تہ مکروه. جيڪي ماڻهو جُتيون**

مسجد جي اندر ڪٽي ويندا آهن انهن کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي جو جيڪڏهن نجاستَ لڳل هجي تہ صاف ڪري ڇڏين ۽ جوتا پائي مسجد ۾ هلي وڃڻ بي ادبي آهي. (رد المحتارج4 ص 518)

**ٻار يا پاڳل** (يا بيهوش يا جنهن تي جِنّ آيو هجي ان) کي دم ڪرائڻ جي لاءِ بہ مسجد ۾ وڃي وڃڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. ننڍي ٻار کي چڱيءَ طرح ڪپڙي ۾ ويڙهي بلڪہ "پيڪنگ" ڪري بہ نہ تا آڻي سگهو. جيڪڏهن توهان ٻار وغيره کي مسجد ۾آڻڻ جي غلطي ڪري چُڪا آهيو تہ براءِ ڪرم! هڪدم توبهہ ڪري بيهر نہ آڻڻ جو عهد ڪريو. ها فناءِ مسجد مثال طور امام صاحب جي حُجري ۾ ٻار کي وٺي وڃي سگهو ٿا جڏهن تہ مسجد جي اندر کان گذرڻو نہ پوي.

## گوشت مڇي وڪڻڻ وارا

گوشت مڇي وڪڻڻ واري جي لباس ۾ سخت بدبوءِ هوندي آهي تنهن ڪري انهن کي گهرجي تہ فارغ ٿي ڪري چڱيءَ طرح وهنجن، صاف لباس پائن، خوشبو لڳائن ۽ پوءِ مسجد ۾ اچن. وهنجڻ ۽ خوشبو لڳائڻ شرط ناهي رُڳو مشوري جي طور تي عرض ڪيو آهي، ڪابہ اهڙي ترڪيب ڪريو جو بدبوءِ مڪمل طور تي ختم ٿي وڃي.

## ڪجھ غذائن جي ڪري ﭘگهر ۾

ڪجھ غذائون اهڙيون هونديون آهن جن جي کائڻ سان **بدبودار ﭘگهر** ايندو آهي اهڙا ماڻهو غذائون تبديل ڪن.

## وات جي صفائيءَ جو طريقو

**جيڪي** ڏندڻ ۽ ڪاڏي کان پوءِ خِلال (ڏند کوٽڻ) جي سنّت ادا ناهن ڪندا ۽ ڏندن جي صفائي ڪرڻ ۾ سُست هوندا آهن اڪثر انهن جا وات **بدبودار** هوندا آهن. رُڳو

رسمي طور تي ڏندڻ ۾ خِلال جو تيلو ڏندن سان لڳائي ڇڏڻ ڪافي ناهي هوندو. مهارون زخمي نہ ٿين اهڙي احتياط سان هر ممڪن صورت ۾ ڪاڏي جو هڪ هڪ ذرو ڏندن مان ڪڍڻو پوندو نہ تہ ڏندن جي وچ ۾ غذائي جُزا پئي پئي خراب ٿيندا ۽ سخت بدبوءِ جو سبب بڻجندا رهندا. ڏندن جي صفائي جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ڪا شيءِ کائڻ يا چانهہ وغيره پيئڻ کان پوءِ ان کان علاوه بہ جڏهن جڏهن موقعو ملي مثال طور ويني ويني کو ڪم ڪري رهيا آهيو ان وقت پاڻيءَ جو ڍڪ وات ۾ پري چڏيو ۽ جنبش ڏيندا رهو يعني گهمائيندا رهو اهڙيءَ ريت وات جو ڪچرو ۽ ڏندن جي مر صاف ٿيندي رهندي. سادو پاڻي بہ هلي ويندو ۽ جيڪڏهن لوڻ وارو نيم گرم پاڻي هجي تہ هي اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بهترين ”ماؤٿ واش“ ثابت ٿيندو.

## ڏاڙهيءَ کي بدبوءِ کان بچايو

**ڏاڙهيءَ** ۾ گهڻو ڪري غذائي جزا ڦاسي پوندا آهن، سمهڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن وات جي بدبودار ڳِگ بہ داخل ٿي ويندي آهي ۽ اهڙيءَ ريت بدبوءِ ايندي آهي تنهن ڪري مشوري طور عرض آهي تہ، ٿي سگهي تہ روزانو هڪ اڌ پيرو صابڻ سان ڏاڙهيءَ کي ڌوئو وجهي.

## خوشبودار تيل بڻائڻ جو آسان طريقو

**مٿي** ۾ سرنهن جو تيل هڻڻ وارو مٿي کان ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن **بدبودار** ڇَوس ڦهلجندي آهي تنهن ڪري جنهن کان جيترو ٿي سگهي اهو عمده خوشبودار تيل وجهي. خوشبودار تيل بڻائڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ ڪوپري

جي تيل جي شيشي ۾ پنهنجي پسنديده عطر جا ڪجهه قطرا وجهي ڪري حل ڪري ڇڏيو. **خوشبودار تيل** تيار آهي. (خوشبودار تيل ٺاهڻ جا مخصوص ايسينس به خوشبوئن جي دڪانن کان حاصل ڪري سگهجن ٿا) مٿي جي وارن کي مناسب وقفي موجب صابڻ سان ڌوئيندا رهو.

## ٿـي سگهي ته روزانو وهنجو

جنهن کان ٿي سگهي اهو روزانو وهنجي جو ڪافي حد تائين ٻاهرين بدن جي بدبوءِ ختم ٿيندي ۽ هي صحت جي لاءِ به فائديمند آهي. (پر معتڪفين مسجد جي غسل خانن ۾ سخت ضرورت ڪانسواءِ نه وهنجن جو نمازين جي لاءِ وضوءَ جي پاڻيءَ جي گهٽتائي ٿي سگهي ٿي ۽ موتر به هرهر هلڻ سان خراب ٿي سگهي ٿو)

## عمامي وغيره کي بدبوءِ کـان بچائڻ جو طريقو

ڪجهه اسلامي ڀائر ڪافي وڏي سائيز جو عمامو شريف ٻَڌڻ جو جذبو ته رکندا آهن پر صفائي رکڻ ۾ ڪوتاهي ڪري ويهندا آهن ۽ ائين ڪڏهن ڪڏهن لاشعوري ۾ مسجد جي اندر"بدبوءِ" ڦهلائڻ جي جرم ۾ ڦاسي ويندا آهن. تنهن ڪري **مدني التجا** آهي ته عمامو، سربند شريف ۽ چادر استعمال ڪرڻ وارا اسلامي ڀائر ڪوشش ڪري هر هفتي ۽ موسم جي اعتبار کان يا ضرورت پوڻ تي وڌيڪ جلدي جلدي انهن کي ڌوئڻ جي ترڪيب ٺاهين. نه ته مر مٿيءَ، پگهر ۽ تيل وغيره جي سبب انهن شين ۾ بدبوءِ ٿي ويندي آهي، جيتوڻيڪ پاڻ کي محسوس ناهي ٿيندي پر ٻين کي بدبوءِ جي سبب ڪافي ڪراهت ايندي آهي، پاڻ کي ان لاءِ

خبر ناهي پوندي جو جنهن وٽ مستقل طور ڪا مخصوص خوشبو يا **بدبوءِ** هجي ان سان ان جو نڪ اڳ ئي واسيل هوندو آهي.

## عامو ڪهڙو هجڻ گهرجي؟

**سخت** ٽوپي تي بَدَل عامي جو استعمال بہ ان جي اندر **بدبوءِ** پيدا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ٿي سگهي تہ سنهي ململ جي هلڪي ڦلڪي ڪپڙي جو عامو شريف استعمال ڪريو ۽ ان لاءِ ڪپڙي جي اهڙي ٽوپي پايو جيڪا مٿي سان چنبڙيل هجي. جو اهڙي ٽوپي پائڻ بہ سنّت آهي. بَدَل عامو شريف مٿي تي رکي ڇڏڻ ۽ لاهي رکي ڇڏڻ بدران بَدَڻ وقت سنّت جي مطابق هڪ هڪ وڪڙ ڪري بَدو ۽ اهڙيءَ ئي ريت کولڻ جي ترڪيب ڪريو. اهڙيءَ ريت ڪرڻ سان بحڪمِ احاديث هر پيري هر وڪڙ تي **هڪ هڪ نيڪي** ۽ **هڪ نُور** ملندو ۽ هر پيري لاهڻ ۾ (جڏهن تہ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت بہ هجي تہ) هڪ هڪ گناهہ لهندو. (ماخوذ از ڪنزالعمال ج 15 ص 132،133 الحديث 41126، 41138 دار الڪتب العلميه بيروت) ۽ هرهر هوا لڳڻ جي ڪري اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **بدبوءِ** بہ ختم ٿيندي. عامو ۽ سربند شريف، چادر ۽ لباس وغيره کي لاهي اس ۾ رکڻ سان بہ پگهر جي **بدبوءِ** ختم ٿي سگهي ٿي. گڏوگڏ انهن تي سنين سنين نيّتن سان عمده عطر لڳائيندو رهڻ بہ **بدبوءِ** کي ختم ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ضمن ۾ عطر لڳائڻ جون نيّتون بہ ملاحظ فرمايو:

## دنیا پسند کرتی ہے عطرِ گُلاب کو لیکن مجھے نبی ﷺ کا پسینہ پسند ہے جي 147 ڪرن جي نسبت سان خوشبو لڳائڻ جون 47 نيتون

فرمانِ مصطفيٰ B مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي
(طبراني معجم ڪبير حديث 5942 ج 6ص 185 دار احياءِ التراث العربي بيروت)

﴿1﴾ سنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ان لاءِ خوشبو لڳائيندس ﴿2﴾ لڳائڻ کان پهريان بِسْمِ الله ﴿3﴾ لڳائيندي درود شريف ۽ ﴿4﴾ لڳائڻ کان پوءِ شڪر نعمت ادا ڪرڻ جي نيّت سان الحمد للّٰه رب العلمين چوندس ﴿5﴾ ملائڪن ۽ ﴿6﴾ مسلمانن کي فرحت پهچائيندس﴿7﴾ عقل وڌندو ته احڪامِ شرعي ياد ڪرڻ ۽ سنّتون سکڻ تي قوت حاصل ڪندس (امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عمده خوشبو لڳائڻ سان عقل وڌندو آهي) ﴿8﴾ لباس وغيره کان بدبوءِ ختم ڪري مسلمانن کي غيبت جي گناهن کان بچائيندس (چوته بغير شرعي اجازت جي ڪنهن مسلمان جي باري ۾ پويان مثال طور هن طرح چوڻ ته ”هن جي لباس يا هٿن يا وات مان بدبوءِ اچي رهي هئي“غيبت آهي) ﴿9﴾ موقعي جي مناسبت سان هي نيّتون به ڪري سگهجن ٿيون مثال طور ﴿10﴾ نماز جي لاءِ زينت حاصل ڪندس ﴿11﴾ مسجد ﴿12﴾ نمازِ تهجد ﴿13﴾ جمعه ﴿14﴾ سومر شريف ﴿15﴾ رمضان المبارڪ ﴿16﴾ عيد الفطر ﴿17﴾ عيد الاضحیٰ ﴿18﴾ ميلاد شريف جي رات ﴿19﴾ عيدِ ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿20﴾ ميلاد شريف جي جلوس ﴿21﴾ شبِ معراج النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿22﴾ شبِ براءَت ﴿23﴾ يارهين شريف ﴿24﴾يومِ رضا ﴿25﴾ درسِ

قرآن ۽ ﴿26﴾حديث ﴿27﴾ تلاوت ﴿28﴾ اوراد و وظائف ﴿29﴾ درود شريف ﴿30﴾ ديني ڪتاب جو مطالعو ﴿31﴾ علمِ دين پڙهائڻ ﴿32﴾ تعليمِ علم دين ﴿33﴾ فتوىٰ نويسي ﴿34﴾ ديني ڪتابن جي تصنيف ۽ تاليف ﴿35﴾سنّتن پريئي اجتماع ﴿36﴾ اجتماع ذڪر و نعت ﴿37﴾ قرآن خواني ﴿38﴾ فيضانِ سنّت جي درس﴿ 39﴾ علاقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت ﴿40﴾ سنّتن پريو بيان ڪرڻ وقت ﴿41﴾ عالم ﴿42﴾ ماءُ ﴿43﴾پيءُ ﴿44﴾ صالح مؤمن ﴿45﴾ پير صاحب ﴿46﴾ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وار مبارڪ جي زيارت ۽ ﴿47﴾ مزار شريف جي حاضري جي موقعن تي به تعظيم جي نِيَّت سان خوشبو لڳائي سگهجي ٿي. جيتريون سنيون سنيون نِيَّتون ڪندؤ اوترو ئي ثواب وڌيڪ ملندو. جڏهن ته نِيَّت جو موقعو به هجي ۽ اها نِيَّت شرعي طور تي درست به هجي. وڌيڪ ياد نه به رهن ته گهٽ ۾ گهٽ به تي نيّتون ڪري ئي چڏڻ گهرجن.

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين اسان کان جيترا پيرا مسجد ۾ بدبوءِ ڪٽي وڃڻ جو گناهه ٿيو هجي ان کان توبهه ٿا ڪريون ۽ هي عزم ٿا ڪريون ته پيهر ڪڏهن به مسجد ۾ ڪنهن طرح جي بدبوءِ نه ڪٽي ويندا سين. يا ربِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي مسجدن کي خوشبودار رکڻ جي سعادت ڏي. يـاالله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر قسم جي ظاهري باطني بدبوئن کان پاڪ ٿي ڪري مسجد ۾ حاضري جي توفيق عطا فرماءِ- ياالله عَزَّوَجَلَّ اسان جي خوشبودار سرڪارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي گناهن جي بدبوئن کان نجات ڏي ۽ خوشبوئن سان

مهڪندڙ جنّت الفردوس ۾ پنهنجي معطر معطر محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واللہ جو مل جائے مرے گل کا پسینہ
مانگے نہ کبھی عطر نہ پھر چاہے دُلہن پھول (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فناءِ مسجد ۽ معتڪف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فناءِ مسجد ۾ وڃڻ سان اعتڪاف فاسد ناهي ٿيندو. معتڪف بغير ڪنهن ضرورت جي به فناءِ مسجد ۾ وڃي سگهي ٿو. فناءِ مسجد مان مُراد اهي جڳهون آهن جيڪي مسجد جي احاطي (عرفِ عام ۾ جن کي مسجد چيو وڃي ٿو) ۾ واقع هجن ۽ مسجد جي مصالح يعني ضرورياتِ مسجد جي لاءِ هجن، جيئن منارو، وضو خانو، استنجا خانو، غسل خانو، مسجد سان لڳولڳ مدرسو، مسجد سان لڳولڳ امام ۽ مُوذن وغيره جا حجرا، جُتيون لاهڻ جي جڳهه وغيره اهي جڳهون ڪجهه مُعاملات ۾ مسجد جي حڪم ۾ آهن ۽ ڪجهه مُعاملن ۾ مسجد کان خارج. مثلاً هتي جُنُبي (يعني جنهن تي غسل فرض هجي) وڃي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اقتدا ۽ اعتڪاف جي مُعاملي ۾ هي جڳهون مسجد جي حڪم ۾ آهن. معتڪف بنا ضرورت جي به هتي وڃي سگهي ٿو. چڻ ته هو مسجد جي ئي ڪنهن هڪ حصي ۾ ويو.

**معتڪف فناءِ مسجد ۾ وڃي سگهي ٿو**

حضرت صدرالشريعه، صاحبِ بهار شريعت حضرت علامه مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”فناءِ

مسجد يعني جيڪا جڳهہ مسجد کان ٻاهر ان سان لڳولڳ مسجد جي ضرورتن لاءِ آهي مثال طور جُتيون لاهڻ جي جڳهہ ۽ غسل خانا وغيره انهن ۾ وڃڻ سان اعتڪاف ناهي ٽٽندو.“ وڌيڪ اڳتي فرمائن ٿا،”فناءِ مسجد هن معاملي ۾ مسجد جي حڪم ۾ آهي.“ (فتاویٰ امجديه ج 1 ص 399) اهڙيءَ طرح منارو بہ فناءِ مسجد آهي. جيڪڏهن ان جو رستو مسجد جي چؤديواري (باؤنڊري وال) جي اندر هجي تہ معتڪف بنا هٻڪ جي ان تي وڃي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن مسجد جي ٻاهران رستو هجي تہ رُڳو اذان ڏيڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿو جو اذان ڏيڻ حاجتِ شرعي آهي.

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي فتويٰ

منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا :”بلڪ جڏهن اهي مدرسا مسجد سان ڳنڍيل مسجد جي حدن اندر آهن، انهن ۾ رستو الڳ ناهي (جيڪو انهن مدرسن کي مسجد جي چؤديواريءَ کان جدا ڪري ڇڏي) رُڳو هڪ فَصيل (يعني پٽ) کان ٻاهرين پڊر جو امتياز ڪري ڇڏيو آهي تہ ان ۾ وڃڻ مسجد کان ٻاهر وڃڻ ئي ناهي، ايتري تائين جو اهڙي جڳهہ تي معتڪف جو وڃڻ جائز آهي جو اهو ڄڻ مسجد جو ئي هڪ قِطعه (يعني حصو) آهي.“

**ردالمحتار** (ج 3 ص 436) ۾”بدائع الصَّنائع“ جي حوالي سان آهي، جيڪڏهن معتڪف مناري تي چڙهيو تہ بنا اختلاف جي ان جو اعتڪاف فاسد (ختم) نہ ٿيندو چو تہ منارو(معتڪف لاءِ) مسجد (جي حڪم) ۾ ئي آهي. (فتاویٰ رضويه ج 7 ص 453)

ڏنو توهان! منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرکت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برکت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن مسجد سان لڳولڳ مدرسن ۾ به معتکف جي لاءِ بغير شرعي حاجت جي وڃڻ کي جائز رکيو ۽ انهن مدرسن کي هن معاملي ۾ مسجد جو ئي هڪ حصو قرار ڏنو اٿن.

## مسجد جي ڇت تي چڙهڻ

**اڳڻ** مسجد جو حصو آهي انهيءَ کري معتکف کي مسجد جي صحن ۾ اچڻ وڃڻ ويهي رهڻ مطلقاً جائز آهي. مسجد جي ڇت تي به اچي وڃي سگهي ٿو پر هي ان وقت آهي جو ڇت تي وڃڻ جو رستو مسجد جي اندر کان هجي. جيڪڏهن مٿي وڃڻ جي لاءِ ڏاڪڻ مسجد جي احاطي (چارديواري) کان ٻاهر هجن ته معتکف نه ٿو وڃي سگهي. جيڪڏهن ويندو ته اعتکاف فاسد ٿي ويندو. هي به ياد رهي ته معتکف ۽ غير معتکف ٻنهي کي مسجد جي ڇت تي بنا ضرورت جي چڙهڻ مکروهه آهي جو هي بي ادبي آهي.

## معتکف لاءِ مسجد کان ٻاهر نڪرڻ جون صورتون

اعتکاف جي دوران ٻن سببن جي بنياد تي مسجد (جي چوڌيواري) کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت آهي. (1) **حاجتِ شرعي** (2) **حاجتِ طبعي**

## (1) حاجت شرعي

**حاجت** شرعي يعني جن احڪام ۽ معاملن جي ادائيگي شرعي طور تي ضروري هجي ۽ معتڪف، اعتڪاف گاهه ۾ انهن کي ادا نہ ڪري سگهي تن کي حاجاتِ شرعي چوندا آهن مثال طور جمعي جي نماز ۽ اذان وغيره.

## ”ڪرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان حاجتِ شرعي جي متعلق 3 نڪتا

**مدينه 1: جيڪڏهن** مناري جو رستو خارج مسجد (يعني مسجد جي چؤديواري کان ٻاهر) هجي تہ بہ اذان جي لاءِ معتڪف بہ وڃي سگهي ٿو ڇو تہ هاڻي هن جو مسجد کان ٻاهر نڪرڻ حاجتِ شرعي جي سبب کان آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 436)

**مدينه 2: جيڪڏهن** اهڙي مسجد ۾ اعتڪاف ڪري رهيو هجي جنهن ۾ جمعي جي نماز نہ ٿيندي هجي تہ معتڪف جي لاءِ ان مسجد مان نڪري جمعي جي نماز لاءِ اهڙي مسجد ۾ وڃڻ جائز آهي جنهن ۾ جمعي جي نماز ٿيندي هجي ۽ پنهنجي اعتڪاف گاهه کان اندازًا اهڙي وقت ۾ نڪري جو خطبو شروع ٿيڻ کان پهريان اتي پهچي چار رڪعتون سنّت پڙهي سگهي ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ ايتري دير تائين وڏيڪ ترسي سگهي ٿو جو چار يا ڇهہ رڪعتون پڙهي وٺي ۽ جيڪڏهن ان کان وڏيڪ ترسيو بلڪ باقي اعتڪاف جيڪڏهن اتي پورو ڪري ورتائين تڏهن بہ اعتڪاف نہ ٽُٽندو. پر جمعي جي نماز کان پوءِ ڇهہ رڪعتن کان وڏيڪ ترسڻ مڪروهه آهي.
(دُرمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 437)

**مدينه 3: جيڪڏهن** پنهنجي پاڙي جي اهڙي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيائين جنهن ۾ جماعت نہ ٿيندي هجي تہ هاڻي جماعت جي لاءِ نڪرڻ جي اجازت ناهي جو تہ هاڻي افضل اهو ئي آهي تہ بغير جماعت جي ئي هن مسجد ۾ نماز ادا ڪئي وڃي. (جدالممتار ج 2 ص 222)

## (2) حاجت طبعي

**حاجت طبعي** يعني اها ضرورت جنهن جي بغير گذارو نہ هجي مثال طور پيشاب، پائخانو وغيره.

## حاجتِ طبعي جي متعلق 6 نڪتا

**مدينه 1: مسجد** جي احاطي ۾ جيڪڏهن پيشاب وغيره جي لاءِ ڪا جڳهہ مخصوص نہ هجي تہ پوءِ انهن شين جي لاءِ مسجد کان ٻاهر وڃي سگهي ٿو. (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 435)

**مدينه 2 : جيڪڏهن** مسجد ۾ وضو خانو يا حوض وغيره نہ هجي تہ مسجد کان وضو جي لاءِ وڃي سگهي ٿو پر هي ان صورت ۾ آهي جڏهن ڪنهن وڏي ٿالهہ يا ٽب ۾ اهڙيءَ طرح وضو ڪرڻ ممڪن نہ هجي جو وضو جي پاڻيءَ جو ڪو قطرو (اصل) مسجد ۾ نہ پوي.
(ردالمحتار ج 3 ص 435)

**مدينه 3: احتلام** هجڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن مسجد جي احاطي ۾ غسل خانو ناهي ۽ نہ ئي ڪهڙيءَ طرح مسجد ۾ غسل ڪرڻ ممڪن هجي تہ جنابت واري غسل لاءِ مسجد کان نڪري سگهجي ٿو.
(ردالمحتار ج 3 ص 435)

**مدينه 4:** قضاءِ حاجت جي لاءِ جيڪڏهن گهر ويو ته طهارت ڪري جلدي واپس اچو. ترسڻ جي اجازت ناهي ۽ جيڪڏهن اوهان جو گهر مسجد ڪان پري آهي ۽ اوهان جي دوست جو گهر ويجهو آهي ته هي ضروري ناهي جو دوست وٽ قضاءِ حاجت لاءِ وڃو. بلڪ پنهنجي گهر به وڃي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن پاڻ اوهان جا پنهنجا به گهر آهن هڪ ويجهو ۽ هڪ پري ته ويجهي واري گهر ۾ وڃو. ڪجهه مشائخ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا، پري واري گهر ۾ وڃڻ سان اعتڪاف فاسد ٿي ويندو. (عالمگيري ج 1 ص 212)

**مدينه 5:** عام طور تي نمازين جي سهولت جي لاءِ مسجد جي احاطي ۾ بيت الخلاء، غسل خانو، استنجا خانو ۽ وضو خانو هوندو آهي. تنهن ڪري **معتڪف** انهن ڪي ئي استعمال ڪري.

**مدينه 6:** **ڪجهه** مسجدن ۾ استنجا خانن، غسل خانن وغيره جي لاءِ رستو مسجد جي احاطي (يعني فناءِ مسجد جي ٻه) ٻاهر ڪان هوندو آهي. انهيءَ ڪري انهن استنجا خانن ۽ غسل خانن وغيره ۾ حاجتِ طبعي کان علاوه نه ٿو وڃي سگهي.

## اعتڪاف ٽوڙڻ وارين شين جو بيان

**هاڻي** انهن ڳالهين جو بيان ڪيو وڃي ٿو جن جي ڪرڻ سان اعتڪاف ٽٽي پوندو آهي. جتي جتي مسجد کان نڪرڻ تي اعتڪاف ٽٽڻ جو حڪم آهي اتي مسجد جي احاطي (يعني مسجد جي عمارت واري باؤنڊري وال) کان نڪرڻ مراد آهي.

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا روايت فرمائن ٿيون، ”معتڪف جي لاءِ صحيح طريقو هي آهي تہ هو نہ ڪنهن مريض جي عيادت لاءِ وڃي، نہ ڪنهن جنازي ۾ شامل ٿئي، نہ ڪنهن عورت کي ڇُهي نہ ان سان ميلاپ ڪري ۽ نہ ئي ناگزير ضروريات ڪانسواءِ ڪنهن بہ ضرورت جي لاءِ ٻاهر نڪري.“

(سنن ابي داود ج 2 ي 492 حديث 2473)

## ”راحتِ قلب و جگر مدينہ“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان اعتڪاف ٽوڙڻ وارين شين جي متعلق 16 نڪتا

**مدينه 1:** جن ضرورتن جو پوئتي ذڪر ڪيو ويو آهي انهن ڪانسواءِ ڪنهن بہ مقصد سان جيڪڏهن توهان مسجد جي حدن (يعني مسجد جي احاطي) کان ٻاهر نڪري ويؤ توڙي اهو نڪرڻ هڪ ئي گهڙيءَ جي لاءِ هجي، تہ ان سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو. (مراقي الفلاح ص 179)

**مدينه 2:** واضح رهي تہ مسجد کان نڪرڻ ان وقت چيو ويندو جڏهن پير مسجد کان اهڙيءَ طرح ٻاهر نڪري وڃن جو ان کي عُرفًا مسجد کان ٻاهر نڪري وڃڻ چئي سگهجي. تنهن ڪري جيڪڏهن رُڳو مٿو مسجد مان ٻاهر ڪڍيو تہ ان سان اعتڪاف فاسد نہ ٿيندو.

(البحرالرائق ج 2 ص 530)

**مدينه 3:** بنا شرعي ضرورت جي مسجد کان ٻاهر نڪرڻ توڙي جاڻي واڻي هجي يا ڀُل ۾ يا غلطيءَ سان، هر صورت ۾ ان سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي. پر جيڪڏهن ڀُل يا غلطيءَ ۾ ٻاهر نڪرندو تہ ان سان اعتڪاف ٽوڙڻ جو گناهہ نہ ٿيندو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 4: اهڙيءَ** طرح توهان شرعي ضرورت سان (مسجد جي احاطي کان) ٻاهر نڪتؤ پر ضرورت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هڪ گهڙيءَ جي لاءِ بہ ٻاهر ترسيؤ تہ ان سان بہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي.
(حاشية الطحطاوي علي المراقي ص 703)

**مدينه 5: اعتڪاف** جي لاءِ جيئن تہ روزو شرط آهي ان لاءِ روزو ٽوڙي ڇڏڻ سان بہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي توڙي اهو روزو ڪنهن عذر سان ٽوڙيو هجي. يا بنا عذر جي، ڄاڻي واڻي ٽوڙيو هجي يا غلطيءَ سان ٽُٽو هجي. هر صورت ۾ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو آهي. غلطي سان روزو ٽُٽڻ جو مطلب هي آهي تہ روزو تہ ياد هيو پر بي اختيار ڪو اهڙو عمل ٿي ويو جيڪو روزي جي منافي (يعني ٽُٽڻ جو سبب) ٿيو. مثال طور صبح صادق ظاهر ٿيڻ کان پوءِ تائين کائيندو رهيو. يا سج لهڻ کان پهريان ئي اذان شروع ٿي ويئي يا گهگهو شروع ٿي ويو ۽ افطار ڪري ڇڏيو پوءِ خبر پيئي تہ اذان ۽ گهگهو وقت کان پهريان ئي شروع ٿي ويا هئا. ان طرح بہ روزو ٽُٽي پوندو. يا روزو ياد هجڻ جي باوجود گرڙي ڪرڻ وقت بي اختيار پاڻي نِڙيءَ ۾ هليو ويو، تہ انهن سڀني صورتن ۾ روزو بہ ٽُٽي پيو ۽ اعتڪاف بہ ٽُٽي پيو.

**مدينه 6: جيڪڏهن** روزو ئي ياد نہ رهيو ۽ ڀُل ۾ڪجهہ کائي پي ڇڏيو تہ ان سان نہ روزو ٽُٽو ۽ نہ ئي اعتڪاف.

**مدينه 7: معتڪف** اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ هي قاعدو ياد رکن تہ اهي ڪم جن جي ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوندو آهي، اعتڪاف بہ ٽُٽي پوندو آهي.

**مدينه 8: جِماع** ڪرڻ سان بہ اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي. توڙي هي جِماع ڄاڻي واڻي ڪري يا ڀُل ۾، ڏينهن ۾ ڪري يا رات ۾، مسجد ۾ ڪري يا مسجد کان ٻاهر. ان سان انزال ٿئي يا نہ ٿئي هر صورت ۾ **اعتڪاف** ٽُٽي ويندو آهي. (درمختار مع ردالمحتار ج 3 ص 442)

**مدينه 9: چُمي** يا ڀاڪر پائڻ **اعتڪاف** جي حالت ۾ ناجائز آهي ۽ جيڪڏهن ان سان انزال ٿي وڃي تہ اعتڪاف بہ ٽُٽي ويندو آهي. پر جيڪڏهن انزال نہ ٿئي تہ ناجائز هجڻ جي باوجود اعتڪاف نہ ٿو ٽُٽي. (ردالمحتار ج 3 ص 442)

**مدينه 10 : پيشاب** ڪرڻ جي لاءِ (مسجد جي احاطي کان ٻاهر) ويو هيو. قرض خواهہ روڪي ڇڏيو. **اعتڪاف** فاسد ٿي ويو. (عالمگيري ج 1 ص 212)

**مدينه 11: معتڪف** جيڪڏهن بيهوش يا مجنون (يعني پاڳل) ٿي ويو ۽ اها بيهوشي يا جُنُون وڏي وجي جو روزو نہ ٿي سگهي تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پيو ۽ قضا واجب آهي جيتوڻيڪ ڪيترن ئي سالن کان پوءِ صحتمند ٿئي. (عالمگيري ج 1 ص 213)

**مدينه 12: معتڪف** مسجد ۾ ئي کائي پيئي. انهن ڪمن جي لاءِ مسجد کان ٻاهر ويندو تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو. (تبيين الحقائق ج 2 ص 229) پر هي خيال رهي تہ مسجد ۾ گندگي نہ ٿئي.

**مدينه 13:** جيڪڏهن توهان جي لاءِ کاڌو آڻڻ وارو ڪو ناهي تہ پوءِ کاڌو آڻڻ جي لاءِ مسجد کان ٻاهر وڃي سگهو ٿا. پر مسجد ۾ ئي آڻي کاڌو کائو. (البحرالرائق ج 2 ص 530)

**مدينه 14:** مرض جي علاج جي لاءِ مسجد کان ٻاهر نڪتو ته **اعتڪاف** فاسد (يعني ختم) ٿي ويو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 15:** **جيڪڏهن** ڪنهن معتڪف کي ننڊ جي حالت ۾ هلڻ جي بيماري هجي ۽ اهو ننڊ ۾ هلندي هلندي مسجد کان ٻاهر نڪري ويو ته اعتڪاف فاسد ٿي ويندو.

**مدينه 16:** **ڪو** بدنصيب اعتڪاف جي دؤران مُرتَد ٿي ويو (نعوذ بالله عَزَّوَجَلَّ) ته **اعتڪاف** باطل آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مُرتَد کي ايمان جي توفيق عنايت فرمائي ته فاسد ٿيل اعتڪاف جي قضا ناهي ڇو ته ارتداد (يعني اسلام کان ڦري وڃڻ) سان زمانهءِ اسلام جا سيئي اعمال ضايع ٿي ويندا آهن. (دِرمختار مع رد المحتار ج 3 ص 437)

## منهنجي ڇيلهه جو سور ختم ٿي ويو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اعتڪاف جي عظمت جو ڇا چئجي ۽ جيڪڏهن اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت ميّسر اچي وڃي ته ان جي برڪت ۽ مَنفعت جي ته ڇا ئي ڳالهه آهي! جيئن ته **عطار آباد** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن طرح جو بيان ڏنو: مان آواره گرد ۽ گندي ذهنيت جو مالڪ هئس، دوستن جي ڪچهرين ۾ فحش ڳالهيون ڪرڻ وري مٺان وڏا وڏا ٺهڪ ڏيڻ منهنجو خاص مشغلو هو. هڪ ناشائسته گناهه جي نُحُوست سان مستقل طور تي منهنجي **ڇيلهه** ۾ سور رهڻ لڳو هو، جيڪو ڪنهن به قسم جي علاج سان نه پيو وڃي. منهنجي قسمت جو ستارو هيئن چمڪيو جو رمضان المبارڪ (1426هه _ 2005ع) ۾ ڪجهه واقفڪار اسلامي ڀائر هڪ دم

منهنجي پويان پئجي ويا تہ توکي هر حال ۾ اسان سان گڏ **اجتماعي اعتکاف** ۾ شرکت کرڻي آهي، مان تنائيندو رهيس پر انهن بلکل نہ مڃيو، مجبور ٿي کري مون کي ”ها “ کرڻي پيئي. آءُ رمضان المبارک (1426ھ) جي آخري ڏهاکي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **ميمڻ مسجد** (عطارآباد) ۾ معتکف ٿي ويس. مان ڄڻ کنهن نئين دنيا ۾ اچي ويو هئس. پنجن ئي نمازن جون بهارون، سنتن ڀريا پُرسوز بيانات، رقت انگيز دعائون، سنّتن ڀريا حلقا وري مٿان **عاشقانِ رسول** جون شفقتون ۽ انهن جون برکتون، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اعتکاف جي دوران منهنجي چيلهہ جو سور بغير کنهن دوا جي پاڻمرادو صحيح ٿي** ويو ۽ منهنجي قلب ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. مون گناهن کان توبهہ کئي، چهري کي مدني آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي مبارک نشاني ڏاڙهيءَ سان سينگاريو ۽ سبز عمامي شريف سان مٿو بہ سرسبز ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون **41 ڏينهن جو مدني قافله کورس** کرڻ جي سعادت حاصل کئي ۽ هاڻي دعوتِ اسلامي جي مدني کمن جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهيان.

ان شاءالله ہو ٹھیک دردِ کمر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا چاہوا گر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چُپ رهڻ جو روزو

حضور تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”صومِ وِصال“ يعني بغير سَحَري ۽ افطار جي مسلسل روزو رکڻ ۽ ”صومِ سُکُوت“ يعني ”چُپ جو روزو“ رکڻ کان

منع فرمايو. (مسند امام اعظم ص 110) **عوام** ۾ هي غلط فهمي ڏٺي ويندي آهي تہ معتڪف کي مسجد ۾ پردو تنگي ان جي اندر بلڪل چُپ چاپ ٿي رهڻ گهرجي. حالانڪ ائين ناهي. پردو بيشڪ لڳايو جو **اعتڪاف** جي لاءِ خيمو لڳائڻ **سنّت** آهي پردي سان عبادت ۾ مڪمل ڌيان حاصل ٿيندو آهي. بغير پردي لڳائڻ جي بہ **اعتڪاف** درست آهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی فرمائن ٿا: **اعتڪاف** جي حالت ۾ خاموشي کي عبادت سمجهي اختيار ڪرڻ **مڪروهِ تحريمي** (ناجائز) آهي ۽ جيڪڏهن چپ رهڻ ثواب سمجهي ڪري نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي. ۽ بُري ڳالهہ کان بچڻ جي لاءِ چُپ رهڻ اعلیٰ درجي جي شيءِ آهي ڇو تہ بُري ڳالهہ زبان مان نہ ڪڍڻ واجب آهي ۽ ڪڍڻ گناهہ ۽ جنهن ڳالهہ ۾ نہ ثواب هجي نہ گناهہ يعني مباح ڳالهہ بہ معتڪف کي مڪروهہ آهي. پر ضرورت پوي تہ اجازت آهي ۽ بنا ضرورت جي مسجد ۾ مباح ڳالهہ نيڪين کي اهڙيءَ طرح ڪائي ڇڏيندي آهي جيئن باهہ ڪاٺي کي. (درِ مختار ج 3 ص 441)

## معتڪف کان گناهہ سرزد ٿيڻ

**بدنگاهي**، بدگماني، شرعي اجازت کان بغير ڪنهن جي بيعزتي ڪرڻ، ڪوڙ، غيبت، چُغلي، حسد، ڪنهن تي تهمت يا بهتان هڻڻ ڪنهن جو مذاق اڏائڻ، دل آزاري ڪرڻ، فحش ڳالهيون ڪرڻ، گانا باجا ٻڌڻ، گارگند ڏيڻ، ناحق جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ هي سڀ گناهہ آهن ۽ **مسجد** ۾! اهو بہ **اعتڪاف** جي حالت ۾!! ظاهر آهي جو اجان بہ وڌيڪ سخت گناهہ آهي. انهن گناهن کان توبهہ، سچي توبهہ، هميشہ جي لاءِ توبهہ ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪنهن **اعتڪاف** جي حالت ۾ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا نشي واري شيءِ رات جو استعمال ڪئي ته ان سان **اعتڪاف** نه ٽٽندو. نشو ڪرڻ حرام آهي ۽ **اعتڪاف** ۾ ته وڌيڪ گناهه آهي. توبهه ڪرڻ گهرجي.

## ”يامصطفيٰ“ جي ستن اکرن جي نسبت سان ملاحظ فرمايو اعتڪاف ٽوڙڻ جون ست جائز صورتون

**هنن** سيني صورتن ۾ اعتڪاف فاسد ٿي ويندو ۽ ان جي قضا به لازم ٿيندي پر گناهه نه ٿيندو.

**مدينه 1**: **اعتڪاف** جي دؤران ڪا اهڙي بيماري پيدا ٿي ويئي جنهن جو علاج مسجد کان ٻاهر نڪرڻ بغير نه ٿو ٿي سگهي ته **اعتڪاف** ٽوڙڻ جائز آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 2**: **ڪو** ماڻهو ٻُڏي رهيو هجي يا باهه ۾ سڙي رهيو هجي ته **اعتڪاف** ٽوڙي ٻُڏندڙ کي بچايو ۽ سڙندڙ جي باهه کي وسايو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 3**: **جهاد** جي لاءِ عام اعلان ڪيو وڃي (يعني جهاد فرضِ عين ٿي وڃي) ته **اعتڪاف** ٽوڙي جهاد ۾ شرڪت ڪريو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 4**: **جيڪڏهن** جنازو اچي وڃي، ڪو ٻيو نماز پڙهڻ وارو ناهي ته **اعتڪاف** ٽوڙي (مسجد جي احاطي کان ٻاهر نڪري به) جنازي جي نماز پڙهي سگهو ٿا. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 5**: **ڪو** شخص زبردستي ڪيڏي ٻاهر وٺي وڃي مثال طور حڪومت جي طرف کان گرفتاريءَ جو وارنٽ اچي وڃي ته به **اعتڪاف** ٽوڙڻ جائز آهي جڏهن ته جلدي ٻي مسجد ۾ وڃڻ ممڪن نه هجي.

(ردالمحتار ج 3 ص 438)

**مدينه 6: جيڪڏهن** پنهنجي عزيز، مَحرَم، يا گهرواريءَ جو انتقال ٿي وڃي تہ جنازي نماز لاءِ **اعتڪاف** ٽوڙي سگهو ٿا. (پر قضا ڪرڻ واجب ٿي ويندو) (حاشية الطحطاوي علي المراقي ص 703)

**مدينه 7: توهان** جيڪڏهن ڪنهن مُعاملي ۾ گواهہ آهيو ۽ توهان جي گواهيءَ تي فيصلو موقوف (رڪيل) هجي تہ توهان جي لاءِ هي جائز آهي تہ اعتڪاف ٽوڙي گواهي ڏيڻ جي لاءِ وڃو ۽ حقدار جي حق کي ضايع ٿيڻ کان بچايو. (ردالمحتار ج 3 ص 438)

## حاجت روائي ۽ هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي فضيلت

محدثينِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري انتقالِ پُرملال جي ٿوري عرصي کان پوءِ هڪ نهايت ئي رقت انگيز حڪايت نقل ڪئي آهي، جيئن تہ منقول آهي، حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا **مسجد نبوي الشريف** عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُرنُور ۽ رحمت سان معمور فضائن ۾ معتڪف هئا. هڪ نهايت ئي غمگين شخص سندن خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪانئس همدرديءَ سان غم جو سبب دريافت ڪيو. ان عرض ڪيو، ”اي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچا جان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جا لختِ جگر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ! فلاڻي جو منهنجي ذمي ڪجهہ حق آهي.“ پوءِ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار جي طرف اشارو ڪندي چوڻ لڳو، ”هن روضي انور جي اندر تشريف فرما نبيءِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُرمت (يعني عزّت) جو قسم! مان ان جو حق ادا ڪرڻ جي

استطاعت (يعني سگهه) نه ٿو رکان.“ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا فرمايو.” ڇا مان توهان جي سفارش ڪريان؟“ ان عرض ڪيو، ” جهڙي طرح توهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ بهتر سمجهو. پوءِ ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا هي ٻُڌي هڪدم **مسجد نبوي الشريف** عَلٰی صَاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مان ٻاهر نڪري آيا. هي ڏسي ڪري اهو شخص مُتَعَجّب (حيران) ٿي ڪري عرض گذار ٿيو. ”عالي جاه! ڇا توهان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ **اعتڪاف** وساري ڇڏيو؟ “جواب ۾ ارشاد فرمايائون، نه **اعتڪاف** ناهي وساريو.“ پوءِ مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مزارِ نُور بار جي طرف اشارو ڪندي روئڻ لڳا. چو ته **سرڪارِ نامدار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جُدا ٿيندي گهڻو عرصو نه ٿيو هو. **سرڪار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي ياد بي قرار ڪري ڇڏيو، اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا.**

آنسوؤں کی جھڑی لگ گئی ہے | اس پہ دیوانگی چھاگئی ہے
یاد آقا کی تڑپا رہی ہے ﷺ | یاد آئے ہیں شاہِ مدینہ ﷺ

**سرڪارِ عالي وقار** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُرانوار جي طرف اشارو ڪري روئيندي فرمائڻ لڳا،”ڪجهه گهڻو عرصو ناهي گذريو جو مون هن مزار شريف ۾ آرام فرمائڻ واري محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻُڌو آهي ته فرمائي رهيا هئا،”جيڪو پنهنجي ڪنهن ڀاءَ جي **حاجت روائي** جي لاءِ هلي ۽ ان کي پورو ڪري ڇڏي ته هي ڏهن سالن جي **اعتڪاف** کان افضل آهي ۽ جيڪو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو **اعتڪاف** ڪري ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنّم جي وچ ۾ ٽي خندقون (کاهيون) رڪاوٽ فرمائي ڇڏيندو جن جو فاصلو

اوير ۾ اولهه جي وچ واري فاصلي کان به وڌيڪ هوندو.“
(شعب الايمان ج 3 ص 424 حديث 3965)

اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبحٰنَ اللہ عَزَّوَجَلَّ جڏهن هڪ ڏينهن جي **اعتڪاف** جي ايڏي فضيلت آهي ته پوءِ ”**ڏهن** سالن جي **اعتڪاف** کان به افضل“جي برڪتن جو ڪير اندازو ڪري سگهي ٿو؟ هن **حڪايت** مان پنهنجي اسلامي ڀائرن جي **حاجت روائي** ۽ مشڪل ڪشائي جي فضيلت به معلوم ٿي. مسلمانن جي دلجوئيءَ جي اهميت تمام گهڻي آهي. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: فرضن کان پوءِ سڀني عملن مان اللہ عَزَّوَجَلَّ کي وڌيڪ پيارو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي.“ (المعجم الکبير ج 11 ص59 حديث 11079) واقعي جيڪڏهن هن نفسا نفسيءَ جي دؤر ۾ اسان سڀ هڪٻئي جي غمخواري ۽ غمگساري ۾ لڳي وڃون ته جلد ئي دنيا جو نقشو بدلجي وڃي. پر افسوس! هاڻي ته ياءُ ياءَ سان اٽڪي رهيو آهي اڄ مسلمان جي عزّت و آبرو ۽ ان جي جان ۽ مال مسلمان جي ئي هٿان پائمال ٿيندي نظر اچي رهيا آهن. اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي نفرتون مٽائڻ ۽ محبتون وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ”مسجد نبوي“ جي اٺن اکرن جي نسبت سان اعتڪاف ۾ جائز ڪمن جي اجازت تي مشتمل اٺ مدني گل

**مدينه 1: ڪائڻ،** پيئڻ سمهڻ (پر مسجد جي فراسيءَ تي کائڻ ۽ سمهڻ بدران پنهنجي چادر يا ٽڏي تي کائو ۽ سمهو)

**مدينه 2**: **ضرورت جي طور تي دنياوي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ.** (پر آهستي ۽ فالتو ڳالهيون هرگز نہ ڪريو).

**مدينه 3**: **مسجد** ۾ **ڪپڙا تبديل ڪرڻ، عطر لڳائڻ، مٿي يا ڏاڙهي ۾ تيل** وجهڻ.

**مدينه 4**: **ڏاڙهيءَ** جو خط ناهڻ، زلف ڪَترڻ، ڦٽي ڏيڻ، پر انهن سيني ڪمن ۾ هي احتياط ضروري آهي تہ ڪو وار مسجد ۾ نہ ڪِري، تيل يا ڪاڏي وغيره سان مسجد جون صَفون ۽ ديوارون وغيره خراب نہ ٿين. ان جي آسان صورت هي آهي تہ هي ڪم وضو خاني يا فناءِ مسجد ۾ پنهنجي چادر وڇائي پوءِ ڪريو.

**مدينه 5**: **مسجد** ۾ بنا ڪنهن اجرت جي ڪنهن مريض جو **معائنو** ڪرڻ، دوا ٻُڌائڻ، بلڪ نسخو لکي ڏيڻ.

**مدينه 6**: **مسجد** ۾ بغير پگهار جي قرآن مجيد يا علمِ دين پڙهڻ، پڙهائڻ يا سنّتون ۽ دعائون سکڻ، سيکارڻ.

**مدينه 7**: پنهنجي يا اهل و عيال جي ضرورت جي لاءِ مسجد ۾ خريد و فروخت ڪرڻ **معتڪف** جي لاءِ جائز آهي. پر تجارت جي ڪا شيءِ مسجد ۾ نہ ٿو آڻي سگهي. ها جيڪڏهن ٿورڙي شيءِ آهي جيڪا مسجد ۾ جڳهہ نہ والاري تہ آڻي سگهي ٿو. خريد و فروخت رُڳو ضرورت جي لاءِ هجي ۽ مال ڪمائڻ مقصود هجي تہ جائز ناهي. چاهي اهو مال مسجد کان ٻاهر ئي ڇو نہ هجي. (درالمختار ج 3 ص 440)

**مدينه 8**: **ڪپڙا**، ٿانوَ وغيره مسجد جي اندر ڌوئڻ جائز آهن. پر شرط

اهو آهي تہ مسجد جي فراسي يا فرش تي ان جو ڪو ڇنڊو نہ پوي. ان جي صورت هي آهي تہ ڪنهن وڏي ٿانوَ وغيره ۾ ڌوئو. انهن ڳالهين کان علاوه ٻيا سيئي اهي ڪم جيڪي اعتڪاف جي لاءِ مُفْسد (ٽوڙيندڙ) و ممنوع (منع ٿيل) ناهن ۽ في نفسهٖ جائز بہ آهن ۽ انهن جي ڪرڻ سان مسجد جي کهڙيءَ طرح بہ بي حرمتي نٿي ٿئي. اهي سڀ جا سڀ ڪم **معتڪف** جي لاءِ جائز آهن پر نامناسب شين کان بچو. هاڻي **معتڪف** کي ڪجھ ڪم ڪرڻ جي اجازت جي متعلق بہ احاديثِ مبارڪ پيش ڪيون وڃن ٿيون.

## معتڪف مسجد کان مٿو ڪڍي سگھي ٿو

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون، ”جڏهن سرڪارِ دو عالم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحْتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعتڪاف ۾ هوندا هئا (تہ مسجد مان ئي) پنهنجو مٿو مبارڪ منهنجي (حجري جي) طرف ڪيندا هئا ۽ مان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿي مبارڪ ۾ ڦڻي ڏئي ڇڏيندي هيس ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گھر ۾ قضاءِ حاجت کانسواءِ ڪنهن ٻئي ڪم جي لاءِ تشريف ڪٿي نہ ايندا هئا.“ (صحيح بخاري ج 1 ص 665 حديث 2029)

## ٻاهر نڪري تہ هلندي هلندي عيادت ڪري سگھي ٿو

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون، ”سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اعتڪاف** جي حالت ۾ مريض وٽان گذرندا هئا تہ بغير ترسڻ جي ۽

بغير رستي کان هٽڻ جي، گذرندي ئي (هلندي هلندي) ان کان حال پُڇي وٺندا هئا.“ (سنن ابي داود ج 2 ص 492 حديث 2472)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ مبارڪ مان هيءَ ڳالهه معلوم ٿي ته شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن شرعي يا طبعي حاجت جي لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي ويندا هئا ۽ **سرڪار** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو گذرڻ ڪنهن **بيمار** وٽان ٿيندو هو ته پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نه ته ان جي **عيادت** جي لاءِ پنهنجي رستي کان هٽندا هئا ۽ نه مريض وٽ ترسندا هئا، بلڪ هلندي هلندي ان جي طبيعت پُڇي وٺندا هئا. ڪو **معتڪف** اسلامي ڀاءُ جڏهن ڪنهن شرعي عذر سان مسجد جي احاطي کان ٻاهر نڪري ته ان کي ضرورت کان وڌيڪ هڪ گهڙي به ترسڻ نه گهرجي. ها رستي ۾ هلندي هلندي ڪنهن کي سلام ڪيو ڪنهن سان ڪا ڳالهه ڪري ورتي يا هلندي هلندي بيمار پُرسي (يعني عيادت) ڪري ورتي ته جائز آهي. پر ان مقصد لاءِ رستي تي بيهجي ويو يا رستو تبديل ڪيائين ته اعتڪاف ٽُٽي پوندو.

## اسلامي ڀينرن جو اعتکاف

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون نبين جا سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان المبارڪ جي آخري ڏهن ڏينهن جو **اعتڪاف** فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي وفاتِ (ظاهري) عطا فرمائي. پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پوءِ سندن ازواج مطهرات (گهروارين) رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ اعتڪاف ڪنديون هيون.“ (صحيح بخاري ج1 ص 664 حديث 2026)

## اسلامي پيڻرون به اعتڪاف ڪن

اسلامي پيڻرن کي به اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي. هونئن به جيڪي باحيا اسلامي پيڻرون آهن اهي ته پنهنجي گهرن جي اندر ئي پردي نشين هونديون آهن ڇو ته گهٽين ۽ بازارن ۾ بنا پردي جي گهمڻ بي حيا عورتن جو ڪم آهي. تنهن ڪري باحيا اسلامي پيڻرن جي لاءِ اعتڪاف ڪرڻ شايد گهڻو مشڪل نه هجي. جيڪڏهن ٿورڙي تڪليف ٿئي به ته ڪهڙو حرج آهي؟ رمضان المبارڪ جو مهينو ڪهڙو روز روز ايندو آهي! پوءِ به ڏهن ئي ڏينهن جي ته ڳالهه آهي. اسلامي پيڻرن کي جيئن ته مسجدِ بيت (تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي) ۾ جيڪا نهايت ئي مختصر جڳهه هوندي آهي **اعتڪاف** ڪرڻو هوندو آهي جو ائين قبر جي به ياد تازي ٿي ويندي آهي. جو نُنهن ڏيئرن ۽ نَنيڙن ٻارن جي رونقن ۾ ڏهه ڏينهن ڪٽڻ ۾ ويهڻ ڏکيو گذري رهيو آهي ته خدا ۽ مصطفٰى صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگيءَ جي صورت ۾ اڪيلو قبر ۾ **هزارين سال** ڪهڙي طرح گذارو ٿيندو؟ جيڪڏهن توهان ڏهه ڏينهن رمضان المبارڪ ۾ پنهنجي گهر ۾ اعتڪاف جي حالت ۾ گذاريو ته ڇا عجب آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ۽ پنهنجي رحمت سان توهان جي قبر ۽ مدينهءِ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻيل سڀئي پردا هٽائي ڇڏي. هر اسلامي ڀيڻ کي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ته هن سعادت کي حاصل ڪرڻ ئي گهرجي.

## ”تاجدار مرسلين“ جي پارهن اڪرن جي نسبت سان اسلامي ڀينرن جي لاءِ 12 مدني گل

**مدينه 1**: **اسلامي** ڀينرون مسجد ۾ نه، رُڳو **مسجدِ بيت** ۾ **اعتڪاف** ڪن. ”مسجدِ بيت“ ان جڳهه کي چيو ويندو آهي جيڪا عورت گهر ۾ پنهنجي نماز جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيندي آهي. اسلامي ڀينرن جي لاءِ هي مستحب آهي ته گهر ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ جڳهه مقرر ڪن ۽ ان جڳهه کي پاڪ ۽ صاف رکن ۽ بهتر هي آهي ته ان جڳهه کي چبوتري (يعني تلهي) وغيره جيان بلند ڪن. بلڪ اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته نوافل جي لاءِ گهر ۾ ڪا جڳهه مقرر ڪري ڇڏين جو نفل نمازگهر ۾ پڙهڻ افضل آهي. (درمختار ، ردالمحتار ج 3 ص 429)

**مدينه 2**: **جيڪڏهن** اسلامي ڀيڻ نماز جي لاءِ ڪا جڳهه مقرر نه ڪئي آهي ته گهر ۾ **اعتڪاف** نه ٿي ڪري سگهي. ها جيڪڏهن ان وقت يعني جڏهن **اعتڪاف** جو ارادو ڪيو ڪنهن جڳهه کي نماز جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو ته ان جڳهه تي **اعتڪاف** ڪري سگهي ٿي. (درمختار، ردالمحتار ج 3 ص 429)

**مدينه 3**: **ڪنهن** ٻئي جي گهر وڃي اسلامي ڀيڻ **اعتڪاف** نه ٿي ڪري سگهي.

**مدينه 4**: **مڙس** جي اجازت کان بغير گهرواريءَ جي لاءِ اعتڪاف ڪرڻ جائز ناهي. (ردالمحتار ج 3 ص 429)

**مدينه 5**: **جيڪڏهن** گهرواريءَ مڙس جي اجازت سان **اعتڪاف** شروع ڪري ڇڏيو. عد ۾ مڙس منع ڪرڻ چاهي ٿو ته هاڻي منع نه

ڪري سگهندو ۽ جيڪڏهن منع ڪندو تہ گهرواريءَ جي ذمي ان جي بجا آوري واجب ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 211)

**مدينه 6:** اسلامي ڀينرن جي اعتڪاف جي لاءِ هي بہ ضروري آهي تہ اهي **حيض** ۽ **نفاس** ڪان پاڪ هجن جو انهن ڏينهن ۾ نماز، روزو ۽ تلاوتِ قرآن حرام آهي. (عامهءِ ڪتب) (عورت کي ٻار جي پيدائش کان پوءِ جيڪو رت ايندو رهندو آهي تنهن کي **نفاس** چوندا آهن.ان جي وڌ کا وڌ مدت چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون آهي. چاليهن ڏينهن راتين کان پوءِ جيڪڏهن رت بند نہ ٿيو تہ بيماري آهي، غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏي. اسلامي ڀينرن ۾ هيءَ عام غلط فهمي آهي ۽ اهي سمجهنديون آهن تہ نفاس جي مدت مڪمل چاليهہ ڏينهن آهي حالانڪ ائين ناهي. شريعت جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن رت هڪ ڏينهن ۾ بند ٿي ويو، بلڪ ٻار ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ئي بند ٿي ويو تہ نفاس ختم ٿيو، غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏين. **حيض** جي مدت گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن راتيون ۽ وڌ کان وڌ ڏهہ ڏينهن راتيون آهي. ٽن ڏينهن ۽ راتين کان پوءِ جڏهن بہ رت بند ٿي ويو، هڪدم غسل ڪري ڇڏين ۽ نماز وغيره شروع ڪن. (هتي شادي شده عورتن جي لاءِ ڪجهہ تفصيل آهي ان کي بهارِ شريعت جي حصي ٻئي ۾ لازمي ڏسن) ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ راتين کان پوءِ رت جاري رهيو تہ **استحاضه** يعني بيماري آهي. ڏهہ ڏينهن راتيون پوريون ٿينديئي غسل ڪري نماز روزو شروع ڪري ڇڏين.)

**مدينه 7:** **اعتڪافِ** سنّت شروع ڪرڻ کان پهريان هي ڏسي ڇڏڻ گهرجي تہ انهن ڏينهن ۾ ماهواري جون تاريخون اچڻ واريون تہ ناهن. جيڪڏهن تاريخون رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ اچڻ واريون هجن تہ اعتڪاف شروع نہ ڪن.

**مدينه 8**: جيڪڏهن اعتڪاف جي حالت ۾ عورت کي حيض اچي وڃي ته ان جو اعتڪاف ٽُٽي پوندو. (بدائع الصنائع ج2 ص287 دار احياء التراث العربي بيروت)

هن صورت ۾ جنهن ڏينهن ان جو اعتڪاف ٽُٽو آهي رُڳو ان هڪ ڏينهن جي قضا ان جي ذمي واجب ٿيندي. (رد المحتار ج3 ص 500 دار المعرفه بيروت) ماهواري کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ڏينهن قضا جي نيّت سان اعتڪاف ڪري ڇڏي. جيڪڏهن رمضان شريف جا ڏينهن باقي هجن ته رمضان شريف ۾ به قضا ڪري سگهي ٿي. هن صورت ۾ رمضان المبارڪ جو روزو ئي ڪافي ٿي ويندو. جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ قضا ڪرڻ نه ٿي چاهي يا پاڪ ٿيڻ تائين رمضان المبارڪ ختم ٿي وڃي ته ڪنهن بئي ڏينهن قضا ڪري ڇڏي. پر عيدالفطر ۽ ذوالحجة الحرام جي ڏهين کان تيرهين جي علاوه جو انهن پنجن ڏينهن جا روزا مڪروهِ تحريمي آهن. (الدرالمختار معه ردالمحتار ج 3 ص 391) قضا جو طريقو هي آهي ته سج لهڻ وقت (بلڪ احتياط ان ۾ آهي ته پهريان) اعتڪاف جي قضا واري نيّت سان مسجدِ بيت ۾ پهچي وڃي ۽ هاڻي جيڪو ڏينهن ايندو ان جي سج لهڻ تائين معتڪف رهي. هن ۾ روزو شرط آهي.

**مدينه 9**: شرعي ضروريات جي بغير اعتڪاف واري جاءِ کان نڪرڻ جائز ناهي. اتان کان اٿي گهر جي ڪنهن بئي حصي ۾ به نه ٿي وڃي سگهي. جيڪڏهن ويندي ته اعتڪاف ٽُٽي پوندو.

**مدينه 10**: اسلامي ڀينرن جي لاءِ به اعتڪاف جي جڳهه کان هٽڻ جا اهي ئي احڪام آهن جيڪي اسلامي ڀائرن جي لاءِ آهن. يعني جن ضرورتن جي سبب کان اسلامي ڀائرن کي مسجد مان نڪرڻ جائز

آهي. انهن جي لاءِ اسلامي ڀينرن کي بہ **اعتڪاف** جي جڳھ کان نڪرڻ جائز ۽ جن ڪمن جي لاءِ مردن کي مسجد مان نڪرڻ جائز ناهي انهن جي لاءِ **اسلامي ڀينرن** کي بہ پنهنجي جڳھ کان هٽڻ جائز ناهي.

**مدينه 11 : اسلامي** ڀينرون اعتڪاف جي دؤران پنهنجي جڳھ تي ويٺي ويٺي پرت پرڻ جو ڪم ڪري سگهن ٿيون. گهر جي ڪمن جي لاءِ ٻين کي هدايتون بہ ڏئي سگهن ٿيون پر پاڻ اٿي نہ وڃن.

**مدينه 12 : بهتر** هي آهي تہ اعتڪاف جي دؤران سموري توجه تلاوت، ذڪر و درود، تسبيحات، ديني مطالعو، سنّتن ڀرئي بيانات جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ ۽ ٻين عبادتن جي طرف رهي، ٻين ڪمن ۾ وڏيڪ وقت صرف نہ ڪن.

## اعتڪاف قضا ڪرڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيو ۽ ڪنهن سبب کان ٽُٽي پيو تہ ڏهن ڏينهن جي قضا ڪرڻ ضروري ناهي. توهان جي ذمي رُڳو ان هڪ ڏينهن جي قضا آهي جنهن ڏينهن **اعتڪاف** ٽُٽو آهي. جيڪڏهن ماهِ رمضان شريف جا ڏينهن اجان باقي آهن تہ انهن ۾ بہ قضا تي سگهي ٿي. جيڪڏهن رمضان شريف گذري ويو تہ پوءِ ڪنهن بہ ڏينهن قضا ڪري ڇڏيو ۽ ان ۾ روزو بہ رکو. پر عيدالفطر ۽ ذوالحجة الحرام جي ڏهين کان تيرهين کان علاوه. جو انهن پنجن ڏينهن جا روزا مڪروهِ تحريمي آهن. قضا جو طريقو هي آهي تہ ڪنهن ڏينهن سج

لهڻ جي وقت (بلڪ احتياط ان ۾ آهي تہ ڪجهہ منٽ پهريان) قضا اعتڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ داخل ٿي وڃو ۽ هاڻي جيڪو ڏينهن ايندو ان جي سج لهڻ تائين معتڪف رهو. هن ۾ روزو شرط آهي.

## اعتڪاف جو فديو ڏيڻ

جيڪڏهن قضا ڪرڻ جي مهلت ملڻ جي باوجود قضا نہ ڪئي ۽ موت جو وقت اچي پهتو تہ وارثن کي وصيّت ڪرڻ واجب آهي تہ جيئن اهي هن اعتڪاف جي بدلي فديو ادا ڪري ڇڏين ۽ جيڪڏهن وصيّت نہ ڪئي ۽ وارث فديي جي ادائيگي جي اجازت ڏئي ڇڏين تہ بہ فديو ادا ڪرڻ جائز آهي. (الفتاوىٰ الهندية ج 1 ص 213 ڪوئٽه) **فديو** ادا ڪرڻ ايڏو ڏکيو ناهي. اعتڪاف جي فدئي جي نيّت سان ڪنهن **زڪوٰة** جي مستحق کي صدقهٴ **فطر** جي مقدار ۾ (يعني تقريبًا ٻہ ڪلو 50 گرام) ڪڻڪ يا ان جي رقم ادا ڪري ڇڏيو.

## اعتڪاف ٽوڙڻ جي توبهہ ڏيڻ

**جيڪڏهن** اعتڪاف ڪنهن مجبوريءَ خاطر ٽوڙيو هيو يا ڀُل ۾ ٽُٽو تہ گناهہ ناهي ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي بغير ڪنهن صحيح مجبوريءَ جي ٽوڙيو هيو تہ هي گناهہ آهي تنهن ڪري قضا سان گڏوگڏ **توبهہ** بہ ڪريو ۽ جڏهن بہ ڪو گناهہ سرزد ٿي وڃي ان جي **توبهہ** ڪرڻ واجب آهي ۽ توبهہ بنا ڪنهن دير جي ڪرڻ گهرجي ڇو تہ زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ناهي. ٻنهي ڪنن ۽ نڪ تي آڱريون مهڻ جو نالو توبهہ ناهي بلڪ ان خاص گناهہ جو نالو وٺي ان تي شرمندگيءَ سان ٻاڏائيندي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ مُعافي طلب ڪريو ۽ اڳتي اهو

گناھ نہ ڪرڻ جو پڪو پھہ بہ ڪريو. **توبھ** جي لاءِ ھي بہ شرط آھي تہ ان گناھ کان دل ۾ بيزاري بہ ھجي.

## مشھور بيند پارٽي جي مالڪ جي توبھ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اچي بيشمار بگڙيل ماڻھو سڌي راھ تي اچي ڪري نمازن ۽ سنّتن جا پابند ٿي ويا، انھيءَ ضمن ۾ ھڪ مُشڪبار مدني بھار ملاحظ ڪريو جيئن تہ **منڊسُور** شھر (M.P. ھند) جي ھڪ نوجوان جي **بيند باجن** جي پارٽي پنھنجي شھر جي مشھور **پارٽي** مڃي ويندي ھئي. ھڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ ان رمضان المبارڪ 1426 ھ جي آخري ڏھاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ڪيو. **تربيتي حلقن** ۾ گناھن جون تباھ ڪاريون ٻُڌي ڪري ان جي دل چوٽ ڪاڏي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت رنگ لاتو. ان اڳين گناھن کان توبھ ڪري ڇڏي، ڏاڙھي سجائڻ ۽ **عاشقانِ رسول** سان گڏ 30 ڏينھن جي **مدني قافلي** ۾ سفر تي وڃڻ جي نيّت ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **ان بيند باجا وڄائڻ جو ڌنڌو ڇڏي ڏنو.** جيڪو حرام روزگار ڇڏي ڏنو.

چوٹ کھاجائے گا اِک نہ اِک روز دل، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے ھدایت بھی جائیگی مل، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## معتڪفين جي لاءِ ضرورت جون شيون

﴿1﴾ اطمينان حاصل ڪرڻ ۽ سامان جي حفاظت جي لاءِ جيڪڏهن پردو لڳائڻو هجي ته ضرورت مطابق ڪپڙو (سائو هجي ته بهتر)، ڏوري ۽ سيفٽي پِنون (بِل وغيره) ﴿2﴾ ڪنزالايمان شريف ﴿3﴾ سئي ڌاڳو ﴿4﴾ قينچي﴿5﴾ تسبيح ﴿6﴾ ڏنڊڻ ﴿7﴾ سُرمو،سرائي﴿8﴾ تيل جي شيشي ﴿9﴾ ڦڻي ﴿10﴾ آئينو ﴿11﴾ عطر ﴿12﴾ ٻه جوڙا ڪپڙن جا ﴿13﴾ تهبند (يعني گوڏ) ﴿14﴾ عمامو شريف، ٽوپي ۽ سربند سميت ﴿15﴾ گلاس ﴿16﴾ پليٽ ﴿17﴾ پيالو (مٽيءَ جو هجي ته بهتر) ﴿18﴾ ڪوپ ۽ بسي ﴿19﴾ ٿرماس ﴿20﴾ دسترخوان ﴿21﴾ ڏندن جي خِلال جي لاءِ ڪک يا تيلا ﴿22﴾ ٽوال ﴿23﴾ (غسل جي لاءِ احتياطي طور تي) بالٽي ۽ مگو ﴿24﴾ هٿ جو رومال ﴿25﴾ چُري ﴿26﴾ قلم ﴿27﴾ غير ضروري ڳالهين جي عادت ڪڍڻ خاطر لکي ڪري گفتگو ڪرڻ جي لاءِ **قفلِ مدينه** جو مدني پيڊ ﴿28﴾ مطالعي جي لاءِ فيضانِ سنّت ۽ ضرورت مطابق اسلامي ڪتاب ﴿29﴾ مدني انعامات جو ڪارڊ ﴿30﴾ ڊائري ﴿31﴾ استنجي واري جاءِ کي خُشڪ ڪرڻ جي لاءِ ضرورت هجي ته درزيءَ جي بغير قيمت واري ڪاتر يا ٽِشو پيپرز ﴿32﴾ سمهڻ جي لاءِ ٽڏي. اهڙي ٽڏيءَ جو استعمال مسجد ۾ جائز ناهي جنهن سان مسجد ۾ تيلا ڪِرڻ ۽ گندگي ٿئي﴿33﴾ ضرورت هجي ته وهاڻو ﴿34﴾ اوڍڻ لاءِ چادر يا ڪمبل﴿35﴾ پردي ۾ پردو ڪرڻ جي لاءِ چادر﴿36﴾ مٿي جي سُور، نزلي، بخار وغيره جي لاءِ ٽڪيون وغيره.

**مدني مشورو:** پنهنجي شين تي ڪو نشان (مثال طور ☾ وغيره) ناهي ڇڏيو تہ جيئن گڏجي وڃڻ جي صورت ۾ ڳولڻ آسان ٿئي. چادر وغيره تي نالو يا ڪو اکر بہ نہ لکو جو بي ادبي ٿيندي رهندي. (نشانين جا نمونا هن ئي باب ”فيضانِ اعتڪاف “ جي آخري صفحي تي ملاحظ فرمائيندا.)

## اعتڪاف جا 50 مدني گل

**مدينه 1: رمضان المبارڪ** جي ويهين تاريخ تي سج لهڻ کان پهريان پهريان اعتڪاف جي نِيَّت سان مسجد ۾ داخل ٿي وڃو. جيڪڏهن سج لهڻ کان پوءِ هڪ گهڙي بہ دير سان مسجد ۾ داخل ٿيندؤ تہ رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سنّت ادا نہ ٿيندي.

**مدينه 2: جيڪڏهن** سج لهڻ کان پهريان پهريان مسجد ۾ اعتڪاف جي نِيَّت سان داخل تہ ٿي ويؤ ۽ پوءِ فناءِ مسجد مثال طور مسجد جي احاطي (چؤديواري) ۾ واقع وضو خاني يا استنجا خاني ۾ هليا ويؤ ۽ ويهين رمضان جو سج لهي ويو تہ ڪو حرج ناهي ان سان اعتڪاف ناهي ٽُٽندو.

**مدينه 3: استنجا** خاني ۾ ويندي، هلندي هلندي سلام ۽ جواب، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي اجازت آهي پر ان جي لاءِ هڪ گهڙي بہ بيهجي ويؤ تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پيو. ها جيڪڏهن استنجا خانو مسجد جي احاطي جي اندر آهي تہ رڪجڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

**مدينه 4: جيڪڏهن** استنجا خاني ۾ ويؤ پر ڪو پهريان ڪان اندر ويل آهي تہ مسجد ۾ اچي انتظار ڪرڻ ضروري ناهي. بلڪہ اتي انتظار ڪري سگهو ٿا.

**مدينه 5: پيشاب** ڪرڻ ڪان پوءِ مسجد ڪان ٻاهر ئي ضرورت جي طور تي استبرا ڪري سگهو ٿا. (پيشاب ڪرڻ ڪان پوءِ جنهن ڪي هي شڪ هجي تہ ڪو قطرو باقي رهجي ويو آهي يا پوءِ ايندو، ان جي لاءِ استبراء يعني پيشاب ڪرڻ ڪان پوءِ اهڙو ڪم ڪرڻ جو جيڪڏهن ڪو قطرو رڪيل هجي تہ ڪِري پوي واجب آهي. استبراء ٿهلڻ سان، زمين تي زور سان پير هٽڻ، ساڄو پير ڪاٻي پير تي يا ڪاٻو پير ساڄي پير تي رکي زور ڏيڻ، مٿانهينءَ ڪان هيٺ لهڻ يا هيٺ ڪان مٿي چڙهڻ سان، کنگهڻ يا ڪاٻي پاسي ليٽڻ سان بہ ٿيندو آهي. ۽ استبراء ان وقت تائين ڪجي جو دل کي اطمينان ٿي وڃي. ٿهلڻ جو مقدار علماء چاليهہ قدم رکيو آهي پر صحيح هي آهي تہ جيتري ۾ اطمينان ٿي وڃي ۽ هي استبراء جو حڪم مردن لاءِ آهي. عورت (کي جيڪڏهن قطرو رهجي وڃڻ جو شڪ هجي تہ) فارغ ٿيڻ جي ٿوري دير ڪان پوءِ وقفو ڪري طهارت ڪري ڇڏي. (**بهارِشريعت حصو 2ص115**) استبراء ڪرڻ وقت ضرورت موجب پٽر ڪاٻي هٿ سان عُضوِ تَناسُل (يعني مخصوص عضوي) جي سوراخ تي رکو. استبراء ڪرڻ وارو پيشاب ڪرڻ واري جي ئي حڪم ۾ آهي. تنهن ڪري سلام ڪلام وغيره نہ ڪري ۽ استبراء جي دوران قبلي طرف رخ ڪرڻ يا پُٺي ڪرڻ اهڙيءَ طرح حرام آهي جهڙيءَ طرح پيشاب يا پائخانو ڪرڻ وقت حرام آهي.)

**مدينه 6: جيڪڏهن** مسجد ڪان ٻاهر ٺهيل استنجا خاني ۾ گندگي وغيره جي سبب طبيعت گهبرائيندي هجي تہ رفعِ حاجت جي لاءِ گهر وڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي. **(ردالمحتار ج3 ص 435)**

**مدينه 7**: **مسجد** (جي چار ديواري) کان ٻاهر نڪتو ۽ جيڪڏهن ڪنهن قرض خواهہ روڪي ورتو تہ **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو.

**مدينه 8**: **ڪاڌو** کائڻ وقت پنهنجو دسترخوان ضرور وڇايو مسجد جو فرش يا فراسيون خراب نہ ٿيڻ گهرجن.

**مدينه 9** : **مسجد** جي ديوارن يا فراسين وغيره تي هرگز ميرا يا سٽيا هٿ نہ لڳايو، ٿُڪ نہ اڇلايو اهڙيءَ طرح ڪن يا نڪ وغيره مان مير ۽ گند ڪڍي ان تي نہ لڳايو. بلڪ فناءِ مسجد جي ديوار يا فرش وغيره تي بہ پان جي ٿُڪ نہ اڇلايو. مسجد جي صفائيءَ ۾ حصو ونو تي سگهي تہ معتڪفين هڪ شاپر ڪيسي ۾ رکي ڇڏين ۽ وارن جا چُڳا ۽ تيلا وغيره چونڊيندا رهن. اوهان جي ترغيب جي لاءِ حديثِ پاڪ پيش ڪريان ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم :”جيڪو مسجد مان تڪليف واري شيءِ ڪڍي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٺاهيندو.“
(سنَن ابن ماجه ج1 ص419 حديث 757 مطبوعة دارالمعرفة بيروت)

**مدينه 10**: **مسجد** جي فراسين جا ڌاڳا ۽ تڏن جا تيلا پٽڻ کان پرهيز ڪريو. (هر جاءِ تي ان ڳالھ جو خيال رکو)

**مدينه 11**: **مسجد** ۾ سوال ڪرڻ واري کي هرگز رقم وغيره نہ ڏيو جو مسجد ۾ سوال ڪرڻ حرام آهي ۽ ان کي ڏيڻ جي بہ اجازت ناهي. **مجددِ اعظم اعلىٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مسجد جي سائل کي جيڪڏهن ڪو هڪ پيسو ڏئي ڇڏي تہ ان کي گهرجي تہ ان جي

ڪَفّاري ۾ ستر پيسا وڌيڪ صدقو ڪري. (هي صدقو بہ مسجد جي سائل کي نہ ڏئي) **(فتوىٰ رضويه تخريج شده ج 16 ص 418)**

**مدينه 12**: صرف هڪ پير مسجد کان ٻاهر ڪڍيو تہ ڪو حرج ناهي.

**مدينه 13**: ٻئي هٿ مٿي سميت بہ جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيا تہ بہ ڪو حرج ناهي.

**مدينه 14**: **بي خياليءَ** ۾ مسجد مان ٻاهر نڪري ويو ۽ ياد اچڻ تي ٽُرت ئي مسجد جي اندر اچي بہ ويو پوءِ بہ **اعتڪاف** ٽُٽي چُڪو.

**مدينه 15**: **ڪا** اهڙي بيماري ٿي ويئي جو مسجد مان نڪرڻ بغير علاج ممڪن ناهي تہ علاج جي لاءِ ٻاهر تہ نڪري سگهو ٿا. پر **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو البت **اعتڪاف** ٽوڙڻ جو گناهہ نہ ٿيندو. هڪ ڏينهن جي قضا ذمي رهندي.

**مدينه 16**: **ڪاڏو** ۽ پيئڻ جي لاءِ پاڻي آڻڻ وارو ڪو ناهي تہ آڻڻ جي لاءِ ٻاهر نڪري سگهو ٿا پر ڪائو ۽ پيئو مسجد ۾ ئي.

**مدينه 17**: مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ڪنهن بدنصيب ڪفر جو جملو بَڪيو ۽ مُرتد ٿي ويو تہ سندس اعتڪاف ٽُٽي پيو. هاڻي تجديدِ ايمان ڪري يعني ان ڪفر واري جملي کان توبهہ ڪري ۽ ڪلمو پڙهي، تجديدِ بيعت ۽ جيڪڏهن شادي شده هيو تہ تجديدِ نڪاح بہ ڪري. اعتڪاف جي قضا ناهي ڇو تہ مُرتد ٿي وڃڻ سان پويان سڀ نيڪ عمل برباد ٿي ويندا آهن.

**مدينه 18**: **معتڪف** مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ ڪا نشي واري شيءِ ڪائي ڇڏي يا خدانخواسته ڏاڙهي جهڙي پاڪيزه ۽ محترم سنّت کي ڪوڙي ڇڏي جيتوڻيڪ اهي ٻئي ڪم هونئن ئي حرام آهن ۽ مسجد ۾ اجان به سخت گناهه پر **اعتڪاف** نه ٽُٽندو.

**مدينه 19** : **معتڪف** جي لاءِ مسجد ۾ ڏاڙهي ۽ جو خط ناهڻ يا زلف ڪترڻ يا مٿي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ تيل وجهڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن ته پنهنجو ڪپڙو وغيره وڇائي پوري احتياط سان هي ڪم ڪيو وڃي. مسجد جون فراسيون تيل سان خراب نه ٿيڻ گهرجن ۽ وار وغيره به ان تي نه ڪِرڻ گهرجن.

**مدينه 20**: **معتڪف** ديني مدرسي جا ڪتاب پڙهي سگهي ٿو.

**مدينه 21**: **رات** جي وقت جيتري دير تائين مسجد ۾ ٻَتي ٻارڻ جو عرف (يعني رواج) آهي. اوتري دير تائين بنا هٻڪ جي ديني مطالعو ڪري سگهجي ٿو. وڌيڪ بجلي استعمال ڪرڻ جي لاءِ انتظاميه سان طئي ڪري ڇڏيو.

**مدينه 22**: **اخبارون** جيئن ته جاندارن جي تصويرن بلڪ فلمي اشتهارن سان عام طور تي پريل هونديون آهن انهيءَ ڪري مسجد ۾ ان جي مطالعي کان بچو.

**مدينه 23**: **ڪو** چور توهان جون يا ڪنهن اسلامي ڀاءُ جون جُتيون چورائي ڀڳو ته ان کي پڪڙڻ جي لاءِ مسجد مان ٻاهر نه ٿا وڃي سگهو. ٻاهر ويؤ ته **اعتڪاف** ٽُٽي پوندو.

مدينه 24: **مسجد** جيڪڏهن ڀ ماڙ يا وڏيڪ آهي ۽ ڏاڪا مسجد جي احاطي جي اندر ئي نهيل آهن تہ بنا ھبڪ جي مٿان جي سيني منزلن تي بلڪ ڇتِ تي ب وڃي سگھو ٿا. پر بنا ضرورت جي مسجد جي ڇت تي چڙهڻ مڪروھ ۽ بي ادبي آهي.

مدينه 25: **مسجد** ۾ بيان يا نعت شريف جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ چاهيو تہ ٽيپ ريڪارڊر ۾ پنهنجا سيل وجهي ڇڏيو. جيڪڏهن مسجد جي بجليءَ سان هلائڻ چاهيو تہ بهتر هي آهي تہ جيتري بجلي توهان خرچ ڪئي آهي ان جو اندازو ڪري ان ڪان ڪجھہ وڌيڪ پيسا انتظاميہ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هي ب احتياط ڪريو تہ ڪنهن جي عبادت يا آرام ۾ رُخنو نہ پوي.

مدينه 26: **مسجد** جي ڇت وغيره جيڪڏهن ڪِري پيئي يا ڪنهن زبردستي ڪيرائي ڇڏي تہ جهٽ پٽ ٻي مسجد ۾ معتڪف ٿي وڃو **اعتكاف** صحيح ٿي ويندو.

مدينه 27: **اعتكاف** جي دؤران جيستائين ٿي سگھي پنهنجو وقت نوافل، تلاوتِ قرآن، ذڪر و درود، اسلامي ڪتابن جي مطالعي ۽ سنّتون ۽ دعائون وغيره جي سکڻ سيکارڻ ۾ گذاريو.

مدينه 28: **اعتكاف** جي لاءِ جيڪڏهن مسجد ۾ پردو لڳايو تہ گھٽ ۾ گھٽ جڳھہ والاريو تہ جيئن نمازين کي پريشاني نہ ٿئي. منهنجا آقا **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن (مسجد ۾) شيون رکو جن سان نماز جي جڳھہ رکجي تہ سخت ناجائز آهي. (فتاویٰ رضویه تخريج شده ج 8 ص 97)

**مدينه 29**: **مسجد** کي هر قسم جي گدلاڻ ۽ مير مٽيءَ وغيره کان بچايو.

**مدينه 30**: **مسجد** ۾ هُل هنگامو، کل ڀوڳ وغيره هرگز نہ ڪريو جو گناهہ آهي.

**مدينه 31**: **توهان** گهر کان مسجد لاءِ هليا تہ نيڪيون ڪمائڻ پر ڪٿي ائين نہ ٿئي جو گناهن جا ڍير ڪٽي موٽيو. تنهنڪري خبردار! مسجد ۾ هرگز هرگز بنا ضرورت جي ڪو لفظ وات مان نہ نڪري. زبان تي مضبوط **قفلِ مدينه** لڳايو.

**مدينه 32**: **معتڪفين** اسلامي ڀائرن کي مسجد ۾ ضروري شيون پهريان کان ئي مهيا ڪري وٺڻ گهرجن تہ جيئن بعد ۾ ڪنهن کان سوال ڪرڻ جي حاجت نہ رهي ۽ ٻين کان شيون گهرندو رهڻ جي عادت بہ سٺي ناهي. ڪجهہ صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تہ **سوال** کان ايتريقدر بچندا هئا جو جيڪڏهن انهن جو **چهبڪ** بہ ڪِري پوندو هو تہ گهوڙي تي وينو هجڻ جي باوجود هو ڪنهن کي ايترو بہ نہ چوندا هئا تہ ”ادا! هي **چهبڪ** تہ ڪٽي ڏجو“ بلڪ پاڻ گهوڙي تان لهي ڪٽي وٺندا هئا.

**مدينه 33**: **ٻين** جي موجودگيءَ ۾ تلاوت جي آوازکي ايترو جهڪو رکو جو انهن جي ڪنن تائين آواز نہ پهچي.

**مدينه 34**: **جيڪڏهن** توهان جي مسجد ۾ ٻيا اسلامي ڀائر بہ معتڪف هجن تہ انهن جي حقوقِ صحبت جو هر طرح سان لحاظ رکو بلڪ ٻين معتڪفين جي خدمت کي پنهنجي سعادت سمجهو. انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي جيترو ٿي سگهي ڪوشش ڪريو

۾ اخلاص و ايثار جو مظاهرو ڪندا رهو. ايثار جو ثواب بيشمار آهي جيئن تہ تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي، " **جيڪو شخص ان شيءِ تي جنهن جي پاڻ ان تي حاجت هجي ٻئي تي ڏئي ڇڏي تہ الله** عَزَّوَجَلَّ **ان تي بخشي ڇڏيندو آهي.**"

(اتحاف السادة المتقين ج9 ص 779)

**مدينہ 35: توهان** جيڪي ڪجهہ دعائون ۽ سنّتون ڄاڻو ٿا ٻين معتڪفين کي سيکارڻ جي ڪوشش ڪريو جو ثواب ماڻڻ جو اهڙو سونهري موقعو هرهر ناهي ملندو.

**مدينہ 36 : اعتڪاف** جي دؤران جيترو ٿي سگهي وڌ کان وڌ سنّتن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. مثال طور تڏي ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ وغيره استعمال ڪريو.

**مدينہ 37 : مدني** انعامات تي عمل ڪري ڪارڊ ڀريو ۽ ان جي هميشہ لاءِ عادت بڻايو.

**مدينہ 38 : مسجد** جي فرش، فراسي يا تڏيءَ تي سمهڻ کان پرهيز ڪريو ڇو تہ پگهر جي بدبوءِ ۾ مٽي جي تيل جا داغ ۽ پڻ احتلام جي صورت ۾ ناپاڪ ٿيڻ جو بہ خطرو آهي. تنهن ڪري پنهنجي تڏي پاڻ سان گڏ ضرور کڻي اچو. ان سان تڏيءَ تي سمهڻ جي سنّت ادا ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو ۽ مسجد جون فراسيون ۽ تڏيون بہ گدلاڻ کان محفوظ رهنديون.

**مدينہ 39 : جيڪڏهن** پنهنجي تڏي ميّسر نہ هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي چادر ئي وڇائي ڇڏيو.

**مدينه 40** : **ٽـهـو** هجي يا مسجد، جتي بہ سُمهو پردي ۾ پردي جو خيال رکو ممڪن هجي تہ شلوار تي هڪ چادر گوڏ جيان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ٻي ويڙهي ڇڏڻ جي عادت ٻڌايو جو ننڊ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پاتل ڪپڙي سان بہ سخت بي پردگي ٿي رهي هوندي آهي.

**مدينه 41**: **هرگز** هرگز بہ اسلامي ڀائر هڪ ئي وهاڻي تي يا هڪ ئي چادر ۾ نہ سمهن.

**مدينه 42**: **اهڙيءَ** طرح فِتني جي جاءِ تي ڪنهن جي ران يا هنج ۾ مٿو رکي سمهڻ کان بہ پرهيز ڪريو.

**مدينه 43**: **جڏهـن** 29 رمضان المبارڪ تي عيد الفطر جي چنڊ جي خبر ٻُڌو يا 30 رمضان شريف جو سج لهي وڃي تہ مسجد مان ايئن نہ ڀڄـو جيئن قيد کان آزاد ٿيا آهيو، بلڪ ٿـيڻ تہ ايئن گهرجي جو رمضان المبارڪ جي رخصت ٿيڻ جي خبر ٻُڌندي ئي صدمي کان دل غمگين ٿيڻ لڳي جو آه! مبارڪ مهينو اسان کان جُدا ٿي ويو، خوب روئي روئي ماهِ رمضان کي **الوداع** ڪريو.

تم گھر کو نہ کھینچو نہیں جاتا نہیں جاتا
میں چھوڑ کے مسجِد کو نہیں اب کہیں جاتا

**مدينه 44**: **اعتڪاف** جي پُڄاڻيءَ جي وقت خوب روئي روئي پنهنجي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ مسجد جي بي ادبين تي الله عَزَّوَجَلَّ کان مُعافي طلب ڪريو ۽ خوب روئي روئي پنهنجي ۽ تمام دنيا جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي اعتڪاف جي قبوليّت ۽ سڄي امت جي مغفرت جي دعا گهرو.

مدينه 45: **پاڻ** ۾ هڪٻئي کان حق تلفيون مُعاف ڪرايو.
مدينه 46: **مسجد** جي خادمن کي بہ ٿي سگهي تہ تحفا ڏيئي راضي ڪريو.
مدينه 47: **مسجد** جي انتظاميہ جو بہ تعاون جي سبب ٿورا مڃيندي شڪريو ادا ڪريو.
مدينه 48: **عيد الفطر** جي رات ٿي سگهي تہ عبادت ۾ گذاريو. نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ عشاءَ ۽ فجر جون نمازون باجماعت ادا ڪريو تہ حديث جي حڪم موجب سڄي رات جي عبادت جو ثواب ملندو.
مدينه 49: **ڪوشش** ڪري نفلي اعتڪاف جي نِيَّت سان عيد رات انهيءَ مسجد ۾ گذاريو جتي سنّتِ اعتڪاف ڪيو آهي. حضرتِ سيّدُنا امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ سيّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو:” تہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن ان ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ (عيد الفطر جي) رات (مسجد) ۾ ٿي گذارين تہ جيئن اتان کان سڌن ڏينهن (يعني عيد جي مبارڪ ڏينهن) جي شروعات ٿئي.“سيّدُنا امام مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جو هي معمول نقل فرمائن ٿا تہ اهي عيد جي رات جو پنهنجي گهرن ڏانهن نہ موٽندا هئا جيستائين ماڻهن سان گڏ عيد جي نماز ادا نہ ڪندا هئا.
**(الدرالمنثور ج 1 ص 488)**
مدينه 50: **عيد** جون مقدس گهڙيون بازارن جي اندر خريدارين ۾ گذارڻ کان پرهيز ڪريو. اهڙيءَ طرح عيد جي يومِ سعيد کي بہ مَعاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ گڏيل تفريح گاهن سينيما گهرن ۽ ڊراما گاهن ۾ گذاري ڪري يومِ وَعيد نہ بڻايو.

## عاشقانِ رسول جي صحبت مون
## کي چا مان چا بڻائي ڇڏيو

جتي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان اجتماعي اعتڪاف جي ترڪيب هوندي آهي اتي عيد رات جو يا رات مسجد ۾ ئي گذاري ڪري عيد جي ڏينهن سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي ترڪيب بڻايو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توهان پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. جيڪڏهن ماڊرن دوستن وغيره سان گناهن ڀري ماحول ۾ عيد گذاري ته تي سگهي ٿو ته اعتڪاف جي ڪمائي ضايع ٿي وڃي. توهان جي ترغيب جي لاءِ عيد جي مدني قافلي جي هڪ مُشڪبار ۽ خوشگوار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن ته لائينز ايريا، بابُ المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي: ٻهريان مان به هڪ عام ماڊرن ۽ بي نمازي ڇوڪرو هئس، زندگيءَ جون راتيون ۽ ڏينهن غفلتن ۽ گناهن ۾ گذري رهيا هئا. ماهِ رمضان المبارڪ 1423هه ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسان جي ئي علائقي جي **فيضانِ رضا مسجد** (لائينز ايريا) ۾ ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياري، مون هائوڪار ڪئي ۽ گهر وارن کان اجازت وٺي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ معتڪف ٿي ويس. **اعتكاف** ۾ ڏهن ڏينهن تائين عاشقانِ رسول جي صحبتن جي برڪتن سان خوب مالا مال ٿيس ۽ **اعتكاف** ۾ سڄي عمر لاءِ پنج

وقتہ نمازي بڻجي رهڻ جو عَزۡم بِالۡجَزۡم (يعني پڪو پهہ) ڪري ورتو، پين گناهن سان گڏوگڏ ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان بہ توبهہ ڪري ورتي. هتوهٽ عمامو شريف بہ سجائي ورتو ۽ سنّت جي مطابق مدني لباس جي بہ نِيَّت ڪري ورتي. مون عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ ٽي ڏينهن مدني قافلي ۾ سنّتن پريو سفر ڪيو ۽ هن مبارڪ سفر جي برڪت سان آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جو ٻڄي ويس. الله عَزَّوَجَلَّ ڪري جو مرڻ گهڙيءَ تائين **دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول** مون کان نہ وڃي. هاڻي آءُ فيشن ايبل ماڊرن ڇوڪرو نہ رهيو هئس. اعتڪاف ۽ هتو هٽ مدني قافلي جي سفر دوران **عاشقانِ رسول** جي ويجهڙائيءَ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي چا مان چا بڻائي ڇڏيو. مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو بيحد ڪرم آهي جو آءُ هي بيان ڏيڻ وقت پنهنجي علائقي ۾ مدني انعامات جي ذميدار جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

فضلِ ربّ سے گناہوں کی عادت چُھٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنهنجون شيون سنڀالڻ جو طريقو

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوتِ اسلامي" سان لاڳاپيل هزارين اسلامي ڀائر دنيا جي مختلف مسجدن ۾ **اجتماعي اعتڪاف** ڪندا آهن. انهن سيني

جي خدمت ۾ عرض آهي، شرعي مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن ٻئي جي ڪا شيءِ غلطيءَ سان تبديل ٿي اچي وڃي. چاهي پنهنجي شيءِ سان مِلندڙ جُلندڙ هجي تڏهن بہ ان جو استعمال ناجائز ۽ گناهہ آهي. انهيءَ ڪري معتڪفين (۽ مدرسي جي رهندڙ شاگردن بلڪ هر هڪ ڪي گهرجي تہ پنهنجي پنهنجي انهن شين تي ڪا نشاني لڳائين جن جو ٻين جي شين سان گڏجي وڃڻ جو انديشو هجي. رهنمائيءَ جي لاءِ ڪجهہ نشانيون اڳتي اچي رهيون آهن. (چپل، چادر وغيره تي نالو يا ڪنهن بہ زبان جو ڪو حرف مثال طور A,B وغيره نہ لکو بلڪ ٿي سگهي تہ ڪمپني جو نالو بہ ڊاهي ڇڏيو. تہ جيئن پيرن هيٺان اچڻ تي بي ادبي نہ ٿئي. هر زبان جي حروف تهجي (Alphabet) جو ادب ڪريو. هن مسئلي جو تفصيل فيضانِ سنّت جي باب فيضانِ بسم الله ص89 کان ص 124 تي ملاحظ ڪريو)

## اعتڪاف ۾ بيمار ٿي پوڻ جا سبب

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْہُ سالن کان وٺي **معتڪفين** جي خدمتن ۾ حاضرين کان مشرف آهي، **اعتڪاف** جي دوران ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن کي **بيمار** ٿيندي ڏٺو آهي. ان جو سڀ کان وڏو سبب جيڪو ظاهر ٿي ڪري سامهون آيو آهي اهو آهي”غذائي بي احتياطيون“. گهر وارا ۽ دوست وغيره عمدا ۽ لذيذ کاڌا، خوشبودار مٺا مٺا طعام، **ڪباب سموسا**، پڙا، پڪوڙا، ڪٽيون چٽڻيون، کِچڙو ۽ **چنپٽا** آلو چولا ۽ سَحَريءَ ۾ مَلائي پَراٺا، ڪچلا (هڪ قسم جو طعام) ۽ ڦيني (هڪ قسم جون سَيُون) وغيره عنايت فرمائيندا آهن ۽ ڪجهہ **معتڪفين** حرص کان مغلوب ٿي ڪري، انجام کان بي خبر

جيڪو ڪجهه سامهون آيو، ان جو آڌر ڀاءُ ڪري چڱيءَ طرح بغير چباڙڻ جي ٿُرت ئي پيٽ ۾ پهچائيندا آهن، نتيجي طور: قبض، گيس، پيٽ ۾ سور، بدهاضمو، دست، التي، جسم ۾ سُستي، نزلو، بخار، مٿي ۽ بدن ۾ سور وغيره مرض اچي ڪڙڪندا آهن، جيتوڻيڪ ويچارا وڏي جذبي سان خوب عبادت جو ذهن کڻي ڪري **اعتڪاف** جي لاءِ گهر کان هلي ايندا آهن، پر ڪائي ڪائي بيمار ٿي پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته نوبت ايتري تائين پهچندي آهي جو نماز جي جماعت شروع ٿي ويندي آهي پر اهي غريب مٿي جي سور ۽ بخار جي ڪري مسجد ۾ ليٽي ڃنگهي رهيا هوندا آهن.

نا سمجھ بیمار کو اَمرت بھی زہر آمیز ہے
سچ یہی ہے سو دوا کی اک دواء پرہیز ہے

## ڪاڏي جي احتياط جو فائدو

اَلحَمدُ للهِ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي **عالمي** مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** بابُ المدينه ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ هزار بلڪ هزارين عاشقانِ رسول **معتڪف** هوندا آهن. انهن کي پيش ڪيل ڪاڏي ۾ بناسپتي گيهه جو استعمال بند ڪرائڻ، تيل ۽ مصالحن ۾ به اڌو اڌ گهٽتائي ڪرڻ ۽ ڪباب سموسن ۽ پڪوڙن تي پابندي لڳرائڻ جون درخواستون ڪندو رهڻ سان ڪجهه نه ڪجهه عمل ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح **اعتڪاف** جي دؤران مريضن جي شرح ۾ خاص گهٽتائي ڏٺي وئي. ڪاش! هر اعتڪاف واري مسجد بلڪ مسلمانن جي هر گهر ۾ ڇاٽايل احتياط اختيار ڪيا وڃن.

## مون کي مسلمانن جي صحت پياري آهي

اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ آءُ مسلمانن جي روحاني اصلاح سان گڏوگڏ جسماني صحت ۽ فلاح جو بہ خواهشمند آهيان. ڪاش! ڪاش! ڪاش! منهنجي درخواستن جي مطابق خواهش کان گھٽ کائي ڪري ۽ بي وقت مختلف شيون کائڻ کان پاڻ کي بچائي ڪري سيئي **معتکفين** صحت ۽ عافيّت سان عبادت ۽ تربيت ۾ حصو وٺي ڪري **اجتماعي اعتڪاف** جي پُڄاڻيءَ تي عيد رات جو هتو هٿ **مدني قافلي** ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪرڻ جي قابل رهن، جيڪڏهن منهنجي عرض ڪيل غذائي احتياطن تي سجي عمر عمل پيرا رهندؤ تہ اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان جي زندگي خوشگوار رهندي ۽ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي اخراجات کان بہ نجات ملندي. (براءِ ڪرم! فيضانِ سنّت جي باب آدابِ طعام ص423 کان ص433 تي ڪاڏي جو جدوَل ۽ طبي مشورن سان ڀرپور مڪتوبِ عطار پڙهي ڇڏيو) توهان جي تندرستي ۾ مون کي هونئن بہ دلچسپي آهي تہ اهڙيءَ طرح اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **عبادتن** جو ذوق بہ وڌندو ۽ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سفر جو شوق بہ وڌندو. توهان صحتمند هوندؤ تہ آسانيءَ سان نمازن، سنّتن، پيءُ ماءُ ۽ ٻارن ٻچن جي خدمت جي لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪري سگھندؤ. جيڪڏهن منهنجي درخواستن جي سبب اهي سڀ نيڪ اعمال ٿيا تہ اِن شآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون کي بہ ڪثير ثواب ملندو.

## ظالمن جي لاءِ ڏکھي عمر جي دعا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**نمازن** ۽ فرض عبادتن کان پري رهڻ وارن مسلمانن، پنهنجي مسلمان ڀائرن تي ظلم ۽ ستم

جا جبل ڪيرائڻ وارن ۽ گناهن جي بازار گرم ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ هدايت عنايت فرمائي. آهه! اهڙن جي صحت بہ اڪثر ڪري گناهن ۾ گهٽائيءَ جو سبب بڻجندي آهي.

حجة الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللهِ الۡوَالِي فرمائن ٿا: "**جيڪو ظالمن ۽ فاسقن جي لاءِ وڏي ڄمار جي دعا ڪندو آهي، ڄڻ هن ڀالهہ تي پسند ڪري ٿو تہ زمين تي الله تعاليٰ جي (گهڻي) نافرماني ٿئي.**" (ايها الولد مع مجموعه رسائل امام غزالي ص 266 دارالفڪر بيروت)

ها ظالمن ۽ فاسقن جي لاءِ ظلم ۽ فسق ڪان پري رهندي صحت جي ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ ڊگهي عمر ماڱڻ جي دعا ڪري سگهجي ٿي. ڪاڏي جي احتياطن جي نِرالي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جو باب پيٽ جو **قفلِ مدينه** ضرور پڙهي وٺو.

## مسلمانن جي ڀلائي چاهڻ ثـواب جـو ڪـم آهـي

حضرتِ سيِّدُنا جرير بن **عبدالله** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ "مون حضور تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هن ڳالهہ تي بيعت ڪئي تہ نماز قائم ڪندس ۽ **زڪوٰة** ادا ڪندس ۽ عام مسلمانن جي **خير خواهي** ڪندس (يعني ڀلائي چاهيندس) (صحيح مسلم ص 48 حديث 97) اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي مسلمانن جي خيرخواهن ۾ وقف ڪرڻ ۽ ثواب ڪمائڻ جي مقدس جذبي جي تحت دعا سان گڏوگڏ صحتمند رهڻ جي لاءِ ڪجهہ **مدني گل** حاضر ڪيا آهن. جيڪڏهن رُڳو دنيا جي رنگينين مان مزا ماڻڻ جي لاءِ تندرست رهڻ جي خواهش آهي تہ بيشڪ پڙهڻ اتي ئي ڇڏي ڏيو ۽ جيڪڏهن سُني صحت جي ذريعي

عبادت ۽ سنّتن جي خدمت تي قوت حاصل ڪرڻ جو ذهن آهي تہ ثواب ڪمائڻ جي غرض سان سنيون سنيون نيّتون ڪندي درود شريف پڙهي ڪري اڳتي وڌو ۽ شوق سان پڙهو:

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الله ربُّ العزّت عَزَّوَجَلَّ منهنجي، توهان جي، تمام خاندان وارن ۽ سڄي امت جي مغفرت فرمائي. اسان کي صحت ۽ عافيّت سان ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رهندي اسلام جي خدمت تي استقامت عنايت فرمائي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان جون جسماني بيماريون دور ڪري اسان کي بيمارِ مدينه بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪباب سموسا کائڻ وارا متوجهه ٿين

بازار ۽ دعوتن جا چٽ پٽا ڪباب سموسا کائڻ وارا توجهه فرمائين. ڪباب سموسا ڪپائڻ وارا عام طور تي **قيمو** ڏوئندا ناهن. انهن جي چوڻ موجب قيمو ڌوئي ڪري وجهو تہ ڪباب سموسن جو ذائقو متاثر ٿيندو آهي! بازاري قيمي ۾ ڪڏهن ڪڏهن چا هوندو آهي اهو بہ ٻُڌي وٺو! ڳئون جي **اوجهري** جي کل لاهي ان جي ”بٽ“ يعني اوجهريءَ جي ٿلهي گوشت ۾ **ٺري** بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن تہ **ڇيبل رت** وجهي مشين ۾ پيهندا آهن اهڙيءَ طرح اڇي اوجهريءَ واري ٿلهي گوشت جي قيمي جو رنگ گوشت جي مثل **ڳاڙهو** ٿي ويندو آهي. اڪثر **ڪباب سموسي** وارا ضرورت موجب تازي سُنڌ ٿوم وغيره بہ قيمي سان گڏ ئي پيهرائي ڇڏيندا

آهن. هاڻي ان قيمي جي ڌوئڻ جو سوال ئي پيدا نـه ٿو ٿئي، انهيءَ قيمي ۾ مرچ مصالحا وجهي پُچي ڪري ان جا **ڪباب سموسا** ٺهائي ڪپائيندا آهن. هوٽلن ۾ بہ ان طرح جي قيمي جي پاڃيءَ جو انديشو رهندو آهي. گندن **ڪباب سموسن** وارن ڪان پڪوڙا بہ نہ ورتا وڃن جو ڪڙاهي بہ هڪ ۾ تيل بہ اهو ئي گندي قيمي وارو. خير آءُ هي نہ ٿو چوان تہ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ هر گوشت وڪڻڻ وارو اهڙيءَ طرح ڪندو آهي يا خدانخواستہ هر ڪباب ،سموسي وارو ناپاڪ قيمو ئي استعمال ڪندو آهي. بيشڪ خالص گوشت جو قيمو بہ ملندو آهي. عرض ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ قيمو يا **ڪباب سموسا** اعتماد جوڳي مسلمان ڪان وٺڻ گهرجن ۽ جيڪي مسلمان اهڙيون حرڪتون ڪندا آهن انهن ڪي توبهہ ڪري وٺڻ گهرجي.

## ڪباب سموسا طبيبن جي نظر ۾

**ڪباب**، سموسا، پڪوڙا، شامي ڪباب، مڇي ۽ ڪُڪڙ وغيره جون تريل بوٽيون، پوريون، ڪچوريون، پڙا، پراٺا، اندا آمليٽ، وغيره اسان خوب مزي سان ڪائيندا آهيون. پر نقصان نظر نہ اچڻ وارين مزيدار ۽ چهرين غذائن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون موتمار بيماريون رکيل آهن ان جو شايد ئي ڪنهن کي علم ٿيندو هجي. ترڻ جي لاءِ جيڪو تيل خوب گرم ڪيو ويندو آهي تہ طبي تحقيقات جي مطابق ان جي اندر ڪيترائي ناخوشگوار ۽ نقصان ڏيندڙ مادا پيدا ٿي ويندا آهن، ترڻ جي لاءِ وجهڻ واري شيءِ بہ پاٽيات ڇڏيندي آهي جنهن جي سبب تيل مُشتَعِل ٿي ڪري چٽاخ چٽاخ جو شور مچائيندو آهي جيڪو ان جي ڪيميائي جُزن جي ٽوڙ ڦوڙ جو اهڃاڻ آهي ۽ ان جي سبب غذائي جُزا ۽ وٽامنز تباهہ ٿي ويندا آهن.

## ”يا رب!نفس جي لذت کان بچاءِ“ جي اٽويهه اڪرن جي نسبت سان تريل شين مان ٿيڻ وارين 19 بيمارين جي نشاندهي

﴿1﴾ بدن جو وزن وڌي ويندو آهي ﴿2﴾ آنڊن کي نقصان پهچندو آهي ﴿3﴾ اجابت (پيٽ جي صفائي) ۾ گڙٻڙ پيدا ٿيندي آهي ﴿4﴾ پيٽ جوسور﴿5﴾ دل ڪچي ٿيڻ ﴿6﴾ الٽي يا ﴿7﴾ اسهال (يعني پاڻيءَ جهڙا دست) ٿي سگهن ٿا ﴿8﴾ چربيءَ جي مقابلي ۾ تريل شين جو استعمال وڌيڪ تيزيءَ سان رت ۾ نقصان ڏيندڙ ڪوليسٽرول يعني LDL بڻائيندو آهي ﴿9﴾ فائديمند ڪوليسٽرول يعني HDL ۾ گهٽتائي ايندي آهي. ﴿10﴾ رت ۾ ڊِگِ يعني جميل رت جا ٽڪرا بڻجي ويندا آهن ﴿11﴾ هاضمو خراب ٿي ويندو آهي ﴿12﴾ گيس ٿي ويندي آهي ﴿13﴾ گهڻو گرم ڪيل تيل ۾ هڪ زهريلو مادو”ايڪرولِين“ پيدا ٿي ويندو آهي جيڪو آنڊن ۾ زخم پيدا ڪندو آهي بلڪ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلّ ﴿14﴾ ڪينسر جو ڪارڻ به بڻجي سگهي ٿو﴿15﴾ تيل کي گهڻي دير تائين گرم ڪرڻ ۽ ان ۾ شيون ترڻ جي عمل سان ان ۾ هڪ ٻيو خطرناڪ زهريلو مادو” فري ريڊيڪلز“ پيدا ٿي ويندو آهي جيڪو دل جون بيماريون ﴿16﴾ ڪينسر ﴿17﴾ سَنڌن ۾ سُور ﴿18﴾ دماغ جي ساڙي جي مرض ۽ ﴿19﴾ جلد پوڙهائپ جو سبب بڻجندو آهي. ”فري ريڊيڪلز“ نالي خطرناڪ زهريلو مادو پيدا ڪرڻ وارا ٻيا به وڌيڪ عوامل آهن مثال طور ✿ تماڪ نوشي ✿ هوا جي گدلاڻ (جيئن جو اڄڪلهه گهرن ۾ هر وقت ڪمرو بند رکيو ويندو آهي نه اس اچڻ ڏني ويندي آهي نه تازي هوا) ✿ ڪار جو دونهون ✿ ايڪسري X-RAY ✿

مائيڪرو ويو اووَن (يعني شعاعن ذريعي ڪاڏو گرم ڪرڻ واري مشين) ✪ T.V. ۽ ڪمپيوٽر جي اسڪرين جا شعاع ✪ فضائي سفر جي تابڪاري (يعني هوائي جهاز جو شعاعن ڪيڙ وارو عمل).

## خطرناڪ زهر جو توڙ

الله عَزَّوَجَلَّ ان خطرناڪ زهر يعني "فري ريڊيڪلز" جو توڙ بہ پيدا فرمايوآهي جيئن تہ جن سبزين ۽ ميون جو رنگ سائو، هيڊو يا ڳاڙهو مائل هيڊو هوندو آهي هي ان خطرناڪ زهر کي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن هن طرح جي ميون ۽ سبزين جو رنگ جيترو قدر تيز هوندو انهن ۾ وٽامنز ۽ معدني جُزن جو مقدار بہ زيادہ هوندو آهي اهي هن زهر جو زيادہ قوت سان توڙ ڪندا آهن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تريل شين جو نقصان گهٽ ڪرڻ جو طريقو

بن ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان تريل شين جي نقصانن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي: ﴿1﴾ **ڪباب سموسا**، انڊو آمليٽ، مڇي وغيرہ ترڻ جي لاءِ جيڪا ڪڙاهي يا فرائي پين استعمال ڪئي وڃي اها نان اسٽڪ (non stick) هجي ﴿2﴾ ترڻ کانپوءِ هڪ هڪ شيءِ کي بغير خوشبو واري ٽشو پيپر ۾ چڱيءَ طرح ويڙهيو وڃي تہ جيئن ڪجهہ نہ ڪجهہ تيل جذب ٿي وڃي.

## بچيل تيل ٻيهر استعمال ڪرڻ جو طريقو

**ماهرن جو چوڻ** آهي تہ هڪ ڀيرو ترڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ کان پوءِ تيل کي ٻيهر گرم نہ ڪيو وڃي. جيڪڏهن

پيھر استعمال ڪرڻو هجي ان جو طريقو هي آهي تہ ان کي چاڻي ڪري ريفريجريٽر ۾ رکيو وڃي، ڇاڻڻ کان بغير فرج ۾ نہ رکيو وڃي.

## فنِ طب يقيني ناهي

تريل شين جي نقصانن جي تعلق سان مون جيڪو ڪجھ عرض ڪيو اهو منهنجو پنهنجو ناهي، طبيبن جي تحقيق آهي. هي اصول ياد رکڻ جي قابل آهي تہ طب جو فن سڄي جو سڄو ظني آهي يقيني ناهي.

## فيشن پرست مبلغ سنّت بڻجي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نقصانڪار شيون کائڻ پيئڻ جو حرص ختم ڪرڻ، فرنگي فيشن کان جان ڇڏائڻ، سنّتون اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجو سينو عشقِ رسول جو مدينو بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سدا بهار مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اچو توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ خوشگوار ۽ مُشڪبار مدني بهار توهان جي آڏو پيش ڪجي ٿي جيئن تہ اِندَورشهر (P.M هند) جي هڪ ماڊرن نوجوان رمضان المبارڪ سن 1426ھ جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي طرفان ٿيندڙ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سندن سان دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو، چهري تي ڏاڙهيءَ جون بهارون مُرڪڻ لڳيون ۽ سبز عمامي شريف

سان سرسبز ٿي ويا. هتي هٽ 12 ڏينهن جي لاءِ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويا، خوب مدني رنگ چڙهيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مبلغ دعوتِ اسلامي بڻجي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير پنهنجي شهر جي اندر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ حلقه مشاورت جي **نگران** جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيا آهن.

گرچه دل میں ہے فیشن کی اُلفت بھری، | مَدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
عمر آئندہ گزرے گی سنّت بھری | مَدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**يا رب مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! هر اسلامي ڀاءُ ۽ هر اسلامي ڀيڻ جو **اعتڪاف** قبول فرماءِ ۽ ان جي برڪتن سان مالامال ڪر. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! اسان کي به **اعتڪاف** ڪرڻ جي سعادت نصيب فرماءِ.

## مسجد سان محبت جي فضيلت

**حضرت ابو سعيد خدري** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ الفت نشان آهي:" جيڪو مسجد سان الفت (محبت) رکندو آهي الله تعاليٰ ان سان الفت رکندو آهي.

**(طبراني اوسط حديث 2379 بيروت)**

حضرت علامه عبد الرؤف مَناوي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی ان جي شرح ۾ لکن ٿا :" مسجد سان الفت هن طرح آهي ته رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ۾ اعتڪاف، نماز، ذڪر **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ شرعي مسائل سکڻ سيکارڻ جي لاءِ وينو رهڻ جي عادت بڻائڻ آهي. ۽ **الله تعاليٰ** جو ان ٻانهي سان محبت ڪرڻ

هن طرح آهي جو **الله تعاليٰ** ان کي پنهنجي رحمت جي سايي ۾ جڳهه عطا فرمائيندو ۽ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي.

**(فيض القدير ج6 ص 107 دار الفكر بيروت)**

## مسجد جي زيارت جي فضيلت

**حضرت** سيدنا **عبدالله** ابن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ رسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: ”بيشڪ مسجدون زمين ۾ الله تعاليٰ جا گهر آهن ۽ الله تعاليٰ تي حق آهي تہ اهو (پنهنجي گهر جي) زيارت ڪرڻ واري جو اڪرام (عزت) ڪري.“

**(طبراني ڪبير ج10 ص61 حديث 10324 بيروت)**

حضرت علامہ عبد الرؤف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ان جي شرح ۾ لکن ٿا: يعني مسجدون اهي جڳهون آهن جن کي الله تعاليٰ پنهنجي رحمتن کي لاهڻ لاءِ چونڊيو آهي.“

**(فيض القدير ج2 ص 552 دار الفكر بيروت)**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنّت کان محروم

حضرت سَيِّدُنا حذيفہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي نبيِّ مُڪَرَّم نورِ مُجَسَّم، رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: لَا يَدْ خُلُ الْجَنَّةَ قَتَّاتٌ يعني چُغل خور جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو. (صحيح البخاري ص 512، حديث 6056)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فيضانِ عيدُ الفِطر

## درود شريف جي فضيلت

**هڪ** ڀيري ڪنهن فقير ڪافرن کان ڪجهہ گهريو. انهن مذاق جي طور تي امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم وٽ موڪلي ڇڏيو. جيڪي سامهون تشريف فرما هئا. ان (يعني فقير) حاضر ٿي ڪري (ڪجهہ گهرڻ لاءِ) هٿ ڊگهو ڪيو. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڏهہ ڀيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿن جي ترِيءَ تي دم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون، مٺ بند ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کوليو. (ڪافرکِلي رهيا هئا تہ خالي ڦوڪ هٿڻ سان ڇا ٿيندو آهي!) پر جڏهن فقير انهن جي سامهون وڃي مٺ کولي تہ اها سون جي دينارن سان ڀريل هئي! هيءَ **ڪرامت** ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا. (راحت القلوب ص 72)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله جي محبوب، داناءِ غيوب مُنَزَّهٌ عَنِ الْعيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رمضان شريف جي مبارڪ مهيني جي متعلق ارشاد فرمايو آهي تہ هن مهيني جو پهريون ڏهاڪو **رحمت**، ٻيو **مغفرت** ۽ ٽيون ڏهاڪو **جهنم** کان آزادي جو آهي.

(صحيح ابن خزيمه ج3 ص 191حديث 1887)

**معلوم** ٿيو تہ رمضان شريف رحمت و مغفرت ۽ جهنّم کان آزاديءَ جو مهينو آهي، تنهن ڪري هن برڪتن واري مهيني کان پوءِ هڪدم اسان کي عيدِ سعيد جي خوشي ملهائڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي ۽ عيدالفطر جي ڏينهن خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ مستحب آهي، تنهن ڪري اسان کي اللهعَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رحمت تي ضرور خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ رحمت تي خوشي ڪرڻ جي ترغيب تہ اسان کي پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو سچو ڪلام بہ ڏئي رهيو آهي. جيئن تہ **يارهين** سيپاري ۾ **سورهءِ يونُس** جي آيت 58 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: تون فرماءِ الله جي ئي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي تہ خوشي ڪن.

## اسين عيد ڇو نہ ملهايون؟

**ڏسو!** جڏهن ڪوئي ملڪ ڪنهن ظالم حڪومت کان آزادي حاصل ڪندو آهي تہ هر سال ان مهيني جي انهيءَ تاريخ تي يادگار جي طور"جشن آزادي" ملهائيندو آهي. ۽ ڪو طالبِ علم امتحان ۾ڪامياب ٿي ويندو آهي تہ اهو ڪيتريقدر خوش هوندو آهي. ماهِ رمضان المبارڪ جي برڪتن۽ رحمتن جي ڇا تہ ڳالهہ ڪجي! هي تہ اهو عظيم الشّان مهينو آهي. جنهن ۾ انسان ذات جي ڪاميابي ۽ بهتري، اصلاح و ترقي ۽ آخرت جي نَجات جي لاءِ هڪ "خُدائي قانون" يعني **قرآن مجيد** نازل ٿيو. هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ هر

مسلمان جي ايمان جي گرميءَ جو امتحان ورتو ويندو آهي. پوءِ زندگيءَ جو هڪ بهترين دستورالعمل حاصل ڪري ۽ هڪ مهيني جي سخت امتحان ۾ ڪامياب ٿي هڪ مسلمان جو خوش ٿيڻ فطري ڳالهه آهي.

## معافيءَ جو عام اعلان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جو بيحد ڪرم آهي جو ان رمضان شريف جي مهيني کان پوءِ ٽُرت ئي **عيد الفطر** جي عظيم نعمت سان اسان کي سرفراز فرمايو. هن **عيدِ سعيد** جي تمام گهڻي فضيلت آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جي هڪ روايت ۾ هي بہ آهي: جڏهن عيد الفطر جي مبارڪ رات تشريف وٺي ايندي آهي تہ ان کي " لَيۡلَةُ الۡجَائِزَة " يعني" انعام واري رات " جي نالي سان پُڪاريو ويندو آهي. جڏهن عيد جو صبح ٿيندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي معصوم فرشتن کي تمام شهرن ڏانهن موڪليندو آهي پوءِ اهي فرشتا زمين تي تشريف وٺي اچي سيني گهٽين ۽ رستن جي ڪنارن تي بيهي رهندا آهن ۽ هن طرح نِدا ڏيندا آهن،” اي **امتِ محمد**!(صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ان ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ جي طرف هلو! جيڪو تمام ئي گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ وڏي کان وڏو گناهہ مُعاف فرمائڻ وارو آهي.“ پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن سان هيئن مخاطب ٿيندو آهي:”اي منهنجا ٻانهؤ! گهرو! ڇا ٿا گهرو؟ منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! اڄوڪي ڏينهن هن (نماز عيد جي) اجتماع ۾ پنهنجي آخرت جي باري ۾ جيڪو بہ سوال ڪندؤ اهو پُورو ڪندس ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا جي باري ۾ گهرندؤ

ان ۾ توهان جي ڀلائيءَ جي طرف نظر فرمائيندس. (يعني انهيءَ معاملي ۾ اهو ڪندس جنهن ۾ توهان جي بهتري هجي) منهنجي عزّت جو قسم! جيستائين توهان منهنجو لحاظ رکندؤ تہ مان بہ توهان جي خطائن تي پرده پوشي فرمائيندو رهندس. منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان توهان کي حد کان وڌڻ وارن (يعني مجرمن) سان گڏ خوار نہ ڪندس. بس پنهنجي گهرن ڏانهن **بخشيل موٽي** وڃو. توهان مون کي راضي ڪري ڇڏيو ۽ مان بہ توهان کان راضي ٿي ويس.“ (الترغيب والترهيب ج2 ص60 حديث 23)

## عيدي ملڻ جي رات

سبحٰن الله! (عَزَّوَجَلَّ) سبحٰن الله! (عَزَّوَجَلَّ) **پيارا اسلامي ڀائرو!** خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ اسان گناهگارن تي ڪيتريقدر مهربان آهي. هڪ تہ رمضان المبارڪ ۾ سڄو مهينو اهو اسان تي پنهنجون رحمتون نازل فرمائيندو ئي رهندو آهي. وري جيئن ئي هي مبارڪ مهينو اسان کان جدا ٿيندو آهي، تڏهن ٿُرت ئي اسان کي **عيدِ سعيد** جون خوشيون عطا فرمائيندو آهي. گذريل حديثِ مبارڪ ۾ شوال المڪرم جي چنڊ واري رات يعني عيدالفطر جي رات کي ”لَيۡلَةُ الۡجَائِزَة“ يعني ”انعام واري رات“ قرار ڏنو ويو آهي. هيءَ رات نيڪ ماڻهن کي انعام ملڻ جڻ تہ ”عيدي“ ڏئي ڇڏڻ واري رات آهي. هن مبارڪ رات جي تمام گهڻي فضيلت آهي جيئن تہ

## دل زنده رهندي

**نبين** جي سلطان، رحمتِ عالميان، سردارِ دوجهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي جنهن عيدين جي رات (يعني عيدالفطر جي رات ۽ عيدالاضحيٰ جي رات) ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قيام ڪيو، ان ڏينهن ان

جي دل نہ مرندي، جنھن ڏينھن (ماڻھن جون) دليون مري وينديون.
(سنن ابن ماجه ج2 ص 365 حديث 1782)

## جنت واجب ٿي ويندي آهي

هڪ ٻي جاءِ تي حضرتِ سيّدُنا مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا، جيڪو پنجن راتين ۾ شبِ بيداري (يعني جاڳي عبادت)ڪري ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي، ذي الحجه شريف جي اٺين، نائين ۽ ڏھين رات (اهڙي طرح ٽي راتيون تہ ھي ٿيون) ۽ چوٿين عيدالفطر جي رات، پنجين شعبان المعظم جي پندرھين رات. (يعني شبِ براءَت) (الترغيب والترهيب ج2 ص 98 حديث 2)

سيّدُنا **عبدالله** ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي روايت ڪيل ڊگھي حديثِ پاڪ (جيڪا اڳ ۾ گذري) ۾ ھي مضمون بہ آهي تہ **عيد** جي ڏينھن معصوم فرشتا الله عَزَّوَجَلَّ جي عطائن ۽ بخشش جو اعلان ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ بہ تمام گھڻو ڪرم فرمائيندو آهي ۽ پنھنجي عنايت ۽ رحمت سان نمازِ عيد جي لاءِ جمع ٿيڻ وارن مسلمانن جي **مغفرت** فرمائي ڇڏيندو آهي. ويتر الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان ھي بہ فرمايو ويندو آهي، تہ جنھن کي جيڪا ڪجھہ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي گھرڻي آهي اهو سوال ڪري، ان تي ضرور ڪرم ڪيو ويندو. ڪاش! اهڙن گھرڻ جي موقعن تي اسان کي گھرڻ اچي، ڇو تہ عام طور تي ماڻھو هنن موقعن تي رُڳو دنيا جي ڀلائي، روزيءَ ۾ برڪت ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا دنيا جي مُعاملات تي سوال ڪندا آهن. دنيا جي ڀلائيءَ سان گڏوگڏ آخرت جي ڀلائي وڌيڪ گھرڻ کپي. دين تي

استقامت ۽ **خاتمه بالخير** اهو بہ مديني ۾ اهو بہ سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينهﷺ جي قدمن ۾ اهو بہ شهادت جي صورت ۾ ۽ مدفن جنّت البقيع ۾ ۽ بنا حساب و ڪتاب جي مغفرت ۽ جنّت الفردوس ۾ **سرڪارِ مدينه** ﷺ جو پاڙو بہ گهري ونڃ گهرجي.

## ڪو سائل مايوس ناهي ويندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! **عيدالفطر** جو ڏينهن ڪيتريقدر اهم ترين ڏينهن آهي. هن ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نهايت ئي جوش تي هوندي آهي. دربارِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ مان ڪو سائل مايوس نہ موٽايو ويندو آهي. هڪ طرف الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها اللهعَزَّوَجَلَّ جي بيشمار رحمتن ۽ بخشش تي خوشيون ملهائي رهيا هوندا آهن تہ ٻئي طرف مومنن تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ايڏيون ڪرم نوازيون ڏسي ڪري انسان جو بد ترين دشمن شيطان ساڙ ۾ سڙندو آهي جيئن تہ:

## شيطان جي بدحواسي

**حضرت** سيّدُنا وَهَبْ بِنْ مُنَبِّه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، جڏهن بہ عيد ايندي آهي، شيطان رڙيون ڪري روئندو آهي. ان جي بدحواسي ڏسي تمام شياطين ان جي چوڌاري جمع ٿي ڪري پُڇندا آهن اي آقا! توهان چو غضبناڪ ۽ اداس آهيو؟ هو چوندو آهي، هاءِ افسوس! الله عَزَّوَجَلَّ اجوڪي ڏينهن تي امتِ محمّد (ﷺ) کي بخشي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري توهان انهن کي لذتن ۽ نفساني خواهشن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو.

(مڪاشفة القلوب ص 308)

## ڇا شيطان ڪامياب آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذرا سوچيو؟ شيطان تي **عيد** جو ڏينهن ڪيتري قدر ڳرو گذرندو آهي. تنهنڪري هو پنهنجي چيلن کي حڪم جاري ڪندو آهي ته توهان مسلمانن کي نفساني لذتن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو. آھ! هن زماني ۾ شيطان پنهنجي هن وار ۾ ڪامياب ٿيندو نظر اچي رهيو آهي. آھ! صد آھ!! **عيد** جي آمد تي هجڻ ته هي گهرجي ها جو عبادتن ۽ نيڪين جي ڪثرت ڪري الله ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جو وڌ ۾ وڌ شڪر ادا ڪيو وڃي ها پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هاڻي مسلمان **پياري عيد** جو حقيقي مقصد ئي وساري وينا آهن. **هاءِ افسوس**! هاڻي ته **عيد** ملهائڻ جو هي انداز ٿي ويو آهي جو واهيات قسم جي ابتي سبتي ڊيزائن وارا بلڪ مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ جاندارن جي تصويرن وارا چمڪيلا ڪپڙا پاتا ويندا آهن (بهارِ شريعت ۾ آهي ته جانور يا انسان جي تصوير وارو لباس پائي نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي (يعني حرام جي قريب) آهي اهڙا ڪپڙا تبديل ڪري يا مٿان ڪو ٻيو لباس پائي نماز ٻيهر ادا ڪرڻ واجب آهي ، نماز کان علاوه به جاندار جي تصوير وارو ڪپڙو پائڻ ناجائز آهي. (خلاصه از بهارِشريعت حصو 3 ص 141 کان 142) ناچ ۽ راڳ جون محفلون قائم ڪيون وڃن ٿيون بي ڍنگن ميلن، گندين راندين، ناچ گانن ۽ فلمن ڊرامن جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ۽ دل کولي ڪري وقت ۽ دولت ٻنهي کي خلافِ سنّت ۽ خلافِ شريعت ڪمن ۾ برباد ڪيو ويندو آهي. افسوس! صد هزار افسوس! اسين هاڻي هن مبارڪ ڏينهن کي ڪيتريقدر غلط ڪمن ۾ گذارڻ لڳا آهيون.

**منهنجا اسلامي ڀائرو!** هنن خلافِ شرع ڳالهين جي سبب تي سگهي ٿو تہ هي **عيدِ سعيد** ناشڪرن جي لاءِ ”يومِ وَعيد“ بڻجي وڃي، خدارا! پنهنجي حال تي رحم ڪيو! فيشن پرستي ۽ فضول خرچيءَ کان پاڻ کي بچايو! ڏسو تہ سهي!اللهعَزَّوَجَلَّ فضول خرچ ڪندڙن کي قرآن پاڪ ۾ شيطانن جو ڀاءُ قرار ڏنو آهي.جيئن تہ پندرهين سيپاري ۾ سورهءِ بني اسرائيل جي آيت نمبر 26 ۽ 27 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اجايو خرچ نہ ڪر بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪرو آهي.

## انسان ۽ حيوان جو فرق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ قرآن پاڪ ۾ فضول خرچي ڪرڻ جي ڪيتريقدر نِندا آئي آهي. **ياد رکو!** فضول خرچين سان هرگز هرگز الله عَزَّوَجَلَّ خوش ناهي ٿيندو. ياد رکو! انسان ۽ حيوان ۾ جيڪا فرق ڪرڻ واري شيءِ آهي اها عقل ۽ تدبير، ايندڙ حالتن تي سوچ ويچار آهي. عام طور تي حيوان کي ”سياڻي“ جو اُلڪو ناهي هوندو ۽ عام طور تي ان جي ڪا حرڪت ڪنهن حڪمت عمليءَ جي مطابق ناهي هوندي. انسانن جي ابتڙ، جو انهن کي نہ رُڳو سياڻي جو بلڪ مسلمان کي تہ هن دنياوي زندگي کان پوءِ واري اخروي زندگيءَ جو بہ اُلڪو هوندو آهي. پوءِ سمجهدار انسان اهو ئي آهي بلڪ حقيقي طور تي انسان ئي اهو آهي جيڪو”سياڻي“ يعني آخرت جو بہ فڪر ڪري ۽ حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺي. پر **افسوس!** اڄڪلهہ حڪمت عمليءَ

جو تہ نالو ئي ناهي رهيو، هن فاني زندگيءَ کي غنيمت سمجهندي آخرت جي لاءِ ڪو انتظام نہ ٿو ڪيو وڃي. آه! هاڻي تہ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد مال ڪمائڻ، خوب ڏؤ ڪري کائڻ ۽ پوءِ خوب غفلت جي ننڊ سمهڻ ئي سمجهن ٿا.

یا کہوں احباب کیا کارِ نُمایاں کر گئے!
A.B کیا،نوکر ہوئے،پِنشن ملی پھر مر گئے!!

## زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زندگيءَ جو مقصد رُڳو وڏيون وڏيون ڊگريون حاصل ڪرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ مزا ماڻڻ ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ آخر اسان کي زندگي ڇو عطا فرمائي؟ اچو قرآن پاڪ جي خدمت ۾ عرض ڪريون تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ جا سچا ڪتاب! تون ئي اسان جي رهنمائي فرماءِ تہ اسان جي جيئڻ ۽ مرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ قرآن عظيم کان جواب ملي رهيو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان : موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي (دنياوي زندگي ۾) توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن.

يعني هن موت ۽ حيات کي ان لاءِ تخليق ڪيو ويو تہ جيئن آزمايو وڃي تہ ڪير گهڻو مُطيع (فرمانبردار) ۽ مُخلص آهي.

## گهر ۾ ئي ولادت ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جي وار کان بچڻ جي ڪوشش جي ضمن ۾ عيد جون حسين گهڙيون عاشقانِ رسول سان گڏ مدني

قافلي ۾ گذاريو، توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ سچو واقعو عرض ڪريان ٿو: جِهلَمَ (صوبي پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن طرح ٻُڌايو ته شاديءَ جي اٽڪل ڇهن مهينن کان پوءِ گهر ۾ " اميد " جا آثار ظاهر ٿيا. ڊاڪٽر ٻُڌايو ته توهان جو ڪيس ڏکيو آهي، رت جي به ڪافي گهٽتائي آهي، تي سگهي ٿو آپريشن ڪرڻو پوي! مون انهيءَ وقت **30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي** جو مسافر بڻجڻ جي نِيَّت ڪري ورتي ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان اهڙو ڪرم ٿي ويو جو نه اسپتال وڃڻ جي نوبت آئي ۽ نه ئي ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻو پيو، گهرڀائي خيريت سان **مدني مُني** جي ولايت ٿي وئي.

گھر میں " اُمید " ہو،اس کی تمہید ہو　　جلد ہی چل پڑیں، قافلے میں چلو
زَچّہ کی خیر ہو ،بچّہ کی خیر ہو　　اُٹھئے ہمّت کریں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! 　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حمل جي حفاظت جا 2 روحاني علاج

﴿1﴾ **لاالٰه الا الله 11** پيرا ڪنهن پليٽ (يا ڪاغذ) تي لکي ڌوئي ڪري عورت کي پيئاري ڇڏيو اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ **حمل** جي حفاظت ٿيندي. جنهن عورت کي کير نه ايندو هجي يا گهٽ ايندو هجي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ به هي عمل فائديمند آهي. چاهيو ته هڪ ئي ڏينهن پيئاريو يا ڪيترن ئي ڏينهن تائين روزانو لکي ڪري پيئاريو هر طرح سان اختيار آهي.

﴿2﴾ يا حَيُّ يا قَيُّومُ 111 ڀيرا ڪنهن ڪاغذ تي لکي ڪري **حامله** جي پيٽ تي ٻَڌي ڇڏيو ۽ ولادت جي وقت تائين ٻَڌل رهي. (ضرورت موجب ڪجھ دير جي لاءِ کولڻ ۾ حرج ناهي) اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ **حمل** بہ محفوظ رهندو ۽ ٻار بہ صحت مند پيدا ٿيندو.

## عيد يا وَعيد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عذاب جي لائق ڪم ڪري ”يومِ عيد“ کي پنهنجي لاءِ ”يومِ وَعيد“ نہ بڻايو ۽ ياد رکو!

لَيۡسَ الۡعِيۡدُ لِمَنۡ لَّبِسَ الۡجَدِيۡد ۔۔۔۔ اِنَّمَا الۡعِيۡدُ لِمَنۡ خَافَ الۡوَعِيۡد

(يعني عيد ان جي ناهي، جنهن نوان ڪپڙا پائي ورتا. عيد تہ ان جي آهي جيڪو عذابِ الاهيءَ کان ڊڄي ويو)

## اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بہ تہ عيد ملهائيندا رهيا آهن

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄڪلھ ڇڻ ماڻهو تہ رُڳو نوان ڪپڙا پائڻ ۽ عمدا کاڌا کائڻ کي ئي **عيد** سمجهي ويٺا آهن. ٿورو غور تہ ڪريو! اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبين بہ تہ آخر **عيد** ملهائيندا رهيا آهن. پر انهن جي **عيد** ملهائڻ جو انداز ئي نرالو رهيو آهي. اهي دنيا جي لذتن کان تمام پري ڀڄندا رهيا آهن ۽ هر حال ۾ پنهنجي نفس جي مخالفت ڪندا رهيا آهن. جيئن تہ

## عيد جو انوکو کاڌو

**حضرت** سيِّدُنا ذوالنون مصري رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه **ڏهن ورهين** تائين کو لذيذ کاڌو نہ کاڌو، نفس چاهيندو رهيو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه نفس جي مخالفت

فرمائيندا رهيا، هڪ ڀيري **عيد مبارڪ** جي مقدس رات جو دل مشورو ڏنو تہ سياڻي جيڪڏهن **عيدِ سعيد** جي ڏينهن کو لذيذ ڪاڌو ڪاڌو وڃي تہ ڇا حرج آهي؟ هن مشوري تي پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه بہ دل کي آزمائش ۾ مبتلا ڪرڻ جي غرض سان فرمايائون، ”آءُ اڳ ۾ ٻہ **رڪعتون** نفل ۾ پورو قرآن پاڪ ختم ڪندس.اي منهنجي دل! تون جيڪڏهن هن ڳالهہ ۾ منهنجو ساٿ ڏئين تہ سياڻي لذيذ ڪاڌو ملي ويندو.“ اهڙيءَ ريت پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه ٻہ رڪعتون ادا ڪيون ۽ ان ۾ پورو قرآن مجيد **ختم** ڪيائون. پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه جي دل هن عمل ۾ سندن ساٿ ڏنو. (يعني ٻئي رڪعتون اطمينان سان ادا ڪيون ويون) پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه **عيد** جي ڏينهن لذيذ ڪاڌو گهرايو، گرهہ ڪڻي وات ۾ وجهڻ ٿي چاهين پيا تہ بيقرار ٿي وري رکي ڇڏيائون ۽ نہ ڪاڌائون. ماڻهن ان جو سبب پُڇيو تہ فرمايائون، جنهن وقت مون گرهہ وات جي ويجهو آندو تہ منهنجي نفس چيو، ڏٺئي؟ مان آخر پنهنجي ڏهن سالن جي پُراڻي خواهش پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس نہ! مون انهيءَ مهل چيو تہ جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ مان توکي هرگز ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندس ۽ هرگز لذيذ ڪاڌو نہ ڪائيندس. جيئن تہ پاڻ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه لذيذ ڪاڌو ڪائڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون. ايتري ۾ هڪ شخص لذيذ ڪاڌي جو ٿالهہ ڪڻي اچي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين، هي ڪاڌو مون پنهنجي لاءِ رات جو تيار ڪيو هو. رات جڏهن سُتس تہ قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، رات جو خواب ۾ مون رسولِ ڪريم رؤفُ رَّحيم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت

جو شرف حاصل ڪيو. منهنجي پياري پياري مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو. جيڪڏهن توهان سڀاڻي قيامت جي ڏينهن به مون کي ڏسڻ ٿا چاهيو ته هي ڪاڌو ذوالنون (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) وٽ ڪٺي وڃو ۽ ان کي وڃي چئو ته: ”**حضرت محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، **ته ڄهٽ گهڙيءَ جي لاءِ نفس سان صلح ڪري وٺو ۽ ڪجهه گرهه هن لذيذ ڪاڌي مان کائي وٺو.**“حضرتِ سيّدُنا ذوالنون مصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي پيغامِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌي وجد ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا! ”مان فرمانبردار آهيان. مان فرمانبردار آهيان “۽ لذيذ ڪاڌو کائڻ لڳا.

(تذڪرة الاولياء ص117)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

ربّ ہے مُعطِی یہ ہیں قاسم رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پِلاتے یہ ہیں (حدائق بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**سرڪار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم **ڪارائيندا آهن**
**سرڪار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم **پيئاريندا آهن**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها عيدِ سعيد جي ڏينهن تي به نفس جي پيروي کان ڪيتريقدر پري رهندا آهن، بيشڪ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ٻانها نفساني خواهشن جي ڪا به پرواهه ناهن ڪندا ۽ هر گهڙي الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي ۾ ئي راضي رهندا آهن ۽ انهن جو هي شان هوندو آهي جو الله و رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر اهي دنياوي

لڏتن کان پري رهندا آهن. اهڙن خوش بختن کي خصوصيّت سان الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪارائيندا آهن ۽ هي به معلوم ٿيو ته مديني جا تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جي حالات کان اڄ به باخبر آهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي محبوب غلام حضرتِ سيِّدُنا ذوالنون مصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي حالات کي ملاحظ فرمائي رهيا هئا. تڏهن ته پنهنجي هڪ غلام کي حڪم فرمائي حضرت ڏانهن پيغام موڪليائون ۽ پنهنجي ڪرم سان ڪاڏو ڪارايائون.

سرکار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کھلاتے ہیں سرکار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پلاتے ہیں
سُلطان و گدا سب کو سرکار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نبھاتے ہیں

## روح کي به سجايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته **عيد** جي ڏينهن غسل ڪرڻ، نوان يا ڌوتل ڪپڙا پائڻ ۽ عطر لڳائڻ سنّت آهي. هي سنّتون اسان جي ظاهري بدن جي صفائيءَ جي لاءِ آهن، پر اسان جي هنن صاف، چمڪندڙ ۽ نوَن ڪپڙن ۽ وهنجاريل ۽ خوشبو لڳايل جسم سان گڏوگڏ اسان جو روح پڻ اسان تي اسان جي ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ مهربان خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي محبت ۽ اطاعت ۽ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، فيض گنجينه، باعثِ نُزولِ سڪينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي الفت ۽ سنّت سان خوب خوب سجايل هجڻ گهرجي.

## نجاست تي چانديءَ جو ورق

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سوچيو ته سهي! روزو هڪ به نه رکيو هجي، سڄو رمضان

جو مهينو الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ گذاريو هجي، بجاءِ مسجد ۾ يا عبادتن ۾ گذارڻ جي سيئي راتيون شور شرابي، راند روند، ڪرڪيٽ کيڏڻ يا ان جو تماشو ڏسڻ، ٽيبل فٽبال ۽ وڊيو گيمز کيڏڻ يا آواره گردي ڪرڻ ۾ گذريون هجن، قرآن پاڪ جي تلاوت جي بجاءِ روماني ناول پڙهيا هجن ۽ بجاءِ نعتون ٻڌڻ جي ٽيپ رڪارڊر تي خوب فلمي گانا ٻڌا هجن ۽ ائين ئي پنهنجي جسم ۽ روح کي ڏينهن رات گناهن ۾ ملوث رکيو هجي ۽ اڄ **عيد** جي ڏينهن يورپي طرز جا فرنگي فيشن وارا بي ڍنگا ڪپڙا پائي ٻه چڙيا ته ان کي هيئن سمجهو ته ڄڻ هڪ نجاست هئي جنهن تي چانديءَ جو ورق چنبڙائي ان جي نمائش ڪئي وئي.

## عيد ڪنهن جي لاءِ آهي؟

**سرڪار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان سرشار ديوانؤ! سچي ڳالهه ته اها ئي آهي ته عيد انهن خوش بخت مسلمانن جو حصو آهي، جن ماهِ محترم، رمضان المعظم کي روزن نمازن ۽ ٻين عبادتن ۾ گذاريو ته هيءُ **عيد** انهن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان مزدوري ملڻ جو ڏينهن آهي. اسان کي ته الله عَزَّوَجَلَّ **کان ڊڄندو رهڻ گهرجي جو آهه! محترم مهيني جو اسان حق ادا ئي نه ڪري سگهياسين.**

## سيدنا عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي عيد

**عيد** جي ڏينهن ڪجهه ماڻهو دربارِ خلافت تي حاضر ٿيا ته ڏسن ته پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ دروازو بند ڪري زارو زار روئي رهيا آهن. ماڻهن حيران ٿي ڪري عرض ڪيو، يا اميرالمؤمنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ! اڄ ته

عيد آهي جيڪو خوشي ملهائڻ جو ڏينهن آهي. خوشيءَ جي جاءِ تي هي روئڻ ڇا جو؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڳوڙها اگهندي فرمايائون، ”هٰذَا يَوْمُ الْعِيْدِ وَ هٰذَا يَوْمُ الْوَعِيْدِ “يعني اي انسانو! هي عيد جو ڏينهن بہ آهي ۽ وَعيد جو ڏينهن بہ. اڄ جنهن جون نمازون ۽ روزا مقبول ٿي ويا. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ان لاءِ اڄ عيد جو ڏينهن آهي. پر اڄ جنهن جي نماز ۽ روزي کي رد ڪري ان جي منهن تي هنيو ويو هجي، ان جي لاءِ تہ اڄ وَعيد جو ئي ڏينهن آهي ۽ مان تہ هن خوف کان روئي رهيو آهيان جو آهہ!

اَنَا لَا اَدْرِیْ اَمِنَ الْمَقْبُوْلِيْنَ اَمْ مِنَ الْمَطْرُوْدِيْنَ

يعني مون کي هي معلوم ناهي تہ مان مقبول ٿيو آهيان يا رد ڪيو ويو آهيان.

عید کے دن عمر یہ رو رو کر
بولے نیکوں کی عید ہوتی ہے

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

## اسان جي خوش فهمي

اللّٰہ اڪبر! (عَزَّوَجَلَّ) محبت وارؤ! ٺورو سوچيو! خوب غور فرمايو! اهو فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي مالڪِ جنّت تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي حياتِ ظاهري ۾ ئي جنّت جي بشارت عنايت فرمائي ڇڏي هئي. خوفِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ جو سندن تي ڪيتريقدر غلبو هيو جو رُڳو هي سوچي سوچي ڏکي رهيا هئا جو خبر ناهي منهنجون رمضان المبارڪ جون عبادتون قبول ٿيون يا نہ. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! عيدالفطر

جي خوشي ملهائڻ جن جو حقيقي حق هيو انهن جي خوف ۽ ڏپ جو
تہ هي عالم هجي ۽ اسان جهڙن بيڪار ۽ گهٽو ڳالهائيندڙ ماڻهن
جي هيءَ حالت آهي جو نيڪيءَ جي ”ن“ جي نقطي تائين بہ پهچي نہ
ٿا سگهون پر خوش فهميءَ جو حال هي آهي تہ اسان جهڙو نيڪ ۽
پرهيزگار شايد هاڻي ڪو رهيو ئي نہ هجي. هن رقت انگيز حڪايت
مان انهن نادانن کي خصوصي طور تي درسِ عبرت حاصل ڪرڻ
گهرجي جيڪي پنهنجي عبادتن تي ناز ڪندي خوشيءَ ۾ نہ ٿا ماپن
۽ پنهنجي نيڪ عملن مثلاً نماز، روزو، حج، مسجدن جي خدمت،
خلقِ خدا جي مدد ۽ سماجي فلاح ۽ بهبود وغيره وغيره ڪمن جو
هر جاءِ تي اعلان ڪندا وتندا آهن، ۽ پڙها ڏيندي ناهن ٿڪندا، بلڪ
پنهنجي نيڪ ڪمن جون مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ اخبارن ۽ رسالن ۾ تصويرون
ڇپائڻ کان بہ پاسو ناهن ڪندا، آهہ! انهن جو ذهن ڪهڙي طرح بڻايو
وڃي. انهن کي تعميري ۽ اخلاقي سوچ ڪهڙيءَ طرح فراهم ڪئي
وڃي! انهن کي ڪهڙي طرح محسوس ڪرايو وڃي تہ هن طرح
بغير ضرورت جي پنهنجي نيڪين جو اعلان ڪرڻ ۾ رياڪاري جي
آفت ۾ پوڻ جو خدشو آهي. ائين ڪرڻ سان ڪجهہ صورتن ۾ نہ
رڳو اعمال برباد ٿيندا آهن بلڪ **رياڪاريءَ** ۾ سراسر جهنّم جي
حقداري آهي ۽ پنهنجو فوٽو ڇپرائڻ؟ توبهہ! توبهہ! رياڪاري تي
سينہ زوري! پنهنجي عملن جي نمائش جو ايڏو شوق جو فوٽو
جهڙي حرام ذريعي کي بہ نہ ڇڏيو ويو. الله عَزَّوَجَلَّ رياڪاري جي تباهہ
ڪاري،” مان مان “ جي مصيبت ۽ انانيّت جي آفت کان اسان سيني

مسلمانن جي حفاظت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شهزادي جي عيد

**امير المؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڀيري **عيد** جي ڏينهن پنهنجي **شهزادي** کي پُراڻي قميص پائيندي ڏٺو تہ روئي پيا، پٽ عرض ڪيو، **پيارا بابا سائين!** ڇو روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون، **منهنجا لال!** مون کي انديشو آهي تہ اڄ **عيد** جي ڏينهن جڏهن ڇوڪرا توهان کي هن پُراڻي قميص ۾ ڏسندا تہ توهان جي دل ٽُٽي پوندي. پٽ جواب ۾ عرض ڪيو، دل تہ ان جي ٽُٽي جيڪو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي ڪم ۾ ناڪام رهيو هجي. يا جنهن ماءُ يا پيءُ جي نافرماني ڪئي هجي. مون کي اميد آهي توهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي رضامنديءَ جي صدقي الله عَزَّوَجَلَّ بہ مون کان راضي ٿي ويندو. اهو ٻُڌي حضرت **عمر فاروق** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ شهزادي کي سيني لاتو ۽ ان لاءِ دعا فرمائي. **(ملخصًا مڪاشفة القلوب ص 308)**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔**

## شهزادين جي عيد

**امير المؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خدمت ۾ عيد کان هڪ ڏينهن پهريان سندن شهزاديون حاضر ٿيون ۽ چوڻ لڳيون، "**بابا سائين!** سڀاڻي عيد جي ڏينهن اسين ڪهڙا ڪپڙا پائينديوسين؟" فرمايائون "اهي ئي ڪپڙا جيڪي توهان پهري رکيا آهن. انهن کي ڌوئي ونو. سڀاڻي پائي ڇڏجو!"، "نہ! **بابا سائين!** توهان اسان کي نوان ڪپڙا سبرائي ڏيو."ٻارڙين ضد ڪندي چيو.

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون، ”منهنجون پياريون ڌيئرو! عيد جو ڏينهن **الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ، ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو ڏينهن آهي. نوان ڪپڙا پائڻ ضروري تہ ناهن!“ ”**بابا سائين!** توهان جو فرمائڻ بيشڪ صحيح آهي پر اسان جون ساهيڙيون اسان کي طعنا ڏينديون تہ توهين **اميرالمؤمنين** جون ڌيئرون آهيو ۽ اهي ئي پُراڻا ڪپڙا پاتا اٿوَ!“. هي چوندي ٻارڙين جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. ٻارڙين جون ڳالهيون ٻُڌي **اميرالمؤمنين** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دل بہ پرجي آئي. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **خزانچي** (وزيرِ ماليات) کي گهرائي فرمايائون:”مون کي منهنجي هڪ مهيني جي پگهار اڳوات آڻي ڏيو.“ خزانچيءَ عرض ڪيو،”**حضور!** ڇا توهان کي يقين آهي تہ توهان هڪ مهيني تائين زنده رهندؤ؟“پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون: ”**جزاك الله!** توهان بيشڪ عمده ۽ صحيح ڳالهہ ڇيئي.“ **خزانچي** هليو ويو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ٻارڙين کي فرمايائون،”پياريون ڌيئرو! **الله** ورسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا تي پنهنجي خواهشن کي قربان ڪري ڇڏيو.

(معدن اخلاق حصو اول ص 257 کان 258)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

## عيد رڳو نئين لباس پائڻ جو نالو ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ گذريل ٻنهي حڪايتن مان اسان کي اهو ئي درس مليو تہ اجرا ڪپڙا پائي ڇڏڻ جو نالو ئي **عيد** ناهي. انهن کان بغير بہ **عيد** ملهائي سگهجي ٿي. الله اڪبر عَزَّوَجَلَّ! **اميرالمؤمنين** حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

ڪيتريقدر غريب ۽ مسڪين خليفا هئا،ايڏي وڏي سلطنت جا حاڪم هئڻ جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪا رقم جمع نہ ڪئي هئائون. سندن **خزانچي** بہ ڪيتريقدر ديانتدار هيو ۽ ان ڪيڏي خوبصورت انداز ۾ اڳوات پگهار ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن **حڪايت** مان اسان سيني کي بہ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ اڳوات پگهار يا اجرت وٺڻ کان پهريان خوب چڱيءَ طرح غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان جيتري عرصي جي اڳوات پگهار وٺي رهيا آهيون ڇا اوتري عرصي تائين زنده بہ رهنداسين يا نہ! جيڪڏهن زنده رهجي بہ وياسين تہ ڪم ڪار جي قابل بہ رهنداسين يا نہ! ظاهر آهي انسان حادثي يا بيماريءَ جي سبب ناڪاره بہ تہ ٿي سگهي ٿو. احتياطن پريو مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪريو. مدني قافلي جي برڪتن جو ڇا چئجي! توهان جو ايمان تازو ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشگوار ۽ مُشڪبار **مدني بهار** پيش ڪريان ٿو. جيئن تہ

## مرحوم پيءَ تي ڪرم نوازي

**نِشتر بستي** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو اهو بِالتَّصَرُّف عرض ڪريان ٿو: مان پنهنجي مرحوم پيءَ کي خواب ۾ انتهائي ڪمزوريءَ واري حالت ۾ اگهاڙو ڪنهن جي ٽيڪ تي هلندي ڏٺو. مون کي ڳڻتي ٿي، مون **ايصالِ ثواب** جي نيّت سان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نِيَّت ڪري ورتي ۽ سفر شروع بہ ڪري ڇڏيو. ٽئين مهيني **مدني قافلي** مان واپسيءَ

ڪان پوءِ جڏهن گهر ۾ سُتس تہ مون خواب ۾ هي دلڪش منظر ڏٺو تہ مرحوم پيءُ سبز سبز لباس پهريل وينا مُسڪرائي رهيا آهن ۽ انهن تي برسات جي هلڪي هلڪي بوند وسي رهي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۾ سفر جي اهميت مون تي خوب اجاگر ٿي ۽ هاڻي پڪي نِيَّت آهي تہ اِن شــآءالله عَزَّوَجَلَّ **هر مهيني ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر جاري رکندس.

مانگو آ کر دُعا، قافلے میں چلو | پاؤ گے مُدّعا، قافلے میں چلو
خوب ہوگا ثواب، اور ٹلے گا عذاب | از پئے مصطفٰے، قافلے میں چلو
فوتگی ہوگئی، گُم گیا ہے کوئی | مانگنے کو دعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! سعادت مند پٽ مرحوم پيءُ جي همدرديءَ ۾ **مدني قافلي** ۾ سفر جي بر وقت نيّت ڪرڻ جو ڪيڏو نہ پيارو فيصلو ڪيو! ۽ ڪيس مدني قافلي جي برڪتن جو ڪيڏو زبردست نتيجو ڏيکاريو ويو. تعبير بيان ڪرڻ وارا علماءَ فرمائن ٿا: برزخ ۾ ڪوڙ ناهي، مُردو خواب ۾ اچي ڪڏهن بہ ڪوڙي خبر نہ ٿو ٻُڌائي سگهي ۽ پڻ چون ٿا، مرڻ واري کي خواب ۾ بيمار يا ڪمزور يا ڪاوڙ ڪندي ڏسڻ ان جي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ جي نشاني آهي. جڏهن تہ **سفيد ۽ سبز لباس** ۾ ڏسڻ راحت ۾ جو نشاني آهي.

## ڇا خواب مان يقيني علم حاصل ٿي ويندو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سٺا خواب بيشڪ سٺا هوندا آهن. ياد رکو! **نبيءَ** جو خواب وحي تي مشتمل

هوندو آهي. جڏهن ته **غير نبي** جي خواب جي هيءَ حيثيت ناهي ۽ ان جو خواب **حجت** يعني دليل ناهي هوندو. مثلاً توهان خواب ۾ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان هيءَ بشارت ٻڌي آهي ته”توهان جنّتي آهيو.“ ان مان **قطعي جنتي** هجڻ مُراد نه ورتو ويندو ڇو ته مُعاملو خواب جو آهي. بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جنهن خواب ۾ ڏٺو ان حق ڏٺو ڇو ته شيطان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ صورت ۾ نه ٿو اچي سگهي. جيڪا ڳالهه ارشاد فرمائن اها به حق حق ۽ حق کانسواءِ ڪجهه نٿي ٿي سگهي. بهرحال خواب ۾ جيئن ته حواس مُضمَحِل (يعني ڪمزور) هوندا آهن. ان لاءِ يقين سان هي نه ٿو چئي سگهجي ته جيڪو ڪجهه فرمايو ويو اهو خواب ڏسڻ واري اکر اکر صحيح ٻُڌو. ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلط فهميءَ جو هر امڪان موجود آهي، تنهن ڪري خواب ۾ ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ کان پهريان شريعت جي حڪم کي ڏسڻو پوندو. جيڪڏهن خواب واري ڳالهه شريعت سان نه ٿي ٽڪرائي ته بيشڪ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو تنهن هوندي به خواب ۾ مليل حڪم تي عمل ڪرڻ شرعي طور تي **واجب** ناهي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهه ئي خلاف شرع آهي ته عمل نه ڪيو ويندو. هن ڳالهه کي هن مثال مان سمجهو جنهن ۾...

## خواب ۾ شراب پيئڻ جو حڪم ڏنو يا منع فرمايو؟

منهنجا آقا اعلىٰ حضرت ، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و

برڪت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاھ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا، هڪ شخص خواب ڏٺو تہ جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) ان کي شراب پيئڻ جو حڪم ڏئي رهيا آهن. سيّدُنا امام جعفر صادق عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الرَّازِق جي خدمت ۾ مُعاملو پيش ڪيو ويو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ارشاد فرمايائون، ”رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي شراب پيئڻ کان روڪيو آهي، تنهنجي ٻُڌڻ ۾ ابتڙ آيو،“ ۽ هي بہ ياد رکيو وڃي تہ هن مُعاملي ۾ فاسق ۽ مُتّقي برابر آهن. ان لاءِ نہ تہ مُتّقي جو خواب ۾ ڪنهن حڪم جو ٻُڌڻ، ان حڪم جي صحيح هجڻ جو دليل آهي ۽ نہ ئي فاسق جو بيان يقيني طور تي ڪوڙو، بلڪ ضابطو اهو ئي آهي جيڪو ذڪر ٿيو.

(ماخوذ از فتاویٰ رضویه شريف تخريج شده ج5 ص 100)

## حضور غوث اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي عيد

الله عَزَّوَجَلَّ جي مقبول ٻانهن جي هڪ هڪ ادا اسان جي لاءِ تمام گهڻي درسِ عبرت جو سبب هوندي آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي حضور سيّدُنا غوثِ اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡرَم جو شان ڪيڏو بلند ۽ اعليٰ آهي. ان جي باوجود پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسان جي لاءِ ڪهڙي شيءِ پيش فرمائن ٿا! ٻُڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو.

خَلق گويد کہ فردا روزِ عيد اَست ... خُوشی دَر رُوحِ ہر مؤمن پديد اَست
دَراں روزے کہ با ايماں بميرم ... مرا دَر ملک خُود آں روزِ عيد اَست

يعني: ”ماڻهو چئي رهيا آهن، ”سڀاڻي عيد آهي! سڀاڻي عيد آهي!“ ۽ سڀئي خوش آهن. پر مان تہ جنهن ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان محفوظ ڪٺي ويس، منهنجي لاءِ تہ اهو ئي ڏينهن عيد جو ڏينهن هوندو.

سبحٰن اللّٰه! (عَزَّوَجَلَّ) سبحٰن اللّٰه! (عَزَّوَجَلَّ) جا شانِ تقوىٰ آهي! ايڏو وڏو شان جو اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا سردار! ۽ ايتريقدر عاجزي ۽ انڪساري!! هن ڀراسان جي لاءِ بہ درسِ عبرت آهي ۽ اسان کي سمجهايو پيو وڃي تہ خبردار! ايمان جي مُعاملي ۾ لاپرواهي نہ ڪجو، هر وقت ايمان جي حفاظت جي فڪر ۾ لڳا رهجو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو توهان جي غفلت ۽ گناهہ جي سبب ايمان جي دولت توهان جي هٿن مان نڪري وڃي.

رضاؔ کا خاتِمہ بالخیر ہوگا
اگر رحمت تِری شامل ہے یاغوث (حدائقِ بخشش)

## هڪ وليءَ جي عيد

**حضرت** سيّدُنا شيخ نَجيب الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه مُتَوَڪِّل، حضرتِ سيّدُنا شيخ بابا فريد الدين گنج شڪر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جا ڀائر ۽ خليفا آهن، سندن لقب **مُتَوَڪِّل** آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه 70 ورهيہ شهر ۾ رهيا پر ڪو ظاهري روزيءَ جو ذريعو نہ هئڻ جي باوجود سندن اهل وعيال نهايت اطمينان سان زندگي گذاريندو رهيو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ ايتريقدر مستغرق رهندا هئا جو هي بہ نہ ڄاڻندا هئا تہ اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ۽ هي ڪهڙو مهينو آهي؟ ۽ سڪو ڪيتري ماليّت جو آهي؟ هڪ ڀيري **عيد** جي ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر ۾ تمام گهڻا مهمان گڏ ٿي ويا. اتفاق سان ان ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر ۾ کاڌي پيتي جو ڪو سامان نہ هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جاءِ جي مٿين ڪمري ۾ وڃي **يادِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ دل ئي دل ۾ هي چئي

رهيا هئا. ” **ياالله** عَزَّوَجَلَّ اج عيد جو ڏينهن آهي ۽ منهنجي گهر ۾ **مهمان** آيل آهن اوچتو هڪ ماڻهو چت تي ظاهر ٿيو، ان ڪاڌن سان پريل هڪ وڏو ٿالهہ پيش ڪيو ۽ چيو، **اي نجيب الدين**! توهان جي تَوَڪُّل جي ڌوم فرشتن ۾ مَتل آهي ۽ توهان جو هي حال آهي جو توهين اهڙي خيال (يعني ڪاڌي جي طلب) ۾ مشغول آهيو؟ پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون، حق تعالىٰ عَزَّوَجَلَّ خوب ڄاڻي ٿو تہ مون پنهنجي ذات جي لاءِ هي خيال نہ ڪيو، بلڪ پنهنجي مهمانن جي ڪري ان طرف متوجهہ ٿي ويو هيس. حضرتِ سيّدُنا نَجيب الدين مُتَوَڪّل رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه صاحبِ ڪرامت هئڻ جي باوجود انتهائي منڪسرالمزاج (يعني عاجزي ڪندڙ) هئا. سندن جي انڪساريءَ جو هيءُ عالَم هيو جو هڪ ڏينهن هڪ فقير تمام پري کان پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ملاقات جي لاءِ آيو ۽ ڪانئن پُڇيائون تہ ڇا نَجيب الدين مُتَوڪّل (يعني توڪل ڪرڻ وارا) توهان ئي آهيو؟ تہ پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه عاجزيءَ جي طور تي فرمايائون تہ پياءَ مان تہ نَجيب الدين مُتَاڪل (يعني تمام گهڻو کائڻ وارو) آهيان. (اخبار الاخيار ص 60)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-**

## ڪرامت جو هڪ شعبو: ڏينا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن ۽ ولين جي **عيد** ڪيتريقدر سادي هوندي آهي. هن **حڪايت** مان هي بہ معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دوستن جي ضرورتن جو غيب مان انتظام فرمائي ڇڏيندو آهي. هي سڀ ان جي ڪرم جا ڪرشما آهن. ضرورت جي وقت ڪاڌو، پاڻي وغيره ضرورياتِ زندگي جو اوچتو

حاضر ٿي وڃڻ بزرگن کان **ڪرامت** جي طور تي ظاهر ٿيندو آهي. جيئن ته ”شرح عقائد نسفيه“ ۾ جتي ڪرامت جي ڪجهه مثالن جو بيان آهي اتي هي به ذڪر ٿيل آهي ته ضرورت جي وقت ڪاڌي پاڻيءَ جو حاضر ٿي وڃڻ به ڪرامت جو ئي هڪ شُعبو آهي.“ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جي خُداداد اختيارن ۾ ڪرامتن جو ڇا بيان ڪجي؟ هي اهڙا ته بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبول ٿيل هوندا آهن جو انهن جي زبان پاڪ مان نڪتل ڳالهه ۾ دل ۾ پيدا ٿيڻ واريون خواهشون پوريون ٿي رهنديون آهن.

## هڪ سخيءَ جي عيد

سيّدُنا عبدالرحمٰن بن عَمرو الاَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته **عيدالفطر** جي رات دروازي تي سڏ ٿيو. ڏٺم ته منهنجو پاڙيسري بيٺو هيو. مون چيو. ڇئو ڀاءَ! ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ان چيو، ”سڀاڻي **عيد** آهي پر خرچ جي لاءِ ڪجهه به ناهي، جيڪڏهن توهان ڪجهه عنايت فرمايو ته عزّت سان اسين عيد جو ڏينهن گذاري وٺنداسين“. مون پنهنجي گهرواريءَ کي چيو، اسان جو فلاڻو پاڙيسري آيو آهي ان وٽ عيد جي لاءِ هڪ پيسو به ناهي، جيڪڏهن توهان جي راءِ هجي ته جيڪي **پنجويهه درهم** اسان عيد جي لاءِ رکي ڇڏيا آهن اهي پاڙيسريءَ کي ڏيئي ڇڏيون. اسان کي **الله تعالیٰ** ٻيا ڏيندو. نيڪ گهرواريءَ چيو ڏاڍو سنو. اهڙيءَ طرح مون اهي سڀ درهم پنهنجي پاڙيسريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ اهو دعائون ڏيندو هليو ويو. ٿورڙي دير کان پوءِ وري ڪنهن دروازو کڙڪايو. مون جيئن ئي دروازو کوليو، هڪ شخص منهنجي قدمن تي ڪِري پيو ۽ روئي روئي چوڻ لڳو، مان توهان جي

والد جو ٻگل غلام آهيان، هاڻي مون کي پنهنجي حرڪت تي شرمندگي ٿي تہ حاضر ٿيو آهيان، هي **پنجويهہ دينار** منهنجي ڪمائيءَ جا آهن توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو قبول فرمايو. توهان منهنجا آقا آهيو ۽ مان توهان جو غلام. مون اهي دينار وٺي ڇڏيا ۽ غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو. پوءِ مون پنهنجي گهرواريءَ کي چيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو شان ڏس! ان اسان کي پنجويهہ **درهمن** جي بدلي پنجويهہ **دينار** عطا فرمايا! (ٻهريان درهم چانديءَ جا ۽ دينار سون جا هوندا هئا!)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي-**

## سلام ان تي جنهن بيڪسن جي دستگيري ڪئي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان؟ الله عَزَّوَجَلَّ جو شان بہ ڪيڏو نرالو آهي جو ان **پنجويهہ درهم** (چانديءَ جا سڪا) ڏيڻ واري کي هڪدم پنجويهہ دينار (سون جا سڪا) عطا فرمائي ڇڏيا. ۽ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبِين جو ايثار بہ خوب هيو جو اهي پنهنجي تمام تر آسائشن کي ٻين مسلمانن جي خاطر قربان ڪري ڇڏيندا هئا. انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي. انهن کي ڄاڻ هئي تہ اسلام اسان کي همدرديءَ جو پيغام ڏئي ٿو. اسان جا حضور سراپا نُور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رحمتِ عالم آهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڪان ڪو محروم ناهي رهيو. اسان جا پيارا سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جي طرف خاص نظر رکندا هئا. ۽ هر طرح سان انهن جي دلجوئي فرمائيندا هئا.

سَلام اُس پر کہ جِس نے بے کسوں کی دستگیری کی
سلام اُس پر کہ جِس نے بادشاہی میں فقیری کی

سُبحٰنَ الله (عَزَّوَجَلَّ) ايڏو وڏو شان جو" **بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر**" ۽ ايتريقدرانکساري جو جنهن جو کو ناهي ان جا حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن آهن. ڇا تہ خوب فرمايو منهنجي آقا اعلیٰ حضرت (رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ)

کنزِ ہر بیکس وبے نَوا پرُدُرود　　حِرزِ ہر رَفتہ طاقت پہ لاکھوں سلام
مجھ سے بے کس کی دولت پہ لاکھوں سلام　　مجھ سے بے بَس کی قوّت پہ لاکھوں سلام
خَلق کے دادرس سب کے فریادرس
کَہفِ روزِ مُصیبت پہ لاکھوں سلام

## پڌڻ جي سگهه بحال ٿي وئي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دل ۾ عظمتِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڌائڻ، سيني ۾ شمع الفتِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻارڻ ۽ عيدِ سعيد جون حقيقي خوشيون ماڻڻ لاءِ ٿي سگهي تہ عيد جي رات جو ئي هتوهت تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريئي سفر جي سعادت حاصل ڪريو، مدني قافلي جون برڪتون تہ ڏسو! باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي، ڪوئٽہ ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شريڪ هڪ ٻوڙي اسلامي ڀاءَ هتوهت ٽن ڏينهن جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ** رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ

سفر جي دؤران ئي ان جي ٻُڌڻ جي سگهه بحال ٿي وئي ۽ اهو عام ماڻهن جيان ٻُڌڻ لڳو.

کان بہرے ہیں گر، رکھو ربّ پر نظر  ہوگا لُطفِ خدا، قافِلے میں چلو
دُنیوی آفتیں، اُخروی شامتیں  دور ہوں گی ذرا، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صدقهءِ فطر واجب آهي

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص کي حڪم ڏنو تہ وڃي مڪهءِ معظمه جي گهٽين ۾ اعلان ڪري ڇڏ. "صدقهءِ فطر واجب آهي".
(جامع ترمذي ج 2 ص 151 حديث 674)

## صدقهءِ فطر فضول ڳالهين جو ڪفارو آهي

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا، مدني سرڪار، غريبن جي غمخوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صدقهءِ فطر مقرر فرمايو تہ جيئن فُضُول ۽ بيهوده ڪلام کان روزن جي طهارت (يعني صفائي) ٿي وڃي ۽ پڻ مسڪينن جي غِذا (يعني خوراڪ) بہ ٿي وڃي.
(سنن ابي داود ج2 ص 158حديث 1609)

## روزو لٽڪيل رهندو آهي

حضرت سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، باذنِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، جيستائين صدقهءِ فطر ادا ناهي ڪيو ويندو، ماڻهوءَ جو روزو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل رهندو آهي.
(ڪنزالعمال ج8 ص 253 حديث 24124)

## "عید کی خوشیاں مبارک" جي سورهن اکرن جي نسبت سان فطري جا 16 مدني گل

**مدينه 1**: **صدقهءِ فطر** انهن سيني مسلمان مردن ۽ عورتن تي واجب آهي. جيڪي "صاحبِ نصاب" هجن ۽ انهن جو نصاب "حاجات اصليه"(يعني زندگيءَ جي ضرورتن کان) فارغ هجي. (عالمگيري ج 1 ص191)

**مدينه 2**: جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهه تولا چاندي يا ساڍا ٻاونجاهه تولا چانديءَ جي رقم يا ايتري ماليت جو مالِ تجارت هجي (۽ هي سڀ حاجاتِ اصليه کان فارغ هجن) ان کي **صاحبِ نصاب** چيو ويندوآهي.[1]

**مدينه 3**: **صدقهءِ فطر** واجب ٿيڻ جي لاءِ "عاقل ۽ بالغ" هجڻ شرط ناهي. پر ٻار يا **مجنون** (يعني پاڳل) ٻه جيڪڏهن صاحبِ نصاب هجي ته ان جي مال مان ان جو ولي (يعني سرپرست) ادا ڪري. (ردالمحتار ج 3 ص312)

"**صدقهءِ فطر**" جي لاءِ نصاب جو مقدار اهو ئي آهي جيڪو **زڪوٰة** جو آهي جيئن ذڪر ٿيو پر فرق هي آهي ته **صدقهءِ فطر** جي لاءِ مال جي وڌڻ جي صلاحيت جو هجڻ ۽ سال گذرڻ جو شرط ناهي. اهڙيءَ طرح جيڪي شيون ضرورت کان وڌيڪ آهن (مثال طور گهرو سامان جيڪو روزانو ڪم ۾ ناهي ايندو) ۽ ان جي قيمت نصاب

---

[1] صاحبِ نصاب "غني" ، " فقير"، "حاجاتِ اصليه" وغيره اصطلاحات جي تفصيلي معلومات فقه حنفي جي مشهور ڪتاب "بهارِ شريعت " جي حصي پنجين ۾ ملاحظ فرمايو

ڪي پهچندي هجي تہ انهن شين جي سبب کان **صدقهٔ فطر** واجب آهي. **زڪوٰة** جي نصاب ۾ هي فرق ڪيفيت جي اعتبار کان آهي.
(وقار الفتاوىٰ جلد 2 ص 385)

**مدينه 4: مالڪِ** نصاب مرد تي پنهنجي طرف کان، ننڍن ٻارن جي طرف کان ۽ جيڪڏهن ڪو مجنون (يعني پاڳل) اولاد آهي (چاهي پوءِ اهو پاڳل اولاد بالغ ئي ڇو نہ هجي) تہ ان جي طرف کان **صدقهٔ فطر** واجب آهي، ها جيڪڏهن اهو ٻار يا مجنون جيڪڏهن پاڻ صاحبِ نصاب آهي تہ پوءِ ان جي مال مان فطرو ادا ڪري. (عالمگيري ج1 ص 192)

**مدينه 5** : مرد صاحبِ نصاب تي پنهنجي گهر واريءَ يا ماءُ پيءُ يا ننڍي ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻين رشتيدارن جو **فطرو** واجب ناهي. (عالمگيري ج1 ص 193)

**مدينه 6** : والد نہ هجي تہ ڏاڏو والد صاحب جي جاءِ تي آهي . يعني پنهنجي فقير ۽ يتيم پوٽي پوٽين جي طرف کان ان تي **صدقهٔ فطر** ڏيڻ واجب آهي. (در مختار، رد المحتار ج2 ص 315)

**مدينه 7**: ماءُ تي پنهنجي ننڍن ٻارن جي طرف کان **صدقهٔ فطر** ڏيڻ واجب ناهي. (ردالمحتار ج3 ص 315)

**مدينه 8**: پيءُ تي پنهنجي عاقل بالغ اولاد جو **فطرو** واجب ناهي.
(درمختار مع ردالمحتار ج3 ص 317)

**مدينه 9**: **ڪنهن** صحيح شرعي مجبوريءَ هيٺ روزو نہ رکي سگهيو يا مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن بدنصيب بغير مجبوريءَ جي رمضان المبارڪ جا روزا نہ رکيا، ان تي بہ **صاحبِ نصاب** هجڻ جي صورت

۾ صدقهءِ **فطر** واجب آهي. (رد المحتار ج3 ص 315)

**مدينه 10: گهرواري** يا بالغ اولاد جن جو ماني ڪپڙي وغيره جو خرچ جنهن شخص جي ذمي آهي اهو جيڪڏهن انهن جي اجازت جي بغير ئي انهن جو **فطرو** ادا ڪري ڇڏي ته ادا ٿي ويندو. ها جيڪڏهن ماني ڪپڙي وغيره جو خرچ ان جي ذمي ناهي مثلاً بالغ پٽ شادي ڪري گهر الڳ وسائي ڇڏيو ۽ پنهنجو گذارو پاڻ ئي ڪري ڇڏي تو ته هاڻي پنهنجي ماني ڪپڙي وغيره جو پاڻ ئي ذميدار ٿي ويو آهي. تنهن ڪري اهڙي اولاد جي طرف کان بغير اجازت جي **فطرو** ڏئي ڇڏيو ته ادا نه ٿيندو.

**مدينه 11: گهرواريءَ** مڙس جي حڪم بغير جيڪڏهن مڙس جو **فطرو** ادا ڪري ڇڏيو ته ادا نه ٿيندو. (بهارِ شريعت حصو پنجون ص69)

**مدينه 12: عيدالفطر** جي صبح صادق ٿيڻ وقت جيڪو **صاحبِ نصاب** هيو انهيءَ تي **صدقهءِ فطر** واجب آهي. جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ **صاحبِ نصاب** ٿيو ته هاڻي واجب ناهي. (عالمگيري ج1 ص 192)

**مدينه 13: صدقهءِ فطر** ادا ڪرڻ جو افضل وقت ته هي آهي جو **عيد** جو صبح صادق ٿيڻ کان پوءِ **عيد** جي نماز ادا ڪرڻ کان پهريان پهريان ادا ڪيو وڃي. جيڪڏهن عيد رات يا رمضان المبارڪ جي ڪنهن به ڏينهن يا رمضان شريف کان پهريان به جيڪڏهن ڪنهن ادا ڪري ڇڏيو تڏهن به **فطرو** ادا ٿي ويو ۽ ايئن ڪرڻ **بلڪل جائز** آهي. (عالمگيري ج1 ص 192)

**مدينه 14: جيڪڏهن** عيد جو ڏينهن گذري ويو ۽ **فطرو** ادا نه ڪيو هيو تڏهن به **فطرو** ساقط نه ٿيو. بلڪ سڄي عمر ۾ جڏهن به ادا ڪيو ته ادا ئي آهي. (عالمگيري ج1ص192)

مدينه **15**: صدقهءِ **فطر** جا حقدار اهي ئي آهن جيڪي **زڪوٰة** جا آهن. يعني جن کي **زڪوٰة** ڏئي سگهو ٿا انهن کي **فطرو** بہ ڏئي سگهوٿا ۽ جن کي **زڪوٰة** نہ ٿا ڏئي سگهو انهن کي **فطرو** بہ نٿا ڏئي سگهو. (عالمگيري ج1ص194)

مدينه **16**: ساداتِ ڪرام کي صدقهءِ **فطر** نٿا ڏئي سگهو.

### صدقهءِ فطر جو مقدار آسان لفظن ۾

**هڪ** سؤ پنجهتر روپيا اٺ آنا جيترو (يعني بہ سير ٽي ڇٽانگ اڍ تولو، يا بہ ڪلو ۽ تقريبًا پنجاهہ گرام) وزن ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ايتري ڪڻڪ جي قيمت **هڪ صدقهءِ فطر** جو مقدار آهي.

### قبر ۾ هڪ هزار انوار داخل ٿين

**منقول** آهي تہ جيڪو شخص عيد جي ڏينهن ٽي سؤ ڀيرا " سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِہٖ " پڙهي ۽ فوت ٿي ويل مسلمانن جي روحن کي ان جو ثواب هديو ڪري تہ هر مسلمان جي قبر ۾ **هڪ هزار انوار** داخل ٿيندا آهن. ۽ جڏهن پڙهڻ وارو خود مرندو، **الله تعالىٰ** ان جي قبر ۾ هڪ هزار انوار داخل فرمائيندو. (هي ورد ٻنهي عيدن ۾ ڪري سگهجي ٿو) (مڪاشفة القلوب ص 308)

### عيد جي نماز ڪان پهريان جي هڪ سنت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي انهن ڳالهين جو بيان ڪيو وڃي ٿو، جيڪي عيدين (يعني عيدالفطر ۽ عيدالاضحیٰ ٻنهي) ۾ سنّت آهن . جيئن تہ حضرت سيّدُنا بُريده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهہ نُبُوَّت، پيڪرِ جود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيد الفطر جي ڏينهن ڪجهہ کائي ڪري نماز جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ عيدالاضحیٰ جي ڏينهن ان وقت تائين نہ کائيندا هئا جيستائين

نماز مان فارغ نہ ٿيندا هئا. (جامع ترمذي ج2 ص 70 حديث542) ۽ ”بخاري“ جي روايت حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان آهي تہ عيدالفطر جي ڏينهن تشريف نہ کڻي ويندا هئا جيستائين ڪجھ ڪارڪ نہ ڪائيندا هئا ۽ اهي اڪي هونديون هيون.

(صحيح البخاري ج1 ص 328حديث 953)

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيع امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيد جو (عيد جي نماز لاءِ) هڪ رستي کان تشريف کڻي ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان واپس تشريف کڻي ايندا هئا. (جامع ترمذي ج2 ص69 حديث 541)

## عيد نماز جو طريقو (حنفي)

**پهريان** هيئن نيّت ڪريو:” آءٌ نيّت ڪريان ٿو ٻہ رڪعتون نماز عيدالفطر (يا عيد الاضحیٰ) جي، ساڻ ڇهن واڌارين تڪبيرن جي، واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، پُٺيان هن امام جي پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ الله اڪبر چئي ڪري معمول جي مطابق دُن جي هينان ٻَڌي ڇڏيو ۽ ثنا پڙهو، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ **الله اڪبر** چئي هٿ ڇڏي ڏيو. وري هٿ ڪنن تائين کڻو ۽ **الله اڪبر** چئي ڇڏي ڏيو. پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻي ۽ **الله اڪبر** چئي ڪري ٻَڌي ڇڏيو. يعني پهرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻَڌو ان کان پوءِ ٻئي ۽ ٽئين تڪبير ۾ ڇڏي ڏيو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻَڌي ڇڏيو. ان کي هيئن ياد رکو جو جتي قيام ۾ تڪبير کان پوءِ ڪجھ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻَڌڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ ڇڏي ڏيڻا آهن. (ماخوذ از درمختار، رد المحتار ج3 ص 66) پوءِ

امام تعوذ ۽ تسميه آهستي پڙهي ڪري **الحمد شريف** ۽ ڪا سورة جهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهي پوءِ رڪوع ڪري. ٻي رڪعت ۾ پهريان **الحمد شريف** ۽ سورة جهر سان پڙهي، پوءِ ٽي ڀيرا ڪنن تائين هٿ کڻي **الله اڪبر** چئو ۽ هٿ نه ٻڌو ۽ چوٿين ڀيري بنا هٿ کڻڻ جي **الله اڪبر** چوندي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي جي مطابق نماز مڪمل ڪريو. هر ٻن تڪبيرن جي وچ ۾ ٽي ڀيرا "**سبحٰن الله**" چوڻ جيترو وقت چُپ ويهي رهڻو آهي. **(فتاوىٰ عالمگيري ج1 ص 150)**

## عيد جي اڌوري جماعت ملي ته..؟

**پهرين** رڪعت ۾ امام جي تڪبيرن چوڻ کان پوءِ مقتدي شامل ٿيو ته ان وقت (تڪبيرِ تحريمه کان علاوه وڌيڪ) ٽي تڪبيرون چوي جيتوڻيڪ امام قِراءَت شروع ڪري ڇڏي هجي ۽ ٽي تڪبيرون چئي وٺي جيتوڻيڪ امام ٽن کان وڌيڪ چيون هجن ۽ جيڪڏهن ان تڪبيرون نه چيون ۽ امام رڪوع ۾ هليو ويو ته بيٺي بيٺي نه چوي بلڪ امام سان گڏ رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي ۽ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ مليو ۽ غالب گمان(پڪ) آهي ته تڪبيرون چئي امام کي رڪوع ۾ ملي ويندو ته بيٺي بيٺي تڪبيرون چوي پوءِ رڪوع ۾ وڃي، ٻي صورت ۾ الله اڪبر چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي پوءِ جيڪڏهن ان رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون نه ڪيون هيون ۽ امام مٿو مٿي ڪنيو ته باقي مُعاف ٿي ويون (يعني باقي تڪبيرون هاڻي نه چوي) ۽ جيڪڏهن امام جي رڪوع کان اٿڻ کان پوءِ شامل ٿيو ته

هاڻي تڪبيرون نہ چوي بلڪہ (امام جي سلام ورائڻ کان پوءِ) جڏهن پنهنجي رهيل رڪعت پڙهي ان وقت چوي ۽ رڪوع ۾ جتي تڪبير چوڻ ٻُڌايو ويو، ان ۾ هٿ نہ کڻي ۽ جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو تہ پهرين رڪعت جون تڪبيرون هاڻي نہ چوي بلڪہ جڏهن پنهنجي رهيل (رڪعت) پڙهڻ لاءِ بيهي ان وقت چوي، ٻي رڪعت جون تڪبيرون جيڪڏهن امام سان ملي وڃن فَبِها (يعني تہ بهتر) نہ تہ ان ۾ اهو ئي تفصيل آهي جيڪو پهرين رڪعت جي باري ۾ ذڪر ٿيو.

(ماخوذ از درمختار مع رد المحتار ج3 ص 55 ، 56 ،57)

## عيد جي جماعت نہ ملي تہ ڇا ڪري؟

**امام** نماز پڙهي ورتي ۽ ڪو شخص پوئتي رهجي ويو چاهي اهو شامل ئي نہ ٿيو هو يا شامل تہ ٿيو هو پر ان جي نماز فاسد ٿي وئي تہ جيڪڏهن ٻي جڳهہ ملي وڃي تہ پڙهي وٺي نہ تہ (بغير جماعت جي) نہ ٿو پڙهي سگهي، ها بهتر هي آهي تہ اهو شخص چار رڪعت چاشت جي نماز پڙهي. (در مختار ج 3 ص 58،59)

## عيد جي خطبي جا احڪام

**نماز** کان پوءِ امام بہ خطبا پڙهي ۽ جمعي جي خطبي ۾ جيڪي شيون سنّت آهن، اهي ان ۾ بہ سنّت آهن ۽ جيڪي اتي مڪروهہ آهن اهي هتي بہ مڪروهہ آهن. صرف ٻن ڳالهين ۾ فرق آهي هڪ هي تہ جمعي جي پهرين خطبي کان اڳ ۾ خطيب جو ويهڻ سنّت هيو ۽ هن ۾ نہ ويهڻ سنّت آهي. ٻيو هي تہ هن ۾ پهرين خطبي کان اڳ ۾ **9** ڀيرا ۽ ٻئي کان اڳ ۾ **7** ڀيرا ۽ منبر کان لهڻ کان اڳ ۾ **14** ڀيرا الله اڪبر چوڻ سنّت آهي ۽ جمعي ۾ سنّت ناهي.

(درمختار ج3 ص 57، 58، (بهارِشريعت حصو 4 ص 109 مطبوعه مدينة المرشد بريلي شريف)

## ”عيد ۾ غريبن کي تہ نہ وساريو“ جي 121 اکرن جي نسبت عيد جا ايڪويھ مستحبات

﴿1﴾ حجامت ڪرائڻ (پر زلف نهرايو انگريزي وار نہ) ﴿2﴾ نُنهن ڪٽڻ ﴿3﴾ غسل ڪرڻ ﴿4﴾ ڏندڻ ڪرڻ (هي ان ڪان علاوه آهي جيڪو وضوءَ ۾ ڪيو ويندو آهي) ﴿5﴾ سنا ڪپڙا پائڻ، نوان هجن تہ نوان نہ تہ ڌوتل ﴿6﴾ خوشبو لڳائڻ ﴿7﴾ مُندي پائڻ، (اسلامي ڀائر جڏهن بہ مُندي پائن تہ هن ڳالھ جو خاص خيال رکن تہ رُڳو ساڍن چئن ماسن ڪان گهٽ وزن چاندي جي هڪ ئي مندي پائن. هڪ ڪان وڌيڪ نہ پائين. ۽ ان هڪ منديءَ ۾ بہ ٻُڙو هڪ ئي هجي. هڪ ڪان وڌيڪ ٻڙا نہ هجن، ۽ بغير ٻڙي جي بہ نہ پايو. ٻڙي جي وزن جو ڪو قيد ناهي . چاندي يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو ڇلو يا چاندي جي بيان ڪيل وزن وغيره ڪان علاوه ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي مندي يا ڇلو مرد نہ ٿو پائي سگهي) ﴿8﴾ فجر جي نماز محلي واري مسجد ۾ پڙهڻ. ﴿9﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ وڃڻ کان پهريان ڪجھ ڪارڪون کائي ڇڏڻ. ٽي، پنج ست يا گهٽ وڌ پر اکي هجن، ڪارڪون نہ هجن تہ ڪا مٺي شيءِ کائي ڇڏيو. جيڪڏهن نماز کان پهريان ڪجھ بہ نہ کاڌؤ تہ گناھ نہ ٿيو. پر سومهڻيءَ تائين نہ کاڌؤ تہ ملامت ڪئي ويندي. ﴿10﴾ عيد جي نماز، عيدگاھ ۾ ادا ڪرڻ ﴿11﴾ عيد گاھ پيادل وڃڻ ﴿12﴾ سواريءَ تي بہ وڃڻ ۾ حرج ناهي پر جنهن کي پيادل وڃڻ جي طاقت هجي ان جي لاءِ پيادل وڃڻ افضل آهي ۽ واپسي ۾

سواريءَ تي اچڻ ۾ حرج ناهي. ﴿13﴾ عيد نماز جي لاءِ هڪ رستي سان وڃڻ ۽ ٻئي رستي سان واپس اچڻ. ﴿14﴾عيد جي نماز کان پهريان صدقهءِ فطر ادا ڪرڻ (افضل ته اهو ئي آهي پر عيد جي نماز کان پهريان نه ڏئي سگهيؤ ته بعد ۾ ڏئي ڇڏيو) ﴿15﴾ خوشي ظاهر ڪرڻ ﴿16﴾ ڪثرت سان صدقو ڏيڻ ﴿17﴾ عيدگاهه ڏانهن اطمينان ۽ وقار سان ۽ نگاهون جهڪائي هلڻ ﴿18﴾ پاڻ ۾ مبارڪباد ڏيڻ ﴿19﴾عيد نماز کان پوءِ هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ. جيئن جو عام طور تي مسلمانن ۾ رائج آهي، بهتر آهي ڇو جو هن ۾خوشي جو اظهار آهي. (بهارِ شريعت حصو 4 ص 71) پر **امرد** يعني خوبصورت ڇوڪر سان ڀڪلي ملڻ فتني جي جاءِ آهي. ﴿20﴾ **عيدالاضحيٰ** (قربانيءَ واري عيد) سڀني حڪمن ۾ عيدالفطر وانگر آهي. رُڳو ڪجهه ڳالهين ۾ فرق آهي. مثال طور هن ۾ (يعني قربانيءَ واري عيد ۾) مستحب هي آهي ته نماز کان پهريان ڪجهه نه کائو چاهي قرباني ڪريو يا نه ڪريو ۽ جيڪڏهن کائي ڇڏيو ته ڪراهت به ناهي. ﴿21﴾ عيدالفطر جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ هوريان تڪبير چئو ۽ عيدالاضحيٰ جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ وڏي آواز سان تڪبير چئو. تڪبير هي آهي:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط

ترجمو : الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي سڀئي خوبيون آهن.

## مان عيد جي نماز ڀُ نہ پڙهندو هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر سال رمضان المبارڪ ۾ اعتڪاف جي سعادت ۽ ماهِ رمضان المبارڪ جون خوب برڪتون ماڻي وري عيد جون خوشيون ڀيٽيون ڪرڻ جي لاءِ ۽ عيد جي ڏهاڙن ۾ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ اڄڪلهه ٿيندڙ قسمين قسمين گناهن کان بچڻ جي لاءِ عيد جي ڏهاڙن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ مدني قافلن ۾ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيو. ترغيب ۽ تحريص جي خاطر هڪ نهايت ئي خوشگوار **مدني بهار** توهان کي ٻُڌائي رهيو آهيان. جيئن تہ باب المدينہ ڪراچيءَ جي مين ڪورنگي روڊ جي ويجهو جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءَ (عمر تقريبًا 25 سال) جي بيان جو خلاصو آهي: مان هڪ گيراج (GARAGE) تي ڪم ڪندو هئس. جيتوڻيڪ في نفسه گيراج يعني گاڏين جي مرمت جو ڪم غلط ناهي، پر اڄڪلهه گناهن ڀريا حالات آهن. جن جو واسطو پوندو رهندو آهي اهي ڄاڻيندا هوندا تہ اڪثر گيراج جو ماحول ڪيترقدر گندو هوندو آهي، في زمانہ گيراج ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي لاءِ حلال روزي ڪمائڻ تمام مشڪل ڪم آهي. گندي ماحول ۽ گندي روزيءَ جي نُحوست جو نتيجو تہ ڏسو جو مون بدنصيب کي پنج وقت نماز تہ ڇا جمعي بلڪ **عيدَين** جي نمازن جي بہ توفيق نہ هئي، تقريبًا سڄي رات ٽي. وي تي مختلف فلمون ڊراما ڏسڻ ۾ مشغول رهندو هئس بلڪ هر قسم جون ننڍيون وڏيون بُرايون مون ۾ موجود هيون. منهنجي اصلاح جو سبب هيئن ٿيو جو **مڪتبة المدينه** تان جاري ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي بيان ”الله

عَزَّوَجَلَّ **جي خُفيہ تدبير**“ جي كيسيٽ ٻُڌي جنهن مون كي مٽي كان پيرن تائين ڏكائي ڇڏيو. ان كانپوءِ رمضان المبارك ۾ **اعتكاف** جي سعادت حاصل ٿي هئي ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو شرف مليو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي چُكو آهيان ، پنج ئي وقت نمازن جي پابندي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا كروڙين احسان جو مون جهڙو گناهگار بي نمازي انسان جيكو **عيد** جي بهاني بہ مسجد جو رخ نہ كندو هو. هي بيان ڏيڻ وقت تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريك، دعوتِ اسلامي جي تنظيمي تركيب جي مطابق هك مسجد جي ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان بي نمازين كي نمازي بڻائڻ جي جستجو ۾ رهندو آهي.

بھائی گر چاہتے ہو نمازیں پڑھوں ، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنّا ہے آگے بڑھوں ، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**يا رب مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اسان كي **عيدِ سعيد** جون خوشيون سنّت جي مطابق ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان كي حج شريفءِ ديارِ مدينه و تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **ديدار جي مدني عيد** هرهرنصيب فرماءِ. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تِری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی
مِرے خواب میں تم آنا مَدَنی مدینے والے

## مون گناهگار تي بہ ڪرم جا ڇنڊا پيا

**ڪورنگي** باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر 22 سال) جي تحرير جو خلاصو آهي: افسوس! مان هڪ بي نمازي ۽ فلمن ڊرامن جو شوقين بگڙيل نوجوان هئس ٻُرن دوستن سان فيشن جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، بُري صحبت جي سبب ڪان زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون گناهن ۾ گذري رهيا هئا. رمضان المبارڪ جو چنڊ (1426هه) آسمانِ دنيا تي ظاهر ٿيو، رحمتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ جون ڇماڇم بارشون وسڻ لڳيون، **مون پاپي ۽ بدڪار تي بہ ڪرم جا ڇنڊا پيا** ۽ آءُ ڪريميه قادريه مسجد ڪورنگي نمبر اڍائي بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ معتڪف ٿي ويس. منهنجي بي رونق زندگيءَ جي شام ۾ صبح بهاران جا مدني گل ٽڙڻ لڳا، مون گناهگار کي توبهہ جي توفيق نصيب ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نمازي بڻجي ويس، ڏاڙهي ۽ عمامي شريف سجائڻ جي سعادت ملي وئي، تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾**عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر نصيب ٿيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ وقت هڪ مسجد ۾ ذيلي قافله ذميدار جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي سعادت حاصل آهي. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي منهنجي پياري پياري **دعوتِ اسلامي** ۾ آخري دم تائين استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# نفلي روزن جا فضائل

## دُرود شريف جي فضيلت

رسول اکرم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: **قيامت جي ڏينهن الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش ڪانسواءِ ڪو سايو نه هوندو، ٽي شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتيءَ جي پريشاني ختم ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافرة في امورالاخرة للسيوطي رحمه الله حديث 366 ص 131)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** فرض روزن کان سواءِ **نفل روزن** جي به عادت بڻائڻ گهرجي جو هن ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن ۽ ثواب ته ايڏو آهي جو دل چاهي ٿي ته بس روزا رکندا ئي رهون. ويتر **ديني فائدن** ۾ ايمان جي حفاظت، جهنم کان ڇوٽڪارو ۽ جنّت جو حصول شامل آهن ۽ جيتري تائين دنياوي فائدن جو تعلق آهي ته روزي ۾

ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ۾ خرچ ٿيڻ واري وقت ۽ اخراجات جي بچت، پيٽ جي اصلاح ۽ تمام گهڻين بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي ۽ تمام فائدن جو بنياد هي آهي ته ان سان اللهعَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي.

## روزيدارن جي لاءِ بخشش جي بشارت

الله تبارڪ و تعالیٰ ٻاويهين سيپاري جي سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ جي آيت نمبر 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَالصَّآىِٕمِیْنَ وَالصّٰٓىِٕمٰتِ وَالْحٰفِظِیْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِیْنَ اللّٰهَ كَثِیْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِیْمًا ﴿۳۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ روزي وارا ۽ روزي واريون ۽ پنهنجي پرهيزگاري جي نگاهه رکڻ وارا ۽ نگاهه رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ واريون انهن سمورن جي واسطي الله بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي.

الله تبارڪ و تعالیٰ اُنتيهين سيپاري ۾ سُوْرَةُ الْحَآقَّةِ جي آيت نمبر24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِیْٓــٴًـۢا بِمَاۤ اَسْلَفْتُمْ فِی الْاَیَّامِ الْخَالِیَةِ ﴿۲۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: کائو ۽ پيئو خوشگوار، انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

حضرتِ سيّدُنا وڪيع عَلَيْهِ رَحْمَةُ السَّمِيع فرمائن ٿا، هن آيتِ ڪريمه ۾ ”گذريل ڏينهن مان مُراد روزن جا ڏينهن آهن جو ماڻهو انهن ۾ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا آهن.“

(المتجر الرابح في ثواب العمل الصالح ص 335 دار خضر بيروت)

# ”يا خدا اسان کي نيڪ بڻاءِ“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 18 فضائل

## جنت جو نرالو وڻ

**مدينه 1** : حضرتِ سيِّدُنا قيس بن زيد جُهني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. ”جنهن **هڪ نفلي روزو** رکيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ **جنت** ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو **ڏاڙهون**ءَ کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو. اهو(ميٺ کان الڳ نہ کيل) ماکيءَ جهڙو منو ۽ (ميٺ کان الڳ کيل خالص ماکيءَ وانگر) خوش ذائقہ هوندو. الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.

(طبراني کبير ج 18 ص 366 حديث 935)

## 40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري

**مدينه 2** : تاجدارِ رسالت، شفيع روز قيامت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشبودار آهي.” جنهن ثواب جي اميد رکندي **هڪ نفلي روزو** رکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دوزخ کان **چاليهہ ورهين** (جو فاصلو) پري فرمائيندو“.

(کنز العمال ج 8 ص 255 حديث 24148)

## دوزخ کان 50 سال مسافت دوري

**مدينه 3** : الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، مکي مدني صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافيّت نشان آهي،” جنهن رِضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ

ڏينهن جو **نفلي** روزو رکيو تہ اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز رفتار سوار جي **پنجاهہ سالن** جي سفر جيترو فاصلو فرمائي ڇڏيندو“. (کنزالعمال ج 8 ص 255 حديث 24149)

## زمين جيتري سون ڪان بہ وڌيڪ ثواب

**مدينه 4**: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب، اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رغبت نشان آهي ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو **نفلي** روزو رکيو ۽ زمين جيترو سون ان کي ڏنو وڃي تڏهن بہ سندس ثواب پورو نہ ٿيندو ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو“.

(ابويعلىٰ ج 5 ص353 حديث 6104)

## جهنم ڪان تمام گهڻو دوري

**مدينه 5** : **حضرتِ** سيّدُنا عُتبه بن عبد سُلمي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي باغ جي مهکندڙ گل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي:”جنهن اللهعَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ **هڪ ڏينهن جو فرض روزو رکيو** الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيڏو ستن زمينن ۽ آسمانن جي وچ وارو فاصلو آهي ۽ جنهن **هڪ ڏينهن جو نفلي روزو رکيو** اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو **زمين ۽ آسمان** جو وچ وارو مفاصلو آهي.

(طبراني معجم ڪبير ج 17 ص 120 حديث 295)

## هڪ روزو رکڻ جي فضيلت

**مدينه 6** : حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤفُ رَّحيم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ **جي راضپي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو** روزو رکندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو آهي جيڏو مفاصلو **هڪ ڪانءُ** ننڍپڻ کان پوڙهو ٿي ڪري مرڻ تائين مسلسل اڏامندو پار ڪري سگهي ٿو.“

(مُسند امام احمد بن حنبل ج3 ص 619 حديث 10810)

## بهترين عمل

**مدينه 7** : حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪو عمل ٻُڌايو“ ارشاد فرمايائون: **روزا رکندا ڪريو** ڇو ته ان جهڙو ڪو عمل ناهي“. مون وري عرض ڪيو، مون کي ڪوعمل ٻُڌايو، ”فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو ته ان جهڙو ڪو عمل ناهي“. مون وري عرض ڪيو، ”مون کي ڪو عمل ٻُڌايو،“فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو ته ان جو ڪو مثل ناهي.

(نسائي ج4، ص 166)

**مدينه 8** : هڪ روايت ۾ آهي ته مون رسولِ اڪرم، رَحۡمَتِ عالم، نورِمُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحۡتَشَم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باگارهِ مڪرّم ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪنهن اهڙي ڪم جو حڪم ڏيو جنهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ

مون کي نفعو ڏي“. فرمايائون: روزي کي پنهنجي مٿان لازم ڪريو
چو تہ هن جو ڪو مثل ناهي. (ايضًا)

**مدينه 9** : هڪ روايت ۾آهي تہ مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جنهن جي سبب جنّت ۾ داخل ٿي وڃان“. فرمايائون:” روزي کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ ان جي مثل ڪو عمل ناهي. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 5 ص 179 حديث 3416)

راوي چون ٿا،” حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهر ڏينهن جي وقت مهمان جي آمد کان علاوه ڪڏهن دونهون نہ ڏٺو ويو. (يعني پاڻ ڏينهن جو کاڌو کائيندا ئي نہ هئا روزو رکندا هئا).
(المتجر الرابح في ثواب العمل الصالح ص 338)

## سفر ڪريو مالدار ٿي ويندؤ

**مدينه 10**: حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينه، قرار قلب وسينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جهاد ڪندا ڪريو خود ڪفيل ٿي ويندؤ، روزا رکو تندرست ٿي ويندؤ ۽ سفر ڪندا ڪريو غني (يعني مالدار) ٿي ويندؤ“.
(المعجم الاوسط ج 6 ص1460 حديث 8312)

## محشر ۾ روزيدارن جا مزا

**مدينه 11**: حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن روزيدار قبرن مان نڪرندا تہ اهي روزي جي بوءِ کان سڃاتا ويندا ۽ پاڻي جا ڪوزا جن تي **مُشڪ** سان مهر هوندي انهن کي چيو ويندو

ڪائو ڪالهه توهان بُکايل هئا، پيئو ڪالهه توهان اُڃايل هئا، آرام ڪريو ڪالهه توهان ٿڪيل هئا پوءِ اهي ڪائيندا ۽ آرام ڪندا جڏهن ته ماڻهو حساب جي مشقت ۽ اڄ ۾ مبتلا هوندا.

(ڪنزالعمال ج 8 ص 313 حديث 23639 والتدوين في اخبار قزوين ج2 ص326)

## سون جا دستر خوان

**مدينه 12** : حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو:روزيدار جو هر وار ان جي لاءِ تسبيح ڪندوآهي، قيامت جي ڏينهن عرش جي هيٺان روزيدارن جي لاءِ موتين ۽ جواهر سان جَڙيل سون جو اهڙو دستر خوان وڇايو ويندو جيڪو دنيا جي احاطي جي برابر هوندو، ان تي طرحين طرحين جا جنّتي کاڌا، مشروب ۽ ميوا هوندا اهي کائيندا پيئندا ۽ عيش و عشرت ۾ هوندا جڏهن ته ماڻهو سخت حساب ۾ هوندا.

(الفردوس بما ثور الخطاب ج5 ص 490 حديث 8853)

## قيامت ۾ روزيدار کائيندا

**مدينه 13**: حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن رباح رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته (قيامت ۾) دستر خوان وڇايا ويندا، سڀ کان پهريان روزيدار ان تي کائيندا.

(مصنف ابن ابي شيبه ج2 ص424 حديث 10)

## روزو رکي اهو جنتي آهي

**مدينه 14** : **حضرت** سيّدُنا حذيفه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:”جنهن رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪلمو پڙهيو اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جو خاتمو به ڪلمي تي ٿيندو ۽

جنهن ڪنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ روزو رکيو ته ان جو خاتمو به انهيءَ تي ٿيندو ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن اللهعَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪيو ان جو خاتمو به انهيءَ تي ٿيندو ۽ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (مُسند امام احمد ج9 ص 90 حديث 23384)

## سخت گرميءَ ۾ روزي جي فضيلت

مدينه 15: حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا ته سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا ابو موسيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي هڪ ساموندي جهاد ۾ موڪليو. هڪ اونداهي رات ۾ جڏهن ٻيڙيءَ جا سڙهه کنيا ويا ته هاتِفِ غيب مان هڪ آواز آيو، ”اي ٻيڙيءَ وارؤ! ٻيهو مان توهان کي ٻُڌايان ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪرم جي ذمي تي ڇا ورتو آهي؟ حضرت سيّدُنا ابو موسیٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ چيو، ”جيڪڏهن توهان ٻُڌائي سگهو ٿا ته ضرور ٻُڌايو؟ ان چيو، اللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪرم جي ذمي تي ورتو آهي ته جيڪو سخت گرميءَ جي ڏينهن پنهنجو پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اڃارو رکي اللهعَزَّوَجَلَّ ان کي سخت اڃ واري ڏينهن (يعني قيامت) ۾ سيراب ڪندو“. امام ابوبڪر عبدالله المعروف ابن ابي الدنيا ”ڪتاب الجوع“ ۾ فرمائن ٿا ته ان ڏينهن ڪانپوءِ حضرتِ سيّدُنا ابوموسیٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ خاص ان ڏينهن به روزو رکندا هئا جو ايڏي گرمي هجي جڏهن انسان پنهنجا غير ضروري ڪپڙا به گرمي جي ڪري لاهڻ تي مجبور ٿي وڃي.

(الترغيب والترهيب ج2، ص 51 حديث18)

## پين کي کائيندو ڏسي صبر ڪرڻ واري روزيدار جو ثواب

**مدينه 16**: حضرتِ سيّدتنا اُمِّ اَنصارِيّه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون. سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رَحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف ڪٺي آيا تہ مان پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ کاڌو پيش ڪيو تہ ارشاد فرمايائون:”توهين بہ کائو“. مون عرض ڪيو، ”مان روزي سان آهيان“. تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيستائين کاڌو روزيدار جي سامهون کاڌو ويندو آهي فرشتا ان روزيدار جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن“. هڪ روايت ۾ آهي، ”ڪائڻ وارو جيستائين ڍؤ ڪري وٺي“. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج5 ص 181 حديث 3421)

**مدينه 17**: حضرتِ سيّدُنا بريده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي نبيءِ رَحمت، شفيع امت، مالڪ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (حضرتِ سيّدُنا بِلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) کي فرمايو، ”اي بلال! اچو ناشتو ڪريو“، تہ (حضرتِ سيّدُنا بِلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) عرض ڪيو، ”مان روزي سان آهيان“. تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:”اسان پنهنجو رزق ڪائي رهيا آهيون ۽ بِلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي“. پوءِ فرمايائون، اي بِلال! ڇا توهان کي معلوم آهي تہ جيتري دير تائين کاڌو روزيدار جي سامهون کاڌو ويندو آهي تہ ان جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ۽ فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا آهن.“ (ابن ماجه ج2 ص348 حديث1749)

## روزي جي حالت ۾ مرڻ جي فضيلت

**مدينه 18**: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمايو، ”جيڪو روزي جي حالت ۾ مُئو، الله تعالىٰ ان جي حساب ۾ قيامت تائين جا روزا لکي ڇڏيندو.“

(الفردوس بما ثور الخطاب ج3 ص 504 حديث5557)

## نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! خوش نصيب آهي اهو مسلمان جنهن کي روزي جي حالت ۾ موت اچي. بلڪ ڪنهن به نيڪ ڪم جي دؤران موت اچڻ نهايت ئي چڱي علامت آهي. مثال طور باوضو يا نماز جي دوران مرڻ، **سفرِ مدينه** جي دوران بلڪ مدينهءِ منوره ۾ روح قبض ٿيڻ، دوران حج مڪهءِ مڪرمه، **منيٰ**، مزدلفه يا عرفات شريف ۾ فوتگي، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريئ سفر جي دوران دنيا مان رخصت ٿيڻ، اهي سڀ اهڙيون عظيم سعادتون آهن جو رُڳو خوشنصيبن کي ئي حاصل ٿينديون آهن ان سلسلي ۾ صحابهءِ ڪُرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جون نيڪ تمنائون بيان ڪندي حضرتِ **سيّدُنا خَيْثَمَه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هن ڳالهه کي پسند ڪندا هئا ته انتقال ڪنهن چڱي ڪم مثال طور:حج، عمرو، غزوه (جهاد)، رمضان جي روزن وغيره کان پوءِ ٿئي.

## ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات

**چڱي** ڪم جي دوران موت اچي وڃڻ جي سعادت مقدر وارن جو ئي حصو آهي انهيءَ ضمن ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي **اجتماعي اعتڪاف** جي هڪ مدني بهار ملاحظه فرمايو ۽ سچي زندگي جي لاءِ **دعوتِ اسلامي**

جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جو پڪو عزم ڪري ڇڏيو. جيئن تہ مدينة الاولياء احمد آباد شريف (گجرات، الهند) جا ڪالو چاچا (عمر تقريبًا 60 سال) رمضان المبارڪ (1425هـ بمطابق 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ شاهي مسجد (شاهِ عالم، احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف ٿي ويا. هونئن تہ هي پهريان ڪان ئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا پر **عاشقانِ رسول** سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ۾ شموليت ڪين پهرئين ئي ڀيري نصيب ٿي هئي. ڪين اعتڪاف ۾ گهڻو ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 72 مدني انعامات مان پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب واري ٻئي مدني انعام جو خوب جذبو مليو جيئن تہ انهن پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي عادت ٺائي ڇڏي. 2 شوال المڪرم يعني عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيائون. مدني قافلي مان واپسيءَ جي پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ يعني 11 شوال المڪرم (سن 1425هـ، 2004ع) جو سندن ڪنهن ڪم سان بازار وڃڻ ٿيو. مصروفيّت بہ هئي پر ڪين دير جي صورت ۾ پهرين صف رهجي وڃڻ جو خدشو هو. تنهن ڪري سڄو ڪم ڇڏي ڪري مسجد جو رخ ڪيائون ۽ اذان کان پهريان ئي مسجد ۾ پهچي ويا، وضوڪري جيئن ئي ٻينا تہ ڪِري پيا، ڪلمو شريف ۽ درود پاڪ پڙهندي ئي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان مدني انعامات جي بئي مدني انعام پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ملندڙ جذبي ڪالو چاچا کي انتقال جي وقت بازار جي غفلت ڀري فضائن کان ڪڍي مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيڏي خوش نصيبي جو آخري وقت ڪين ڪلمو ۽ درود شريف نصيب ٿي ويو. سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! ۽ جنهن کي مرڻ مهل ڪلموشريف نصيب ٿي وڃي ان جو قبر ۽ حشر ۾ بيڙو پار آهي. جيئن تہ نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. جنهن جو آخري ڪلام: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ هجي، اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.

(ابوداود شريف ج3 ص 132 حديث 3116)

وڌيڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت ٻُڌو: جيئن تہ انتقال کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ سندن پٽ خواب ۾ ڏٺو تہ مرحوم ڪالو چاچا سفيد لباس ۾ ملبوس مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي مُسڪرائيندي چئي رهيا آهن: پٽ! دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ لڳل رهو جو انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.

موت فضلِ خدا عزوجل سے ہو ایمان پر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ربّ عزوجل کی رحمت سے پاؤگے جنّت میں گھر، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# عاشورا جي روزي جا فضائل

## ”ياشهيد كربلا هو دور هر رنج وبلا“ جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان عاشورا جون 25 خاصيتون

﴿1﴾ 10 محرم الحرام عاشورا جي ڏينهن حضرت سيّدُنا آدم صفي الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي توبهه قبول ڪئي وئي. ﴿2﴾انهيءَ ڏينهن کين پيدا ڪيو ويو. ﴿3﴾ انهيءَ ڏينهن کين جنّت ۾ داخل ڪيو ويو. ﴿4﴾ انهيءَ ڏينهن عرش ﴿5﴾ڪرسي ﴿6﴾ آسمان ﴿7﴾ زمين ﴿8﴾ سج ﴿9﴾ چنڊ ﴿10﴾ستارا ۽ ﴿11﴾ جنّت پيدا ڪيا ويا ﴿12﴾انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا ﴿13﴾ انهيءَ ڏينهن کين باهه کان نجات ملي ﴿14﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت کي نجات ملي ۽ فرعون پنهنجي قوم سميت غرق ٿيو. ﴿15﴾حضرت سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پيدا ڪيا ويا ﴿16﴾انهيءَ ڏينهن آسمان ڏانهن کين کنيو ويو ﴿17﴾ انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا نوح عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ٻيڙي جُودي پهاڙ تي بيٺي. ﴿18﴾انهيءَ ڏينهن حضرت سيّدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي مُلڪِ عظيم عطا ڪيو ويو ﴿19﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يونس عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍيا ويا ﴿20﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يعقوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نظر جو ضعف ختم ٿيو﴿21﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام

اونهي کوهہ مان کڍيا ويا ﴿22﴾ انهيءَ ڏينهن حضرتِ سيّدُنا ايوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي تڪليف ختم ڪئي وئي ﴿23﴾آسمان کان زمين تي سڀ کان پهرين برسات انهيءَ ڏينهن تي نازل ٿي ۽ ﴿24﴾ انهيءَ ڏينهن جو روزو امتن ۾ مشهور رهيو ايتري تائين جو هي بہ چيو ويو تہ ان ڏينهن جو روزو رمضان المبارڪ کان پهريان فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو. (مڪاشفة القلوب ص 311) ﴿25﴾امام الهُمام، امامِ عاليمقام،امامِ عرش مقام،امام تشنہ ڪام، سيّدُنا امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي شهزادن ۽ رفيقن سميت ٽي ڏينهن بُکيو رکڻ کانپوءِ انهيءَ عاشوري جي ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## "ياحسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ" جي چوڻ اکرن جي نسبت سان محرم الحرام ۽ عاشورا جي روزن جا 6 فضائل

**مدينہ1** : **حضرت** سَيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: "رمضان کان پوءِ محرم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان پوءِ افضل نماز **صلواة الليل** (يعني رات جا نوافل) آهي. (مسلم ج 1 ص891 حديث 1163)

**مدينہ 2** : **طبيبن جي طبيب**، الله جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي، "محرم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي."

(طبراني في الصغير ج2 ص87 حديث 1580)

## يوم موسيٰ عليہ السلام

**مدينه 3:** **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جن جوارشاد گرامي آهي، رسول الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن مدينهءِ منوره زَادَھَا اللہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا ۾ تشريف وٺي آيا يهودين کي عاشوري (ڏهين محرم) جي ڏينهن روزيدار ڏٺو ته ارشاد فرمايائون، هي ڪهڙو ڏينهن آهي جو توهان روزو رکو ٿا؟ انهن عرض ڪيو، هي عظمت وارو ڏينهن آهي جو هن ۾ موسىٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ ان جي قوم کي الله تعالىٰ نجات ڏني ۽ فرعون ۽ ان جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو. انهيءَ ڪري موسىٰ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام شڪراني جي طور تي ان ڏينهن جو روزو رکيو ته اسين به روزو رکون ٿا. ارشاد فرمايائون، موسىٰ (عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) جي مطابقت ڪرڻ ۾ بنسبت توهان جي اسان وڌيڪ حقدار ۽ وڌيڪ ويجها آهيون ته سرڪارِ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پاڻ به روزو رکيو ۽ ان جو حڪم به فرمايائون.

**(صحيح بخاري ج1 ص656 حديث2004)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو ته جنهن ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪا خاص نعمت عطا فرمائي ان جي يادگار قائم ڪرڻ درست ۽ محبوب آهي جو اهڙيءَ طرح ان نعمتِ عُظمىٰ جي ياد تازي ٿيندي ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو سبب به ٿيندو قرآنِ عظيم ۾ ارشاد فرمايو ويو:

وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَیّٰىمِ اللّٰهِ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏيار

**صدر** الافاضل حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْھَادِی هن آيت جي تحت فرمائن ٿا ته اَيّامِ‌الله مان اهي ڏينهن مُراد آهن جن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي انعام ڪيا جيئن

بني اسرائيل جي لاءِ مَنّ وَسَلوىٰ لاهڻ جو ڏينهن، **حضرت سيدُنا موسيٰ** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ درياءَ ۾ رستو بڻائڻ جو ڏينهن. هنن ڏينهن ۾ سڀ کان وڏي نعمت وارا ڏينهن **سيدِ عالم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي **ولادت ۽ معراج** جا آهن انهن جي ياد قائم ڪرڻ بہ هن آيت جي حڪم ۾ داخل آهي". (ملخصًا خزائن العرفان ص409)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم ۽ دعوت اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اسان مسلمانن** لاءِ سلطانِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **يوم ولادت** کان وڌيڪ ڪهڙو ڏينهن" يومِ انعام"هوندو؟"تمام نعمتون انهن جي طفيل تہ آهن ۽ هي ڏينهن **عيد** کان بہ بهتر آهي ڇو تہ انهن جي صدقي ۾ **عيد** بہ **عيد** ٿي. انهيءَ ڪري **سومر شريف** جي ڏينهن **روزو** رکڻ جو سبب ارشاد فرمايائون: **فيہ ولدت** يعني انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي.
(صحيح مسلم ص 591 حديث 1162)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي طرف کان دنيا جي بيشمار ملڪن جي لاتعداد جڳهن تي هرسال عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاندار طريقي تي ملهائي ويندي آهي. ربيع النور شريف جي 12 ٻارهين جي رات جو عظيم الشّان اجتماع ميلاد جو انعقاد ٿيندو آهي ۽ بالخصوص منهنجي حُسنِ ظن موجب ان رات دنيا جو سڀ کان وڏو اجتماع ميلاد بابُ المدينه ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن مرحبا يا

مصطفىٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون ڏومون مچائيندي بيشمار جلوسِ ميلاد ڪڍيا ويندا آهن جن ۾ لکين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

عیدِ میلادُالنَّبی تو عید کی بھی عید ہے
بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادالنَّبی

## عاشوري جو روزو

**مدينه 4:** حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا، ”مون سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ڏينهن جي روزي کي ٻئي ڏينهن تي فضيلت ڏئي ڪري جستجو فرمائيندي نه ڏٺو پر هي ته **عاشورا** (ڏهين محرم) جو ڏينهن ۽ هي ته **رمضان** جو مهينو.“ (صحيح بخاري ج1ص657حديث2006)

## يهودين جي مخالفت ڪريو

**مدينه 5:** نبيِّ رَحْمت، شفيعِ امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **يومِ عاشوري** جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان پهريان يا بعد ۾ به هڪ ڏينهن جو روزو رکيو. (مُسند امام احمدج1 ص518 حديث 2154)

**عاشوري** جو روزو جڏهن به رکو ته گڏ ئي نائين يا يارهين **محرم الحرام** جو روزو به رکي ڇڏڻ بهتر آهي.

**مدينه 6:** حضرتِ سيّدُنا ابو قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون کي الله تي پڪ آهي ته **عاشوري جو روزو** هڪ سال پهريان جا گناهه متائي ڇڏيندو آهي.

(صحيح مسلم ص590حديث1162)

## سچو سال اکيون ڏکن نہ بيمار ٿئي

**مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا، جيڪو محرم جي **نائين ۽ ڏهين** جو روزو رکي ته تمام گهڻو ثواب ماڻيندو. ٻارن ٻچن جي لاءِ **ڏهين محرم**جو خوب سٺو سنو کاڌو پچائي ته اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڄي سال تائين گهر ۾ برڪت رهندي. بهتر آهي ته کچڙو پچائي حضرت شهيد ڪربلا سيّدُنا امام حسين رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي فاتحه ڪري تمام گهڻو مُجرّب (يعني موثر ۽ آزمايل) آهي. انهيءَ تاريخ يعني10 محرم الحرام تي **غسل** ڪري ته سڄو سال اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو ته انهيءَ ڏينهن **آبِ زم زم** سڀني پاڻين ۾ پهچي ويندو آهي. (تفسيرِ روح البيان ج4 ص142 ڪوئٽه، اسلامي زندگي ص93) سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو شخص عاشورا جي ڏينهن اِثْمد سرمو اکين ۾ لڳائي ته اکيون ڪڏهن به نه ڏکنديون. (شعب الايمان ج3 ص367 حديث3797)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رجب المرجب جا روزا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! جي نزديڪ چار مهينا خصوصيّت سان حُرمَت وارا آهن. جيئن سُوْرَةُالتَّوْبَةِ ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ مهينن جي ڳڻپ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ٻارهن مهينا آهي اللّٰه جي ڪتاب ۾، جڏهن

الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةًؕ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ۝۳۶

ڪان ان آسمان ۽ زمين بڻايا انهن مان چار حرمت وارا آهن، هي سڌو دين آهي تہ انهن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪريو ۽ مشرڪن سان هر وقت وڙهو جيئن هو توهان سان هر وقت وڙهندا آهن ۽ ڄاڻي وٺو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پرهيزگارن سان گڏ آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيتِ مبارڪہ ۾ قمري مهينن جو ذڪر آهي جن جو حساب چنڊ سان ٿيندو آهي، احڪامِ شرع جو بنياد بہ قمري مهينن تي آهي. مثال طور رمضان المبارڪ جا روزا، زڪواة، مناسڪِ حج شريف وغيره گڏوگڏ اسلامي تقريبات مثال طور عيد ميلاد النبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، عيد الفطر، عيد الاضحىٰ، شبِ معراج، شبِ براءَت، يارهين شريف، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جا عرس وغيره بہ قمري مهينن جي حساب سان ملهايا ويندا آهن. افسوس! اڄڪلهہ جتي مسلمان بيشمار سنّتن کان پري وڃي پيو آهي اتي اسلامي تاريخن کان بہ بلڪل ناواقف ٿيندو پيو وڃي. غالباً هڪ لک مسلمانن جي اجتماع ۾ جيڪڏهن هي سوال ڪيو وڃي تہ ”ٻُڌايو اڄ ڪهڙي هجري سن جي ڪهڙي مهيني جي ڪهڙي تاريخ آهي؟“ تہ شايد مشڪل سان سؤ مسلمان اهڙا هوندا جيڪي صحيح جواب ڏئي سگهندا. گذريل آيت جي تحت حضرتِ سيّدُنا صدرالافاضل مولانا نعيم الدين مُراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى خزائنُ العرفان ۾ فرمائن ٿا: (چار حرمت وارن مهينن مان مراد) تي مُتَّصِل (يعني هڪ ٻئي پٺيان) ذوالقعده،

ذوالحجه، محرم ۽ هڪ جدا **رجب**. عرب ماڻهو جاهليت واري زماني ۾ به هن ۾ قِتال (يعني جنگ) حرام ڄاڻندا هئا. اسلام ۾ انهن مهينن جي حُرمت ۽ عظمت گهٽي وڌيڪ ڪئي وئي.

**(خزائن العرفان ص 309)**

## ايمان افروز حڪايت

**حضرت** سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جي دؤر جو واقعو آهي ته هڪ شخص ڪافي عرصي کان ڪنهن عورت تي عاشق هيو. هڪ ڀيري ان پنهنجي معشوقه کي قابو ڪيو. ماڻهن جي هلچل کان ان اندازو لڳايو ته ماڻهو چنڊ ڏسي رهيا آهن. ان عورت کان پُڇيو، ماڻهو ڪهڙي مهيني جو چنڊ ڏسي رهيا آهن؟ ان چيو، رجب جو“. اهو شخص جيتوڻيڪ ڪافر هيو پر رجب شريف جو نالو ٻُڌندي ئي تعظيم خاطر هڪدم الڳ ٿي ويو ۽ زنا کان مُڙي ويو. حضرتِ سيّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام کي حڪم ٿيو ته اسان جي فلاڻي ٻانهي جي زيارت لاءِ وڃو. پاڻ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام تشريف کڻي ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ پنهنجي تشريف آوريءَ جو سبب ارشاد فرمايائون. اهو ٻُڌندي ئي ان جي دل اسلام جي نور سان مُنور ٿي ۽ ان هڪدم اسلام قبول ڪري ورتو.

**(انيس الواعظين ص 177)**

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺيون توهان رجب جون بهارون! **رجب المرجب** جي تعظيم جي ڪري هڪ ڪافر کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي ته جيڪو مسلمان ٿي ڪري **رجب المرجب** جو احترام ڪندو ان کي نه ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا انعام ملندا. مسلمانن کي گهرجي ته رجب

شريف جو خوب احترام ڪندا رهن. قرآن پاڪ ۾ به حرمت واري مهينن ۾ پنهنجي جانين تي ظلم ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ”نورالعرفان“ ۾ فَلَاتَظْلِمُوْافِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (ترجمو ڪنزالايمان: ته هنن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نه ڪريو) جي تحت آهي.”يعني خصوصيّت سان انهن چئن مهينن ۾ گناهه نه ڪريو جو انهن ۾ گناهه ڪرڻ پنهنجي مٿان ظلم آهي يا پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي ظلم نه ڪريو. (نورالعرفان ص 306)

**ٻن سالن جو ثواب**

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي ته نبين جي سالار، شهنشاهِ ابرار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ومختار باذن پروردگار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُشڪبار آهي:”**جنهن ماهِ حرام ۾ ٽي ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جو روزو رکيو ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو**“. (مجمع الزوائد ج 3 ص 438 حديث 5151)

تیرے کرم سے اے کریم مجھے کون سی شئے ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

**رجب شريف جون بهارون**

**حجة الاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ”مڪاشفة القلوب“ ۾ فرمائن ٿا:”رجب دراصل ترجيب مان مشتق (يعني نڪتو) آهي هن جي معنىٰ آهي، ” تعظيم ڪرڻ“. هن کي **الاصب** (يعني سيء کان تيز وهڪرو) به چوندا آهن ان لاءِ جو هن ماهِ مبارڪ ۾ توبهه ڪرڻ وارن تي رحمت جو وهڪرو تيز ٿي ويندو آهي ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي انوار جو فيضان ٿيندو آهي. هن کي **الاصم** (يعني خوب

ڀوڙو) ٻـ چوندا آهن ڇو تـ هن ۾ جنگ وجَدَل جو آواز بلڪل ٻُڌڻ ۾ ناهي ايندو. ان ڪري رجب ٻـ چيو ويندو آهي جو جنّت جي هڪ نهر جو نالو"رجب" آهي جنهن جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو، ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو ۽ برف کان وڌيڪ ٿڌو آهي، هن نهر مان اهو ئي پيئندو جيڪو رجب جي مهيني ۾ روزا رکندو.

**(مکاشفة القلوب ص 301 دارالكتب العلمية بيروت)**

**غنية الطالبين** ۾ آهي تـ هن ماھ کي **"شهرِ رَجَم"** ٻـ چوندا آهن ڇو تـ هن ۾ شيطانن کي رَجَم يعني سنگ سار ڪيو ويندو آهي تـ جيئن اهي مسلمانن کي تڪليف نـ ڏين. هن مهيني کي اصم (يعني خوب ڀوڙو) ٻـ چوندا آهن ڇوتـ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم تي الله تعالیٰ جي عذاب جي نازل ٿيڻ جي باري ۾ نـ ٻُڌو ويو جو الله تعالیٰ گذريل امتن کي هر مهيني ۾ عذاب ڏنو ۽ هن مهيني ۾ ڪنهن قوم کي عذاب نـ ڏنائين.

**(غنية الطالبين ص 229)**

## رجب جا ٽي اکر

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماھِ رجب المرجب جي بهارن جي ڇا تـ ڳالھ آهي!"مڪاشفة القلوب"** ۾ آهي، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ المُبين فرمائن ٿا،"رجب" ۾ ٽي اکر آهن. ر، ج، ب،"ر" مان مُراد رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، "ج" مان مُراد ٻانهي جا جُرم،"ب" مان مُراد بِرّ يعني احسان ۽ ڀلائي. ڄڻ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو، منهنجي ٻانهي جي جرم کي منهنجي رحمت ۽ ڀلائي جي وچ ۾ ڪري ڇڏيو. **(مڪاشفة القلوب ص 301)**

عِصیاں سے کبھی ہم نے کنارا نہ کیا پر تُو نے دل آزُردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بہت کی تجویز لیکن تِری رَحمت نے گوارا نہ کیا

## ٻج پوکڻ جو مهينو

حضرت سيّدُنا علامہ صَفّوري رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: **رجب المرجب** ٻج پوکڻ جو، **شعبان المعظم** پاڻي ڏيڻ جو ۽ رمضان المبارڪ فصل لڻڻ جو مهينو آهي. تنهنڪري جيڪو **رجب المرجب** ۾ عبادت جو ٻج نہ ٿو پوکي ۽ **شعبان المعظم** ۾ ڳوڙهن سان سيراب نہ ٿو ڪري اهو رمضان المبارڪ ۾ رحمت جو فصل ڪيئن لڻندو؟ وڌيڪ فرمائن ٿا، **رجب المرجب** جسم کي، **شعبان المعظم** دل کي ۽ **رمضان المبارڪ** روح کي پاڪ ڪندو آهي.

**(نزهة المجالس ج1 ص155)**

## جيڪو سچي زندگي نہ سکي سگهيس اهو ذهن ڏينهن ۾ سکي ورتم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب ۾ عبادت ۽ روزن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان لاڳاپيل رهو. سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجو ۽ دعوتِ اسلامي جي طرفان ٿيندڙ اجتماعي اعتڪاف ۾ حصو وٺو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توهان جي زندگيءَ ۾ مدني انقلاب اچي ويندو. ترغيب جي طور تي هڪ خوشگوار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو: جيئن تہ سعيد آباد بلديه ٽاؤن باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير ڪجهہ هن طرح هئي. مان انهن ڏينهن ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هئس، پنهنجي گهر جي مالڪ جيڪي دعوتِ اسلامي وارا هئا جي **انفرادي ڪوشش** سان ساڻن گڏ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي تحت غوثيه مسجد نيو سعيد آباد

ميمڻ ڪالوني ۾ ٿيڻ واري رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اعتڪاف** ۾ ويهي رهيس. **عاشقانِ رسول** سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جون برڪتون بيان کان ٻاهر آهن. **المختصر مان انهن ڏهن ڏينهن ۾ اهو ڪجهه سکيو جيڪو پوئين تمام زندگيءَ ۾ نہ سکي سگهيو هئس.** مان **اعتڪاف** ۾ئي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** کي مضبوطيءَ سان اختيار ڪري ورتو، اتان ئي مستقل **عمامو شريف** سجائي ورتم، عيد جي ٻئي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏجي **مدني قافلي** ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون تي مدني رنگ چڙهندو ويو ۽ هي بيان قلمبند ڪرڻ وقت تنظيمي طور تي **مدني انعامات** جو ذميدار آهيان.

رحمتیں لوٹنے کے لیے آؤ تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
سنتیں سیکھنے کے لیئے آؤ، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنج بابرڪت راتيون

**حضرتِ** سيّدُنا ابو اُمامه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي." پنج راتيون اهڙيون آهن جن ۾ دعا رد ناهي ڪئي ويندي". (1) رجب جي پهرين رات (2) پندرهين شعبان (3) خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات (4) عيد الفطر جي رات (5) عيد الاضحیٰ جي رات". (الجامع الصغير ص214 حديث 3952)

**حضرت** سيّدُنا خالد بن مِعدان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا" سال ۾ پنج راتيون اهڙيون آهن جيڪو انهن جي تصديق ڪندي ثواب جي نيّت سان

انهن کي عبادت ۾ گذاري تہ الله تعاليٰ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو. (1) رجب جي پهرين رات جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ان جي ڏينهن ۾ روزو رکي (2،3) عيدين (يعني عيد الفطر ۽ عيد الاضحیٰ) جون راتيون جو انهن راتين ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو نہ رکي (عيدين جي ڏينهن روزو رکڻ ناجائز آهي) (4) شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي (5) ۽ شبِ عاشورا (يعني محرم الحرام جي ڏهين رات) جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي.

(غنية الطالبين ص236 دار احياء التراث العربي بيروت)

## پهريون روزو ٽن سالن جي گناهن جو ڪفارو

**حضرت** سيِّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ بي چين دلين جي چين، سَرورِ ڪونين، نبي الحرمين، سيّد الثقلين، امام القبلتين، صاحبِ قاب قوسين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي، ”**رجب** جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ **ٻئي** ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ **ٽئين** ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي“. (الجامع الصغير حديث 5051 ص 311)

## هڪ جنتي نهر جو نالو رجب آهي

**حضرت** سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنّت ۾ هڪ نهر آهي، جنهن کي ”رجب“ چيو ويندو آهي جيڪا کير کان وڌيڪ اڇي ۽ ماکيءَ کان

وڏيڪ مني آهي تہ جيڪو رجب جو هڪ روزو رکي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي انهيءَ نهر مان سيراب ڪندو.“ (شعب الايمان ج3 ص 367 حديث 3800)

## نوراني جبل

**هڪ** ڀيري حضرت سيِّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو گذرڻ هڪ جڳمڳ ڪندڙ نوراني جبل ڪان ٿيو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ خداونديعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون، يـا الله عَزَّوَجَلَّ! هن جبل کي ڳالهائڻ جي قوت عطا فرماءِ. اهو جبل چوڻ لڳو، يا روح الله! (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) توهان ڇا ٿا چاهيو؟ فرمايائون، پنهنجو حال بيان ڪر. جبل چوڻ لڳو،”منهنجي اندر هڪ ماڻهو رهندو آهي“. سيّدنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ الاهيعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، يـاالله عَزَّوَجَلَّ ان کي مون تي ظاهر فرماءِ. اوچتو جبل ٻہ اڌ ٿيو ۽ ان مان چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي هڪ بزرگ ظاهر ٿيو. ان عرض ڪيو،”مان حضرت سيِّدُنا ڪليم الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو امتي آهيان مان الله عَزَّوَجَلَّ ڪان هيءَ دعا ڪئي آهي تـہ هـو مـون کي پنهنجي پياري محبوب، نبي آخِرُ الزّمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بِعْثَتِ مبارڪ تائين زنده رکي تہ جيئن مان انهن جي زيارت بہ ڪريان ۽ انهن جو امتي ٻڻجڻ جو شرف بہ حاصل ڪريان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان هن جبل ۾ ڇهہ سؤ سالن ڪان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول آهيان“. حضرتِ سيِّدُنا عيسىٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا روءِ زمين تي ڪو ٻانهو هن شخص ڪان وڌيڪ بہ تو وٽ مُڪَرَّم آهي؟ ارشاد ٿيو، اي عيسيٰ (عليه السلام)! **امتِ محمدي مان**

**جيڪو ماهِ رجب جو هڪ روزو رکي اهو منهنجي ويجهو هن ڪان به وڌيڪ مڪرم (يعني عزت وارو) آهي.** ( نزهة المجالس ج1 ص 155)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

## هڪ روزي جي فضيلت

مُحّقق علي الاطلاق حضرت شيخ عبدالحق محدث دِهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُاللّٰهِ الۡقَوِی نقل ڪن ٿا ته سلطانِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي: **ماهِ رجب** حُرمت وارن مهينن مان آهي ۽ ڇهين آسمان جي دروازي تي هن مهيني جا ڏينهن لکيل آهن. جيڪڏهن ڪو شخص **رجب** ۾ هڪ روزو رکي ۽ ان کي پرهيزگاريءَ سان پورو ڪري ته اهو دروازو ۽ اهو (روزي وارو) ڏينهن ان ٻانهي جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ڪان مغفرت طلب ڪندا ۽ عرض ڪندا، ياالله عَزَّوَجَلَّ! هن ٻانهي کي بخشي ڇڏ ۽ جيڪڏهن اهو شخص بغير پرهيزگاريءَ جي روزو گذاريندو آهي ته پوءِ اهو دروازو ۽ ڏينهن ان جي بخشش جي درخواست نه ڪندا ۽ ان شخص کي چوندا آهن، ”اي ٻانها! تنهنجي نفس توکي دوکو ڏنو“.

**(ماثبت بالسنة ص342)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته روزي جو مقصد رُڳو بُک ۽ اڃ ناهي، سيني عضون کي گناهن کان بچائڻ به ضروري آهي، جيڪڏهن روزي جي باوجود به گناهن جو سلسلو رهيو ته پوءِ سخت محرومي آهي.

## نوح جي ٻيڙيءَ ۾ رجب جي روزي جي بهار

**حضرتِ سيّدُنا انس** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، ته **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن

رجب جو هڪ روزو رکيو تہ اهو هڪ سال جي روزن جيان هوندو. جنهن ست روزا رکيا ان تي جهنّم جا ست دروازا بند ڪيا ويندا. جنهن اٺ روزا رکيا ان جي لاءِ جنّت جا اٺ دروازا کوليا ويندا. جنهن ڏهہ روزا رکيا اهو الله عَزَّوَجَلَّ کان جيڪو ڪجهہ گهرندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عطا فرمائيندو. ۽ جنهن پندرهن روزا رکيا تہ آسمان مان هڪ مُنادي نِدا ڪندو آهي تہ تنهنجا پويان گناهہ بخشيا ويا پوءِ تون نئين سري سان عمل شروع ڪر جو تنهنجون بُرايون نيڪين ۾ بدلايون ويون ۽ جيڪو وڌيڪ ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي وڌيڪ ڏئي ۽ رجب ۾ نوح (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ پاڻ بہ روزو رکيائون ۽ رفيقن کي بہ روزي جو حڪم ڏنائون. انهن جي ٻيڙي ڏهين محرم تائين ڇهہ مهينا برابر سفر ۾ رهي.

(شعب الايمان ج 3 ص368 حديث 3801)

## جنتي محل

حضرتِ سيّدُنا ابوقِلابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا رجب جي روزيدارن جي لاءِ جنّت ۾ هڪ محل آهي“.

(شعب الايمان ج3 ص368 حديث3802)

## پريشاني ختم ڪرڻ جي فضيلت

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا، ”جيڪو ماهِ رجب ۾ ڪنهن مسلمان جي پريشاني ختم ڪري تہ الله تعالىٰ ان کي جنّت ۾ هڪ اهڙو محل عطا فرمائيندو جيڪو نظر جي حد تائين وسيع هوندو. توهان رجب جو اڪرام ڪريو الله تعالىٰ توهان جو هزار ڪرامتن سان اڪرام فرمائيندو.

(غنية الطالبين ص 234)

## سؤ سالن جي روزن جو ثواب

27 هين رجب المرجب جي عظمتن جو ڇا چئجي! انهيءَ تاريخ تي اسان جي پياري پياري، مٺي مٺي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پهريون ڀيرو وحي نازل ٿي ۽ انهيءَ تاريخ تي معراج جو عظيم الشان معجزو رونُما ٿيو. جيئن ته 27 هين رجب شريف جي روزي جي وڏي فضيلت آهي جيئن حضرتِ سيّدُنا سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته: سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **رجب** ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي، جيڪو ان ڏينهن جو روزو رکي ۽ اها رات نوافل ۾ گذاري، هي سؤ سال جي روزن جي برابر ٿئي ۽ اها 27 هين رجب آهي. انهيءَ تاريخ تي الله عَزَّوَجَلَّ **مُحمّد** (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي مَبْعُوث فرمايو. (شعب الايمان ج2 ص373 حديث 3811)

## هڪ نيڪي سؤ سالن جي نيڪين جي برابر!

**رجب** ۾ هڪ رات آهي جو ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري کي سؤ سالن جي نيڪين جو ثواب آهي ۽ اها رجب جي **ستاويهين رات** آهي جيڪو ان ۾ ٻارهن رڪعتون هن طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورهءِ فاتحه ۽ ڪا به هڪ سورة ۽ هر ٻن رڪعتن تي اَلتَّحِيّات پڙهي ۽ ٻارهن پورين ٿيڻ تي سلام ورائي، ان کانپوءِ 100 ڀيرا هي پڙهي: سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَکْبَر، استغفار سؤ ڀيرا، درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت مان جنهن شيءِ جي چاهي دعا گهري ۽ صبح

جو روزو رکي تہ الله تعاليٰ ان جون سڀ دعائون قبول فرمائي سواءِ ان دعا جي جيڪا گناهہ جي لاءِ هجي. (شعب الايمان ج3 ص 374 حديث 3812)

## 27هين جو روزو ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت،عالمِ شريعت، پيرِطريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا تہ فوائدِ هَناد ۾ حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام " ارشاد فرمايو: ستاويهين **رجب** تي مون کي نبوت عطا ٿي جيڪو هن ڏينهن جو روزو رکي ۽ افطار جي وقت دعا ڪري ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو ٿئي". (فتاویٰ رضويہ تخريج شده ج10 ص 648)

## ست مهينن جي روزن جو ثواب

حديثِ پاڪ ۾ آهي، جيڪو **ستاويهين رجب** جو روزو رکي الله تعاليٰ ان جي لاءِ **ست مهينن** جي روزن جو ثواب لکندو ۽ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ جبرئيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (حضرت) **محمد** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پيغمبري کڻي نازل ٿيو. (تنزيہ الشريعہ ج 2 ص 161 حديث 41)

## 100 سالن جي روزن جو ثواب

**حضرت** سيّدُنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي، الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

ذيشان آهي:”**رجب** ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن ۾ روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري ته جڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ هي **رجب** جي ستاويهين تاريخ آهي. انهيءَ ڏينهن محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ مبعوث فرمايو“. (شعب الايمان ج3 ص 374 حديث 3811)

## دعوت اسلامي ۾ جشن معراج النبي صلی اللہ علیہ وسلم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب کي هڪ خصوصيّت هي به حاصل آهي ته هن جي ستاويهين رات جو اسان جي مٺي مٺي مکي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربُّ العُلٰی جي طرف کان معراج جو معجزو عطا ٿيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ستاويهين رات مسجد الحرام کان مسجدِ اقصیٰ (بيت المقدس) ۽ پوءِ اتان کان آسمانن جو سير فرمايائون. جنّت ۽ دوزخ جا عجائبات ملاحظہ فرمايا. عرش کي پنهنجي قدم بوسيءَ جو شرف بخشيائون ۽ بلڪل سجاڳيءَ جي عالم ۾ کليل اکين سان پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيائون. هي سڄو سفر گهڙي پلڪ ۾ پورو فرمائي واپس تشريف کڻي آيا. رجب المرجب جي ستاويهين رات بيحد عظمت واري آهي. اَلحَمدُ لله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي طرفان هر سال ستاويهين رات جو **جشنِ معراج النبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بيشمار جڳهن تي اجتماع ذڪر و نعت جو انعقاد ڪيو ويندو آهي جن مان لکين **عاشقانِ رسول** فيضياب ٿيندا آهن. منهنجي حُسنِ ظن جي مطابق جشن معراج النبي جو دنيا جو سڀ کان وڏو اجتماع سالن کان

اَلحَمـدُللهِ عَزَّوَجَلَّ بـاب المدينه ڪراچيءَ ۾ ٿينـدو آهـي جيڪـو تقريبًا سڄي رات جاري رهندو آهي.

خدا کی قدرت سے چاند حق کے، کروڑوں منزِل میں جلوہ کرکے

ابھی نہ تاروں کی چھاؤں بدلی، کہ نور کے تڑکے آلیے تھے

## ڪفن جي واپسي

**بصره** جي هڪ نيڪ عورت وفات جي وقت پنهنجي پٽ کي **وصيت** ڪئي تہ مون کي ان ڪپڙي جو ڪفن ڏجانءِ جنهن کي پائي آءُ رجب المرجب ۾ عبادت ڪندي هيس. وفات کان پوءِ پٽ ڪيس ڪنهن ٻئي ڪپڙي ۾ ڪفن ڏئي دفنائي ڇڏيو. جڏهن هو قبرستان کان گهر آيو تہ هي ڏسي ڪري ڪَنبي ويو تہ جيڪو ڪفن ان پارايو هو اهو گهر ۾ موجود هو! جڏهن ان گهبرائي ڪري ماءُ جي **وصيّت وارا ڪپڙا** ڳوليا تہ اهي پنهنجي جاءِ کان غائب هئا. ايتري ۾ هڪ غيبي آواز گونجي اٿيو،"پنهنجو ڪفن واپس وٺو اسان ڪيس انهيءَ ڪپڙي ۾ ڪفنايو آهي (جنهن جي ان وصيّت ڪئي هئي) جيڪو **رجب جا روزا** رکندو آهي اسين ان کي **قبر** ۾ **غمگين** رهڻ ناهيون ڏيندا ." (نزهة المجالس ج1 ص208)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لاڏ ۽ پيار مون کي ضدي بڻائي ڇڏيو هو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رجب المرجب جي روزن جي مدني سوچ ٻڌائڻ، گناهن جي عادت ڇڏائڻ ۽ عبادت جي

لذت ماڻڻ لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. توهان جي ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ **مدني بهار** توهان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن تہ شاهدره (مرڪز الاوليا لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي، مان پنهنجي پيءُ ماءُ جو اڪيلو پٽ هئس، گهڻي لاڏ پيار مون کي حد درجي جو **ضدي** ۽ ماءُ پيءُ جو سخت نافرمان بڻائي ڇڏيو هو. سڄي رات اجايو رلندو هوس ۽ صبح دير تائين سمهندو هوس. ماءُ پيءُ سمجهائيندا هئا تہ انهن کي دڙڪا ڏيندو هوس. اهي ويچارا ڪڏهن ڪڏهن روئي پوندا هئا. دعائون گهرندي گهرندي امڙ جون اکيون آليون ٿي ينديون هيون. ان عظيم گهڙيءَ تي لک سلام جنهن "گهڙي" مون کي **دعوتِ اسلامي** واري هڪ عاشقِ رسول سان ملاقات جي سعادت ملي ۽ ان محبت ۽ پيار سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون پاپي ۽ بدڪار کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو. جيئن تہ آءُ **عاشقانِ رسول** سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. نہ ڄاڻ انهن عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي اندر ڇا گهوٽي پيئاريو جو مون جهڙي ضدي انسان جي **پٿر جهڙي دل** جيڪا ماءُ پيءُ جي ڳوڙهن سان بہ نہ پگهرندي هئي ميڻ بڻجي وئي. منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ مان مدني قافلي مان **نمازي** بڻجي موٽيس. گهر اچي مون سلام ڪيو، والد صاحب جا هٿ چميا ۽ **امڙ** جا بہ پير چُميا. گهر وارا حيران ٿيا! تہ هن کي ڇا ٿي ويو آهي، جو ڪالهہ تائين جيڪو

ڪنهن جي ڳالهه ٻُڌڻ جي لاءِ تيار نہ هو اُهو اڄ ايڏو باادب ٿي ويو آهي! اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت مون کي بلڪل بدلائي ڇڏيو ۽ هي بيان ڏيڻ وقت مون اڳوڻي بي نمازيءَ کي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي يعني **صداءِ مدينه** لڳائڻ جي ذميداري مليل آهي. (**دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ اٿارڻ کي صداءِ مدينه لڳائڻ چوندا آهن)

گر چه اعمالِ بد، اور اَفعالِ بد — نے ہے رُسوا کیا، قافلے میں چلو
کر سفر آؤ گے، تم سُدھر جاؤ گے — مانگو چل کر دُعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحبت جي متعلق ٽي روايتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **عاشقانِ رسول** جي صحبت ڪهڙيءَ طرح هڪ بي نمازي نوجوان کي ٻين کي نماز جي دعوت ڏيڻ وارو بڻائي ڇڏيو! انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ صحبت ضرور رنگ لائيندي آهي، سٺي صحبت سٺو ۽ بُري صحبت بُرو بڻائيندي آهي. تنهنڪري هميشه **عاشقانِ رسول** جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ ٽي احاديثِ مبارڪ ذڪر ڪيون وڃن ٿيون. ﴿1﴾ سٺو ساٿي اهو آهي جو جڏهن تون خدا عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪرين تہ هو تنهنجي مدد ڪري ۽ جڏهن تون وسارين تہ هو ياد ڏياري. (الجامع الصغير للسيوطي ص 244 حديث 3999) ﴿2﴾ سٺو همنشين (يعني سٺو ساٿي) اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توکي الله عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي ۽ ان جو عمل توکي آخرت جي ياد ڏياري. (ايضًا ص 247 حديث 4063) ﴿3﴾ امير

**المؤمنين** حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو، اهڙي شيءِ ۾ نہ پئو جيڪا توهان جي لاءِ مُفيد نہ هجي ۽ دشمن کان الڳ رهو ۽ دوست کان بچندا رهو پر جڏهن جو هو امين (يعني امانتدار) هجي تہ امين جي برابري جو ڪو ناهي ۽ امين اهو ئي آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي ۽ فاجر (يعني الله و رسول جي نافرمان) سان گڏ نہ ويهو جو هو توهان کي فُجُور (يعني نافرماني) سيکاريندو ۽ ان جي سامهون راز جي ڳالهہ نہ چئو ۽ پنهنجي ڪم ۾ انهن کان مشورو وٺو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا آهن. (ڪنزالعمال ج 9 ص75 الحديث 25565)

## بُري صحبت جي ممانعت

**بي نمازين**، گاريون ڏيڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ وارن، ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وعدي خلافي ڪرڻ وارن، چورن، رشوت خورن، شرابين، فاسقن ۽ فاجرن گڏوگڏ بد مذهبن ۽ ڪافرن جي صحبتن جي شريعت ۾ ممانعت آهي بنا ڪنهن شرعي مصلحت جي بنا صحيح عذر جي جاڻي واڻي انهن جي صحبت ۾ ويهڻ وارو گناهگار آهي. فتاوىٰ رضويه ج 22 ص 237 تي آهي، منهنجي آقا **اعلىٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي خدمت ۾ استفسار ڪيو ويو: زاني ۽ دَيُّوث (يعني جيڪو پنهنجي گهر واري يا ڪنهن بہ محرم جي بي پردگيءَ تي غيرت نہ ڪائيندو هجي، طاقت هوندي منع نہ ڪندو هجي) کان ڪيتريقدر پاسو ڪرڻ گهرجي؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون: زاني ۽ دَيُّوث فاسق آهن انهن وٽ اٿڻ ويهڻ ۽ ميل جول کان پاسو ڪرڻ گهرجي". هي جواب ڏيڻ کانپوءِ پاڻ ستين سيپاري جي سورة الانعام جي آيت نمبر 68 تحرير فرمائي جنهن ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ٿئي ٿو:

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وساراڻي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان هن آيتِ مبارڪہ جي تحت فرمائن ٿا، هن مان معلوم ٿيو تہ بُري صحبت کان بچڻ نهايت ضروري آهي. بُرو دوست بُري نانگ کان بدترآهي جو بُرو نانگ جان وٺندوآهي ۽ بُرو دوست ايمان برباد ڪندو آهي. (نورالعرفان ص 215)

رجب کا واسطہ ہم سب کی مغفرت فرما
الٰہی جنّتِ فردوس مرحمت فرما

## شعبان المعظم جا روزا

### آقا صلی اللہ علیہ وسلم جو مهينو

رسولِ اڪرم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، شافعِ اممِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شعبان المعظم جي باري ۾ فرمانِ مڪرم آهي، شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان المبارڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. (الجامع الصغير الحديث 4779 ص 301)

## شعبان جون تجليون ۽ برڪتون

لفظ شعبان ۾ پنج حرف آهن. ش، ع، ب، ا، ن. ش مان مراد شرف يعني بزرگي، ع مان مُراد عُلُوّ يعني بلندي، ب مان مُراد بِرّ يعني ڀلائي ۽ احسان، ا مان مُراد اُلفت ۽ ن مان مُراد نُور آهي تہ هي سيئي شيون الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن کي هن مهيني ۾ عطا فرمائيندو آهي، هي اهو مهينو آهي جنهن ۾ نيڪين جا دروازا کوليا ويندا

آهن، برڪتن جو نُزول ٿيندو آهي، خطائون ترڪ ڪيون وينديون آهن ۽ گناهن جو ڪفارو ادا ڪيو ويندو آهي ۽ **خيرالبريه سيّد الورىٰ** جناب محمد مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي؛ هي نبي مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلڻ جو مهينو آهي.“ **(غنية الطالبين ج 1 ص 246)**

## صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جذبو

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا:”ماهِ شعبان المعظم جو چنڊ نظر ايندي ئي صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪيندا هئا ته جيئن ڪمزور ۽ مسڪين ماڻهو ماهِ رمضان المبارڪ جي روزن جي لاءِ تياري ڪري سگهن، حاڪم قيدين کي طلب ڪري جنهن تي ”حد“(سزا) قائم ڪرڻي هوندي هئي انهن تي حد قائم ڪندا هئا بقايا کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا، واپاري پنهنجو قرض ادا ڪندا هئا، ٻين کان پنهنجو قرض وصول ڪندا هئا. (ائين ماهِ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچڻ کان پهريان ئي پنهنجو پاڻ کي فارغ ڪري ڇڏيندا هئا) ۽ رمضان شريف جو چنڊ نظر ايندي ئي غسل ڪري (ڪجهه حضرات سڄي مهيني جي لاءِ) اعتڪاف ۾ ويهندا هئا.“ **(غنية الطالبين ج 1 ص246)**

## موجوده مسلمانن جو جذبو

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! پهريان جي مسلمانن کي عبادت جو ڪيتري قدر ذوق هيو! پر افسوس! اڄڪلهه جي مسلمانن کي سڀ کان وڌيڪ حصولِ مال جو ئي شوق آهي. پهريان جا مدني سوچ

رکڻ وارا مسلمان مبارڪ ڏينهن ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي گهڻي کان گهڻي عبادت ڪري ان جو قرب حاصل ڪندا هئا ۽ اڄڪلهه جا مسلمان مبارڪ ڏهاڙن خاص ڪري ماهِ صِيام (يعني رمضان شريف) ۾ دنيا جي ذليل دولت ڪمائڻ جون نيون نيون ترڪيبون سوچيندا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي مهربان ٿي ڪري نيڪين جو ثواب خوب وڌائي ڇڏيندو آهي. پر بدنصيب ماڻهو رمضان المبارڪ ۾ پنهنجي شين جو اگهه وڌائي پنهنجي مسلمان ڀائرن ۾ قرمار مچائيندا آهن. آه! آه! آه!

اے خاصہِ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے اُمّت پہ تری آکے عَجَب وَقْت پڑا ہے
فَریاد ہے اے کِشتیِ اُمّت کے نگہباں بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

## رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روزا

**سرڪارِ** مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب وسينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه، باعثِ نُزولِ سڪينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي،"رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل **شعبان** جا روزا آهن، رمضان جي تعظيم لاءِ." (شعب الايمان ج3ص377حديث3819)

## شعبان جا اڪثر روزا رکڻ سنت آهي

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: حضورِاڪرم، نورِ مجسم، شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي مون **شعبان** کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نه ڏٺو. ٻاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سواءِ ڪجهه ڏينهن جي پوري ئي مهيني جا روزا رکندا هئا. (ترمذي ج2ص182حديث736)

## مرڻ وارن جي فهرست ٻڌائي ويندي آهي

أُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فرمائن ٿيون: ”حضورِ انور، شافعِ محشر، مديني جا تاجوَر، باذنِ ربّ اکبر، غيبن کان باخبر، محبوب داوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوري شعبان جا روزا رکندا هئا.“ فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو، ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا سيني مهينن ۾ توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو تمام گهڻو پسنديده **شعبان جا روزا رکڻ** آهي؟“ ته شفيع روزِ شمار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ان سال مرڻ واري هر جان ڪي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي ته منهنجو رخصت وارو وقت اچي ۽ مان روزيدار هجان.“ (مُسند ابو يعلي ج4ص277حديث 4890)

## پسنديده مهينو

حضرت سيّدُنا عبدالله بن ابي قيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي جو انهن حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کي فرمائيندي ٻُڌو، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده مهينو **شعبان المعظم** هيوان ۾ روزورکندا هئا پوءِ ان کي **رمضان** سان ملائي ڇڏيندا هئا. (ابو داود ج 2 ص476 حديث 2431)

## ماڻهو شعبان جي اهميت کان غافل آهن

**حضرت** سيّدُنا اسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي شعبان جا روزا رکندي ڏسان ٿو جو توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ٻه مهيني ۾ هن طرح روزا ناهيو رکندا. فرمايائون: ”رجب ۽ رمضان جي وچ ۾ هي مهينو آهي ماڻهو هن کان غافل آهن. هن ۾ ماڻهن جا

اعمال الله رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي طرف کنيا ويندا آهن. ۽ مون کي هي محبوب آهي يا منهنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان.“

(سنن نسائي ج4 ص 200)

## طاقت جي مطابق عمل ڪريو

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا نہ رکندا هئا جو پوري شعبان جا ئي روزا رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا پنهنجي طاقت جي مطابق عمل ڪريو جو الله عَزَّوَجَلَّ ان وقت تائين پنهنجو فضل ناهي روڪيندو جيستائين توهان بيزار نہ ٿيو. بيشڪ ان جي ويجهو پسنديده (نفل) نماز اها آهي جو جنهن تي هميشگي اختيار ڪئي وڃي جيتوڻيڪ جو گهٽ هجي. تہ پوءِ جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪا نماز(نفل) پڙهندا هئا تہ ان تي هميشگي اختيار فرمائيندا هئا.

(صحيح بخاري ج1 ص 648 حديث 1970)

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا. جاٽايل حديثِ پاڪ ۾ پوري ماهِ شعبان المعظم جي روزن مان مراد اڪثر شعبان المعظم جا روزا آهن.

(مڪاشفة القلوب ص 303)

جيڪڏهن ڪو پوري شعبان المعظم جا روزا رکڻ چاهي تہ ان کي ممانعت بہ ناهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ رجب المرجب ۽ شعبان المعظم ٻنهي مهينن ۾

روزا رکڻ جي ترکيب هوندي آهي ۽ مسلسل روزا رکندي اهي حضرات رمضان المبارک سان ملي ويندا آهن. توهان به روزن ۽ سنّتن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو. ترغيب جي لاءِ هڪ مُشڪبار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو جيئن ته:

## مان لغڙ اڏائڻ جو شوقين هئس

**باب المدينه ڪراچي** جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي تحرير کي بالتصرف (يعني پنهنجي طرفان ضروري جوڙجڪ ڪري) پيش ڪريان ٿو: افسوس! منهنجي پوئين زندگي سخت گناهن ۾ گذري، آءُ **لغڙ اڏائڻ جو شوقين هئس** گڏوگڏ وڊيو گيمز ۽ ڇڊي راند کيڏڻ وغيره منهنجي مشغلن ۾ شامل هئا هر هڪ جي معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ، هرويرو ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ وغيره منهنجا معمولات هئا. خوش قسمتيءَ سان هڪ اسلامي ڀاءَ جي **انفرادي ڪوشش** تي مان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ علائقي جي مسجد ۾ معتڪف ٿي ويس. مون کي تمام سٺا سٺا خواب نظر آيا ۽ ڏاڍو سُڪون مليو. مون وڏيڪ به سال اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. هڪ ڀيري اسان جي مسجد جي مؤذن صاحب **انفرادي ڪوشش** ڪري مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ هفتيوار **سنتن ڀريءَ اجتماع** ۾ وٺي آيو. هڪ مبلغ بيان ڪري رهيو هو. سفيد لباس ۽ چادر ۾ ملبوس، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامي شريف جي تاج وارو اهڙو

بارونق چهرو مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ئي ڏٺو هو. مبلغ جي چهري جي ڪشش ۽ نورانيّت منهنجي دل موهي ڇڏي ۽ مان دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** ۾ اچي ويس ۽ هاڻي ٻن سالن کان عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** باب المدينه ۾ ئي اعتڪاف ڪندو آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون هڪ **مٺ ڏاڙهي** به سجائي ورتي آهي.

مست هر دم رہوں میں دیدے الفت کا جام یاالله

بھیک دیدے غمِ مدینہ کی بہرِ شاہِ انام یاالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان کان پوءِ ڪهڙو مهينو افضل آهي

**حضرت** سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوب پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه بيڪس پناهه ۾ عرض ڪيو ويو ته رمضان کان پوءِ ڪهڙو روزو افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: ” **رمضان** جي تعظيم لاءِ **شعبان** جو“. پوءِ عرض ڪيو ويو ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ فرمايائون: ” **رمضان** جي مهيني ۾ **صدقو** ڪرڻ “

**(جامع ترمذي ج2 ص 145 حديث 663)**

## پندرهين رات ۾ تجلي

**حضرتِ** سيّدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوب ربُّ الْعزت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، الله عَزَّوَجَلَّ شعبان جي پندرهين رات ۾ تجلي فرمائيندو آهي. استغفار (يعني توبهه) ڪرڻ وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي ۽ طالبِ رحمت تي رحم فرمائيندو آهي ۽

عداوت وارن کي جنهن حال تي آهن انهيءَ تي ڇڏي ڏيندو آهي“.

(شعب الايمان ج3 ص382حديث3835)

## عداوت واري جي شامت

**حضرت** سيِّدُنا مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي، سلطانِ مدينهءِ منوره، شهنشاهِ مکهءِ مکرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، **شعبان جي پندرهين رات** ۾ الله عَزَّوَجَلَّ سڀني مخلوق جي طرف تجلي فرمائيندو آهي ۽ سڀني کي بخشي ڇڏيندو آهي پر **ڪافر** ۽ **عداوت** واري کي (ناهي بخشيندو).

(صحيح ابن حبان ج7 ص 470 حديث 5636)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جن ٻن مسلمانن ۾ ڪا دنياوي عداوت هجي ته انهن کي گهرجي ته **شبِ براءَت** اچڻ کان پهريان پهريان هڪ ٻئي کي مُعاف ڪري ڇڏين ته جيئن مغفرت الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ اهي به شامل ٿين. انهن ئي احاديثِ مبارڪ جي مطابق بحمده تعالیٰ مدينة المرشد بريلي شريف ۾ منهنجي آقا **اعلیٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هي طريقو مقرر فرمايو هيو ته **14 شعبان المعظم** جي رات اچڻ کان پهريان مسلمان پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا قصور مُعاف ڪرائيندا هئا. مدني التجا آهي ته هر جاءِ تي **اسلامي ڀائر** به ائين ئي ڪن ۽ **اسلامي ڀينرون** به فون وغيره جي ذريعي پاڻ ۾ مُعافي تلافي ڪري ڇڏين.

## امام اهلسنت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو پيغام

**شبِ براءَت** قريب آهي، هن رات تمام ٻانهن جا اعمال حضرتِ عزّت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۾ پيش ٿيندا آهن. مولیٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيلِ حضورِ پُرنور، شافع يَومُ النُّشور عَلَيْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِيْم مسلمانن جا ذُنوب (گناهـ)

معاف فرمائيندو آهي پر ڪجهه انهن مان اهي به مسلمان جيڪي پاڻ ۾ دنياوي سبب ڪان رنجش رکندا آهن فرمائيندو آهي، هنن کي ڇڏي ڏيو. جيستائين پاڻ ۾صلح نه ڪن. هڪ ٻئي جا حقوق ادا ڪري ڇڏين يا معاف ڪرائي ڇڏين جو بإذنه تعالٰى حقوق العباد کان اعمال نامه خالي ٿي ڪري بارگاهه عزّتعَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ٿين. حقوقِ مولٰى تعالٰى جي لاءِ سچي توبهه ڪافي آهي.”اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ “(يعني گناهه کان توبهه ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ ان گناهه ڪيو ئي ناهي) اهڙي حالت ۾ بإذنه تعالٰى ضرور هن رات ۾ مغفرت جي اميد آهي پر شرط آهي ته عقيدو صحيح هجي. وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْم پائرن ۾ صلح ڪرائڻ ۽ حقوق مُعاف ڪرڻ جي هيءَ سنّت بحمده تعالٰى هتي ڪافي سالن کان جاري آهي. اميد آهي توهان به اتان جي مسلمانن ۾ جاري ڪري مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهٗ اَجْرُهَا وَاَجْرُمَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ (يعني جيڪو اسلام ۾ سنو طريقو ڪڍي ان جي لاءِ هن جو ثواب آهي ۽ قيامت تائين جيڪي ان تي عمل ڪن انهن سيني جو ثواب هميشه ان جي نامهءِ اعمال ۾ لکيو ويجي بغير ان جي جو ان جي ثوابن ۾ ڪجهه گهٽتائي اچي) جي مثال وانگر. ۽ هن فقير جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ مغفرت ۽ عافيّت جي دعا فرمايو. فقير توهان جي لاءِ دعا ڪري ٿو ۽ ڪندو. (اِنْ شَآءَاللهُعَزَّوَجَلَّ) سيني مسلمانن کي سمجهايو وڃي جو اتي نه خالي زبان ڏني ويندي آهي نه نفاق پسند آهي. صلح و مُعافي سڀ سچيءَ دل سان هجي.

والسّلام: فقير احمد رضا قادري از بريلي

## شب براءَت ۾ محروم رهڻ وارا ماڻهو

**سيدتنا** عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي، حضور سراپا نور، فيض گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، مون وٽ **جبريل** عَلَيْهِ السَّلَام آيو ۽ چيائين هيءُ **شعبان جي پندرهين رات** آهي هن ۾ الله تعالیٰ **جهنم** کان ايترن کي آزاد فرمائيندو آهي جيترا **بني ڪلب** جي ٻڪرين جا وار آهن پر ڪافر ۽ عداوت واري ۽ رشتو ٽوڙڻ واري ۽ (تڪبرسان ٽخنين کان هيٺ) ڪپڙا لڙڪائڻ واري ۽ پيءُ ماءُ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ شراب جي عادي جي طرف رحمت جي نظر ناهي فرمائيندو.

**(شعب الايمان ج3ص 383 حديث3837)**

**حضرتِ** سيّدُنا امام احمد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرتِ سيّدُنا **عبدالله** ابن عمر ابنِ زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان جيڪا روايت ڪئي ان ۾ قاتل جو به ذڪر آهي. **(مُسند امام احمد ج2 ص 589 حديث 6653)**

## سيني جي مغفرت سواءِ...

**حضرت** سيّدُنا ڪثير بن مُره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوب ربُّ العِزَّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ شعبان جي پندرهين رات ۾ سڀني زمين وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي سواءِ ڪافر ۽ عداوت واري جي. **(المتجر الرابح ص 376 حديث769)**

## شب براءَت ۾ جيڪو چاهيو گهري وٺو!

**امير المؤمنين** حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضیٰ شير خدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْڪَرِيْم کان روايت آهي، ”نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ،

سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا،”جڏهن **شعبان جي پندرهين رات** اچي وڃي تہ ان رات ۾ قيام ڪريو ۽ **ڏينهن** ۾ روزو رکو ڇو تہ رب **تبارڪ** و **تعالیٰ** سج لهڻ سان آسمانِ دنيا تي خاص **تجلي** فرمائيندو ۽ چوندوآهي، **آهي** ڪومون ڪان بخشش طلب ڪرڻ وارو تہ ان ڪي بخشي ڇڏيان! **آهي** ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو تہ ان ڪي روزي ڏئي ڇڏيان، آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل تہ ان ڪي عافيّت بخشيان! **آهي** ڪو اهڙو! **آهي** ڪو اهڙو! ۽ هي فجر ظاهر ٿيڻ تائين فرمائيندو آهي.

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 160 حديث 1388)

## حضرت داود عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا

**امير المؤمنين** حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضیٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم شعبان المعظم جي پندرهين رات اڪثر ٻاهر تشريف ڪٽي ايندا هئا. هڪ ڀيري اهڙيءَ طرح **شبِ براءَت** ۾ ٻاهر تشريف ڪٽي آيا ۽ آسمان ڏانهن نظر ڪٽي ڪري فرمايائون، هڪ ڀيري الله عَزَّوَجَلَّ جي نبي حضرتِ داود عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آسمان ڏانهن نظر ڪنئي ۽ فرمايو: هي اهو وقت آهي جو ان وقت ۾ جنهن شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان جيڪا دعا گهري الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دعا قبول فرمائي ۽ جنهن مغفرت طلب ڪئي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي پر شرط اهو آهي تہ دعا گهرڻ وارو عُشّار (يعني ظلم جي طور تي ٽيڪس وٺڻ وارو)، جادوگر، ڪاهِن، نجومي، (ظالم) پوليس وارو، بادشاهہ جي سامهون چُغلي هڻڻ وارو، ڳائڻو ۽ باجا وڄائڻ وارو نہ هجي، پوءِ هي دعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ دَاوٗدَ اغْفِرْ لِمَنْ دَعَاكَ فِيْ هٰذِهِ اللَّيْلَةِ اَوِاسْتَغْفَرَكَ فِيْهَا يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي داود (عَلَيْهِ السَّلَام) جا رب عَزَّوَجَلَّ جيڪو هن رات ۾

تو کان دعا گهري يا مغفرت طلب ڪري تون ان کي بخشي ڇڏ.“
(ماثبت بسنة ص 354)

**شبِ براءَت جي تعظيم**

**شامي** تابِعين عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان شبِ براءَت جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا ۽ ان ۾ **خوب عبادت** ڪندا هئا، انهن کان ٻين مسلمانن ان رات جي تعظيم سکي. ڪجهه علماءِ شام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمايو، شبِ براءَت ۾ مسجد جي اندر اجتماعي عبادت ڪرڻ مستحب آهي. حضرتِ سيِّدُنا خالد و لقمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ۽ ٻين تابعينِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هن رات (جي تعظيم جي لاءِ) بهترين ڪپڙا پائيندا هئا، سرمو ۽ خوشبو لڳائيندا هئا، مسجد ۾ (**نفل**) نمازون ادا فرمائيندا هئا. (لطائف المعارف ص 263)

**پلائين واريون راتيون**

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيِّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا روايت فرمائن ٿيون: مون نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم کي فرمائيندي ٻُڌو، الله عَزَّوَجَلَّ (خاص طور تي) چار راتين ۾ ڀلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي ﴿1﴾ عيد الاضحیٰ جي رات ﴿2﴾ عيدالفطر جي رات ﴿3﴾ شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽ (هن سال) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن ﴿4﴾ عرفه (9 ذوالحجه) جي رات اذانِ (فجر) تائين (الدرالمنثور ج7ص402)

**گهوٽ جو نالو مُردن جي فهرست ۾**

**سرڪارِ** مدينه، سُرور قلب وسينه، فيض گنجينه، صاحب معطر پسينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”(ماڻهن جون زندگيون هڪ شعبان کان ٻئي شعبان ۾ منقطع ٿينديون آهن ايستائين جو هڪ ماڻهو نڪاح ڪندو آهي ان جي اولاد ٿيندي آهي جڏهن ته ان

جو نالو مُردن ۾ لکيل هوندو آهي.“ (کنزالعمال ج15 ص292 حديث 42773)

## گهر ٺاهڻ وارو مُردن جي فهرست ۾

**حضرتِ** سيِّدُنا امام ابن ابي الدنيا رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرتِ سيِّدُنا عطا بن يسار رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان روايت ڪن ٿا تہ جڏهن نصف شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) ايندي آهي تہ ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام کي هڪ **صحيفو** ڏنو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي: هن **صحيفي** کي پڪڙيو، هڪ ماڻهو بستر تي ليٽيل هوندو ۽ عورتن سان نڪاح ڪندو ۽ گهر نهرائيندو جڏهن تہ ان جو نالو مُردن ۾ لکجي چُڪو هوندو. (الدرالمنثور ج7 ص 402)

## سڄي سال جي معاملن جي ورهاست

حضرتِ سيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا:”هڪ ماڻهو ماڻهن جي وچ ۾ هلي رهيو هوندو آهي جڏهن تہ اهو مُردن ۾ اتاريل هوندو آهي.“پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ 25 هين سيپاري ۾ سُوۡرَةُ الدُّخَانِ جي آيت نمبر 3 ۽ 4 تلاوت ڪئي.

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِیۡ لَیۡلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنۡذِرِیۡنَ ﴿۳﴾ فِیۡهَا یُفۡرَقُ كُلُّ اَمۡرٍ حَكِیۡمٍ ﴿۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: (بيشڪ اسان ان کي برڪت واري رات ۾ لاٿو بيشڪ اسان ڊيڄاريندڙ آهيون ان ۾ ورهايو ويندو آهي هر حڪمت وارو ڪم)

پوءِ فرمايائون: هن رات ۾ هڪ سال کان ٻئي سال تائين دنيا جي معاملن جي تقسيم ڪئي ويندي آهي. (تفسير طبري ج11 ص 223) **مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰہِ الۡحَنَّان مذڪوره آياتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: ” هن رات مان مُراد يا شب قدر آهي ستاويهين رات يا **شب معراج يا شب براءَت پندرهين شعبان**، هن رات ۾ پورو **قرآن لوح محفوظ** کان دنياوي آسمان جي طرف لاٿو ويو پوءِ اتان کان ٿيويهن

سالن جي عرصي ۾ ٿورو ٿورو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي لٿو. هن آيت مان معلوم ٿيو ته جنهن رات ۾ قرآن لٿو اها مبارڪ آهي، ته جنهن رات ۾ صاحبِ قرآن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا اها به مبارڪ آهي. هن رات ۾ سڄي سال جو رزق، موت، زندگي، عزّت ۽ ذلت مطلب ته تمام انتظامي امور لوح محفوظ کان فرشتن جي صحيفن ۾ نقل ڪري هر صحيفو ان ڪاتي جي فرشتن کي ڏنو ويندو آهي، جيئن ملڪ الموت عَلَیْہِ السَّلَام کي تمام مرڻ وارن جي فهرست وغيره. (نورالعرفان ص 790)

## نازڪ فيصلا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم جي پندرهين رات ڪيتري نازڪ آهي! نه ڄاڻ قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي. آه! ڪنهن وقت ماڻهو غفلت ۾ پيو هوندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهه جو ڪجهه ٿي چڪو هوندو آهي. جيئن ته "**غنية الطالبين**" ۾ آهي: " گهڻن ماڻهن جا ڪفن ڌوپجي تيار ٿيل هوندا آهن پر **ڪفن پائڻ وارا** بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن، ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون **قبرون** کوٽيل تيار هونديون آهن پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن، ڪيترائي ماڻهو کِلي رهيا هوندا آهن حالانڪ انهن جي هلاڪت جو وقت قريب اچي چڪو هوندو آهي، نه ڄاڻ ڪيترن ئي **گهرن جي تعميرات** مڪمل ٿيڻ واري هوندي آهي پر گهر جي مالڪ جي **موت** جو وقت به ويجهو اچي چُڪو هوندو آهي.
(غنية الطالبين ج1 ص 251)

آگاہ اپنی موت سے کوئی بَشَر نہیں
سامان سو برس کا پَل کی خبر نہیں

**قابل توجهه مدينا**

**شبِ براءَت** ۾ اعمال ڪنيا ويندا آهن. تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته چوڏهين **شعبان المعظم** جو به روزو رکيو وڃي ته ان ڏينهن ٽيپهري جي نماز پڙهي مسجد ۾ **نفلي اعتڪاف** جي نِيَّت سان ويهي رهو ته جيئن **اعمال** ڪٽڻ واري رات اچڻ کان پهريان جي گهڙين ۾ مسجد جي حاضري ۽ **اعتڪاف وغيره** لکيو وڃي ۽ **شبِ براءَت** جي شروعات مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ ٿئي.

**مغرب کان پوءِ ڇهه نوافل مدينا**

**مغرب** جي فرض ۽ سنّت وغيره کان پوءِ **ڇهه** رڪعتون **خصوصي نوافل** ادا ڪرڻ معمولات اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی مان آهي پر مغرب جي فرض ۽ سنّت وغيره ادا ڪري **ڇهه رڪعتون نفل** ٻه ٻه رڪعتون ڪري ادا ڪريو. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي عرض ڪريو ته يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان **عمر درازي بالخير** عطا فرماءِ ٻين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان عرض ڪريو يا اللهعَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان **مصيبتن** کان منهنجي **حفاظت** فرماءِ ۽ ٽين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان هن طرح نيّت ڪريو يا الله عَزَّوَجَلَّ **هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي رُڳو پنهنجو محتاج رک غيرن جي محتاجيءَ کان محفوظ فرماءِ**، هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪيهه ڀيرا **قل هوالله** يا هڪ ڀيرو سورهءِ **يٰسين** پڙهو پر ٿي سگهي ته ٻئي پڙهي ڇڏيو. هي به ٿي سگهي ٿو ته هڪ اسلامي ڀاءُ يٰسين شريف بلند آواز سان پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ٻڌن، هن ۾ هي خيال رکو ته ٻيو هن دؤران زبان سان يٰسين شريف نه پڙهي. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ رات شروع ٿيندي ئي ثواب جا انبار لڳي ويندا. هر ڀيري يٰسين شريف کان پوءِ دعاءِ **نصفِ شعبان** به پڙهو.

## دعاءِ نصفِ شعبان

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

اَللّٰهُمَّ يَا ذَاالۡمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيۡهِ ط يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَامِ ط يَا
ذَاالطَّوۡلِ وَالۡاِنۡعَامِ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ ظَهۡرُ اللَّاجِيۡنَ ط وَجَارُ
الۡمُسۡتَجِيۡرِيۡنَ وَاَمَانُ الۡخَآئِفِيۡنَ ط اَللّٰهُمَّ اِنۡ كُنۡتَ كَتَبۡتَنِيۡ عِنۡدَكَ
فِيۡٓ اُمِّ الۡكِتٰبِ شَقِيًّا اَوۡ مَحۡرُوۡمًا اَوۡ مَطۡرُوۡدًا اَوۡ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِي
الرِّزۡقِ فَامۡحُ اللّٰهُمَّ بِفَضۡلِكَ شَقَاوَتِيۡ وَحِرۡمَانِيۡ وَطَرۡدِيۡ وَاقۡتِتَارِ
رِزۡقِيۡ ط وَاَثۡبِتۡنِيۡ عِنۡدَكَ فِيۡ اُمِّ الۡكِتٰبِ سَعِيۡدًا مَّرۡزُوۡقًا مُّوَفَّقًا
لِّلۡخَيۡرَاتِ ط فَاِنَّكَ قُلۡتَ وَقَوۡلُكَ الۡحَقُّ فِيۡ كِتَابِكَ الۡمُنَزَّلِ ط عَلٰى
لِسَانِ نَبِيِّكَ الۡمُرۡسَلِ ط يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۚ وَعِنۡدَهٗٓ اُمُّ
الۡكِتٰبِ ۝ اِلٰهِيۡ بِالتَّجَلِّي الۡاَعۡظَمِ ط فِيۡ لَيۡلَةِ النِّصۡفِ مِنۡ شَهۡرِ
شَعۡبَانَ الۡمُكَرَّمِ ط اَلَّتِيۡ يُفۡرَقُ فِيۡهَا كُلُّ اَمۡرٍ حَكِيۡمٍ وَّيُبۡرَمُ ط اَنۡ
تَكۡشِفَ عَنَّا مِنَ الۡبَلَاءِ وَالۡبَلۡوَاءِ مَا نَعۡلَمُ وَمَا لَا نَعۡلَمُ ط وَاَنۡتَ
بِهٖ اَعۡلَمُ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡاَعَزُّ الۡاَكۡرَمُ ط وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا
مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ط وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع جيڪو تمام مهربان رحمت وارو

**اي الله** عَزَّوَجَلَّ! اي احسان ڪرڻ وارا جو جنهن تي احسان نہ ڪيو ويندو آهي! اي وڏي شان ۽ شوڪت وارا! اي فضل ۽ انعام وارا! توکان سواءِ ڪو معبود ناهي تون پريشان حالن جو مددگار، پناهہ گهرڻ وارن کي پناهہ ۽ خوفزده ٿيڻ وارن کي امان ڏيڻ وارو آهين، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون پاڻ وٽ **ام الڪتاب** (يعني لوح محفوظ) ۾ مون کي شقي (بد بخت)، **محروم**، ڌڪاريل ۽ رزق ۾ تنگي ڏنل لکي چُڪو آهين تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي فضل سان منهنجي بد بختي، محرومي، ذلت ۽ رزق جي تنگيءَ کي مٽائي ڇڏ ۽ پاڻ وٽ **ام الڪتاب** ۾ مون کي خوش بخت، رزق ڏنل، ۽ ڀلائيءَ جي توفيق ڏنل درج فرمائي ڇڏ. جو تون ئي پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ پنهنجي ئي موڪليل نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان تي فرمايو ۽ تنهنجو فرمان حق آهي."الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو چاهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت ڪندو **(لکندو)** آهي ۽ اصل لکيل تہ انهيءَ وٽ ئي آهي." (ڪنزالايمان سيپارو13،الرعد:39) **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! تجلي اعظم جي وسيلي سان جيڪا نصفِ شعبان المکرم جي (پندرهين) رات ۾ آهي جو جنهن ۾ ورهايو ويندو آهي جيڪو حڪمت وارو ڪم ۽ اٽل ڪيو ويندو آهي. **(يا الله!)** مصيبتن ۽ رنجشن کي اسان کان دور فرماءِ جو جن کي اسين ڄاڻون ٿا ۽ نہ بہ ڄاڻون ٿا جڏهن تہ تون انهن کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهين، بيشڪ تون سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ عزت وارو آهين. الله تعالیٰ اسان جي سردار محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سندن جي آل و اصحاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم تي درود وسلام موڪلي. سڀ خوبيون سيني جهانن جي پالڻ واري الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن.

## سگِ مدينه جي مدني التجا

الحمدلله سگِ مدينه (راقم الحروف) جو سالن کان شبِ براءَت ۾ ڇهه نوافل ادا ڪرڻ جو معمول آهي. مغرب کان پوءِ ڪئي ويندڙ هيءَ عبادت **نفلي** آهي فرض يا واجب ناهي ۽ مغرب کان پوءِ نوافل ۽ تلاوت جي شريعت ۾ ڪٿي ممانعت بہ ناهي انهيءَ ڪري ٿي سگهي تہ سيئي **اسلامي ڀائر** پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ ماڻهن کي ترغيب ڏياري هنن نوافل جو اهتمام فرمائن ۽ بيشمار ثواب ڪمائين. **اسلامي ڀينرون** پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ نوافل ادا ڪن.

## سڄو سال جادوءَ کان حفاظت

**شعبان المعظم** جي پندرهين رات ٻير جي وڻ جي ستن پنن کي پاڻي ۾ ٽهڪائي (ضرورت موجب سادو پاڻي ملائي ڪري) **غسل** ڪريو، ان شاءَ الله **العزيز** عَزَّوَجَلَّ سڄو سال **جادوءَ** جي اثر کان **محفوظ** رهندؤ.

(اسلامي زندگي ص113)

## شب براءَت ۾ قبرن جي زيارت

**اُمُّ الْمؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون مون هڪ رات سَروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ ڏٺو تہ بقيع پاڪ ۾ مون کي ملي ويا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايائون ڇا توهان کي هن ڳالهه جو خوف هيو جو الله ۽ ان جو رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي حق تلفي ڪندا. مون عرض ڪيو، **يارسول الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون خيال ڪيو هو تہ شايد اوهان ازواج مطهرات مان ڪنهن وٽ تشريف کڻي ويا هوندؤ. آقاءِ دوجهان رحمتِ

عالميان، مديني جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،”بيشڪ الله تعاليٰ **شعبان** جي پندرهين رات آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو آهي، پوءِ قبيلي بني ڪلب جي ٻڪرين جي وارن ڪان به وڌيڪ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ (ترمذي ج2 ص183 حديث 739)

## قبر تي ميڻ بتيون ٻارڻ

**شبِ براءَت** ۾ اسلامي ڀائرن جو قبرستان وڃڻ سنّت آهي. (اسلامي ڀينرن کي شرعي طور تي اجازت ناهي) قبرن تي **ميڻ بتيون** نه ٻاري سگهو، ها جيڪڏهن **تلاوت** وغيره ڪرڻي هجي ته ضرورتًا روشني حاصل ڪرڻ جي لاءِ قبر ڪان هٽي ڪري ميڻ بتي ٻاري سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح حاضرين کي **خوشبوءِ** پهچائڻ جي نيّت سان قبر ڪان هٽي ڪري **اگربتيون** ٻارڻ ۾ به حرج ناهي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي مزارن تي **چادر** چاڙهڻ ۽ انهن وٽ **ڏيئو** ٻارڻ جائز آهي، جو اهڙيءَ طرح ماڻهو متوجهه ٿيندا ۽ انهن جي دلين ۾ عظمت پيدا ٿيندي آهي ۽ اهي حاضر ٿي فيض حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اولياء ۽ عوام جون قبرون برابر رکيون وڃن ته گهڻا ديني فائدا ختم ٿي ويندا.

## سائي چٺي

**شبِ براءَت** يعني عذاب وغيره ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات، هن سلسلي ۾ هڪ **ايمان افروز حڪايت** ٻُڌو ۽ جهومو، جيئن ته اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا **عمر بن عبدالعزيز** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ڀيري **شعبان المعظم** جي **پندرهين رات** جو نوافل ۾ مصروف هئا. متو ڪنيائون ته هڪ سائي چٺي مليي جنهن جو نور آسمان تائين ڦهليل هيو. ان تي لکيل هيو.

هٰذا بَرَاءَةٌ مِنَ الْمَلِکِ الْعَزِیْزِلِعَبْدِہٖ عُمَرَبْنِ عَبْدِ الْعَزِیْز يعني خداءِ مالڪ ۽ غالب، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان هي”براءت نامو“ آهي جيڪو ان جي ٻانهي عمر بن عبدالعزيز کي عطا ٿيو آهي. (تفسير روح البيان ج8 ص 402)

## ڦٽاڪن جو ايجاد ڪندڙ ڪير؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ شبِ براءت جهنّم جي باهه کان براءت يعني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات آهي. پر اڄڪلهه جي مسلمانن کي نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويو آهي. جو اهي باهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ بدران پيسا خرچ ڪري پاڻ پنهنجي لاءِ باهه يعني آتش بازيءَ جو سامان خريد ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح خوب خوب آتش بازي (يعني ڦٽاڪا باري) هن مقدس رات جو تقدس پائمال ڪندا آهن.”اسلامي زندگي“ ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا، ”ڦٽاڪا نمرود بادشاهه ايجاد ڪيا جڏهن تہ ان حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام کي باهه ۾ وِڌو ۽ باهه گلزار ٿي وئي تہ ان جي ماڻهن باهه جا ڦٽاڪا ڀري ان ۾ باهه لڳائي ڪري حضرتِ سيّدُنا خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جي طرف اڇلايا.“ (اسلامي زندگي ص63)

## ڦٽاڪا ٻارڻ حرام آهي

افسوس! ڦٽاڪن جي ناپاڪ رسم هاڻي مسلمانن ۾ وڌي رهي آهي مسلمانن جا ڪروڙين روپيا هر سال آتش بازي (يعني ڦٽاڪن) جي نذر ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح هر روز هي خبرون اينديون آهن تہ فلاڻي جاءِ تي ڦٽاڪن جي ڪري هيترا گهر سڙي ويا ۽ هيترا ماڻهو سڙي مري ويا وغيره وغيره. هن ۾ جان جو خطرو، مال جي بربادي ۽ گهر ۾ باهه لڳڻ

جو انديشو آهي. ان کان علاوه هي کم اللهعَزَّوَجَلَّ جي نافرماني بہ آهي. حضرت مفتي احمد يارخان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا، ”ڦٽاڪا ناهڻ، وڪرو ڪرڻ، خريد ڪرڻ ۽ خريد ڪرائڻ، ٻارڻ ۽ ٻارائڻ سڀ حرام آهي.“
(اسلامي زندگي ص 63)

تجھ کو شعبانِ معظّم کا خُدایا واسِطہ
بخش دے ربِّ محمّد تو مری ہر اِک خطا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم سبز عمامي شريف جو تاج سجائي رکيو هو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم ۾ عبادت ڪرڻ، روزا رکڻ ۽ ڦٽاڪا ٻارڻ وغيره جي گناهن کان پري رهڻ جو ذهن ٻڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ خوب سنّتن ڀريو سفر ڪريو ۽ **رمضان المبارڪ** ۾ **دعوتِ اسلامي** جي **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون حاصل ڪريو. توهان جو ذوق وڌائڻ جي لاءِ هڪ اهڙي مُشڪبار مدني بهار پيش ڪريان ٿو جو اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان جي دل سيني ۾ جهومڻ، مديني جي گهٽين ۾ گهمڻ ۽ گنبذِ خضرا کي چمڻ لڳندي. جيئن تہ **واه ڪينٽ** (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: مان ڪاليج ۾ پڙهندو هئس. ۽ ٻين شاگردن جيان فيشن جو متوالو هئس، ڪرڪيٽ جي ميچ ڏسڻ ۽ کيڏڻ جو جُنون جي حد تائين شوق ۽ رات جي ڪافي حصي تائين آواره گرديءَ جو معمول هو. نماز ۽ مسجد جي حاضري جو جيتري تائين تعلق آهي اهو فقط عيدن

جي نماز تائين محدود هئي. رمضان المبارڪ (سن1422ھ،2001) ۾ پيءُ ماءَ جي اصرار تي نماز ادا ڪرڻ مسجد ۾ ويس. ٽيپهريءَ جي نماز کان پوءِ سفيد لباس ۾ ملبوس مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائي هڪ ڏاڙهيءَ واري اسلامي ڀاءُ نمازين کي ويجهو ڪرڻ کان پوءِ **فيضانِ سنت** جو درس ڏنو، مان پري کان ويهي ڪري ٻُڌندو رهيس، درس کان پوءِ هڪدم مسجد کان ٻاهر نڪري ويس، **ٻن ٽن ڏينهن** تائين اها ئي ترڪيب رهي. هڪ ڏينهن مان ملڻ جي لاءِ ويهي رهيس، هڪ **اسلامي ڀاءُ** محبت ڀرئي انداز سان ملاقات ڪري نالو ۽ ايڊريس پُڇڻ کان پوءِ تبليغ **قرآن** و **سنّت** جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياريندي اعتڪاف جا فضائل بيان ڪيا. شروع ۾ منهنجو ذهن نہ ٿيو پر اهو اسلامي ڀاءُ **ماشاءَالله**عَزَّوَجَلَّ تمام جذبي وارو هيو، مايوس نہ ٿيو بلڪ منهنجي گهر ۾ اچي پهتو ۽ هرهر اصرار ڪرڻ لڳو. ان جي مسلسل **انفرادي ڪوشش** جي نتيجي ۾ مون **اعتڪاف** کان هڪ ڏينهن ڀريان نالو لکرائي ڪري **سَحَري** ۽ افطار جو خرچ جمع ڪرائي ڇڏيو ۽ **رمضان المبارڪ 1422ھ** جي آخري ڏهاڪي ۾ جامعه مسجد نعيميه (**لاله رخ، واهه ڪينٽ**) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس. **اجتماعي اعتڪاف** جي پُرسوز ماحول ۽ **عاشقان رسول** جي صحبت منهنجي دلي ڪيفيت کي بدلائي ڇڏيو،اتي ادا ڪئي ويندڙ تهجُّد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جي نوافل جي پابندي گذريل زندگيءَ ۾ **فرض نمازون** نہ پڙهڻ تي مون

ڪي سخت شرمندو ڪيو، اڪين مان ندامت جا ڳوڙها جاري ٿي ويا ۽ مون دل ئي دل ۾ **نمازن** جي پابنديءَ جي **نِيَّت ڪري ڇڏي.** **پنجويهين رات** دعا ۾ مون تي ايتريقدر رقت طاري ٿي جو آءُ اوچنگارون ڏيئي روئي رهيو هئس. انهيءَ دؤران مون تي بيهوشي طاري ٿي ويئي ۽ مان خواب جي دنيا ۾ پهچي ويس، ڇا ٿو ڏسان تہ **هڪ پُر وقار ۽ نُور بار چهري** واري شخصيت موجود آهي ۽ ان جي چوڌاري ڪافي هجوم آهي. مون ڪنهن کان پُڇيو تہ انهن ٻڌايو هي **آقاءِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. **مون ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن سبز عمامي شريف جو تاج سجائي رکيو هو.** ڪجهہ دير تائين مان ديدار سان اکيون ٺڏيون ڪندو رهيس، جڏهن سجاڳ ٿيس تہ صلوٰة وسلام پڙهيو پئي ويو. منهنجي ڪيفيت تمام عجيب ۽ غريب هئي جسم تي ڏڪڻي طاري هئي، مان سڏڪا ڀري روئي رهيو هئس ۽ ڳوڙها وهي رهيا هئا. جيڪي رڪجڻ ئي ڪونہ پيا. **صلواة وسلام** کان پوءِ **مجلس براءِ اعتڪاف** جي نگران جي آڏو **عمامي جو تاج** سجائڻ وارن جي قطار لڳل هئي ۽ **سرڪارِ اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي لکيل هن نعتيہ شعر کي ورهر دهرايو پئي ويو.

تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا — سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا

آءُ پنهنجي ويجهي اسلامي ڀائرن کي وڏي مشڪل سان رُڳو ايترو چئي سگهيس، "مون کي بہ عمامو ٻڌڻو آهي." ٿوري ئي دير ۾ روئيندي روئيندي مان بہ عمامي جو تاج سجائي چُڪو هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اعتڪاف** ۾ ئي ٽيهن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي نيّت بہ

ڪيم، ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون **مدني قافلي** ۾ سفر بہ ڪيو، سفر جي دؤران گهڻو ڪجهہ سکڻ سان گڏوگڏ درس ۽ بيان بہ سکي ڪري ڪرڻ لڳس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ نمازن جي پابنديءَ سان گڏوگڏ **دعوت اسلامي** جي **مدني ڪمن** ۾ حصو وٺڻ لڳس. اڄ هي بيان ڏيڻ وقت **ذيلي مشاورت** جي **نگران** جي طور تي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

گر تمنّا ہے آقا کے کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف
ہو گی میٹھی نظر تم پہ سرکار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتِکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”عيد“ جي ٿن اکرن جي نسبت سان عيد جي ڇهن روزن جا ٽي فضائل

## نئين ڄاول جيان گناهن کان پاڪ

**مدينه1**: **حضرتِ** سيّدُنا عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي، **رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ”جنهن **رمضان** جا روزا رکيا پوءِ **ڇهہ ڏينهن شوال** ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.“ (مجمع الزوائد ج3 ص 425 حديث 5102)

## ڄڻ سڄي عمر جو روزو رکيو

**مدينه 2** : **حضرت** سيّدنا ابو ايوب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ نامدار مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي:” جنهن

رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ **ڇهه شوال** ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن ڌهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا “.

**(صحيح مسلم ص 592 حديث 1164)**

## سڄو سال روزا رکيا

**مدينه 3:** **حضرتِ** سيِّدُنا ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:”جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) **ڇهه** روزا رکي ڇڏيا تہ ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون. **(سنن ابن ماجه ج 2 ص 333 حديث 1715)**

## هڪ نيڪيءَ جو ڏهوڻ تي ثواب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم ۽ ان جي حبيبِ مڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي سڄي سال جي روزن جو ثواب ماڻڻ ڪيترو قدر آسان ڪيو ويو. هر هڪ مسلمان کي هيءَ سعادت حاصل ڪري وٺڻ گهرجي. هڪ سال جي روزن جي ثواب جي حڪمت هيءَ آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪمزور ٻانهن جي لاءِ فقط پنهنجي فضل سان هڪ نيڪيءَ جو ثواب **ڏهوڻ** رکيو آهي. جيئن تہ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ برڪتِ نشان آهي:

مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَۃِ فَلَہٗ عَشۡرُ اَمۡثَالِہَا ۚ

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪو هڪ نيڪي آڻي تہ ان جي لاءِ ان جهڙيون ڏهہ آهن.

اَلۡحَمۡدُ للّٰہ عَزَّوَجَلَّ ائين رمضان شريف جي مهيني جا روزا ڏهن مهينن جي روزن جي برابر ٿيا ۽ **ڇهه روزا سٺ روزن** (ٻن مهينن جي برابر اهڙيءَ طرح پوري سال جي روزن جو ثواب حاصل ٿي ويو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہِ عَلٰی اِحۡسَانِہٖ

## عيد جا ڇهه روزا ڪڏهن رکيا وڃن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صدر الشريعه، بدر الطريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی بهارِ شريعت جي حاشيي ۾ فرمائن ٿا:”بهتر هي آهي ته هي روزا وقفو ڪري رکيا وڃن ۽ عيد کان پوءِ لڳاتار ڇهه ڏينهن ۾ گڏ رکي ورتا تڏهن به حرج ناهي.“ (بهارِ شريعت، حصو 5 ص 140)

**خليلِ** ملّت حضرت علامه مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن به حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي ته متفرق (يعني وقفو ڪري رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻه روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي ته اجان به مناسب معلوم ٿئي ٿو. (سنّي بهشتي زيور ص 347) مطلب ته **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو **عيد جا ڇهه** روزا رکي سگهو ٿا.

## ذوالحجة الحرام جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جا فضائل

**ڪجهه** احاديثِ مبارڪ جي مطابق **ذوالحجة الحرام** جو پهريون ڏهاڪو(يعني ابتدائي ڏهه ڏينهن) رمضان المبارڪ کان پوءِ سيني ڏينهن کان افضل آهي.

## ”اللّٰه“ جي پيارن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 روايتون

## نيڪيون ڪرڻ جا سڀ کان پسنديده ڏينهن

**مدينه1**: سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، محبوب ربّ غفار و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نُور بار آهي:"**هنن ڏهن ڏينهن** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن جو نيڪ عمل الله عَزَّوَجَلَّ کي محبوب ناهي". صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"يا رسول الله! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد؟" فرمايائون " ۽ نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد، پر اهو جيڪو پنهنجي جان ۽ مال کڻي نڪري پوءِ ان مان ڪجهه واپس نه آڻي. (يعني رُڳو اهو مجاهد افضل هوندو جيڪو جان ۽ مال قربان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو)

**(صحيح بخاري ج1 ص333 حديث969)**

## شبِ قدر جي برابر فضيلت

**مدينه 2**: **حديثِ پاڪ** ۾ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کي عشرهءِ **ذوالحجة** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عبادت ڪرڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام **شبِ قدر** جي برابر آهي."

**(جامع ترمذي ج2 ص 192 حديث 758)**

## عرفه جو روزو

**مدينه 3**: حضرتِ سيّدُنا ابوقتاده رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي:"مون کي الله عَزَّوَجَلَّ تي يقين آهي ته **عرفه** (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جو روزو هڪ سال پهريان ۽ هڪ سال بعد جا گناهه مٽائي ڇڏي ٿو".

**(صحيح مسلم ص 590 حديث196)**

## هڪ روزو هزار روزن جي برابر

**مدينه 4:** **اُمُّ المؤمنين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، **عرفه** (يعني 9 ذوالحجة الحرام) **جو روزو هزار روزن جي برابر آهي.** (شعب الايمان ج3 ص357 حديث3764) پر حج ڪرڻ واري تي جيڪو **عرفات** ۾ آهي ان ڪي عرفه (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروهه آهي جو حضرتِ سيّدُنا ابنِ خُزيمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا ته حضور ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **عرفه** (يعني9 ذوالحجة الحرام جي ڏينهن حاجيء ڪي) عرفات ۾ روزو رکڻ کان منع فرمايو. (صحيح ابن خزيمه ج3 ص 292 حديث2101)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايام بيض جا روزا

**هر مدني مهيني** (يعني سن هجري جي مهيني) ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزا هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ ڪي رکڻ گهرجن. ان جا بيشمار دنياوي ۽ اخروي فائدا ۽ فضائل آهن. بهتر هي آهي ته هي روزا"ايام بِيض" يعني چنڊ جي 13، 14 ۽ 15 تاريخ تي رکيا وڃن.

## "يارب محمد ﷺ" جي اٺ اکرن جي نسبت سان ايام بِيض جي روزن جي متعلق 8 روايتون

**مدينه 1:** **اُمُّ الْمؤ منين** سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چئن شين ڪي نه ڇڏيندا

هئا.﴿1﴾عاشورا (ڏهين محرم) ۽ ﴿2﴾عشرهءِ ذوالحجه ۽ ﴿3﴾هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا ۽﴿4﴾ فجر(جي فرض) کان پهريان ٻه رڪعتون (يعني ٻه سنّتون) (سنن نسائي ج 4،ص220)

**مدينه 2**: **حضرتِ** سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ايام بِيض ۾ روزي جي بغير نه **هوندا هئا نه سفر ۾ نه حضر** (يعني قيام) ۾. (سنن نسائي ج 4ص 198)

## ٽي روزن جا ڏينهن

**مدينه 3**: اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا روايت فرمائن ٿيون: ”منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ مهيني ۾ ڇنڇر، آچر ۽ سومر جو جڏهن ته ٻئي مهيني **اڱارو، اربع ۽ خميس** جو روزو رکندا هئا.“ (جامع ترمذي ج2 ص186حديث746)

## جهنم کان بچاءَ جي ڍال

**مدينه 4** : **حضرت** سيّدُنا عثمان بن ابوعاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مان سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو، ”جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ جنگ ۾ بچاءَ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙيءَ طرح روزو جهنّم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني ٽي ڏينهن روزا رکڻ بهترين روزا آهن.“ (ابنِ خزيمه ج 3 ص301حديث 2125)

**مدينه 5: هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا اهڙا آهن جيئن دهر** (يعني هميشه) جو روزو. (صحيح بخاري ج1 ص 649 حديث1975)

**مدينه 6**: **رمضان** جا روزا ۽ هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا **سيني جي خرابيءَ** کي ختم ڪندا آهن. (مُسند امام احمد ج9 ص 36 حديث 23132)

**مدينه7**: **جنهن** ڪان ٽي سگهي هر مهيني ۾ **ٽي روزا** رکي جو هر روزو ڏهه گناهه مٽائيندو آهي ۽ گناهن ڪان ائين پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي ڪپڙي کي. (طبراني في المعجم الكبير ج 25 ص35 حديث 60)

**مدينه 8**: **ڇڏهن** مهيني ۾ **ٽي روزا** رکڻا هجن ته تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين جو رکو. (سنن النسائي ج4 ص 221)

## منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايامِ بِيض جي روزن، نيڪين ۽ سنّتن جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **”دعوتِ اسلامي“** جو **مدني ماحول** اختيار ڪريو، رُڪو پري پري ڪان ڏسڻ سان ڳالهه نه نهندي، سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪريو، رمضان المبارڪ جو **اجتماعي اعتڪاف** به ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ توهان کي اهو روحاني سڪون مُيَسَّر ٿيندو جو توهان حيران رهجي ويندؤ. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ اچي ڪري ڪهڙا ڪهڙا بگڙيل ماڻهو سڌي واٽ تي اچي ويندا آهن ان جي هڪ جهلڪ ملاحظه فرمايو، جيئن ته تعلقي ٺُل (باب الاسلام سنڌ مدني) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ انتهائي فسادي ۽ شرير هئس، جهيڙو جهڳڙو منهنجو پسنديده مشغلو هو منهنجي شرارتن ڪان سڄو محلو تنگ هو ۽ گهر وارا ته ايتريقدر بيزار هئا جو **منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هئا**. خوشقسمتيءَ سان ڪجهه اسلامي ڀائرن مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي مون کي رمضان المبارڪ جي

**اجتماعي اعتڪاف** جي دعوت پيش ڪئي. مون مُرُوَّت ۾ ها ڪري ڇڏي. جذبو تہ هيو ئي نہ رُڳو ٽائيم پاس ڪرڻ جي غرض سان مان رمضان المبارڪ (سن1420 ھ 1999) ۾ ميمڻ مسجد عطارآباد ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **معتڪف** ٿي ويس. اعتڪاف جي دوران وضوء، غسل، نمازجو طريقو گڏوگڏ حقوق الله ۽ حقوق العباد ۽ احترامِ مسلم جا احڪام سکڻ لاءِ مليا، سنّتن ڀرئي پُرسوز بيانن ۽ رِقت انگيز دعائن مون کي ڏڪائي ڇڏيو! شرمسار ٿي ڪري مون ڪيل گناهن کان توبهہ ڪئي، نيڪيون ڪرڻ جي دل ۾ امنگ پيدا ٿي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون عشقِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشاني ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، مٿي کي سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ڪيو ۽ جهيڙن جهڳڙن جي جڳهہ تي **نيڪيءَ جي دعوت** جو شَيدائي بڻجي ويس.

آؤ آکر گناہوں سے توبہ کرو ، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”مصطفيٰ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان سومر شريف ۽ خميس جي روزن جي متعلق 5 احاديث مبارڪ

**مدينه1** : **حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا. سومر ۽ خميس تي اعمال پيش ٿيندا آهن تہ مان پسند ڪريان ٿو تہ منهنجو عمل ان وقت پيش ٿئي جو مان روزيدار هجان. (سنن ترمذي ج2 ص 747)

**مدينه 2**: الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** شريف ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا انهيءَ جي باري ۾ عرض ڪيو ويو تہ فرمايائون، هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ هر مسلمان جي مغفرت فرمائيندو آهي پر اهي ٻہ شخص جن پاڻ ۾ جُدائي ڪري ڇڏي آهي انهن جي متعلق ملائڪن کي فرمائيندو آهي انهن کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو صلح ڪري وٺن.

**(ابن ماجه ج 2 ص 344 حديث1740)**

**مدينه 3** : **اُمُّ الْمؤ منين** حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون، منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جو خيال ڪري روزا رکندا هئا.

**(ترمذي شريف ج2 ص186 حديث745)**

**مدينه 4** : **حضرت** سيّدُنا ابو قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان **سومر شريف** جي روزي جو سبب پُڇيو ويو تہ فرمايائون، انهيءَ ۾ منهنجي ولادت ٿي، انهيءَ ۾مون تي (پهرين) وحي نازل ٿي.

**صحيح مسلم ج 1 ص 591 حديث1162)**

## سنت سان محبت

**مدينه 5** **حضرت** سيّدُنا اسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي غلام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا تہ سيّدُنا **اسامه** بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا سفر ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا ترڪ نہ فرمائيندا هئا. مون سندن بارگاهہ ۾ عرض ڪيو تہ ڇا سبب آهي جو اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ هن وڏي عمر ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ فرمايائون، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا. مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا سبب آهي جو اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ ته ارشاد فرمايائون ماڻهن جا اعمال **سومر** ۽ **خميس** جو پيش ڪيا ويندا آهن. (شعب الايمان ج2 ص392 حديث 3859)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن احاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو ته **سومر شريف** ۽ **خميس** جو بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ٻانهن جا اعمال پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان مسلمانن جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. پر پاڻ ۾ ڪنهن دنياوي سبب کان جدائي ڪرڻ وارن کي ناهي بخشيو ويندو. واقعي هي تمام ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي. اڄ جي دور ۾ شايد ئي ڪو **ڪيني** کان محفوظ هجي. دل جي لڪيل دشمنيءَ کي ڪينو چوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان کي غور ڪري جنهن جنهن مسلمان لاءِ دل ۾ **ڪينو** ويهجي ويو هجي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي خانداني جهيڙا هجن ته پاڻ اڳتي وڌي صلح جي ترڪيب ٺاهڻ گهرجي، **اخلاص** سان مڪمل ڪوشش جي باوجود به جيڪڏهن جُدائي ختم ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي ته اڳيرائي ڪرڻ وارو اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آزاد ٿي ويندو.

بهرحال **سومر شريف** ۽ **خميس** تي اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزو رکندا هئا. سومر شريف جي روزي جو هڪ سبب پنهنجي ولادت به ٻڌايائون ڇڻ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان
# اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل

**مدينه 1** : **حضرت** سيِّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، سيده آمنہ جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بشارت نشان آهي، جيڪو **اربع** ۽ **خميس** جا روزا رکي ان جي لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ويندي آهي.

(ابو يعلى ج5 ص115 حديث5610)

**مدينه 2** : **حضرت** سيِّدُنا مُسلم بن عُبيدالله قُرَشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي والد مڪرَّم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت ڪن ٿا تہ انهن بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ يا تہ پاڻ عرض ڪيو يا ڪنهن ٻئي دريافت ڪيو، **يارسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آءُ **هميشہ روزو** رکان؟ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خاموش رهيا. پوءِ ٻئي ڀيري عرض ڪيو، وري خاموشي اختيار فرمايائون. ٽئين ڀيري پُڇڻ تي وراڻيائون تہ روزي جي متعلق ڪنهن سوال ڪيو؟ عرض ڪيم، مون **يا نبي الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تہ جواب ۾ ارشاد فرمايائون، بيشڪ توهان تي توهان جي گهر وارن جو حق آهي توهان **رمضان** ۽ ان جي ملندڙ مهيني (شوال) ۽ هر **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکو تہ جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ تہ ڄڻ توهان هميشہ جا روزا رکيا.

(شعب الايمان ج3 ص395 حديث3868)

**مدينه 3**: ”جنهن **رمضان**، **شوال**، **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکيو تہ اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو“.

(السنن الڪبريٰ للنسائي ج2 ص147 حديث 2778)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”ڪرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل

**مدينه 1** : **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي سردار، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جنهن **اربع، خميس** ۽ **جمعي** جا روزا رکيا الله تعالىٰ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٺاهيندو جنهن جا ٻاهريان حصا اندر کان ڏسڻ ۾ ايندا ۽ اندريان ٻاهر کان. (مجمع الزوائد ج3 ص 452 حديث5204)

**مدينه2** : **حضرت** سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ (يعني اربع، خميس ۽ جمعي جا روزا رکڻ واري جي لاءِ جنّت ۾) موتي ۽ ياقوت ۽ زمرد جو **محل** ٺاهيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان براءت (يعني آزادي) لکي ويندي. (شعب الايمان ج3 ص 397 حديث3873)

**مدينه 3**: **حضرت** سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا جي روايت ۾ آهي، جيڪو هنن ٽن ڏينهن جا روزا رکي پوءِ جمعي جو ٿورو يا گهڻو تصدق (يعني خيرات) ڪري ته جيڪي گناهه ڪيا آهن، بخشيا ويندا ۽ اهڙو ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (طبراني ڪبير ج12 ص266 حديث13308)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!                    صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”يا نُور“ جي پنج اکرن جي نسبت سان جمعي جي روزن جي معتلق 5 فضائل

**مدينه1** : سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبارڪ آهي ”جنهن جمعي جو روزو رکيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي

آخرت جي ڏهن ڏينهن جي برابر اجر عطا فرمائيندو ۽ انهن (ڏينهن) جو تعداد دنيا جي ڏينهن جهڙو ناهي“. (شعب الايمان ج 3 ص393 حديث3862)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آخرت جو **هڪ** ڏينهن دنيا جي **هڪ هزار سالن** جي برابر آهي. يعني **جمعي** جو روزو رکڻ واري کي **ڏهه هزار سالن** جي روزن جو ثواب ملندو آهي پر رُڳو **جمعي** جو روزو نه رکو ان سان گڏ **خميس** يا **ڇنڇر** ملائي ڇڏيو. (اڪيلو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت واري حديثِ پاڪ اڳتي اچي رهي آهي).

**مدينه** 2: حضرتِ سيّدُنا ابو امامه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته مديني جي تاجوَر، شفيع روزِ محشر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ روح پَروَر آهي،”جنهن **جمعو** ادا ڪيو (يعني جمعي جي نماز ادا ڪئي) ۽ ان ڏينهن جو **روزو** رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ نڪاح جي گواهي ڏني ته ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي وئي“.

(طبراني ڪبير ج8 ص97 حديث7484)

**مدينه 3** : **حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو.”جنهن روزي جي حالت ۾ **جمعي** جي ڏينهن جو صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ صدقو ڪيو ته ان پنهنجي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي“. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3864)

**مدينه 4** : **حضرت** سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:” جنهن جمعي جي ڏينهن **روزو** رکيو ۽ مريض جي **عيادت** ڪئي ۽ مسڪين کي **کاڌو** کارايو ۽ جنازي سان گڏ هليو ته ان کي چاليهن سالن جا گناهه لاحِق (يعني ساڻ) نه هوندا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

**مدينه 5** : حضرتِ سيّدُنا عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تمام گهٽ **جمعي** جو روزو ترڪ فرمائيندا هئا. (شعب الايمان ج3 ص394 حديث3865)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح **عاشوري** جي روزي ڪان پهريان يا بعد ۾ هڪ روزو رکڻو آهي، اهڙيءَ طرح **جمعي** ۾ به ڪرڻو آهي، ڇو ته خصوصيّت سان اڪيلي **جمعي** يا ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي (يعني ناپسند) آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو **جمعو** يا ڇنڇر اچي ويو ته رُڳو **جمعو** يا **ڇنڇر** جو روزو رکڻ ۾ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”فضل“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان رُڳو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت جون 3 روايتون

**مدينه1**: **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا، مون تاجدارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو، ”توهان مان ڪو هرگز **جمعي** جو روزو نه رکي پر هي ته ان کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن ملائي ڇڏي“.
(بخاري شريف ج 1 ص 653 حديث 1985)

**مدينه 2** : **حضرتِ** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَیْہِ اَفْضَلُ الصَّلٰوۃِ وَالتَّسْلِیْم کان روايت ڪندي فرمائن ٿا ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: راتين مان **جمعي** جي رات کي قيام جي لاءِ خاص نه ڪريو ۽ نه ئي ڏينهن جي دؤران **جمعي جي ڏينهن** کي روزي سان خاص ڪريو پر هي جو توهان اهڙي روزي ۾ هجو

جيڪو توهان کي رکڻو هجي. (صحيح مسلم ص 576 حديث 1144)

**مدينه 3** : **حضرتِ** سيّدُنا عامر بن لُدَين اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ مون رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو، ”**جمعي** جو ڏينهن توهان جي لاءِ **عيد** آهي هن ڏينهن روزو نہ رکو پر هي جو ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ روزو رکو. (الترغيب و الترهيب ج2 ص81 حديث11) هنن ٻنهي حديثن مان معلوم ٿيو تہ رُڳو **جمعي** جو روزو نہ رکڻ گهرجي. ها جيڪڏهن ڪو خاص سبب هجي مثال طور 27 هين رجب المرجب **جمعي** جو ٿي ويئي تہ هاڻي رکڻ ۾ حرج ناهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڇنڇر ۽ آچر جا روزا

**حضرت** سيّدتنا ام سلمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ڇنڇر ۽ آچر** جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، ”هي ٻئي (ڇنڇر ۽ آچر) مشرڪين جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان“. (ابن خزيمه ج3 ص318 حديث2167)

رُڳو **ڇنڇر** جو روزو رکڻ منع آهي. تنهنڪري حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن بُسر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي ڀيڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت ڪن ٿا تہ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن کان علاوه نہ رکو. حضرتِ سيّدُنا امام ابوعيسیٰ **ترمذي** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هي حديث حَسَن آهي ۽ هتي ممانعت مان مراد ڪنهن شخص جو ڇنڇر جي روزي کي خاص ڪري چڏڻ آهي جو يهودي ان ڏينهن جي تعظيم ڪندا آهن“. (جامع ترمذي ج2 ص186 حديث744)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”محمد رسول اللّٰه“جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 12 مدني گل

**مدينه 1**: ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي **نفل** روزي کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري.
(رد المحتار ج3 ص416)

**مدينه 2** : مڙس جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي** روزو نه ٿي رکي سگهي. (درمختار، رد المحتار ج3 ص415)

**مدينه 3** :**نفلي** روزو جاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ ته قضا واجب ٿيندي. (درمختار ج3 ص411)

**مدينه 4**:**نفلي** روزو جاڻي واڻي نه ٽوڙيو بلڪ بي اختيار ٽُٽي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دؤران حيض اچي ويو ته روزو ٽُٽي پيو پر قضا واجب آهي. (درمختار ج3 ص412)

**مدينه 5**: **نفلي** روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نه کائيندو ته ان کي يعني مهمان کي سُنو نه لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نه کائي ته ميزبان کي اذيت ٿيندي ته **نفلي** روزو ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي ته يقين هجي جو ان جي قضا رکي سگهندو ۽ هي به شرط آهي ته ضحوهٔ ڪبرىٰ کان پهريان ٽوڙي بعد ۾ نه. (درمختار، رد المحتار ج3 ص413)

**مدينه 6**: **والدين** جي ناراضگيءَ جي سبب ٽيپهريءَ کان پهريان تائين **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو. ٽيپهريءَ کان بعد نه.

(درمختار، رد المحتار ج3 ص414)

**مدينه7: جيڪڏهن** ڪنهن اسلامي ڀاءُ دعوت ڪئي ته ضحوهءِ ڪبرىٰ کان پهريان **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو. پر قضا واجب آهي.

(درمختار ج3 ص414)

**مدينه 8** : **هن** طرح نِيَّت ڪئي ته ”ڪٿي دعوت ٿي ته روزو ناهي ۽ نه ٿي ته آهي“. هيءَ نيّت صحيح ناهي. بهرحال روزيدار ناهي.

(عالمگيري ج1 ص195)

**مدينه 9** : **ملازم** يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نه ٽا ڪري سگهن ته ”سيٺ“ (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا ته اجازت جي ضرورت ناهي.[1] (درمختار ج3 ص416)

**مدينه 10: حضرت** سيّدُنا داود عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي ”صومِ داودي“ چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن ته رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي ڀاءُ **داود** (عَلَيْهِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نه رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نه ٿيندا هئا.“

(جامع ترمذي ج2 ص197 حديث770)

**مدينه11** : **حضرت** سيّدُنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي شروع ۾، ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽

---

[1] ملازمت جي متعلق بهترين معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رُڳو 16 صفحن جو رسالو”ملازمن جا 21 مدني گل“جو ضرور مطالعو فرمايو.

اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا.
(كنزالعمال ج8 ص304 حديث24624)

**مدينه 12** : **سڄو** سال روزا رکڻ مکروهِ تنزيهي آهي. (در مختار ج3ص 337)

**يا ربِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي زندگي، صحت ۽ فرصت (واندڪائي) کي غنيمت ڄاڻيندي خوب خوب **نفلي روزا** رکڻ جي سعادت عطا فرماءِ، انهن کي قبول به ڪر ۽ اسان جي مٺي مٺي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزيءَ جو هڪ سبب

**نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهري جي دورِ اقدس ۾ ٻه ڀائر هئا، جن مان هڪ ڀاءُ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ (علم سکڻ جي لاءِ) حاضر ٿيندو هو، (هڪ ڏينهن) ڪاريگر ڀاءُ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پنهنجي ڀاءُ جي شڪايت ڪئي (يعني هن سڄو بوجهه مون تي رکيو آهي، هن کي منهنجي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ گهرجي) ته مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **لَعَلَّكَ تُرْزَقُ بِهٖ** يعني شايد! ” تو کي هن جي برڪت سان روزي ملي رهي آهي.“ (سنَن الترمذي حديث2345،ص1887، و اشعة اللمعات ج4 ص262)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ”رمضان المبارڪ“ جي پارهن اکرن جي نسبت سان روزيدارن جون 12 حڪايتون

الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ فِىْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِى الْاَلْبَابِ ط

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ انهن جي خبرن (حڪايتن) سان عقلمندن جون اکيون کُلنديون آهن.

سرڪار دوجهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي، جيڪو منهنجي محبت ۽ منهنجي طرف شوق جي سبب ڪان مون تي هر ڏينهن ۽ هر رات جو ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي ته الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي ته اهو سندس ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهه بخشي ڇڏي.

(المعجم الڪبير ج 18 ص 361 حديث 928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) گرمين جو روزو

حجاج بن يوسف هڪ ڀيري حج جي سفر دوران مڪه ۽ معظمه ۽ مدينه ۽ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا جي درميان هڪ منزل ۾ لٿو ۽ مانجهاندو تيار ڪرايائين ۽ پنهنجي دربان کي چيائين ته ڪنهن مهمان کي وٺي اچو. دربان خيمي مان ٻاهر نڪتو ته ان کي

هڪ اعرابي ليٽيل نظر آيو هن ان کي جاڳايو ۽ چيو، هلو توهان کي امير حجاج گهرائي رهيا آهن اعرابي آيو ته حجاج چيو، منهنجي دعوت قبول ڪريو ۽ هٿ ڌوئي مون سان کاڌو کائڻ لاءِ ويهي رهو، **اعرابي** چيو، مُعاف فرمايو! اوهان جي دعوت کان پهريان مان اوهان کان بهتر هڪ ڪريم جي دعوت قبول ڪري چُڪو آهيان حجاج چيو، اها ڪنهن جي؟ ان چيو الله تعالیٰ جي جنهن مون کي روزي رکڻ جي دعوت ڏني ۽ مان روزو رکي چُڪو آهيان. حجاج چيو، ايڏي سخت گرمي ۾ روزو؟ **اعرابي** وراڻيو، ها! قيامت جي سخت ترين گرمي کان بچڻ جي لاءِ. حجاج چيو، اڄ کاڌو کائي وٺو ۽ هي روزو سڀاڻي رکي ڇڏجو. **اعرابي** وراڻيو، ڇا اوهان هن ڳالهه جي ضمانت ڏيو ٿا ته مان سڀاڻي تائين زنده رهندس. حجاج چيو اهڙي ڳالهه ته ناهي. **اعرابي** وراڻيو ته پوءِ اها ڳالهه به ناهي. اهو چيائين ۽ روانو ٿي ويو. (روض الرياحين ص 212)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ڪنهن دنياوي حاڪم جي رعب ۾ ناهن ايندا ۽ هي به معلوم ٿيو ته جيڪي ماڻهو هتان جي گرمي برداشت ڪري روزا رکندا آهن اهي سڀاڻي قيامت جي ٿهڪندڙ گرميءَ کان محفوظ رهندا. اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ

## (2) شيطان جي پريشاني

**هڪ** بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجد جي دروازي تي شيطان کي حيران ۽ پريشان بيٺل ڏسي پُڇيو، ڇا ڳالهه آهي؟ شيطان چيو، اندر ڏسو. ان

اندر ڏنو تہ هڪ شخص نماز پڙهي رهيو هو ۽ هڪ ماڻهو مسجد جي دروازي وٽ سُتو پيو هو. شيطان ٻُڌايو تہ هو جيڪو اندر نماز پڙهي رهيو آهي ان جي دل ۾ وسوسا وجهڻ جي لاءِ مان اندر وڃڻ چاهيان ٿو پر جيڪو دروازي جي پرسان سُتل آهي اهو روزيدار آهي. هو سُتل روزيدار جڏهن ساهہ ٻاهر ڪڍي ٿو تہ ان جو اهو ساهہ منهنجي لاءِ شعلو بڻجي مون کي اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏي ٿو. (الروض الفائق مصري ص39)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان جي وار کان بچڻ جي لاءِ روزو هڪ زبردست ڍال آهي. روزيدار جيتوڻيڪ سُتل آهي پر ان جو ساهہ شيطان جي لاءِ جڻ تلوار آهي. معلوم ٿيو تہ روزيدار کان شيطان ڏاڍو گهٻرائيندو آهي، شيطان جيئن تہ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ قيد ڪيو ويندو آهي ان لاءِ اهو جتي بہ ۽ جڏهن بہ روزيدار کي ڏسندو آهي تہ پريشان ٿي ويندو آهي.

## (3)نرالو ڪفارو

هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ نبوي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون، **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون رمضان جي روزي جي حالت ۾ (ڄاڻي واڻي) پنهنجي عورت سان ”قربت“ ڪئي مان هلاڪ ٿي ويس. فرمايو!هاڻي مان ڇا ڪريان؟ سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو غلام آزاد ڪري سگهو ٿا؟ عرض ڪيائون، نہ **يا رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! فرمايائون ڇا مسلسل ٻن مهينن جا (يعني لڳاتار سٺ) روزا رکي سگهو ٿا؟ عرض ڪيائون نہ **يا رسول**

الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون، سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي سگهو ٿا؟عرض ڪيائين، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي بہ نہ ٿو ڪري سگهان. ايتري ۾ بارگاھِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڪنهن کارڪون هديي (تحفي) جي طور حاضر ڪيون. سرڪارِ نامدارصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي سڀ کارڪون ان صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي عطا فرمائي ڇڏيون ۽ فرمايائون انهن کي خيرات ڪري ڇڏيو، توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو. انهن وراڻيو، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!سڄي مديني ۾ مون کان وڌيڪ ڪو محتاج ناهي. سرڪارِنامدارصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻُڌي کِليا ايتري تائين جو سندن ڏند مبارڪ چمڪڻ لڳا ۽ رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا، مبارڪ لفظن ڪجھ هن طرح ترتيب ماڻي يعني فرمايائون، فَاَطْعِمْهُ اَهْلَكَ يعني پوءِ پنهنجي گهروارن کي ئي کارائي ڇڏيو. (توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو) (صحيح البخاري ج 4 ص341 حديث 6822)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن صحابي رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ کان انسان هئڻ جي ناتي جيڪڏهن ڪائي ڀُل ٿي ويندي هئي تہ اهي جلد ئي ان جو حل ڪيندا هئا ۽ مُعافي جي لاءِ بارگاھِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي ويندا هئا. ان لاءِ جو سندن ايمان هيو تہ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ انهيءَ پاڪ در کان حاصل ٿي سگهي ٿي. هي بہ معلوم ٿيو تہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو هي عقيدو هيو تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مالڪ و مختار آهن ۽ شريعت انهن جي ئي ارشادات جو نالو آهي، انهيءَ

لاءِ تہ سرڪارِ آبرُودار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي استفسار تي تہ ڇا غلام آزاد ڪري سگھو ٿا؟ سٺ ڏينهن لڳاتار روزا رکي سگھو ٿا؟ سٺ مسڪينن کي کاڌوکارائي سگھو ٿا؟ اهي صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تہ اهو ئي عرض ڪندا رهيا تہ نہ **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. جڏهن سندن ايمان هيو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪفاري جي انهن ٽنهي قسمن کان سواءِ جيڪڏهن چاهين تہ منهنجي لاءِ ڪو چوٿين قسم جو ڪفارو بہ ارشاد فرمائي سگهن ٿا. جيئن تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي مختار هجڻ جي تصديق هيئن ظاهر فرمائي ڇڏي تہ وڃو توهان جي لاءِ اسان هي ڪفارو مقرر ٿا فرمايون تہ بجاءِ ڪجھ ڏيڻ جي ڪٽي وڃو. جيئن تہ ان صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هي عرض ڪيو تہ سڄي مديني ۾ منهنجي برابر ڪو محتاج ناهي تڏهن فرمائي ڇڏيائون تہ چڱو وڃو پنهنجي گهروارن کي ئي کارائي ڇڏيو. توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويندو. جڏهن ته سڀني مسلمانن جي لاءِ جاٽي واٽي رمضان المبارڪ جي روزي ٽوڙڻ جو ڪفارو (جڏهن تہ ڪفاري جا شرائط ڏنا وڃن) هي آهي تہ غلام آزاد ڪري، ان جي **استطاعت** نہ هجي تہ لڳاتار سٺ روزا رکي جيڪڏهن هي بہ ممڪن نہ هجي تہ سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي. اتي انهيءَ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ سَروَرِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪَفّارو هي مقرر فرمايو تہ جو توهان بجاءِ ڪجھ ڏيڻ جي اسان جي بارگاھ مان **ڪٽي وڃو** ۽ بجاءِ ڪنهن تي خرچ ڪرڻ جي پنهنجي گھر وارن تي ئي خرچ ڪري ڇڏيو. هي آهي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھِ بيڪس پناھ.

یہ وُہی ہیں جو بخش دیتے ہیں
کون ان جُرموں پر سزا نہ کرے (حدائق بخشش)

## (4) صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي سخاوت

امُّ الۡمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ڏاڍيون سخي هُيون. حضرتِ سيّدُنا عُروه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته مون ڏٺو ته امُّ الۡمؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ستر هزار درهم راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ورهائي ڇڏيا جڏهن ته سندن چولي مبارڪ ۾ ٽَڪيون لڳل هيون ۽ هڪ ڀيري حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا سندن خدمت ۾ **هڪ لک درهم** موڪليا ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا اهي سڀ درهم هڪ ئي ڏينهن ۾ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ ان ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا روزي سان هُيون. شام جي وقت ٻانهيءَ عرض ڪيو ڪيڏو نه سٺو هجي ها جو هڪ درهم مانيءَ جي لاءِ رکو ها. ته فرمايائون مون کي ياد نه رهيو. ياد رهي ها ته بچائي ڇڏيان ها. (مدارج النبوة ج 2 ص 473)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امُّ الۡمؤمنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وسعت جي باوجود پنهنجي زندگي نهايت سادگيءَ ۽ زاهداڻي نموني سان گذاري ڇڏي ۽ جيڪا دولت به حاضر ٿي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ تقسيم فرمائي ڇڏي ايتري تائين جو **لک درهم** آيا اهي به ورهائي ڇڏيائون ۽ **روزو** افطار ڪرڻ جي لاءِ به ڪو اهتمام نه فرمايائون ۽ هڪ اسان

آهيون جو جيڪڏهن ڪنهن وقت نفلي روزا رکي به ڇڏيون ته اسان کي افطار جي وقت ڪيترن ئي قسمن جا ميوا، ڪباب، سموسا، ٿڌو ٿڌو شربت ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا گهرجي؟ بهرحال اسان کي اُمُّ الْمؤمنين سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي نقشِ قدم تي هلڻ گهرجي ۽ دولت سان ايتريقدر محبت نه رکڻ گهرجي جو راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ دل تنگ هجي. دنيا جي محبت کان جان ڇڏائڻ ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته رهڻ بيحد فائديمند آهي، جڏهن به توهان جي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي **عاشقانِ رسول** جو مدني قافلو اچي ته انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ضرور فيضياب ٿيو جو سني نِيَّت سان راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي مسافرن جي زيارت آخرت جي لاءِ ثواب جو ڪم آهي ۽ انهن جي صحبت جنّت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، توهان کي هڪ بگڙيل نوجوان جو واقعو ٻُڌايان ٿو جيڪو مدني قافلي جي **عاشقانِ رسول** جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو ته ان جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو!جيئن ته

## عاشقانِ رسول سان ملاقات جون برڪتون

**شهر قصور** (پنجاب پاڪستان) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ جي تحرير بالتصرف پيش ڪريان ٿو: آءُ انهن ڏينهن ۾ ميٽرڪ جو شاگرد هئس، بُري صحبت جي سبب گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، مزاج تمام غصي وارو هو ۽ بدتميزي جي نوبت ان حد تائين پهچي وئي هئي جو پيءُ ته نهيو، ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ جي سامهون به قينچي

وانگر زبان هلائيندو هئس. هڪ ڏينهن تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو هڪ مدني قافلو اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ حاضر ٿيو، خدا جي قدرت مان بہ اوچتو **عاشقانِ رسول** سان ملاقات جي لاءِ پهچي ويس، هڪ باعمامہ اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي **درس** ۾ شرڪت جي لاءِ **دعوت پيش ڪئي.** مان ان سان گڏ ويهي رهيس، ان درس ڪانپوءِ مونکي ٻُڌايو تہ ڪجھ ئي ڏينهن ڪانپوءِ **مدينة الاولياء** ملتان شريف ۾ **دعوتِ اسلامي جو ٽي روزه بين الاقوامي سنّتن ڀريو اجتماع** ٿي رهيو آهي توهان بہ شرڪت ڪري وٺو. سندس **درس** مون تي تمام سٺو اثر ڪيو هو **تنهنڪري** مان انڪار نہ ڪري سگهيس. ايتري تائين جو مان اجتماع (ملتان) ۾ حاضر ٿي ويس. اتان جون رونقون ۽ برڪتون ڏسي ڪري مان حيران رهجي ويس،اتي ٽيڻ وارو آخري بيان ”گانے باجے کی ہولناکیاں“ ٻُڌي ڪري ڏڪي ويس ۽ اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مان گناهن کان توبھ ڪري اٿيس ۽ **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس. منهنجي مدني ماحول سان وابستگيءَ سان اسان جي گهروارن سک جو ساھ کنيو، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان مون جهڙي بگڙيل بد اخلاق نوجوان ۾مدني انقلاب جي سبب متاثر ٿي ڪري منهنجي وڏي ڀاءُ بہ ڏاڙهي رکڻ سان گڏوگڏ عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. منهنجي هڪڙي ئي ڀيڻ آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان بہ **مدني برقعو** پائي ڇڏيو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گهر جو هر ڀاتي سلسله عاليه **قادريه رضويه** ۾ داخل ٿي ڪري سرڪارِ **غوثِ**

**اعظم** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم جو مريد ٿي ويو. ۽ مون تي اللهعَزَّوَجَلَّ اهڙو ڪرم فرمايو جو مون قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري ورتي ۽ درسِ نظامي (عالم ڪورس) ۾ داخلا وٺي ڇڏي ۽ هي بيان ڏيڻ وقت **درجه ثالثه** يعني ٽئين ڪلاس ۾ پهچي چُڪو آهيان. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي متعلق **علائقائي قافله ذميدار** آهيان. منهنجي نيّت هي آهي تہ اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ شعبان المعظم1427ھ کان لڳاتار 12 مهينن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس.

دل پہ گر زنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو، ہو گا سب کا بھلا، قافِلے میں چلو
ایسا فیضان ہو، حِفظ، قرآن ہو، کر کے ہمّت ذرا، قافِلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) ٺڏو پاڻي

**حضرت** سيّدُنا سَري سَقَطي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي روزو هيو. ٿالهہ ۾ پاڻي ٺڏو ٿيڻ جي لاءِ لوٽو رکي ڇڏيو هيو، ٽيپهري جي نماز کان پوءِ مراقبي ۾ هئا، تہ بهشتي حُورن هڪ ٻئي پُٺيان سندن آڏو کان گذرڻ شروع ڪيو. جيڪا سامهون اچي پئي تنهن کان پُڇي رهيا هئا، تون ڪنهن جي لاءِ آهين؟ اها ڪنهن هڪ خداعَزَّوَجَلَّ جي ٻانهي جو نالو وٺي پئي. هڪ آئي ان کان بہ اهو پُڇيائون تہ ان چيو ان جي لاءِ آهيان جيڪو روزي ۾ پاڻي ٺڏو ٿيڻ لاءِ نہ رکي. فرمايائون، جيڪڏهن تون سچ ٿي چوين تہ هن لوٽي کي ڪيرائي ڇڏ. ان ڪيرائي ڇڏيو. ان جي آواز سان سندن اک کلي ويئي. ڏٺائون تہ اهو لوٽو ڀڳل پيو هو.

(الملفوظ حصو پهريون ص 124)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-

صَـلُّوْا عَلَى الْـحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، آخرت جون ختم نہ ٿيندڙ راحتون ۽ نعمتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نفس کي قابو ڪري دنيا جي لذتن کي ٺُڏو هڻڻو ٿو پوي. الله عَزَّوَجَلَّ وارا پنهنجي نفس کي ڏاڍو ماريندا هئا. جيئن تہ هڪ **بزرگ** رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ منجهند مهل هڪ شخص کي ڏٺو تہ برف ڪٽي وڃي رهيو آهي، دل ۾ حسرت ٿي، ڪاش! مون وٽ بہ پيسا هجن ها ۽ مان بہ **برف** خريد ڪري ٿڌو پاڻي پيئان ها. پوءِ ڪين هڪدم شرمساري ٿي تہ مان نفس جي چال ۾ چو اچي ويس! انهن عهد ڪيو تہ ڪڏهن بہ ٿڌو پاڻي نہ پيئندس. تنهنڪري سخت گرميءَ جي موسم ۾ بہ پاڻي کي گرم ڪري پيئندا هئا.

نِہنگ[1] و اژدہا و شیر نَر مارا تو کیا مارا
بڑے موذی کو مارا نفسِ اَمّارہ کو گر مارا

## (6) انعام مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

**رمضان المبارڪ** جي آمد هئي ۽ مشهور تاريخ نويس حضرت واقِدي رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه وٽ ڪجهہ نہ هيو. پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي هڪ عَلَوي دوست ڏانهن هي چٺي موڪليائون، ”رمضان شريف جو مهينو اچڻ وارو آهي ۽ مون وٽ خرچ جي لاءِ ڪجهہ ناهي مون ڏانهن قرضِ حسنہ جي طور تي **هڪ هزار درهم** موڪليو.“ تنهنڪري ان

---

[1] نهنگ يعني مانگرمڇ

عَلَوي هڪ هزار درهم جي ٿيلهي موڪلي ڇڏي. ڪجھ دير کان پوءِ حضرت وَاقِدِي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ دوست جي چٺي حضرت **واقدِي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏانهن آئي،”رمضان شريف جي مهيني ۾ خرچ جي لاءِ مون کي **هڪ هزار درهم** جي ضرورت آهي.“ حضرت **واقدِي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اها ئي ٿيلهي ان ڏانهن موڪلي ڏني. ٻئي ڏينهن اهو ئي علوي دوست جنهن کان حضرت **واقدِي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه قرض ورتو هيو ۽ اهو ٻيو دوست جنهن حضرت **واقدِي** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان قرض ورتو هيو ٻئي حضرت **واقدِي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي گهر آيا. علوي چوڻ لڳو، **رمضان المبارڪ** جو مهينو اچي رهيو آهي ۽ مون وٽ ان هڪ هزار درهمن کانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ هيو، پر جڏهن اوهان جي چٺي آئي تہ مون هي **هزار درهم** اوهان کي موڪلي ڏنا ۽ پنهنجي ضرورت جي لاءِ پنهنجي هن دوست کي چٺي لکي تہ مون کي هڪ هزار درهم قرض جي طور تي موڪلي ڏي. ان اها ئي ٿيلهي جيڪا مون اوهان کي موڪلي هئي، مون کي موڪلي ڏني تہ خبر پئي تہ اوهان مون کان قرض گهريو،وري مون پنهجي هن دوست کان قرض گهريو ۽ انهن وري اوهان کان گهريو ۽ جيڪا ٿيلهي مون اوهان کي موڪلي هئي اها توهان هن کي موڪلي ڇڏي ۽ ان اها ٿيلهي مون کي موڪلي ڏني. پوءِ هنن ٽنهي بزرگن اتفاق راءِ سان ان رقم جا ٽي حصا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا. انهيءَ رات حضرتِ سيّدُنا **واقدِي** رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي خواب ۾ **جناب رسالت مآب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت ٿي ۽ فرمايائون، اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڀاڻي توهان کي گهڻو ڪجھ ملي ويندو.

اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن امير يَحيٰى برمڪي سيّدُنا **واقدي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي گهرائي پُڇيو، ”مون رات خواب ۾ توهان کي پريشان ڏٺو آهي ڇا ڳالهه آهي؟حضرت سيّدُنا واقدي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه سڄو قصو ٻڌايو ته يَحيٰى برمڪي چيو، ” مان هي نٽو چئي سگهان ته اوهان ٽنهي مان ڪير وڌيڪ سخي آهي؟ اوهان ٽئي سخي ۽ **واجب الاحترام** آهيو. پوءِ ان ٽيهه هزار درهم حضرت **واقدي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي ۽ ويهه ويهه هزار انهن ٻنهي کي ڏنا ۽ حضرت **واقدي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي قاضي به مقرر ڪري ڇڏيو. (حجة الله علي العلمين ص 577)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**منا منا اسلامي ڀائرو!** سچا مسلمان سخي ۽ ايثار جا پيڪر هوندا آهن، ۽ پنهنجي اسلامي ڀاءُ جي تڪليف ختم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مشڪلات جي ذري برابر پرواهه ناهن ڪندا، ۽ هي به معلوم ٿيو ته **سخاوت** سان هميشه فائدو ئي ٿيندو آهي، مال گهٽ ناهي ٿيندو بلڪ وڌندو آهي ۽ هي به معلوم ٿيو ته اللهعَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امت جي حالات کان باخبر آهن ۽ **سخاوت** ڪرڻ وارن تي نظرِ **رحمت** فرمائيندا آهن. بيشڪ اللهعَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ايثار جي وڏي فضيلت آهي جيئن ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي،”جيڪو شخص ان شيءِ کي جنهن جي پاڻ ان کي حاجت هجي ٻئي کي ڏئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“ (اتحاف الساده المتقين ج 9 ص779)

## (7) روزي جي خوشبو

**حضرت** سيِّدُنا امام قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ وغيره جي استادِ حديث حضرتِ سيِّدُنا **عبدالله** بن غالب حداني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِی کي شهيد کيو ويو. تدفين کان پوءِ سندن جي قبر شريف جي مٽي مان مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي. ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو **مَا صنعت؟** يعني اوهان سان ڇا معاملو ڪيو ويو؟ چيائون،"سٺو معاملو فرمايو ويو." پُڇيائين اوهان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ڪيڏانهن نيو ويو؟ فرمايائون. "جنّت ۾ " پُڇيائين، "ڪهڙي عمل جي سبب؟" فرمايائون." ايمانِ ڪامل، تهجُّد ۽ گرمين جي روزن جي سبب، " وري پُڇيائين،"اوهان جي قبر مان مُشڪ جي خوشبو ڇو اچي رهي آهي؟" تہ جواب ڏنائون،"**هي منهنجي تلاوت ۽ روزن ۾ اڃ جي خوشبو آهي.**" (حلية الاولياء ج 6 ص 266 حديث 8553)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهڙيءَ ريت حضرتِ سيِّدُنا **امام بخاري** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی جي **قبرِ** انور جي مٽيءَ مان بہ مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي. هرهر قبر تي مٽي وِڏي ويندي هئي پر ماڻهو خوشبو جي سبب کان برڪت جي طور تي کڻي ويندا هئا. (مقدمه صحيح بخاري ج 1 ص 3)

صاحبِ **دلائل الخيرات** حضرتِ شيخ سيِّد محمد بن سليمان جزولي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي قبرِ منوّر بہ **معطر** هئي ۽ ان مان **ڪستوري جي خوشبوءِ** جي سرهاڻ ايندي هئي ڇو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن زندگي ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهندا هئا. انتقال جي ستهتر سالن کان پوءِ

ڪنهن سبب کان ”سوس“ کان ”مراڪش“ ۾ منتقل ڪرڻ جي لاءِ جڏهن سندن قبر کولي ويئي تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو جسم مبارڪ بلڪل صحيح ۽ سالم هو ايتري تائين جو ڪفن بہ پُراڻو نہ ٿيو هو. وفات کان پهريان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڏاڙهي مبارڪ جو خط نهرايو هو اهو ائين ئي هيو، جيئن اڄ ئي نهرايو آهي، ايتري تائين جو ڪنهن امتحان جي طور تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي **ڳِل مبارڪ** تي آڱر رکي زور ڏنو تہ ان جڳهہ تان رت هٽي ويو ۽ جتان زور ڏنو هو اها جڳهہ اچي ٿي وئي يعني زنده انسانن جيان رت بہ جسم ۾ جاري ۽ ساري هو. (مطالع المسرات ص 4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (8) رمضان ۽ شوال جي ڇهہ روزن جي برڪت

**حضرت** سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا هڪ پيري مان ٽن سالن تائين مڪهءِ مڪرمه زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ مقيم رهيس. هڪ **مَڪِي شخص** روزانو ٻنپهرن جي وقت ڪعبي جو **طواف** ڪندو هو. نماز جون بہ رڪعتون ادا ڪندو هو پوءِ مون کي سلام ڪري پنهنجي گهر هليو ويندو هو. مون کي ان نيڪ شخص سان محبت ٿي وئي. اهو سخت بيمار ٿي پيو مان عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس تہ ان مون کي وصيّت ڪئي. جڏهن مان فوت ٿي وڃان تہ اوهان رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي هٿن سان غسل ڏئي منهنجي جنازي جي نماز ادا فرمائجو. مون کي اڪيلو نہ ڇڏجو پر سڄي رات منهنجي قبر وٽ تشريف فرما رهجو ڳڏوڳڏ منڪر نڪير جي اچڻ جي وقت

مون کي تلقين فرمائجو.“ مون هائوڪار ڪري ڇڏي. جيئن تہ ان جي انتقال ڪان پوءِ مون وصيّت مطابق ئي عمل ڪيو. قبر وٽ حاضر هئس تہ مون کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. مون هاتف غيبي جو آواز ٻُڌو، ” اي **سفيان** (رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) هن کي توهان جي تلقين ۽ قربت جي ڪا حاجت ناهي، ان لاءِ جو اسان پاڻ ئي هن کي قرب ڏنو ۽ تلقين ڪئي. مون چيو، هن کي ڪهڙي عمل جي سبب هي رتبو مليو؟ آواز آيو،” **رمضان المبارڪ ۽ ان ڪان پوءِ شوال المڪرم جا ڇهہ روزا رکڻ جي برڪت سان.**“ حضرت سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ان هڪ رات ۾ اهو ئي خواب مون ٿي پيرا ڏٺو. مون بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، **يا الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي بہ پنهنجي فضل و ڪرم سان هنن روزن جي توفيق عطا فرماءِ. (**قليوبي** ص 14)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (9) رمضان جو چنڊ

**هڪ** پيري رمضان شريف جي **چنڊ** جي باري ۾ ڪجهہ اختلاف پيدا ٿي پيو، ڪي ماڻهو چون پيا تہ **رات جو چنڊ ٿي ويو.** ڪي چون پيا نہ ٿيو. حضور **غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عليها ارشاد فرمايو منهنجو هي ٻار (يعني حضورِ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُاللهِ الْاَكْرَم) **جڏهن** ڪان پيدا ٿيو آهي رمضان شريف جي ڏينهن ۾ سڄو ڏينهن کير نہ ٿو پيئي ۽ اڄ بہ جيئن تہ **عبدالقادر** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الظَّاهِر **کير** ناهي پيتو ان لاءِ گهڻو ڪري رات جو **چنڊ** ٿي ويو آهي. اهڙي طرح پوءِ تحقيق ڪرڻ

تي ثابت ٿيو ته چنڊ ٿي ويو آهي. (بهجة الاسرار ص 172)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي۔

غوثِ اعظم مُتّقی ہر آن میں

چھوڑا ماں کا دودھ بھی رَمضان میں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جگر جو ڪينسر ٺيڪ ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي محبت ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي چاهت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو ۽ خوب خوب رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪريو، اچو توهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ ايمان افروز خوشگوار **مدني بهار** توهان کي ٻڌايان ٿو جيئن ته. **گلستانِ مصطفیٰ** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ کي تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مدينة الاولياء** ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري **بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع** جي دعوت پيش ڪئي جنهن جي ڏيڍُ کي **جگر جو ڪينسر** هو. اهو دعاءِ شفا جو جذبو کڻي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. ان جو چوڻ آهي ته مون اجتماع پاڪ ۾ خوب دعا ڪئي. اَلحَمدُللهِ عَزَّوَجَلَّ **واپسي ڪانپوءِ جڏهن پنهنجي ڏيڍُ جو چيڪ اپ ڪرايم ته ڊاڪٽر حيران رهجي ويا ڇو ته ان جي جگر جو ڪينسر ختم ٿي چُڪو هو.** ڊاڪٽرن جي

پوري ٽيم حيرت ۾ هئي ته آخر ڪينسر ويو ڪيڏانهن! جڏهن ته حالت ايتريقدر خراب هئي جو **اجتماع پاڪ** ۾ وڃڻ ڪان اڳ ان ڇوڪريءَ جي جگر مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سرنج پري مواد ڪڍيو ويندو هو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع پاڪ (ملتان) ۾ **شرڪت جي برڪت سان** ان ڇوڪريءَ جي **جگر** ۾ **ڪينسر** جو نالو نشان به نه رهيو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ تائين اها ڇوڪري هاڻي نه رُڳو صحتمند آهي بلڪ ان جي شادي به ٿي چُڪي آهي.

اگر دردِ سر ہو، کہ یا کینسر ہو، دلائے گا تم کو شفامَدَنی ماحول
شفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی یقیناہے بَرَکت بھرامَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (10) اهلبيت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جا ٿي روزا

**حضراتِ** حسنين ڪريمين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا ننڍپڻ ۾ هڪ ڀيري بيمار ٿي پيا ته حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضیٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم ۽ حضرتِ سيّدَتُنا بيبي فاطمه ۽ خادمه حضرت سيّدَتُنا فضه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا انهن شهزادن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا جي صحت يابي جي لاءِ **ٽن روزن جي** باس باسي. الله تعالیٰ ٻنهي شهزادن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کي شفا عطا فرمائي. ۽ پوءِ ٽي روزا رکيا ويا. **حضرت مولیٰ علي** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيم **ٽي صاع** جَوَ ڪٺي آيا هڪ هڪ صاع (يعني تقريباً چار ڪلو 100 گرام) ٽي ڏينهن پچايا جڏهن افطار جو وقت آيو ۽ ٽنهي روزيدارن جي سامهون مانيون رکيون ويون ته هڪ ڏينهن **مسڪين** هڪ ڏينهن يتيم ۽ هڪ ڏينهن

**قيديءِ** دروازي تي حاضر ٿيا ۽ مانين جو سوال ڪيو تہ ٿيئي ڏينهن سڀ مانيون انهن **سائلن** ڪي ڏئي ڇڏيون ۽ رُڳو پاڻيءَ سان روزو افطار ڪري اڳيون روزو رکي ڇڏيائون. (خزائن العرفان ص 926)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے
کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**قرآن مجيد** ۾ **اللّٰه تعالیٰ** پنهنجي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهُ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري شهزاديءَ جي گهراڻي جي هن ايمان افروز ايثار کي اٽتيهين سيپاري جي سُوْرَةُ الدَّهْرِ جي آيت نمبر 8 ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰی حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّلَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ کاڌو کارائيندا آهن. ان جي محبت تي مسڪين ۽ يتيم ۽ اسير (يعني قيدي) کي انهن کي چوندا آهن اسين توهان کي خاص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ کاڌو ڏيندا آهيون. توهان کان ڪو بدلو يا شڪر گذاري ناهيون گهرندا.

سُبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ايمان افروز **حڪايت** ۾ اهل بيت اطهار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جي ايثار واري جذبي جو سهڻو اظهار آهي! واقعي ٽن ڏينهن تائين رُڳو پاڻي پي روزو رکي ڇڏڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي. اسين جيڪڏهن روزو رکون تہ افطار ۾ ٿڌا ٿڌا شربت. ڪباب، سموسا، مٺا مٺا ميوا، گرما گرم برياني ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا گهرجي! ايتريقدر

تنگدستي جي عالم ۾ ايڏو شاندار ايثار به انهن جو ئي حصو هو. **ايثار** جي هڪ فضيلت جيڪا ”روزيدارن جون 12 حڪايتون“ مان حڪايت نمبر6 ۾ به گذري. پيهر پيش ڪئي وڃي ٿي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي، ”جيڪو شخص ان شيءِ ڪي جنهن جي پاڻ ان ڪي حاجت هجي بئي ڪي ڏئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي بخشي ڇڏيندو آهي.

(اتحاف الساده المتقين ج 9 ص 779)

**اهلبيتِ** اطهار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم جي شانِ عظمت نشان ۾ نازل ٿيل آيتِ ڪريمه جي ان حصي تي به توجهه فرمايو جنهن ۾ انهن جو قول بيان ڪيو ويو آهي.”اسين توهان ڪي خاص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪاڏو ڏيون ٿا توهان ڪان ڪو بدلو يا شڪر گذاري نه ٿا گهرون.“ هن قول ۾ **اخلاص** جو عظيم الشّان درجو بيان ڪيو ويو آهي. ڪاش! اسان به پنهنجو هر عمل فقط الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪرڻ سگهي وڃون. ڪنهن تي احسان ڪري ان جو بدلو چاهڻ يا ان جي طرف ڪان شڪريي جي طلب رکڻ اهي سڀ خواهشون ختم ٿي وڃن. بهتر ته اهو ئي آهي جو ڪنهن تي احسان ڪري يا سائل ڪي ڪاڏو يا خيرات ڏئي ڪري هي به نه چيو وڃي ته ”دعا ۾ ياد رکجو“ ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان ان ڪان بدلو طلب ڪري ورتو! هاڻي اهو دعا ڪري يا نه ڪري اسان جي حق ۾ قبول ٿئي يا نه ٿئي اسان جا نصيب.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (11) مسلسل چاليهہ ورهين تائين روزا

**حضرتِ سيِّدُنا داود طائي** رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه **مسلسل چاليهہ سالن تائين روزا رکندا رهيا** پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه **جي اخلاص** جو هي عالم هيو جو پنهنجي گهر واريءَ کي بہ خبر تيڻ نہ ڏنائون. کم تي ويندي منجهند جو ڪاڌو ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا، سانجهيءَ ڪانپوءِ گهر اچي ڪاڌو ڪائي وننده هئا. (معدنِ اخلاق حصو پهريون 182)

صَـلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## داود طائي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نفس جي مخالفت جا واقعا

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اخلاص هجي تہ اهڙو! حضرتِ سيِّدُنا داود طائي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه کي پنهنجي نفس تي زبردست قابو هيو. تذکرة الاولياء ۾ آهي هڪ ڀيري گرمي جي موسم ۾ **اس** ۾ ويٺي عبادت ۾ مشغول هئا. تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي والده محترمه رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عليها فرمايو، پٽ ڇانوَ ۾ اچين ها تہ بهتر هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ۾ عرض ڪيائون، امان سائڻ! ”مون کي شرم ٿو اچي تہ پنهنجي نفس جي خواهش جي لاءِ ڪو قدم کڻان.“ **هڪ** ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پاڻيءَ جو گهڙو (يعني دلو) **اس** ۾ ڏسي ڪنهن عرض ڪيو يا سيِّدي! هي ڇانوَ ۾ رکيل هجي ها تہ سنو هو. فرمايائون جڏهن مون رکيو تہ ان وقت هتي ڇانوَ هئي پر هاڻي **اس** مان کڻندي شرمندگي محسوس ٿي رهي آهي جو مان رُڳو پنهنجي نفس جي راحت جي خاطر دلو هٽائڻ ۾ وقت خرچ ڪريان ۽ ايتري دير ذڪرِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان غافل ٿي

وجان! هڪ پيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه **اس** ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيا هئا. ڪنهن چانوَ ۾ اچڻ جي درخواست ڪئي ته فرمايائون ”مون کي نفس جي پيروي ناپسند آهي.“ يعني نفس به اهو ئي مشورو ڏئي رهيو آهي ته چانوَ ۾ اچ پر مان ان جي پيروي نه ٿو ڪري سگهان. انهيءَ ئي رات پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو وصال ٿي ويو. سندن انتقال کان پوءِ غيب مان آواز ٻُڌڻ ۾ آيو، ”داود طائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مراد کي پهتو ڇو ته ان جو پروردگار عَزَّوَجَلَّ ان کان خوش آهي.“ (تذكرة الاولياء ص 201 کان 202)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**

## پنهنجي نيڪين جو اعلان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حڪايت نمبر 11 مان انهن ماڻهن کي ضرور عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي. جيڪي موقعو ملندي ئي بنا شرعي ضرورت جي صرف پنهنجي ڏيکاءُ جي لاءِ پنهنجي **نيڪين جو اعلان** ڪري رياڪاري جي تباهڪاري ۾ وجهي پوندا آهن، مثال طور ڪو چوندو آهي مان هر سال **رجب، شعبان ۽ رمضان** جا روزا رکندو آهيان (جڏهن ته ماهه **رمضان المبارڪ** جا روزا ته فرض آهن پوءِ به اهو رياڪار جيڪو ٻن مهينن جا نفلي روزا رکي ٿو پنهنجي رياڪاري جو وزن وڌائڻ جي لاءِ چوندو آهي مان هر سال ٽي مهينا رجب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکان ٿو.) (وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ) ڪو چوندو آهي مان هيترن سالن کان هر مهيني **ايام بِيض** جا روزا رکي رهيو آهيان. ڪو پنهنجي **حج** جي تعداد جو ته ڪو **عمري** جي ڳڻپ جو اعلان ڪندو آهي. ڪو چوندو آهي مان روزانو هيترا **درود شريف** پڙهندو آهيان.

هيتري عرصي کان **دلائل الخيرات شريف** جو ورد ڪري رهيو آهيان هيتري تلاوت ڪندو آهيان هر مهيني فلاڻي مدرسي کي هيترو چندو پيش ڪندو آهيان. مطلب تہ هرويرو پنهنجي نوافل، تهجُّد، نفلي روزن ۽ عبادتن جو خوب ذڪر ڪيو ويندو آهي. **افسوس!** اخلاص جو پري پري تائين ڪو پتو ناهي. **ياد رکو!** رياڪاري جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، **جُبُّ الحُزن** کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ طلب ڪريو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، **جُبُّ الحُزن** ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون،”دوزخ ۾ هڪ کوهہ آهي جنهن جي سختي کان دوزخ بہ روزانو **چار سؤ ڀيرا** پناهہ گهرندو آهي. هن ۾ **رياڪار قارين** کي وڌو ويندو.“

**(سنن ابن ماجه ج 1 ص 167 حديث 256)**

## حفظ جي خوشي ۾ تقريب

**اڄڪلهہ** ٻار، ٻارڙي جيڪڏهن قرآن پاڪ جو حفظ مڪمل ڪري وٺي تہ ان جي لاءِ شاندار تقريب ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ان کي گلن سان ڍڪيل لباس ۽ گل چٽڪارڻ ۽ تحفن ۽ تعريفي جملن سان خوب نوازيو ويندو آهي. گهر وارا شايد سمجهندا هوندا اسان **حوصلہ افزائي** ڪري رهيا آهيون. پر معذرت سان عرض آهي تہ ٻار ”**بلند حوصلي**“ وارو هيو تڏهن تہ **حافظ بڻيو**. **ها حفظ** شروع ڪرائڻ وقت **حوصلہ افزائي** جي واقعي ضرورت هوندي آهي. تہ ڪهڙيءَ بہ طرح هي پڙهي وٺي. بهرحال حافظ مدني منّي يا منّيءَ جي **حفظ جي تقريب** ۾ حوصلہ افزائي ٿي رهي آهي يا اهو پاڻ ”ڦوندجي“ رهيو آهي هن تي

غور ڪيو وڃي. ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان جي هي ”تقريبِ سعيد“ هن ويچاري سادي سودي حافظ مدني منّي جي رياڪاري جي تربيت جو سبب بڻجي رهي هجي!

## مون اخلاص ڪي گهڻو تلاش ڪيو

**مون** اهڙي قسم جي تقريبُن ۾ اخلاص کي گهڻو ڳوليو،مون کي نہ ملي سگهيو بس رُڳو ڏيکاءُ ۽ نمائش ئي نظر آئي. ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن مَعاذاللهعَزَّوَجَلَّ تصويرون بہ ڪڍيون وڃن ٿيون. اهڙي طرح اڪثر ننڍي عمر جي مدني منّي ۽ منّيءَ جي ”روزو افطار ڪرڻ“ جي تقريب ۾ بہ تصويرن جي گناهہ جو سلسلو هوندو آهي. ٺيڪ هيئن گهرجي ها تہ سادگيءَ سان روزو ڪولرائڻ جي رسم ادا ڪئي وڃي. يا **حافظ مدني منّي** جي ديني ترقي جي لاءِ سيني کي گڏ ڪرڻ جي بجاءِ بزرگن جي بارگاهن ۾پيش ڪري سچي عمر قرآن پاڪ ياد رهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جون **دعائون ورتيون** وڃن تہ اِن شآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هن ۾ برڪتون وڌيڪ ٿينديون.

وَاللّٰہُ تعالٰی اَعلَمُ وَرَسُولُہٗ اَعلَم عَزَّوَجَلَّ وَ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## چڱيءَ طرح غور فرمائي وٺو

**مطلب** تہ چڱيءَ ريت غور ڪري وٺڻ گهرجي تہ اسين جيڪا تقريب ڪرڻ وڃي رهيا آهيون ان ۾ اسان جي آخرت جو ڪيترو فائدو آهي. جيڪڏهن اوهان جي دل واقعي مطمئن آهي تہ **حفظ قرآن** جي خوشي جي تقريب سان نمائش جو مقصد ناهي. ۽ هي بہ يقين آهي تہ

مدني منّي کي رياڪاري پري ذهن جو ڪو خطرو ناهي. يعني اوهان هن کي اخلاص جي اعليٰ تربيت ڏئي چُڪا آهيو تہ بيشڪ تقريب ڪريو. الله عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حفظ ڪرڻ آسان آهي پر حافظ رهڻ مشڪل آهي

**هي** ڳالھ نهايت ئي ڳڻتي جوڳي آهي تہ جن حافظن ۽ حافظات جون شاندار تقريبون ٿينديون آهن انهن جو وڏو تعداد اڳتي هلي قرآن پاڪ وساري ڇڏيندو آهي. ائين لڳي ٿو تہ ڪجھ خاندانن ۾ هڪ رواج ٿي ويو آهي تہ ٻار يا ٻارڙي کي قرآن حفظ ڪرايو وڃي. بيشڪ هي تمام نيڪ ڪم آهي **پر هي ياد رکو تہ حفظ ڪرڻ آسان آهي پر سڄي عمر حافظ رهڻ مشڪل آهي**. انهيءَ ڪري جيڪو بہ پنهنجي اولاد کي **حفظ ڪرائي** ان جي خدمت ۾ درد پري مدني التجا آهي تہ **سڄي عمر پنهنجي حافظ اولاد تي پورو ڌيان بہ رکي** ۽ تاڪيد ڪري تہ جيڪڏهن گهڻو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو روزانو تلاوت جاري رهي تہ جيئن **حفظ باقي رهي**. نبين جي سلطان رحمتِ عالميان، سردارِ دوجهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي، قرآن کي هميشہ پڙهندا رهو، سو قسم آهي ان جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي **جيئن تہ قرآن نڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيار آهي انهن اُٺن کان جيڪي پنهنجي رسيُن سان ٻَڌل هجن.** (صحيح بخاري ج 3 ص 412 حديث 5033) يعني جهڙي طرح ٻَڌل اُٺ ڇُڙڻ چاهيندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي حفاظت ۾ احتياط نہ ڪيو

وجي تہ چڙي وجن ان کان وڏيڪ قرآن جي ڪيفيت آهي جيڪڏهن ان کي ياد نہ ڪندا رهندؤ تہ اهو توهان جي سينن مان **نڪري** ويندو پوءِ توهان کي گهرجي تہ هر وقت ان جو خيال رکو ۽ ياد ڪندا رهو ۽ هن لازوال دولت کي هٿن مان وڃڻ نہ ڏيو. (فتاوىٰ رضويه ج 23 ص 745)

## حفظ وسارڻ جو عذاب

**جيڪي** حافظ هر سال رمضان المبارڪ جي اچڻ کان ٿورو عرصواڳ رُڳو تراويح پڙهائڻ جي لاءِ منزل پڪي ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ سڄو سال غفلت جي سبب ڪيترين ئي آيتون وساري ڇڏيندا آهن اهي هرهر پڙهن ۽ **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪن. ڳڏوڳڏ جنهن هڪ آيت بہ وساري ڇڏي آهي اهو ٻيهر ياد ڪري وٺي ۽ وسارڻ جو جيڪو **گناهہ** ٿيو ان کان سچي توبهہ ڪري.”جيڪو قرآني آيتون ياد ڪرڻ ڪانپوءِ وساري ڇڏيندو قيامت جي ڏينهن **انڌو** اٿاريو ويندو.“ (مآخذ پ 16 طٰهٰ 125،126)

## ٽي فرامينِ مصطفيٰ

**مدينه1**: **منهنجي** امت جا ثواب منهنجي حضور پيش ڪيا ويا، ايتري تائين جو مون انهن ۾ اهو **ڪک** بہ ڏٺو جنهن کي ماڻهو مسجد مان ڪڍي ٿو ۽ منهنجي امت جا گناهہ منهنجي حضور پيش ڪيا ويا مون ان کان وڏو **گناهہ** نہ ڏٺو تہ ڪنهن ماڻهو کي قرآن جي هڪ سورة يا هڪ آيت **ياد** هجي پوءِ اهو ان کي وساري ڇڏي. (جامع ترمذي ج 4 ص 420 حديث 2925)

**مدينه 2**: **جيڪو** شخص قرآن پڙهي پوءِ ان کي وساري ڇڏي تہ قيامت

جي ڏينهن الله تعالیٰ سان ڪوڙهي ٿي ڪري ملندو. (ابوداود ج 2 ص 107 حديث 1474)

**مدينه 3:** **قيامت** جي ڏينهن منهنجي امت کي جنهن **گناهہ** جو پورو بدلو ڏنو ويندو اهو هي آهي تہ انهن مان ڪنهن کي قرآن پاڪ جي ڪا سورة ياد هئي پوءِ ان اها وساري ڇڏي. (ڪنزالعمال ج 1 ص 306 حديث 2843)

## فرمانِ رضوي

**اعلیٰ حضرت، امام اهلسنّت، امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا، " ان کان وڌيڪ ڪير نادان آهي جنهن کي خدا عَزَّوَجَلَّ اهڙي همت بخشي ۽ اهو ان کي پنهنجي هٿن سان وڃائي ڇڏي، جيڪڏهن هن (يعني قرآن پاڪ جي حفظ) جو قدر ڄاڻي ها ۽ جنهن ثواب ۽ درجن جو واعدو ڪيو ويو آهي انهن کي ڄاڻي ها تہ ان کي جان ۽ دل کان وڌيڪ پيارو رکي ها."وڌيڪ فرمائن ٿا،"جيترو ٿي سگهي ٻين کي پڙهائڻ ۽ حفظ ڪرائڻ ۽ خود ياد رکڻ ۾ ڪوشش ڪري تہ جيئن اهي ثواب جن جو ان لاءِ واعدو ڪيو ويو آهي (اهي) حاصل ٿين ۽ قيامت جي ڏينهن انڌو ڪوڙهي اٿڻ کان بچي. (فتاویٰ رضويه ج 23 ص 645،647)

## نيڪيءَ جي اظهار جي ڪڏهن اجازت آهي؟

**تحديثِ نعمت** (يعني نعمت کي ظاهر ڪرڻ) جي نِيَّت سان نيڪ عمل جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ڪو اڳواڻ آهي ۽ اهو پنهنجو عمل هن نيت سان ظاهر ڪري ٿو تہ ماتحت ماڻهن کي ان سان عمل جي رغبت ملندي تہ پوءِ رياڪاري ناهي پر هر هڪ کي پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ وقت هڪ سؤ هڪ ڀيرا پنهنجي دل جي ڪيفيت تي غور

ڪرڻ گهرجي ڇو ته شيطان تمام وڏو مڪار آهي، ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ريت اياري به اهو رياڪاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. مثال طور دل ۾ وسوسو وجهي ته ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ، ”مان ته رڳو تحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجو عمل ٻڌائي رهيو آهيان.“ پر دل ۾ خوشي ملهائي رهيو هوندو آهي ته هن طرح ٻڌائڻ سان ماڻهن جي دل ۾ منهنجي عزّت وڌي ويندي. هي يقيني طور تي رياڪاري آهي. ۽ گڏوگڏ تحديثِ نعمت جو چوڻ رياڪاريءَ منجهه رياڪاري آهي ۽ گڏوگڏ ڪوڙ جي گناهِ ڪبيره جي تباهڪاري به آهي. تفصيلي معلومات جي لاءِ **حُجَّةُ الْاسلام** حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي جي تصوف جي ڪتابن **احياءُ العلوم** يا ڪيمياءِ سعادت مان نيّت، اخلاص ۽ ريا (يعني ڏيکاءُ) جي بابن جو مطالعو ڪريو. ڪاش! انهن کي پڙهڻ کان شيطان محروم نه ڪري. ڇو ته هي مردود ڪڏهن نه چاهيندو ته مسلمان جو عمل خالص ٿي مقبول ٿي وڃي.

**يا رب مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي **اخلاص** سان پنهنجي عبادت ۽ نفلي روز ن جي ڪثرت جي سعادت نصيب فرماءِ ۽ اسان کي شيطان جي انهن حيلن بهانن جي سڃاڻپ عطا فرماءِ جن جي ذريعي هُو اسان جا اعمال برباد ڪري ڇڏيندو آهي. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ریاکاریوں سے بچایا الٰہی　　مجھے عبدِ مخلص بنایا الٰہی

## (12) روزيدارن جو پاڙو

**حضرتِ** سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار **چاليهن سالن** جي دؤران ڪڏهن به **ڪارڪ** نه کاڌي. چاليهن سالن ڪانپوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي جڏهن ڪارڪ کائڻ جي گهڻي خواهش ٿي ته نفس کي مارڻ لاءِ

مسلسل اٺ ڏينهن روزا رکيائون. پوءِ **ڪارڪ** خريد ڪري ڏينهن جي وقت بصره شريف جي هڪ پاڙي جي **مسجد** ۾ **داخل** ٿيا. اجان ڪائڻ جي لاءِ ڪڍيون ئي هيائون تہ هڪ **ٻار رڙيون** ڪرڻ لڳو بابا!مسجد ۾ يهودي اچي ويو آهي! ان جو والد صاحب يهودي جو نالو ٻُڌندي ئي هٿ ۾ ڏندو ڪٽي پڳو پر ايندي ئي پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سڃاڻي ورتو ۽ معذرت ڪندي چيو حضور! ڳالهہ دراصل هي آهي تہ اسان جي پاڙي ۾ سيئي مسلمان روزا رکندا آهن هتي يهودين کان علاوه ڏينهن جي وقت ڪو ناهي ڪائيندو انهي لاءِ ٻار کي اوهان رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي يهودي هجڻ جو شڪ ٿيو. براءِ ڪرم!اوهان رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي خطا مُعاف فرمائي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه عالمِ جوش ۾ فرمايو، ٻارن جي زبان ”غيبي زبان“ هوندي آهي پوءِ قسم کاڌائون تہ هاڻي ڪڏهن بہ **ڪارڪ** ڪائڻ جو نالو ئي نہ وٺندس. (تذکرة الاولیاء حصه اول ص 252)

## گوشت جي خوشبوءِ سان ئي گذارو ڪري ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان!اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين پنهنجي نفس کي ڪهڙي طرح مارِيندا هئا. سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار جي نفس ڪشي جو ڇا چئجي! پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه سالن تائين ڪا لذيذ شيءِ نہ ڪائيندا هئا. عام طور تي ڏينهن جو روزيدار رهي ڪري رُکي مانيءَ سان افطار جو معمول هُين. هڪ ڀيري نفس جي خواهش تي **گوشت** خريد ڪيائون ۽ ڪٽي هليا، رستي ۾ سنگهيائون ۽ فرمايائون، اي نفس! گوشت جي خوشبوءِ سنگهڻ ۾ بہ تہ مزو آهي. بس هن کان وڌيڪ هن ۾ تنهنجو ڪو حصو ناهي اهو چئي

ڪري **گوشت** هڪ فقير کي ڏئي ڇڏيائون. وري فرمايائون، **اي نفس**! مان ڪنهن دشمنيءَ جي سبب توکي اذيت نہ ٿو ڏيان مان تہ رُڳو ان لاءِ تو کي صبر جو عادي بڻائي رهيو آهيان جو رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لازوال دولت نصيب ٿي وڃي. (تذکرة الاولياء حصه اول ص 52)
هي بہ معلوم ٿيو تہ پهريان جا مسلمان نفلي روزن سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا جو بصره شريف جي هڪ سموري پاڙي جو هر مسلمان روزانو ئي روزو رکندو هيو!

## نادان ٻارن جي طرف کان نيڪي جي دعوت

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَفَّار جو هي فرمائڻ تہ، ٻارن جي زبان "غيبي زبان" هوندي آهي نهايت ئي پُرمغز (يعني وڏي فهم وارو) ارشاد آهي. واقعي نادان ٻارن جي ڳالهين ۽ حرڪتن ۾ بہ اڪثر **عبرت جا مدني گل** ڏنا ويندا آهن اتفاق سان بيان ڪيل حڪايت نمبر 12 سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ (يعني راقم الحروف) باب المدينه ڪراچي ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ جي گهر ۾ 9 **شوال المکرم** 1422ھ تي تحرير ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي طعام جي وقت دستر خوان تي گهر جي مالڪ جو مدني منّو ۽ مدني منّي بہ گڏ ئي شامل ٿي ويا. انهن ٻنهي کاڌي کائڻ جي دؤران، **حرص ۽ طمع، هرويرو جهيڙو، بي عزتي، بي صبري، چُغلي، حسد، شهرت جي محبت، رياڪاري، مصيبت جو بي ضرورت تذڪرو ۽ فُضول ڳالهيون ڪرڻ** وغيره جي متعلق مون کي خوب درس ڏنو!! اوهان شايد سوچ ۾ پئجي ويا هوندؤ تہ ٻي سمجھ ٻار ايڏن سارن عُنوانن تي ڪهڙيءَ

طرح درس ڏئي سگهن ٿا! هنن درسن جو راز هي آهي تہ اهي اهڙيءَ طرح جون حرڪتون ڪرڻ لڳا جنهن سان مدني ذهن رکڻ وارا انسان گهڻو ڪجهہ سکي سگهن ٿا. مثال طور انهن ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ڪڍيو، ڪجهہ کاڌو،ڪجهہ ڪيرايو، ۽ ڪجهہ ٿالهيءَ ۾ ڇڏي ڏنو. هنن جي ان حرڪت مان هي سکڻ جي لاءِ مليو تہ پنهنجي پليٽ ۾ ضرورت کان وڌيڪ کاڌو وجهڻ هي **حرص ۽ طمع** جو اُهڃاڻ ۽ نادان ماڻهن جو ڪم آهي. سمجهدار ماڻهو ائين نہ ٿو ڪري سگهي. ڪِريل کاڌو ائين ئي ڇڏي ڏيڻ جو اڇلايو وڃي هي اسراف آهي. ڪائي ڪري ٿانءُ چٽي ڇڏڻ سنّت آهي، اسراف ڪرڻ ۽ سنّت جي خلاف ڪم ڪرڻ عقلمندن جو نہ نادانن جو ڪم آهي. ڇو تہ ٻار نادان ئي هوندا آهن. **مَنّي 7up جي ڏيڍ ليٽر جي بوتل** مان پنهنجي لاءِ پورو گلاس ڀري ورتو تہ ان تي منّيءَ احتجاج ڪيوايتري تائين جو پهريان بوتل ڪٽي منهنجي ويجهو رکي ڇڏي پوءِ بہ اطمينان نہ ٿيو تہ اتان کان بہ کڻي ڪمري کان ٻاهر ڪنهن ٻئي جي تحويل ۾ ڏئي آئي. هن ”**ويڙهہ**“جي ذريعي جڻ منّي حرص تي درس ڏنو ۽ منّيءَ حسد تي. جيئن تہ ٻنهي ۾ اٽبٽت ٿي ويئي هئي انهيءَ ڪري هاڻي هڪ ٻئي جا ”**عيب**“ ڪڍڻ لڳا ۽ جڻ هيئن سمجهي رهيا هئا تہ ڏسو! اسان نادان آهيون انهيءَ لاءِ فُضُول گوئي، حسد، بي عزتي، هرويرو جهيڙو ۽ بي صبريءَ جو مظاهرو ڪندي ۽ هڪ ٻئي جا پول کوليندا آهيون جيڪڏهن داناءُ سڏرائڻ وارو شخص بہ اهڙين حرڪتن جو ارتڪاب ڪري تہ اهو بي وقوف ٿيو يا نہ؟ نيڪ

آهي اسان پنهنجي منهن ميان منو بہ ٻڌجي رهيا آهيون، يعني پنهنجي زبان سان پنهنجا فضائل بہ بيان ڪري رهيا آهيون،هڪ ٻئي جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي بہ ظاهر ڪري رهيا آهيون پراسان تہ ننڍا ٿي ڪري آزاد ٿي ويندا سين. هنن مُعاملن ۾ اسان جي آخرت ۾ بہ ڪا پڪڙ ناهي ڇو تہ اسان اڃان نابالغ آهيون. جيڪڏهن اوهان بہ اسان جيان غلطيون ڪندي **بيعزتي، رياڪاري، ڪوڙ ۽ حسد** وغيره وغيره گناهن ۾ پوندا تہ ٿي سگهي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن فردِ جرم عائد ڪري جهنّم جو حڪم ٻُڌايو وڃي. جيڪڏهن خدانخواستہ ائين ٿيو تہ اوهان کي اهو صدمو ٿيندو جو دنيا ۾ پاڻ صدمي بہ ڪڏهن اهڙو صدمو نہ ڏٺو هوندو!

## مدني منيءَ ميندي وارا هٿ ڇو ڏيکاريا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!سچي ڳالهہ هي آهي تہ انهن مدني منن ۽ لاشعور مبلغن جي حرڪتن مان مون رُڳو ڪجهہ جو ئي بيان ڪيو آهي. جيڪڏهن ٻارن جي سڄي ڏينهن جي حرڪتن جو جائزو ونجي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ انهن جي هر حرڪت ۽ هر سَڪنَت (يعني خاموشي) ۾ اسان جي لاءِ عبرت جا **بيشمار مدني گل** هوندا آهن. هڪ ڀيري **شبِ عيد ميلاد النبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿي هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي ننڍڙي مدني منّيءَ کي کڻي آيو. هوءَ پنهنجا **ميندي سان رڱيل** هٿ ڏيکاري ڪري منهنجي توجهہ چاهي رهي هئي. ان مان مون اهو **”مدني گل“** حاصل ڪيو جڻ اها چوڻ چاهي پيئي تہ، حاجت شرعي جي بغير بلاواسطہ (سِڌيءَ طرح) يا بلواسطہ (اڻ سِڌيءَ طرح) (INDIRECT) پنهنجي خوبين جو اظهار بہ **حُبِ جاهہ** يعني

واهه واهه جي چاهت جي نشاني آهي جيڪا اسان جهڙن نادانن جو ئي حصو آهي. ظاهر آهي ٻارڙيون پنهنجا مينديءَ سان رڱيل هٿ ڏيکاري ڪري يا ٻارڙا پنهنجن نَوَن ڪپڙن وغيره جي طرف متوجهه ڪري واهه واهه ۽ تعريف جا ئي طلبگار هوندا آهن پر ان ۾ ضمناً وڏن جي لاءِ تمام وڏو **عبرت جو مقام** هوندو آهي. اڄڪلهه ماڻهن جي اڪثريت حبِ جاهه ۾ مبتلا نظر اچي رهي آهي. پنهنجي عزّت ٻڌائڻ، شهرت وڌائڻ ۽ واهه واهه پسندي جو مرض اڄڪلهه عام آهي. حد ته اها آهي ته مساجد و مدارس جي تعمير ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ به پنهنجي نيڪ نامي يعني شهرت جي ئي تلاش رهندي آهي، اهو تمام خطرناڪ مرض آهي پر هاڻي ان طرف ماڻهن جي توجهه ئي ناهي. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ عبرت نشان** آهي "ٻه ٻُکايل ٻگهڙ جنکي ٻڪرين ۾ ڇڏيو وڃي اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال ۽ مرتبي جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي." **(جامع ترمذي شريف ج 4 ص 166 حديث 2383)**

## مان جمعي نماز کان به محروم هئس

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شهرت ۽ مال جي محبت دل مان ڪڍڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي **تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** سان هر دم وابسته رهو ۽ **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن** ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون به ڇا خوب بهارون آهن! جيئن ته **گوجرانواله** (صوبي پنجاب) جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ

ڪجهه هن طرح جي تحرير ڏني ته مان فرنگي فيشن ۾ ٻڏل گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس ۽ بُري صحبت جي سبب مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ شراب پيئڻ جو به عادي ٿي چُڪو هئس. حالت ايتري تائين پهچي چُڪي هئي جو جمعي جي نماز به نه پڙهندو هئس. آءُ قرآن پاڪ جو حافظ هئس پر **تقريبًا 12 سالن** کان قرآن پاڪ کولي ڪري نه ڏٺو هئم، جنهن جي سبب ڪافي **قرآن پاڪ** مون کان وساريو ويو هو. بهرحال زندگي جا ڏينهن غفلت ۾ گذري رهيا هئا. ته ايتري ۾ نصيب جاڳيو ۽ هڪ باعمامه اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي ويئي. سندن حُسن اخلاق ۽ شفقت ڀريئي انداز کان آءُ تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ ان مون کي **مدينة الاولياء ملتان شريف** ۾ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالگمير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀريئي اجتماع** جي دعوت پيش ڪئي، مون معذرت ڪندي ٻُڌايو ته مان بيروزگار آهيان، معاشي طور تي حالات وڃڻ جي اجازت نه ٿا ڏين. انهن نهايت ئي پنهنجائپ سان حوصلو ڏنو ۽ منهنجي ٽڪيٽ جو انتظام ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اهڙيءَ طرح منهنجي سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ حاضري ٿي وئي. اتان جي روح پرَوَر منظر ۽ **سنّتن ڀريئي بيانات** ۽ رقت انگيز دعا اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي زندگي کي بلڪل بدلائي ڇڏيو. جڏهن آءُ اجتماع پاڪ کان موٽيس ته منهنجي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي چڪو هو، پوءِ مون **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي جنهن منهنجي ظاهري وجود

ڪي بہ سنّتن سان سينگاري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مدني ماحول** سان وابستگي جي برڪتن سان مون وسارجي ويل **قرآن پاڪ بہ حفظ** ڪري ورتو. بلڪ ستن سالن تائين امامت جي سعادت ماڻيندو رهيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي حساب سان مون کي ”پنجاب مڪي“ جي مجلس ۾ هڪ ذميدار جي حيثيت سان خدمت جي سعادت حاصل آهي.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشقِ مصطفےٰ مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرماءِ. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي مدني قافلن ۾ سفر جو جذبو عطا فرماءِ. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص جي لازوال دولت سان مالامال ڪر، شهرت ۽ مال جي محبت ۽ رياڪاري جي جنجال کان محفوظ فرماءِ. اسان کي فرض سان گڏوگڏ خوب خوب نفلي روزن جي بہ سعادت بخش ۽ انهن کي قبول فرماءِ **يا الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ۽ سڄي امتِ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# معتڪفين جون 41 مدني بهارون

## درود شريف جي فضيلت

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مُشڪبار آهي، جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي ۽ کيس قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد ج 10 ص 253 حديث 172998)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) شڪاري خود شڪار ٿي ويو!

عطار آباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مون جنهن گهراڻي ۾ اک کولي ان گهراڻي ۾ جهالت وارو ماحول هيو، مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بُرو ڀلو چوڻ ثواب جو ڪم سمجهيو ويندو هو. مان به ان ضلالت (يعني گمراهي) ۾ پوري طرح قائل هئس پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو، تيو ڪجهه هيئن ته تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (عطار

آباد) ۾ وڏي ڌوم ڌام سان رمضان المبارڪ (سن 1426هه، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتكاف** جو اهتمام ڪيو ويو هو، اسان جي پاڙي جا ڪجهه ڇوڪرا به انهيءَ **فيضانِ مدينه** ۾ معتڪف هئا، انهن کي تنگ ڪرڻ جي نِيَّت سان آءُ مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** هليو ويس. اتي سنّتون سيکارڻ جا حلقا لڳل هئا، مان انتظار ڪرڻ لڳس ته موقعو ملي ته شرارت شروع ڪيان ته ايتري ۾ هڪ **عاشقِ رسول** مون کي تمام پياري ۽ دلنشين انداز ۾ حلقي ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو، سندس نرمي ۽ عاجزي جي سبب مان انڪار نه ڪري سگهيس ۽ حلقي ۾ ويهي رهيس ۽ مبلغ جو بيان ڌيان سان ٻُڌڻ لڳس، ان جي بيان ۾عجيب ڪشش هئي مان آهستي آهستي بيان جي **مدني گلن** جي سِحر ۾ گرفتار ٿيندو ويس، عاشقانِ رسول مونکي باقي ڏينهن جي **اعتكاف** جي دعوت ڏني، مون هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ مان **اعتكاف** جون بهارون ماڻڻ ۾ شامل ٿي ويس" جيان پاڻ ئي شڪار ٿي ڪري رهجي ويس، منهنجي لاءِ **اعتكاف** ۾ سڀ ڪجهه نئون هو. **اعتكاف** جي دؤران مونکي معلوم ٿيو ته مان ته پٽڪيل هئس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون باطل عقيدن کان توبهه ڪئي، ڪلمهءِ طيبه پڙهيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **سفينهءِ اهلسنّت** ۾ سوار ٿي ڪري مديني ڏانهن روانو ٿي ويس. مون چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سان ۽ مٿي کي سبز عمامي شريف سان سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيوآهي. 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪري **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق حلقه ذميداري تي فائز آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي

نئين امنگ ۽ جديد وَلوَلي سان پنهنجي اصلاح ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻين ماڻهن جي اصلاح جي بہ ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اللهعَزَّوَجَلَّ مونکي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي ۽ پڪيلن ڪي حق ۽ صداقت جي راهہ ڏيکاري. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ختم ہو گی شرارت کی عادت چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اِعتِکاف
دُور ہو گی گناہوں کی شامت چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اِعتِکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) مون ڪيترائي ڀيرا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي

**تعلقو شجاع آباد ضلع ملتان** (حال مقيم بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، ”آءُ والدين جو معاذالله انتهائي درجي جو گستاخ هئس. **ڪرڪيٽ** ۽ سنوڪر **ڪيڏڻ** ۾ ڏينهن برباد ڪندو هئس ۽ رات وڊيو سينٽر جي زينت بڻجندو هئس. مون ماهِ رمضان المبارڪ ۾ **ماءُ ڀيءُ** سان ڏاڍو جهيڙو ڪيو ايتري تائين جو گهر ۾ ٻيچ ڏاهه ڪئي. پنهنجي گناهن ڀري زندگي مان ڀاڻ بہ بيزار هئس، غضب جو جذباتي هئس، انهيءَ لاءِ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪيئي ڀيرا خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اَلحَمدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ ناڪامي ٿي. الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان مون گناهگار کي **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** جو شوق پيدا ٿيو، پنهنجي گهر جي ويجهو واري مسجد ۾ ئي اعتڪاف جو ارادو هو تہ **هڪ اسلامي ڀاءُ**

سان ملاقات ٿي وئي. سندس انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ تبليغ **قرآن و سنت** جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي**ءَ جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن جو ڇا ڳالهه ڪجي! مان گناهگار ڪلين شيِّو ۽ پينٽ شرٽ پائي ويو هئس پر تربيتي حلقن، سنّتن ڀرئي بيانن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبتن اهو مدني رنگ چاڙهيو جو هٿوهٿ ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪيم، **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجايم ۽ عيد رات جو خوب روئي روئي ڪري گناهن کان توبهه ڪرڻ ڪانپوءِ گهر وڃڻ بدران هٿوهٿ سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويس. مون عيد جا ٽيئي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ گذاريا. خدا جو قسم! اها منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان ڀهرين عيد هئي جيڪا تمام سٺي گذري. واپسيءَ تي گهر اچي ڪري امڙ جي قدمن سان چنبڙي ويس ۽ ايتريقدر رُنس جو سڏڪن ۾ پئجي ويس ۽ آءُ بيهوش ٿي ويس. تقريبًا اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ جڏهن هوش آيو ته سمورا گهروارا مونکي گهيرو ڏيون بيٺا هئا ۽ حيرت ۾ پئجي هڪ ٻئي جو منهن ڏسي رهي هئا ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ گهر ۾ تمام سٺي ترڪيب بڻجي ويئي. تادمِ تحرير تنظيمي طورتي علائقائي مشاورت جو نگران آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي لفظ لکڻ وقت عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت

حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ وڏيڪ 126 ڏينهن جي”**امامت ڪورس**“جو سلسلو جاري آهي، دعاءِ استقامت جي گذارش آهي.

بگڑے اَخلاق سارے سنور جائیں گے، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بس مزہ کیا مزہ کو مزے آئیں گے، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) مون عيد ڪان علاوه ڪڏهن نمازئي نہ پڙهي هئي!

**مِيانوالي ڪالوني** منگهو پير روڊ بابُ المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. مون جهڙا گناهگار انسان گهٽ ئي هوندا. مون ڪيترين ئي” **گرل فرينڊز** “ ٺاهيون هيون. گندي ذهنيت جو عالَم هيءُ هو جو روزانو ئي اگهاڙيون فلمون ڏسڻ جو معمول هو، توهان مڃو يا نہ مڃو مون زندگيءَ ۾عيد ڪان علاوه ڪڏهن نماز ئي نہ پڙهي هئي ۽ مونکي بلڪل معلوم ئي نہ هو تہ نماز ڪيئن پڙهي ويندي آهي!!منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ مونکي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جو **اجتماعي اعتڪاف** نصيب ٿي ويو، فيضانِ مدينه جي مدني ماحول جي ڇا ڳالهہ ڪجي! منهنجون اکيون کلي ويون، غفلت جو پردو ڪجي ويو ۽ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون نماز سکي ورتي ۽ پنج ئي وقت باجماعت نماز جو پابند ٿي ويس. مون ٻن مسجدن ۾ **فيضانِ سنت** جو درس شروع

ڪيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن مون کي هڪ مسجد جي مُشاورت جو ذيلي نگران بڻائي ڇڏيو ۽ تحديثِ نعمت جي لاءِ عرض ڪريان ٿو ته **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان مون بدڪار انسان تي اهڙو ڪرم ٿي ويو جو **سرڪارِ نامدار،** مديني جي تاجدار، باِذن پروردگار ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ ديدار ٿي ويو.

جسے چاہا جلوہ دکھا دیا،اُسے جامِ عشق پلا دیا
جسے چاہا نیک بنا دیا،یہ مرے حبیب کی بات ہے
جسے چاہا اپنا بنا لیا جسے چاہا در پہ بلا لیا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) اعتڪاف جي برڪت سان سڄو خاندان مسلمان ٿي ويو

هڪ **اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي ته ڪليان (مهاراسٽر، الهند) جي ميمڻ مسجد ۾ **تبليغ قرآن** و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان (1426ھ،2005ء) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **هڪ نئين مسلمان** (جيڪي ڪجھ عرصو اڳ هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جي هٿان مسلمان ٿيا هئا) اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. سنّتن ڀريئي بيانات، ڪيسيٽ اجتماعات ۽ سنّتن ڀريئي حلقن انهن جي مٿان خوب مدني رنگ چاڙهيو. اعتڪاف جي برڪت سان دين جي تبليغ جي عظيم جذبي جو روشن ڏيئو سندن هٿن ۾ اچي ويو. جيئن ته سندن گھر جا ڀيا ڀاتي اجان تائين ڪفر جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا ان لاءِ

اعتڪاف کان فارغ ٿيندي ئي ان پنهنجي گهر وارن تي ڪوشش شروع ڪري ڏني، دعوتِ اسلامي جي مبلغين کي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪري **دعوتِ اسلام** پيش ڪرايم. اَلحَمدُللهِ عَزَّوَجَلَّ **پيءُ ماءُ ۽ ٻن ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ تي مشتمل سمورو خاندان مسلمان ٿي ڪري سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ پاڪ** رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه **جو مُريد ٿي ويو.**

ولولہ دیں کی تبلیغ کا پاؤگے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف،
فضلِ ربّ سے زمانے پہ چھاجاؤگے،مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف،

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) آءُ پڪو دنيا دار هئس

**سکر شهر** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي مان پڪو دنيا دار هئس ۽ مون تي هر وقت دنيا جي دولت ڪمائڻ جي ڌُن سوار رهندي هئي، عملي دنيا کان تمام پري گناهن جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. اَلحَمدُللهِ عَزَّوَجَلَّ ڪجهه **عاشقانِ رسول** جي مون تي مني نظر پئجي ويئي، اهي **رمضان المبارڪ** ۾ هرهر مون وٽ ايندا هئا ۽ مونکي **اجتماعي اعتڪاف** جي **دعوت** ڏيندا هئا، پر آءُ ٽاري ڇڏيندو هئس. اهي تمام تجربيڪار هئا، ڇڻ ته مايوس ٿيڻ ڄاڻيندا ئي نه هئا، انهن مون کي منهنجي حال تي ڇڏڻ گوارا نه ڪيو مونکي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪري پنهنجو ثواب حاصل ڪندا رهيا! سندن مسلسل انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ مون پاپِي ۽ بدڪار، پڪي دنيا دار جي دل به

آخرڪار نرم ٿي ئي وئي ۽ آءُ رمضان المبارڪ (شايد سن 1410، 1990ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ انهن سان گڏ معتڪف ٿي ويس. مون دنيا دار کي ڪهڙي خبر هئي عاشقن جي دنيا ئي ڪا ٻي هوندي آهي! واقعي عاشقانِ رسول جي صحبت مون تي رنگ چاڙهي ڇڏيو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ نمازي بڻجي ويس، مون ڏاڙهي رکي ڇڏي ۽ **عمامي شريف** جو تاج سجائي ورتو. تحديثِ نعمت جي لاءِ هڪ ڳالهه عرض ڪيان ٿو، مونکي اتي هي مسئلو به سکڻ لاءِ مليو ته قبلي ڏانهن منهن يا پُٺي ڪري پيشاب وغيره ڪرڻ حرام آهي. اتفاق سان اعتڪاف واري مسجد جي استنجا خانن جو رخ غلط هو مون **رضاءِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ خاطر هٿوهٿ ڪاريگرن کي گهرائي ڪري پنهنجي کيسي مان اخراجات پيش ڪري استنجا خانن جا رخ صحيح ڪرايا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ڪان پوءِ هاڻي تائين ڪيترائي ڀيرا **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلن** ۾ سنّتن ڀرئي سفر جون سعادتون ملي چُڪيون آهن.

حبِّ دنیا سے دل پاک ہو جائیگا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
جامِ عشقِ نبی ہاتھ میں آئیگا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (6) مون کي به پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو

**راولپنڊي** (پنجاب پاڪستان) جي هڪ **اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي. مان ان وقت ڏهين ڪلاس جو شاگرد هئس، پنهنجي پاڙي جي بلال مسجد ۾ رمضان المبارڪ (سن 1421هه ، 2000ء) جي

آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪيم. اتي **اسان** 14، 15 ماڻهو معتڪف هئاسين شايد 28 رمضان المبارڪ جو ٻيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ منهنجي ننڍپڻ جا **هڪ ڪلاس فيلو** (جيڪي ويچارا شرافت جي سبب اسان جي شرارت جو نشانو بڻجندا هئا) آيو. انهن پنهنجي مٿي تي سبز **عمامو شريف** سجايو هو. سلام دعا ڪانپوءِ انهن اسان تي انفرادي ڪوشش ڪندي پُڇيو، توهان مان براءِ مهرباني ڪو عيد جي نماز جو طريقو ٻُڌائي، اسان سڀ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳاسين، ان تي انهن چيو، چڱو ڀلا جنازي جي نماز جو طريقو ئي ٻُڌائي ڇڏيو. افسوس! اسان مان ڪو به نه ٻُڌائي سگهيو. پوءِ انهن اسان کي نماز جي مَشّق (**Practical**) ڪرائي. ان سان اسان جون تمام گهڻيون غلطيون سامهون آيون. ان ڪانپوءِ نهايت ئي احسن انداز ۾ انهن اسان کي **عيد جي نماز** ۽ **جنازي جي نماز** جو طريقو سيکاريو. اسان جي دل ڏاڍي خوش ٿي. سچ پُڇو ته اسان جي لاءِ اعتڪاف جو قُل اهو ئي هو ته اسان کي **مبلغ دعوتِ اسلامي** جي برڪت سان مختلف نمازن جا اهم احڪام سکڻ لاءِ مليا. عيد جي نماز ۾ مونکي مسجد جي ڇت تي جڳهه ملي، جڏهن امام صاحب ٻي تڪبير چئي ته مون ڪان علاوه تقريبًا سڀئي رڪوع ۾ هليا ويا! جڏهن ته اهو رڪوع جو موقعو نه هو بلڪ ان ۾ هٿ ڪنن تائين آڻي هيٺ ڪرڻا هئا. خير نه ته مان به عوام سان گڏ رڪوع ۾ ئي هجان ها پر قربان وڃان مبلغ **دعوتِ اسلامي** تان جو انهن اعتڪاف ۾ **عيد جي نماز** جو طريقو سيکاري ڇڏيو هو. ان موقعي تي منهنجي دل تي اثر ٿي ويو

۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي اهميت مون تي خوب واضح ٿي وئي مون ان مبلغ کي عيد جي ملاقات تي عرض ڪيو مونکي به **پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏيو**. انهن نهايت ئي محبت سان منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي. سندن **انفرادي ڪوشش** سان هوريان هوريان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءٌ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ اچي ويس.هيءُ بيان ڏيڻ وقت آءٌ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي شعبهءِ تعليم جو علائقائي ذميدار آهيان.

ہاں جنازہ و عید، اس کو سیکھیں مزید، آئیں مسجِد چلیں کیجئے اعتِکاف
قلب میں انقلاب، آئے گا آنجناب، آپ ہمّت کریں کیجئے اعتِکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (7) منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!

**ڄِناح آباد** (باب المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي، مون **رمضان المبارڪ** (غالبًا سن 1425هه، 2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪئي، منهنجي اندر تمام گهڻيون بُرايون هيون جن کان مون توبهه ڪئي ۽ ڪافي حد تائين بُرائين ۾ گهٽتائي آئي. مون کي سنّت جي مطابق کائڻ جو ڍنگ به نه ايندو هو، اعتڪاف ۾ بين سنّتن کان علاوه کائڻ پيئڻ جون سنّتون به سيکاريون ويون. بالخصوص هڪ مبلغ کي سادگي

سان سنّت جي مطابق ڪاڏو ڪائيندي ڏسي ڪري نہ ڄاڻ ڇو **منهنجي** **اکين ۾ لڙڪ اچي ويا!** هن ڳالهہ کي تادمِ تحرير تقريباً ٽي سال ٿي چڪا آهن پر اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين سنّت جي مطابق ڪاڏو ڪائيندو آهيان. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان آءٌ **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول سان وابستہ آهيان.

سُنّتیں کھانا کھانے کی تم جان لو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
مان لو بات اب تو مِری مان لو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (8) عاشقانِ رسول جي شفقتن لڄ رکي

**اِندوَر شهر** (P.M الهند) جا هڪ فيشن ايبل نوجوان آواره ۽ ماڊرن دوستن جي صحبت ۾ رهي ڪري گناهن ڀري زندگي گذاري رهيا هئا. **رمضان المبارڪ** (سن 1425هه، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهي رهيا. **عاشقانِ رسول** جي **شفقتن لڄ رکي**، گناهن کان توبهہ جي سعادت ملي وئي، چهري تي **ڏاڙهي** جڳ مڳ ڪرڻ ۽ مٿي تي **عمامي شريف** جون بهارون مُرڪڻ لڳيون.ڪين سنّتن جي خدمت جو خوب جذبو مليو ايتري تائين جو مبلغ بڻجي ويا. هي لکڻ وقت **علاقائي مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان **سنّتن جون برڪتون** لٽڻي ۽ لٽائي رهيا آهن.

لینے خیرات تم رحمتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
لوٹنے برکتیں سُنّتوں کی چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (9) ڪميونسٽن جي توبهه

سکر شهر (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته هونئن ته سکر جي ويجهو واري شهر **عطار آباد** (جيڪب آباد) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني پيغام پهچي چُڪو هو، پر مدني ڪم تمام گهٽ ٿي رهيو هو، عطار آباد جا اسلامي ڀائر تنظيمي طور تي بيحد ڪمزور هئا. سکر مان مبلغين جو مطالبو ڪندا رهندا هئا، ان مطالبي جي پيشِ نظر **رمضان المبارڪ** (سن 1410 هه، 1990ع) ۾ عطار آباد ۾ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسان اتان جي اسلامي ڀائرن کي **اجتماعي اعتڪاف** جي لاءِ سکر اچڻ جي دعوت ڏني، جنهن جي برڪت سان عطار آباد جي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن **مُنوَّر مسجد اسٽيشن روڊ سکر** ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي. ان کان اڳ عطار آباد جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي **فيضانِ سنت جو درس** به نه ايندو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان اجتماعي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان 17 اسلامي ڀائر معلم ۽ مبلغ بڻيا، جن کي ڏاڙهي شريف سان ۽ متن کي **سبز عمامي شريف** سان سجايائون. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جا ذميدار بڻجي ويا. ڪجهه ڪميونسٽ (يعني بي دين) به ڪنهن طرح سان ڇڪجي آيا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ انهن پنهنجي ڪفري نظريات کان پڪي توبهه ڪئي، ڪلمو شريف پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويا ۽ بقايا زندگي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ

اسلاميءَ جي **مدني ماحول** ۾ گذارڻ جي نيّت ڪيائون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان وقت ان شهر جا اسلامي ڀائر جيڪي **رمضان المبارڪ** (سن 1410هه) ۾ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن سان مالا مال ٿيا هئا اهي ۽ لاديني ڪان توبهه ڪرڻ وارا هاڻي بهترين **مبلغ** بڻجي چُڪا آهن ايتري تائين جو وڏن وڏن **اجتماعات** بلڪ بين **الاقوامي اجتماع** ۾ بہ سنّتن ڀريا بيانات ڪندا آهن ۽ مختلف صوبائي مجالس جا اهم ذميدار بڻجي ڪري پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. الله **تعالیٰ** اسان کي ۽ انهن کي **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پیارے اسلامی بھائی چلے آؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خالی دامن مرادوں سے بھر جاؤ تم، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (10) هاڻي سسي تہ لهي سگهي ٿي پر------

**ڪورنگي نمبر 6** باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي مون **انفرادي ڪوشش** ڪري پنهنجي بي نمازي ۽ ڪلين شيو **26** سال نندي ڀاءُ کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ رمضان المبارڪ (سن 1421هه، 2000ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ

ويهاريو. بي نمازي ۽ سنّتن کان بلڪل پري رهڻ واري منهنجي ڀاءُ تي اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبتِ بابرڪت سان اهڙو مدني رنگ چڙهيو جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هُو پنج وقتن جو نمازي بڻجي ويو ۽ **ڏاڙهي مبارڪ** سجايائين، ايتري تائين جو سندس مدني ذهن بڻجي ويو آهي تہ **هاڻي سسي تہ لهي سگهي ٿي پر** ڏاڙهي نہ ٿي ڪٽجي سگهي.

مِٹھے آقا کی اُلفت کاجذبہ ملے،مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف

داڑھی رکھنے کی سنَّت کا جذبہ ملے،مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (11) مرگهيءَ جو مرض ختم ٿي ويو

**هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ** بمبئي جي تحصيل ڪُرلا (الهند) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1426هـ) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ اهڙا اسلامي ڀاءُ معتڪف ٿيا جنهن کي هر ٻئي ڏينهن مرگهيءَ جو دؤرو پوندو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف جي دؤران کين هڪ ڀيرو بہ دؤرو نہ پيو بلڪ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تا دمِ تحرير اڄ تائين وري کين مرگهيءَ جي تڪليف ناهي ٿي.

ان شاءاللہ ہر کام ہوگا بھلا،مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف،

دور ہوگی بِفضلِ خدا ہر بلا،مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اعتڪاف** ڪرڻ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آفتون ۽ مصيبتون دور ٿي وينديون آهن، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مرگهيءَ جو مرض نيڪ ٿي ويو جو ان ڪي مسجد ۾ دؤرو ئي نہ پيو يقينًا اهو ان تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو خاص ڪرم ٿي ويو. تنهن هوندي بہ هي مسئلو ذهن ۾ رکو تہ **مرگهيءَ** وغيره جو اهڙو مريض جيڪو بيهوش ٿي ويندو آهي ان ڪي مسجد ۾ اعتڪاف نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ڪنهن بہ وقت دورو پئجي سگهي ٿو، مثال طور نماز جي دؤران ئي دؤرو پئجي وڃي تہ ٻين جي لاءِ سخت آزمائش هوندي آهي. بالخصوص **جنّات جي اثر** ۾ آيل ڪي بہ اعتڪاف نہ ڪرايو وڃي جو ان جي وقت بي وقت ٽپا ڏيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ سبب نمازين وغيره ڪي تڪليف ٿيندي آهي.

## (12) مان ڪلين شيو هئس

**نصير آباد** (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان **ڪلين شيو** هئس، زندگي جا ڏينهن غفلتن ۾ گذري رهيا هئا، اسلامي ڀائرن جي ترغيب ڏيارڻ ۽ خوب **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ تي مون رمضان المبارڪ (سن 1425ھ سن 2004ع) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **اعتڪاف** ۾ منهنجي دل تي اثر ٿي ويو، شرمسار ٿي ڪري ڏاڙهي رُنس ۽ آئنده هميشہ هميشہ جي لاءِ گناهن ڪان بچڻ جو پڪو ارادو ڪيم، **عمامي شريف جو تاج** مٿي تي سجايم،

ڏاڙهي مبارڪ سجائي ڪري پنهنجي چهري تي مدني رنگ چاڙهيم ۽ هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلاميءَ** جي تنظيمي ڊويزن نصيرآباد جي هڪ تحصيل جو خادمِ مشاورت (نگران) آهيان.

سیکھنے کو ملیں گی تمھیں سُنّتیں،مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

لوٹ لو آ کر اللہ کی رحمتیں،مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (13) مون ۾ فلمي گانا جهونگارڻ جي عادت هئي

**ڊرگ روڊ** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر25 سال) جي تحرير ڪجهه هن طرح آهي تہ مون تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي جي **اعتڪاف** جي سعادت حاصل ڪئي. مون ڪي اعتڪاف جون تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿيون. انهن مان رستي ۾ هلندي بازاري چوڪرن وانگر فلمي گانا ڳائڻ جي جيڪا عادت هئي، اها نڪري ويئي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان جي جڳهہ تي نعت شريف جهونگارڻ جي عادت پئجي ويئي. گڏوگڏ زبان جو **قفلِ مدينه** لڳائڻ (يعني بُري تہ بُري پر غير ضروري ڳالهين کان بہ بچڻ) جو ذهن بڻيو ۽ هاڻي حال اهو آهي تہ جيئن ئي زبان مان فُضُول ڳالهہ نڪرندي آهي، ڪفّاري جي طور تي جهٽ پٽ زبان تي درود شريف جاري ٿي ويندو آهي.

گیت گانے کی عادت نکل جائیگی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

بے جا بک بک کی خصلت بھی ٹل جائیگی،مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

## (14) ماڊرن نوجوان ترقي ڪندي ڪندي----

**بائيڪله** (بمبئي هند) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان رمضان المبارڪ (سن 1419ھ ، 1998ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٽيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ هڪ ماڊرن نوجوان (جيڪي اليڪٽرانڪ انجنيئر آهن) شرڪت ڪئي. ڏهن ڏينهن تائين **عاشقانِ رسول** جي صحبت جو خوب فيض حاصل ڪيائون، مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني ڏاڙهي مبارڪ جو نور چهري تي چانئجي ويو سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجايائون اعتڪاف جي برڪتن ڪين سنّتن جو عظيم مبلغ بڻائي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هو دين جي خدمتن ۾ ترقي ڪندي ڪندي تا دمِ تحرير هند مڪي ڪابينه جي رڪن جي حيثيت سان سنّتن جون بهارون لٽائڻ ۾ مصروف آهي.

ساری فیشن کی مستی اُتر جائے گی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
زندَگی سنّتوں سے نکھر جائے گی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (15) مون نشي بازي ڪيئن ڇڏي!

**حيدرآباد** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي. آءُ **بي نمازي** ۽ نشي بازي جو عادي هئس، گهر وارا منهنجي ڪري پريشان هئا. خوشقسمتيءَ سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع (صحراءِ مدينه مدينة الاولياء ملتان) (سن 1426ھ، 2005ع) ۾

حاضري جي سعادت حاصل ٿي ويئي، اتي نيّت ڪيم تہ **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ **اعتڪاف** ڪندس پوءِ باب المدينه پهچي ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ رمضان المبارڪ (سن 1426ھ ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيم. **ٽي روزه اجتماع** (ملتان شريف) ۾ جيتوڻيڪ ڪافي ذهن بڻيو هو پر **اجتماعي اعتڪاف** جي تہ ڇا ڳالهہ آهي! سچ تہ ٿو چوان منهنجي دل جي دنيا ئي بدلجي ويئي. گناهن کان پڪي توبهہ ڪيم، **ڏاڙهي مبارڪ** وڌائڻ شروع ڪيم، هٿوهٿ سبز **عمامو شريف** بہ سجائي ورتم، اعتڪاف ڪانپوءِ جڏهن حيدرآباد آيس تہ مونکي ڏاڙهي ۽ عمامي شريف ۾ ڏسي ڪري گهر وارا ۽ پاڙيسري وغيره سڀ حيران ٿي ويا! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي نشي جي عادت بہ بلڪل ختم ٿي ويئي. پنهنجي وس آهر **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم بہ ڪندو آهيان، منهنجي ڌيءُ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ **شريعت ڪورس** ڪري رهي آهي، جڏهن تہ منهنجا بہ مدني مُنّا **مدرسة المدينه** ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيا آهن.

گر مدینے کا غم چشمِ نم چاہئے، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
مدنی آقا کی نظرِ کرم چاہئے، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (16) هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي!

**ڊيره الله يار** (بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، "مون کي تہ نہ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي خبر هئي نہ

**عشقِ مصطفیٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي. بس گناهن ڀري زندگي ۾ بد مست رهندي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو اسان جي شهر ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ڪم شروع ٿيو ۽ پهريون ڀيرو **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان (1416هه 1995ع) شبِ براءَت جو سنّتن ڀريو اجتماع ٿيو، مون ان ۾ شرڪت ڪئي. اجتماع ۾ **عاشقانِ رسول** جي ڏاڙهي ۽ عمامي وارن نوراني چهرن ۽ سندن محبت ڀريل ملاقاتن مون کي **دعوتِ اسلامي** کان ڪافي متاثر ڪيو پر مان ڀري ئي ڀري رهيس. هفتيوار اجتماع ۾ به ڪڏهن شرڪت جي توفيق نه ملي ايتري تائين جو رمضان المبارڪ (1416هه، 1995ع) جي **ستاويهين رات** اچي پهتي، مون اجتماع واري مسجد ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي دعا** ۾ حاضري ڏني، پڄاڻيءَ تي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ٿي ۽ ڪنهن ٻڌايو ته هتي ڪجهه اسلامي ڀائر اعتڪاف ۾ ويٺا آهن. منهنجي لاءِ اهو لفظ نئون هو، ان لاءِ مون تجسس مان پڇيو ته "**هي اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي؟**"اسلامي ڀائرن وڏي محبت سان مون کي **اعتڪاف** جي باري ۾ معلومات فراهم ڪندي ڪجهه اعتڪاف جون **مدني بهارون** بيان ڪيون. دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول ۾ ٿيندڙ **اعتڪاف** جو احوال ٻڌي ڪري مون دل ۾ پڪي نِيَّت ڪري ڇڏي ته اِنْ شَآءَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ايندڙ سال اعتڪاف ۾ ضرور ويهندس. پوءِ ڏينهن گذرندا ويا ۽ جڏهن رمضان المبارڪ (1417هه، 1996ع) وري آيو ته **آخري ڏهاڪي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ آءُ

معتڪف ٿي ويس. ڏهه ڏينهن ۽ راتيون **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ اهو ڪجھ سکڻ لاءِ مليو جيڪو بيان کان ٻاهر آهي.

نہ پوچھو ہم کہاں پہنچے اور ان آنکھوں نے کیا دیکھا
جہاں پہنچے وہاں پہنچے جو دیکھا دل کے اندر ہے

**اعتڪاف** ۾ ڪنهن **درسِ نظامي** (عالم ڪورس) ڪرڻ جو ذهن ڏنو، منهنجي سمجھ ۾ اچي ويو، پوءِ باب المدينه ڪراچي اچي ڪري **جامعة المدينه** ۾ داخلا ورتم، اينٽري ٽائين جو دورهءِ حديث ڪانپوءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (باب المدينه) ۾ (سن1425 ھ، 2004ء) ۾ منهنجي **دستار بندي** ڪئي ويئي ۽ تادمِ تحرير مان دعوتِ اسلامي جي هڪ **جامعة المدينه** (حيدرآباد) ۾ تدريس جون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهيان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! هڪ اهڙو ڇوڪرو جنهن کي ڪلمه ٽائين اها بہ خبر نہ هئي تہ **اعتڪاف ڇا ٿيندو آهي!** اهو اڄ **عاشقانِ رسول** سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي برڪت سان نہ رڳو **عالم** بلڪ "**عالم گر**" بڻجي ويو يعني عالم بڻجڻ ڪانپوءِ **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** ۾ مُدرس جي حيثيت سان **درسِ نظامي** جا سبق پڙهائي ڪري، ٻين کي عالم بڻائڻ وارو بڻجي ويو.

سُنّتیں سیکھ لو رحمتیں لوٹ لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
علم حاصل کرو برکتیں لوٹ لو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (17) مان ڪهڙي ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪريان!

بابُ المدينه ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ ڪهڙي گناهه جو تذڪرو ڪريان! مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ نمازن ۾ سُستي، وڊيو گيمز جو شوق، ٽي وي تي روزانو اُٺتا سُٽتا پروگرام ڏسڻ، ڪوڙ جي عادت ايتري ٿائين جو مان چوريون بہ ڪندو هئس. خوشقسمتيءَ سان رمضان المبارڪ (سن 1421هه، 2000ء) ۾ **جامع مسجد آمنه** (شڪيل گارڊن اوڪائي ڪامپليڪس، باب المدينه ڪراچي) ۾ **دعوتِ اسلاميءَ** جي عاشقانِ رسول سان گڏ مون کي **اجتماعي اعتڪاف** جي سعادت ملي ويئي، مون آمنه مسجد جي ٻي منزل تي **دعوتِ اسلامي** جي قائم ڪيل مدرسة المدينه ۾ داخلا ورتي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** ۾ هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شرڪت ڪندو رهيس ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڪوشش سان اسان جي گهر ۾ بہ **مدني ماحول** ٺهجي ويو، آءُ گهر جي اندر **مڪتبة المدينه** جي طرف کان جاري ڪيل سنّتن ڀريئي بيانات جون ڪيسيٽون هلائيندو آهيان. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کانپوءِ تادمِ تحرير جامعة المدينه ۾ **درسِ نظامي** ڪري رهيو آهيان، **مدرسة المدينه** ۾ تدريس جي بہ ترڪيب آهي ۽ پنهنجي **ذيلي مشاورت** جي نگران جي ماتحت رهي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي بہ ڪوشش ڪريان ٿو.

تم گناہوں سے اپنے جو بیزار ہو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم پہ فضلِ خدا، لُطفِ سرکار ہو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (18) اعتڪاف جي برڪت سان شهر جي لاءِ مرڪز ملي ويو

**هند** جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ”**چترادُرگ** (صوبہ ڪرناٽڪ، الهند) جي ”مسجدِ اعظم“ جا مُتولّي ۽ ڪجھ مقامي مسلمان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي باري ۾ ڪجھ غلط فهمين جو شڪار هئا. تمام مشڪل سان اتي رمضان المبارڪ ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جي اجازت ملي. پر متولين جا صاحبزادا بہ گڏوگڏ معتڪف ٿي ويا. مدني مرڪز جي عطا ڪيل جدوَل موجب سنّتن ڀريا حلقا، سنّتن ڀريا بيانات، نعتن جي ڌوم ڌام، رقت انگيز دعائون ۽ بيشمار معتڪفين جو حُسنِ انتظام ڏسي ڪري مُتولي صاحبان حيران ٿي ويا ۽ ايتريقدر متاثر ٿيا جو آخري ڏينهن تمام معتڪفين کي تحفن ۽ گل پارائن سان نوازيائون. **دعوتِ اسلاميءَ** انهن سيني جي سمجھ ۾ اچي ويئي ۽ انهن پنهنجي زيرِ انتظام عظيم الشّان ” مسجدِ اعظم“ ۾ **دعوتِ اسلامي** کي مدني ڪمن جي مڪمل طور تي اجازت ڏيئي ڇڏي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **مسجدِ اعظم** ان شهر جو مدني مرڪز بڻجي ويئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي متولين جي صاحبزادن پنهنجي چهرن کي ڏاڙهي مبارڪ سان سينگاري ڇڏيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا.

ذِکر کرنا خدا کا یہاں صبح وشام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
پاؤ گے نعتِ محبوب کی دھوم دھام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (19) اعتڪاف جو فيض انگلينڊ پهتو

**سکر شهر** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، رمضان المبارڪ (سن 1410ھ، 1990ع) ۾ منهنجي ڀيڻيوي جو **انگلينڊ** کان سکر (باب الاسلام سنڌ) اچڻ ٿيو. اسلامي ڀائرن جي توجهه ڏيارڻ تي مون مٿن **انفرادي ڪوشش** ڪندي کين **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** جون برڪتون لٽڻ جي دعوت ڏني. انهن هٿوهٿ هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ معتڪف ٿي ويا. هڪ خالص انگريزي ماحول ۾ رهڻ وارا جڏهن اعتڪاف ۾ ويٺا ۽ انهن آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مٺيون مٺيون سنّتون ۽ ضروري احڪام سکيا، قبر و آخرت جا حالات ٻُڌا تہ مسلمان هئڻ جي ناتي سان سندن دل تي اثر ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ **اجتماعي اعتڪاف** جي برڪت سان کين گناهن کان توبهہ جو تحفو مليو ۽ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** ۾ اچي ويا. چهري تي ڏاڙهي سجايائون، عمامي شريف سان مٿو سرسبز ڪري ڇڏيائون. **فيضانِ سنت** جو درس ۽ بيان سکي ڪري اعتڪاف جي دؤران ئي **سنتن ڀريو بيان** ڪرڻ لڳا! **انگلينڊ** ۾ وڃي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي نيّت پڻ ڪيائون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلّ تا دمِ تحرير هو **انگلينڊ** ۾ مبلغ **دعوتِ اسلامي** آهن. هو **ٻارهن مدني ڪمن** جا ذميدار آهن، سندن ٻارن جي امي (يعني منهنجي ڀيڻ) بہ **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي

ڪري **انگلينڊ** جهڙي حيا سوز ماحول ۾ رهندي بہ **مدني برقعو** پائيندڙيون آهن، پاڻ صحيح **قرآنِ پاڪ** سکي ڪري هاڻي **مدرسة المدينه بالغات** ۾ اسلامي ڀينرن کي پڙهائيندڙيون آهن۽ اسلامي ڀينرن جي مدني ڪمن جون **تنظيمي ذميدار** آهن.

ڪرکے ہمّت مسلمانو آ جاؤتم، مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف

اُخروی دولت آؤ کما جاؤتم، مَدَنی ماحول میں کرلوتم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (20) آءُ چڙهي فيضانِ مدينہ نٿو وڃان

**تحصيل ڪماليه ضلع دارالسّلام**(پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي انهن ڏينهن ۾ آءُ نائين جماعت ۾ پڙهندو هئس. ڪلاس ۾ اسان جو هڪ فرينڊ سرڪل هو، اسان سيئي اسڪول کان پڇي ويندا هئاسين، خوب لوفرائپ ڪندا هئاسين، سڄي رات ڪرڪيٽ کيڏندا هئاسين، انٽرنيٽ ڪلب ۾ نيڪ ناڪ وقت برباد ڪندا هئاسين، سڄو سڄو ڏينهن ملي ڪري ڪيبل تي فلمون ڏسندا هئاسين. گانا ٻُڌڻ جو تہ ايترو قدر چَسڪو هو جو رات گانا ٻُڌندي ٻُڌندي سمهڻ ۽ صبح جو جاڳندي ئي سڀ کان پهريون ڪم مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو ئي منحوس گانن کي ٻُڌڻ، فينسي لباس پائي ڪري اسان ملي جُلي ڪري مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثم مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڇوڪرين کي ڇيڙيندا هئاسين ۽ خوب بدنگاهيون ڪندا هئاسين، مون ماءُ جي ڳالهہ تہ ڪڏهن مڃي ئي نہ هئي، سمجهائيندي هئي تہ ويتر ويچاري کي ستائيندو هئس. والد صاحب نماز جو حڪم ڏيندا هئا تہ ڪين بہ دوکو ڏيئي ايندو هئس.

آهہ! ڪهڙي ڪهڙي گناهہ جو تذڪرو ڪيو وڃي، سچ پُڇو تہ اصلاح جي پري پري تائين ڪا صورت نظر ڪانہ پيئي اچي. اللہ عَزَّوَجَلَّ منهنجي وڏي ڀاءُ جو ڀلو ڪري انهن منهنجي مدد ڪئي ۽ مون کي **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ **اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي لاءِ چيو. يقين ڪريو مون آواره ۽ ناڪاره کي صحيح معنىٰ ۾ اها بہ خبر نہ هئي تہ **اعتڪاف** ڇا ٿيندو آهي! مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو، پر انهن ڪنهن طرح سان بہ ريجهائي ڪري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (سردار آباد) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهاريو. ڇئن يا پنجن ڏينهن تائين بلڪل بہ دل نہ لڳي ۽ آءُ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس پر ڪامياب ٿي نہ سگهيس، ان ڪانپوءِ سُرور اچڻ شروع ٿيو ۽ پوءِ تہ اهو روحاني سُڪون مليو جو عيد رات جو آءُ ڇئي رهيو هئس تہ مونکي گهر ناهي وڃڻو، آءُ اڄوڪي رات بہ هتي ئي **فيضانِ مدينه** ۾ گذارڻ چاهيان ٿو.

تم گھر کو نہ کھینچو نہیں جاتا نہیں جاتا
میں چھوڑ کے فیضانِ مدینہ نہیں جاتا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (21) اعتڪاف جي برڪت سان گوڏن جو سور ختم ٿي ويو

**جامعة المدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ طالب علم جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي، **رمضان المبارڪ** (سن1426هہ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير

سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي. اتي منهنجي ملاقات هڪ بابا جِي سان ٿي، انهن ٻُڌايو تہ ڪيترن ئي سالن ڪان منهنجي گوڏن ۾ سور هو، جڏهن آءٌ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي لاءِ آيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو جو منهنجي گوڏن جو سور ختم ٿي ويو.

دردِ ٹانگوں میں ہو، دَرد گھٹنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
پیٹ میں درد ہو یا کہ ٹخنوں میں ہو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (22) ڏاڙهي سجائجي وئي، ”سرسبز“ ٿي ويا

هڪ **اسلامي ڀاءُ** جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ نوساري (صوبہ گجرات، الهند) جا هڪ ماڊرن اسلامي ڀاءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرفان **رمضان المبارڪ** (سن 1423هه، 2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** (سُورت، گجرات) ۾ معتڪف ٿيا. مدني مرڪز جي ڏنل **تربيتي جدول** جي مطابق لڳندڙ سنّتن ڀرئي حلقن، رقت انگيز دعائن ۽ ذڪر و نعت جي پُرسوز صدائن سندن دل موهي وِڌي، ڪين **عاشقانِ رسول** جي صحبت مان اهو فيض مليو جو ڳالهہ نہ پُڇو. ڏاڙهي مبارڪ سجائجي ويئي، عمامي شريف سان سرسبز ٿي ويا ۽ ترقي جون منزلون پار ڪندا تادمِ تحرير پنهنجي **شهر جي مشاورت** جي نگران جي

حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيا آهن.

سنّتوں کی تم آکر کے سوغات لو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
آؤبٹتی ہے رحمت کی خیرات لو، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (23) جیسے مرے سرکار ہیں ایسا نہیں کوئی

**حيدرآباد** (باب الاسلام سنڌ) جا هڪ اسلامي ڀاءُ **عبد الرزاق عطاري** جيڪي ٽنڊو ڄام ايگريڪلچرل يونيورسٽي جا ليب انچارج هئا، سنڌن بہ ٻار **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ هئا پر هو پاڻ نمازن ۽ سنّتن کان پري هئا ۽ ذهن مڪمل طور تي دنيا دارن وارو هين. رمضان المبارڪ ۾ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪين **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي ويئي تہ چوڻ لڳا منهنجي ٻارن جي ماءُ ناراض ٿي ڪري پيڪين وڃي ويني آهي جيڪڏهن آءُ اعتڪاف ڪيان تہ ڇا ھوءَ اچي ويندي؟ ڪين ٻُڌايو ويو تہ، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اچي ويندي، پوءِ هو رمضان المبارڪ (غالبًا سن 1416هہ ، 1995ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ **فيضانِ مدينه** (حيدرآباد) ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿي ويا. سکڻ سيکارڻ جي حلقن، سنّتن ڀرئي بيانن، رقت انگيز دعائن ۽ پُرسوز نعتن سندس دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ڪري ڇڏيو! انهن گناهن کان توبهہ ڪري ڇڏي. نمازن جي پابنديءَ جو واعدو ڪيائون. **ڏاڙهي مبارڪ** ۽ **عمامي شريف** سان سينگارجي ويا ۽ نعتون بہ پڙهڻ لڳا. اعتڪاف جي دؤران ئي رُسي

ويل ٻارن جي ماءُ بہ واپس اچي ويئي ۽ گهرو جهيڙا بہ ختم ٿي ويا. **اعتڪاف** جي برڪت سان هو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا. ڏاڙهي، زلفن، **عمامي شريف** ۽ مدني لباس ۾ نظر اچڻ لڳا. **مدني قافلن** ۾ سفر بہ ڪيائون ۽ **مدني ماحول** ۾ رهندي انهيءَ سال يعني خميس جي ڏينهن 27 **ربيع النور شريف غالبًا سن** 1416**هـ** ، 1995ع تي سندس انتقال ٿي ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ سندن خوشقسمتي تہ ڏسو جو وفات جي وقت سندن زبان تي نعت شريف جو هيءُ مصرعو هو.

جیسے مرے سرکار B ہیں ایسا نہیں کوئی

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي-**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گورِ تیرہ کو تم جگمگانے چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
راحتیں روزِ محشر کی پانے چلو، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عبرتناڪ روايت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو واقعو واقعي پنهنجي اندر عبرت جا بيشمار مدني گل رکي ٿو. مرحوم **عبدالرزاق عطاري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡبَارِی خوشنصيب هئا جو کين وفات کان ٿورو ئي عرصو اڳ مدني ماحول ميّسر اچي ويو ۽ يقينًا اهو شخص مقدر وارو آهي جيڪو مرڻ کان اڳ توبهہ ڪري سڌي راهہ تي اچي وڃي ۽ سنّتن جي شاهراهہ تي هلڻ

لڳي ۽ تمام وڏو **بدنصيب** آهي اهو شخص جيڪو چڱو ڀلو نيڪيون ڪرڻ وارو ۽ سنّتن جي رستي تي هلڻ وارو ٿي ڪري مرڻ کان ٿورو ئي عرصو اڳ مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ مادرن ٿي وڃي ۽ گناهن ۾ ڦٿجي ڪري **مدني ماحول** کان پري ٿي وڃي. جڏهن ته توهان کي شيطان ڪنهن ذميدار فرد کان ناراض ڪرائي يا ائين ئي سُستي ڏياري ڪري يا دنياوي ڪاروبار ۾ خوب ڦاسائي ڪري يا شادي وغيره جو جوش ڏياري ڪري مدني ماحول کان پري ٿيڻ جو مشورو ڏئي ته هن حديثِ پاڪ تي (**جيڪا** اِنشآءَالله عَزَّوَجَلَّ هاڻي بيان ڪئي ويندي) غور ڪندا ڪريو ڇو ته مشاهدو اهو ئي آهي ته هڪ ڀيرو مدني ماحول ۾ مڪمل طور تي اچي وڃڻ کان پوءِ پري ٿيڻ سان مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ نيڪ عملن تي قائم رهڻ تمام مشڪل ٿي ويندو آهي. اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ **سيّدتُنا عائشه صديقه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي ته جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان جي مرڻ کان هڪ سال اڳ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو آهي جيڪو ڪيس سڌي راهه تي لڳائيندو رهندو آهي ايتري تائين جو اهو خير (يعني ڀلائي) تي مري ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن، "**فلاڻو شخص سٺي حالت تي مئو آهي**"، جڏهن اهڙو (خوشنصيب ۽ نيڪ) شخص مرڻ لڳندو آهي ته ان جي جان نڪرڻ ۾ جلدي ڪندي آهي، اهو ان وقت الله عَزَّوَجَلَّ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ملاقات کي، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن سان بُرائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي ته مرڻ کان هڪ سال اڳ ان تي هڪ شيطان مسلط ڪري

چڏيندو آهي جيڪو ڪيس ورغلائيندا رهندو آهي، ايتري تائين جو هُو پنهنجي بدترين وقت ۾ مري ويندو آهي. ان وٽ جڏهن موت ايندو آهي ته ان جي جان اٽڪڻ لڳندي آهي (۽ اهو شخص) اللهعَزَّوَجَلَّ سان ملڻ کي پسند ناهي ڪندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان سان ملڻ کي.

**(ملخصًا شرح الصدور ص 27 مرڪزِ اهلسنّت برڪاتِ رضا هند)**

## (24) مون کي گهروارا گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا

**مظفـر ﮔﮍهـ** (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح چوڻ آهي، آءُ تمام بگڙيل ڇوڪرو هئس، رات جو جڏهن گانن جون ٽي چار ڪيسيٽون نه ٻُڌندو هئس ننڊ نه ايندي هئي، سڄي سڄي رات لوفرائپ ۽ گناهن ۾ گذري ويندي هئي ڳالهه ڳالهه تي گهر ۾ وڙهندو هئس، **گهروارا بيزار ٿي ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيندا هئا.** هڪ ڀيرو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو وتندو هئس ان ڪانپوءِ ترڪيب ٺهجي ويندي هئي. مطلب ته زندگيءَ جا ڏينهن انتهائي غلط انداز تي برباد ٿي رهيا هئا. منهنجا سؤٽ تادمِ تحرير تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي علاقائي مُشاورت جا نگران آهن، انهن مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ **رمضان المبارڪ** (سن1425هـ،2004ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ بس اسٽاپ واري مسجد (مظفرگڑھ) ۾ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ اچي ويهاريائون. بابُ المدينه کان آيل هڪ مبلغ جي حُسنِ اخلاق کان متاثر ٿي ڪري مون گذريل گناهن کان توبهه ڪري ڇڏي ۽ انهن جي ئي هٿان سبز سبز عمامي

شريف سان پنهنجو مٿو سبز ڪرائي ڇڏيم .27 ستاويهين رات سنّتن ڀرئي بيان ڪانپوءِ ٿيڻ واري رقت انگيز دعا دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو، آءُ روئڻ شروع ٿي ويس ۽ صبح تائين روئندو رهيس. عيد جي ٻئي ڏينهن فجر جي وقت اجان اک نہ کُلي هئي جو هڪ بزرگ خواب ۾ نظر آيا ۽ انهن منهنجو نالو وٺي سڏ ڪيو، ”فجر جو وقت ٿي ويو آهي ۽ توهان اجان تائين سُتا پيا آهيو!“ مون هڪدم ننڊ ۾ ئي ٻئي هٿ قيام وانگر ٻڌي ڇڏيا ۽ اک کُلي ويئي تہ هٿ انهيءَ طرح ٻَڌل هئا. ان سان دل تي گهڻو اثر پيو ۽ مون مسجد ۾ وڃي ڪري با جماعت فجر جي نماز ادا ڪئي. پنهنجي شهر جي هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان حاضري ڏيندو رهيس، الله عَزَّوَجَلَّ اهڙو تہ ڪرم فرمايو جو تادمِ تحرير **جامعة المدينه** (بابُ المدينه ڪراچي) ۾ **درس نظاميءَ** جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. پنهنجي درجي ۾ مدني انعامات جو تنظيمي طور تي ذميدار آهيان ۽ تحديثِ نعمت جي طور تي عرض ڪيان ٿو تہ مون جهڙي سخت گناهگار تي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص انعام هي آهي تہ **شاگردن جا جيڪي 92 مدني انعامات آهن انهن سڀني تي عمل جي سعادت حاصل آهي.** سڀني اسلامي ڀائرن کي دعاءِ استقامت جي مدني التجا آهي.

چھوٹ جائے گی فلموں ڈراموں کی لَت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خوش خدا ہوگا بن جائیگی آخرت، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (25) مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو

**سعيد آباد** بلديه ٽاؤن **بابُ المدينه** ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته مون اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدرسة المدينه** ۾ ئي قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي، پر افسوس جو پوءِ به پڪو نمازي نه بڻجي سگهيس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ جڏهن رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جي سعادت ملي ته دل تي مدني اثر ٿي ويو، غفلت جي ننڊ ختم ٿي، حقيقي معنيٰ ۾ **اِک ڪُلي ۽ آءُ نمازن جو پابند** ٿي ويس. اعتڪاف جي سبب **مدني قافلن** ۾ سفر جو ذهن بڻيو. آءُ بيروزگار هئس، جنهن ڏينهن **مدني قافلي** جي نِيَّت ڪيم اسان جي علائقي جي مُشاورت جي نگران فرمايو، اِنشآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جو ڪم ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت هيئن ظاهر ٿي جو جنهن مسجد ۾ اسان جو **مدني قافلو** ويو، اتان جي انتظاميه ڪي مون گناهگار جو بيان ۽ دعا جو انداز وڻي ويو ۽ انهن مون کي ان مسجد جو خطيب بڻائي ڇڏيو ۽ ائين منهنجي روزگار جو به سبب بڻيو. الله عَزَّوَجَلَّ مون کي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي. اٰمين بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمین صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فاقہ مستی کا حل بھی نکل آئے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
روزگار ان شاءَاللہ مل جائے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (26) عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي

**موڊاسا** (گجرات، الهند) جا هڪ ماڊرن نوجوان هئا سندن عمر غفلتن ۾ گذري رهي هئي، گناهن جو سلسلو جاري هو، ايتري ۾ متاثن ڪرم ٿي ويو، ڪرم جو سبب هيئن ٿيو جو رمضان المبارڪ (**سن**1423ھ،2002ء) جي آخري ڏهاڪي ۾ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **عاشقانِ رسول** سان گڏ ڪين **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ نصيب ٿيو. عاشقانِ رسول جي بابرڪت صحبت جو ڇا چئجي! سنّتن پرئي بيانات ۽ رقت انگيز دعائن ۽ پُرڪيف نعتن جي فيضان سندن تقدير کي بدلائي ڇڏيو ۽ اهو مدني جذبو عطا ٿيو جو اعتڪاف جي ئي اندر ڪين درس ۽ بيان ڪرڻ جي سعادت ملي ويئي! **ڏاڙهي مبارڪ** ۽ **عمامو شريف** سجائڻ جي نيّت ڪيائون. **عاشقانِ رسول** سان گڏ 30 ڏينهن جي **مدني قافلي** جا مسافر بڻجي ويا. جيئن ته ڪافي باصلاحيت هئا تنهنڪري اسلامي ڀائرن متاثر ٿي ڪري ڪين **اميرِ قافله** بڻائي ڇڏيو!

عاشقانِ رسول آؤدیں گے بیاں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

دور ہوں گی عبادات کی خامیاں، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (27) الحمدللہ آءُ تهجد گذار بڻجي ويس

**سکر** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ پيرسن اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي **رمضان المبارڪ** (**سن**1425ھ،2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ،

**دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي سعادت ملي. سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو باقاعده جدوَل نهيل هو. جن ۾ نماز جا احڪام ۽ روزمره جون سنّتون وغيره سکڻ لاءِ مليون، رُڳو ڏهن ڏينهن ۾ اهو ڪجهه سکيو جيڪو اجان تائين زندگيءَ ۾ نہ سکي سگهيو هئس سنّتن پريا بيانات ٻُڌڻ ۽ **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان آخرت جو فڪر نصيب ٿيو ۽ دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني انعامات** تي عمل جو جذبو مليو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بِئي ”مدني انعام“ تي بالخصوص مضبوطيءَ سان عمل ڪيم ۽ ان جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ پنج ئي نمازون پهرين صف ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان گڏ باجماعت ادا ڪرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيم. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تهجد تي بہ استقامت حاصل آهي. **مدني انعامات** جو ڪارڊ هر مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي ڇڏيندو آهيان. هفتيوار اجتماع ۾ بہ شروع کان آخر تائين شرڪت جي سعادت حاصل ڪندو آهيان.

با جماعت نمازوں کا جذبہ ملے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دِل کا پژمُردہ غُنچہ خوشی سے کِھلے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (28) آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو

**مٺيان** (ڪاريان پنجاب، پاڪستان) جي هڪ **اسلامي ڀاءُ** جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان عام نوجوانن جيان مادرن ۽ **فلمون ڊراما** ڏسڻ جو شوقين هئس. خوش نصيبيءَ سان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي

۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت ملي ويئي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي بہ چا ڳالهہ آهي!مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اهڙو مدني ماحول ڏٺو هو، دل ۾ جان سان **دعوتِ اسلاميءَ** جو شيدائي ٿي ويس، مونکي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي ڏاڍي حسرت هئي **اعتڪاف** ۾ روزانو ديدار جي لاءِ دعا گهرندو هئس. **ستاويهين** رات اچي ويئي، اجتماع ذڪر و نعت ٿيو، **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مون تي بيخودي واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي پوءِ جڏهن **رقت انگيز دعا** ٿي تہ آءُ اکيون بند ڪري روئي روئي ڪري بس اهو ئي دهرائي رهيو هئس،" آقا! پنهنجو ديدار ڪرايو!" اوچتو اکين ۾ تيز روشني چمڪي ۽ **هڪ نوراني چهري جي زيارت** ٿي ۽ مونکي يقين ٿي ويو تہ هي تہ **منهنجا آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن! الله! الله! پوءِ چهرو مبارڪ نظرن کان غائب ٿي ويو. آهہ!

| | |
|---|---|
| شربتِ دِید نے اِک آگ لگائی دل میں | تپشِ دل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دیا |
| اب کہاں جائے گا نقشہ ترا میرے دل سے | تہ میں رکھا ہے اِسے دل نے گُمانے نہ دیا |

اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چڪو هو، مون گناهن کان توبهہ ڪئي، ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪيم ۽ عمامو شريف سجائڻ جي نيّت بہ ڪيم. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عيد جي ڏينهن **عاشقانِ رسول** سان گڏ هتو هٿ ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. تادمِ تحرير **باب المدينه** ڪراچي حاضر ٿي ڪري **جامعة المدينه** ۾ **درسِ نظامي** شروع ڪيو آهي، **تعويذاتِ عطاريه** جو بہ ڪورس ڪري چڏيو آهي ۽ **مجلس مڪتوبات** و

تعويذاتِ عطاريه جي طرف کان سونپيل ذميداري جي مطابق تعويذات جو بستو بہ لڳائيندو آهيان گڏوگڏ جامعة المدينه جي اندر پنهنجي درجي ۾ مدني قافله ذميدار بہ آهيان.

گر تمنّا ہے آقا کے دیدار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ہو گی میٹھی نظر تم پہ سرکار کی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (29) حيرت آمون ڊبو اسنوڪر کيئن ڇڏي ڏنو

**لياقت آباد** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي آءُ بي انداز فلمون ڊراما ڏسندو هئس، ڊبو اسنوڪر کيڏڻ جو جُنون جي حد تائين شوق هو، ايتري تائين جو ڪنهن جي دڙڪا ڏيڻ بلڪ مارڻ سان بہ اها عادت ڇڏائي ڪونہ پئي سگهجي. گناهن جي نُحُوست جو عالم هي هو جو مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ نماز پڙهڻ کان دل گهٻرائيندي هئي! اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان اسان جي علائقي جي فرقانيه مسجد **(لياقت آباد باب المدينه ڪراچي)** ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي طرف کان ٿيڻ واري **رمضان المبارڪ** (سن 1425هـ، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ آءُ گناهگار بہ عاشقانِ رسول سان گڏ معتڪف ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **"مدني انعامات"** جي برڪت سان آخرت بڻائڻ جي سوچ ٻڌي، گناهن کان ڪجهہ بي رغبتي پيدا ٿي، وري **قادريه رضويه سلسلي ۾ مُريد** ٿيس تہ نماز جي پابندي نصيب ٿي،

مون ڊبو اسنوڪر ڪيڏڻ ڇڏي ڏنو. مون کي حيرت آ ته مون اهو ڪيئن ڇڏي ڏنو! ان کانپوءِ **دعوتِ اسلاميءَ** جي ٽي روزه سنّتن ڀرئي اجتماع جي آخري ڏينهن **صحراءِ مدينه (باب المدينه ڪراچي)** ۾ حاضري ٿي، اتي " **ٽي وي جون تباهڪاريون**" جي موضوع تي بيان ٿيو، ان کي ٻُڌي ڪري آءُ **قبر و حشر** جي عذاب جي خوف کان ڏڪي ويس ۽ مون عهد ڪري ڇڏيو ته ڪڏهن به ٽي وي نه ڏسندس. مون پنهنجي پياري امڙ کي "ٽي وي جون تباهه ڪاريون" ڪيسيٽ ٻُڌايم ته انهن به ٽي وي ڏسڻ بلڪل بند ڪري ڇڏي ۽ ڪين سرڪارِ **غوثُ الاعظم** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم جي مريدياڻي ٻڻجڻ جو جذبو پيدا ٿيو. پوءِ انهن کي به بيعت ڪرائي ڇڏيم ان جي برڪت سان امڙ فرض نمازن سان گڏوگڏ تهجُّد، **اشراق ۽ چاشت** به پابنديءَ سان پڙهڻ لڳي، خُداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ شان تي منهنجي جان قربان! ٿوري عرصي ۾ امڙ کي **مدينهءِ منوره** زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي زيارت جو اذن ملي ويو. ان تي امڙ پاڻ چيو ته اهو سڀ بيعت ٿيڻ جو فيض آهي،اهو بيان ڏيڻ وقت اَلۡحَمۡدُ لله عَزَّوَجَلَّ آءُ پنهنجي علائقي ۾ **ذيلي قافله ذميدار** جي حيثيت سان پنهنجي پياري پياري مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

سیکھنے زندگی کا قرینہ چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دیکھنا ہے جو میٹھا مدینہ چلو، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (30) ڪاميڊين مبلغ بڻجي ويو

**بالاسِنور** (گُجرات هند) جا هڪ نوجوان جيڪي ڪاميڊين (**يعني** مسخرا) هئا. ابتا سبتا ٽوٽڪا ٻُڌائي ڪري ماڻهن کي کِلائڻ سندن مشغلو هو، شادين ۾ **ميميڪري فنڪشن** جي لاءِ ڪين **گهرايو** ويندو هو. **رمضان المبارڪ** جي آخري ڏهاڪي ۾ ڪين **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ٿي. تڏهن به ڪين دولت ڪمائڻ ئي جي ڌُن هئي. اعتڪاف جي **مدني ماحول** ۾آخرت ٺاهڻ جو شوق پيدا ٿيو،گذريل گناهن کان تائب ٿي ڪري سنّتن جا مبلغ بڻجي ويا. پنهنجو پاڻ کي **دعوتِ اسلامي** جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيائون، هي سٽون لکڻ تائين تنظيمي طور تي تبليغ **قرآن و سنّت** جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي هڪ **ڊويزنل مشاورت** جي نگران جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيا آهن، دين جي لاءِ سندن قربانين جو حال هي آهي ته ماهوار 25 ڏينهن مدني ڪمن جي لاءِ وقف آهن.

ان شاءَاللہ بھائی سُدھر جاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا تم پاؤ گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (31) مون حجر اسود چمي ورتو

**ٽنڊو الله يار** (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو هي آهي ته بُري ماحول ۽ آواره دوستن جي صحبت مون

ڪي گناهن تي دلير ڪري ڇڏيو هو. شراب جي اڏن تي وڃڻ منهنجي لاءِ معمولي ڳالهه هئي، ماڻهن سان هرويرو وڙهڻ بنا سبب جي جهيڙا ڪرڻ ۽ مارڻ ڪٽڻ منهنجي عادت بڻجي چُڪي هئي. منهنجي انهن ڪرتوتن جي سبب گهر جو هر ڀاتي مون کان بيزار هو، آءٌ اهڙيءَ طرح گناهن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس جو منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ آءٌ هڪ عاشقِ رسول جي **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي**ءَ جي تحت ٽنڊو الله يار جي نوراني مسجد ۾ ٿيڻ واري ماهِ رمضان المبارڪ (**سن** 1426هه، 2005) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** جون بهارون لٽڻ ۾ شامل ٿي ويس، **اعتڪاف** جي دؤران عاشقانِ رسول جي ڏاڙهين ۽ عمامي وارن نوراني چهرن ۽ سندن محبتن ۽ شفقتن مون کي **دعوتِ اسلامي** کان ڪافي متاثر ڪيو. ڏهه ڏينهن ۽ راتيون **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ اهو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو جيڪو بيان کان ٻاهر آهي. پنجويهين رات ۾ **ذڪرالله** عَزَّوَجَلَّ ۾ مشغول هئس ته مون کي جهوٽو اچي ويو ۽ مون پاڻ کي **ڪعبة الله شريف** جي سامهون ڏٺو، **مون بي اختيار ٿي ڪري حَجَرِ اَسوَد کي چُمي** ورتو. **ستاويهين** رات به مون تي ڪرم ٿيو ۽ جهوٽي اچڻ جي دوران **مدينهءِ منوره** جي نوراني گهٽين ۽ سبز سبز گنبذ جي **نوراني نظارن** جي سعادت حاصل ڪيم. انهن ايمان افروز سلسلن منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي، مون نِيَّت ڪئي ته هن **مدني ماحول** کي سچي حياتي نه ڇڏيندس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تا دمِ تحرير ربّ اڪرم عَزَّوَجَلَّ جي لطف ۽ ڪرم سان **دعوتِ اسلامي** جي **جامعة المدينه** (حيدرآباد) ۾ **درسِ نظامي** ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

دل میں بس جائیں آقا کے جلوے مُدام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
دیکھو مکّے مدینے کے تم صبح وشام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (32) بُري صحبت ۾ رهڻ جو گناهه ڇڏائجي ويو

**اورنگي ٽاؤن** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته آءُ ماڊرن ۽ بُرن دوستن جي صحبت جي سبب پاڻ به ماڊرن ۽ بُرو شخص هئس. خوشقسمتي سان اسان جي علائقي جي **اقصيٰ مسجد**، اورنگي ٽاؤن، الفتح ڪالوني (باب المدينه) ۾ ٿيڻ واري ماهِ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي برڪت سان آءُ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويس، **صلوٰة و سنت** جو پابند به بڻجي ويس. هفتيوار اجتماع ۾ حاضري جي عادت پئجي ويئي، **فلمون ڊراما** ڏسڻ جي بُري خصلت نڪري ويئي ۽ هڪ تمام وڏو فائدو هي ٿيو ته **بُري صحبت** ۾ رهڻ جيڪو هڪ تمام وڏو گناهه بلڪ گناهن جي پاڙ هئي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان ڪان به منهنجي جان ڇٽي پئي.

صحبتِ بد میں رہنے کی عادت چُھٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
خصلتِ جرم وعصیاں تمہاری مِٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (33) جذبي کي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا

**ملاڪ** (الٰہ آباد يوپي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو واقعو ڪجهه هيئن آهي تہ انهن **مدينة الاولياءِ** احمد آباد شريف ۾ هند سطح جي سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، ڪين دين جي خدمت جو ڪافي جذبو مليو. انهيءَ سال تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان ماهہِ رمضان المبارڪ (1418هـ 1996ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ناگوري وارڊ جي مسجد (احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ معتڪف ٿيا. **عاشقانِ رسول** جي صحبت ڪين خوب رنگ لاتو،سندن ديني جذبي کي مني مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا. اعتڪاف کانپوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ **ملاڪ** (يوپي) ۾ وڃي ڪري انهن **مدني ڪمن** جون خوب ڌومون مچايون. ٻئي سال مدني مرڪز جي طرف کان مختلف شهرن ۾ وڃي ڪري سوين اسلامي ڀائرن کي **اعتڪاف** ڪرايائون. تادمِ تحرير احمد آباد شريف ۾ ترسيل آهن ۽ **دعوتِ اسلامي** جي تنظيمي ترڪيب جي مطابق **تحصيل ماليات** جا ذميدار آهن.

آؤ عشقِ محمد کے پینے کو جام، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
مست ہو کر کرو خوب تم مَدَنی کام، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (34) 70 سالہ اسلامي ڀاءُ جا تاثرات

**ڪارڊن ويسٽ** (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ ٻيرسن اسلامي ڀاءُ (عمر 70 سال) جي بيان جو خلاصو آهي. آءُ پوڙهائپ جي باوجود

معاذالله نماز جي پابندي نہ ڪندو هئس، **فلمن ڊرامن** جو شوقين هئس، ڏاڙهي ڪوڙائيندو هئس ۽ انگريزي لباس پائيندو هئس. تقريبًا 10 سال اڳ يعني تقريبًا 60 سالن جي عمر ۾ ڪوثر مسجد موسىٰ لَين، لياري (بابُ المدينه) ۾ پهريون ڀيرو **رمضان المبارڪ** (غالبًا سن1417ھ، 1996ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ مونکي اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي. اتي **دعوتِ اسلامي** جي عاشقانِ رسول جي صحبت ميسر آئي. **گجراتي زبان** ۾ **قرآن پاڪ** پڙهندو ڏسي ڪري هڪ اسلامي **ڀاءُ** مونکي سمجهايو تہ قرآن پاڪ عربيءَ ۾ پڙهڻ ضروري آهي ڇو تہ گجراتي زبان ۾ عربي اکرن کي صحيح مخارج سان ادا ڪرڻ ممڪن ناهي، منهنجي سمجھ ۾ ڳالھ اچي ويئي. بهرحال اعتڪاف ۾ **عاشقانِ رسول** کان مون کي تمام گهڻو فيض حاصل ٿيو. مون تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي **مدرسة المدينه** (براءِ بالغان) ۾ پڙهڻ شروع ڪيم. ڏيڍ سال جي جدوجهد سان منهنجا ڪجھ نہ ڪجھ اُچار صحيح ٿي ويا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي عربي ۾ ڏسي ڪري قرآن پاڪ پڙهڻ نصيب ٿي رهيو آهي. هفتيوار **سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ سڄي رات گذارڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي. هفتي ۾ هڪ ڀيرو **علاقائي دؤرو براءِ نيڪي جي دعوت** ۾ شرڪت جي سعادت بہ ملي ويندي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ آءُ هڪ **مٺ ڏاڙهي** بہ سجائي ورتي آهي. ظاهري اسباب نہ هئڻ جي باوجود وڏو ڪرم ٿي ويو ۽ مونکي **عمري شريف** ۽ **مني مديني** جي حاضري جو شرف ملي ويو.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هر مهيني ٽي ڏينهن **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. 72 مدني انعامات مان 40 چاليهه ڪان وڌيڪ **مدني انعامات** تي عمل جي ڪوشش آهي. هڪ پرائيويٽ فرم ۾ اڪائونٽنٽ آهيان، صبح ۽ شام ايندي ويندي بس جي اندر **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جي چار ورهين ڪان سعادت حاصل آهي. هڪ ڀيري خواب ۾ بس جي اندر مون **نيڪي جي دعوت** پيش ڪئي، فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ ڏٺم ته هڪ مبلغ **دعوتِ اسلامي** جنهن سان آءُ تمام گهڻي محبت ڪندو آهيان، اهي منهنجي سامهون پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي مُرڪندا وينا آهن. اهو روح پَروَر منظر ڏسي ڪري آءُ روئي پيس ۽ اک کلي ويئي. اهو خواب ڏسڻ ڪانپوءِ **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ ۾ مون کي وڌيڪ استقامت نصيب ٿي.

سیکھ لو آؤ قرآں پڑھنا سبھی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

تم ترقّی کے زِینوں پہ چڑھنا سبھی، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غير عربي زبان ۾ آيات قرآني لکڻ جائز ناهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جيستائين سٺي صحبت ناهي ملندي، ان وقت تائين اڪثر ڪري اصلاح جي صورت ناهي بڻبي. اڄڪلهه اڪثر پوڙها ماڻهو به طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا نظر ايندا آهن، ايتري تائين جو ويچارا موت جي بستري تي پيا هجن تڏهن به ڪين ڏاڙهي رکڻ جي توفيق ناهي ملندي ۽ ان حالت ۾ به ٽي وي سيرانديءَ کان رکيل هوندي آهي، صحت ملڻ ڪانپوءِ دنيا

جا ڪم ڏنڌا ئي ڪرڻ جو جذبو هوندو آهي. اهو پيرسن اسلامي ڀاءُ خوشنصيب هئا، جن کي اعتڪاف ۾ **مدني ماحول** ميّسر اچي ويو ۽ غفلتن ۾ گذرڻ واري زندگي اوچتو مدني ادائن ۾ بدلجي ويئي، توهان ڏنو ته ويچارا قرآن پاڪ به پڙهيل نه هئا، ان لاءِ **گجراتي زبان** ۾ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا، جنهن تي هڪ **عاشقِ رسول** کين سمجهايو ته دعوتِ اسلامي جي **مدرسة المدينه** (بالغان) ۾ رات جي وقت سکي ڪري عربي ۾ پڙهڻ جي ڪجهه نه ڪجهه قابل ٿيا. ياد رکو! عربي زبان کان علاوه ٻي ڪنهن زبان مثال طور گجراتي، هندي،انگلش جي **رسمُ الخط** ۾ قرآن پاڪ لکڻ جائز ناهي. گجراتي، هندي، انگريزي وغيره زبانن جي ماهنامن ۽ ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ آيتون ۽ ماثور دعائون وغيره **عربي رسم الخط** ۾ ئي لکڻ **گهرجن**. مفسرِ شهير حڪيم الامت **حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان پنهنجي هڪ تفصيلي فتوىٰ ۾ هي به فرمائن ٿا ته هندي يا **انگريزي رسم الخط** ۾ قرآن لکڻ ته صريح تحريف آهي (۽ قرآن پاڪ جي تحريف حرام آهي) جو اوّل ته مٿي ذڪر ڪيل پابندين جي خلاف آهي ٻيو سين، صاد ۽ ٿا ۾ اهڙي طرح ق، **ڪ** ۾، ز، ذ، **ظ** ۾ فرق بلڪل نه ٿي سگهندو، مثال طور **ظاهر** جي معنىٰ آهي ظاهر ۽ **زاهر** جي معنىٰ آهي چمڪدار يا تروتازه هاڻي جيڪڏهن توهان انگريزي ۾ Zahir لکيو ته ڪيئن خبر پوندي ته **ظاهر** آهي يا **زاهر**! اهڙيءَ ريت **ناهر ۽ طاهر**، **قدير ۽ قادر**، **سامع ۽ سميع**، **عالم ۽ عليم** ۾ ڪهڙيءَ طرح فرق رهندو؟ مطلب ته اوصاف ۽ الفاظ ته نهيو پاڻ حروف ئي تبديل ٿي ويندا ۽ معنىٰ ئي ختم.

**(فتاوىٰ نعيميه ص 116 مڪتبه اسلاميه، اردو بازار مرڪز الاولياء لاهور)**

## (35) گهر ۾ بہ مدني ماحول بڻائي ڇڏيو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ رمضان**المبارڪ** (سن 1426هہ، 2005ع) ۾ اعتڪاف جا ڏينهن بلڪل ويجهو هئا **راجوڙي**، (جمون ڪشمير هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريبًا 40 سال) سان ملاقات ٿيڻ تي ڪين سرسري طور تي **اجتماعي اعتڪاف** جي دعوت پيش ڪئي ويئي ۽ هو تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان مسجد ريلوي اسٽيشن (راجوڙي، جمون ڪشمير هند) ۾ ٿيڻ واري رمضان المبارڪ (سن 1426هہ ، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي جي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **معتڪف** ٿي ويا. **عاشقانِ رسول** جو مدني ماحول ڏسي ڪري حيران ٿي ويا، ڏاڙهي مبارڪ سجايائون، **عمامي شريف** سان سرسبز ٿي ويو درس ۽ **بيان** جو سلسلو شروع ڪيائون، **پنهنجي گهر ۾ بہ مدني ماحول بڻائي ڇڏيائون**، **گهر** جي اسلامي ڀينرن تي پردو **نافذ ڪيائون** ۽ تادمِ تحرير پنهنجي شهر **راجوڙي جي مشاورت جا نگران آهن.**

زندَگی کا قرینہ ملے گا تمہیں، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
آؤ دَرِ مدینہ ملے گا تمہیں، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (36) آءُ نيڪ ڪيئن بڻيس؟

**تحصيل پپلوال ضلع سرڳوڌا** (گلزارِ طيبہ پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آءُ بي نمازي ۽ فيشن

پرست نوجوان هئس. فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ جو انتهائي شوقين هئس، **رمضان المبارڪ** ۾ روزا بہ مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام گهٽ ئي رکندو هئس، جيڪڏهن ڪو سمجهائيندو هو تہ لنوائي ويندو هئس. هڪ ڏينهن آءُ ڪنهن مُعاملي جي سبب پريشانيءَ جي عالم ۾ وجي رهيو هئس تہ هڪ باعمامہ دوست سان ملاقات ٿي ويئي جيڪي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول** سان وابستہ هئا. هو مونکي انفرادي ڪوشش ڪري جامع مسجد ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ وٺي ويا پر آءُ شيطاني وسوسن جي سبب ٿوري ئي دير ڪانپوءِ اٿي هليو ويس. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ منهنجو هڪ دنيادار دوست مونکي فلم ڏسڻ جي لاءِ وٺي ويو پر ڪنهن ڳالهہ تي اٽبڻت ٿيڻ جي سبب سان مان ان ڪان الڳ ٿي ويس ۽ ائين منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو، ٿيو هيئن جو ماهِ رمضان المبارڪ ۾ منهنجا وڏا ڀاءُ **دعوتِ اسلامي** جي طرف ڪان ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ **معتڪف** هئا، آءُ ڀاءُ سان ملڻ پهتس، اتي سبز سبز عمامو سجايل عاشقانِ رسول مونکي تمام سنا لڳا. عيد جي رات هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي وڏي ڀاءُ کي فيضانِ سنّت ۽ نعتن جي ڪيسيٽ تحفي ۾ ڏني، مون فيضانِ سنّت جو باب "**بي نمازي جون سزائون**" پڙهيو تہ ڏڪي ويس ۽ ڪيسيٽ ۾ هي مُناجات،

گناہوں کی عادت چھڑا میرے مولا مجھے نیک انساں بنا میرے مولا

ٻُڌم تہ دل تي اثر ٿي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون گانا باجا ٻُڌڻ ڇڏي ڏنا

پر نماز جي پابندي نہ ڪري سگهيس. هڪ عاشقِ رسول جي دعوت تي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ ويهڻ وجهي پهتس ۽ آخر تائين موجود رهيس، پڄاڻيءَ تي **عاشقانِ رسول** جي ملاقات جي دلنشين انداز مونکي **دعوتِ اسلامي** جو شيدائي بڻائي ڇڏيو. مون چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سان ۽ مٿي کي سبز عمامي شريف سان سرسبز ۽ شاداب ڪري ڇڏيو. پنج ئي وقت باجماعت نماز پڙهڻ لڳس ۽ سلسلهءِ عاليه **قادريه رضويه** ۾ داخل ٿي ڪري حضور **غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد بہ بڻجي ويس. هي بيان ڏيڻ وقت آءٌ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي ذيلي مُشاورت جو ذميدار آهيان ۽ پابنديءَ سان درس ڏيڻ سان گڏوگڏ **دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾ حفظ ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ڪري رهيو آهيان.

آؤ فيضانِ سنّت کو پاؤگے تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
ان شاءاللہ جنّت میں جاؤگے تم، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (37) ڪرنگهي جي هڏيءَ جي سور کان ڇوٽڪارو

**هڪ مبلغ** دعوتِ اسلامي جو ڪجهه هن طرح بيان آهي تہ **باب المدينه** ڪراچي جي علائقي ڊفينس وِيُو جو رهواسي منهنجا ماروٽ جيڪي مل جا مالڪ آهن، **انفرادي ڪوشش** جي برڪت سان ماهِ رمضان المبارڪ (سن1425هه) ۾ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

سندن چوڻ آهي ته آءُ هڪ وڏي عرصي کان ڪرنگهي جي هڏي جي شديد سور ۾ مبتلا هئس، ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريم ۽ سندن تجويز ڪيل دوائون به استعمال ڪيم پر مڪمل فائدو نه ٿيو. آءُ فڪرمند هئس ته ڏهه ڏينهن اعتڪاف ۾ ڪيئن رهندس! خير آءُ اعتڪاف جي دؤران ڪوشش ڪندو هئس ته پٺ سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهان، فوم جي گدي تي سمهڻ جي عادت هئي، هتي تڏي يا فراسي وڇائي ڪري زمين تي سنّت جي مطابق سمهڻ جي ترغيب ڏياري ويندي هئي اهو منهنجي لاءِ تمام ڏکيو هو پر ان ڪانسواءِ چارو نه هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪجهه ئي ڏينهن سنّت جي مطابق سمهڻ جي برڪت سان مونکي محسوس ٿيو ته منهنجي چيلهه جي سور ۾ ڪافي فرق پيو ۽ اهو سور ختم ٿي ويو. منهنجي ڪرنگهي جي هڏي جو اهو سور جيڪو وڏن وڏن ڊاڪٽرن جي علاج جي باوجود ختم نه ٿي سگهيو هو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي **اجتماعي اعتڪاف** ۾ آخر ٽائين ويهڻ جي برڪت سان منهنجي جان ڇُٽي ويئي.

تم کوتڑپا کے رکھ دے گو دردِ کمر، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

پاؤ گے تم سُکوں ہو گا ٹھنڈا جگر، مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (38) هيپي نيو ييئر جو چَسڪو

**دعوتِ اسلامي** جي هڪ مبلغ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته **جوڌپور** راجستان هند جو هڪ فوٽو گرافر(عمر تقريبًا 28 سال) جن کي

31 ڊسمبر تي ”هيپي نيو ييئر“ (Happy New Year) جي بي حيائي سان ڀرپور پارٽين ۾ شرڪت جو جُنون جي حد تائين چَسڪو هو ۽ اهي ان جي لاءِ بمبئي پهچي ويندا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم تي ويو جو تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي طرف کان بيچ والي مسجد (اوديپور، راجستان الهند) ۾ ماهِ **رمضان المبارڪ** (سن 1426هه، 2005ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ معتڪف ٿيڻ جي ڪين سعادت ملي ويئي. اتي لڳڻ وارن سنّتن ڀرئي حلقن، پُرسوز بيانن ۽ **رقت انگيز دعائن** ڪين جهنجهوڙي ڇڏيو. پنهنجي گذريل گناهن کان توبهه ڪيائون، **فوٽو گرافي** جو ڪم ڇڏي ڏنائون ۽ پابنديءَ سان **صداءِ مدينه** لڳائڻ لڳا يعني مسلمانن کي فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ لڳا.

رنگ رلیاں مَنانے کا چَسکا مٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
رَقص کی مَحفِلوں کی نُحُوست چُھٹے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مسلمانن جو نئون سال، مدني سال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اي ڪاش! انگريزن جي نئين سال جي استقبال جي بدران مسلمانن کي نئين مدني سال يعني هجري سن جي نئين سال جي استقبال جو جذبو نصيب ٿي وڃي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جو نئون سال پهرين **محرم الحرام** کان شروع ٿيندو آهي. ٿي سگهي ته هر سال پهرين **محرم الحرام** جو پاڻ ۾ نئين مدني

سال جي مبارڪباد ڏيڻ جو رواج وجهڻ گهرجي.

## (39)عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت

**تحصيل پلوال** ضلع گلزارِ طيبه (سرگوڌا پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ ”ڪلين شيو“ هئس، سنّتن پري زندگي ڪان پري غفلتن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو هو، آءُ هڪ ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ وينو هئس ته والد صاحب منهنجي ننڍي ڀاءُ کي چوڻ لڳا،”جامع مسجد خواجگان“ ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلاميءَ** جي تحت رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو **اجتماعي اعتڪاف** ٿي رهيو آهي، تنهنڪري جلدي هلو نه ته پهرين صف ۾ جڳهه نه ملندي. مان چرڪيس ۽ دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته آءُ به انهن **عاشقانِ رسول** جي زيارت لاءِ وڃان ان ڏينهن مون به سومهڻي جي نماز، تراويح سميت انهيءَ مسجد ۾ ادا ڪئي. تراويح ڪانپوءِ ڪيسيٽ جي ذريعي **حاجي مشتاق** رَحۡمَةُاللّٰهِ‌تَعَالٰی‌عَلَیۡه جي آواز ۾ هيءَ نعت شريف هلائي ويئي. مون کي انتهائي سُرور حاصل ٿيو. آءُ ٻئي ڏينهن وري وڃي پهتس. جيئن ته خميس هئي تنهنڪري اتي هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع شروع ٿي ويو. آءُ پهريون ڀيرو شرڪت ڪري رهيو هئس، دل کي عجيب سڪون ۽ راحت ميّسر ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن آءُ ٻيهر پهتس ته ڪيسيٽ اجتماع ۾ **مڪتبة المدينه** ڪان جاري ڪيل سنّتن ڀريو بيان ٻُڌايو ويو، بيان ٻُڌي ڪري آءُ ڏڪي اٿيس ڇو ته ان ۾ عام ڳالهايا ويندڙ گانن

جي ڪفريه اشعار جي نشاندهي ڪئي وئي هئي، آءُ به **ڪفريه اشعار** ڳالهائڻ جي آفت ۾ گرفتار هئس، تنهنڪري مون توبهه ڪئي ۽ تجديدِ ايمان به ڪيم، جيئن ته دل تي هڪدم اثر ٿي ويو هو تنهنڪري باقي ڏينهن لاءِ **معتڪف** ٿي ويس. **فيضانِ سنت** ۾ زلفون رکڻ جون سنّتون ۽ آداب پڙهيا ته زلفون رکڻ جي نيّت ڪري ڇڏيم ۽ 26 **رمضان المبارڪ** جو ٿيڻ واري **اجتماع ذڪر و نعت** ۾ ڏاڙهي رکڻ جي به نيّت ڪري ڇڏيم ۽ سلسلهءِ عاليه **قادريه رضويه** ۾ داخل ٿي ڪري سرڪارِ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو مُريد بڻجي ويس. صلوٰة و سلام جا صيغا به مون اتي ئي ياد ڪيا ۽ اعتڪاف کان واپسيءَ تي گانن جي سؤ **ڪان وڊيڪ ڪيسيٽن** ۽ **ٽي وي** کي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيم. هي بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ آءُ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي ڊويزنل قافله ذميدار آهيان.

گانے باجوں کو سُننے سے توبہ کرو، مدنی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف
اور گیت تم کبھی بھی نہ گایا کرو، مدنی ماحول میں کر لو تم اعتِکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (40) ملاوت واري مصالحي جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيم

**رنڇوڙ پوري روڊ پيم پوره** (مدني پوره) باب المدينه ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته آءُ اهڙو بي نمازي هئس جو **جمعي جي نماز** به نه پڙهندو هئس، خوشقسمتيءَ سان مون

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي تحت گلزارِ مدينه مسجد آگره تاج ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ رمضان المبارڪ (سن 1425ھ، 2004ع) جي آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. ڏھ ڏينهن ۾ **عاشقانِ رسول** جي صحبت منهنجي قلبي ڪيفيت ڪي بدلائي ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون ڪجھ نہ ڪجھ نماز سڪي ورتي ۽ پنج ئي وقتن جي باجماعت نماز جو پابند بڻجي ويس. سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي ڪري حضور غوثِ اعظم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الاَكرَم جو مُريد بہ بڻجي ويس، ربِّ لَمْ يَزَلْ وَلَا يَزَال عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان نيڪ عملن جو اهڙو ذهن مليو جو تقريبًا 63 ڪان وڌيڪ **مدني انعامات** تي عمل جي ڪوشش جاري آهي، **مڪتبة المدينه** جا ڇپيل رسالا ڪثرت سان پڙهڻ جي عادت بڻجي ويئي ۽ اعتڪاف جو هڪ وڏو انعام هي بہ مليو تہ آءُ جيڪو ملاوت وارن مرچ مصالحن جي سپلاءِ جو سڄي سنڌ ۾ گناهن ڀريو ڪم ڪندو هئس اهو ڇڏي ڏنم. منهنجي مصالحي جي ڪارخاني ۾ تقريبًا 44 ملازم ڪم ڪندا هئا مون اهو ڪارخانو ئي ختم ڪري ڇڏيو ڇو تہ دؤر ڏاڍو نازڪ آهي، وڏي پيماني تي خالص مصالحي جي ڪاروبار ۾ بازار ۾ بيهڻ تمام ڏکيو آهي. اڄڪلھ مسلمانن جي صحت جو ڪنهن کي فڪر آهي! بس ماڻهن کي دولت گهرجي چاهي اها حلال هجي يا مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ حرام. بهرحال **عاشقانِ رسول** جي صحبت جي برڪت سان حلال رزق جي حاصلات ۾ مشغول ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪت سان اشراق و چاشت ۽ اوابين، تهجُّد جي نوافل سان گڏ پهرين صف ۾ نماز جي بہ عادت بڻجي ويئي.

چھوڑدو چھوڑدو بھائی رِزقِ حرام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
آؤ کرنے لگو گے بہت نیک کام، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (41) جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي زيارت

**دعوتِ اسلامي جي تنظيمي تحصيل جنّت البقيع** (باب المدينه نيو ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته عام نوجوانن جيان آءُ به فيشن جي اونداهين وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون گناهن ۾ گذري رهيا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي تقدير جو ستارو چمڪيو ۽ مون ماهِ رمضان المبارڪ (سن 1426هه، 2005ع) ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني ماحول ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **اجتماعي اعتڪاف** ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ ڏهه ڏينهن ۾ جيڪو ڪجهه سکيس ان کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. آئنده هميشه جي لاءِ گناهن کان بچڻ جو پڪو پَهه ڪيم، **عمامي شريف** جو تاج مٿي تي سجايم ۽ ڏاڙهي مبارڪ جي ذريعي پنهنجي چهري تي مدني رنگ چاڙهيم. 29 **رمضان المبارڪ** جي رات معتڪفين ملي ڪري مسجد جي صفائي وغيره جي ترڪيب بڻائي، پوءِ عبادت ۾ مشغول ٿي ويس، انهيءَ دؤران مون ڏٺو ته هڪ بزرگ هستي جن جو چهرو روشن هو اهي ويجهو آيا ۽ انهن وڏي ڪري مون گناهگار سان هٿ ملايو، جنهن جي ٿڌاڻ مون دل ۾ محسوس ڪئي، منهنجي دل ۾ خيال آيو ته هي

حضرتِ سيّدُنا جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام آهن ۽ تي سگهي ٿو اڄ شبِ قدر هجي
ڇو ته حديث پاڪ ۾ آهي شب قدر ۾ جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زمين
تي تشريف کڻي ايندا آهن ۽ عبادت گذارن سان هٿ ملائيندا آهن.

فضل رب سے ہو دیدار روح الامیں، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
راحت وچین پائے گا قلب حزیں، مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر مسلمان جي اعتكاف کي
قبول فرماءِ. يا الله عَزَّوَجَلَّ معتكفينِ مخلصين جي صدقي اسان جي بي
حساب مغفرت فرماءِ. يا الله! عَزَّوَجَلَّ اسانکي دعوتِ اسلامي جي مدني
ماحول ۾ استقامت عطا فرماءِ. يا الله! عَزَّوَجَلَّ اسان کي سچو عاشقِ رسول
بڻاءِ. يا الله عَزَّوَجَلَّ امتِ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بخشش فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ماڻهن کان سوال نه ڪرڻ جي فضيلت

حضرت سيّدنا ثوبان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان مروي آهي ته حضور اڪرم
نورِ مجسم شاهِ بَني آدم، رسول محتشم، شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
فرمايو جيڪو شخص مونکي هن ڳالهه جي ضمانت ڏئي ته ماڻهن کان
ڪا شيءِ نه گهرندو، ته مان ان کي جنّت جي ضمانت ڏيان ٿو. حضرت
سيّدنا ثوبان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان عرض گذار ٿيا ته مان هن ڳالهه جي
ضمانت ڏيان ٿو، پوءِ پاڻ ڪنهن کان ڪجهه نه گهرندا هئا.

(سنن ابي دائود ج 2، 170 حديث 1643)

